
ميگهہ ونس
مالها
سومجي ڏاراڻي

# ميگهہ وَنس مالها

ليکڪ

## سومجي ڏاراڻي

ڏاراڻي پبليڪيشن
ڏيپلو- ٿرپارڪر
2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڌاراڻي پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 1

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ميگهہ ونس مالها (پاڱو پهريون) |
| ليکڪ | : | سومجي ڌاراڻي |
| ڇاپو پهريون | : | سيپٽمبر، 2015ع |
| ڇپائيندڙ | : | آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد |
| لي آئوٽ | : | راڻو خان ميگهواڙ |
| ڪمپوزنگ | : | تلسي داس ڌاراڻي |
| ڇپيندڙ | : | سُورج پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ |
| قيمت | : | -/500 (پنج سؤ رپيا) |

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com

لکپڙهہ لاءِ پتو

سومجي ڌاراڻي ميگهواڙ
ڌاراڻي محلہ، ڏيپلو
پوسٽ آفيس ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر
رابطي لاءِ # 0333_3943672
Email: somjidharani@yahoo.com

## MEGH_VANS MALHA

By: Somji Dharani
Published by: Azad Publishing House, Hyderabad.
1st Edition: May 2015
Layout: Rano Khan Meghwar
Composing: Tulsi Das Dharani
Printed by: Souraj Printers, Hyderabad, Sindh
Price Rs. 500/_



ماتا شريمتي حوا ٻائي — پتا شري لڏارام ڏاراڻي

# ارپنا

پنهنجو هيءُ قلمي پورهيو **"ميگهہ ونس مالها"** ارپڻ ڪريان ٿو پنهنجي **ماتا شريمتي حوا ٻائيءَ** ۽ **پتا شري لڏارام ڏاراڻيءَ** جي نانءِ، جن حق، سچ، نيڪ نيتي ۽ ساچاهہ جو درس ڏنو ۽ انهيءَ جي قابل بڻايو جو اڄ هيءُ **"ميگهہ ونس مالها"** اوهان جي هٿن ۾ آهي. پرارٿنا آهي تہ ڀڳوان سندن آتما تي ديا، ۽ پرڪاش جون بارشون وسائيندو رهي.

**—سومجي ڏاراڻي**



سومجي ڏاراڻي (1980ع)

# چار پائر



بچومل ڏاراڻي



سومجي مل ڏاراڻي



ٽگو مل ڏاراڻي



نارائڻ داس ڏاراڻي

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران سومجي ڏاراڻي جو ٿر جي شخصيتن تي لکيل خاڪن جو مجموعو **”ميگهہ وَنس مالها“** اوهان اڳيان پيش آهي.

هي ڪتاب ٿر سان وابستہ خاص ڪري ميگهواڙ جاتي جي شخصيتن تي لکيل خاڪن تي ٻڌل آهي، جنهن بابت ليکڪ جو چوڻ آهي تہ سنڌيءَ ۾ خاڪن جا ڪتاب تہ ڪوڙ آيا پر انهن ۾ ٿر خاص ڪري ميگهواڙ جاتيءَ جون شخصيتون رهجي ويون آهن تنهنڪري پاڻ اهو ضروري سمجهندي هي ڪتاب لکيو آهي.

هي ڪتاب ڏاراڻي پبليڪيشن ڏيپلو پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سومجي ڏاراڻي جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پنوتري


- ❖ پنھنجي پاران 12
- ❖ ميگھواڙ جاتي، جاڪوڙ جاتي 18
- ❖ ڏيپلي شھر جو اڏيندڙ: ڏيپو ميگھواڙ 25


## جن پڙھايو پاڻ


- ❖ هرجي مل درڙو 34
- ❖ وسنداس اُميداڻي 37
- ❖ رائچند رانوڙ 40
- ❖ پانو مل ٻڙھيہ 45
- ❖ سترام داس ڪاگيہ 48
- ❖ ڪيتارام سنجا 51
- ❖ گھمون مل ٻگنڊير 55
- ❖ اجيم داس پونئار 57
- ❖ ڏيوجي مل 61
- ❖ سڪرام داس ڏاراڻي 63
- ❖ سارنگرام 65
- ❖ ڪرشن لال 67
- ❖ تيرٿ داس اُميداڻي 72
- ❖ سنيو مل هميراڻي 78
- ❖ ننگارام بي. آسناڻي 82


## ڪاري ڪيڙائُو


- ❖ ڊاڪٽر جئيمل ڏناڻي 87
- ❖ پروفيسر هوتچند گھلڙو 90
- ❖ منگلرام بي. پرمار 93
- ❖ ڊاڪٽر خانجي پڙھيار 98
- ❖ ڊاڪٽر موهن ڏيوراج ٽونٽيا 101
- ❖ ڊاڪٽر گورڌنداس 104

❖ ڊاڪٽر پچن لال 106

## جلي جي ٻين کي سُهائو ڏين ٿا

❖ ڪامريڊ سڄاڙچند سيجو 113
❖ پنهون مل هميراڻي 117
❖ مهرچند ٻالاڻي 120
❖ امر ويرِ لڏارام 124
❖ پريم چند ”پريم“ 127
❖ ڪامريڊ اومون مل ”مسافر“ 132
❖ پونجو مل پٽيل 137
❖ ڊاڪٽر ٿانورداس 139
❖ پيارام انجم 143
❖ گلجي ڏامراڻي 145
❖ پونجو مل جوڳو 149
❖ پڳت پيجلرام 153

## ڪرڪٽا لاهي، سُک نہ سُتا ڪڏهين

❖ گلجي رتن جي 161
❖ ڊاڪٽر ڪتومل ”جيوڻ“ 163
❖ انجنيئر گيانچند 169
❖ پيرو مل ٻالاڻي 174
❖ ڪانجي رام گوهيل 177
❖ سُريندر ولاسائي 180

## جِيوَن جا ڪوڙي

❖ ڊاڪٽر سونو ڪنگھاراڻي 189
❖ مصري لڏاڻي 196
❖ انجنيئر ڪانجي مل 201
❖ انجنيئر سارنگرام 206
❖ مينارام ڏاراڻي 209
❖ ميجر ڊاڪٽر دانش ڏناڻي 213

❖ جج ديوَ ساگر 217
❖ ڪلارام جئپال 219
❖ وينجهراج گوماڻي 222
❖ سارنگرام صوبيدار 225
❖ سوجو مل جمعدار 227
❖ ڏامرو مل ڪاڳيہ 232

## آهن تن طبيب

❖ ڊاڪٽر راڻا سي. رانوڙ 239
❖ ڊاڪٽر لؤنگ اُميداڻي 242
❖ ڊاڪٽر بيڪچند پرمار 246
❖ ڊاڪٽر اپيمن 248
❖ ڊاڪٽر آنبو ڪلاڻي 250
❖ ڊاڪٽر نيبراج چنداڻي 253

## مائون، ڀيڻون، مهان

❖ دادي لالي ٻائي سُرتاڻي 258
❖ ڪملا ڏناڻي 260
❖ ڊاڪٽر شبنم رانوڙ 264
❖ ڪلاونتي راجا 266
❖ ڊاڪٽر اندرا ڪيسواڻي 271

## آئون عڪس مانجهين جي من ۾

❖ چترا پريتم بالاچ 277
❖ فقيرا فقيرو ڪانتيسا 281
❖ گنگارام آرٽسٽ 287
❖ هرجي لال واگهيلا 291
❖ صوفي ماستر سومار مل 295
❖ شهديوَ ڏونگراڻي 298

## سي پوڄارا پُر ڻيا

- ❖ سنت اُميدرام 307
- ❖ سنت جٺرام داس 314
- ❖ سنت کيتارام 319
- ❖ سنت لڪشانند 324
- ❖ سنت بانڪارام 327
- ❖ سنت پاتارام 331
- ❖ سنت ڪيشوَ لال 335
- ❖ برهمچاري سنت چاندارام 338
- ❖ سنت موجيرام 344
- ❖ سنت جيوراج 349
- ❖ ٽاپو فقير دستگير 352


## ڪلا ڪنٺ جنين جي


- ❖ فقيرا ڀڳت چولستان 358
- ❖ استاد تاراچند 362
- ❖ هيمراج پرمار 366
- ❖ صالحورام ٻالاڻي 372
- ❖ سومجي ڀاٽيہ 376
- ❖ صوفي فقير رامچند 379
- ❖ صالحورام راجوخاناڻي 383
- ❖ نارائڻ داس ڏاراڻي 386


## سماج سڌارڪ


- ❖ وڪيل ارجڻ داس 393
- ❖ رميش جئپال 397
- ❖ وڪيل ڀمر لال 402
- ❖ تماچي واڻيون 405
- ❖ سونو مل گهلڙو 409
- ❖ ڏامرو مل پونئار 412
- ❖ پٽيل ماڌورام هونئر 416

## موتي جن آچيا

❖ سانوڻ سنڌي 422
❖ لالچند "لال" 427
❖ ڪوي ياڳو مل 431
❖ دادو رام عرف اشراق بالاچ 434
❖ ميوو مجروح ٽري 438
❖ همير ڪمهالو 442
❖ چتون روهلائي 444

## مُٺ مُٺ موتين جي

❖ مولچند ڪڏيچہ 451
❖ هرجي لال جرنلسٽ 455
❖ دولت ٽري 460
❖ ايف. سي. رانوڙ 463
❖ گلاب ڪراڻہ ماستر 467
❖ جيتندر ڏاراڻي 469

## متفرقہ

❖ پروفيسر مجنو مل 476
❖ لڏو مل 478
❖ پومون مل لڳڙا 480
❖ مينهتر پورو مل 482
❖ ڊاڪٽر سُياش 483
❖ حڪم داس ڏارواڻي 485
❖ پارو فقير 487
❖ ميگھواڙن جون ذاتيون /ساڪون 489

# پنهنجي پاران

جيئن تہ مطالعو ڪرڻ منهنجو ننڍپڻ کان ئي شوق رهيو آهي. ان سلسلي ۾ مون ڪيترائي ڪتاب پڙهيا آهن، ۽ منهنجي ذاتي لائبريريءَ ۾ بہ، هر موضوع تي لکيل ڪوڙ سارا ڪتاب موجود آهن. مختلف ۽ مهان نالي وارين شخصيتن تي لکيل سمورا ڪتاب پڙهيم، جن ۾ مهراڻ رسالا، سوانح حيات، اُهي ڏينهن ـ اُهي شينهن، جهڙا گُل گلاب جا ۽ پيا؛ جنهن ۾ ڪيترن ئي اديبن، سماج سڌارڪ ۽ سياستدانن جي تاريخ ڪي ويجهي کان پڙهيم. پر، مون کي ڏُک تڏهن ٿيو جڏهن ڏٺم تہ ميگهواڙ جاتيءَ جي مهان اديب ۽ استاد، ميگهواڙ رائچند راٺوڙ جنهن ”تاريخ ريگستان“ جا بہ شاهڪار جلد لکي، دنيا ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ، صحراءِ ٿر جي انسائيڪلوپيڊيا جهڙي مڪمل ڄاڻ رکندڙ تاريخ اڄ تائين ڪير بہ لکي نہ سگهيو آهي. مون کي ان مهل ڏاڍو ڏک ٿيو تہ اهڙي عظيم اديب ۽ استاد جو ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. شايد اڄ بہ ميگهواڙ جاتيءَ سان ٽي هزار سال پراڻي ”مَنو سمرتي“ واري سوچ ۽ تعصب، اسان جي برک اديبن ۽ ليکڪن ۾ موجود آهي، جو انهن ڪڏهن بہ چار اکر رائچند راٺوڙ جي جنم ڏينهن، يا ورسيءَ جي موقعي تي لکي پيٽا ڏني هجي. رائچند راٺوڙ جي سوانح حيات حاصل ڪرڻ لاءِ مون ڪافي ڪتاب ڦلهوريا، اديب دوستن سان بہ رابطا ڪيم، پر ان جو مڪمل احوال ڪٿان بہ ملي نہ سگهيو.

سڀ کان اول ٿر بابت تاريخ، ضلع ٿرپارڪر جي عملدار، ڪيپٽن اسٽينلي نيپئر ريڪس 1859ع ۾ (بطور مئجسٽريٽ) لکي هئي. ان کان پوءِ ڪاڪي پيرو مل ”سوڍن جي صاحبي ۽ راٺن جو راڄ“ ڪتاب لکي، ٿر ۾ ٺڪرن جي حڪومت جي طريقيڪار ۽ ٿر جو مجموعي ذڪر ڪيو آهي. پر، ميگهواڙ ڪردارن جو ڪٿي بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. عمرڪوٽ جي ٽپيدار تيجسنگهہ سولنڪي بہ ”عمرڪوٽ: سنڌ جو اتهاس“ نالي ڪتاب لکي تاريخي احوال سان گڏوگڏ ثقافتي صورتحال جي پڻ تصوير ڪشي ڪئي آهي. ان کان

پوءِ محترم منگهارام اوجها، ”پراڻو پارڪر“ ڪتاب لکيو جنهن ۾ هُن نہ رڳو تاريخ، ماڳ ۽ واقعن جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ ان مالها ۾ لوڪ ڏاهپ جا موتي پڻ پرويا آهن. مسڪين جهان خان کوسي بابت مجنون بلوچ جو لکيل ڪتاب بہ خوبصورت تاريخي قلمي ڪاوش آهي. ان کان علاوه بہ کوڙ سارن اديبن ٿر بابت لکيو آهي، پر سچ تہ سڀ کان وڏو تحقيقي ڪم، ٿر جي مرڪزي شهر چيلهار سان تعلق رکندڙ استاد رائچند راٺوڙ جو آهي. جنهن تاريخ ريگستان ٻن ڀاڱن ۾ لکي آهي، اهڙو مڪمل تفصيلي احوال اڄ تائين ڪير بہ لکي نہ سگهيو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ ٿر جي سچي تاريخ نويسيءَ جي عمارت جو بنياد بہ انهي هڪڙي تاريخ دان جي لکيل تاريخ تي بيٺل آهي، تنهن ڪري کيس ٿر جو Herodotus چئجي تہ وڌاءُ ڪونهي.

انهيءَ ڪانسواءِ تاريخ نويسن ڪڏهن بہ کنهن ميگهواڙ جاتيءَ جي ڪردارن جو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب نہ سمجهيو آهي! جيڪا ميگهواڙ جاتيءَ سان سراسر ناانصافي آهي. اهڙي تعصب ۽ ناانصافيءَ کي محسوس ڪندي مون قلم هٿ ۾ کنيو ۽ پڪو عهد ڪيم تہ اسان جي املهہ هيرن ۽ بي بها موتين جي تاريخ لکي، دنيا کي ٻڌائيندس تہ ميگهواڙ لوڪن جا مهان پرش ڪنهن کان بہ گهٽ نہ آهن. منهنجو پهريائين اهو ارادو هو تہ هڪ سئو شخصيتن جي تاريخ ڪتاب ۾ محفوظ ڪريان، پر پوءِ سوچيم تہ مالها ۾ 108 موتي پرويل هوندا آهن، سو ڇو نہ 108 ماڻهن جي تاريخ لکان؟ تنهن ڪري هڪ سئو اٺ ميگهواڙ جاتيءَ جي شخصيتن تي ريسرچ ڪرڻ شروع ڪيم، ۽ اهي ماڻهو جيڪي حيات آهن، انهن سان رابطا ڪري، سندن مڪمل هسٽري هٿ ڪيم، ۽ جيڪي حيات نہ رهيا آهن، انهن جي مٽن مائٽن سان روبرو مليس ۽ پوءِ اُنهن جيڪا بہ معلومات ڏني، انهيءَ موجب هڪ حقيقت تي مبني هيءُ ڪتاب لکيو اٿم. جڏهن 108 ڪردارن جو ذڪر آهي، تہ خيال ڪيم تہ ڇو نہ ڪتاب جو نالو ”ميگهہ ونس مالها“ رکان، جيڪو 108 موتين جي مالها جيان آهي۔ ايئن ڪجهہ دوستن جي صلاح مشوري کان پوءِ اهو ئي نالو موزون لڳو.

اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ ڪيترائي انمول هيرا، موتيءَ داڻا پيدا ٿيا آهن، جن جو ڪردار صدين تائين هن ڪتاب جي ذريعي تاريخ ۾ امر ۽ ياد رهندو. درٻاري تاريخ نويسن رڳو درٻارين ڪي سُورما ڪري پيش ڪيو آهي. پارڪر جي سورهيہ امر شهيد روپلي ڪولهي جي سورهيائپ، پنهون مل هميراڻي، سڳاڙ چند سيجو امر وير ڪلارام جئپال جهڙن انقلابي، سماج سڌارڪ، اهڙيون هستيون هيون، جن تي دنيا جا مظلوم لوڪ ناز ڪن ٿا، پر مقامي تاريخ نويسن پنهنجي روايتي اڇوت پڻي جو مظاهرو ڪندي، ڪين اها ميتا نہ ڏني، جنهن جا هو حقدار هئا. انهيءَ ڪان سواءِ تنگ نظرئي جي ڏرمي پنڊتن ورڻ سرشتو ٺاهي ميگهواڙ جاتيءَ جي ماڻهن کي غلام ۽ داس ٻڻائي رکيو ڇو تہ انهن کي اها خبر هئي تہ هيءَ جاتي ايڏي تہ ذهين آهي، جو ڪيس آزاد ڇڏيو ويو تہ سيني‍ءَ ڪان مٿي اچي ويندي، جنهن جو مثال اڄ اوهان جي اڳيان آهي. انهن ڏرمي پنڊتن اسان سان وڏا ظلم ڪيا، اسان جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ مذهبي، سياسي مت ڀيد ۽ دل ڏاريندڙ جبر ڪيو ويو. ڌرتيءَ جي تاريخ گواهہ آهي تہ انهن فاشسٽ ۽ انسانن جي ويري عناصرن، نہ رڳو هندو ڌرم جو پوسٽ مارٽم ڪيو پر ٺڳيءَ جو ناهہ ناهي، وڏي بدمعاشي ۽ چالاڪيءَ سان هن نسل جي نسل ڪشي پڻ ڪئي. انهن ميگهواڙ لوڪن کي سٺن ڪپڙن پائڻ، شاديءَ جي موقعي تي دهل وڄائڻ، معصوم ٻارن کي اسڪول ۾ پڙهڻ، عورتن کي سون ۽ چانديءَ جا زيور پائڻ، سواريءَ لاءِ ٻيلا اُٺ ۽ گهوڙا ڏارڻ، اوطاقن ۾ کٽن تي ويهڻ، خوشين جي موقعي تي سٺا ڪاج ڪرڻ، پاڻي لاءِ کوهہ کوٽائڻ ۽ نوان پڌ ٺاهي رهڻ کان وٺي مندرن ۾ وڃڻ تائينءَ جي سخت منع ٿيل هئي، ۽ برخلافيءَ جي صورت ۾ سخت ترين سزا ڏيڻ سان گڏوگڏ گيتا يا ويد ٻڌڻ ۽ پڙهڻ تي بہ ڪنن ۾ شيهو پلٽائڻ جهڙا غير انساني ۽ ڪريل سلوڪ ڪرڻ ۽ روزگار جا سمورا وسيلا ڦري کين غلام ٻڻائي رکيو پر اڄ اسين آزاد آهيون. ڇو تہ اسان جي سماج ۾ اهڙا بهادر هيرا ۽ سماج سڌارڪ پيدا ٿيا، جن پنهنجي ماڻهن کي سجاڳ ڪيو. انهن پهريون ڀيرو هريجن اسڪول کولرايا. سابق ميمبر سنڌ اسيمبلي، سوامي

ڪرشنانند ۽ سوامي ليلا شاهہ ٿر جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ پيادل سفر ڪري، ميگهواڙ جاتيءَ ۾ طاقت ۽ اتساهہ پيدا ڪري، جيئڻ جو ڏانءُ ڏنو. نتيجي طور پراڻيون مدي خارج دوکي جون ديوارون ڊهي پٽ پيون، ۽ آگ جا شعلا جڏهن آڪاش تي پهتا، تڏهن ظالم انسانن جا ٺهيل فرسوده ڪاڪ محل انهي مهل ڪري پيا - ۽ جڏهن شيڊول ڪاسٽ اڳواڻ، محترم جوڳندرناٿ منڊل کي پاڪستان جي تاريخ جو پهريون وفاقي وزير قانون مقرر ڪيو ويو. جنهن کي اهو بہ اعزاز مليل آهي، تہ هن پهرين دستور ساز اسيمبليءَ جي صدارت ڪئي هئي، جنهن ۾ قائداعظم محمد علي جناح بطور گورنر جنرل جي حلف کنيو هو.

تعليم جي سڌاري ۽ ترقيءَ ۾ اسان جي جاتيءَ ۽ جي مهان استادن سچ ۽ سچائيءَ جي راهن تي هلي انسانيت جي اعليٰ آدرشن جو پرچار ڪري، سموري سنڌ ۽ ٿر جي پٽن ۾ بيداري آڻي، اونداهيءَ ۾ علم جي روشنيءَ جو ڏيئو جلائي، جڳ کي منوّر ڪيو. ميگهہ ونس جاتي، سموري ٿر ۾ تخليقي سگهہ جي صلاحيت رکندڙ وڏا شاهہ ڪاريگر، سنڌ جي سمورن ننڍين وڏن شهرن ۾ جيڪي بہ خوبصورت عمارتون ۽ بنگلا، جيڪي اڄ بہ ڪَرُ ڪڍيو بيٺا آهن، تن جا تخليقڪار يا ڪاريگر، ميگهواڙ لوڪ آهن. هن قوم جا ماڻهو دستڪاريءَ واري فن جا مڃيل ماهر آهن. جهڙوڪ: قالين سازي، لوبون، کٿا، کيس، شالون، ڪپڙو نوارون، کرڙ ٻورا، اوني شالون، سون چانديءَ جا زيور، گهوڙن جا تل، اٺن جا ٽڙها، کٽون، هندورا، ميزون، پلنگ، ڪرسيون، الماڙيون، پاچاريون، در دريون، سيمنٽ مان جاين لاءِ جاليون، گلم، جاجم، مود، اٺن جون سجايون تمام مشهور آهن. مطلب تہ هر ذات جا ڏٽي آهن.

هن جاتيءَ جون عورتون بہ پوئتي نہ آهن. سندس هٿن جون ٺهيل گنجيون، ٽوپلا، ميز پوش، پرس، کٿن جون چادرون، اڳٺ ۽ ٻيو ڪيترو ئي هٿ جي پيرت جو سامان، جنهن کي پاڪستان توڙي بين الاقوامي صنعتي مارڪيٽ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو تہ ميگهواڙ جاتيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ قبيلي وٽ ايترو هنر نہ آهي. هن وقت ميگهواڙ جاتيءَ ۾ وڏا وڏا ڊاڪٽر، پروفيسر،

سرجن، تعليمي ماهر، Ph.D هولڊر، وائيس چانسلر، جج، انجنيئر، پاڪ فوج جا ميجر، ڪيپٽن، سنت، مهاتما، مورتي ساز، شاعر، اديب، وڏا آفيسر، صحافي، سياستدان، MPA, MNA، سينيٽر، صلاحڪار، صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ فنڪار ۽ سوشل اڳواڻ وغيره آهن، جيڪي سموري دنيا جي هر خطي ۾ مختلف سيڪٽرن تي ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن به قبيلي کي هن جاتيءَ سان ڪمپيئر ڪبو ته پڪ سان انهن ۾ مٿي ڄاڻايل سڀني ڪيٽيگرين جا ماڻهو مشڪل سان ملندا.

اسان جا ماڻهو ڪنهن دؤر ۾ ايترا ته احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا هئا، جو اهي پاڻ کي راٺوڙ پرمار، چوهاڻ ۽ ديوان سڏائيندا هئا. پر اڄ منجهن علم جي آگاهي اچڻ ڪري، اهي سرعام پاڻ کي ميگهواڙ سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. اهو تاريخ جو وڏو وهڪرو آهي. اسين ميگهواڙ آهيون، ميگهواڙ ٿي جيئنداسين ۽ ميگهواڙ ٿي مرنداسين. اسان نه هريجن آهيون نه دلت ۽ نه وري شيڊيول ڪاسٽ، صرف ۽ صرف ميگهواڙ آهيون ۽ وقت جي ڊوڙ ۾ سڀ کان اڳڀرا آهيون.

تاريخ جو ڪيڏو نه قهر آهي، جو اسان، جن رازا ٻڌجي پڳوان جا مندر تعمير ڪيا، تن کي وري مندرن کان به پري رکيو ويو! جن ڪاسبين پوکي ڪيڙي ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪيو، تن جي پيداوار جا مالڪ وري ٻيا ٻڌجي ويا. جن عمارتن ۽ محل تعمير ڪيا، تن ۾ رهائش مٿين ڪلاس کي نصيب ٿي، ۽ هن طبقي جا پورهيت ۽ جاننا جوان، طبقاتي نظام جا شڪار ٿيندا رهيا. اهڙيءَ طرح صدين تائين هي پورهيت طبقو سماج جا ڏاڍ سهندو رهيو آهي. پر هنن همت ڪڏهن به نه هاري، پنهنجي محنت، عزم ۽ حوصلي سان جيئندا اڳتي وڌندا رهيا. علم جي شعور سان مالا مال ٿيا ۽ سجاڳيءَ جي وڏي لهر آئي، ته سڀئي سجاڳ ٿي ويا. اهي هاڻي سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، ڇو ته هيءَ هڪ سچي، وفادار ۽ ايماندار ۽ محب وطن جاتي آهي، جنهن سڀني ظلمن ۽ زيادتين کي تاريخ جي تاريڪين ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

مون کي دل ۾ هڪ جذبو جاڳيو ته اسان جي عظيم ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ دفن ٿيل مهان ۽ عظيم هيرن کي ڪيئي ظاهر ڪجي، ۽ دنيا کي

ٻڌائجي تہ اسان جا انمول هيرا ۽ خوبصورت موتي، جيڪي تاريخ ۾ زندهہ آهن، تن کي سهيڙي، هميشہ جي لاءِ انهن کي ڪتابن جي ورقن ۾ محفوظ ڪجي. ان لاءِ مون جيڪا بہ جاکوڙ ڪئي آهي، سا اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. عام ماڻهن کي تہ اها خبر ئي نہ آهي تہ سوين ماڻهن جي تاريخ لکڻ، سموري ڏيهہ ۾ ڦهليل ماڻهن کان بايو ڊيٽا هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نہ جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي! ڪيڏا نہ ڪشالا ڪڍڻا ٿا پون!! هر زندهہ ڪردار سان روبرو ملڻ، فوٽو هٿ ڪرڻ، اسٽوريءَ تي ريسرچ ڪرڻ ڪو آسان ڪم آهي ڇا؟ جيڪي ڪردار هن وقت حيات نہ رهيا آهن، تن بابت مواد گڏ ڪرڻ ڪيڏو نہ مشڪل ترين ڪم آهي!

آئون هن ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي سهڪار ڪندڙ مسٽر راجا راول گهلڙو، انجنيئر ڪانجي مل (عمرڪوٽ)، انجنيئر سارنگرام ۽ ڪانجي مل رٽائرڊ مئنيجر جو تهدل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو.

محترم آسي زميني ۽ راڻو خان ميگهواڙ جا بہ وڏا وڙ جنهن هن ڪتاب جي پروفنگ ۽ فني شين کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو آهي.

آئون ڪو وڏو اديب يا ليکڪ ڪونہ آهيان، منهنجو تعلق اڪائونٽنگ سان رهيو آهي، جنهن ۾ رڳو انگن جي راند ٿيندي آهي، لفظن جي نہ. تنهن هوندي بہ جاکوڙ ڪري، جيڪو ڪجهہ هن ڪتاب ۾ لکيو آهي، سو اوهان جي هٿن ۾ آهي. ان ۾ پروف جون غلطيون ضرور ٿي سگهن ٿيون، پر ان لاءِ معافيءَ جو طلبگار آهيان. هيءُ ڪتاب اوهان کي ڪيئن لڳو؟ پڙهي پنهنجي راءِ ضرور ڏجو. اوهان جي تنقيد بہ مون کي حوصلو ڏيندي، مون کي اوسيئڙو رهندو اوهان جي خوبصورت راءِ ۽ تنقيد جو.

نيڪ آشائن سان

**سومجي ڌاراڻي "ميگهواڙ"**

ڌاراڻي محلہ ڏيپلو
پوسٽ آفيس ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر
رابطي لاءِ # 0333_3943672
Email: somjidharani@yahoo.com

# ميگھواڙ جاتي ــ جاڪوڙي جاتي

انسان جي قومن ۽ قبيلن ۾ ورڇ رڳو ان لاءِ آهي، ته جيئن اهي نه رڳو هڪ ٻئي کي سُڃاڻي سگهن، پر پاڻ ۾ ڳانڍاپو به رکي سگهن. جڏهن قومن، قبيلن ۽ ذاتين جي ورهاست دنڌي داڻي، فن ۽ مذهب جي آڌار تي ڪئي وڃي ٿي، ته اهو سمورو سماجي توازن بگڙي ڪو ڪريل روپ اختيار ڪري ٿو. اهڙو ڪريل روپ وري ڪيئي سوال چڏي ٿو يا اُٿاري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙا سوال انسانن جو جيئڻ جنجال ڪري ٿا ڇڏين، ۽ انسان اهڙين ڪچندڙ آڱرين کان تاريخ ۾ جند نه ڇڏائي سگهندو آهي، پر سندس حال به عذاب ٻنجي پوندو آهي. تاريخ اهڙين ترڪتين سان ڀري پيئي آهي، ۽ تاريخ جا اهي ڦٽ، انسان اج تائين چٽي ۽ چيٽي رهيو آهي. پر بادفرنگ جون اهي ڦرڙيون ڇٽڻ جو نالو ئي نٿيون وٺن. جڏهن قومون، قبيلا ۽ ذاتيون مالي ۽ سياسي طور پاڻ ڀريون هونديون آهن، ته انهن کي سماجي مانُ به ملي ٿو نه ته ڪير به نٿو پُڇي. ڪڏهن ڪڏهن وري ڪي ذاتيون پاڻ کي تاريخ ۾ سلامت رکڻ، ۽ سرسي قائم رکڻ لاءِ شخصيتن ۽ مذهبن جو سهارو به وٺن ٿيون. ايئن ذات پات جو اهڙو ٿهيل ڪاٿيو، انسانن کي صدين تائين زهر جي ڏُک وانگر ريڙهڻو ٿو پوي، جيڪو سموري انسان ذات جي سماجي صحت کي هاڃو رسائي ٿو. زراعتي مالداري سماج ۾ ذات پات جو تمام وڏو عمل دخل ۽ ڪردار آهي. سماج ۾ جهڙا پئداواري ذريعا هوندا آهن، اهڙو ئي سماج سِرجندو آهي. ٿر جو سماج به مالداريءَ وارو سماج رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته ان جون ڪُشاديون سيمون ۽ ڀھڳڻ ڌرتي مالداريءَ لاءِ سازگار رهيون آهن. جيتوڻيڪ سمورو سامونڊي ڪنارو خوبصورت ۽ ڀريل ٿُريل شهرن وارو سماج رهيو آهي، پر باقي ٿر، مال ڌارڻ واري ڪِرت وارو رهيو آهي. بعد ۾ زراعت ان جي معيشيت ۾ اضافي قدر وانگر شامل ٿي، پر اها اڳتي هلي ايترو وڏي، جو هاڻي ٿر جي ڌرتي سوڙهي ٿيندي

وڃي، ۽ ماڻهن جي هيڄ ۽ ضرورت شيطان جي آنڊي وانگر ڏينهون ڏينهن وڌندي پيئي وڃي.

ٿر جي آباديءَ ۾ به ڪيترين ئي ذاتيون، ڪُٽنب قبيلا آهن، جيڪي جدا جدا نالن سان ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا ۽ سندن ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي، اوڍ پهر ۾ ڦير فرق آهي، پر منجهن سماجي هم آهنگي آهي. جنهن ڪري ٿر جا ماڻهو صدين کان حقيقي انساني ڀائيچاري واري زندگي گهاري رهيا آهن.

ٿر ۾ رهندڙ آباديءَ ۾ ميگهواڙ جاتي جججهي تعداد ۾ آباد آهي، جن کي هڪ مڪمل سماجي پس منظر آهي. انهي پس منظر ۾ سندن ڪيترين ئي لاهيون چاڙهيون نظر اچن ٿيون. زماني ۾ هن جاتيءَ کي ڪيترا ڏک ڏاکڙا ڏسڻا پيا، تنهن سان تاريخ جا ورق ڀريا پيا آهن. اچو ته ڏسون ته مختلف ليکڪ انهي بابت ڪهڙي راءِ رکن ٿا. محترم رائچند ميگهواڙن کي اڇوت جي زمري ۾ ڳڻندي لکي ٿو ته: ”هي اصل مارواڙ (راجپوتانا) کان آيل آهن. منجهن ڪل 270 ساکون آهن. جن مان 4 ساکون نج اصلوڪن رهاڪن جون آهن. انهن مان ٿر ۾ ڪا به ڪانهي. باقي 266 ساکون پوءِ راجپوتن مان نهيون آهن. جن مان ڪيترين ئي ٿر ۾ آهن. اهي سڀ ٿر جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ پکڙيل آهن. جتين جوڙڻ ۽ چمڙي جو ڌنڌو ڪندا آهن. ڪيتي ۽ مال چارڻ به روزگار جا وسيلا آهن. هي سانتيڪي قوم آهي. انهن جون ڪيترين ئي نُکون راجپوتن واريون آهن. جيئن ته راٺوڙ، چوهاڻ، ڀٽي، سولنڪي ۽ پرمار وغيره. بي علم ۽ ڀرمن ۾ ورتل آهن ۽ جنن ڀُوتن کي گهڻو مڃيندا آهن. ڪجهه وقت کانپوءِ تعليم ۾ ڪجهه ترقي ڪئي اٿن. سندن رهائش جو نمونو سماجڪ ۽ پنگتي حالتون ٻين اڇوتن کان بهتر آهن. سندن مُرشد پير پٿورو آهي جو غوث الحق، مخدوم بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جو وڏو خليفو هو. مڙدا پوريندا آهن.ٿر ۾ سندن تعداد گهڻو آهي.“ هن راءِ مان جيڪي نقطا نروار ٿين ٿا، سي هن ريت آهن:

1. ميگهواڙ هندن کان الڳ آهن پر سندن سماجي حالت به ٻين کان بهتر آهي.

2. مارواڙ کان آيل آھن.
3. ميگھواڙن جون 270 نُکون آھن جن مان 4 اصل آھن، جن مان ڪا بہ ٿر ۾ ناھي. باقي 260 ساکون راجپوتن مان نھيون آھن.
4. سندن گذران جا وسيلا آھن: جُتيون جوڙڻ، چمڙي جو ڪم، زراعت، مال چارڻ، ٿوري تعليم.
5. ھيءَ سانتيڪي قوم آھي، پرمن ۾ ورتل آھي، جنن پُوتن کي مجيند ڙ آھي.
6. سندن مرشد پير پٿورو، غوث بھاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جو وڏو خليفو آھي.
7. اھي مڙدا پورينڊا آھن.

انھي سلسلي ۾ محترم خير محمد بُرڙو سيوھاڻي، ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا ۾ لکي ٿو تہ: ”مينگھہ معنيٰ مينھن، واڙ معنيٰ وارو. يعني مينھن وسائڻ وارو، قياس ڪرڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو، دَيا ڪرڻ وارو وغيره. ڪھاوتن ۾ آھي تہ ميگھہ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آھي، جنھن جي معنيٰ مينھن ۽ واڙ ھندي لفظ آھي، جنھن جي معنيٰ آھي ”ٻار يا ٻارن جو ميڙ“. ڪشمير جي ٻيلن ۾ ننڍا وڏا گڏجي ”رُشي ميگھہ“ کي مينھن وسائڻ جو سوال ڪندا ھئا. ان ميگھہ پنيان سندن ذات جو نالو ”ميگھہ، ميگھواڙ، ميگھوال“ پيو. ھي آرين کان اڳ جي سنڌو تھذيب جا رکوالا آھن. ميگھواڙ سوريہ ونشي ڪُل مان، راما پير جي پوڄاري رُشي ميگھہ جو اولاد آھن. ميگھہ راجپوتانا جو رھواسي ھو. ھي گھٽ ذات وارا موچي ھندو آھن، جن کي اڇوت چيو ويندو آھي. اصطلاحي معنيٰ ۾ ”ميگھواڙ“ ھندو موچي آھن، جيڪي اصل ۾ راجپوتانا جا آھن. جتان لڏپلاڻ ڪري گجرات، واگھڙ ۽ ڪڇ کان ٿيندا اچي ٿر ۾ آباد ٿيا، جتي ھنن جُوتن ڳنڍڻ جو ڪم شروع ڪيو. روزگار خاطر لاڙ جي شھرن ۾ پکڙجي ويا. ھن وقت ڪڇ ڀُڄ، ٿر، لاڙ ڪراچي، حيدرآباد، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، سانگھڙ ۽ سنڌ جي ٻين شھرن ۾ رھن ٿا. ھو مھاديوَ ۽ ديويءَ جا پوڄاري آھن. رام ديوَ سندن پير آھي. ھنن ۾ ٻيون بہ سوين گھٽ ذاتيون شامل آھن، جن

مان ڪي ذاتيون راجپوتن واريون پڻ آهن، ليڪن اهي سڀ ”ميگهواڙ“ سڏجن ٿا.

محترم خير محمد جي ليک مان ڪجهہ وڌيڪ پاسا نروار ٿين ٿا، تہ ڪي وري نوان مونجهارا پئدا ٿين ٿا. سندس راءِ مطابق:

1. ميگهہ واڙ معنيٰ مينهن وسائڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو، قياس ڪرڻ وارو.
2. سنسڪرت لفظ ميگهہ جي معنيٰ آهي مينهن، ۽ واڙ هندي لفظ جي معنيٰ آهي ٻار يا ٻارن جو ميڙ. ڪشمير جي ٻيلن ۾ ننڍاوڏا گڏجي رشي ميگهہ کي سوال ڪندا هئا، ان پٽيان سندن نالو ميگهواڙ پيو.
3. ميگهواڙ آرين کان اڳ جا آهن. سوريا ونشي ڪُل مان راما پير جا پوڄاري، راجپوتانا جي رهواسي رشي ميگهہ جو اولاد آهن.
4. هو جُتين ٺاهڻ جو ڪم ڪن ٿا.
5. اهي مهاديو ۽ ديويءَ جا پوڄاري آهن، رام ديو سندن پير آهي.
6. هن ميگهواڙن جون 95 ذاتيون ۽ پاڙا درج ڪيا آهن.

ڪوبہ هڪ قبيلو يا ذات، ڪنهن هڪ پنٿ جي پوڄاري هوندي آهي. اها هڪ ئي وقت بہ ٽي واٽن تي هلندي هجي، اهو بہ سمجهہ کان پري آهي. هڪ طرف ڪشمير ۾ هن جاتيءَ جو اهڃاڻ ملي ٿو تہ ٻئي طرف وري راجپوتانا مان ان جو وجود ڏيکاريو وڃي ٿو.

انسائيڪلوپيڊيا آف انڊين ڪاسٽس اينڊ ٽرائيبس ۾ ميگهواڙن بابت مختلف رايا درج ٿيل آهن. جن مطابق ميگهواڙن کي هڪ هنڌ ڪشمير جي قوم ڪري ڄاڻايو ويو آهي، تہ ٻئي هنڌ انهن کي ميگهہ رشيءَ جو اولاد ڪري لکيو ويو آهي. ميگهہ رشي ڪنهن بادشاهہ کان ان لاءِ ڪاوڙجي جبل تي چڙهي وڃي ويٺو هو، تہ هو ايستائين هيٺ نہ لهندو، جيستائين برسات جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ کي نہ ڇهندو. چاڪاڻ جو اتان جي ماڻهن کيس پاڻي پيارڻ کان انڪار ڪيو هو. پوءِ ايترو مينهن اچي پيو، جو شهر ٻڏڻ لڳو. تڏهن بادشاهہ ميڙ منٿ قافلو وٺي رشيءَ کي پرچائڻ ويو. رشي جي ڏاڙهيءَ کي علامتي طور پلر پاڻي ڇهائيو ويو ۽ ايئن مينهن موٽي ويو ۽ ٻوڏ جو

خطرو ٽري ويو. ايئن ميگهواڙ يعني مينهن کي وارينڊڙ يا موٽائيندڙ نالو پيو.

خير، انهن سيني تاريخي يا ڏندڪٿائي ڳالهين کان هٽي ڪري ڏسجي، تہ ميگهواڙن سان تاريخ ۾ ڪيترائي ڏاڍ ٿيا آهن. پوءِ بہ هن جاتيءَ پنهنجو وجود نہ رڳو بچايو پر مڃايو پڻ آهي. انهي مڃتا ۾ اسان جي دوست سومجي ڏاراڻي هيءُ املهہ ڪتاب لکي، ميگهہ ونش جي مهانتا کي مانُ ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ميگهواڙ فردن جا خاڪا ڏنا ويا آهن. خاڪا نويسيءَ جي مالها ۾ جڙيل هيءُ نئون موتي، ميگهواڙ جاتيءَ جي فردن پاران ڪيل جدوجهد جو سربستو احوال آهي، جيڪو ڪيترائي راز کولي ٿو. سومجي مل جي لکت مان ميگهواڙن جي محنت، اورچائي ۽ حالتن مطابق پنهنجو پاڻ کي بدلائڻ جهڙا گڻ نروار ٿين ٿا. جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ شايد هيستائين ميگهواڙ صفحہء هستيءَ تان ميسارجي چڪا هجن ها. سندن وجود جو باقي رهڻ سندن اعليٰ صلاحيتن ۽ ڪاريگرين کي ظاهر ڪري ٿو. سندن ائپروچ واٽر لاجڪ جيان آهي ۽ اهي پنهنجي لچڪداريءَ ذريعي حالتن سان ٺهڪي هلي ٿا وڃن. ۽ اهڙيءَ طرح انهن ۾ ريزيليئنس ايتري آهي، جو اهي وڏو ڏک ڪائي وري اٿي زندگيءَ جو سفر جاري ٿا رکن. سندن اهي صلاحيتون اهڙيون صلاحيتون آهن، جيڪي ڪنهن ٻئي قبيلي ۾ ان حد تائين ناهن. هن جاتيءَ جا ماڻهو پنهنجي ڏنڍي داڙيءَ ۽ ڪِرت کي وقت جي بدلجندڙ حالتن مطابق بدلائيندا رهيا آهن. ڪنهن وقت ۾ چمڙي رڱڻ ۽ جُتين ٺاهڻ جو ڪم ڪندا هئا. زراعت ۽ مالداريءَ جي ڪِرت سان گڏوگڏ مختلف هنر بہ سندن ڪِرت جو مکيہ حصو رهيا آهن. جن ۾ ڪاٽ جو ڪم، لوهہ جو ڪم، قلعي گري جو ڪم، ٺانٺارپ جو ڪم، اُٽڪري ، رازپو، ڪوهہ ڪوٽڻ وغيره اهم آهن. وڏي ڳالهہ تہ هن قبيلي جون عورتون پُڻ چترڪار عورتون آهن، جيڪي پنهنجي واندڪائيءَ ۾ هٿ جي هنر وسيلي اهڙا وزنائتا وڙ تيار ڪن ٿيون، جن کي ڏسي هر ماڻهوءَ جي من ۾ ڪيئي رنگ نکري نروار ٿين ٿا. ڇاڪاڻ جو پرت جي انهن نمونن

تي ٻرت جي ڪيمياگري ۾ رڱن جي اعليٰ اُٽت هوندي آهي. هي ماڻهو جن کي سماجي ستم وسيلي مختلف ڊپروگيٽري نالا بہ ڏنا ويا آهن، جيڪي ساڙن ٽيل حسد جي تصويرڪشي ڪن ٿا، تہ ٻيون جاتيون يا طبقا جيڪي سندن پد کي نٿا پهچي سگهن، سي ساڙ وچان ميگهواڙن جي اهميت کي گهٽائڻ چاهين ٿا. ويندي ان حد تائين جو سندن مذهبي اڳواڻن کي ”گُرو“ نہ پر ”گُرڙو“ سڏيو ويجي ٿو! انهيءَ جي باوجود اهي اڳتي وڌندا رهيا آهن، ترقي ڪندارهيا آهن. زمانو کين لک ڪوشش جي باوجود پوئتي هٽائي نہ سگهيو آهي، اها آهي سندن سگهہ ۽ صلاحيت. ڪِرت جي ميدان ۾ اهي تبديلين مان گذرندا ان حد تي اچي پهتا آهن، جو ٿر جي ڪجھہ شهرن ۾ هن وقت ميگهواڙ سونارڪو ڪم بہ ڪن ٿا. سومجي ڏاراڻي هيءُ احوال لکي هن جاتيءَ جي اهم فردن کي نئين نسل سان متعارف ڪرايو آهي، جيڪو هن قسم جو پهريون جامع ڪم آهي. سومجي ڏاراڻيءَ کي نام ڪنا اديب ڪٽي پنهنجي مراعاتي قطار ۾ نہ ڳڻن، پر هن محبت جو هيءُ پورهيو ڪري، اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ ڪم ڪم آهي ۽ ڪم ڪرم آهي، جنهن جي اهميت کان ڪير انڪار نٿو ڪري سگهي. ڪم جو انڪار ڪرڻ سچ آڏو تري ڏيئي ان خوش فهميءَ ۾ ويهڻ آهي، تہ سچ نظر نہ ايندو. سومجي ڏاراڻيءَ جو هيءُ ڪم يقيناً نہ رڳو ميگهواڙ جاتيءَ ۾ مقبول ٿيندو، پر ٻين پيڙهيل طبقن لاءِ پڻ روشنيءَ ۽ رهنمائيءَ جي راهہ ڏيکاڻو ثابت ٿيندو. هونئن تہ هيءُ ڪم انتهائي اهميت وارو آهي، ۽ تمام گهٽين شخصيتن جي خاڪن تي مشتمل آهي، پر هن ۾ انهن عورتن جا بہ خاڪا شامل هئڻ گهرجن، جيڪي انهن ڪامياب فردن جي ڪاميابيءَ جو مکيہ اتساهہ رهيون آهن. هونئن تہ ٻيا بہ پيڙهيل طبقا آهن، پر انهن هن نموني پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو ناهي. تعليم ۾ هيءُ طبقو بہ سينيءَ کان اڳتي رهيو آهي. ميگهواڙ استاد بهترين استاد رهيا آهن. ٻين شعبن جهڙوڪ: بيوروڪريسي، غير سرڪاري ادارن وغيره ۾ بہ هن طبقي جي فردن پاڻ ملهايو آهي، جن جو احوال هن ڪتاب ۾ موجود آهي. هتي دهرائڻ جي ضرورت ناهي. هن طبقي جي وچن نباهہ، وابستگي،

اورچائيءَ جي گڏن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، ٽر ۾ ڪو ٻيو طبقو ساڻن برميچي نٿو سگهي. ها! باقي اهو ضرور آهي تہ گوليون هلائي، گلن جي توقع رکڻ فضول آهي. جتي بہ هن طبقي کي عزت ملي آهي، اتي هيءُ طبقو ان سماج تان گهوريو ويو آهي. 1971ع جي جنگ ڪانپوءِ جيئن ئي ٿڪرن جي آبادي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ڪري، سرحد جي هُن پار هندستان هلي ويئي، تنهن ڪان پوءِ سماجي تبديلي آئي ۽ هن طبقي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ هن وقت ترقيءَ جي سفر ۾ سيني ءَ ڪان اڳڀرو آهي. ترقيءَ جي انهي سفر ۾ ميگهواڙ جاتيءَ کي ڪجهہ للڪارون بہ درپيش آهن، جن ۾ جتي غربت جي تلوار لٽڪيل آهي، تہ اتي ڪجهہ اخلاقي يا سماجي مشڪلاتو ن بہ آهن، جن مان ڪين مٿي نڪرڻو آهي، نہ تہ اهي شيون سندن ترقيءَ ڏانهن سفر کي جهڪو ڪنديون. سومجي ڏاراڻيءَ جي هيءَ ڪاوش انتهائي ساراهہ جوڳي آهي. هن ۾ جيڪو مواد ۽ بنيادي انگ اکر آهن، اهي شايد ئي اڳ ڪٿي ڇپيا هجن. اُميد تہ هن ڪتاب کي مانائتي موٽ ملندي ۽ ٻيا ليکڪ بہ ان موضوع تي قلم کڻندا. رهيل گوشن کي نروار ڪندا ۽ ايئن هيٺن طبقن جي تاريخ ۾ سنهري باب جو واڌارو ٿيندو رهندو. هيءَ جاتي بہ پنهنجي سُورن، سختين ۽ تڪليفن کي پنهنجي واٽ جو ثمر ڪندي، اڳتي وڌندي رهي آهي، ۽ انهي گوندر ڪين ڪيئي گس ڏيکاريا آهن، جيڪي سينيءَ کي ڏاهپ جو ڏس ڏين. ڀٽائي سائينءَ جي لفظن ۾:

ڪنين ڪنين ماڻهوئين، گوندر وڏي وٿُ،
ٻڌي گوڏ گرٿُ، ساٿو ڪجي سُورَ جو.
(شاهہ)

**نُور احمد جنجهي**

جنجهي هائوس،
ڏرماٽي ڪالوني، مٺي،
ٿرپارڪر، سنڌ.

# ڏيپو ميگهواڙ
(ڏيپلو شهر کي اڏيندڙ)

مَن مري، مايا مري، مَر مَر جائي سَرِير،
آسا ترشنا ڪيوئي نہ مَريِ ڪهہ گيا داس ڪبير.
(ڪبير)

ڏيپئو ميگهواڙ نُک جو واڻيون هو، جيڪو ميرن جي بادشاهيءَ کان اڳ ڪلهوڙن واري دؤر ۾، جتي هن وقت ڏيپلو شهر آهي، اُتي ڏيپو ميگهواڙ جو نئيڙو ڳوٺ آباد هو. جتي سندس 14 قبولي ٻنيون هيون، جنهن ۾ خاص ونگڙيو، جتي هينئر رينجرس ڪئمپ آهي. ٻاپي ڏيپلي کان اوپر پارڪر رستي تي سومراسر لڳ ڇڇي جا، شهر جي ڏکڻ آهي، راڻيويرو شهر جي اتر طرف آهي. شهر ڏيپلو جتي هن وقت اسپتال، انسپيڪشن بنگلو آهي، اُتي واڙي واري ٻني هئي ۽ وڏيڪ تي ٻنيون هُيون، جتي هينئر ڏيپلو شهر ٻڌل آهي.

ڏيپلي شهر ٻڌجڻ کانپوءِ، ڏيپي جي پريوار جا واڻيا ميگهواڙ لڏي ڳوٺ ڏاپڙي اچي رهيا. پوءِ ڏيڙوءِ لسيو ڳوٺ ۾ آباد ٿيا، جتي اڄ بہ آباد آهن. محمد عثمان ”اديب“ جي لکيل ڏيپلي جي تاريخ موجب ڏيپي ميگهواڙ جو نئيڙو ڳوٺڙو 1800ع کان اڳ ڪلهوڙن جي دؤر جو آهي. سال 1800ع ماڻڪاڻي مير ٽارو خان، ڪڇ جي راءِ جي ميري اک کان بچڻ لاءِ گڊ ٺهرائڻ لاءِ، سائيٽ ڏيپي ميگهواڙ جي ڳوٺ واري هنڌ کي موزون سمجهيو. گڊ هينئر جتي مختيارڪار جي آفيس آهي، انهيءَ هنڌ تي ڪچو گڊ تعمير ڪرايو. جڏهن تيار ٿيو تہ اُن کي ڏسڻ لاءِ ۽ اُتي سپاهہ رهائڻ لاءِ، مير ٽارو خان خود ڳوٺ ويڙهار وٽ منزل انداز ٿيو. انهيءَ وقت ڪڇ کان لڏي آيل ميمڻ، جيڪي جگهاري ڳوٺ ۾ رهندا هئا، انهن وفد ڪري مير صاحب کي عرض ڪيو تہ اسان واپاري قبيلي جا ماڻهو آهيون. هن وقت ڀراڙي ۾ ٺڪرن جي رحم ۽ ڪرم تي رهون ٿا، ۽ اُهي وقت بہ وقت اسان کي ستائيندا رهندا آهن،

۽ ناجائز چندا ۽ ٻيا لوازمات مڙهين ٿا. انهيءَ تي مير صاحب صلاح ڏني تہ توهان لاڏي سندس ٺهرايل گڏ جي پرسان بازار ٺاهي، ۽ پنهنجا گهر اڏي رهو. پوءِ سڀ ميمڻ، ڪلر ۽ لنگها، جيڪي ڪڇ مان گڏ آيا هئا، جگهاري مان لاڏي اچي ڏيپلي ۾ رهيا. مير صاحب پوءِ ڏيپي ميگهواڙ جون ٻنيون رد ڪري، اُهي شهر لاءِ ڏنيون ويون. پوءِ آهستي آهستي ويڙيجهپ ۽ ڪاروڙو ۾ رهندڙ ميمڻ ۽ ٻيا ڪامي ڪاسبي قبيلا، ميمڻن سان گڏ لاڏي اچي شهر ۾ آباد ٿيا، جتي هينئر هڪ وڏو شهر آهي.

پراڻن ۽ وڏن ماڻهن جي ٻڌل ڳالهين موجب، چون ٿا تہ ٽالپرن مٿين گڏ تي شير ڪوٽ يا ٻيو ڪو نالو رکڻ چاهيو پي، پر ڏيپي ميگهواڙ جنهن جو اڳي ئي اهو ننڍڙو ڳوٺ هو جنهن جون ست ٻنيون خارج ٿي شهر جي حوالي ٿيون، سو ڏيپو ميگهواڙ ڪجهہ سلجهيل ماڻهن سان گڏجي مير صاحب جي دربار ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين، تہ سائين مون غريب جون ست ٻنيون خارج ٿي ويون آهن. تنهن تي مير صاحب پر پاسي ٻيون ست ٻنيون ڏيڻ جي آڇ ڪئي. پر ڏيپي ميگهواڙ عرض ڪيو تہ سائين منهنجو اولاد ڪونهي، مون کي ڪنهن بہ ٻنيءَ جي ضرورت نہ آهي، صرف شهر جو نالو سندس نالي پويان رکيو وڃي، چاڪاڻ تہ هو بي اولاد آهي انهيءَ ڪري پنهنجو نالو قائم رکڻ چاهي ٿو. مير صاحب سندس اهو عرض قبول ڪيو ۽ پوءِ شهر جو نالو ڏيپلو سڏجڻ لڳو.

ديپ هندي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏيئو. ديپ بگڙجي ڏيپ ٿي ويو. اڳين زماني ۾ ننڍو نالو سڏيندا هئا. پويان "يو" لڳائيندا هئا. تنهن ڪري ڏيپ مان ڏيپيو ٿي پيو. ڪڇ ۾ ننڍو نالو ڪرڻ لاءِ پويان لو لڳايو ويندو آهي، جيئن حبيب مان حبلو ممون مان مملو، آمون مان آملو چوندا هئا. اهڙيءَ طرح ڏيپيو مان ڏيپلو سڏيندا هئا. انهيءَ پويان هن شهر کي ڏيپلو سڏيو ويو. ٻئي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ شاهہ پٽائي صاحب جن جو بيت آهي:

"پهرين ويندس لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا."

لوءِ معنيٰ ڳوٺ. اهڙيءَ طرح ڏيپ+لو ۽ معنيٰ ڏيپي جو ڳوٺ بہ ٿي سگهي ٿو. اهڙي نموني ٻيا بہ ڳوٺ آهن ٻبرلو، پوريلو، چاريلو، ڏاڪلو، گابرلو وغيره.

ڏيپي ميگهواڙ جي قبر موجوده ٽاڻي مختيارڪار آفيس جي ديوار اندر، دڙي تي بيٺل چار ۾ آهي، جيڪو نشان اڄ بہ موجود آهي ۽ هاڻي اُڊڙي ويل آهي. ڏيپي ميگهواڙ جو کوهہ بہ اتر وٽاڻ ۾ هو، جيڪو هن وقت ڦٽي ويل آهي. ڏيپي جي قبر جي باري ۾، رائيچند راٺوڙ جي لکيل تاريخ ريگستان ۽ ڳون پهريون جي چوٿين ڇاپي جي صفحي نمبر 194 ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ، ”ڏيپي جي قبر موجوده تعلقہ آفيس جي ايوان ۾ آهي. جتي اڳي ڪچو قلعو هو جو هاڻي ڊهي ويو آهي. پر اهڙو ڪوبہ رڪارڊ آفيس ۾ موجود نہ آهي. سڀ رڪارڊ وغيره ڪچ ڀڄ ۾ آهي، جو ڏل وغيره اُتي جمع ڪرائي ويندي هئي. بهرحال هيءُ شهر ڏيپي جي نالي پٺيان ڏيپلي سان سڏجي پيو. ديپ+لو روشنائيءَ وارو ڳوٺ. اهو نالو معنوي لحاظ کان تمام سٺو آهي، لفظي معنيٰ سوجهري وارو، علم وارو، سدائين روشنائيءَ وانگر چمڪندڙ، عقل، فهم ۽ فراست ۾ چمڪندڙ ڀڪندڙ ۽ ڏيئي وانگر روشن، ۽ انشاءَالله سدائين چمڪندو رهندو.“

ڏيپي ميگهواڙ جي پومي ڪيترائي هيرا موتي جنم ڏنا آهن، جيڪي اڄ دنيا جي هر خطي ۾ چمڪندا نظر اچن ٿا. ڏيپلي شهر جا 300 ڊاڪٽر ۽ 200 انجنيئر هن وقت ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ جو ٻيو نمبر پڙهيل لکيل ماڻهن جو شهر آهي. پهريون پاٽ شريف ۽ ٻيو نمبر ڏيپلو. مشهور اديب محمد عثمان ڏيپلائي هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو جنهن جا 150 ڪتاب لکيل آهن. انهي کان سواءِ شهر جا معزز ماڻهو حاجي ابوطالب، ڊاڪٽر حاميد، قاضي احمد، غلام حسين طاهراڻي، قاضي علي محمد، حاجي غلام محمد لاٽ، حاجي محمد رمضان، غلام محمد مخدوم، محمد عثمان مجاهد. ڊاڪٽرن ۾ ڊاڪٽر محمد صالح، ڊاڪٽر محمد سڄڻ صاحب، ڊاڪٽر حاجي شفيع محمد، ڊاڪٽر نظير ميمڻ دل جو اسپيشلسٽ، ڊاڪٽر انور صديقاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور ڊاڪٽر آهن. استادن ۾ سائين

صاحبڏنو سائين حاجي پليڏنو محمد عثمان صديقاڻي، محمد عثمان کتي صاحب، مولوي حاجي محمد عمر جوڻيجو صاحب مشهور رهيا آهن. ۽ شهر کي تعمير ڪندڙ مهان رازا شري ٺارو مل ڏاراڻي، لڌارام ڏاراڻي، سومجي ولاسائي، نانڪ ٻڙهيو انهن سڄي شهر جون جايون تعمير ڪيون، جي 100 سالن جو جايون اڄ ڏينهن تائين آباد آهن.

1856ع ۾ ايس. رئڪس مئجسٽريٽ مقرر ٿيو جنهن پنهنجي ڪتاب ٿر ۽ پارڪر جي احوال ۾، ان وقت تعلقو هو، هتي اهو به ضروري لکڻ آهي، ته 1855ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر، ٿر ۽ پارڪر ۾ ٽي اسڪول منظور ڪيا. هڪ ننگرپارڪر، اسلام ڪوٽ ۾، ۽ مٺيءَ ۾ ٿيو. جن لاءِ استاد احمد آباد مان آندا ويا. ٻئي سال هر هڪ جاءِ تي اسڪول جي مناسبت سان ڪمرن جوڙڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ان وقت اسڪولن جي داخلا هن ريت هئي: ننگرپارڪر 101 شاگرد، اسلام ڪوٽ 34 شاگرد ۽ مٺي 35 شاگرد. انهيءَ وقت گهر گهڻو ڪري ڪچا هوندا هئا. ڏيپلي ۾ 122 پڪا گهر، مٺيءَ ۾ 266 پڪا گهر ۽ اسلام ڪوٽ ۾ 50 پڪا گهر هُئا، باقي سڀ ڪچا گهر هئا.

سنہ 1860ع کان 1873ع تائين ليفٽيننٽ ڪرنل تروٽ، ٿر ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ ٿي رهيو ۽ 1873ع تائين رهيو. ان بعد ليفٽيننٽ ڪرنل آر. آءِ. ڪرافورڊ آيو جو 12 سال ضلع جو سربراهہ رهيو. ان جي بعد واٽسن آيو جو هڪ سال رهيو. ان کانپوءِ ڊاڪٽر پالن آيو جنهن مٺي، ڇاڇرو، ڏيپلو ۽ ننگرپارڪر ۾ پالن بازارون ٺهرايون، جي هاڻي ڊهي ويون آهن. اهڙي پالن بازار ڏيپلي ۾ بہ هئي. اسان جا وڏڙا ٻڌائيندا هئا تہ اها پالن بازار، هن وقت ڊاڪٽر ڪمال جي گهر کان اولهہ طرف ويندڙ صديقاڻي روڊ تي واقع هئي.




پڙهايو
پاڻ



# هرجي مل درڙو

(1883-05-03 کان 1986-4-15)

ويو سِج وٽن تان، راسيون ڏيئي رنگ،
مون جنهين سان سنگ، سو کوهيارو ڪيچ ويو.

ننگرپارڪر جي پٿريلي پويتر ڌرتي، جتي ڪيترن ئي سماجي ورڪرن، بهادر انسانن، استادن ۽ سَنتن جنم ورتو. دنيا ۾ ڪجهہ هستيون اهڙيون آهن، جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زندهہ رهنديون آهن. هونئن بہ سماج ۾ استادن جو مانُ ۽ مرتبو اعليٰ ترين ۽ بلند ترين آهي. اهڙي ئي هڪ آدرشي استاد کي پارڪر جي پويتر مٽيءَ پنهنجي گود ۾ پاليو. جنهن هتان جي نئين ٽهيءَ ۾ نسل کي علم، فلسفو، شعور ۽ نئين سوچ ڏني. اهو هو سائين هرجي مل درڙا جنهن کي پاڪستان جي ميگهواڙ جاتيءَ جي پهرئين استاد جو اعزاز حاصل آهي. سائين هرجي مل، جنهن ننگرپارڪر جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ جتي علم جي انتهائي اٽاٽ هُئي، اُتي هڪ اهڙي عظيم ۽ خير خواهہ استاد جي ضرورت هئي، جيڪو هتي جي نئين نسل کي علم جي دولت سان مالا مال ڪري ۽ انهن جي ڪچڙي ذهن جي نئين فخر ۽ سائنسي سوچ سان آبياري ڪري، اهو فرض سائين هرجي مل جن اهڙي تہ عاليشان نموني سان سرانجام ڏنو جو اج جڏهن. ڪنهن بہ سماجي ميڙاڪي يا ڪنهن گفتگوءَ ۾ سائينءَ جي شاگردن جهڙوڪ سائين ڪرشن لال، شري دلپتراءِ مختيارڪار، گُل محمد شيخ کي ڏسجي تہ جيڪي استاد، ڪلارڪ، آفيسر، ڊاڪٽر جهڙن عهدن تي فائز آهن، تہ اهي اڪين مان آب نہ ٿا جهلي سگهن ۽ چون ٿا تہ سائين هرجي مل جو ڏنل درس اج بہ اسان جي ذهنن ۾ آهي، جيڪو اسان جي زندگيءَ ۾ مشعلِ راهہ جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

سرڳواسي سائين هرجي مل تاريخ 1883-5-3 تي، شري اوڪو مل درڙو جي گهر ننگرپارڪر جي پويتر ڌرتيءَ تي پنهنجا قدم رکيا. پرائمري تعليم پاڻ ننگرپارڪر مان حاصل ڪئي.

ميگهواڙ جاتيءَ ۾ اهو سچو سهرو شري اوڪو مل درڙو جي سر تي وڃي ٿو. جنهن بهادري دليري ۽ جرئت جو مظاهرو ڪري هڪ غلاميءَ واري دؤر ۾ جتي سخت نفرت، ڇيپ ڇاپ واري دؤر ۾ جتي ميگهواڙ جاتيءَ وارن کي پڙهڻ نہ ڏنو ويندو ۽ سخت ڪٽرپڻو هو. جتي ميگهواڙ شاگردن کي اسڪول ۾ جدا پٽ تي ويهاريو ويندو هو. اهڙي ڪٽرپڻي دؤر ۾ بہ سائين ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ سختيون سهي پٽ تي ويهي، ٻُڪ ۾ پاڻي پي پڙهيو. سندس پڪو ۽ پختو ارادو هو تہ هو پڙهي پنهنجي پوري ميگهواڙ جاتيءَ ۾ علم جي روشني ڦهلائيندس. نيٺ هڪ روشن ديپ ٻٽيو ۽ ڪيترائي روشن ديپ ۽ ستارا پيدا ڪيائين، جيڪي پوري دنيا ۾ چمڪندا نظر اچن ٿا. سائين هرجي مل اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ جي علم جو هڪ اهڙو خوشبو دار وڻ هو، جنهن جي خوشبو اڄ بہ پٽن، ڏهرن ۽ ڳوٺن جي هر جهوپي جهوپي مان اچي ٿي. اهڙا ڪردار ڪڏهن ڪڏهن جنم وٺندا آهن ۽ قوم لاءِ ديوتا بنجي ويندا آهن.

سرڳواسي هرجي مل پرائمري تعليم ننگرپارڪر مان حاصل ڪئي، ۽ فائينل جو امتحان سال 1910ع ۾ عمرڪوٽ سينٽر مان پاس ڪيائين. انهي وقت پڙهيل ماڻهن جي آٽاٽ هئي تنهنڪري جلدئي سائين هرجي مل کي 1911-6-11 تي پرائمري ماستر ڪري، ننگرپارڪر پرائمري اسڪول ۾ مقرر ڪيو ويو. انهي کانپوءِ پرائمري اسڪول ڏونگري، سامي ويري، پيلو، ڦولپرو ۽ آخر ۾ پرائمري اسڪول آڏي گام ۾ پنهنجا فرائض انجام ڏنا، ۽ اُتان ئي 1953-5-3 ۾ نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ ورتي. سال 1971ع واري انڊو پاڪ جنگ دوران ننگر پارڪر وارو علائقو انڊيا فوج جي قبضي ۾ هو، تنهن ڪري پاڻ پريوار سميت لڏي انڊيا جي ڳوٺ شِوَ نگر، ضلع پالڻپور وڃي رهيو ۽ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن اُتي گذاريا. چون ٿا تہ پاڻ تي شاديون ڪيون هيون. سندس هڪ پُٽ پورو مل، جيڪو هن وقت انڊيا ۾ ماستر آهي. آخر هيءُ فاني سنسار، هر منش کي ڇڏڻو آهي، تہ سائين هرجي مل بہ تاريخ 1986-4-15 تي هن دنيا کي الوداع چئي، پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

سائين هرجي مل جي باري ۾ ڪيترن ئي استادن ۽ ننگرواسين کان معلوم ڪيم، پر افسوس! ڪنهن کي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي. آخر مسٽر پرڪاش سائين ڪرشن لال جي فرزند جي مهربانيءَ سان، انڊيا مان سندس مائٽن کان معلومات وٺي ڏني، جنهن لاءِ سائين پرڪاش جو شڪريو ادا ڪريان ٿو ۽ سائين هرجي مل جو احوال اوهان جي هٿن ۾ آهي.

تو سواءِ ڏينهن ڏکيو رات زهر جهڙي آ.
هي جدائي بہ قاتل جي قهر جهڙي آ.

# وسنداس اميداڻي

(1905_05_06 کان 1997_02_15)

هي شرير تہ آهي ناسونت، هڪ ڏينهن ناس ٿيڻو آهي،
پر آتما آهي اجر، امر، اُن کي ڪڏهن بہ نہ مرڻو آهي.

اسان جي ميگهواڙ جاتي ڪيترائي مهان ساڌو، سنت جوڳيسر تپشوي، ڪوي، ڪلاڪار، استاد ۽ مٽيادار، ماڻڪ موتي پيدا ڪيا آهن. جن ڌارمڪ، سماجي ۽ اخلاقي سکيا، پريم ڀاوي ۽ ايڪتا بابت قوم جي رهنمائي ڪئي. ست سنگ ۽ شيوا وسيلي سناتن ڌرم جي پرچار ڪئي. اهڙي ئي هڪ مهان پُرش سرڳيہ وسنداس اُميداڻي جئيپال تاريخ 6 مئي 1905ع ۾ ڳوٺ ڄارڪي تعلقہ ٽنڊو الهيار ۾ جنم ورتو ۽ سندس پتا جو نالو اُميدو ساڌ آهي. سندس ماتا جو نالو ڀامي ٻائي ذات درڙا ڳوٺ ڄارڪي تعلقہ ٽنڊو الهيار آهي. پاڻ شادي شريمتي ريکي ٻائي پنئار سان ڪئي، جيڪا ڳوٺ باغ واهہ لڳ حيدرآباد ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سندس مائٽ لڏي اچي مسڻ وڏي، تعلقي ٽنڊوالهيار ۾ رهائش پزير ٿيا. جنهن مان کيس اولاد هڪ نياڻي ۽ 4 پٽ آهن.

1. تيرٿ داس اميداڻي، جو پرنسپال هاير سيڪنڊري اسڪول چمبڙ جو رٽايرڊ پرنسيپال آهي.
2. گوپالداس اميداڻي، جيڪو رٽايرڊ ڊزائين انجنيئر BS_18 اريگيشن ڊپارٽمينٽ جو 2013_11_27 تي ديهانت ڪري ويو.
3. پرسومل اميداڻي، (HST (BPS_17 گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول چمبڙ جو رٽايرڊ اُستاد آهي.
4. پروفيسر ڊاڪٽر لوُنگ اميداڻي، ميڊيڪل آفيسر آغا خان ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچي، هاڻي سعودي عرب رياض ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

سائين وسنداس اميداڻيءَ جا مائٽ ڏهن پيڙهين کان بالاچ خان لغاري، تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ رهندڙ هُئا، جتان ورهاڱي وقت لڏي ڳوٺ نصير خان لغاريءَ ۾ اچي رهيا. اُن بعد سال 1956ع ۾ اچي چمبڙ شهر

وسايائون ۽ اڄ تائين رهائش پذير آهن. پاڻ پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول بالچ خان لغاريءَ مان حاصل ڪئي. 1926ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪيائين ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريو پرائمري استاد. تاريخ 4 مئي 1926ع ۾ پرائمري اسڪول بالچ خان لغاري تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ مقرر ٿيو. ان وقت سڀ تر جا ماڻهو حيران ٿيا ۽ چيائون، تہ هلو تہ هلي ڏسي اچون تہ هڪ ميگهواڙ ماستر ٿيو آهي. سائين وسنداس اميداڻي صاحب، سال 1934ع ۽ 1948ع ۾ سنڌي ٽيچرس ٽريننگ ڪورس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ڪيو ۽ ڊاڪٽر محمد عمر دائودپوٽي طرفان ڪيس اعليٰ اخلاق جو ايوارڊ مليو.

سائين وسنداس اميداڻي صاحب، ۽ اُستاد محب علي ٽالپر شهدادپور نواسي، صوفياڻي طريقي ۽ عارفاڻي ڪلام ڏي مائل ٿيا. جنهن ڪانپوءِ جواني اوستا ۾ ئي روحاني رهبري ۽ ذڪر، فڪر لاءِ سوامي رگهناٿ صاحب جي سنگ ۾ آيا. جنهن جي ڪرپا سان سندس من جو انڌارو دور ٿيو ۽ جوت جو مشاهدو ڪيائون. سوامي صاحب ڪاڻ شهر (ويجهو ميرپورخاص) جا رهواسي هئا ۽ سندس گرو هُئا ۽ ناٿن جي دربار (مڙهي) ڪاڻ شريف جا گادي نشين هُئا. سائين وسنداس سنڌي، انگريزي، ڍاٽڪي، اردو، سنسڪرت ۽ هندي ٻوليون ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهندو هو.

سائين وسنداس هڪ مهاتما ۽ شاعر بہ هُئا، سندس ڪلامن جو مجموعو ”ورلاپ وسند“ شايع ٿيل آهي ۽ پچنن جو ڪتاب، ”پچنا امرت“ جلدي شايع ٿيڻ وارو آهي.

پاڻ ڪي پنهنجي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ تعليم عام ڪرڻ جو بيحد گهڻو فڪر رهندو هو ۽ هو هميشہ شادين مرادين، ست سنگن جي موقعي تي سڀني آيل مهمانن ۽ عزيزن کي پرزور وينتي ڪندو هو تہ اُهي پنهنجن ٻارڙن کي تعليم ضرور ڏيارين، ۽ سندس ٻول هميشہ هي هوندا هُئا تہ علم ڪانسواءِ سڀ اونداهہ آهي. علم قومي سُڌاري جو ذريعو آهي.

پاڻ ستسنگ جو بيحد ڪوڏيو هو ۽ گڏوگڏ مهان راڳي پڻ هو ۽ ساري رات جاڳي ڪري ستسنگ ڪندو هو ۽ ٻڌندو هو. سنتن ۽

پڳتن جو خاص شيوا ڌاري هو ۽ هميشہ چوندو هو تہ سنتن جي شيوا ڪرڻ ۾ مون کي دلي سڪون ملي ٿو ۽ منهنجي زندگي ٻين جي شيوا ڪرڻ ۾ سمايل آهي. پاڻ نوڪريءَ جا 43 سال پورا ڪري، تاريخ 25 سيپٽمبر 1969ع تي نوڪريءَ مان رٽائرمينٽ ڪئي. پاڻ هڪ مهان سماج سڌارڪ هو، سدائين قومي ۽ سماجي ڪمن ۾ ڀرو وٺندو هو تہ جيئن ميگهواڙ جاتيءَ ۾ ايڪتا ۽ سنائي اچي. ان سلسلي ۾ سندس ڪاوشن جو ذڪر هن ريت آهي:

جنرل سيڪريٽري پير پٿورو ٽرسٽ (1971ع کان 1996ع)، ميمبر مينارٽي ڪاميٽي حيدرآباد (1976ع کان 1980ع)، صدر سنڌ ميگهہ رک ايسوسيئيشن (1972ع کان 1976ع)، ميمبر امن ڪاميٽي چمبڙ (1978ع کان 1979ع) تائين رهيا. سندس ذاتي ڪوشش سان 20 جولاءِ 1963ع ۾ چمبڙ شهر ۾ ميگهواڙ جاتيءَ جي سُڌاري، شادين ۽ ٻارس وغيره ۾ خرچ ۽ ويلا گهٽائڻ، جاتيءَ ۾ ايڪتا ۽ اتحاد لاءِ ميگهہ رِک ڪائونسل جو قيام عمل ۾ آندائون اُن ۾ پڻ ڪين پنهنجي جاتيءَ ۾ سٺي موٽ ملي ۽ سماج ۾ سڌارا عمل ۾ آيا ۽ ميگهواڙ جاتيءَ کي مانُ ۽ مريادا پراپت ٿي. تنهن ڪانسواءِ سٽيزن ڪاميٽي چمبڙ ۾ بہ پاڻ ميمبر ٿي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. سماج شيوا دوران سائين حاجي محمد يوسف ميمڻ، ۽ حاجي احمد ميمڻ (چمبڙ وارو) جن جو تمام گهڻو سهڪار رهيو.

دنيا آخر فاني آهي، پاڻ 15 فيبروري 1997ع ۾ چمبڙ شهر ۾ پرلوڪ پڌاريو ۽ سندس امر آتما وڃي پنهنجي پرماتما سان ملي.

شال نَہ وسرين مون، لوڪ سپوئي وسري،
مطلب اهوئي مون، جو پاڻئون پري نہ ڪري.
(شاهہ)

# رائچند راٺوڙ

(08_12_1912 کان 31_05_1968)

لـڏي ويـا چـڏي، ڪـري هـيـڪلائي هـاڻ،
سڄو پانـيان سپريـنءَ، مـلـڪ هـيءُ مساڻ،
جانب جُوءَ ڇڏي ويا، آئون ڪنهن جي ڪيڏان ڪاڻ؟
گهوري وڃان گلو ڇئي، انهن پـڌن مٿان پاڻ،
جن جي سدا سُرهاڻ، اڄ ڪونهي ڪڙوا تن جو.

ٿر جي خوشبودار مٽي، ڪيترائي هيرا موتي پنهنجي ڪُک مان جنم ڏنا آهن. علم ۽ ادب جي حوالي سان هيءُ زرخيز ۽ وسيع خطو رهيو آهي. محمد عثمان ڏيپلائي، جنهن 150 ڪتاب لکيا، عبدالقادر جوڻيجو، مانيٽو اوٺو، غلام محمد جنجهي، ولي رام ولڀ، سائينداد ساند، امر ساهڙ سميت ٿر جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ شخصيتن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي ۽ اوسر لاءِ لاپائتو ڪم ڪيو آهي. اهڙو ئي هڪ انمول هيرو شري رائچند راٺوڙ صاحب هو. جنهن تاريخ کي پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻائي، ان تي ڪم ڪيو. جنهن جي علم ۽ ادب جي ڪري سنڌ کي هميشہ مٿس فخر رهندو. شري رائچند راٺوڙ صاحب جن تاريخ 08_12_1912 تي، شري چتون مل ميگهواڙ ذات ٻڙهيو، ڳوٺ ڇيلهار، تعلقي ڇاڇرو جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو شريمتي هانسو ٻائي هو. پاڻ پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڇيلهار مان حاصل ڪئي، ۽ فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ سان ڪيس پرائمري ماستريءَ جي نوڪري ملي ۽ سال 1928ع ۾ ملي ۽ مين پرائمري اسڪول ڇيلهار ۾ ماستر مقرر ٿيو. هن 1947ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ هُن ٻہ سال ٽريننگ حاصل ڪئي.

پاڻ ڪجهہ وقت اڳ ۾ خيال ڪيائون تہ ٿر بابت جون حقيقتون هٿ ڪريان، ۽ انهيءَ ڏِس ۾، ڪوشش ڪرڻ شروع ڪيائين. ٿر ۾ اُن وقت اخبار يا لائبريري نہ هئڻ ڪري، علم دوستيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ، معنيٰ رڳو ٽوڪون پلئہ پونديون هيون. چوندا هئا تہ تنهنجو مغز

خراب ٿيو آهي، ٻيا عالم اديب مُلڪ مان مري ويا آهن. جو تون هليو آهين تاريخ لکڻ! ڪڏهن ڪڏهن دل مايوس ٿي ويندي هئس، پر دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ ضرور تاريخ لکبي، ۽ 10_12 سالن ۾ هتان هُتان ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا هٿ ڪري مطالعو ڪيائين ۽ مليل مواد گڏ ڪندو رهيو. ڪٿي ڪِن سگهڙن تہ ڪٿي سرجُهور پير مردن کان احوال پڇي لکندو رهيو. پر نيٺ مايوس ٿي پيو. سال 1947ع ۾ جناب محمد اسماعيل عرساڻي صاحب منيءَ ۾ فرسٽ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي آيو. سائينءَ سان ڳالهہ ڪيائين ۽ ڪچو ڦڪو لکيل مواد ڏيکاريائين. صاحب مواد ڏسي خوش ٿيو ۽ ڪتاب لکي پوري ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ پڻ مدد ڪرڻ جو انجام بہ ڪيو. 1950ع ۾ جناب مير محمد بخش خان ٽالپر صاحب سان ميرپورخاص ۾ ملاقات ٿي، لکيل مواد ڪيس ڏيکاريو. ڏسي خوش ٿيو ۽ پسند ڪيائين، ۽ ٻيا ڪجهہ ناياب ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنائين، ۽ پڻ همٿايائون، جنهن ڪري مليل ڪتابن جي مطالعي بعد سڄو مواد نئين سر سڌاريائين.

استاد رائچند راٺوڙ صاحب سنڌ جو اهو محنتي محقق ۽ تاريخ دان هو. جنهن ٿر جي تاريخ ڪي سهيڙي، ”تاريخ ريگستان“ جهڙو انمول ڪتاب اسان کي ڏنو. جيڪو سنڌ ۾ تحقيقي ادب جي حوالي سان هڪ وڏو شاهڪار ڪتاب آهي. شري رائچند راٺوڙ جي جنم وقت ڇيلهار، جيڪو ڇيلي چارڻ جي نالي سان نالو پيو هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هو. سندس پتا ڇتون مل هڪ مشهور پيري هو. هو پير کڻي ماڻهن جي سڃاڻپ ڪندو هو. هن پنهنجي پيري پيءُ جي ڪم مان اتساهہ وٺي، ٿر سڄي جا پيرا کڻي، سڄي ٿر جي سڃاڻپ پوري دنيا ۾ ڪرائي. تتل واريءَ جهڙي علائقي ۾ ڪشالا ڪڍي، پيرن پيادل ۽ اُٺن تي سفر ڪري، ٿر جي تاريخ جي حوالي سان صحيح معلومات گڏ ڪئي، ۽ ٿر جي تاريخ ڪي سهيڙڻ جو ڪم ڪيو. ٿر جي تاريخ سهيڙڻ لاءِ هن ٿر جي مقامي استادن جي پڻ مدد ورتي. ٿر ۾ سفري سهوليتن جي اڻهوند جي باوجود. هن ٿر جي مختلف ۽ مفيد معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، ۽ ٿر جي ڏوراهن ڳوٺن تائين ويندو

هو۔ ۽ اُتي هو ڳوٺ جي چڱن مڙسن ۽ مقامي استادن جي مدد سان، ٿر جي علم، ادب فن، تاريخ، لوڪ موسيقي، رهڻي ڪرڻي، ثقافت، ريتن رسمن، رهندڙ قبيلن، وٽن، پٽن، گاهہ، پراڻن قصن ۽ جاگرافي ۽ سماجي حالتن مطابق مواد گڏ ڪندو رهيو.

استاد رائچند پنهنجي نوڪريءَ واري عرصي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رهيو. خاص ڪري مٺي، ٽنڊوجان محمد، آهوري، پوريلو رائلو جوڳي مڙهي ۽ ٻين ڪيترن ڳوٺن ۾ هُن استاد جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. سال 1946ع ۾ استاد رائچند راٺوڙ مٺيءَ ۾ پڙ بدلي ٿي آيو ۽ مٺيءَ ڪانپوءِ جڏهن ڇيلهار بدلي ٿي آيو. تنهن وقت هن هڪ ننڍي لئبرري پڻ قائم ڪئي. مهراج ٻالچند ۽ گٽيس داس جي ننيڙي دڪان ۾ قائم اُنهي لائبريريءَ ۾، ان وقت جا دوست محمد سومار بجير، سائين پانومل، ٻالچند مهراج، گٽيس داس ۽ ٻيا علم دوست تاريخ تي وڏا وڏا بحث ڪندا هُئا. علائقائي تاريخ جي حوالي سان ”تاريخ ريگستان“ هڪ منفرد مقام رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ رائچند آسان ٻولي ۽ ٿر جي موضوعن تي تفصيلي روشني وڌي آهي. ٿر جهڙي علائقي ۾ جتي سهوليتن جي اڻهوند هجي، اُتي هڪ ماستر (استاد) ماڻهو ٿر متعلق معلومات قلمبند ڪري، تہ منهنجي خيال ۾ اهو هڪ وڏو قلمي پورهيو آهي. استاد رائچند راٺوڙ جي تحقيقي ڪم مان، اسان پنهنجي شاهوڪار لوڪ ادب ۽ تاريخي قصن جون پاڙون کوٽي هٿ ڪري سگهون ٿا. رائچند راٺوڙ پنهنجي ڪتاب ۾ ٿر جي ثقافت، ٻولي، ادب، فن رهڻي ڪرڻي، جاگرافي ۽ سماجيات تي جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، اهڙو ٿر جي تاريخ تي ٻئي ڪنهن اديب يا محقق ناهي لکيو. رائچند راٺوڙ پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل ادارو هو. جنهن جو تحقيقي ڪم تاريخ ۾ پنهنجي اهم حيثيت رکي ٿو. اهڙي شاهہ ڪار ڪتاب لکڻ تي رائچند راٺوڙ کي انهي وقت پي. ايڇ. ڊي. ڊگري ملڻ گهرجي ها.

سندس ذاتي زندگيءَ جو ذڪر ڪندس تہ سائين رائچند راٺوڙ صاحب ٻہ شاديون ڪيون هيون، پهرين شادي شريمتي لڇمي ٻائي،

ڏيي امرو مل، ذات ڪتيرو ويٺل ڳوٺ نهتو سان ڪئي، جنهن مان ڪيس اولاد ۾ نياڻيون هڪ ساوتري ٻائي ۽ ٻي چندران ٻائي ۽ 4 پٽ 1. جوهر لال، جو مختيارڪار هو (فوتي) 2. پرتابراءِ آڊٽ آفيسر (فوتي) 3 پريو لال ”ناشاد“، بعد ۾ شيخ نفيس ”ناشاد“ سڏجي ٿو (زنده)، جو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ۽ 4 ساجن داس (فوتي) ـ سندس پهرين گهر واريءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، وري ٻئي شادي شريمتي چاندي ٻائي، ڳوٺ حيات هاليپوٽو تعلقہ ڇاڇرو سان ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ جو اولاد ٿيو پر ننڍي عمر ۾ ٻہ سالن جو ٿي فوت ٿي ويو.

ٿر جي تاريخن بابت ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ سال 1804ع ۾ ڪپتان اسٽينلي نيپئر ريڪس ڪڇ پيچ ۾ اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيو جنهن سڀ کان پهرين انهي وقت جي حالتن مطابق تاريخ Memoir on Thurr and Parkar Districts at Sindh لکي، جا 1859ع ۾ بمبئي سرڪار طرفان شايع ٿي. پوءِ سال 1924ع ۾ مسٽر پيرو مل مهرچند آڏواڻي ٿر بابت هڪ ننڍو ڪتاب، ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“ لکي ڇپائي پڌرو ڪيو. سال 1934ع ۾ مسٽر تيج سنگهہ سولنڪي تپيدار هڪ ڪتاب ”امرڪوٽ جو اتهاس“ لکيو ۽ پوءِ منگهارام اوجها بہ ”پراڻو پارڪر“ لکيو. انهن سڀني ليکڪن ٿر جي مختلف هنڌن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ڪتابن کي پڙهي هن سنڌ ملوڪ ڌرتيءَ بابت ڪانہ ڪا پروڙ حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر سڀ کان وڏو ڪم استاد رائچند راٺوڙ صاحب جو آهي. جنهن تاريخ ريگستان ٻن حصن ۾ لکي، نالي جي مصران ڇئي ڇڏي آهي. اهڙو تفصيلي احوال اڄ تائين وري نہ لکيو ويو آهي. ٿر جي سمورن تاريخ نويسن جي عمارت جو بنياد بہ انهي هڪڙي تاريخ دان جي لکيل تاريخ تي بيٺل آهي. هيءُ ڪتاب ٿر جو مڪمل انسائيڪلوپيڊيا آهي. ميگهواڙ جاتيءَ جي هن مهان آدرشي انسان، تاريخ لکي ميگهواڙ جاتيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. سائين رائچند راٺوڙ صاحب ڪيترائي ڊراما ۽ مضمون بہ لکيا هئا، جيڪي ٽماهي مهراڻ رسالي ۾ ڇپيا هئا. ان ڪانسواءِ ڪتاب پير پٺورو بہ شايع ٿيل آهي.

آخر ۾ ڪيس ٽي. بي. جهڙو موذي مرض ٿي پيو ۽ ڪافي علاج باوجود حالت سڌري نہ سگهي، ۽ نيٺ تاريخ 31 مئي 1968ع جو وڃي پنهنجي سچي مالڪ سان مليو. سندس آخري آرام گاهہ ڳوٺ چيلهار ۾ آهي.

سنڌ جي هن عظيم تاريخ دان جي قلمي پورهئي جو قدر ڪندي، سنڌ حڪومت، چيلهار جو مين پرائمري اسڪول، رائچند رانوڙ جي نالي منسوب ڪيو آهي. رائچند رانوڙ جو قلمي پورهيو اسان وٽ امانت آهي. انهيءَ جي قلمي پورهئي کي مڃتا ڏيڻ لاءِ صحيح طريقو هيءُ آهي، تہ انهيءَ جي اڻ ڇپيل مواد کي ڇپائي، ڪتابي صورت ۾ آڻي پڌرو ڪيو وڃي.

# استاد پانو مل

(1916_03_05 کان 2008_11_16)

*مدت ہوئی بچھڑے ہوئے اک شخص کو لیکن،*
*اب تک در و دیوار پر خوشبو کا اثر ہے!*

ابتدا کان وٺي اڄ تائين سنڌي ادب کي جن ماڻهن سينگاريو ۽ سنواريو وڌايو ۽ ويجهايو آهي، انهن ۾ سنڌي استادن جو تعداد سوايو آهي. اهڙي ئي هڪ امر انسان ۽ قابلِ احترام نانءَ، پانو مل پڙهيہ، چيلي چارڻ جي ٻَڌايل چيلهار شهر ۾، تاريخ 1916_03_05 تي پٽيل ميگهو مل سُرتاڻيءَ جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو پاڳان ٻائي، ڏيءَ ٿمون مل پڙهيار، ڳوٺ مالٺهور ويڙهہ تعلقي مٺيءَ جي هئي، هُن شادي مٺي شهر مان، کيمون مل ڪوڪر جي گهران ڪئي. سندس ڌرم پتنيءَ جو نالو چتري ٻائي هو. جنهن مان ڪيس اولاد ۾ ٽي نياڻيون (ٻہ حيات) ۽ هڪ پُٽ آهن. پاڻ 1922ع ۾ پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي شهر جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين ۽ 1929ع ۾ فائينل پاس ڪيو انهيءَ تعصبي ۽ نفرت واري دؤر ۾ شڊيول ڪاسٽ ۽ اُتم ذاتين جا اسڪول الڳ الڳ هئا. 1929ع ۾ فائينل پاس ڪرڻ کانپوءِ 1932ع ۾ سرڪاري استاد طور، پرائمري اسڪول ڪپرو، ضلع سانگهڙ ۾ ماهوار 15 روپيہ پگهار تي مقرر ٿيا.

هُن ڪجهہ مهينا سرڪاري نوڪري ڪئي، پر پگهار گهٽ هئڻ ڪري سرڪاري نوڪري مجبوراً ڇڏي، ڪانگريس ۾ 1933ع ڏاري پرائمري اسڪول چارنور ۾ نوڪري ڪئي. ڪانگريس ۾ نوڪري دوران مختلف ”ميگهواڙ سڄاڳ اتحاد“ قائم ڪيا. جنهن ۾ رائچند راٺوڙ چيلهار، ماسترمورو مل داديو هاليپوٽا، ماستر ڪيتارام پوريلو پٽيل پنهون مل گوڙيهار، ماستر هرجي مل ننگرپارڪر، مهرو مل ٻالاڻي مٺي ۽ پٽيل اميدو مل گنڊير ڪانڪيو. گڏجي ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي تعليم ڏيارڻ، گندن ڪمن کان پاسو ڪرڻ، صفائي ۽ سترائيءَ جي رستي تي هلڻ ۽ سماجي ريتن رسمن جي ٻنڌڻ ۾ رهڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪيو سندس نياڻين جي تعليم جي ڪاوشن جي

حوالي سان، هن پنهنجي پيڻ لالي بائي کي تعليم ڏياري، جنهن فائينل جو امتحان سال 1941ع ۾ پهرين پوزيشن ۾ پاس ڪري، پاڪستان جي پهرين ميگهواڙ عورت استاد جو اعزاز ماڻيو جو هڪ تاريخ آهي. جيئن تہ سال 1940_41ع دوران ڪانگريس اڳواڻ ڪرشن چند ۽ دولت رام چاچري ۾ ڪانگريسي تحريڪ هلائڻ دوران، وارڌا جيل انڊيا ۾ قيد ٿي ويا، ۽ قيد ٿيڻ ڪانپوءِ استاد پانو مل کي اپر سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ زور پريو ويو ۽ هُن تنگ ٿي نوڪري ڇڏڻ جو سوچي، واپس سرڪار ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. اها خبر جڏهن ڪانگريسي اڳواڻن سوامي ڪرشن چند ۽ دولت رام جي ڪنن تائين پهتي، تہ انهن وارڌا جيل انڊيا مان خط لکيو تہ، ”هڪ سٺي ۽ محنتي ڪانگريسي استاد هئڻ جي ناتي، ڪانگريس کي نہ ڇڏيو. توهان کي پنهنجي مرضيءَ مطابق مقرر ڪنداسين.“

سندس مرضيءَ موجب 1941ع تي کيس پرائمري اسڪول چارنور ۾ مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ 14 آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو. تنهن ڪري پاڻ واپس سرڪار ۾ اچي، نبي سر ٿر ۾ استاد ۽ ٽپال ماستر طور علمي خدمتون سرانجام ڏنائون. 1949ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ ويا، جتي 1950ع ۾ S.V پاس ڪيائون. S.V پاس ڪرڻ ڪانپوءِ 1950ع کان 1972ع تائين مختلف اسڪولن، جهڙوڪ آهوري ڏگهڙي، جوڙوئو مير اول شاهہ (دادو) ڦانگهاريو، سورام، روهيلا ڪالوني ۽ ڇيلهار ۾ نوڪري ڪيائون.

1975_12_11 تي رٽائرمينٽ ڪئي ۽ کيس 10312 رپيا گريجوئٽي ملي، ۽ ماهوار پينشن 480 روپيہ مقرر ٿي. هُن رٽائرمينٽ، پرائمري اسڪول ڇيلهار مان ورتي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ مهمان نوان ۽ سماجي ڪمن ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو ۽ سماجي طور سوين جوڙن کي وچوبي (شاديون ڪرائيندڙ) طور شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌي، هڪ وڏو رڪارڊ قائم ڪيو. تعليم جي لحاظ کان هيءُ وڏو خوشبودار گُل هو ـ هُن پنهنجي خوشبوءَ سان ٿر جي پٽ پٽ کي مهڪايو. هن ديپ، ٿر جي اوندهہ دلين ۾ علم جي روشني پَر گهٽ ڪئي. اڄ بہ اها

روشني جُهوپي جُهوپي اندر آهي. اها جوتي امر آهي ۽ رات سهائي آهي. پاڻ 2008_11_16 تي 92 سالن جي عمر ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. سندس آخري آرام گاهہ عظيم استاد ۽ تاريخ نويس رائچند راٺوڙ ۽ سندس پيءُ پٽيل ميگهو مل جي پيرانديءَ طرف، چيلهار ۾ آهي.

جوڳي پنهنجي جوءَ ويا، جُهڙ جيان نيڻ جهمن،
سُخن ساميئڙن جا، هينئڙي منجهہ هُرن.

هتي سندس پُٽ ريجهو مل جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جيڪو هڪ بهترين استاد طور 1988ع ۾ ۽ LCO سپروائيزر طور تعليم کاتي ۾ رهيو آهي. ميگهواڙ جاتيءَ جو يونين ڪائونسل چيلهار ۾ ناظم ٿي رهيو. انهيءَ ڪانسواءِ نائب پريزيڊنٽ ريگستان سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن چيلهار، ميمبر VDO واٽر سپلاءِ اسڪيم چيلهار بہ آهن. ريجهو مل صاحب هڪ سوشل ورڪر، سماجي ورڪر ۽ چيلهار ۾ ميگهواڙ جاتيءَ جو هڪ نيڪ مرد ۽ بهترين انسان آهي. هر فيصلي ۾ گُهرايو ويندو آهي. نوڪريءَ مان رٽائر ٿي چُڪو آهي. هيءُ بہ هڪ مهان اُستاد جو مهان پُٽ ۽ استاد آهي. اميد تہ پنهنجي پتا جي نقشِ قدم تي هلي، قوم ۽ جاتيءَ ۾ پاڻ کي مهانُ انسان طور ثابت ڪندو.

# سترام داس ڪاڳيه

(01-11-1920 کان 11-12-1999)

اج پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تا ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن،
سندي سِڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

دنيا ۾ ڪجهه هستيون اهڙيون هونديون آهن، جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زنده رهنديون آهن. هون بہ سماج ۾ استاد جو مان ۽ مرتبو اعليٰ ترين ۽ بلند آهي. اهڙيون ڪجهه ساروڻيون لکان ٿو هڪ مهانُ استاد، شري سترام داس بابت، جنهن جو جنم تاريخ 01-11-1920 تي شري پيمراج ڪاڳيه جي گهر، ڳوٺ ڪرنور تعلقہ ڇاڇرو ۾ ٿيو. ان ڪانپوءِ جلد سندس مائٽن لڏي اچي داديون هاليپوٽا ۾ رهائش اختيار ڪئي. پاڻ مائٽن جا اڪيلا پُٽ هئا، کيس اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. انهي وقت اسڪول تمام ٿورا هوندا هئا. شروعاتي تعليم 1925ع ۾ هيرار ڏيتا، تعلقہ ننگرپارڪر ۾ ڪانگريسي اسڪول ۾ پڙهيو ۽ پوءِ پرائمري اسڪول ڪانڪيو تعلقہ ڇاڇرو ۾ تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ هوشيار شاگرد هئا تہ کيس سرڪار طرفان اسڪالرشپ منظور ٿي ملندي رهي، ۽ 7 درجا پاس ڪري فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. سندس پتا جو نالو پيمراج ڪاڳيه ۽ ماتا جو نالو نامان بائي هو. پاڻ شادي سال 07_03_1945 تي، شريمتي لڪشمي، ڌي بالم ڪڏيچہ ڳوٺ کينسر تعلقہ ڇاڇرو مان ڪئي جنهن مان اولاد هڪ نياڻي ٿي، جا ننڍي هوندي فوت ٿي ويئي، ۽ 4 پٽ 1. تاراچند، جيڪو پرائمري ماستر هو هن وقت حيات نہ آهي، 2. چگن لال 6 درجا پڙهيل هو جو 2010ع ۾ فوت ٿي ويو. 3. پرتابراءِ جو وٽرنري اسٽاڪ اسسٽنٽ جي پوسٽ تان رٽائر ٿيو ۽ حال حيات آهي 4. نهچلداس، جيڪو HST جي پوسٽ تان رٽائر ٿيو ۽ حال حيات آهي.

هُن SV_JV ڪورس 1941ع کان 1942ع ۾، ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان پاس ڪيو جتي سنڌ جو مهان ڏاهو

انسان، سائين ابراهيم جويو سندس استادن ۾ شامل هئا. S.V/J.V جي امتحان ۾، تعليمِ نفسيات جي مضمون ۾ سترام داس سموري سنڌ جي شاگردن مان پهريون نمبر حاصل ڪيو جنهن تي ان وقت جي انسپيڪٽر آف اسڪولس، علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي تعريفي سَندَ ۽ روڪ رقم پنهنجي هٿن سان انعام طور ڏني. سال 1938ع ۾ ڳوٺ راوت سر تعلقہ چاچڙو ۾ هڪ انگريز آفيسر آيل هو جنهن پڇيو تہ ڪو پڙهيل شاگرد آهي؟ انهيءَ تي مولوي عبدالحق، جيڪو راوت سر جو رهواسي هو، تڏهن ٻڌايو تہ هڪ شاگرد سترام داس آهي، داديو هاليپوٽا جو رهواسي، جيڪو فائنل پاس آهي. اتي ڪيس گهرايو ويو. جو سائين سترام داس پنهنجي پٽا سان گڏ راوتسر ويو. جتي ڪيس پرائمري ماستريءَ جو آرڊر ڏنو ويو ۽ پهريائين اسڪول راوت سر ۾ دخل ڪار ٿيو.

سائين سترام داس هڪ تمام هوشيار استاد ٿي گذريو آهي. خاص ڪري حساب ۽ گرامر جا ماهر هُئا. پاڻ 1934 کان 1980ع تائين مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪيائون. جهڙوڪ چارنور، تاج محمد شاهہ سڏاڙو تعلقي چاچڙو، جنجهي، جتي ڪافي وقت رهيو. سائين سترام داس ڪيترن ئي سالن تائين گورنمينٽ قاضي سلطان پرائمري اسڪول، ڪنريءَ ۾ بہ طور نائيب هيڊ ماستر خدمتون سرانجام ڏنيون، ۽ سال 1980ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. اُتي جا ماڻهو تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. 1952ع ۾ گوڙيهار اسڪول ۾ رهيو. جتي شري پنهون مل سان ڪافي گڏ رهيو ۽ ڪانگريس ۾ شامل ٿي، پنهون مل سان گڏ سماجي ڪمن ۾ بهرو وٺندو رهيو. انهي وقت ڳوٺن مان قوڙي وغيره ڪري شاگردن جي معاشي مدد ڪندا هُئا، خاص ڪري انهي وقت ڊاڪٽر راڻا سي رانوڙ کي پڙهائيءَ جو خرچ، مني آرڊر ذريعي موڪليندا هئا. جو اڄ هو هڪ وڏو ڊاڪٽر آهي.

سال 1952ع ۾ ٿر ۾ مڪڙن پيپنگ ڪئي. جنهن مان تمام گهڻي کهہ پيدا ٿي جو فصل ۽ وڻن جا پن بہ سپ کائي ويئي، جنهن لاءِ سرڪار شروعات کان ئي اُپاءَ ورتا. پرائمري اسڪول بند ڪري، ماسترن کي مقرر ڪيو ويو. تہ مزدورن جي مدد سان چريون ڪوٽائي،

ڳهِہ (ڦڪا) مارائڻ شروع ڪئي وئي. اٽڪل ڇئن هفتن ۾ سڀ ڳهِہ (مڪڙن جي ٻاڇ) ناس ڪرائي ويئي. انهي ڊيوٽيءَ دوران سائين سترام داس جي ڏنل ڊيوٽيءَ کي سارهائيندي، کيس مڃتا طور وزارتِ داخلا حڪومتِ پاڪستان طرفان آفرين نامون ڏنو ويو. سال 1971ع ۾ جنگ دوران، سيڻي هندوئن کي ضلع بدر ڪيو ويو. سائين سترام داس کي سن ضلع دادوءَ ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي سندن سائين جي. ايم. سيد سان ملاقات ٿي، ۽ سدائين ڪچهريون ٿينديون رهيون، ۽ انهن مان هُن ڪافي ڪجهہ پرايو.

هُن پنهنجي وقت ۾ هوشيار شاگرد پيدا ڪيا. جن اڳتي هلي وڏيون منزلون ۽ شهرتون ماڻيون. انهن ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي، امير علي جنجهي سابق دسترڪٽ اينڊ سيشن جج، سهيل سانگي، الله داد ٻوهيو ۽ ڊاڪٽر پرڏان مشهور آهن. ڊاڪٽر پرڏان چوندو آهي تہ سائين سترام داس پهرين چماٽ مون کي هئين هئي. انهيءَ مان ايڏو فيض مليو جو آئون اڄ هن وڏي عهدي تي آهيان. سائين هڪ مهان استاد سان گڏ هڪ مهان شخصيت پڻ هو. جنهن جي آشيرواد اڄ بہ رنگ لائيندي ٿي اچي. دنيا فاني آهي، آخر هڪ ڏينهن هر انسان جي موڪلاڻي ٿيئي ٿي، ۽ سائين بہ تاريخ 11-12-1999 تي اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. پر سندس ياد اسان جي دلين تي پڪاسو جي مصوّري وانگر پڪي، ۽ چٽي رنگ سان چٽيل آهي، جا ڪڏهن بہ مٽجي نہ سگهندي.

پِٽن جو روح سڏي پيو توکي،
وري هيل جانم وري آءُ ٽر ڏي!

# ڪيتارام ماستر

(1918ع کان 2010_10_30)

سرڳواسي ڪيتارام ولد ڪنگھار راماڻي، سنجا ميگھواڙ جاتيءَ مان جنم جي ارتقا پائي، ڳوٺ پوريلي يُو. سِي. ڇيلهار، تعلقي ڇاڇري، ضلعي ٿرپارڪر ۾ سال 1918ع ڌاري جنم ورتو. سندس والد تي شاديون ڪيون، 1. بنون ڏي گجو ٻڙهيہ ڇيلهار 2. گينان ڏي ڪاٽائو ٻڙهيہ ڇيلهار ۽ 3. ساهو ڏي ڪاٽائو ٻڙهيو. جن مان ڪيس جملي 10 ٻارن جو اولاد، يعني 6 پُٽ ۽ 4 نياڻيون ڄايون. وقت جي نازڪ ۽ سنڻ دؤرن ۾ غريبي ۽ مسڪينيءَ سبب حالتن پٽاندر ۽ ماحول جي مد نظر، تعليم جهڙي زيور سان آراستہ ٿيڻ سان هڪ پوئتي پيل ڪميونٽيءَ جي فرد واحد لاءِ ناشدني ۽ ناروا لڳو پئي، پوءِ بہ غُربت ۽ مسڪيني پوئتي پيل ذات جي فرد هُئڻ ناتي، هُن جي آنياءَ ۽ اَڻ برابِريءَ تي ٻڌل قوتن سامهُون، سندس سهڻ شڪتي بالاتر هُئي. اهڙين حالتن ۾ تعليم پرائڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ هيو. ڪيتارام جي ٻالڪپڻ کان ئي ماءُ جي مرڻ بعد، سندس ڇاڇي پوڄي راماڻي پرورش ڪئي، جيڪو سهندل بہ هيو. اُنهيءَ جي محنتن ۽ جاکوڙ سان ڪيتارام پوريلي مان سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيو. بعد ۾ 7 سيپٽمبر 1940ع ۾ پرائمري اُستاد طور نوڪريءَ جي شروعات ڳوٺ ڦُولپري، تعلقي ننگرپارڪر مان ڪيائون. جتي 8 سال خِدمتُون سَرانجام ڏيڻ بعد، ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد مان ٻہ سال جو ڪورس، جي. وي مڪمل ڪري، تعليم کاتي ۾ پڪِي نوڪريءَ جي ابتدا پرائمري اسڪول سيّد وڏل شاهہ، تعلقي ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪئي. نوڪريءَ دؤران، جيڪي اسڪول پيٽيا، اُنهن جا نالا هيٺ دَرج ڪجن ٿا:

جنجهي، تعلقو ڇاڇرو، سُجيءَ جو تڙ، ساڪريو، سيوهڻ ـ دادو، ڏينگاڻ پرڳڙي، اَڪليُون، رتن جو تڙ، ڪُنري ۽ پوريلو.

سال 1971ع کان وني اپريل 1980ع ۾ رٽائر ٿيڻ تائين، پوريلي ۾ ئي نوڪري ڪيائين. سال 1962ع ۾ سندس ئي ڪوشش سان پاڙي ۾

علحده پرائمري اسڪول جو سنگِ بُنياد رکيو ويو. اُنهيءَ وقت جي پڙهائي حقيقي پڙهائي هُئي.

ڪيتارام محنتي، هوشيار، ڏاهو اوَرچ ۽ هميشہ جاکوڙي رهيو. رات ڏينهن تعليم سان لڳاءُ رهندو آيو. ايتري قدر جو اُستاد سائين ”سچل“ جنجهي وارو فائينل جي تياري ڪيتارام کان ڪرائي، بعد ۾ پاس ٿيو. ڪيتارام رڳو اُستاد نہ هيو هن جو خاص ساٿي ۽ همر منصب مرحوم استاد محمد رحيم هو جنهن جي ساٿ ۽ تعاون سان ڳوٺ ۾ مشاورتي ڪائونسل جو بُنياد ڌري، راڄنيتي فيصلا ۽ حل طلب مسئلن جو نبيرو ٿيندو هيو. رازن ۽ رمزن جون لُٽون هونديون هيون. وقت جا وڏا معتبر ۽ مهان ليکيا ويندا هيا. اهڙيءَ طرح ڪيتارام برادريءَ کان علاوه راڄ پاڙو ڳوٺ، يو. سي. تائين راڄنيتي ۽ راڄوٽو فيصلن ۽ مسئلن کي سلجهائڻ ۾ اهم پارٽ سرانجام ڏيندا آيا. ڪڏهن بہ ريا، پاس خاطريءَ جي نوبت نہ آئي. اِنتهائي صابرين هيا. سَهَڻ شڪتيءَ جو مادو هموار رهيو. ڪاوڙ ۽ غُصي تي عبور حاصل هيو. مهل سر پيءَ ويندا هيا. نيڪ نيتي، مخلصانہ انداز ۽ پر اُپڪاري، جهڙوڪ هن جي فرضن ۾ شامل رهيا پئي. پاڻ ٻيائي، ٺڳي، دوکيبازي، بدنيتي، دغا، دوکي، حسد، ساڙ ريس کان قطعن بالاتر رهيا. سدا، کلمُک، هنس مُک، خدمتِ خلق سان سرشار پسڻ ۾ ايندا هيا. هميشہ نهٺائي نماڻائي، سادگيءَ صاف گوئي سندن شيوو رهيو.

نندا ۽ چغل خورن جي سياءَ کان وڙن ويندا ۽ پري پچنندا رهيا. اهڙن ماڻهن سان مهاڏو اٽڪائي، باز رهڻ جي تلقين فرمائيندا هئا. ڪيتارام کي تعليم ڏيارڻ، پکيڙڻ ۽ معاشري ۽ ماحول کي تعليم سان آراستہ ڪرڻ جو هَردمر اونو هئڻ سببان هُن سال 1955 ۾، ڳوٺ ۾ انگلش ڪلاس کولرايو جيڪو 5 سال هليو. ڪافي شاگردن فيض حاصل ڪيو. بعد ۾ 1971-4-28ع تي بوائز مڊل اسڪول پوريلو پنهنجي محنت، ڪوشش، جاکوڙ ۽ جدوجهد سان کولرايو جيڪو اڄڪلهہ هاءِ اسڪول آهي اهو بہ محترم ڪيتارام جي محنتن جو ڦل يا نتيجو سمجهو. جتان سوين بلڪ هزارين شاگرد پڙهي اڳتي ڊاڪٽر، انجنيئر، HST ۽ ڪلرڪ طور مختلف فيلڊن ۾ گهڙي،

زندگيءَ جو سفر هلائي رهيا آهن. گڏوگڏ هن پنهنجي پاڙي ۾ 1 گرلس پرائمري اسڪول ۽ 2 گرلس مڊل اسڪول بہ کولرائي. نياڻين جي تعليم کي فروغ ڏياريو آهي. سندن عظمت کي صَدِ بار سلام آهي.

ڪيتارام سال 1943ع ۾ شهر مٺيءَ مان شري گلو مل کوکر جي سپتري هريان (جا سابقہ ڊي. اِي. او. سيڪنڊري، ميرپورخاص سائين ساجن داس چنداڻيءَ جي ڀيڻ هئي) سان شاديءَ جو ناتو نباهيو. جنهن مان کيس جملي اولاد 5 ڇوڪرا ۽ 3 نياڻيون آهن. ڇوڪرن مان 1. ليکراج رٽائرڊ هاءِ اسڪول هيڊ ماستر آهي. 2. ڊاڪٽر ميوارام ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ اسلام ڪوٽ آهي. 3 سنيو مل HST سپروائيزر آهي. ڇوڪريون: وڏي ڇوڪريءَ جي شادي شري پانو مل رٽائرڊ واپڊا ملازم حيدرآباد سان ٿي، ٻئي ڇوڪري نالي مُومل، ڊاڪٽر راڻا سِي رانوڙ کي پرڻائي ويئي، جڏهن تہ ٽئين ڇوڪريءَ سنڌ جي نامياري ترقي پسند اڳواڻ ۽ ٽرديپ نالي ڳوٺاڻي ترقيءَ جي سهڪاري رٽائن جي سرواڻ ۽ "صدارتي تمغہ امتياز" ماڻيندڙ ڊاڪٽر سوني کنگهاراڻيءَ سان شاديءَ جي بندڻ ۾ ٻڌرائي.

ڪيتارام زندگيءَ دوران پنهنجا لاڳاپيل فرض مڪمل طرح نڀائي ڏيکاريا آهن. کين پڙهيل لکيل خاندان سان سڱاوتيون عمل ۾ آڻي، ڏاهپ ۽ چترائيءَ جو ڪردار ادا ڪري ڏيکاريو. اڄ ايشور جي ڪرپا سان پُٽ، پوٽا، پڙپوٽا، پوٽيون پڙ پوٽيون، ڏوهٽا ۽ ڏوهٽيون سڀ تعليم جهڙي قيمتي زيور سان آراستہ آهن، جملہ 60 اولاد، خاندان سان وابستگيءَ وارا اعليٰ معياري اقتدار توڙي تعليمي فرض نڀائڻ سان وابستہ آهي، ۽ ڪافي سالن کان نوڪرين دؤران مختلف کاتن ۾ ڪيڊروائيز مختلف عهدن تي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. انهيءَ محنت ۽ جاکوڙ جو سلو تَتِ ۽ نچوڙ سائين ڪيتارام جي ڪاوش ڏانهن منسُوبِ عمل آهي. بُزرگ ڪيتارام سياسيءَ جوڙ توڙ جو بہ ماهر لکيو ويندو هيو. وقت جا وڏيرا، مير پير، فقير ڪانئس صلاحن ۽ مشورن بابت باز پُرسيءَ ڪندا رهندا هُيا. پاڻ هميشہ هندو مسلم ايڪتا جي جذبي کي هِمٿائيندا آيا. وقت جي چند همعصر دوستن، ساٿين ۽ رفيقن سان هميشہ ڪچهريون قائم رهنديون هيون. ڪن جا

نالا هيٺ ڄاڻائجن ٿا: 1. ماستر سونو مل مرحوم پيماسر، 2. ماستر پانو مل چيلهار 3. ماستر ساهُو مل 4. تماچي مل 5. سترامداس 6. منگلرام سابق ڊي. اِي. او سيڪنڊري ٿرپارڪر 7. استاد محمد رحيم، 8. عبدالڪريم 9. محمد اِسحاق، 10. رائچند رانوڙ چيلهار وغيره سميت ٻين ڪافي دوستن سان ٿهل ڦهل ۾ نزاڪت ڀريون ڪچهريون مخلصانه ماحول ۾ سرانجام پائينديون هيون. وڏا بُزرگ، ڪڙپيل ۾ ڪاهوڙي ڄاڻ رکندڙ اُستاد هيا. سرڳواسي رائچند رانوڙ مصنف تاريخ ريگستان جي مواد سهيڙڻ، ساٿ ۾ سهپ، نڀاهڻ ۾ بزرگ ڪيتارام جو وڏو هٿ ۾ عمل دخل رهيو. ايتري قدر جو مرحوم رائچند رانوڙ جي ٻي شاديءَ پڻ بزرگ ڪيتارام جي هٿان عمل ۾ آئي. پاڻ ۾ "مامو ڀاڻيجو" ناتي ڪي زندگيءَ جي آخري لمحن تائين نڀاهي ڏيکاريو. آخري سمي وقت جسماني ڪمزوريءَ جي عارضي ۾ مُبتلا هئڻ ڪري، صوفيانه طرز عمل طرف، درويشي انداز ۾ روحاني رمزن جا قائل رهندا پئي آيا. ڪافي سال اِهو پريوجن عمل پيرا رهيو. خدا جي وحدت ڏانهن موٽڻ جا سانيا ها پَسڻ ۾ آيا. جنين بابت آگاهي ڏيندا پئي رهيا. اهڙي نموني سان قليل عرصي اندر مختصر علالت جي لپيٽ ۾ شڪست کائي، انتقال تائيم دُنيا جي مايائي جنجال کي خدا حافظ چئي، مالڪ حقيقيءَ ڏانهن موٽ، مرڪڻ سان ملهائي ۾ بتاريخ 30 آڪٽوبر 2010ع تي ڇنڇر شام 5 بجي ابديءَ ديس جا وجي دائمي واسيءَ ٻڌيا.

ڏنيه آهي مهاشيه ڪيتارام، جيڪو زندگيءَ دوِران، اصول پَرست ۾ مُحڪم مزاج رهيو، ذاتي جدوجهد ۾ جاکوڙ تحت هر محاذ تي پاڻ موکي، عظيم ڪارناما سرانجام ڏيئي پوين لاءِ مشعل راهه روشن ڪئي اٿس.

ڪٽا منجهه قرار، هئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيان ڏارون ڏار،
ڪوهه ڄاڻان ٻيهار، ڪير ملندو ڪِن ڪي.
(شاهه)

# گهمون مل گنديير

(1925_08_04 کان 2002_03_13)

اج پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن،
سَندي سِڪ پرين، لوڪ ڏئي نہ لهي.
(شاهہ)

ماڻهن جو ماپو مُلهہ هر سماج ۽ شعبي ۾ مختلف هوندو آهي. اهڙي ريت ڪٽ لڳائڻ کان پهرين ماڻهوءَ جي محنت مزدوري مريادا کي ڳڻيو وڃي ٿو. زنده ۽ ساجاهہ وند قومون، پنهنجي غير معمولي ڪردارن کي اندر جي انتهائي پويتر احساسن سان پيٽا پيش ڪنديون آهن. هر دؤر جي سامراج لاءِ رُڪ جي ديوار بڻيل، منظرن ۾ رنگن سان سرشار ٿر علائقو عظيم ڪردارن سان مالا مال رهيو آهي. اهڙن عظيم ۽ تعليم جي ساگر ۾ موتيءَ جهڙو ماڻهو سائين گهمون مل گنديير آهي، جنهن تاريخ 1925_08_04 تي هڪ غريب گهراڻي جي شخص، شري عالم چند گنديير، ڳوٺ ڪانڪيو تعلقہ ڇاڇرو ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڪيتو هو، ذات ڪڌيچ، ڳوٺ رُڙگڙ تعلقہ ڇاڇرو جي هُئي. پاڻ شادي شريمتي سرنگاري، ڌي گنگو مل، ذات ڪيهاڙو ڳوٺ چارنور تعلقہ ڇاڇرو مان ڪيائين، جنهن مان ڪيس اولاد ۾ نياڻيون 1. راڌا بائي (سرڳواسي) ۽ ٻي چندرا بائي جا حيات آهي. ۽ ٻہ پُٽ هڪ گنيش، جو پراونشل هاءِ وي کاتي ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي، ۽ ٻيو رامچند، جو 18 گريڊ جو ARD ايگريڪلچر ريسرچ آفيسر آهي.

گهمون مل گنديير پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان ورتي، ۽ فائينل جو امتحان بہ پاس ڪيائون. فائينل پاس ڪرڻ کانپوءِ ٿُرت ئي پاڻ، تاريخ 1943_12_10 تي پرائمري ماستر طور، گورنمينٽ پرائمري اسڪول قادر بخش، برانچ ويسرو ۾ مقرر ڪيو ويو. انهي وقت سندس پگهار ماهوار 20 روپيہ هئي. پاڻ پنهنجي مهان پيغمبريءَ پيشي جو سفر 1945_12_10 کان 1980_12_17 تائين 37 سال، ڪيترن ئي اسڪولن ۾ جاري رکيو ۽ تعليم جي روشني سان

غريب ٻارن کي منّور ڪيائين. جنهن ۾ مکڻ سمون ڍگهڙي، ڪيتار تعلقہ چاچرو، اوطاق مير الله داد تعلقہ ڏيپلو، پارنو تعلقہ چاچرو، جيڪب پور تعلقہ جيمس آباد. ننگرپارڪر شهر، بنگل رند تعلقہ چاچرو، محمد بچل رند چاچرو، ڪُڏي چاچرو، ڪانڪيہ تعلقہ چاچرو ۾ هيڊ ماستر، ۽ پڻ نبي سر تعلقہ عمرڪوٽ ۾ نوڪري ڪيائون.

پاڻ تاريخ 1980-12-17 ۾ نوڪريءَ مان رٽائر ٿيا. انهيءَ وقت کيس ماهوار پينشن 480 رپيا مقرر ٿي.

سائين گهمون مل علم جا ساگر هُئا. ڏسڻ ۾ سادا سودا پر علم ۾ ڪارونجهر جبل هُئا. هو هڪ مخلص ۽ ڪلمک، ملڻا جُلڻا انسان هُئا. سندس دل ۾ انسان ذات لاءِ درد ساگر سمان سمايل هو ۽ هميشہ ٻين استادن کي چوندو هو تہ بهترين ۽ سٺو اُستاد اُهو آهي، جيڪو اڳواٽ سهڻي نموني سبق جي تياري ڪري اچي. ڪلاس ۾ ڪرسيءَ تي ويهي پڙهائڻ بدران، بيهي پڙهائي. بورڊ تمام گهڻو استعمال ڪري ۽ ٻارن تي بہ نظر رکي. غافل ۽ ڌيان نہ ڏيندڙ شاگردن کان سوال پڇي ۽ تاڪيد ڪري وري سمجهائي، ليڪن آسان زبان ۾ واضح ۽ چٽو هجي، جيئن ٻار آسانيءَ سان سمجهي سگهن. هو صاحب هڪ رهبر هو. پنهنجي رهبريءَ سان شاگردن ۽ استادن کي نوازيندو رهندو هو ۽ کين مٿئين پد تائين پهچايو. سندس پڙهايل شاگرد اڄ ڪيترن ئي وڏن عهدن تي نوڪري ڪري رهيا آهن. سندس علم جو وڇايل گهنڊ اڄ بہ ٿر جي پٽن ۽ پيچرن ۾ پڙاڏو بنجي گونجي رهيو آهي، ۽ ڏنل علم جي روشني هر ڪڪائين جهوپڙيءَ کي منّور ڪري رهي آهي.

موت تہ هڪ ڏينهن ضرور اچڻو آهي. کيس تاريخ 2002-02-13 ۾ دل جو دورو پيو، ۽ وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليو. سائين گهمون مل جسماني طور اسان کان جدا ٿي ويو آهي پر سندس علم جي پوکيل پوک هميشہ تعليم جا نوان نوان گُل پيدا ڪندي رهي ٿي، ۽ انهن گلن جي مهڪار پوري ٿر جي پوميءَ کي علم جي سُرهاڻ سان مهڪائيندي رهي ٿي.

# استاد اجيم داس

(17_4_1929 کان 18_11_2009)

ساڳئي خوشبو ڏِين، ڇجي گُل گُلاب جا،
وجي امر ٿِين، ڪوي مرن ڪين ڪي.

اُپنيشدن ۾ منش کي يڳيہ بہ چيو ويو آهي. ”پُرشو وار يڳيہ“ جين يڳيہ جا ٽي وقت پرتھہ، هڏيانن ۽ سنڌيا تيئن منش جِيوَن بہ ٽن اوستائن مان گذري ٿو. معنيٰ جيون يڳيہ روپ ٿي ٻين جي ڀلي خاطر جاري رهندي، اُهي ٽيئي اوستائون جِيوَن ۾ هر هر ايندڀون رهنديون آهن. اُهي ٽي اوستائون:

1. دِڪشا جي معنيٰ ڪشٽ ڪليش سهي وجڻ، هي ڀاونا هر ٽائيم هئڻ گھرجي. ڪوبہ ڏک هجي يا سُک هجي، ڀُک هجي يا بيماري هجي يا تندرستي هجي خوشي هُجي، غم هجي، سمپتي هجي، وپستي هُجي شاهوڪاري هوند هجي يا اڻهوند، غريب هجي، ڪاميابي هجي يا ناڪامي هجي هر حال ۾ برابر رهڻ، مست رهڻ، اهڙي پوزيشن ۾ تپ ڪرڻو آهي. ڪاڏي جو بندوبست ڪونهي، پاڻيءَ جو ڪونهي، رهڻ جو هنڌ ڪونهي پر پوءِ بہ تپ جي ڀاونا سان گيان شڪتي پراپت ڪندو، برهم چرئيہ ڌارڻ ڪري، پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندو رهي. ڪشٽُ، ڪليش سنڪٽن کي سهي وجڻ اهو آهي ”دِڪشا“.

2. اُپسدا: صرف سک چين، خوشي، آنند سان کلندو ڳائيندو پنهنجو ۽ ٻين جو ڀلو ڪندي ڪمائيندي، خرچ ڪندي، اڳتي ئي وڌي وجڻ، پنهنجي ويچارن کي مٿي وڌائيندو، پنهنجي مقصد تي پهچڻ کي ”اُپسدا“ چئبو آهي.

3. دڪشٽا: ٻين جو ڀلو يا ڪلياڻ واسطي زندگي وقف ڪرڻ، پنهنجو وقت، مال متاع، تندرستي، آرام ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ لوڪ ڪلياڻ خاطر لڳائي ڇڏڻ، سڄي سنسار کي پنهنجو پريوار سمجهڻ، هُن جي واڌاري لاءِ محنت ڪرڻ، يتن يا اُپاءُ ڪرڻ، اهي گڻ اُن

زندگيءَ ۾ آهن. جيڪا قربان زندگي آهي. اهوئي يڳيہ مئہ جِيوَن آهي، اُن کي دڪشڻا اوستا چئبو آهي.

انهن ٿنهي اوستائن ۾ گذاريندڙ هڪ ڌرماتما منش، شري استاد اجيم داس، جنهن ڳوٺ تگوسر تعلقہ ننگر پارڪر ۾ تاريخ 17 اپريل 1929ع تي، سرڳواسي جانجهڻ مل پنئار جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڏنو بائي ذات اوڍاڻو ڳوٺ تالسر راجستان جي هئي، پاڻ شريمتي ڪملا ڏي اگرو مل ذات ڪوڪر ڳوٺ مهڪي جو تڙ، تعلقہ ڇاڇرو مان شادي ڪيائين. جنهن مان ڪيس اولاد ٽي پُٽ، مويي پُٽ موهن داس، جيڪو پوليس کاتي ۾ پهريون ميگهواڙ وائرليس آپريٽر آهي 2. انب ڪارونجهري جيڪو اسٽيل مل ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر آهي. 3. ڊاڪٽر اپيمن جيڪو آمريڪا ۾ سرجن آهي. هڪ پرائمري استاد ٿي ڪري هُن پنهنجي اولاد کي نوڪري سان لڳائڻ ۽ آمريڪا تائين پهچايو. هُن پنهنجيون سڀ خوشيون قربان ڪري اولاد کي تعليم ڏياري مهان پد تي پهچايو جو هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ڪانهي.

سرڳيہ اجيم داس پنهنجي پتا شري جي آشيرواد سان، 11 ڪلوميٽر جي پنڌ تي ڳوٺ ڏانپاريو جي هڪ مدرسي مان عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ اسماعيل سنگراسي ڳوٺ مان سنڌي فائينل پاس ڪري، 17 اپريل 1948ع تي پرائمري ماستر مقرر ٿيو.

اُستاد اجيم داس هڪ مثالي استاد هو. پڙهائڻ جي شوق سان گڏ اسڪول جي ڪچي عمارت تيار ڪري، ان ۾ ٻارن کي تعليم ڏيندا هئا. اهڙا اُستاد ڳولڻ سان بہ وِرلي کي ملندا. جنهن جا سڀ شاگرد پنهنجي محنت ۽ هوشيار سان پاس ٿيا هجن، ۽ انهن مان ڪيترائي شاگرد وڃي وڏن وڏن عهدن تي رسيا آهن.

سرڳيہ سائين اجيم داس گڏڙو چارڻ جي هڪ مهان صوفي سنت مهراج اميدرام ميگهواڙ جي سنگت ۾ اچڻ بعد روحانيت جي طرفان لڙيا. گيان، ڌيان ۽ يوڳ جي رمزن کي سمجهڻ جي کوج ۾ رهڻ لڳا. هو سدائين ساڌو سنت، درويشن ۽ عالمن جي محبت ۽ سنتن جي

تلاش ۾ هوندا هُئا. شريمد ڀڳوت گيتا، ۽ ڪبير ڀڳت جي فلسفي کي گيان ويچار سان سمجهائيندا هئا. لطيف جي رسالي جو پارکو هو ۽ پڙهائيءَ جو رسالو هميشہ ساڻس گڏ هوندو هو. ڀڳوت گيتا جا نيتہ نيمي رهيا ۽ پاڻ مها گياني ٿي پيا. پوءِ جتي بہ هو ڪنهن مجلس، رهاڻ يا ست سنگ ۾ ويندا هُئا، تہ ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز هوندا هُئا. ماڻهو سندس گيان ۽ پرچار کي ڏاڍي چاهہ سان ٻڌندا هُئا، ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪندا هئا.

سرڳيہ اجيم داس حڪمت جي وڏي ڄاڻ رکندا هئا. سٺا سٺا نسخا ٺاهي مختلف بيمارين جو علاج ڪندا هئا، ۽ مختلف ڌاتو ماري، ڪُشتي ٺاهڻ جو سنو ڏانءُ هئس. سندس شاگرد نالي گنگو مل ميگهواڙ ۽ مِها جل ميگهواڙ ڳوٺ تگوسر ۾ ثبوت طور موجود آهن، ۽ ڪڏهن بہ هن ڪنهن کان دوا درمل جو پئسو نہ ورتو، جي ڪٿي ڪو سکيو ستابو ماڻهو زور ڀري ڪجهہ ڏيندو هو، تہ اُهي پئسہ بروقت غريب ماڻهن ۽ معصوم ٻارڙن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. دان ڪرڻ جو انس بہ منجهس موجود هو.

سندس ڌرم پتني ڪملا سال 1962ع ۾ ديهانت ڪري ويئي، ان بعد پاڻ ٻئي شادي ڪانہ ڪئي ۽ لاڳيتو 46 سال پنهنجي اولاد کي ماءُ جي پيار ۽ پتا واري شفقت ۾ ڪابہ ڪمي محسوس ٿيڻ ڪونہ ڏنائين. پنهنجن ٿنهي پٽن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرايائين.

سائين اجيم داس علمي ماهر هو، ڇو تہ پاڻ اُستاد ٿي رهيو هو. انگريزي، هندي، سنڌي، عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ گُجراتي وغيره ٻوليون ڄاڻندو ۽ پڙهائيندو هو.

ٿر جي زندگيءَ ۾ ٿر جي واريءَ وانگر ڪئين لاها چاڙها اچن ٿا، پر سائين اجيم داس پنهنجي اصولن تي ڪارونجهر جيان قائم رهيو. سائين مسڪينن کي پنهنجي هڙان وڙان ورسائيندا هُئا. هو ظالم جا ڪڏنهن بہ يار ڪونہ بڻيا. انهي ڪري سندس زندگي سُورن سان ڀريل هئي، پر پوءِ بہ ڪڏهن ڪٿي بہ ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍيائين. برداشت ڪرڻ جي شڪتي منجهن موجود هُئي. انهي ڪانسواءِ پاڻ سناتن ڌرم

جو پالن ڪندي، هميشہ نرجلا اڳيادس ورت پابنديءَ سان رکندا هُئا. پاڻي بہ نہ پيئندا هئا يا ڪڏهن پاڻي پي روزو رکي ڇڏيندو هو. مسافري هجي تہ بہ ورت يا روزو ڀنگ نہ ڪيائين. هڪ يڪ سُڪنو منش هو.

ڳوٺ تگوسر جو پهريون استاد سائين اجيم داس هو. اسڪول ڳوٺ ٻچل خاصخيليءَ مان سنہ 1981ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ اچي ٽر وسايو. تگوسر ۾ رهندي برادريءَ کي همٿائڻ، غيرت جاڳائڻ، ٿوريون گهڻيون نوڪريون وٺي ڏيڻ، ڪن ڪن غريبن کي ڪپڙو لٽو ڪاڏو خوراڪ، پڪين کي روزانہ داڻا ڏيڻ سندس اهم ڪرتو هو. اَسر ويلي اُٿي اشنان ڪري، پرڻايام ڪرڻ، يوڳ آسڻ ڪرڻ، من جي سچي مالها ڦيرڻ سندس اٽوٽ اصول هوندا هُئا. آخر زندگيءَ جو سفر 80 سالن جي عمر ۾ تاريخ 2009_11_08 جي وچ واري رات 11:15 (سوا يارنهن وڳي) تي پراڻ تياڳي، پنهنجو سفر پورو ڪري وڃي جوتي جوت سمايو.

جان جان هُئي جيئري، تان تان ورچي نہ ويٺي،
وڃي پوڻ ۽ پيٽي، ساريندي کي سڄڻين.
(شاهہ)

# ڏيوجي مل

(01.03.1931 کان 10.04.1998)

سواس سواس هرنام جپ، برٿا سواس نہ کوءِ،
ڪيا جانون انت ڪا، يہ سواسا مت هوءِ.

استاد ڏيوجي مل جھڙا عظيم انسان، يقيناً پنهنجي جنس ۾ ناياب ۽ اڪيلا هوندا آهن. انهن جو خال ڪڏهن بہ پرجڻ جو نہ آهي. پنهنجي فن ۾ يڪتا، اصولن ۽ اخلاقيات جي ميدان ۾ معراج جي بلندين تائين پردان رکندڙ شخصيتن، جن جي فن ۽ عزم کي ڪڏهن بہ زوال نہ هوندو آهي. جن جا مقصد ۽ آدرشي دائمي هوندا آهن. جن کي ڌرتيءَ جي هر ماڻهوءَ سان اڻ ميو پيار ورثي ۾ مليل هوندو آهي. اهڙوئي هڪ عظيم استاد سرڳواسي ڏيوجي مل ماستر پٽ شري مولچند ذات ڪڏيچو، ڳوٺ لوٽيهار ۾ پهرين مارچ 1931ع تي جنم ورتو. سندس ماءُ جو نالو سروپان بائي هو.

سندس وڏا موچيڪو ڌنڌو ڪندا هئا. چمڙي مان سانداريون، سانداراَ، جھاڙولا، ۽ ڪوس ٺاهڻ جا ماهر هوندا هئا. اڪثر 20، 25 ڪاريگر هڪ دڪان ۾ ويهي ڪم ڪندا هئا، جن ۾ هرجي مل، رڻمل، ميهو مورو، نرجو هيرو هنسو ۽ ٻيا شامل هئا. 1937ع ۾ جيئن ئي ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول منظور ٿيو تہ پاڻ پڙهڻ شروع ڪيائون. جتي پهرين استاد الهبچايو ميمڻ ڏيپلو واسي، ۽ بعد ۾ استاد امرچند اميدو چيلهار واسي تعليم ڏني.

سرڳواسي ڏيوجي مل سان گڏ گنگارام هرجي مل، لڇمڻ داس رڻمل، جڳو مل، ميهو مل ۽ سارنگرام هرو مل پڙهيا. تاريخ، اپريل 1947ع ۾ فائنل پاس ڪيو. فائنل پاس ڪري غريبيءَ سبب گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا، ۽ ڪنجهيجهي جي پرسان لڏي ويل هندن جي زمين تي، ڪمند جي ڇيچڙي تي 30 رپيا ماهوار پگهار تي ڪم ڪيو. جتي مڪئي جي ماني ۽ ڳُڙ جي ڪڪري تي ڪافي عرصو گذران ڪيو. چيٽ ۾ وري ڪٽڪ جا لابارا شروع ٿيا، تہ ڏيوجي پاڻ بہ پيماسر اسٽيٽ ۾ حاجي امام بخش ولد رئيس حاجي ٻيوخان، ۽

حاجي شادي گشڪوري جي ٻنين ۾ لابارو ڪيو ۽ بعد ۾ فضل پنهور لڳ ڳوٺ نبي بخش گشڪوريءَ ۾ رهڻ لڳو. جتي هن ڪي رئيسن جا ٻار ٽيوشن تي پڙهائڻ جي لاءِ مليا. جن ۾ گاهي خان، محمد حسن، غلام محمد، فقير محمد، صحبت خان ۽ ٻيا شامل هئا. جيڪي ڪيس قاضيءَ جي نالي سان سڏيندا هئا. 5 مهينا گذرڻ بعد رئيسن جي ٻارڙن سان گڏ راضي شاهہ جي درگاهہ تي اچڻ ٿيو جتي نوڪريءَ لاءِ دعا گهري، ۽ اها دعا اگهامجي وئي ۽ ٿوري عرصي اندر استاد گورڌن داس آچاريہ جي معرفت، 1948ع ۾ آرڊر مليو ۽ پهريون اسڪول ميرپورخاص لڳ ميرو خان مريءَ مليو. پاڻ 1943ع جي ڪانگريسي چونڊن بابت بہ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪافي ذڪر ڪيو اٿن.

سرڳواسي استاد ڏيوجي مل 1960ع واي ڏهاڪي ۾، نارٿ ڪالوني پرائمري اسڪول منيءَ جو بنياد رکيو. جنهن لاءِ پلاٽ شام داس جوشيءَ ڪان مفت ۾ ورتو. جتي اسڪول ٺاهڻ بعد هُن تعليمي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. ايتري قدر جو شهر جي وڏي ڳاٽيتي ۾ ٻار سندس شاگرد رهيا، ۽ اڄ جيڪي سڏريل ماڻهن ۾ شمار ٿين ٿا. پاڻ شادي ڳوٺ آمريو مان، لالو ترڪيو جي گهران، اندازن 1957ع ۾ ڪئي، جنهن مان 3 پٽ سنتوش ڪمار ايچ. ايس. ٽي، ڪيت ڪمار وٽرنري ڊاڪٽر، اوم پرڪاش ايچ ايس ٽي ۽ بہ نياڻيون هنجو ٻائي ۽ ساونتري ٻائي اولاد آهي. ڏيوجي مل تعليمي سرگرمين ڪي جاري رکندي، 10 اپريل 1998ع ۾ ڳوٺ لوٽيهار ۾ هن فاني جهان ڪي الوداع چئي، آخري مالڪ جي ڌام تي پهچي ويا.

# ماستر سُکرام داس ڏاراڻي

ماڻهن جو مُلهہ ماپو هر سماج ۽ شعبي ۾ مختلف هوندو آهي. اهڙي ريت ڪٽ لڳائڻ کان پهرين ماڻهوءَ جي محنت مزدوري ۽ مريادا کي ڳڻيو وڃي ٿو. زنده ۽ ساڃاهہ وند قومون پنهنجي غير معمولي ڪردارن کي اندر جي انتهائي پوتر احساسن سان پيٽا پيش ڪنديون آهن. اهڙي هڪ اَمُلهہ انسان، سکرام داس ڏاراڻي پنڌار، سال 1930ع ڌاري ڏيپي ميگهواڙ جي ڏيپلي شهر ۾، شري سومار مل پنئار جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو گنگا ڏي ڪيسو مل، ذات پدو ويٺل ڳوٺ روهل تعلقہ ڏيپلو جي هُئي. سندس پتا سومار مل هميشہ پاڻ وٽ پلا اُٽ ڌاريندو هو ۽ گهمائڻ جو شوقين هوندو هو. پاڻ پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڏيپلو مان حاصل ڪئي، ۽ فائينل سال 1949ع ۾ پاس ڪئي ۽ کيس پرائمري ماستر طور پهريائين ڳوٺ شير واهہ لانڊي لڳ ميرپورخاص ۾ مقرر ٿيو ۽ پوءِ مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪيائين. جهڙوڪ ڍگهڙي، ڪاريو غلام شاهہ منئي تعلقہ ڪانڪٺهيار رحيم علي، ڪنورل ڏيپلو تعلقو ننائي ۽ ڏيپلو شهر ۾ نوڪري ڪيائين. پاڻ شادي سال 1956ع ۾ شريمتي گنگا ڏي گهمون مل پڙهيار، ڳوٺ مالٺهور ويڙ تعلقہ منيءَ مان ڪيائين، جنهن مان کيس اولاد هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽ آهن.

1. پاڳچند، جيڪو هائوس بلڊنگ فنانس ڪارپوريشن ۾، ڊسٽرڪٽ مئنيجر جي پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي.
2. ڇهنو مل، اهو بہ هائوس بلڊنگ فنانس ڪارپوريشن، حيدرآباد ۾ سروس ڪري رهيو آهي.
3. نهالچند، جيڪو تعلقہ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ڏيپلو ۾ ڊينٽل ٽيڪنيشن آهي.

پاڻ سال 1980ع ۾ پرائمري اسڪول ڏيپلو مان رٽائر ڪيائين. پاڻ سنڌي، اردو ڍاٽڪي ڳالهائي سگهي ٿو. راڳ ٻڌڻ جو شوقين آهي. خاص ڪري ڪبير، ميران ٻائي، گورکنات جا ڀڄن ٻڌندو آهي. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ پنهنجو ذاتي ريزڪيءَ جو دڪان بدين بس اسٽاپ

ڏيپلو تي ڪوليو جو ڪافي سال هلايائين ۽ عمر وڏي ٿيڻ ڪري هاڻي گهر ويٺو آهي. هن وقت سندس عمر ٻه لڳ ڀڳ 85 سال جو آهي پر هلڻ ڦرڻ ۾ جوان لڳو پيو آهي. وچ ۾ هڪ دفعو هارٽ اٽيڪ جو جهٽڪو آيو هو، جنهن لاءِ ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ويو جنهن چيو ته وال بند آهن. هن جي ٻاءِ پاس ڪرايو، پر هن بلڪل جواب ڏنو. ڊاڪٽر کان دوائون وٺي واپس ڏيپلو آيو ۽ رام ديو جي ڏسيل يوگا ۽ پرڻيام شروع ڪيائين، ٽن مهينن کانپوءِ جڏهن وري طبيعت ڊاڪٽر کي ڏيکاري جنهن اي. سي جي. ۽ ٻيون ٽيسٽون ڪرائي ڏنيون ته حيران ٿي ويو، ته هن جا وال بلڪل صاف آهن، هاڻي ٻاءِ پاس جي ضرورت ڪانهي. ڊاڪٽر پڇيو ته ٻيو ڪهڙو علاج ڪيو جو هڪدم ٺيڪ ٿي ويو آهي!؟ چيائين ته سائين ٻيو ته ڪجهہ ڪونہ ڪيو آهي يوگا روزانہ صبح ۽ شام جو ڪندو آهيان، جنهن مان فائدو ٿيو آهي. هاڻي روزانہ صبح جو سوير اُٿي يوگا ۽ پرڻيام ڪندو آهي ۽ پوءِ واڪ ڪندو آهي، بلڪل صحتمند آهي. يوگا ڪرڻ سان اڳ ۾ عينڪ سان نظر پوندي هئي هاڻي بنا عينڪ جي پڙهي لکي سگهي ٿو ۽ ڪيترائي ماڻهو يوگا سکڻ لاءِ وٽس اچن ٿا ۽ انهن کي سيکاري ٿو ۽ لاڀ حاصل ڪن ٿا. هيءُ عمر جو وڏو ۽ شريف هجڻ ڪري، پنئار برادريءَ وارا هن جي عزت ڪندا آهن، ۽ هن جي ڳالهہ کي رکندا آهن.

# استاد سارنگرام

(1931ع کان 06.01.2013)

سارنگ لي سارنگ نان، چاليا سامهون سارنگ ٿائي،
سڏ ڏيان سارنگ نان، مُک رو سارنگ جائي.

اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ بہ اهڙا پيلا ڪردار موجود رهيا آهن. جن پنهنجي زندگي پنهنجي قوم جي ٻچن کي تعليم سان روشناس ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اهڙوئي هڪ آدرشي استاد سرڳواسي سارنگرام ڳوٺ لوٺهيار تعلقو مٺيءَ ۾ پهرين اپريل 1931ع ۾ شري هرو مل ۽ شريمتي سهجان ڳنڌير جي گهر ۾ جنم ورتو. منهن تي مُرڪ سانڍي جيئندڙ هي انسان پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان، ۽ انگريزي تعليم مٺيءَ مان حاصل ڪئي. ترت ئي 24 اپريل 1952ع تي پرائمري استاد طور پرتي ٿيو. هن استادي پيشي جو آغاز جيمس آباد جي محمد خان شر اسڪول کان ڪيو جتان پهرين ڊسمبر 1962ع ۾ نارٿ ڪالوني اسڪول مٺي 1968ع ۾ گوگاويري، ۽ 1969ع ۾ جعفر آباد عمرڪوٽ ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. ۽ نوڪري جي آخري ڏينهن،1980- 06- 25 تي پرائمري اسڪول جوڙوَ ۾ پڙهائيندي رٽائرمينٽ جو ليٽر وصول ڪيو. رٽائرمينٽ جي دؤر ۾، مارُوي گرامر اسڪول مٺيءَ ۾ تعليمي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون.

پنهنجي خرچ تي غريب ٻارڙن کي پڙهائيندڙ مال چاريندڙ ٻارن کي زبردستي اسڪول ۾ داخل ڪرائيندڙ هن عظيم استاد هزارين پڙهيا لکيا نوجوان پيدا ڪيا، جن ۾ ڪيئي ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ استاد پيشي سان لاڳاپيل آهن. سرڳواسي پاڻ اسڪول ۾ ٻارڙن کي شيءِ بہ وٺي ڏيندا هئا، جيئن وڌ ۾ وڌ ٻار اسڪول اچن، ۽ پڙهن. سارنگرام ڪافي ڪتاب پڙهيا ۽ شاعري پڻ ڪئي. 1967ع ۾ پاڻ مارئيءَ جي ميلي تي سنبريا تہ اوچتو سندس چاچي ٻيجل جي وفات ٿي وئي، جنهن ڪري وڃي نہ سگهيا، پر مارئيءَ جي محبت دل ۾ ايتري تہ وسيع هئي، جو ان وقت هيٺ ڏنل لفظن ۾ پيتا ڏنائين:

اول ساراهيان سچو ڌٽي، جوڙيو جنهن جهان،

قادر پنهنجي قدرت سان ڪيو اشرف المخلوق انسان،
هڪڙا مرد، ٻيون ناريون، جن وڏايو ملڪي مان،
”سارنگ“ شاهي شان، جي قلبون قربان ٿيا.
سڄو سڄو سڀ سچڄو ساري سڄايان سچ،
جنهن ۾ ذري جيترو ڪوڙ نہ سمجهو ڪچ،
ڄائي مارئي ملير ۾، جنهن کي ڏينهن ٿيا ڳچ،
ٻريو ملوڪت مچ، پوڻ سندي پالوا ۾.

هُن شاهہ ڀٽائي صاحب جي رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ تي ٻڌل ڊڪشنري پڻ لکي، جنهن کي سندس اولاد ڪتابي شڪل ڏيئي ڇپرائڻ چاهي ٿو، جنهن جو ڪم بہ سندس پٽ جواهر لال پنهنجي سر تي کنيو آهي. سائين سارنگ رام 6 جنوري 2013ع تي مٺي شهر جي ڏرماڻي ڪالونيءَ ۾ واقع سندس گهر ۾، دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن جي يادگار ٻُڪ ۾ ڳوٺ جي نيڪ مرد محمد صديق نهڙيو لکيو آهي تہ، هڪ اهڙو آدرشي استاد، جيڪو رٽائر ٿيڻ باوجود اسڪول ۾ ٻارڙن کي پڙهائيندي نظر آيو. ان بابت استاد ميوارام جوڙوو واسيءَ جا خيال آهن:

ڪٽو منجهہ ڪٽين، پوکيندي پوٽو نہ ٿئي،
ڏنو ڪنو نہ ٿئي، ويتر ٿئي گهٽو.
سمائجي سنگ ٿيو پوکيل هڪ ڪٽو،
سنت، سخي، سار ۽ چٽو جئين پيلائين تئين پلو ٿئي.

# استاد ڪرشن لعل

(1936ع کان 2001-9-6ع تائين)

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو ورِي، ڪوڙن ڪانئرن جو.

پارڪر جي سرزمين جي پنهنجي الڳ ٿلڳ سڃاڻپ، ۽ نرالي تاريخي حيثيت رهي آهي. جنهن اهڙن تہ انمول موتين کي پنهنجي ڪُک مان جنم ڏنو، جن نہ صرف ٿر ۽ سنڌ لاءِ پنهنجو ساهہ ڏيئي ويساهہ ڏنو پر پوري دنيا ۾ پارڪر جي پويتر پوميءَ جو ڳاٽ اونچو ڪيو. جن ۾ مارئيءَ کان روپلي ڪولهي تائين ۽ مسڪين جهان خان کوسي کان وٺي ننگر جي مکي نهالچند ۽ وجئہ ڪور ٻائي تائين هڪ ڊگهي لسٽ شامل آهي. اهڙي ئي هڪ ڪامل انسان جو جنم ڪارونجهر جي گود ۾، سال 1936ع ۾ شري ڏجارام ذات لڳهڙا جي گهر ٿيو. پاڻ بہ ڀاءُ هڪ ڪرشن لعل ۽ ٻيو روپسي ۽ هڪ ڀيڻ ڀانو ٻائي آهي. سندس ماتا جو نالو ٻاجهو ذات گجر، ڳوٺ ٻورلو تعلقہ ننگرپارڪر جي هئي. سندس والد گجراتي، هندي ۽ سنڌي پڙهيل هو ۽ وٽڪر ۽ رازڪو ڪم ڪندو هو. سندس پتا ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو تنهن ڪري گهر جو سڄو بار سندس ماتا جي سِر تي آيو. جنهن محنت ۽ مزدوري ڪري پنهنجي پُٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ۽ هن پرائمري تعليم ننگر پارڪر مان حاصل ڪئي. پوءِ انگريزيءَ لاءِ مٺي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي، جو ننگرپارڪر مان 150 ڪلوميٽر پنڌ ڪري، تڪليف سان تعليم ورتي ۽ پوءِ اسڪول پٽ ڀائٽي مان ميٽرڪ سال 1956ع مان پاس ڪئي، ۽ سندس ڊرائينگ جي سند تي لوڪل بورڊ گورنمينٽ طرفان جونيئر اسڪول ٽيچر جو آرڊر مليو ۽ پٽ ڀائٽي تعلقہ ڪپرو ۾ رهيو. سال 1962ع ۾ لوڪل بورڊ وارن سندس نوڪري ختم ڪئي، تہ هڪدم جي. ايس. ٽي. جو آرڊر مليو ۽ هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ، جتان پوءِ ٽنڊو جان محمد ۽ هٿونگو بدلي ٿيو. ڪيس سندس ڀاءُ روپي جو سهارو هو. اهو بہ سال 1965ع ۾ موڪلائي ويو. جنهن جو ڪيس تمام گهڻو صدمو رسيو. جو برداشت ڪرڻ کان

ٻاھر ھو. ڪرشن لعل پھرين شادي ڳوٺ ڪارسر تعلقہ ننگر پارڪر مان، ھرجي مل جي نياڻي تاجو ٻائيءَ سان ڪئي جا ذات جي ڪڏيچي ھئي، ۽ ڊليوريءَ دوران فوت ٿي ويئي.

وري ٻي شادي ڳوٺ سوراچند مان، پريما رام واڌا نجار جي سُپتري ڏنو ٻائيءَ سان ٿي، جا ھڪ پتي ورتا استري ثابت ٿي ۽ وڏي ڀاڳوان ھئي جنھن کيس ھڪ ڌي ۽ 8 پُٽن جو اولاد ڏنو. 1. رميش HST 2. پرڪاش HST 3. اشوڪ ASI 4. واشديو انٽرپاس ذاتي ڪاروبار 5. منسک BA ذاتي ڪاروبار 6. سريش پوليس SRP حيدرآباد 7. ڪيلاش آرمي EME ڪور ڪراچي، ۽ 8 جئہ رام پوليس SPA ڪراچي حال سندس نياڻي لڇمي ٻائي جيڪا سُکپور ۾ پرڻايل آھي جو خوش گھراڻي ۾ آھي. سندس ڌرم پتنيءَ جي شيوا ۾ مھمان نواز پتي ورتا ناري زندگيءَ جي سفر ۾ شامل ٿي. سائينءَ کي سنڌي، انگريزي، فارسي، گجراتي، ھندي ۽ سنسڪرت ٻولين تي عبور حاصل ھو. اسڪول ۾ سبجيڪٽ ۾ حساب، الجبرا ۽ تاريخ ۾ قابل استاد ليکيا ويندا ھئا.

1986ع کان 1993ع تائين ھُن سنڌ جي اٽڪل 22 مڊل ۽ ھاءِ اسڪولن ۾ نوڪري ڪئي. جنھن ۾ ڀٽ ڀائيٽي، ننگرپارڪر، ٺٽو ڪنري، ڏانو ڏانڌل، ٽنڊو جان محمد، رسول آباد، جھڏو ڪانٽيو ديھہ 170، نئوڪوٽ، ڪپرو وغيره شامل آھن. ھُن جتي بہ نوڪري ڪئي، اتي سچائي ۽ ايمانداري ۽ نوڙت جا اھڙا نقش ڇڏي آيو جو صدين تائين اتي جي ماڻھن جي دلين تي اُھي نقش، پڪي رنگ سان چٽيل رھندا. اَمُلھہ انسانن جي ڪردار جي مھڪ صدين تائين محسوس ٿيندي آھي. ڪرشن لال پنھنجي جيوَن کي علم جي جوت جلائڻ ۽ جھالت جي ٻاٽ کي شڪست ڏيڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اھڙي اعليٰ معيار وارا استاد جن قومن جي ڪرمن ۾ نصيب ٿيا، اُنھن قوم جي ھيرن کي پنھنجي صلاحيتن ذريعي جھومر سان جھومرائي ڇڏيو. تاريخ جي ڏڳن تي اُھي ديپ ڏُکائي ڇڏيا، جنھن کي جھالت جو جھونڪو ڪڏھن بہ اجھائي نہ ٿو سگھي. سائين ھڪ بھادر انسان ھو. ڪڏھن بہ ڪنھن اڳيان جُھڪيو نہ، ۽ ڪڏھن بہ اصولن تي سودو نہ

ڪيو. سدائين مصيبتن ڪي مُرڪي سويڪار ڪندو هو. سائين هڪ داني پرش هو جو غريب شاگردن کي ڪپڙا، ڪتاب، پينون ۽ فيون پنهنجي گهران ڏيندو هو. جو ڪنهن کي خبر نہ هئي ۽ هُن غريب شاگردن کي يونيورسٽين تائين مالي ساهتا ڪئي. تمام مهمان نواز هوندو هو.

سائين ڪرشن لال هڪ درويش صفت انسان هو. جنهن سچي حياتي ايڪتا، اهنسا، سچ ۽ حق جو وکر وهايو. ظاهر آهي تہ اهڙا انسان ٻين ڪاڻ جئيندا آهن. پارڪر جي خطي اهڙا مٽيادار ماڻهو پئدا ڪيا، جن عمل، علم، قلم، سورهيائپ ۽ سچائيءَ جي ميدان ۾ پيير تي ڏونڪو هنيو. پر درٻاري تاريخ نويسن، درٻارن کي سُورما ڪري پيش ڪيو آهي. پارڪر جي صدين جي تاريخ کي لڪايو آهي. روپلي ڪولهي جي سورهيائپ تي دنيا جا مظلوم ناز ڪن ٿا. پر مقامي تاريخ نويسن پنهنجي اڇوتپڻي جو مظاهرو ڪندي روپلي کي اها ميتا نہ ڏني جيڪا هو لهي. سائين ڪرشن لعل پنهنجي جيون چرتيہ ڪتاب ۾ پارڪر جي پٽريلي مٽيءَ مان، انهن عظيم ڪردارن کي کوٽي ڪڍي تاريخ کي جيڪي هي ورق ڏنا آهن، ان کي پارڪر جي اصل تاريخ چيو وڃي ٿو.

سرڳيہ ڪرشن لال هڪ ملنسار، مانيٽو ۽ مريادا وارو ماڻهو هو. جنهن هميشہ اهڙو وکر وهايو جو پئي پراڻو نہ ٿيو. هن جنهن ڪڙم ۾ اک پٽي، اهو ڪڙم انساني اڻ برابريءَ جي اڏيءَ تي لڇندو رهيو. اهڙي ماجرا کان نفرت جي سُٽي هن جي ماءُ جي پيٽ ۾ ئي ملي چُڪي هئي. پر هن جنم وٺي جڏهن هوش سنڀاليو تہ آس پاس جي ماحول کيس گهڻو ڪجهہ سيکاري ڇڏيو. ان ڪري هن جبل جهاڳڻ کي بهتر سمجهيو پر سندس ماتا جي اندر جي آس هن کي علم واري راهہ جو راهي بنايو. هن جيڪو ڪجهہ پڙهيو سکيو. ان کي ٻين تائين پهچايو. پيغمبري پيشي ۾ هن پنهنجي نانءُ نمايان رکيو. هر شخص کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهڻ، سٺي تعليم ڏيڻ جون هدايتون ڪندڙ هيءُ شخص سچ تہ تعليم ۽ اخلاق جو ادارو لڳندو هو. اهوئي سبب هو جو ننگرپارڪر شهر توڙي ڀرپاسيءَ جي رهواسين جي دلين

۾ سائين ڪرشن لال جي سون سريکي ساروڻين جا اج ٻه سُر چڙن ٿا، ۽ سندس شخصيت لاءِ عزت ۽ احترام موجود آهي، ۽ جنهن جو سلو سندس اولاد کي نصيب ٿي رهيو آهي. هن صاحب تعليم جي پرچار ڪري سوين ذهن سنواريا، غريب شاگردن کي ودياوان ڏنو اگهور ننڌ مان سڄاڳ ڪيو. سائين هميشہ چوندو هو توهان ۾ جيتري گهڻي روشني هوندي، اوترا پروانا گهڻا مڙندا. ڪرشن لال پريم سان پڙهائڻ لکائڻ، غريبن کي پنڌارو ڪارائڻ، اعليٰ سوچ رکندڙ پنهنجن پراون کي هڪ ڪري سمجهڻ ۽ سناتن ڌرم جي چاڻ رکڻ وارو هيءَ ڪارونجهر جو مهان پُرش ٿي گذريو آهي. اهڙي خدمت ڪندڙ هن وقت ڪو ورلي ملندو. جنهن پنهنجو اوتار سڦل ڪيو. جيئن مُشڪ ۽ ڪٿوري ويڙهي رکي ٿي سگهجي، ائين ڪنهن اهلِ علم ماڻهوءَ جي مهانتا ٻه ڪنهن کان لِڪجهي نہ ٿي رهي.

ننگر پارڪر ۾ اڳ ۾ امتحان جو سينٽر نہ هو. جو هُن سال 1995ع ۾ سينٽر مقرر ڪرايو. جو اڳ ۾ اسلام ڪوٽ هو. پاڻ ڪچهريءَ ۾ هميشہ ڪامريڊ لينن کان وٺي سوڀي گيانچنداڻي تائين، روپلي ڪولهي جي دليري ۽ چام ساڻيءَ جي سختين سهڻ جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. سائين جي تعليم جي روشني ۾ ڪيترا آفيسر ٿيا. خاص ڪري ڊاڪٽر شنڪر لال ڪاسبو، ڊاڪٽر چيتن ڪولهي ڪوئاڙا، ڊاڪٽر اورنگزيب ساند، ڊاڪٽر علي مردان ڪوسو سائين جا شاگرد هُئا. سائينءَ جي پٽ پائتي اسڪول ۾ رهڻ وقت، ڪيترائي ٿر جا شاگرد اُتي وچي پڙهندا هئا. اهو اسڪول حاجي محمد عثمان مري، هڪ فرشتہ نما انسان، اسڪول ۾ پڙهندڙ سيني شاگردن جو خرچ، ڪاڏو پيتو فيس وغيره پاڻ ڪندو هو. انهي سڄي ڪم لاءِ سائين ڪرشن لعل مقرر ڪيل هو، جنهن پنهنجي ايمانداري ۽ فراخدليءَ سان ٿري شاگردن جي مدد ڪئي، ۽ اُهي اج وڏين وڏين نوڪرين تي آهن. سائين ٻه حاجي محمد عثمان مريءَ جي صحبت ۾ گهڻو ڪجهہ پرايو جنهن جو مثال سندس ڪردار آهي.

پارڪر ۾ ميگهواڙ جي تنظيم جو اڳواڻ ۽ پايو وجهندڙ سائين ڪرشن لعل هو. سندس دوست، مرحوم سڳاڙچند سيجو، مرحوم استاد پيم سين، مئنيجر خوشحال داس، ٽيڪم داس ڪولهي، حاجي

محمد عثمان مري ڪاھي وارو، مسڪين جھان خان کوسو سيٺ خوشيرام، خوشحالداس، دلپراءِ، امرسنگھ قابل ذڪر آھن. سندس نالي، ”ڪارونجھر جو ڪرشن“ نالي ڪتاب بہ ڇپيل آھي. سائين تعليمي ماھر سان گڏوگڏ ھندو ڌرم جي ڄاڻ رکندو ھو. ھندو ڌرم ۾ پورو پورو وشواس ھو. گيتا جي، رامائڻ، ويد ۽ شاسترن جو ڄاڻو ھو مذھبي ڄاڻ وسيع ھئي. روزانہ پرھہ جو سنان ڪري گيتا پاٺ ڪندا ھئا ۽ پابنديءَ سان پوڄا پاٺ ڪندا ھئا. ڌرماتما ۽ غريبن جا ھڏ ڏوکي ھئا. سچ ۽ نيڪ نيتيءَ سان ھلڻ لاءِ چوڪرن کي تلقين ڪندا ھئا، گڏوگڏ سندن سماجي حيثيت بہ ھئي. ھندو توڙي مسلمانن ۾ عزت ھئي. پاڻ ملنسار، خوش طبع، مددگار ۽ سماج سڌارڪ ھئا. ميگھواڙن ۾ ريتن رسمن جي ڪافي ڄاڻ ھئي. مطلب تہ ھڪ چندن جي وڻ مثل ھئا جنھن جي خوشبوءِ پوري پارڪر ۾ ڇانئيل رھندي ھئي. دنيا ھڪ مسافر خانو آھي. جيڪي آيا آھن سي ضرور واپس ويندا، سائين ڪرشن لال بہ پنھنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪري، تاريخ 06-09-2001 تي پنھنجو سٿول سرير ڇڏي، سندس طائر (چيتن شڪتي) پروازڪري سرڳ پوري ۾ ھليا ويا. سندس نالو امر رھجي ويو، جو صدين تائين قائم رھندو. پارڪر جي ميگھواڙ برادري ۾ وري صدين کان پوءِ ڪرشن لعل جھڙا محب پُرش پئدا ٿيندا.

مجتا طور اڳوڻي صوبائي وزير تعليم پير مظھر الحق پاران، ننگرپارڪر جي دوري دوران، ننگرپارڪر شھر جي مين بوائز پرائمري اسڪول جو نالو نامياري استاد ۽ ماھر تعليم ڪرشن لعل ڊي. جيسواڻيءَ جي نالي سان منسوب ڪرڻ جو اعلان ڪيو ھو. جنھن جو نوٽيفڪيشن 1969ع ۾ گورنمينٽ آف سنڌ ايجيوڪيشن ائنڊ لٽريسي ڪراچيءَ پاران جاري ڪيو ويو آھي. نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ سان، ننگر پارڪر جي سجاڻ ڌرين پاران خوشيءَ جو اظھار ڪيو ويو آھي.

# تيرٿداس اُميداڻي

جب تم آئے سنسار میں، جگ ہنسا تم روئے،
اب ایسی کرنی کر چلو، تم ہنسو جگ روئے۔

جيئن چنڊ، تارن، هوائن، درياهن ۽ لهرن جو ڪوبہ مذهب يا فرقو ناهي هوندو تيئن انساني سوچ بابت دل ۾ سچائيءَ رکي سوچيندڙ شخص جو بہ ڪو خاص گهر يا حلقو نہ هوندو آهي. منهنجي آڏو بہ اهڙي هستي آهي جيڪا روح جي راڙي کي ٻڌندڙ ڪن رکڻ سان گڏوگڏ، انهي دلٻوڙ ڪيفيت جي علاج ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي. لطيف سائينءَ جي هِن ڌرتي پنهنجي ڪُکَ مان انيڪ املهہ ماڻڪ پيدا ڪيا آهن. جن پنهنجي فهم، علم، اخلاق، ڏات، سوچ لوچ، محبت دانائي دليري ديانت ۽ دانشمنديءَ سان هن خطي جي مفلس ۽ ابوجهہ ماڻهن لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ علم جي روشنيءَ سان سرشار ڪيو. اهڙوئي هڪ تعليم دان ۽ تاريخ نويس شخص، شري تيرٿداس اُميداڻي صاحب، تاريخ 22 نومبر 1946ع ۾ ڳوٺ نصير خان لغاري تعلقہ چمبڙ ۾، سرڳيہ شري وسنداس اُميداڻي جئپال، هڪ مهان ڪوي ۽ سنت جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ريکي بائي ذات پُنوار اصل ڳوٺ باغ واهہ لڳ حيدرآباد ۽ پاڪستان ٺهڻ بعد لڏي اچي مِسڻ وڏي، تعلقہ ٽنڊو الهيار ۾ رهائش اختيار ڪئي. پاڻ شادي سال 1965ع ۾ شريمتي جيان بائي، ڌي هرچند مل، ذات ڏيار ڳوٺ ڏتو ڪالرو، تعلقہ ٽنڊوالهيار سان ڪئي، جنهن مان کيس اولاد بہ نياڻيون ۽ ٽي پُٽ آهن. 1. ڪشور ڪمار، جيڪو پرائمري ماستر آهي. 2. نندلال، جيڪو پرائيويٽ ٽيچر انگلش ميڊيم ۾ آهي. 3. گووند لال مائيننگ ڊپارٽمينٽ ۾ انجنيئرنگ پاس ڪري نوڪريءَ جي انتظار ۾ آهي.

پاڻ پرائمري تعليم پرائمري گورنميٽ اسڪول نصير خان لغاريءَ مان حاصل ڪئي. انگريزي چوٿين ۽ پنجين درجي ۾ اسلاميہ مڊل اسڪول مِسڻ وڏيءَ ۾ عربي سبجيڪٽ بہ پڙهيو ۽ مڪمل مهارت حاصل ڪيائين.

مئٽرڪ سال 1963ع ۾ سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ٽنڊو الهيار مان پاس ڪيائين. BA سال 1968ع ۾ اولڊ ڪئمپس يونيورسٽي سنڌ مان، MA سنڌيءَ ۾ سال 1971ع ۾ يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو مان، BEd سال 1970ع ۾ اولڊ ڪئمپس سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ۽ M.Ed سال 1987ع ۾ اولڊ ڪئمپس سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان پاس ڪيائون. سندس پهرين مقرري تاريخ 1964_05_12 تي انگلش ٽيچر گورنمينٽ مڊل اسڪول مبارڪ جروار تعلقہ ٽنڊو الهيار ۾ مقرر ٿي. سندس سروس جو سفر گورنمينٽ مڊل اسڪول پاڪ سنگهار، گورنميٽ مڊل اسڪول ڇمبڙ، گورنمينٽ مڊل اسڪول ڪوڪر، گورنميٽ مڊل اسڪول پيارو لنڊ، گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول ڇمبڙ، سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ٽنڊو الهيار، گورنمينٽ هاءِ اسڪول مِسڻ وڏي، گورنمينٽ هاءِ اسڪول سنجر چانگ، گورنميٽ هاءِ اسڪول تاج پور، گورنمينٽ هاءِ اسڪول خير محمد جروار ۾ هيڊ ماستر ٿي رهيا، ۽ 87_6_01 کان 93_01_07 تائين سپروائيزر پرائمري اِيجوڪيشن ٽنڊوالهيار ۽ آخر ۾ پرنسپال گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول ڇمبڙ مان 2001_11_21 تي خير خوبيءَ سان پرنسيپال جي عهدي تان رضاڪارانہ طور رٽائرمينٽ ورتي.

انهيءَ ڪانسواءِ سائين تيرٿداس اُميداڻي صاحب، ماسٽر ٽرينر ۽ ٽيوٽر طور ڪافي وقت ڪم ڪيو آهي. ٽيوٽر ٽيچنگ انگلش لينگويئج 1989ع سينٽر ٽنڊو الهيار رهيو. سال 1995ع کان 1996ع تائين ماسٽر ٽرينر آف ٽيچنگ انگلش لينگويئج ٽو پرائمري اسڪول ٽيچرس ڪرئيش پروگرام، ڪريڪيولم ايڪسٽينشن ونگ سينٽر سب ڊويزن ٽنڊو الهيار ائٽ ڇمبڙ. سال 1998ع کان 1999ع پي. ٽي. سي ٽريننگ ڪورس پروگرام، بيورو آف ڪريڪيولم ائنڊ ايڪسٽينشن ونگ حيدرآباد طرفان سينٽر ٽنڊو ڄام ۽ ٽنڊو الهيار. 1997ع کان 1998ع تائين B.Ed ٽريننگ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام ائٽ ٽنڊو الهيار. 1995ع کان 1997ع تائين B.Ed ٽريننگ يونيورسٽي آف سنڌ اولڊ ڪئمپس حيدرآباد ائٽ ٽنڊو الهيار. سال 1991ع، 1992ع، 1993 1995ع ۽

1996ع B.Ed ٽريننگ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ائٽ ٽنڊوالهيار ٿي رهيا. نصابي خدمتن طور مرڪزي نصابي ڪاميٽي محڪمه تعليم، فيڊرل گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد، سبجيڪٽ اخلاقيات ڪي تعليمي نصاب ۾ شامل ڪرڻ ۽ مرتب ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ مشورا ڏيڻ، تہ جيئن انهن جي روشني ۾ اخلاقيات جو ڪتاب غير مسلم شاگردن لاءِ ڪلاس 1 کان 9 لاءِ تصنيف ڪيو وڃي.

پاڻ گورنمينٽ مڊل ۽ هاءِ اسڪولن ۾ عربي سبجيڪٽ 15_16 سالن تائين پڙهايائين. سائين تيرٿداس اُميداڻي صاحب سال 1971ع کان اڄ تائين ادبي ڪيتر سان واڳيل رهيو آهي. پاڻ هڪ ڪهاڻيڪار آهي ۽ علمي ادبي مضمون، تاريخ، تحقيق ۽ ترجمو ڪرڻ جي صفت بہ منجهن آهي. سندس پهريون پُستڪ ”رنگ مالا“ جيڪو هُن اپريل 1972ع ۾ لکيو هو. جيڪو سندر شيوا منڊلي ڪوٽڙيءَ طرفان جولاءِ 1973ع ۾ شايع ڪيو ويو. انهي کانسوءِ سندس شايع ٿيل ڪتاب شُڀ تهوار، گيان پرڪاش، ايشور اُپاسنا، آتم درشن، ديوالي پوجن ۽ شري ڀڳوان جا 108 نالا، ويد اپديش، سورنهن سنسڪار ۽ آنند ساگر شايع ڪرايا. جيڪي سناتن ڌرم لاءِ بي بها پيتائون آهن.

انهيءَ کانسواءِ هندي ٻوليءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ۽ شايع ٿيل ڪتاب شري راماپير، گرڙ پراڻ، ساوڻ مهاتم، گرو گورک اپديش، ڌارمڪ چلڊرينس نالا، اگيارس مهاتم ۽ تن درپن وغيره وغيره. انهي کانسواءِ سندس مشهور ڪهاڻيون ڪوئل جي پُڪار، ديوانو دوست، جي ڪُتيون تڪبير، صندوق ۾ سمونڊ، چري، دل جي درياءَ مان پکيءَ جو پرواز، اڪبر بادشاهہ ۽ بيربل جا گفتا، سڏونت سارنگا ۽ ڌمڻ سونارو جيڪي روزنامہ عبرت ۽ هلال پاڪستان اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن.

انهي کانسواءِ ڪيترن ئي ناولن جا ترجما ڪيا اٿس، آفريڪن ناول ٿنگس فال اپارٽ (Things Fall Apart) جو سلوٽي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل، جيڪو ”سرواڻ“ اخبار حيدرآباد ۾ ”وڪريل شيون“ جي عنوان سان قسط وار شايع ٿيل. ”طوطو مينا“ اصل هنديءَ ۾ لکيل جو سليس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل، ”تن درپن پرڪاش“ مهان جوڳي تپشوي ۽ ڪوي شري شيواناٿ سواميءَ جي ڀڄن رچنا جو هندي

ٻوليءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل. روزانہ ”سنڌو“ اخبار حيدرآباد ۾ ”سوچ ۽ لوچ“ ڪالم شايع ٿيل آهي. سائين تيرٿداس اُميداڻي صاحب مسلسل تهوارن ۽ ڌرم جي باري ۾ ڄاڻ ۽ اوتارن جي جِيوَن چرتر، جنم ڏڻن جي موقعي تي اخبارن ۽ رسالن ۾ خصوصي مضمون ڇپائي شايع ڪرائيندو رهيو آهي. جهڙوڪ تهوار هولي، ديوالي، جنم اسٽمي، شِو راتڙي، رامائڻ فلاسافي ۽ ڀگوت گيتا اُپديش ۽ جنم ڏينهن تي شري ڪرشن ڀڳوان، شري شو مهاديو شري پير پٿورو صاحب، شري راماپير صاحب، شري اڏيرو لال سائين ۽ شري گرونانڪ صاحب، ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ڀٽائي صاحب جي رسالي مان صوفي اِزم تي مختلف سُرن جا آرٽيڪل بہ لکيا. سُر ساموندي، سُر رپ، سر ڪاموڏ، سُر مارئي، سُر ڪلياڻ، سُر ڪاهوڙي، سُر آسا، سُر پرڀاتي، سُر ڏهر، سُر پورب، سُر سورٺ، سُر گهاتو، سُر سارنگ ۽ ٻيا جيڪي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن.

هن وقت سائين تيرٿداس اميداڻي رگ ويد هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي ۽ تارا ترا مَنَ، شڪتي ساگر، سنسار ساگر ۽ ويد واڻيءَ جهڙا انمول ڌرمي پستڪ جلد شايع ٿيڻ وارا آهن. اهڙي ڄاڻ اسان عام ماڻهن تائين پهچائڻ ۽ پرچار جي انمول سلسلي کي قائم رکيو اچڻ قابلِ داد آهي. سناتن ڌرم جي گيان پرڪاش ڪرڻ ۽ ”ميگهہ ونس اتهاس“ تحقيقي ڪتاب، جيڪو سال 2005ع ۾ ڇپيو هو، اُهو ايڪويهين صدي، سائنس ۽ ڪمپيوٽر جي دؤر ۾ هڪ پُستڪ نہ پر هڪ قومي تاريخ آهي. جنهن کي شري تيرٿداس اُميداڻي صاحب پنهنجي اعليٰ صلاحيتن ۽ محبت جي جذبي سان سرشار ٿي عملي جامون پهرايو. سماج جي اُٿاين کي انسانيت جي اهميت ۽ اُڏام لاءِ پنهنجي قلمي سوچ سان جاڳرتا ڏني. سندس ڪاوشن ۾ حقيقي رشي، منيءَ جي واسنا اچي ٿي. ”ميگهہ ونس اتهاس“ ۾ ليکڪ ڌارمڪ رهڻي ڪرڻي ۽ وشواس، آريہ سماج کان شاسترن ۽ ويدن جا متا کولي بيان ڪيا آهن، ۽ گيان ڏنو آهي، تہ جيئن جاگرتا جي ساڌنا جلد اوچائي کي ڇُهي سگهي.

سائين تيرٿداس اُميداڻي صاحب، شري رائچند رانوڙ صاحب ڪانپوءِ ٻي اهم شخصيت آهي، جنهن تاريخ جي موضوع تي قلم کنيو آهي. شري رائچند رانوڙ صاحب تاريخ ريگستان (ٻہ جلد) لکي ٿر ۽ پارڪر جو تاريخي پس منظر ويدن ڪان وٺي جديد دؤر تائين اُجاگر ڪيو. پر شري تيرٿداس اُميداڻي صاحب ”ميگهہ ونس اتهاس“ هڪ تحقيقي تاريخي ڪتاب لکي نہ رڳو ميگهواڙ جاتيءَ مان ادنائپ ۽ احساس ڪمترِيءَ ختم ڪيو آهي، پر ڪين اُن مقام تي پهچايو آهي، جو هن جاتي جا نوجوان، استاد، ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر ۽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڳتي آيا آهن. هيءُ طبقو لطيف جي تعليمات جو پوئلڳ بڻجي چُڪو آهي. جنهن ۾ واضح طور چيو ويو آهي تہ:

”ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.“

سائين تيرٿداس اميداڻي شروعات ڪان وٺي اڄ تائين هڪ سماج سڌارڪ انسان ٿي رهيو آهي، ۽ اڄا تائين سماجي ڪمن سان لاڳاپيل آهي. پاڻ آل پاڪستان غوثيہ جماعت (ملتان) شريف سرڪل چمبڙ جو جنرل سيڪريٽري ۽ آڊيٽر ٿي رهيو آهي. صدر ميگهہ رِک ايجيوڪيشن ايسوسيئيشن چمبڙ، چيئرمين آئيني ڪاميٽي سنڌ ميگهہ رِک ايسوسيئيشن چمبڙ، خزانچي گستا گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن يونٽ گورنمينٽ مڊل اسڪول پاڪ سنگهار، جنرل سيڪريٽري بزم لطيف يونٽ گورنمينٽ مڊل اسڪول پاڪ سنگهار تعلقہ ٽنڊو الهيار، ميمبر سنڌي ادبي سنگت چمبڙ، چيئرمن ڪو ڪريڪيولر ڪاميٽي، سنگيت ڪاميٽي، ڊراما ڪاميٽي، مذهبي ڪاميٽي، آف هاير سيڪنڊري اسڪول چمبڙ ضلع ٽنڊوالهيار، ۽ چيئرمين پئرينٽ ٽيچرس ايسوسيئيشن (PTA) هاءِ اسڪول تاجپور، چيئرمين پئرينٽ ٽيچر ايسوسيئيشن (PTA) هاءِ اسڪول خير محمد جروار، چيئرمين پئرينٽ ٽيچر ايسوسيئيشن (PTA) هاءِ اسڪول پاڪ سنگهار، چيئرمن اسڪول مئنيجمينٽ ڪاميٽي گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول چمبڙ، چيئرمن، آرگنائيزنگ ائينڊ مئنيجمينٽ ڪاميٽي هائر سيڪنڊري اسڪول چمبڙ ضلع ٽنڊو الهيار جا ٿي رهيا آهن.

شري تيرٿداس اميداڻي صاحب جي ڪيل مهان ڪارڪردگيءَ تي ڪيس سال 2006ع ۾ ”ميگهہ ونس اتهاس“ ڪتاب لکڻ تي مڃتا طور روحل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي امر وير لڏارام ايوارڊ 2006ع سان نوازيو ويو. انهي ڪانسواءِ Best Performance Award فيلڊ آف ايجيوڪيشن ڊويزنل ايجيوڪيشن آفيسر ٽنڊو الهيار طرفان مليو. ڪميشن فار هيومن ڊيولپمينٽ ضلع ٽنڊو الهيار World Teachers Day جي موقعي تي 5 آڪٽوبر 2012ع ۾ Best Teacher Award سان نوازيو ويو. انهي ڪانسواءِ ڊسٽرڪٽ ايجيوڪيشن آفيسر حيدرآباد ۽ ايڊمنسٽريٽر ٽائون ڪاميٽي چمبڙ طرفان بہ Best Teacher Award سان نوازيو ويو. پاڻ پنهنجي پوري نوڪري عزت ۽ مان سان، ۽ آخر ۾ پرنسپال جي پوسٽ (BS_18) تان خير خوبيءَ سان تاريخ 2001_11_21 تي رضاڪارانہ طور رٽائرمينٽ ورتائين.

# سنيپو مل هميراڻي

(05_01_1948 کان 02_08_2003)

هنجهن سين هيڪارَ جي ڳُڻ ڪري نهاريين،
ٻگهن سين ٻِيهارَ ٻيلهہ نہ ٻڌين ڪڏهين.
(شاهہ)

سنڌ جي پسمانده خطي ٿرپارڪر تي نظر وجهبي، تہ انيڪ هيرا ۽ موتي داڻا ۽ مهان پُرش ذهن جي تِج اسڪرين تي تري ايندا. جن ۾ ”تاريخ ريگستان“ جي ليکڪ رائچند راٺوڙ کان وينديسنيپو مل هميراڻيءَ تائين، سگهاڙچند سيجو کان وينديمسڪين جهان خان کوسي تائين، شخصيتن جي سحر جو سلسلو اجا گهڻو طويل آهي.

سنيپو هميراڻي 5 جنوري 1948ع تي، ٿر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ همير جي ڊاٽي ۾، استاد گورڌن داس جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو هيمان گنديرِ، جيڪا ڳوٺ ڪانڪيو، تعلقہ ڇاڇرو جي هئي. سنيپو مل پاڻ شادي شهر مٺيءَ مان، مهرو مل کوکر جي نياڻي چندران سان ڪئي، جيڪا ڀيرو مل ٻالاڻي، سابق MPA جي ڀيڻ آهي. جنهن مان کيس 4 نياڻيون ۽ 4 پٽ آهن. 1. ڪيلاش، پوليس ڪنسٽيبل، 2. سپاش پوليس ڪنسٽيبل، 3. آڪاش ۽ وشال پڙهن پيا. هن وقت همير جي ڊاٽي مان لڏي مٺيءَ شهر ۾ رهن پيا.

سنيپو مل 5 درجا پرائمريءَ جا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهي، پوءِ پٽ پائٽي وچي هاير سيڪنڊري تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ڪاليج جي تعليم حيدرآباد ڪاليج مان ورتي بعد ۾ ايم. اي. سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪيائين. لکڻ جي شروعات بہ شاگردي واري زماني کان ڪيائين. سنيپو مل هميراڻيءَ کي 1970ع ڌاري پرائمري ماستريءَ جي نوڪري ملي. علم ۽ ادب سان ننڍپڻ کان لڳاءُ هئس انهي ڪري انگريزي تعليم دوران، هاءِ اسڪول پٽ پائٽي جي لائيبرريءَ ۾ مطالعو ڪندو رهيو.

سال 1967ع ۾ مارئيءَ جي ميلي پالوا ادبي ڪانفرنس ۾ هن پهريون ڀيرو مقالو پڙهيو. بعد ۾ سندس لکڻين جي معيار کي ڏسي غلام محمد لغاري هفتيوار ”سچائي“ ۽ ”بيداري“ لاءِ ضلع ٿرپارڪر

جو نمائندو مقرر ڪرڻ سان گڏوگڏ، ايڊيٽوريل بورڊ جو صلاح ڪار مقرر ڪيس. هن ٿر جي زندگي، تهذيب ۽ ثقافت تي ليک لکيا، جيڪي ڏاڍا مقبول ٿيا. سچائي ۽ بيداريءَ ڪانسواءِ ماهوار بادل، روح رهاڻ ۽ سهڻي رسالن ۾ شاعري، مضمون ۽ ڪهاڻيون ڇپيون. ان ڪانسواءِ سنيو مل هميراڻي هڪ اسٽيج ڊرامي ”عمر مارئي“ ۾ هيري جو ڪردار پڻ ادا ڪيو. هن جون لکڻيون سنڌي ٻوليءَ جي اڪثر معياري رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون، ۽ سندس شاعري بہ ڇپي، شاعري بہ پورهيت ۽ مسڪين ماڻهن جي دردن جو داستان آهي. سنيو مل جو هڪ ٻيو پهلو سماجي ورڪر جو آهي. 1967ع کان ئي مسڪين جهان خان کوسي جي صحبت ۾ رهڻ جو موقعو مليس. مسڪين جهان خان سندس پيارو دوست هو. هو ٿر جي ڪيترن ئي تنظيمن جو ميمبر ٿي رهيو هو.

سنيو مل هميراڻيءَ جيان سندن خاندان بہ ادبي، سياسي ۽ سماجي ۽ اعليٰ انساني شعور رکندڙ رهيو آهي. سنيو مل جو والد گورڌنداس بہ هڪ سٺو استاد ۽ اڳوٽي ضلع ٿرپارڪر جي ضلع اسيمبليءَ جو ميمبر بہ ٿي رهيو آهي. سندس چاچو پنهون هميراڻي، مهاتما گانڌيءَ جي لوڻ تحريڪ، ضلع ٿرپارڪر جو اڳواڻ هو. تحريڪ آزاديءَ ۾ حصو ورتو. ان ڪانسواءِ هن خاندان، مختلف شخصيتن مثلاً مسڪين جهان خان کوسي، عالم چند ڪولهي ۽ گهمن سنگهہ ڀيل سان گڏجي سوامي ڪرشنانند ۽ فاطمہ جناح کان مدد وٺي، هريجن اسڪول کولرايا. سنيو مل هميراڻيءَ جي خاندان جو ڳچ حصو تعليمي پيشي سان سلهاڙيل رهيو آهي، جن ۾ استاد جالو مل، نيڀراج مل، جوڌو مل ۽ سترام داس بہ شامل آهن. جيڪي پنهنجي دؤر جا معتبر استاد ليکيا وڃن ٿا.

سنيو مل هميراڻي ساڃاهہ وند شخصيتن جي تربيت، ۽ هم خياليءَ کي پاڻ ۾ سمائيندي ديش ڀڳتي، سماجي خدمت ۽ ادبي ساڃاهہ جي سورج جو عاشق ٿي پيو. هو امن جو ديپ هو هن پنهنجي سُهائيءَ سان روشن ٿيندڙ سماج پنهنجي اکين سان ڏٺو. سنيو مل ڪڏهن حيدر بخش جتوئي، تہ ڪڏهن غلام محمد لغاري، تہ ڪڏهن

سائين جي. ايم. سيد جي آشياني ۾ سدائين اڳڀرو رهيو. سنيپو مل سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان قومي ٻوليءَ جي بقا لاءِ هليل تحريڪ ۾ حصو ورتو. شيخ اياز ۽ استاد بخاري جڏهن شاعريءَ وسيلي قوم کي جاڳائي رهيا هئا، تڏهن سنيپو مل به ان رُج ۾ ڳائيندو رهيو:

ٿر بر کينجهر ڪارونجهر،
بيت پٽائيءَ گونجن گهر گهر،
مارو جئيندا زنده رهندا.

سنڌ جي ٻن ناميارن اديب پائرن خاڪي ۽ تاج جويو کان وٺي، سنڌ جي کيترن ئي اديب، شاعرن ۽ ڪارڪنن آزمائش ۽ روپوشين جا ڏينهن سنيپو هميراڻيءَ جي گهر گوڙيهار ۾ گذاريا، جتي نه صرف انهن کي پنهنجي پناهه گاهه ملي، بلڪ فطري حُسناڪيءَ کي لفظن جي مالها ۾ پروئڻ جو موقعو به مليو. سنڌ جي مشهور شاعر راشد مورائي پنهنجو مشهور گيت (دل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا! ٿورڙوئي وسين ها ته ڇا ٿي ٿيو) گوڙيهار جي پٽن تي ويهي لکيو.

سنيپو مل "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" جي پروجيڪٽ لاءِ ٿرپارڪر جو سرپرست اعليٰ پڻ رهيو آهي، ۽ پنهنجي ساٿين سان گڏجي پروجيڪٽ لاءِ باقاعده ڪم ڪيو ۽ کيترو ئي مواد سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ حوالي ڪيو. سنيپو مل هميراڻي کيترائي تحقيقاتي مقالا لکيا، جن ۾ "پٽائي، ٿر جي جاگرافيءَ جو ماهر"، ٿر جا استاد، تعليمي نظام، ميگهواڙن جا لوڪ گيت، "سنڌ جي اڏاوت ۾ ميگهواڙ قبيلي جو ڪردار" ۽ "مارئيءَ جو ملڪ ۽ ذات" قابلِ ذڪر آهن. سنيپو هميراڻي پ. ٿ. الف. جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو ۽ استادن جي مسئلن جي حل لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. سنيپو هڪ آدرشي انسان هو. اياز وانگر هن اديب به ڪويتا وسيلي اسان کي الوداع ڪئي:

وري مينهن وٺا، ساوا گاهه ڦُٽا،
منهنجا پنڌ کُٽا، او منهنجا ساٿيئڙا!

ڇپر ۾ ڇانوري جھڙو شخص، قافلي جو روح روان، اسان کان موت جدا ڪري ويو. هن جي جدائيءَ سان اسان جي حياتي جي حوصلي جا پَل وِکري ويا ۽ روشنيءَ جو باب اڌ ۾ رُڪجي ويو. نوجوان شاعر حاجي ساند جي لفظن ۾ ”هر شخص ڀي تہ ڇاهيو!؟“ صوفي هيو سامي هيو، تنبوري جي تنوار هيو، مُرليءَ جي لهر هيو، ڪبير جي ڪوتا جي خوشبو هيو، موهن جي دڙي جي دانهن هيو، ديبل جي دڙي جو عڪس هيو، آروڙ جي آھہ هيو، پاري ننگر جو پرين هيو، گڏامراڻي (عمرڪوٽ) جي خودمختياريءَ جو ساکي هيو، هو شخص ڀي تہ ڇا هيو. اهو شخص سنيو هميراڻي هيو. آخر دنيا فاني آهي. تاريخ 2 جولاءِ 2003ع تي پساهہ پورا ڪيائين، ۽ اسان کان هميشہ وڇڙي ويو. سندس آخري سفر دوران وڏڦڙو وسي پيو، لڙڪن ۽ پلر جي پلوٽ سان کيس وهنجاريندي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. ٿر جي لوڪن ۾ روايت آهي تہ ڪنهن جي آخري سفر دوران مينهن وسي، تہ معنيٰ آسمان روئي پيو آهي. تاج جويي جي چواڻي:

سنيو هڪ هيو، سنيو ٿيندو ڪين ٻيو،
آءَ ڏاڍي همير جي، گڏجي مون سان رو،
منهجو ساجن تو، لڪايو ڪيئن لوڪ کان!؟

# ننگارام بي. آسناڻي
(1923ع کان 2000ع)

گهوڙن ۾ گهوٽن، جيئڻ ٽورا ڏينهڙا،
ڪڏهين منجهہ ڪوٽن، ڪڏهين راهي رِڻ جا.

ٿر جي ميگهہ ونس، مشهور استاد ننگارام جن جو جنم سال، 1923ع ڌاري ڳوٺ جوگي مڙهي، تعلقہ مٺي ضلع ٿرپارڪر ۾ پارو مل ڪاگيہ جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو شريمتي راڄو بائي، ڏي ڏيبو پنهون، جيڪا ڳوٺ ڪڙڪاسر، تعلقي ڏيپلي جي هئي. هُن بہ شاديون ڪيون هيون. پهرين شادي سال 1942ع ۾ ڳوٺ غالب جو تڙ، تعلقہ مٺيءَ مان سُرجڻ پنئار جي ڌي، شريمتي ڪيسر بائيءَ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس بہ پُٽ ٿيا پهريون پُٽ پنجن مهينن جي عمر ۾ گذاري ويو ۽ ٻيو پُٽ 1945ع ۾ ڄائو جنهن جو نالو هريش چندر هو. جو پنجون درجو پڙهندو هو تہ اوچتو بيمار ٿي پيو، علاج لاءِ L.M.C حيدرآباد داخل ڪرايو ويو، جتي آپريشن ٿيو، پر ٻچي نہ سگهيو ۽ سال 54-1953ع ڌاري فوت ٿي ويو.

اولاد نہ هئڻ ڪري ننگارام سال 1977ع ۾ ڳوٺ ويڙهار، تعلقہ ڏيپلو مان امرو مل ذات ڳورڙيو جي ڌي شريمتي سُڪان سان ٻي شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ڌي مُئل ڄائي، تنهن کانپوءِ اولاد ڪونہ ٿيو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، ۽ فائينل سال 1940ع ۾ ڇتاپيتيءَ ۾ استاد جي چوڻ موجب ڏنائين، جنهن ۾ هُن پهريون نمبر کنيو ۽ مقابلي ۾ ارباب نُور محمد راهمون، جنهن ٽيون نمبر کنيو. اهو امتحان تعلقہ مٺيءَ جو نمبر کڻڻ لاءِ زوري تياري ڪرائي ويئي. مئٽرڪ هاءِ اسڪول مٺيءَ مان، سال 1941ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان پهرين نمبر سان پاس ڪئي. سندس نالو اڄ بہ هاءِ اسڪول مٺيءَ جي بورڊ تي درج ٿيل آهي. اهو پهريون ميگهواڙ هو. جنهن جو نالو هاءِ اسڪول جي بورڊ تي لکيو ويو. جيئن تہ ننگارام کي ڪافي سارن گهرو مسئلن منهن ڏيڻو پيو ۽ ڪجهہ وقت بيمار رهڻ ڪري بہ پروموشن دير سان ٿيس.

سال 1967ع ڌاري H.S.T ٿيو ۽ سال 1979ع ۾ رٽائرمينٽ ڪيائين. ڳوٺ ۾ اسڪول سندس پتا ڀارو مل آسناڻي، سال 1927ع ۾ کولرايو. پر وري بند ٿيو ۽ ٻيهر 1931ع ۾ وري کولايو. ان وقت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ڳوٺ ۾ ٻار ٿورا هئا، ۽ اسڪول جي پهرين بينچ جو ننگارام شاگرد هو. شاگرد ٿورا هئڻ ڪري سندس پتا ڀارو مل ٻين ڳوٺن مان، جيئن ڳوٺ ڪانڪيو مان ساهو مل، موٽو مل، ڳوٺ ٻساويو مان گهمون مل ۽ ڪي مسلمان شاگرد، علو ڪوٽڙيو جا وٺي اچي داخل ڪرائي، اسڪول جو ڪورم پورو ڪيو. ننگارام ڪافي وقت ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙو ڪندي، آخر پنهنجي اباڻي ڳوٺ جوڳي مڙهيءَ ۾، تاريخ 6 نومبر 2000ع ۾ دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.

سندس پويان سڳو ڀائيٽو ماسٽر پنجو مل پٽ موٽو مل، جيڪو رٽائر ماسٽر آهي حيات آهي. ننگارام سماجي سرگرمين جي لحاظ کان هريجن سماجي جماعت جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. هو 1987ع ۾ لوڪل بورڊ جو ميمبر ٿيو. جوڳي مڙهي ڳوٺ پنهنجو پڙ 1960ع ۾ منظور ڪرايو ۽ جدا پاڙو ناهي، اُتي کوهہ تعمير ڪرايو.

ڳوٺ جوڳي مڙهيءَ جو پهريون ميگهواڙ مئٽرڪ پاس ماڻهو هو. انهيءَ کانپوءِ مئٽرڪ پاس روپچند، جيڪو ننگارام جو سئوٽاڻي ڀائيٽو آهي، سو تپيدار جي نوڪريءَ تان رٽائر ٿي ناظم يونين ڪائونسل سونل ٻهہ جو رهي چُڪو آهي. ڳوٺ جو نالو مڙهيءَ تان رکيل آهي، ۽ اٽڪل 200 سال آباديءَ کي ٿيا آهن. ننگارام هڪ هوشيار ماسٽر هو جنهن جي سرپرستيءَ ۾ ڪيترن ئي ميگهواڙ شاگردن تعليم حاصل ڪئي، ۽ اڄ وڏن وڏن عهدن فائز آهن.

# ڪاري ڪيڙائو



# ڊاڪٽر جئمل ڏناڻي

چترڪي ايڪ گهڙي، مورک ڪا چمارا،
چندن ڪا ايڪ ٽڪڙا، ڪاٺ ڪا پارا.

ٿرپارڪر جهڙي ڏورانهين علائقي ۽ انتهائي هيٺي طبقي سان واسطو رکندڙ ميگهواڙ ڊاڪٽر جئمل ڏناڻي پهريون فرد آهي، جيڪو ڪنهن يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدي تي پهتو آهي. سندس جنم تعلقي ڇاڇري جي ڏورانهين ڳوٺ، منڙيو چارڻ ۾ پاڪستان جي آزاد ٿيڻ کان اڳين سال، محترم موٽو مل ڪاڳيہ جي گهر ٿيو. سندس والد پرائمري استاد طور مختلف هنڌن تي خدمتون سرانجام ڏنيون سندس ماتا جو نالو اومان، ذات ڪڏيچہ ڳوٺ ڪوپناري تعلقہ ننگرپارڪر جي هئي. پاڻ شادي مشهور تعليم جي ماهر محترم ساجنداس چنداڻي کوکر، مٺي شهر جي نياڻي اندرا سان ڪئي. جنهن مان کيس اولاد بہ پٽ آهن. نيلمبر عرف لالو جيڪو انجنيئر آهي، ۽ ٻيو پٽ ڊاڪٽر پريت، جيڪو محمد ميڊيڪل ڪاليج ميرپور خاص ۾ چيسٽ اسپيشلسٽ طورڪم ڪري رهيو آهي. ننڍڙي جئمل ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ کان هڪ ڪلو ميٽر پنڌ تي موجود اسڪول منڙيو سوٿهڙ مان حاصل ڪئي. ثانوي تعليم هاءِ اسڪول ڏگهڙيءَ ۾ داخل ٿيو جتان 1962ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري، وڌيڪ پڙهڻ لاءِ پاڪستان جي ثقافتي مرڪز واري شهر لاهور ۾، ڪاليج آف اينيمل اينڊ هسبنڊري ۾ 1963ع کان 1968ع تائين زير تعليم رهيو ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ مان بئچلر آف وٽرنري سائنس، ۽ بئچلر آف اينيمل هسبنڊريءَ جون ڊگريون حاصل ڪيائين، ۽ 1968ع ۾ هو سنڌ حڪومت ۾ وٽرنري آفيسر طورر داخل ٿيو. انهي عهدي تي رهندي هن پريالوءِ ۽ لس ٻيلي بلوچستان ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. ڊاڪٽر جئمل کي وٽرنريءَ جي شعبي ۽ چوپائي مال جي اوسر ۽ ترقيءَ جو تمام گهڻو اونو ۽ شوق هوندو هو تنهنڪري هو 1971ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي باني ميمبر طور داخل ٿيو ۽ 1989ع تائين انهيءَ

شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندي پروفيسر طور رضاڪاراڻا رٽائرمينٽ ورتائين. وٽرنري فيڪلٽيءَ ۾ مقرري ڪانپوءِ هو اتي ئي ويهي نہ رهيو. سندس علم جو شوق ڪيس زرعي يونيورسٽي فيصل آباد وٺي ويو جتي هن 1971ع کان 1974ع تائين تعليم حاصل ڪري فرسٽ ڪلاس ۾ ماسٽرس جي ڊگري، وٽرنري سائنس ۾ حاصل ڪئي. علم جي اها تلاش ڪيس اجا بہ اڳتي وٺي ويئي، ۽ هو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آسٽريا ويو جتي هن پنهنجي محنت سان پاڻ مڃايو ۽ 1990ع ۾ ويانا جي وٽرنري يونيورسٽي ڪيس ڊاڪٽر آف وٽرنري ميڊيسن جي سند عطا ڪئي. سندس علم جي اوڪ ڊوک اجا بہ اڳتي وارن آسمانن ڏانهن ڏسي رهي هئي ۽ هو وڌيڪ اعليٰ تعليم لاءِ آسٽريليا ويو جتان ڪيس ڪئينسليند برسبين يونيورسٽي پاران 1990ع ۾ ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگريءَ سان نوازيو ويو. تحقيق جي ميدان ۾ پاڻ ملهائيندي هن ڪيترائي تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا. وٽرنريءَ جي شعبي ۾ اهم خدمتون سرانجام ڏيندي، هن علم جي حاصلات جو سفر جاري رکيو ۽ آمريڪا جي يونيورسٽي آف منيسوٽا مان 1996ع ۾ پوسٽ ڊاڪٽورل سکيا جو ڪورس ڪري، واپس ڏيهہ موٽيو ۽ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳو. سندس محنت ۽ اورچائي ڪيترن ئي ٽري نوجوانن لاءِ مثال ثابت ٿي، ۽ اهي وٽرنريءَ جي شعبي ۾ داخل ٿيا جن مان سندس ڪيترائي شاگرد اڳتي هلي پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ ناليوارا نان بڻيا.

1998ع ۾ يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ، ڊاڪٽر جئمل ڪنهن سمنڊ پار ملڪ وڃڻ جي بجاءِ، واپس پنهنجي ڳوٺ منڙيو چارڻ آيو جتي پنهنجي زمين م هن 50 ايڪڙن تي زرعي فارم قائم ڪيو. هن وقت انهي فارم ۾ 400 کان وڌيڪ وڻ موجود آهن. سندس خدمتن کي نظر ۾ رکندي، 2005ع ۾ ٽرديپ پاران هلنڊڙ وزيراعظم پاڪستان جي چوپائي مال بابت پروجيڪٽ جو پروجيڪٽ ڪو آرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو جتي هن 2008ع تائين خدمتون سرانجام ڏنيون. ڊاڪٽر جئمل ڏناٽي، کوجنا جي ميدان ۾ هٽرادو ٻج رکائڻ

واري شعبي ۾ تمام گھڻو ڪم ڪيو آهي. ڪيس انهن خدمتن جي عيوض، عالمي بئنڪ جي مختلف پروجيڪٽن ۾ ڪم ڪرڻ جي ذميواري پڻ سونپي ويئي. هن وٽرنريءَ جي شعبي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ به تمام گھڻو ڪم ڪيو آهي. انهي ڏِس ۾ هن پاڪستان وٽرنري ميڊيڪل ڪائونسل جي اڪريڊيشن لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ اڄ تائين انهيءَ جو ميمبر آهي. چوپائي مال جي شعبي ۾ سندس خدمتون پڻ ڪنهن تعارف جون محتاج نہ آهن حڪومت پاڪستان پاران قائم ڪيل ”لائيو اسٽاڪ ۽ ڊيري ڊيولپمينٽ بورڊ“ ۾ چيف ايگزيڪيٽوَ آفيسر طور 2011ع کان 2012ع تائين خدمتون سرانجام ڏيڻ ڪانپوءِ، ڪيس 22 آڪٽوبر 2012ع تي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف وٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز ائٽ سڪرنڊ جو پهريون اقليتي، ۽ ميگھواڙ جاتيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. جتي هو خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ڊاڪٽر جئمل ڏناڻي اهم ماهہ پد ماڻي ميگھواڙ قوم جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي.

منزل کی جستجو میں، کیوں بھٹک رہا ہے راہی!
خود اتنا عظیم ہو جا، کہ منزلیں تجھے پکاریں۔

# پروفيسر هوتچند گهلڙو
(1952-04-01 کان 2008-10-27)

وِيا سي وينجهار، هيرو لال ونڌين جي،
تنين سندا پويان، سيهي لهن نہ سار،
ڪُٽين ڪٺ لوهار، هاڻي اُن پيڙيين!
(شاهہ)

ڪڪرن جي رحم ڪرم تي ساهہ کڻندڙ صحراءِ ٿر جي مٽيءَ، تاريخ ۽ تهذيب جي مٽي آهي. هتي وقت جي نبض تي هٿ رکندڙ اهڙا انيڪ ڪردار پيدا ٿيا آهن، جن جي شخصيت، حالتن جي آرهڙ ۾ گهاٽي ڇانوري جيئن محسوس ٿي آهي. جن زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجي ڏاهپ جو نور نچوئي، ٻاٽ کي جوت بخشي آهي.

ٿر ڌرتي علم، ادب، آرٽ، موسيقي، انساني خدمت ۽ وطن دوستيءَ جي راهہ ۾ اونداهين سان مقابلو ڪيو. انهن ئي ماڻهن مان پروفيسر هوتچند گهلڙو بہ ﭑڪڙي سگهجي ٿو.

01 اپريل 1952ع تي ڪيتلاري تعلقہ ڏيپلو ۾، سرگواسي ٿِمون مل گهلڙو جي گهر ۾ جنم ورتو هوتچند. پنهنجي پرائمري تعليم اباڻي ڳوٺ هريجن ڪالوني اسڪول مان حاصل ڪئي، مڊل گرڙاڀهہ مڊل اسڪول مان، ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول مٺيءَ ۾ ۽ انٽرميڊيئٽ شاهہ لطيف ڪاليج ميرپورخاص مان پاس ڪيائين. ميڊيڪل ۾ سليڪشن نہ ٿيڻ باوجود همت نہ هاريائين، ۽ 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان MSc فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ۽ ڏيپلو هاءِ اسڪول ۾ HST مقرر ٿيو. بعد ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏيئي، 1980ع ۾ نوابشاهہ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ پوءِ اُتان سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچي، ان ڪانپوءِ زندگيءَ جو وڏو عرصو پروفيسر رهي اُتي گذاريائين. ٿر ۾ پوءِ ڪيس ڊي. او. اليمنٽري جي ذميواري سونپي وئي، انهيءَ ذميواري سان گڏ ڊي. او سيڪنڊري ۽ اِي. ڊي. او. ۽ وري ڊي. او. سيڪنڊري مقرر ڪيو ويو.

سندس اي. ڊي. او. ٿرپارڪر جي مقرريءَ دوران، تعليم کاتي ۾ استادن جي ڀرتيءَ لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ان ٽيسٽ ۾ جيڪي اميدوار سٺن نمبرن سان پاس ٿيا، انهن جي ميرٽ لسٽ ٺاهڻ لاءِ پروفيسر هوتچند کي سربراهہ مقرر ڪيو ويو. ان ميرٽ لسٽ ٺاهڻ دوران کيس اقتداري ڌُر جي انيڪ ماڻهن طرفان، گهٽ نمبرن وارن کي ميرٽ لسٽ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ شفارشون ڪيون ويون، پر هن مجاهد اصولن تي قائم رهندي کنهن جي بہ ٻُڌي، ۽ سفارش وارن خطن، چٺين جا ڪٿا پري کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيائين، ۽ نج ميرٽ تي حقدار اميدوارن جي ميرٽ لسٽ ٺاهي تيار ڪيائين.

اُن وقت جي وزيراعليٰ پنهنجي آفيس ۾ سنڌ جي سمورن ڊي. اوز کي گڏجاڻيءَ گهرائي تفصيل معلوم ڪيا. پروفيسر هوتچند جڏهن ٿرپارڪر جي ميرٽ لسٽ پيش ڪئي، تہ پاڻ اُن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪري ڇڏيو اها لسٽ ئي رد ڪري ڇڏي، کيس ٻيهر لسٽ ٺاهڻ لاءِ چيو ويو، پر هن انڪار ڪري ڇڏيو ان ڪانپوءِ کيس انتقامي ڪاررواين جو نشانو بڻايو ويو، ۽ معطل ڪيو ويو.

پروفيسر هوتچند علم ۽ ادب جو وسيع مطالعو رکندو هو، ۽ سندس ڳالهائڻ جي لهجي مان اعليٰ دماغ جي پرک پئجي ويندي هئي. زندگي ۽ حالتن جي تجربن هئڻ ڪري سندس ڳالهين ۾ گهرائي هوندي هئي، ۽ وقت جي وارتائن ۾ ويڙهيل خيال هر ماڻهوءَ کي ڇڪي وٺندا هُئا، ۽ دلين کي ڇُهندڙ هوندا هئا. کيس ٿر جي ڏکن، ڏوجهڙن ۽ پيڙائن جو بخوبي اندازو هو ۽ اهي درد کيس تڙپائي وجهندا هئا. مزاج نيڪ نيت ۽ سادگيءَ وارو رکندڙ هيءُ شخص سياسي حراماپاين جي هِن دوکيباز دؤر ۾، ڪيئي ڀيرا پوڳنائنن مان گذرندو رهيو.

سرڳواسي پروفيسر هوتچند ميگهواڙ برادريءَ ۾ تعليمي ۽ سماجي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ بہ ڪافي ڪم ڪيو. سماجي بُراين کان بچڻ، پاڙي ۽ پاڙيسريءَ سان سٺي سلوڪ سان هلڻ، محنتون ڪري مقام ماڻڻ، وڏن جي عزت ڪرڻ، اخلاق جو دامن نہ ڇڏڻ هڪٻئي سان پيار محبت سان پيش اچڻ، سماجي باهمي تعلقات جو

سنگم برقرار رکڻ، ٻُرن کان پاسو ڪرڻ، شراب وغيره نہ واپرائڻ ۽ سماجي اخلاقي ڏوهہ ڪندڙن سان سماجي بائيڪاٽ ڪرڻ لاءِ هُن تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو ۽ نصيحتون ڪيون. ڪافي ليڪچر بہ ڏنا ذهني سجاڳي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

27 آڪٽوبر 2008ع تي هيءُ مهان ماڻهو ڊگري ڪاليج مٺيءَ ۾ ڪيميسٽريءَ جو پيرڊ وٺي رهيو هو. تہ اوچتو دل جي تڪليف ٿي پيس، ڪيس فوري علاج لاءِ اسپتال داخل ڪيو ويو پر تڪليف وڌي وئي، ۽ ٻن ڪلاڪن اندر دم ڌڻيءَ حوالي ڪيائين پهرين شادي سرڳواسي لڏارام پنڌار ڏيپلو جي نياڻي لڇمي سان ڪيائين. جنهن مان ڪيس 4 نياڻيون ۽ 3 پٽ پرويز، سنيل ڪمار ۽ انيل ڪمار آهن. پهرين گهر واريءَ جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ پاءُ سونو مل جي اصرارتي ٻي شادي وينجهڻياري جي راڻو مل ڪنيوءَ جي گهر مان ڪيائين. ٻي گهر واري ٻختاور مان ڪيس هڪ پُٽ ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي.

27 آڪٽوبر 2008ع تي ٿيل سندس مَرتئي نہ رڳو ويجهن رشتيدارن جي اکين جا اگهڻ ڳوڙهن مينهن سان پڇايا، پر سمورن ٿر واسين جي دلين جا ٿاڪ هيڪلا ۽ اداس ڪري ڇڏيا. هن فاني دنيا کي ڇڏڻ ۽ موت سان ملاقات ڪرڻ هر وُجود لاءِ لازمي امر آهي، پر ڪي ڪي موت اهڙا هوندا آهن جيڪي سماج جو اجتماعي نقصان سمجهايا ويندا آهن، ۽ نہ پورو ٿيندڙ خال سمجهيا ويندا آهن. سرڳواسي پروفيسر هوتچند جو وڇوڙو هڪ درد جي قيامت برپا ڪندڙ سانحو آهي، جنهن کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهجي!!!

ڪي ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتيءَ جي سيني تي گهري چيخ ٿين ٿا.
جا سيني کي جاڳائي ٿي،
جا تقديرون بدلائي ٿي!!
(اياز)

# منگل رام جي پرمار

ڦرن ٿا چرخ جا ڦيرا، ڪڏهين ڪهڙا ڪڏهين ڪهڙا،
ڏيکاري دؤر ٿي دنيا، ڪڏهين ڪهڙا ڪڏهين ڪهڙا.
(هري دلگير درياني)

ٿر جي سونهاري ڌرتي ڪيترائي صوفي، سنت، ڪلاڪار ۽ تعليمي ماهر پيدا ڪيا آهن. اهڙي ئي هڪ مهان تعليمي ماهر، شري منگل رام، 1936ع ۾ شري گانگو مل ذات پوچيا، ڳوٺ صوپارو تعلقہ مٺيءَ ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڏيبو جيڪا ڏاهو مل گنديير جي ڌي ۽ ڳوٺ ڏرم ويري، تعلقہ مٺيءَ جي هُئي. سندس پتا گانگو مل هڪ مالوند ماڻهو هو وٽس ڍڳيون ۽ ٻڪريون هونديون هيون، جنهن جي سنڀال ڪندو هو. برسات ۾ ٻني ٻارو ڪندو هو ۽ گذارو سٺي نموني هلندو هو. کيس ٻہ پٽ هئا. هڪ جو نالو پمون مل ۽ ٻئي جو نالو سونو مل، جيڪو پرائمري ماستر هو جنهن جا سنڌي اکر موتي داڻن وانگر هئا ۽ کيس ٽي پينرون هيون، جي سرڳواس ٿي ويون آهن. شري منگلرام پرائمري تعليم پهرين درجي کان ستين درجي تائين مسلم اسڪول علو ڪوٺڙيو ۾ حاصل ڪئي. مسلم اسڪول علو ڪوٺڙيو ۾ ان وقت سندس ڀاءُ سونو مل ماستر هو. مسلم اسڪول علو ڪوٺڙيو ان وقت تمام سٺو تعليمي مرڪز هو. جتي پري پري جا ڇوڪرا فائينل امتحان جي تياري ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. ستين درجي جي امتحان کي فائينل امتحان چئبو هو، جنهن جو سينٽر مٺي هو. ان وقت فائينل پاس ڪرڻ سان سنڌي ماستري آسانيءَ سان ملي ويندي هئي. شري منگلرام ٻہ مٺي سينٽر مان فائينل پاس ڪئي ۽ پرائمري ماستري ملي. ان وقت سندس پگهار 45 روپيہ ماهوار هو. سستائي جو دؤر هو انهي پگهار مان گهر جو ڪار ونهوار صحيح هلندو هو. اُن وقت پرائمري ماستر کي ٻن سالن جي سکيا حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ ڏني ويندي هئي. کيس 1952ع ۾ ٽريننگ لاءِ چونڊيو ويو. حيدرآباد ۾ انهي وقت ماسترن جي رهڻ لاءِ ٽي هاسٽل هوندا هئا، جن مان ٻہ شهر ۾ هيون ۽ فقط هڪ هاسٽل کي پهريون نمبر هاسٽل چوندا

هئا. اُها ڪاليج جي اندر هُئي. جنهن ۾ روم نمبر 25 ۾ شري منگلرام، ڏونگرو مل ماستر چوڙ جو ۽ ڊاڪٽر راڻا رانوڙ جو اُن وقت نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ مئٽرڪ جي تياري ڪندو هو. سڀ گڏ رهندا هئا.

ڪيس انگريزي پڙهڻ لاءِ ڊاڪٽر راڻا صاحب همٿايو ۽ منگلرام مئٽرڪ جي تياري شروع ڪئي. ڪيس راڻا صاحب پاران ڪافي مدد ملندي هئي. 1953ع ۾ هُن نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ پرائيويٽ طور مئٽرڪ جو فارم ڀرايو ۽ امتحان ۾ ويٺو پر ٽن سبجيڪٽن ۾ ناپاس ٿيو. پر همت نہ هاريائين ۽ وري 1954ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ ويٺو ۽ پاس ٿي ويو. اُن وقت سنڌ يونيورسٽي تازو حيدرآباد ۾ قائم ٿي هئي. جتي آرٽ يا سائنس گروپ جو سوال ڪونہ هو. سڀ سبجيڪٽ ڏيڻا پوندا هئا. شري منگلرام ٽريننگ ڪورس 2 سالن وارو سال 1954ع ۾ پورو ڪيو ۽ ڪيس واپس پنهنجي ضلع ۾ موڪليو ويو. ڪيس ميرپورخاص شهر ۾ رکيو ويو. ان وقت تازو شاهہ لطيف ڪاليج قائم ٿيو هو. جتي هُن ڪاليج ۾ داخلا ورتي. انٽر تائين ريگيولر رهيو ۽ BA سال 1958ع ۾ پرائيويٽ طور پاس ڪيائين BA پاس ڪرڻ ڪانپوءِ سيڪنڊريءَ ۾ وڃڻ لاءِ جاڪوڙ ڪيائين ۽ نيٺ 1960ع ۾ ڪامياب ٿيو. اُن وقت پرائمريءَ مان سيڪنڊريءَ ۾ اچڻ لاءِ ڪابہ ٽيسٽ وغيره نہ هوندي هئي، فقط اورل ٿيندي هئي، جنهن ۾ هو پاس ٿيو. ساڳئي سال 1960ع ۾ ڪيس بيٽ آفيسر ڪري ضلع ٺٽو جي تعلقہ جاتيءَ ۾ رکيو ويو. اُن وقت ٺٽي ضلع جي ايجيوڪيشن جي آفيس ڪراچيءَ جي اولڊ سنڌ اسيمبليءَ بلڊنگ بندر روڊ تي هئي. اُن وقت جاتي کان ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ سنڌو ندي سامونڊي جهاز وسيلي پار ڪرڻي پوندي هُئي. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اها آفيس شفٽ ٿي مڪلي ٽڪريءَ تي آئي.

ٺٽو ضلع ۾ شري منگلرام سال رهيو بعد ۾ ڪيس بدلي ڪري مٺي ۽ ڏيپلو بيٽ تي مقرر ڪيو ويو. اُن وقت مٺي ۽ ڏيپلو ۾ ڪُل 45 اسڪول هئا، جن ۾ 13 اسڪول ڏيپلو ۾ ۽ 32 اسڪول مٺي تعلقي جا هُئا. ٿر ۾ اچڻ سان ڪيس هڪڙي نئين ماحول ڪي منهن ڏيڻو پيو اهو

1961ع جو زمانو هو. ٿر ۾ اڃڻ سان کيس ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. جيئن تہ سواريءَ لاءِ پنهنجو اُٺ رکڻو پيو. ڇوت ڇات هئڻ ڪري ماني ٽِڪي ڪرڻ لاءِ ماڻهو رکيائين. رڌپچاءَ جا برتن بہ گڏ ڪٺا پيا. پنهنجي عزت ۽ وقار قائم رکڻ لاءِ جيڪو ڪرڻو پيو اهو سڀ ڪجهہ ڪيائين. هڪ ميگهواڙ بورچي طور رکيائين، جيڪي ماني ٽِڪي ڪندو هو ۽ اُٺ جي سنڀال بہ ڪندو هو. پاڻ مسافري وقت پاڻيءَ جو بادلو ۽ ڇانهہ جو ٿرماس گڏ کڻندو هو. پاڻ ايترو اصول پرست هو جو ڪٿي بہ ڪنهن جي ماني يا ڇانهہ پاڻي استعمال نہ ڪيائين. ايمانداري سچائيءَ سان هن ڏيپلو مٺي بيٽ جي نوڪريءَ جو عرصو پورو ڪيو.

1962ع ۾ کيس BT جي ڪورس لاءِ چونڊيو ويو. اهو ڪورس 10 مهينن جو هو. جو حيدرآباد سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪرڻو هو. جو 1963ع ۾ پورو ڪري کيس ڇاڇرو تعلقي ۾ بيٽ آفيسر مقرر ڪيو ويو. جتي هو 1966ع تائين رهيو ۽ پوءِ کيس بدلي ڪري هاءِ اسڪول ميرپور ساڪرو ۾ رکيو ويو. جتي ٿورو وقت رهيو پر زندگي سڪون سان گذري، ڇاڪاڻ تہ اُتي ڇوت ڇات جو مرض ڪونہ هو. ميرپور ساڪري کان بدلي ڪري کيس هاءِ اسڪول نئوڪوٽ ۾ رکيو ويو. اُتي ٿورو وقت رهڻو پيس ڇاڪاڻ تہ 1971ع ۾ انڊيا ۽ پاڪستان جي جنگ شروع ٿي ويئي هئي، ۽ هندو ملازمن کي بدلي ڪري مختلف ضلعن ۾ موڪليو پي ويو. ان وقت نئوڪوٽ ۾ 4 هندو استاد هئا، جن کي بدلي ڪري ٺٽي موڪليو ويو، جتي سٺو وقت گذريو. ڇاڪاڻ تہ اُتي ڪيترائي هندو ملازم هئا، جن سان ملڻ جلڻ ٿيندو هو. ٺٽي مان بدلي ڪري ٻيلو مڊل اسڪول ۾ موڪليو ويو. ٻيلو ننڍو شهر هو جو سجاول کان اُتر طرف ۽ سنڌو نديءَ ۾ تمام ويجهو آهي. جتي هُن سٺو وقت گذاريو. جيئن جنگ ختم ٿي تہ هندو واپس ٿرپارڪر ضلع ۾ موڪليا ويا، ۽ منگلرام کي مڊل اسڪول پوريلي ۾ رکيو ويو. پوريلو سندس ڳوٺ کان 9 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي. جتي ڪافي وقت رهيو. سال 1981ع ۾ کيس 16 گريڊ ۾ پروموشن ڏنو ويو ۽ کيس گورنمينٽ هاءِ اسڪول عمر الدين پنجابي ۾ هيڊ ماسٽر مقرر ڪيو

ويو. عمرالدين پنجابيءَ هاءِ اسڪول بدين ضلع ۾ آهي. جتي هو ٿورو وقت رهيو ۽ سال 1982ع ۾ بدلي ڪري چيلهار هاءِ اسڪول ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي هن 10 سال گذاريا. سهوليت وارو اسڪول هو شهرين بہ ڪيس چاهيو ٿي. اُن وقت ساڻس سندس پُٽ ڪشور ڪمار ۽ نيل بہ گڏ رهندا هئا.

سال 1993ع ۾ چيلهار هاءِ اسڪول مان بدلي ڪري، ڪيس بطور اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ ايجيوڪيشن آفيسر مقرر ڪيو ويو. جتي ٻيا بہ اسسٽنٽ ڪم ڪندا هئا. جتي شري منگلرام 5 مهينا ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪشن آفيسر طور ڪم ڪيو ۽ ميگهواڙ ڪميونٽيءَ جو پهريون ڊسٽرڪٽ تعليمي آفيسر جو اعزاز ماڻيو. ان وقت سياسي دٻاءَ کان تنگ ٿي سال 1995ع تي رٽائر ڪيو ويو. جڏهن تہ ڏيڍ سال اجا رٽائر ٿيڻ ۾ پيو هو. شري منگلرام پرائمري ماستري کان نوڪريءَ جو آغار ڪيو ۽ ڊسٽرڪٽ ايجيوڪيشن آفيسر تائين سفر طئہ ڪري، خوشي خوشيءَ سان رٽائرمينٽ ورتي، پنهنجو وقار قائم رکيو. شري منگلرام شادي ڊسمبر 1958ع ۾، ڳوٺ گوڙيهار جي راهو مل جوڳو جي ڌي، سگهڙ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس بہ نياڻيون آهن جيڪي پرڻايل آهن، ۽ 4 پُٽ آهن 1. پوپٽ ۽ مهتاب HST آهن. نيل پرڪاش وڪيل آهي ۽ ڪشور ڪمار NCHD ۾ ملازم آهي. چارئي پٽ شادي شده آهن ۽ خوش آهن.

آخر ۾ سندس ڳوٺ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. سندس اصل ڳوٺ صوپارو هو، جتي ڪجهہ گهر ميگهواڙن جا پر گهڻي آبادي سيدن جي هئي. هون تہ خاص تڪليف صوپاري ۾ ڪانہ هُئي پر انهي وقت البت ڪپڙن پائڻ، زيور وغيره پائڻ جي ميگهواڙ تي سخت پابندي هوندي هئي. انهي وقت جتي ڪٿي ميگهواڙ قبيلي کي اهو رويو ۽ مصيبت برداشت ڪرڻي پوندي هُئي. انهي آزار کان نجات پائڻ لاءِ سائين منگلرام پنهنجي ذاتي ڳوٺ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪافي وقت ڪانپوءِ ڪاميابي ملي. چاڪاڻ تہ سيد هلندي وارا هُئا، انهن کي ميگهواڙن جو پنهنجو ڳوٺ ٻڌي رهڻ ڪونہ ٿي وڻيو ۽ ڳوٺ ٻڌڻ نہ ٿي ڏنو. آخر ڪار جنرل ايوب خان جي دؤر ۾ ڪيس ڳوٺ ٻڌڻ

جي اجازت ملي ۽ سال 1960ع ۾ هن پنهنجو ڳوٺ ٻڏيو ۽ پيماسر نالو رکيو ويو. جتي هينئر رهن پيا. هن وقت 50 گهر آباد آهن ۽ هڪ ئي ذات جا آهن. شري منگلرام هڪ سچو ۽ ايماندار ۽ ارادي جو مضبوط انسان آهي. پنهنجي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ ڪيس عزت ۽ مانُ آهي.

# پروفيسر ڊاڪٽر خانجي پڙهيار

لکڻ زندگي، زندگي ڪيئن ڇڏجي،
پڙهڻ بندگي، بندگي ڪيئن ڇڏجي،
ڏکيو ڪم عشق اکرن جو آهي،
رکي دوستي، دوستي ڪيئن ڇڏجي.
(بخاري)

ڪي ڪي ماڻهو املهہ ۽ بهار باغ هوندا آهن. جيڪي پنهنجي مختصر عمر ۾ ايترو تہ ڪم ڪري ڏيکاريندا آهن، ۽ ايڏو نانءُ ڪمائيندا آهن، جنهن جي حاصلات لاءِ وڏي عمر ۽ محنت جي ضرورت گهربل هوندي آهي. پالڻهار جي خلقيل ڪائنات ۾ انيڪ انسان پيدا ٿين ٿا، ۽ رب جي دربار ۾ موتي وڃن ٿا پر ڪي ڪي ماڻهو هن دنيا ۾ اچي پنهنجو نالو روشن ۽ زنده رکن ٿا، ۽ پنهنجي مائٽن توڙي پنهنجي جاتيءَ جو ڳاٽ هميشہ لاءِ اوچو ڪن ٿا. جنهن ڪي پنهنجي جاتيءَ وارا صدين تائين ياد ڪندا رهندا. اهڙن مور جهڙن ماڻهن ۾ خانجي هريجن کي شامل ڪرڻ وڏاءِ ڪونہ ليکبو.

شري خانجي پڙهيار، جنهن جو جنم تاريخ 13 آگسٽ 1970ع تي مٺيءَ لڳ، ڳوٺ مالڻهور ويڙهہ جنهن کي مالڻهور پوتاڙيو بہ چون، ۽ هڪ ڪکائين چونئري اندر جڙ اونڌاهيءَ ۾ ڏيئي مثل ٿيو. پاڻ جڏهن پنهنجي ماتا جي گرڀ ۾ ڇهن مهينن جو هو تہ سندس پتا شي نگارام پڙهيار، هن فاني سنسار مان موڪلائي چُڪو هو.

سندس ماتا شري سُکان، ڏي جگتو مل ذات ڪتيرو، ڳوٺ تالهي تعلقہ عمرڪوٽ جي هئي. سندس ماتا پنهنجي ور جي فوت ٿيڻ تي سدائين ڏکي زندگي گذاري ۽ پنهنجي پُٽ جي ڪاميابيءَ لاءِ هميشہ دعائن جا ٻُڪ کڻي، ڀڳوان کان پرارٿنا ڪندي رهندي هئي، تہ منهنجو پُٽ پڙهي وڏو انسان ٿيئي. مائٽن جون دعائون رنگ لائينديون آهن، ۽ خانجي پڙهيار اڄ هڪ وڏي عهدي تي فائز آهي، ۽ پنهنجي پريوار جو نانءُ روشن ڪيو آهي. سندس پتا جي فوت ٿيڻ کانپوءِ سندس سنڀال ۽ پڙهائڻ جو ذمون، سندس ناني جگتو مل

ڪيترو ۽ سندس مامن ڪرتو مل ۽ ماڌو مل ۽ سندس چاچن سنڀال ۽ پڙهائيءَ جو خرچ ڪيو.

شري خانجي پڙهيار جن پرائمريءَ ۾ مڊل تعليم، 1981ع کان 1984ع تائين گورنمينٽ پرائمري اسڪول هريجن ڪالوني مالٺهور ويڙهہ ۾ ورتي. مئٽرڪ سال 1986ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٽي مان پاس ڪيائين ۽ انٽر سال 1987ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٽيءَ مان ڪيائين. پاڻ هڪ غريب خاندان جو فرد هو. انٽر پاس ڪرڻ بعد ڪجهہ دوستن مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ همٿايو. اهڙيءَ طرح هُن مهراڻ يونيورسٽيءَ ڄامشورو ۾ داخلا ورتي، وڏيڪ پڙهڻ لاءِ سندس ناناڻن گڏوگڏ ڪجهہ ڳوٺ وارن ۽ ٻين همدردن سندس مالي ساهتا ڪئي، ۽ هن پنهنجي همت نہ هاري ۽ ڪيس پڙهڻ جو شوق تمام گهڻو هو تنهن ڪري سال 95-1994ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ٽيڪنالوجيءَ (M.E (Mechanical مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. جلد ئي 1996-05-16 تي ليڪچرار BPS-17 ۾ مقرر ٿيو. ساڳئي يونيورسٽيءَ ۾ جتي 2009ع تائين 17 سال عرصي تائين ٽيچنگ جي پيشي سان وابسطہ رهيو.

سال 2008ع ۾ Ph.D انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ آف مڪينڪل انجنيئرنگ، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ٽيڪنالوجي ڄامشورو مان پاس ڪري، ميگهواڙ جاتيءَ لاءِ فخر جو ثبوت ڏنو. انهي بعد سال 2009-2010ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر BPS-20 ۾ ساڳئي يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ٿيو. سال 2010ع ۾ پروموشن ذريعي BPS-21 ۾ ڊپارٽمينٽ آف مڪينڪل انجنئرنگ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ پروفيسر خانجي هريجن سال 2011ع کان ڊائريڪٽر آف پوسٽ گريجوئيٽ اسٽڊيز جي پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي.

پاڻ شادي سال 1996ع ۾ ڪيائين، ڪيس اولاد بہ نياڻيون 1. نهيا ڪلاس VI 2. ڪريا ڪلاس V۽ ٽي پُٽ آهن. 1. هالار جيڪو شاگرد آهي، ڪلاس نائين، سنڌي گرامر اسڪول قاسم آباد حيدرآباد ۾ پڙهي پيو 2. يووراج، شاگرد ڪلاس نرسري 3. تشار، شاگرد ڪلاس پري نرسري. پاڻ سال 1996ع کان پنهنجي سروس

ڪري قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهي پيو. سندس ڌرم پتني گنگا جو پنهنجي پتيءَ سان پورو پورو ساٿ ۽ همدردي رهي آهي.

پروفيسر خانجي هريجن صاحب ڪيترن ئي ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪيا. آسٽريليا، اٽلي، مليشيا، نارٿ سائيپرس، يونائيٽيڊ عرب امارات ۽ برطانيہ وغيره. پنهنجي سبجيڪٽ سان لاڳاپيل ڪانفرنسون اٽينڊ ڪيون. پروفيسر خانجي کي ڪيترائي ميڊل ايوارڊ مليا، خاص ڪري بيسٽ ريسرچ پيپر ايوارڊ HEC طرفان مليو. سال 95–1994ع ۾ سلور ميڊل۽ Academic Exeallen and Award مليو ۽ ميرٽ سرٽيفڪيٽ فائنل سال (Mechanical) M.E ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن حاصل ڪرڻ تي مليو. 13_2012ع جو Best University Teacher جو ايوارڊ 2013_12_23 تي HEC طرفان اسلام آباد ۾ ڏنو ويو. پروفيسر خانجي صاحب مختلف ڪانفرنسون، سيمينار ۽ ورڪشاپ اٽينڊ ڪيا، جن ۾ دبئي ۾ 2013ع ۾ ڏينهن شرڪت ڪئي. 2010ع ۾ ٻہ ڏينهن سائيپرس ۾ شرڪت ڪئي. 2008ع ۾ هڪ هفتو گلاسڪو اسڪاٽلينڊ U.K ۾ شرڪت ڪئي. 2007ع ۾ چار ڏينهن پرٿ ويسٽرن، آسٽريليا ۾ شرڪت ڪيائين. 2006ع ۾ هڪ هفتو فلورنس اٽليءَ ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. انهيءَ ڪانسواءِ پاڪستان ۾ ٽيندڙ انٽرنيشنل ڪانفرنسون اٽينڊ ڪيون.

پروفيسر خانجي پڙهيار صاحب جا ريسرچ بابت پيپر/ پبليڪشن ۽ هڪ ڪتاب (Enviroment and Sustainable Development) بہ شايع ٿيو. پروفيسر خانجي صاحب ميگهواڙ جاتيءَ جو هڪ بي بها موتي آهي. هڪ نيڪ، بااخلاق، باڪردار انسان آهي. سندس سباجهڙي صورت وارو ڪردار اسان کي هميشہ ياد رهندو.

سو لڳن طوفان پل، سو دفعا وڃڙيون ڪرن،
جن گُلن کي آهي ڪڙڻو، سي مگر ڪڙندا ضرور.

# ڊاڪٽر موهن ڏيوراج ٿونٽيا

جو چاهين سي چوندڊ، مٽيو توڙي ماڳ،
پورا تنهنجو پاڳ، آهي تنهنجي وس ۾.
(شاهہ)

اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ جا هون تہ ڪيترائي Ph.D هولڊر آهن، پر پاڪستان جو پهريون ميگهواڙ جاتيءَ سان تعلق رکندڙ اسڪالر جنهن ميگهواڙ جاتيءَ جي تاريخ ۽ ڪلچر، ابتدائي دؤر کان جديد دؤر تائين موضوع تي Ph.D ڪري پنهنجو نالو تاريخ جي ورقن ۾ داخل ڪرايو، اهو هو ڊاڪٽر موهن ڏيوراج ٿونٽيا تاريخ 16 مئي 1964ع جو سنڌ جي ميگا سٽي ڪراچيءَ ۾، شري ڪينراج مهيشوري ميگهواڙ جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو پوربائي ذات ڏنيچا، جا ڪراچيءَ جي رهواسڻ آهي ۽ اڄ تائين حيات آهي.

سندس مادري زبان ڪڇي آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس مائٽ اصل تعلقہ ڪڇ (انڊيا) جا هئا، جتان سندس ڏاڏو وٽجارهہ ويلجي ڏوسا ٿونٽيا ڪڇ کان لڏي اچي ڪراچيءَ جي علائقي موسيٰ لين لياريءَ ۾، سال 1904ع ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏ رهڻ لڳو. ڊاڪٽر موهن ڏيوراج جو پتا ڪينراج مرحوم بہ ڪراچيءَ ۾ ڄائو هو. اول ڪپڙي ۽ جوتن جو ڪاروبار ڪندا هئا، پوءِ بدلائي پلاسٽڪ جو ڌنڌو شروع ڪيائون. جيڪو هيستائين هلي رهيو آهي. سندس گهراڻو هميشہ مذهبي ۽ علمي رهيو آهي ڪيس پنج پيڙهون ۽ ٽي پاءُ آهن.

پاڻ ابتدائي تعليم ۽ ميٽرڪ 1979ع ۾ ڪراچي بورڊ مان پاس ڪيائين. انٽر ميڊيئيٽ سال 1984ع ۾ ڪراچي بورڊ مان ڪيو MA هسٽري، سال 1999ع ۾ يونيورسٽي آف ڪراچيءَ مان ڪيائين. ايم. فل جنرل هسٽري ۽ Ph.D هسٽري اينڊ ڪلچر آف ميگهواڙ ابتدائي دؤر کان جديد دؤر تائين (انگريزيءَ ۾ ريسرچ ٿيسيز) جنرل هسٽري ڊپارٽمينٽ يونيورسٽي آف ڪراچيءَ طرفان سال 2012ع ۾ ڊگري ڏني ويئي.

ڊاڪٽر موهن ڏيوراج کي شروع کان ميگهواڙ سماج جي تاريخ، ڪلچر ۽ لٽريسيءَ سان شوق رهيو آهي، ۽ سندس شروع کان ئي

خواهش رهي هئي تہ ان موضوع تي ريسرچ ڪريان، ۽ ميگهواڙن جي اهڙي تاريخ مرتب ڪريان، جيڪا تاريخ جي جديد نظريات ۽ اصولن تي مڪمل طور ثابت ٿيئي. انهي سوچ سان سال 2012ع ۾ هن پنهنجي ڊائريڪٽوريٽ، ميگهواڙ جاتيءَ جي تاريخ، ڪلچر جي عنوان سان ڪئي. هُن ميگهواڙ جاتي جي ابتدائي دؤر کان جديد دؤر تائين تاريخ، تحقيق ۽ ابتدائي ڪلچر، ڌرمي وابستگي، سماجي رسومات، ريتون ۽ ڏنڊا، ٻولي ۽ ادبي سرگرمين تي تحقيق ڪئي آهي. انڊ و پاڪ ننڍي کنڊ جي ابتدائي تاريخ جي حوالي سان ميگهواڙ جاتيءَ جون سنڌو ماٿريءَ ۾ پاڙون هجڻ تي بحث ڪيو ويو آهي. انهيءَ سان گڏ موجوده حالات ۾ شيڊيول ڪاسٽ جي ماڻهن جي حالتن تي بہ بحث ڪيو ويو آهي. ميگهواڙ پاڪستان ۾ ٻن صوبن سنڌ ۽ پنجاب ۾ لکن جي تعداد ۾ رهن ٿا. سرحد پار هندوستان جي رياستن جهڙوڪ راجستان، گجرات ۽ ڪڇ ۾ بہ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. اهو چئي سگهجي ٿو تہ ميگهواڙ جاتي ڏکڻ ايشيا جي وڏي سماجي گروپ ۾ شامل آهي. سندس پهريون ڪتاب مهيشوري ميگهواڙ سنتن جون درگاهون، جيڪو سنڌ آرڪائيز گورنمينٽ آف سنڌ ڪراچيءَ طرفان سال 2012ع ۾ ڇپيو آهي. هُن تحقيق بابت ڪيترائي ٿوئر ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي آهي، جنهن تي ڪيس سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ مليل آهن، جو سندس هڪ رڪارڊ آهي.

تازو انٽرنيشنل سيمينار "سنڌ صدين کان" سنڌ مدرسہ الاسلام يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ مورخہ 26،25،24 مارچ 2014ع تي منعقد ٿيو. جنهن ۾ هن شرڪت ڪئي، جتي ماموئي فقيرن جي حقيقت ۽ ڪڇ ۽ سنڌ جي عظيم روحاني شخصيت شري مامئي ڏيو بابت مقالو پڙهيو جنهن تي ڪيس شيلڊ سان نوازيو ويو.

سال 2010ع ۾ صوفي دريا خان ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ حيدرآباد طرفان ڪيس شيلڊ ملي.

انهيءَ کان علاوه سال 2010ع ۾ صوفي دريا خان ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، پاڪستان ميگهواڙ ڪائونسل جي چيئرمين، وڪيل

ارجن داس طرفان پنو عاقل امر وير لڏارام ايوارڊ 2010ع سان ميگهواڙ ڪلچر ڪي Ph.D ڪرڻ تي نوازيو ويو.

لنڊن، پيرس، نيو دهلي ۽ ڪراچيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن ۾ سندس ميگهواڙ جاتيءَ بابت ڪيل تحقيق جو ذڪر آيل آهي. ڊاڪٽر موهن ڏيوراج ٿونٽيا جا مضمون، انٽرنيشنل ۽ ملڪي سطح تي ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر موهن ڏيوراج ٿونٽيا ميگهواڙ جاتي، ۽ پاڪستان جو پهريون شخص آهي، جنهن ميگهواڙجاتيءَ ۽ ڪلچر تي Ph.D ڪري پنهنجو نانءُ ڪمايو آهي، ۽ زندگيءَ ۾ ياد رکڻ جهڙو ڪم ڪري، پنهنجي مهانتا ماڻي آهي. هن وقت اسسٽنٽ پروفيسر (هيومانيٽيز) جي حيثيت سان، گرينوچ يونيورسٽي ڊفينس ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

# پروفيسر ڊاڪٽر گورڌنداس

تـو درس ڏنـو دوستيءَ جو، پيار جو ڏنـو پيـغام،
سنڌي سدا تنهنجو مقام، مالڪ مٺاهو ڪيو.
(عرض گوپانگ)

ڊاڪٽر گورڌنداس جا مائٽ اصل ڳوٺ جاريلو تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جا هئا. جتان سال 1965ع ۾ سندس ڏاڏو مهرچند، پڙهائيءَ جي معاملي ۾ هميشہ سخت رهيو جنهن جي ڪري انجي خاندان جا ٻار هميشہ پڙهائيءَ ۾ تمام گهڻا ذهين رهيا. لڏي اچي ڪوٽ ميرس لانڊي ۾ آباد ٿيا. ڊاڪٽر گورڌنداس جو جنم تاريخ 08-03-1978 تي شري ڪيشو لال، ذات جوڳو وينل ڪوٽ ميرس لانڊي جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو لالي ٻائي، ڌي چاڳلو ذات ڪوڪر، ڳوٺ گونگيو تعلقہ ڇاڇرو جي هئي، پاڻ پرائمري تعليم پرائمري اسڪول ڪوٽ ميرس لانڊيءَ مان حاصل ڪيائين ۽ ميٽرڪ بہ گورنميٽ هاءِ اسڪول ڪوٽ ميرس لانڊيءَ مان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ شاهہ عبداللطيف ڪاليج ميرپورخاص مان انٽر سائنس پاس ڪيائين. جتان پوءِ سنڌ يونيورسٽي جي ٽيلي ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ (Telecommunication Department) ۾ آنرس ۾ داخلا ورتائين، جتان پهرين BSc ۽ پوءِ M.Sc (Telecom) ڪيائين.

ايم. ايس. سي پهرين پوزيشن ۾ پاس ٿيڻ تي، سندس ڊپارٽمينٽ کيس ريسرچ ايسوسيئيٽ (Research Associate) جي نوڪري جي آفر ڪئي، جيڪا هن قبول ڪئي، ۽ ڪجهہ سالن تائين سنڌي يونيورسٽيءَ جي (Information and Tele Communication Technology) ۾ ريسرچ ايسوسيئيٽ طور ڪم ڪيائين. سال 2004ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ ليڪچرار طور پرتي ٿيو. جتان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان جي تعاون سان، اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپ سان نوازيو ويو.

2006ع ۾ ڊاڪٽر گورڌنداس پي. ايڇ. ڊي. ڪرڻ لاءِ، يورپين مُلڪ آسٽريا روانو ٿيو. آسٽريا جي ٽيڪنيڪل يونيورسٽي آف ريسرچ ويانا ۾ داخلا دوران ڪيترن ئي عالمي ڪانفرنسن ۾

شرڪت ڪيائين، جن ۾ آمريڪا، ڪوريا، هنگري ۽ چائنا شامل آهن. جتان ڪيس تمام گهڻي عزت ۽ شهرت ملي.

پاڻ سال 2000ع ۾ شريمتي نينو ٻائي، ڏي ڪيسرو مل، ذات ڪاڳيو ڳوٺ منڙيو تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر مان شادي ڪيائين، جنهن مان اولاد هڪ پٽ ايشان آهي، جو ننڍڙو آهي جنهن آسٽريا ۾ جنم ورتو. سال 2010ع ۾ ڊاڪٽر گورڌنداس پي. ايڇ. ڊي. مڪمل ڪري واپس پنهنجي مادر علمي ٽنڊو ڄام يونيورسٽيءَ ۾ Join ڪئي جتي ڪيس BPS-19 ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ڪري رکيو ويو جلد ئي پوءِ سندس قابليت کي نظر ۾ رکندي، يونيورسٽي انتظاميہ ڪيس سندن ئي ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو.

ڊاڪٽر گورڌنداس هن وقت چائنا جي (Jandu) يونيورسٽيءَ ۾ پوسٽ ڊائريڪٽوريٽ (Post Directorate) جي ٽريننگ ڪري رهيو آهي.

# پروفيسر ڊاڪٽر پچن لال

جن کي دَور درد جو، سبق سُور پڙهن،
فِڪر ڦرَهي هٿ ۾، ماٺ مطالعو ڳن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ.
(شاهہ)

سکر، سنڌ جو قديم ترين شهر آهي. جتي ڪيترن ئي درويشن، اوليائن، سياستدانن جنم ورتو. گهڻو اڳ ۾ هتي کجين جي وڻن جون قطارون هونديون هيون، ۽ باغات کان مشهور شهر آهي. ڪن ماڻهن جو رايو آهي تہ سکر ۾ مهراڻ جي ڪاپي ڪپ تي موجوده کجين جا وڻ، محمد بن قاسم جي لشڪر اچڻ بعد پيدا ٿيا، جيڪو بلڪل غلط آهي. چچ نامي ۾ ڄاڻايل آهي تہ سنڌ جي راجا چچ ايران ۽ سنڌ جي حد بندي ڪرڻ لاءِ، مڪران جي ندي دشت جي ڪناري تي کجين جا وڻ پوکرايا هئا. هن بيان مان سمجهي سگهندا تہ عربن جي اچڻ کان اڳ بہ سنڌ ۾ کجين جا وڻ موجود هئا. سکر شهر ۾ معصوم شاهہ جو خوبصورت مُنارو ٺهيل آهي، جنهن تي چڙهي سڄي سکر شهر جو نظارو ڪري سگهجي ٿو. سکر هڪ خوبصورت شهر آهي ۽ واپار جو مرڪز رهيو آهي، ۽ سندس پر سان هندوئن جو مشهور ياترا آستان ساڌ ٻيلو موجود آهي. جتي سال بہ سال ڪيترائي پاڪستان توڙي انڊيا ۽ دنيا مان ياتري اچن ٿا. پنهنجيون رسومات پوريون ڪري من کي شانتي ڏين ٿا. انهي سکر شهر ۾ صدين کان دراوڙي نسل جا ميگهہ ونس آباد آهن. جنهن قبيلي مان هڪ نوجوان ڊاڪٽر پچن لال، جنهن تاريخ 6 فيبروري 1985ع تي پرائمري ماستر، شري جيسو مل پاٽيا راجو ماروَاڙي، لڳ ڊگري ڪاليج سکر جي گهر جنم ورتو. هن کي اٺ ڀاءُ ۽ ڀيڻيون آهن. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول لائق ماڪا سکر ۾ ورتي، اهو اسڪول پنهنجي گهر کان ڪلو ميٽر پري هو ۽ انهي وقت فقط هڪ سرڪاري اسڪول هو. مئٽرڪ سال 2000ع ۾ سکر بورڊ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. انٽر (پري ميڊيڪل) سال 2002ع ۾ سکر بورڊ مان فرسٽ

ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. سال 2002ع کان 2004ع تائين B.Sc University شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان فرسٽ ڪلاس ڪيائين. پاڻ هڪ غريب خاندان سان تعلق رکندو آهي تنهنڪري پڙهائي تي پورو پورو ڌيان ڏنو ۽ 2005ع کان 2007ع تائين M.Sc Chemistry قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. پنهنجي تعليم جاري رکندي، سال 2007ع کان 2009ع ۾ M.Phil ڪيمسٽري، قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين، ۽ Ph.D ڪيمسٽري ساڳئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. پاڻ فيبروري 2011ع ۾ شادي ڪيائين، کيس اولاد هڪ پٽ نالي ارجڻ پرڪاش آهي، جنهن جي عمر هن وقت 8 مهينا آهي. جولاءِ 2013ع تي اسسٽنٽ پروفيسر شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ مقرر ٿيو ۽ ڊاڪٽر يچن لال پنهنجي سڄي برادريءَ توڙي ڳوٺ ۾ پهريون Ph.D ڊاڪٽر آهي.

پاڻ ڪيترين ئي آرگنائيزيشن پارٽيز، ڪانفرنسن ۽ اسپورٽس ۾ شرڪت ڪندو رهيو آهي. پاڻ ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر هو ۽ پنهنجي ٽيم جو ڪيپٽن هو ۽ ڪيترين ئي ٽورناميٽ کٽيون.

پاڪستان ۾ ڪانفرنسون سمپوزيم ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي، ۽ سندس ريسرچ پيپر بہ شايع ٿيا آهن. قائداعظم يونيورسٽي پاڪستان جي مشهور يونيورسٽي آهي. پاڻ ريسرچ جي سلسلي ۾ ڇهہ مهينا يونيورسٽي آف سڊني، آسٽريليا انٽرنيشنل ريسرچ سپورٽ انيشيئٽو پروگرام (IR SIP) HEC طرفان Ph.D جو حصو هو. ڊاڪٽر يچن لال کي پنهنجو پاڻ تي فخر آهي. هن کي ۽ پنهنجي فيمليءَ کي هڪ ڇوڪرو ننڍڙي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ اسڪالرشپ ملي، جتي هُن ريسرچ مڪمل ڪئي. سڊني ۽ آسٽريليا دنيا ۾ وڏا شهر آهن، جتي هن کي ڪافي سکيا ملي ۽ پرايو ۽ هن ۾ Self Confidance Knowledge پيدا ٿيو.

هن وقت سندس ريسرچ، خاص ڪري ڪينسر کي ختم ڪرڻ آهي. جيڪا دنيا جي ٻيو نمبر وڏي بيماري آهي. جنهن جو هن وقت علاج جن دوائن يا ڪيموٿراپيءَ سان ڪيو پيو وڃي، جنهن مان

ڪيترائي سائيڊافيڪٽ ٿين ٿا. سندس خيال آهي اهڙي دوا تيار ڪجي، جو بنا ڪنهن سائيڊ افيڪٽ جي مريض کي فائدو ٿئي سندس هن وقت فوڪس ڪينسر تي آهي. اسان جي دعا آهي ته پڳوان سندس ڪاريہ ۾ کيس ڪاميابي ڏي. پاڻ هڪ اخلاقي، سٺو ڳالهائيندڙ شخصيت آهي ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جي ننڍي ۾ ننڍي عمر جي پروفيسر جي حيثيت جو اعزاز ماڻيو آهي. جنهن تي اسان جي پوري ميگهواڙ جاتيءَ کي فخر آهي. سندس اُڏام جاري آهي، پڳوان کيس مهان پد تي پهچائيندو ۽ قوم جو هيرو تي نروار ٿيندو.

خواہش سے نہیں گرتی پھل جھولی میں،
وقت کی شاخ کو میرے دوست ہلانا ہوگا۔
کچھ نہیں ہوگا اندھیری دل کو بُرا کہنے سے،
اپنے حصے کا دیا، خود کو جلانا ہوگا۔


جلي
جن ٻين کي
سهائو ڏين ٿا



# ڪامريڊ سڳاڙچند (سيجو)

(1914_04_11 کان 1987_07_19)

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
انهن سندي آنهيري وينا ڇِپ چڙهي،
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانئرن جو.
(شاهہ)

ڪارونجهر جي پهاڙي سلسلي ۾ گهيريل پارڪر جي پٽ تي جتي سُور وِير روپلي ڪولهي جنم ورتو، اُتي مسڪين جهان خان کوسي جهڙو سماج سڌارڪ پڻ پيدا ٿيو. انهن ڪي سارو جڳ سڃاڻي ٿو جن ڪي شهرتن جي بلندين ڪي آپو آڪاش بہ روڪي نہ سگهيا، ۽ انهن جو پورهيو ڪڏهن بہ رائيگان نہ ويو آهي ۽ نہ ئي ويڃڻو آهي. اڄ يا سڀاڻي ضرور تاريخ ڪين مڃتا ڏيندي. پارڪر جي سون ورڻي ڌرتي ڪيترن ئي سورهيہ، سماجي خدمت گارن ۽ ماتر ڀوميءَ سان محبت ڪندڙ ماڻهن کي جنم ڏنو آهي. اهڙو هڪ سورهيہ ميگهہ ونس سڳاڙچند سيجو تاريخ 11 اپريل 1914ع تي ڪارونجهر جي هنج ۾، ننگرپارڪر شهر کان ڏکڻ ۽ اولهہ طرف مشهور ڳوٺ آڏيگام ۾ سترام داس مڪواڻي (سيجو) جي گهر اکيون کوليون. سندس ماتا جو نالو نوو ونجار جو جيڪا ڳوٺ سوراچند تعلقہ ننگر پارڪر جي هئي. پاڻ شادي ڳوٺ ڪونڀاري مان تماچي جوڳوءَ جي نياڻي ٻاجُهوءَ سان ڪئي هئائين، جنهن مان کيس بہ پُٽ آهن. هر هڪ نالي وِٺل ۽ ٻيو منسنک، جيڪي حيات آهن.

هن پرائمري تعليم ڪانگريس طرفان جوڙايل پرائمري اسڪول آڏيگام ۾ ورتي، سيڪنڊري تعليم NJV اسڪول مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ ميٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. ميٽرڪ امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ کيس ٽُرت روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ جي حيثيت سان نوڪري ملي ويئي. جتان پوءِ ترت ترقي ماڻي اسسٽنٽ مختيارڪار ٿيو. ٿر جو ميگهواڙ جاتيءَ جي پهرين اسسٽنٽ مختيارڪار جو اعزاز ماڻيائين. پاڻ ننگر پارڪر، ساماروءِ

ميرپورخاص ۾ نوڪري ڪيائين. پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙن جا نالا اڄ بہ تاريخ جي ورقن ۾ اُڪريل آهن ڪي ماضيءَ جو قصو بڻجي ماضيءَ ۾ ئي گُم ٿي ويا آهن. سڳاڙچند تائين هڪ ڊگهي لسٽ آهي. جنهن ۾ مسڪين جهان خان کوسو عالمچند ڪولهي، گهمن سنگهہ ڀيل، مڏو ڪولهي، واڌو سنگهہ، سنت اميدرام، ڪوي لڪشانند، نيتي رام ڪان سنت ڪيتارام تائين کوڙ سارا ڪردار ملندا، جن پنهنجو سڀ ڪجهہ تياڳي، سماجي جاڳرتا لاءِ جاکوڙيو ۽ ڪارونجهر جو ڳاٽ اوچو ڪيو.

سڳاڙچند جي دل ۾ سدائين مظلوم ۽ ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙهيل مسڪين ماڻهن جو احساس هوندو هو. نوڪريءَ دوران رات جو ڳوٺن ۾ وڃي تعليم، صفائي ۽ سماجي ريتن رسمن تي ليڪچر ڏيئي معاشري جي ترقي، سُڌاري ۽ واڌاري لاءِ جاکوڙيندو رهندو هو. سڳاڙچند ۽ گهمن سنگهہ گڏجي پارڪر جي پنتي ڀيل ڳوٺن ۾ ڪانگريس جي سهڪار سان ڪيترائي اسڪول کولرايا، جنهن ۾ شيڊيول ڪاسٽ جا شاگرد آسانيءَ سان تعليم پرائي سگهندا هُئا. ياد رهي تہ ورهاڱي کان اڳ انگريزن جي دؤر ۾ پارڪر تي ٺڪرن جو اثر رسوخ وڏيڪ هوندو هو. اسڪولن ۾ ميگهواڙ ڪولهي ۽ ڀيل شاگردن کي گڏ ويهي پڙهڻ ڪونہ ڏيندا هئا. ان وقت ننگرپارڪر شهر ۾ شيڊيول ڪاسٽ ڪميونٽيءَ جي ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻيءَ جي وڏي تڪليف هوندي هئي. ڪجهہ کوهہ هئا جن تي اپر ڪاسٽ جي ماڻهن جو قبضو هو.

سڳاڙ چند ۽ سندس ساٿين ڪانگريس جي پليٽ فارم تان شريمتي وجڪووريا جي سهڪار سان سال 1935ع ۾ هريجنن لاءِ الڳ کوهہ کوٽرايو. جنهن کي هن وقت آشرم کوهہ سڏيو وڃي ٿو. ڪامريڊ سڳاڙ چند جي مسلسل جفاڪشي ۽ جاڳرتا جي نتيجي ۾ پارڪر جي ميگهواڙ ڪميونٽيءَ ۾ ايڪو ۽ اتحاد پيدا ٿيو. سندس سڏ تي هزارين ماڻهو گڏ ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري ڪاسبي ڳوٺ ۾ ڪجهہ شرپسندن پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کوهہ ڏانهن ويندڙ رستو بند ڪري ڇڏيو. جڏهن سڳاڙچند کي ان جي خبر پئي تہ هو هزارين

ماڻهو ساڻ ڪري اُتي پهتو ۽ نہ رڳو رستو کليو پر هميشہ لاءِ 24 فوٽ ويڪرو رستو منظور ڪرايائين. سماجي مسئلن جي حل لاءِ سڄاڙچند "پارڪر ميگهواڙ پنچائت" قائم ڪئي، جڏهن ڪو بہ سماجي مسئلو پيدا ٿيندو هو. تہ هڪدم پنچائت ڪوٺائي ان کي گڏيل حڪومت عمليءَ سان حل ڪيو ويندو هو. سال 1940ع ۾ پارڪر ميگهواڙ پنچائتي پلاٽ خريد ڪري، سڄاڙچند جي رهنمائيءَ ۾ هڪ پنچائتي "دئارو" ٺهرايو هو. اُها جاءِ اڄ بہ هر ماڻهو لاءِ آڏار بڻيل آهي.

سال 53-1952ع واري اليڪشن ۾ هُن ننگرپارڪر جي اقليتي مخصوص سيٽ تي ايم. پي. اي. لاءِ فارم ڀرائي، سياست جي بيٺل پاڻيءَ ۾ لهرون پيدا ڪري ڇڏيون. پاڻ اسسٽنٽ مختيارڪار جي پوسٽ تان استعيفيٰ ڏيئي، اليڪشن لڙيو. اُن اليڪشن ۾ راڻا چندر سنگهہ جي عمر گهٽ هئڻ ڪري فارم ڀرجي نہ سگهيو. سندس چاچو اليڪشن لڙيو هو. ڪيس چونڊ تان دستبردار ٿيڻ لاءِ ڪيتريون ئي لالچون، طرح طرح جون اٽڪلون ڪيون. آخر ۾ ڌمڪيون بہ ڏنيون ويون پر هو پنهنجي موقف تان نہ هٽيو ۽ ڪارونجهر وانگر مضبوط ٿي بيٺو رهيو. ڪيس خبر هُئي تہ هو هارائي ويندو تنهن هوندي بہ هن همت نہ هاري ۽ ڀرپور نموني سان اليڪشن وڙهيو. ٺمورتي سڄاڙچند، گهمن سنگهہ ڀيل ۽ عالم چند ڪولهي، گڏجي اتحاد قائم ڪيو. پڙهيل لکيل شاگردن کي گهرائي مختلف ڳوٺن ۾ اليڪشن ايجنٽ مقرر ڪري موڪليو. سوائي گونديءَ ۾ خوشحال، ڪاسبو ۾ ڪرشن لال ۽ رتن ڀيل، شولي ۾ ايجنٽ ٿي ويا هئا. سڄاڙچند اليڪشن هارائي هئي پر مسڪين ماڻهن جي ووٽ جو قدر ڪرايو. سڄاڙچند "اڇوتن جو آواز" جي نالي هڪ ڪتاب بہ لکيو هو.

سال 1971ع جي پاڪ ڀارت جنگ دوران سرحد جي هُن پار هليو ويو پيچ جي ويجهو ڳوٺ پراگپور لڳ پنهنجو ذاتي ڳوٺ سُڄاڙپور جي نالي سان جوڙائي، اُتي رهيو. جتي هن جي من کي ڪڏهن بہ چين نہ آيو. آڏيگام، ڪارونجهر، گهوٽياري، ڪاسبو کي ياد ڪري، هُن اکيون اوهيرا ڪري وهي پونديون هيون. وطن لاءِ سڪندي سڪندي

19 جولاءِ 1987ع تي، 73 ورهين جي ڄمار ۾ پارڪر جي مٽيءَ جو هيءُ سپوت پرلوڪ پڌاري ويو.

پارڪر جي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ هن وقت جو سڏارو آيو آهي انهيءَ جو بنياد سڳاڙچند رکيو هو. پارڪر جا ميگهواڙ اڄ به ڪيس دل سان ياد ڪندا رهن ٿا. هر ماڻهوءَ ڪي مرڻو آهي پر ڪردار جا نقش دلين تي ڇٽجي ويندا آهن. نسل در نسل اها ڇاپ منتقل ٿيندي رهندي آهي.

پارڪر جي ميگهواڙ گيتارين، "سڳاڙو" گيت پڻ جوڙيو آهي، جيڪو اڄ به ٻار ڪي لاڏ ڪوڏ ڪندي ڳائيندي يون آهن:

"منهنجو پُٽ سڳاڙو ٿيندو، آئون لاڏ ڪوڏ ڪريان ٿي"

وٺــي هــر هــر جنــم وربــو،

مٺا مهراڻ ۾ ملبو.

# پنهون مل هميراڻي
(1907 کان 1992)

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين ذات،
ساري سنياسين کي، رُنم ساري رات،
مون جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا.

پنهون مل هميراڻي اڏول پٽن جي پر ۾ همير جي ڏاڻي، لڳ گوڙيهار تعلقي مٺي، ضلع ٿرپارڪر ۾ سال 1907ع ڌاري هڪ سخي مرد، همير چند جوڳو جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو تاران هو، هوءَ پنڙيا ذات جي ۽ ڳوٺ رانجهي نون، تعلقہ مٺيءَ جي هئي. پنهون مل شادي ڳوٺ کانڪيو شري حاجو ڳنڊيير جي ڌي حليمان سان ڪئي. جنهن مان کيس 4 نياڻيون ۽ ہ پُٽ آهن. هڪ راڄجي مل پوليس کاتي مان رٽائر ٿيو ۽ ٻيو شري سترام داس پرائمري ماستري تان رٽائر ٿيو آهي ٻئي حال حيات آهن. پنهون مل 5 درجا پرائمري تعليم ڪانگريس اسڪول گوڙيهار مان پاس ڪيا. سندس اکر تمام سٺا هئا. انهيءَ ڪانسواءِ هو هندي گجراتي پڙهيل هو جنهن تي گهڻي مهارت حاصل هئس. پنهون مل ننڍپڻ کان پنهنجي پيءُ سان گڏ ٿر مان ڏڪا وٺي، گجرات ۽ ڪڇ طرف وڪرو ڪرڻ ويندو هو. جيئن تہ پارت جا اتم ذات سڏائيندڙ هندو، هريجنن جي ٻارن کي اسڪولن ۽ مندرن ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندا هئا ۽ کين سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طور غلام بڻائي ڇڏيو هئائون، ان ڪري پنهون مل 1930ع ۾ اڇوتن جي اڳواڻ، ڊاڪٽر امبيڊڪر سان بمبئيءَ ۾ ملاقات ڪئي، ۽ ان جي سياسي ۽ سماجي تربيت هيٺ رهيو. سال 1935ع ۾ پنهون مل جي ملاقات سوامي ڪرشنانند سان ٿي، جيڪو ورهاڱي کان اڳ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو هو. سوامي کيس انڊين نيشنل ڪانگريس پارٽيءَ ۾ وٺي آيو ۽ سندس ملاقات سابرمتي آشرم ۾ مهاتما گانڌيءَ سان ڪرايائين. هن مهاتما گانڌيءَ کي هريجنن جي فلاح ۽ بهبود جي سلسلي ۾ چيو تہ ٿر ۾ هريجن اسڪول کولي، استاد مقرر ڪري ڏين. مهاتما گانڌي اها ڳالهہ تسليم ڪندي، سنڌ جي مشهور

ڪانگريسي اڳواڻ، پروفيسر گهنشام، ڊاڪٽر چوئٿرام، جيئٺمل پرسرام، لالچند امرڏني مل جگتاڻي، پروفيسر هاسانند جادوگر ۽ شاعر هوند راج ڏکايل کي لکيو تہ ٿر ۾ هريجن اسڪول کولي، انهن ۾ سُٺا استاد مقرر ڪري ڏيو ۽ انهن جا پگهار پارٽيءَ جي فند مان ڏنا ويندا.

پنهون مل مهاتما گانڌيءَ جو پيغام کڻي حيدرآباد پهتو. انهن صاحبن ٿر ۾ 30 هريجن اسڪول کولي استاد مقرر ڪري ڏنا. جن جي نگراني ۽ انتظام پنهون مل جي حوالي ڪيو ويو. انهن اسڪولن مان تعليم حاصل ڪيل نوجوانن ٿر جي پٽن واري علائقي ۾ وڏي سجاڳي آندي، جا اڄ اوهان سڀني جي سامهون آهي. اهو ڪريڊٽ مهان انسان پنهون مل هميراڻيءَ جي حصي ۾ اچي ٿو. پنهون مل هميراڻي ”لوڻ تحريڪ“ ۾، ننگرپارڪر شهر ۾ ان تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي هئي.

سال 1939ع ۾ ٿر ۾ تمام سخت ڏڪار پيو هو. جنهن لاءِ ڪانگريس طرفان گڏڙو ۾ اناج مهيا ڪيو ويو هو. جنهن جو نگران پنهون مل کي مقرر ڪيو ويو. جنهن ڏڪاريل ماڻهن ۾ اناج جي صحيح ورهاست ڪرائي. پنهون مل 1942ع ۾ ”ڪئٽ انڊيا“ هلچل ۾ حصو ورتو ۽ جيل بہ ويو. ملڪ جي ورهاڱي وقت هن سنڌ ڇڏڻ کان انڪار ڪيو ۽ ٿر جي ڳوٺ ”همير جي ڍاڻي“ ۾ ئي رهيو سال 1948ع ۾ هن سرڳواسي گهمن سنگهہ پيل، ۽ مالچند ڪولهيءَ سان گڏجي ”هريجن سماج سڌار سنگت“ جو بنياد وڌو. انهيءَ پليٽ فارم تان ڪافي ماڻهن کي روزگار جا ذريعا ميسر ٿيا. پنهون مل هميراڻيءَ جو هڪ وڏو ڪارنامو جيڪو ٿر جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي، سو اهو هو تہ 1971ع واري پاڪ ڀارت جنگ ۾ هن ٿر جي هزارين مسلمانن جو دفاع ڪيو. جڏهن تہ سندس ڳوٺ بہ هندوستاني فوج جي قبضي ۾ اچي چُڪو هو. پنهون مل پنهنجي سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ تمام گهڻو مشهور هو. سندس ذاتي لئبرريءَ ۾ سوين ڪتاب هئا. پنهون مل ڪجهہ وقت يونين ڪائونسل سينگارو جو آنرري سيڪريٽري بہ ٿي رهيو ۽ سال 1962ع ۾ بي. ڊي. جو ميمبر بہ ٿي رهيو هو.

هن جا سائين جي. ايم. سيد، حيدر بخش جتوئي، مسڪين جهان خان کوسو، مير محمد بخش خان ٽالپر، محمد عثمان ڏيپلائي،

رائچند هريجن، غلام محمد جنجهي راشد مورائي، تاج جويو انب گوپانگ، مجرم لغاري ۽ جام ساقيءَ سان دوستاڻا تعلقات هُئا. پنهون مل هميراڻي پنهنجي ميگهواڙ جاتيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندي ڪندي، سال 1992ع ۾ اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو ۽ پنهنجي اصل مالڪ سان وڃي مليو.

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

اڄ بہ اسان کي پنهون مل جهڙن ڪردارن جي سخت ضرورت آهي، جيڪي وقت جي ظالمن سان مقابلو ڪن ۽ مسڪين قوم جو پرجهلو ٿين. سندس فرزند سترام داس هميراڻي پرائمري استاد هو جنهن رٽائرمينٽ ڪئي آهي. سندس پائيٽو سنپو هميراڻي ناميارو اديب، استاد ۽ سماج سڌارڪ ٿي گذريو آهي جنهن ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ مسڪين جهان خان کوسي سان گڏجي هارين ۽ غريب ٿرين جي سجاڳيءَ ۽ خدمت جا ڪم ڪيا.

# مهرچند ٻالاڻي

(1907_06_17 کان 1990_01_07)

سي ٿي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
رُئان رهن نہ سپرين، آيل ڪريان ڪيئن،
مونکي چاڙهي چيئِن، ويو وڻجهارو اوهري.
(شاهہ)

هن ڌر تي ڪيترائي پڪا ۽ سچا ڪانگريسي انقلابي پُرش ٿي گذريا آهن، جن ۾ پنهون مل هميراڻي گوڙهيار، سگاڙچند سيجو ڳوٺ آڏيگام، سرڳواسي ڪلا رام جئپال لوٽيو، سرڳواسي همير سکاڻي مٺي، سرڳواسي رائڌڻ منڙيو هاليپوٽا ۽ ڪارو مل اسلام ڪوٽ قابل ذڪر نانءَ آهن. اهڙي هڪ انقلابي ۽ سماج سڌار پُرش سرڳواسي مهر چند ٻالاڻي تاريخ 1907_06_17ع ۾ مٺي شهر ۾ ٻالو ڪوڪر جي گهر جنم ورتو. سندس خانداني پس منظر پيش ڪندي اهو لکڻ ضروري آهي، تہ سندس پتا ٻالو، مٺيءَ ۾ پنهنجي نيات جو چڱو مڙس ۽ پٽيل هو. ٻالو بہ شاديون ڪيون هيون، پهرين شادي ڳوٺ پوسرِڪو مان ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ٿيا. رامچند، لالو، گنگو ۽ ٻئي شادي ڳوٺ ماڃني مان، نالي جامان سيجو سان ڪئي، جنهن مان ڪيس 3 پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي 1. تلوڪ 2. گوبند 3. مهرچند ۽ هڪ نياڻي هستو. مهرچند شادي نالي ست ٻائي، ڌي چتون، ذات پرگڙو، ڳوٺ حجامڙو تعلقہ مٺي مان ڪئي. جنهن مان ڪيس 7 نياڻيون ۽ بہ پٽ ٿيا.
1. پيرو مل ٻالاڻي (جيڪو MPA بہ ٿي رهيو هو هن وقت ذاتي ڪاروبار ڪراچيءَ ۾ ڪري ٿو.) ٻيو دريوڌن، جو سرڪاري نوڪري ڪري رهيو آهي. سندس سڀ نياڻيون شادي شده ۽ پنهنجي اولاد سان خوش آهن.

مهرچند جو جنم وقت، آزاديءَ جي هلچل جو دؤر هو. تنهن ڪري ڪانگريس جو مٿس وڏو اثر هيو. انهي وقت جا هندو ميگهواڙن، پيلن، ڪولهين ۽ ٻين اڇوت ذاتين کي هندو اڇوت، يا هريجن ڪري سڏيندا هئا. گانڌي هريجن ڪري سڏيو هو. انهن کان

مهاجن هندو ڏاڍي نفرت ڪندا هئا. انهن کي اڇوت سمجهي وهڻ، رهڻ، کائڻ ۽ پيئڻ تہ در ڪنار، ڇُهڻ سان بہ انهن هندون جو ڌرم پرشٽ ٿي ويندو هو. سرڳواسي مهرچند ٻالاڻيءَ کي پنهنجي حالت ۽ ذات ۾ پاڻورن سان اها نفرت ڏسي، ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. کين سڌارڻ لاءِ هميشہ سمجهائيندو هو. تنهن ڪانسواءِ اڇوتن جي پڙهڻ لاءِ اسڪول پڻ ڪونہ هو. ڪانگريس جي مدد سان سال 1916ع ڌاري اڇوت ٻارن کي پڙهائڻ جو بندوبست ڪيائين، پر هندن مهاجنن جي زور تي گڏ ويهڻ جي اجازت نہ هُئي. تنهن ڪري اسڪول جي پرسان هڪ لانڍي ٺاهي، اڇوت ٻارن کي انهيءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ پونجو نالي هڪ گرڙو ماستر رکي ڏنائين. جنهن ۾ مهرچند ۽ سندس ڀاءُ گوبندرام بہ فائنل امتحان جي تياري ڪئي. انهي اسڪول ۾ ٻيا بہ اڇوت ۽ مگهڙار ڇوڪرا هئا. جن عمرڪوٽ وڃي امتحان ڏنو پر ٻئي پاڻ فيل ٿيا هئا. انهي زماني ۾ جيڪي بہ ڪانگريسي ايندا هئا، انهن جون تقريرون ٻڌڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ سندس مقصد هو. انهيءَ ڪانسواءِ ڌرم جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ مٿن عمل ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. جتي اڳ مٺيءَ ۾ سڪندر سوشل ڪلب هو، اُتي هندو ڌرم تي تقريرون ڪندا هئا. پنڊت لوڪ ناٿ هندو ڌرم تي وياکياڻ ڏيندو هو. آريہ سماج وارا صرف هندن کي گهرائيندا هئا. انهي وقت ڪانگريس جو زور هو. تنهن جي مدد سان اهو اسڪول کولايو ويو هو.

انهي وقت اسڪول جو هيڊ ماستر پراڳچند پُشڪرڻو برهمڻ هو. ماستر پونجو مل گرڙو سان مليو. تنهن کي سڀ ڳالهيون سمجهائي ۽ حاضريءَ بوڪ ۾ هريجن ڇوڪرن جا نالا لکائي، پڙهائي شروع ڪئي هئائون. سرڳواسي مهرچند ۽ سندس ڀاءُ گوبند رام سال 1916ع کان انهي اسڪول ۾ پڙهائي شروع ڪئي هئي، ۽ 1929ع ۾ فائينل جو امتحان عمرڪوٽ ۾ ڏنو هئائون، پرپاس ڪونہ ٿيا. ڪلاس ۾ ڪل 30 شاگرد هئا جن ۾ هڪ ڀيل، هڪ گرڙو تي مگهڙار ۽ ٻيا سڀ ميگهواڙ شاگرد هئا. انهي اسڪول جي وزٽ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن انگريز آفيسر ايندا هئا، ۽ حاضري بوڪ تي ريمارڪس هڻي ويندا هئا. هيڊ ماستر، جيڪو پڙهائڻ لاءِ مين

اسڪول ۾ ويندو هو ايتري وقت لاءِ پونجومل کي ڪُرسيءَ تي ويهڻ جي اجازت هوندي هُئي.

هو جڏهن واپس ايندو هو تہ ڪرسيءَ کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ڇيپ لاهي، پوءِ وهڻ لائق سمجهيو ويندو هو. آريہ سماج جو زور هو پر ڪانگريس جو مٿن دٻاءُ هو. انهي وقت انهي مت پيد ڪري ڪيترين ئي درخواستون ڪيون ويون هيون. تنهن ڪري انهي اسڪول ۾ هيڊ ماستر روي شنڪر ٻڌايو ۽ انڪوائري ٿي، تڏهن سيٺي ڪان لڪائي ورتو ويو هو تہ هتي ڪابہ ڇوت ڇات يا متڀيد ڪونہ ٿو ٿيئي. اهو لکرائي انڪوائري وارن کي جواب ڏنائون، سيٺيءَ جي اها مجبوري هئي.

انهي وقت ڪانگريس طرفان جئرام داس، ڊاڪٽر وطن مل، هوند راج دکايل، پروفيسر ملڪاڻي، هاسانند ۽ پروفيسر گهنشامداس سوامي ڪرشنانند ۽ سنت ليلا شاهہ وغيره ايندا هُئا.

جئرام داس ۽ دولت رام خاص ڪري ميگهواڙ جاتيءَ لاءِ ڪانگريس طرفان مقرر ٿيل هئا، اهي سڌاري ۽ تعليم لاءِ مدد ڪندا هئا. جيئن تہ مهرچند ۽ سندس ڀاءُ گوبند رام فائينل امتحان ڪونہ پاس ڪري سگهيا، سو واپس اچي درزڪو ڪم سکيا. مهرچند وڃي اسلام ڪوٽ ۾ اهو درزڪو ڪم شروع ڪيو. انهي وقت اسلام ڪوٽ ٿر جو واپاري شهر هو. شهر جو مُکي سيٺ رامچند هو. تنهن جو پٽ نهالچند لهاڻہ جو تمام لائق ماڻهو هو جو بعد ۾ اسلام ڪوٽ يونين ڪائونسل جو چيئرمن رهيو هو ۽ هو انهي وقت غريب ۽ هيٺين ذات وارن سان ايترو مت ڀيد نہ رکندو هو. 2 سال اسلام ڪوٽ ۾ ڪم ڪري، پوءِ اچي مٺي شهر ۾ درزڪو ڪم ڪيو. مٺيءَ جي بازار ۾ سيٺ ڏرمداس ۽ ڀاءُ چترو مل وڪيل جي دڪان تي مشين رکي ڪم ڪندو رهيو. وڪيل چترو مل لوهاڻہ ۽ بجير آچار خان سندس خاص دوست هُئا. آچار خان بجير مئٽرڪ پاس هو. پهرياڻين چترومل وڪيل وٽ ڪلارڪ هو ۽ آفيس ۾ ڪم ڪندو هو. پوليس ۾ نوڪري ڪيائين. پاڙي جو چڱو مڙس هو ۽ پوءِ يونين ڪائونسل مٺيءَ جو چيئرمن بہ ٿي رهيو هو. مهرچند کي پوءِ سنڌ سمال

انڊسٽريءَ ۾ اسٽور ڪيپر جي نوڪري ملي. آخرتائين نوڪري ڪيائين ۽ اتان رٽائر ٿيو.

آخر هيءُ آدرش انسان تاريخ 17-01-1990 تي، هن سنسار کي الوداع چئي، پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

هو جو پيار ڪامي ويا ۽ ڪيڏو دور اڏامي ويا.

(اياز)

# امر وير لڏارام
(1910-1-1 کان 1959-2-22ع)

گهوڙن ۾ گهوٽن، جيئڻ ٽورا ڏينهڙا،
ڪڏهين منجهہ ڪوٽن، ڪڏهين راهي رڻ جا.
(شاهہ)

ڪي ڪي ڪردار زبان، تحرير ۽ تقرير کان اعليٰ هوندا آهن. پوءِ اسان جهڙن عام انسانن جي دل، انهن جي عظمت ۾ احترام اڳيان سر جُهڪائي، ڪين ڪومل لفظن ۾ پيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي آهي. سادا سودا لفظ انهن ڪردارن کي واضح نہ ڪري سگهندا آهن. هيءَ اهڙي ئي هڪ امر انسان جي ڪٿا آهي، جنهن جو نالو امر وير لڏارام پنڃار هو. جنهن 1910-1-1ع شهر پنوعاقل ضلع سکر ۾ مُکي ٻتارام پنڃار جي گهر جنم ورتو. سرڳيہ لڏارام جي ڌرم پتنيءَ جو نالو جسودا پڙهيار، ڏي ايسر، ڳوٺ بشير آباد، تعلقو اوٻاڙو، ضلع گهوٽڪي هو جنهن مان ڪيس 2 نياڻيون ۽ هڪ پٽ ارجڻ داس وڪيل آهي.

سرڳيہ لڏارام پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پنوعاقل مان حاصل ڪئي. هو انگريزيءَ ۾ بہ لکڻ پڙهڻ ڄاڻندو هو. لڏارام پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪاروبار جي لحاظ کان واپاري هو. هو ننڍي هوندي کان ئي ملنسار، مهمان نواز ۽ هٿ جو کليل سخي مرد هو. هو راڳ ڳائيندو هيو ۽ هو انيڪ قسمن جي راندين ۽ ملهہ جو بہ شوقين هيو. هو پنچائتي ميڙن ۾ بہ وڏي چاهہ سان شريڪ ٿيندو هيو ۽ پاڻ هڪ ناليوار نياڪاري ۽ سر پنچ پڻ هيو. جڏهن اپر سنڌ ۽ پنجاب جي ميگهواڙن جي پنچائت جا عظيم ميڙاڪا ٿيندا هئا، تہ ٻين مشهور زمانہ سرپنچن وانگر لڏارام بہ پنچائت جو روح روان سمجهيو ويندو هيو. هن کي سياست ۾ بہ دلچسپي هُئي. هو 1955ع کان 1958ع واري مارشل لا اچڻ تائين، ضلع ڪائونسل سکر جو ميمبر بہ ٿي رهيو هو. هو الله لوڪ ماڻهو هو. درويشن، سنتن ۽ عالمن جي دل سان عزت ڪندو هيو. لڏارام کي غريبن، مسڪينن ۽ زماني

جي ستايل ماڻهن سان شروع کان ئي همدردي هئي. ان ڪري ڪير بہ سوالي ٻڌجي سندس مدد ڪرڻ لاءِ اوش ايندو هيو تہ هُو انهي جي تڪليف جي ازالي ڪرڻ لاءِ سندس ٻانهہ ٻيلي ٿي انهيءَ جي مشڪل کي دور ڪندا هُئا. لڏارام کي ڪنهن جي ننگن ۽ نياڻين ڏانهن وڌندڙ هٿن ۽ زور آورين ڳالهين تي ڏاڍو افسوس ٿيندو هيو. انهن ڏکويلن جي مدد کي لڳي، سندن تڪليف دور ڪرائڻ ۾ راحت محسوس ڪندو هيو.

1958ع ۾ برادريءَ جي هڪ شادي شده ناريءَ کي اغوا ڪري، سندس ڏرم بدلايو ويو هيو. ان جي واپسيءَ لاءِ ٻارنهن تل (تعلقن) واري پنچائت، جيڪا اتر سنڌ ۽ پنجاب جي ضلع رحيم يار خان تي مشتمل هئي. لڏارام کي ڏرم جي نالي ۾ اها ناري، نيٺي ٻائي هن وقت زنده آهي ۽ کيس پنهنجي نياڻيءَ وانگر مان ۽ سنمان سان پنهنجي گهر ڪوٺي ايندو هو. کيس واپس ڪيرائي اچڻ لاءِ زور ڀريو ويو پر لڏارام ان ناريءَ سان ملاقات ڪري اچي پنچائت کي چيو. هوءَ چئي ٿي تہ منهنجي شادي ٻئي مرد سان ڪرايو تہ موٽي اچڻ لاءِ لڏارام جو چيو مڃيندس. پنچائت اها ڳالهہ مڃي، پوءِ وڏي جتن ۽ حاڪمن جي همدرديءَ سان ۽ ناريءَ جي رضا سان اها ناري واپس ٿي. پر پوءِ کيس ٻيو مڙس ڏيڻ واري واعدي تان پنچائت ڦري ويئي. پر ناري لڏارام کي پنهنجي ڏنل وچن کان مُڪت ڪري، ساڳئي گهر ۾ رهڻ جو وچن ڪيو.

لڏارام نهايت کُلي دل ۽ اعليٰ ذهن جو مالڪ هو. سورهيائيءَ ۾ سندس ڪو مثال ملڻ مشڪل هوندو. جو ان غريبن، عزت، ننگ ۽ ناموس جي پاسداري ڪندي، پنهنجي جان جي قرباني ڏيئي، هڪ اعليٰ مثال قائم ڪيو ۽ امرتا حاصل ڪري هندو برادرين ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو. نيٺ 1959-2-22 تي شام جو لڏارام هڪ پئسينجر ٽرين ۾ گهوٽڪيءَ کان پنوعاقل اچي رهيو هو. (ان گاڏي ۾ هڪ ميگهواڙ تنو جي ادشي ۽ ٻيا 14 فوجي ويٺل هئا) پنوعاقل ۽ گهوٽڪيءَ جي وچ واري مهيسر نالي ريلوي اسٽيشن تي، ڀينو فقير جي صورت ۾ هڪ ماڻهو دريءَ وٽ اچي پستول جو فائر ڪيو جو لونڊڙيءَ واري پاسي کان مٿي ۾ لڳو ۽ هيءَ امر آتما ڏيڍ ڪلاڪ

ڪانپوءِ پنهنجي پرماتما سان وڃي مليو. اهو واقعو پير پرچوندي‌ءَ جي ماڻهن، امر شهيد ڪنور رام واري ساڳئي ٽيم 1939ع رُڪ اسٽيشن تي ڪيو هو.

هن وقت اُهي ٻئي اسٽيشنون رُڪ ۽ مهيسر ويران ۽ تباهہ ٿي ويل آهن. ڏوهارين مان هڪ کي چانهہ وڪڻڻ واري هڪ پٺاڻ فائرن جي پوءِ ڪرڻ کان لاپرواهہ ٿي، ڊوڙائي ڊوڙائي وڃي پڪڙيو هيو جنهن کي هٿيار رکڻ واري ڏوهہ ۾ سزا ملي هئي. اهو پٺاڻ امر وير لڏارام جي ورسي‌ءَ ۾ مردان کان هاڻي بہ ايندو رهندو آهي. اهڙي هستي جنهن انسان ذات جي خدمت ڪندي، پنهنجي جان جي قرباني ڏني آهي.

انهي‌ءَ جي روحاني سڳنڌ جيئن اڳ جاري هئي، تيئن اڄ بہ جاري آهي. سندس فرزند وڪيل ارجڻ داس پنهنجي پتا جي ياد ۾ هر سال ورسي ملهائيندو آهي، ۽ ميگھواڙ برادري‌ءَ جي ماڻهن کي سندن ملڪي سطح تي نمايان ڪارڪردگي‌ءَ جي مڃتا عيوض، امر وير لڏارام ايوارڊن سان نوازيندو رهندو آهي.

اڄ پرين هي زندگي مختصر ميڙي وٺون،
نفرتون ڪنڊن وانگر ڪڍون،
۽ گُل محبت جا ميڙي وٺون.

# پريم چند (پريم)

(1952_03_15 کان 1997_05_13)

چني گل گلاب جا، ڪيئي ڏارو ڏار،
اڙي موت ميار، ايڏو ساڙ سڳنڌ سان!

چيلھار جي مھان ڌرتيءَ سان محبت ۽ عقيدت انھي ڪري بہ آھي، جو جنھن پھريون انمول تحفو تاريخ ريگستان جي ليکڪ سرڳيہ رائچند راٺوڙ جي صورت ۾ ڏنو ٻيو سرڳيہ استاد ڀانو مل جي صورت ۾ ڏنو. جيڪي اسان لاءِ باعث فخر ٿيا، ۽ تاريخ ۾ امر ٿي ويا. ٽيون انمول هيرو قومي درد رکندڙ انسان ذات جي همدرد پُرڪشش شخصيت جي مالڪ، سرڳيہ پريم چند جي روپ ۾ ڏنو جنھن جو عمل ۽ ڪردار اسان لاءِ مشعل راھہ آھي. اھڙن سپوتن جي مائرن کي سلام! پريم چند جو جنم 15 مارچ 1952ع تي سرڳيہ نانڪرام، ذات پنڙ چيلھار جي گھر ٿيو. پريمچند جي ماتا شريمتي ميا ڏي نانڪ رام ذات کوکر، جيڪا مٺي شھر جي رھواسڻ آھي.

پريم چند سيني ٻارن ۾ وڏو ھو. انھي ڪري کيس تمام گھڻو پيار مليو. پاڻ شادي ڳوٺ ميمڻ جو تڙ تعلقہ مٺيءَ مان سرڳيہ وانڪجي مل پرگڙو جي گھران ڪئي. سندس ڌرم پتنيءَ جو نالو پريمان، ڏي وانڪجي مل ھڪ خود دار انسان ھو ۽ حافظي جو ايترو تيز ھو، جو ھو پنھنجي واسطي وارن جون ڪيتريون ئي پيڙھيون ٻڌائيندو ھو. پريم چند جو اولاد نياڻيون ۽ ٽي پُٽ 1. دولت جيڪو MSC ڪيمسٽري پاس، JST جي نوڪريءَ ۾ 2. نريندر BE ٽيڪسٽائيل مھراڻ يونيورسٽي، پرائيويٽ نوڪريءَ ۾ 3. جيوت M.Sc مئٿس آھي.

سندس والد کيس ڇھن سالن جي عمر ۾ سن 1958ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول چيلھار ۾، استاد رائچند راٺوڙ ميگھواڙ وٽ داخل ڪرايو. پرائمري اسڪول مان پنجون درجو پاس ڪري، ھاءِ اسڪول چيلھار ۾ داخل ٿيو جتان 1968ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. غريبي حال ھجڻ ڪري پنھنجي پڙھائي اڳتي جاري رکي

نہ سگهيو ۽ نوڪري ڪرڻ ۽ پنهنجي پيءُ جو گهرو خرچ ۾ هٿ ونڊائڻ جي حوالي سان هُن حيدرآباد جو رُخ ڪيو.

حيدرآباد ۾ رهڻ دوران C.com, D.Com ٽائيپ ۾ شارٽ هينڊ جو ڪورس پڙ ڪيائين، اهو زمانو اهڙو هو جو ٿر کان ٻئراج علائقو تمام پري هو ۽ پهچڻ ڏکيو هو. ٿر کان نئون ڪوٽ پهچڻ لاءِ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي GMC ڇڪڙا هلندا هئا، پر گهڻا ماڻهو اٺن تي سفر ڪري نئون ڪوٽ پهچندا هئا، جتان اڳتي ٽرين ذريعي سفر ڪندا هئا.

انهي دؤر ۾ نوڪريون ٿوريون هيون پر اُهي هوشياري ۽ قابليت جي بنياد تي ملنديون هيون. پريمچند کي جنوري 1971ع ۾ ڊائريڪٽر آف اسڪولس جي آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ طور نوڪري ملي، ڇهہ مهينا نوڪري ڪرڻ بعد ڪيس جونيئر هجڻ ڪري رڊڪشن ۾ لاٿو ويو. پر ترت ئي وري جايون پئدا ٿيڻ ڪري نوڪري بحال ڪئي ويئي.

سال 1975ع ۾ ڪاتو بدلائي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، سول لائين آفيس ۾ اسٽينو ٽائيپسٽ طور پرتي ٿيو. محنت ۽ سچائيءَ ڪري اسٽينو گرافر جي پوسٽ تي ترقي ڏيئي، ان وقت جي چيئرمين جسٽس آغا امداد علي جو PA مقرر ڪيو ويو. 1983ع ۾ سندس محنت جي ميجتا ۾ ڪيس ترقي ڏيئي آفيس سپرنٽينڊنٽ بڻايو ويو ۽ اضافي چارج ڪنٽرولر آف ايگزمينيشن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ڏني ويئي، ۽ اهو فرض تي سال تائين نهايت محنت ۽ ايمانداريءَ سان نڀائين.

پنهنجين ڪوشش سان پهرين 1984ع ڌاري، شيڊول ڪاسٽ ايسوسيئيشن کي زندهہ ڪيائين، ۽ ان ڪانپوءِ ڪجهہ ساٿين جي مدد سان 1985ع ۾ ميگهواڙ ايڊيوڪشنل ايسوسيئيشن جو بنياد رکي پهرين ميٽنگ کان رجسٽريشن تائينءَ جو ڪم پايہ تڪميل تي پهچايائين، ۽ پنهنجو پاڻ کي ان جو رضاڪار بڻائي ڇڏيائين. سندس ڪوشش مان ڪافي چندو گڏ ڪري، اسڪولي غريب شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني ويئي، ۽ سندس جاکوڙ جي نتيجي ۾ ميگهواڙ ايڊيوڪيشنل ايسوسيئشن حيدرآباد جو آئين مرتب ٿيو ۽

رجسترڊ ٿي وجود ۾ آئي. 1984ع ۾ سامارو شهر ۾ پهرين گڏجاڻي سڏائي، اليڪشن ۾ بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي 11 ميمبرن مان سڀ کان وڏيڪ ووٽ حاصل ڪندڙ سرڳيہ پريمچند هو. ان بعد ضلعي ۾ تعلقي ليول تي يونٽ کولڻ لاءِ مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ سڏايل ميٽنگن ۾ شرڪت ڪئي. شگر جي تڪليف جي باوجود ڪڏهن بہ ٿڪاوٽ جو اظهار نہ ڪيائين. بڻ اونهاري جي گرمي هجي يا وچ سياري جو سيءَ، رات هجي يا ڏينهن طوفان هجي يا برسات، هو هر پل هڪ پير بہ پوئتي نہ هٽيو.

جان جيئن تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تني ٿڌي ڪاهہ هل، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

جيئن تہ هُن پاڻ غريب، افلاس، ڏک ۽ ڏوجهرن جهڙي ڏکي رستي کي پار ڪيو هو. تنهن ڪري سدائين سوچيندو هو تہ غريب جاتيءَ سان واسطو رکندي، جيڪڏهن اميراڻا خيال ڪنداسين تہ ڪکن جا پونگا آهن. انهن جو چا ٿيندو، ۽ غريبن جي خدمت وارو جذبو بہ موڪلائي ويندو، ۽ عام ماڻهو واري لڏي کان بہ پري ٿي ويندس. اهو خيال دل ۾ رکي غريبن سان ڏک سک ۾ گڏ رهڻ ۾ فرحت محسوس ڪندو هو. خوشي يا غميءَ جي ڪمن ڪارين ۾ سپني عزيز برادريءَ سان گڏ هوندو هو ۽ پاڻ کي ڪڏهن بہ ٻين کان مٿي نہ سمجهيائين. سرڳيہ پريمچند سدائين خوشيون ونڊڻ ۽ ٻين جا ڏک ميڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڪڏهن بہ پئسي جي لالچ نہ رکيائين. اهڙي اهم ڪاتي ۾ اهم پوسٽ تي رهڻ جي باوجود بہ سادگيءَ جي زندگي گذاريندو رهيو. ڪڏهن بہ ٺٺ ٺانگر نہ رکيائين. سرڳيہ پريمچند ڪلارڪي واري وقت کان وٺي ڊپٽي سيڪريٽري ٿيڻ تائين، قريشي ڪمرشل انسٽيٽيوٽ ۾ شارٽ هينڊ سيکاريندو هو. هر ڪاتي ۾ سندس هڪ يا ٻہ شاگرد ضرور ملندا. سندن وحدت ڪالوني وارو سرڪاري گهر بہ سماجي ڪمن جو مرڪز سمجهيو ويندو هو.

ڪيترا ئي ميگهواڙ انهيءَ گهر ۾ رهي، ٽائيپ ۽ شارٽ هينڊ سکي، مختلف کاتن ۾ نوڪريون ڪري رهيا آهن. هو انهن جي اخلاقي توڙي مالي مدد بہ ڪندو هو. ڪيترائي ماڻهو آفيسر هوندي بہ،

پريمچند جي رهنمائيءَ ۾ ڪميشن جي امتحان جي تياري به سندس گهر ۾ ڪرائيندا هئا. جيڪي اڄ ڪلهه مختلف ڪاتن ۾ اهم سيٽن تي موجود آهن ۽ سندس ڏسيل راهه تي عمل ڪندي، ماڻهن جي خدمت ڪري رهيا آهن. هن نيڪ انسان جي گڻن جي ڪيتري ساراهه ڪريان؟ هي اڻ ڳُڻ گڻن جو مالڪ هو. بيروزگار نوجوانن کي ٽائيپ ۽ شارٽ هينڊ سيکارڻ هجي يا نوڪري لاءِ ڪا راهه. شاگردن کي داخلا وٺائي ڏيڻ هجي يا سندن رهڻ جو بندوبست، ڦاٿل ماڻهن کي مفت قانوني مشورا ڏيڻا هجن يا قابل وڪيل جي تلاش، مختلف آفيسن ۾ ڪم ڪار لاءِ ايندڙ غريب ترين سان گڏ وڃڻو هجي يا سفارشي چٽ. شهر جا ڪم ڪار هجن يا شادي غميءَ جو سامان خريد ڪرڻو هجي، ماڻهن کي اسپتال حوالي يا ڪين ضرورت جو سامان، داخل مريضن جي صبح شام سارسنڀال لهڻ هجي يا کاڌي خوراڪ جو انتظام، غريب مريضن لاءِ چندو گڏ ڪرڻو هجي يا مفت دوا لاءِ ڪوشش، رت جو بندوبست ڪرڻو هجي يا پساهه پورا ڪندڙ کي ڳوٺ پهچائڻو هجي، مطلب ته ضرورتمند کي ڪڏهن نا اميد نه ڪيائين. هي هڪ ٻڙ جي وڻ وانگر هوندو هو. جو ڪيترائي غريب سندس ڇانوَ هيٺ ويهي پنهنجين پيڙائن کي گهٽائي، سک جو ساهه کڻندا هئا.

آخر ۾ اهو لکڻ ضروري آهي ته ميگهواڙ جاتيءَ ۾ ٿوري وقت ۾ گهڻو ڪم ڪرڻ وارو، پريمچند، جنهن جو جهڙو مائٽن نالو رکيو، تيئن هر انسان سان پريم ڪيو. هو هڪ سماجي ورڪر ۽ وڏو انسان هو. ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءَ نه ٿيندو ته پاڻ هڪ ادارو هو جيڪو سندس وڃڻ ڪري بند ٿي ويو آهي. ٿوري عرصي ۾ وڏيون ۽ عظيم خدمتون سرانجام ڏيئي، ميگهواڙ جاتيءَ جي تاريخ ۾ ته جي تاريخ جي ورقن ۾ پاڻ کي عظيم سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان نالو لکرائي، امر ٿي ويو. کيس وڪيل ارجڻ داس امر وير لڌارام ايوارڊ سال 2007ع، سامي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي سندس سرڳواس ٿيڻ بعد ڏنو ويو.

آخر ۾ هيءُ فرشتہ صفت امر انسان، تاريخ 1997-05-13 تي وجي پنھنجي حقيقي مالڪ سان مليو. هزارين دلين کي گھايل ڪري، رت روئاڙي، ماتم ڪرائي امر ٿي ويو. پر هيٽن جي همدردي، ڏکويلن جي ڏيءِ دردمندن جي دوا جا در هميشہ بند ٿي ويا. هيءُ هڪ قسم جو حاتم طائي هو. هاڻ اسان اهڙي رڻ پٽ ۾ اڪيلا آهيون، جتي ويجهي ڪابہ وسندي، چانوَءِ روشني نظر ڪانہ ٿي اچي.

مور ٿهوڪا ڪن جتي، مان اُت هوندو سانءِ،
مونکي ياد ڪجانءِ، جڏهين وسن مينھڙا.
(اياز)

# ڪامريڊ اومون مل ”مسافر“

(1944_01_27 کان 1992_02_02)

جلي جي ٻين کي سُھائو ڏين ٿا،
لکين گھور تِن تان پتنگا ٿين ٿا.

سنڌ سونھاريءَ جي ڌرتي پنھنجي انگ مان ڪيترائي گل، ماڻڪ موتي ۽ بي بھار ھيرا جنم ڏنا آھن، جن جا ڪردار امر آھن، ۽ اسان جي دلين تان تا حيات متجي نہ ٿا سگھن. اھڙو ئي ھڪ ميگھ ونس ھيرو اومون مل ”مسافر“ ھو، جنھن ڳوٺ ٽيپري تعلقہ عمرڪوٽ ۾، پارو مل ذات چوڏيسو جي گھر اک کولي. سندس ماتا جو نالو جيلان پڙھيار ھو، جيڪا نرسي پڙھيار، ڳوٺ ٽيپري واري جي ڌيءَ ھئي.

پاڻ شادي آھوري مان، مالڻي ٻوچيي جي گھران ڪئي ھئائون. سندس ڌرم پتني جو نالو آسي ٻائي ھو جنھن مان کيس چار پٽ آھن. 1 ڪامريڊ ھاٽيرام، جيڪو ٺيڪيدار آھي 2. اشوڪ ڪمار، 3. دليپ ڪمار ريڊيو ميڪر آھي ۽ 4. ديو آنند جيڪو گارمينٽ ۾ ڪم ڪندو آھي. سرڳيہ ڪامريڊ اومون مل ”مسافر“ پرائمري تعليم چوڙ ۾ ورتي، ۽ فائينل پاس ڪيائين. غريب ھجڻ ڪري وڏيڪ پڙھي نہ سگھيو ۽ ڪلن جو واپار ڪرڻ شروع ڪيا. ھن سال 1971ع ۾ ٽيپري کان لڏي ڳوٺ فضل چوھاڻ لڳ ڍورونارو اچي رھائش پذير ٿيا. پاڻ سماجي ورڪر سان گڏوگڏ سياست ۾ بہ حصو ورتائين. کيس تاريخ 1968_06_20 تي پيپلز پارٽيءَ ۾ رُڪنيت جي سند ملي ھئي. ھو شھيد ذوالفقار ڀٽي جو شيدائي ھو تہ ڀٽو صاحب وري ھن جو شيدائي ھو.

سال 1988ع واري اليڪشن ۾ ڪامريڊ اومي مل ڊاڪٽر ڪتو مل کي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ڪرايو ۽ MPA جو ٽڪيٽ ڏيارايو. پاڻ ڊاڪٽر ڪتو مل جيوڻ جو MPA جو ٽڪيٽ، بيگم نصرت ڀٽو کان ضد ڪري ورتائين. نہ تہ انھي ٽڪيٽ جي مخالفت پي. ڪي شاھاڻيءَ کان وني گھڻن اقليتي ميمبرن ڪئي ھئي. چون ٿا تڏھن اومون مل کي MNA جو ٽڪيٽ پنھنجي نالي سان پي. ڪي شاھاڻي

ڏيئي چُڪو هو. هنن صرف ڊاڪٽر ڪٿو مل جيوڻ کي ٽڪيٽ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. تڏهن ڪامريڊ اومون مل مخدوم طالب المولي وٽ نہ صرف شڪايت ڪٽي ويو پر هو محترمہ بينظير صاحبہ وٽ مخدوم صاحب کي گڏ وٺي ويو. پر انهي باوجود محترمہ ٽڪيٽ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ ڪامريڊ اومي مل کي ٽڪيٽ ڏيو. ڪٿو مل کي ٽڪيٽ نہ ڏيو. پوءِ ڪامريڊ اومو بيگم نصرت ڀٽو سان مليو ۽ چيائين تہ هن پارٽيءَ ۾ منهنجي هڪڙي ٽڪيٽ جي بہ اميد نہ آهي ڇا؟ انهي تي بيگم نصرت ڀٽو چيو ٿا تہ محترمہ کي فون ڪيو تہ سنڌ ۾ اقليتين جون بہ ٽڪيٽون هڪ قومي ۽ هڪ صوبائي جي مونکي ڏيو. باقي سنڌ ۾ اوهان جي مرضي آهي. انهي تي محترمہ مجبور ٿي MPA جي ٽڪيٽ ڊاڪٽر ڪٿو مل کي ڏني ۽ ايم. اين. اي. جي ٽڪيٽ اڳم ئي اومي مل کي مليل هئي. انهي کان اڳ ۾ ڊاڪٽر ڪٿو مل جيوڻ لياري ۾ ڊاڪٽري ڪندو هو. انهيءَ 1988ع واري اليڪشن ۾ ڊاڪٽر ڪٿو مل جيوڻ MPA جي سيٽ تي ڪامياب ٿيو ۽ ڪامريڊ اومون مل صرف 400 ووٽن تان هارايو هو. انهي ئي ڪامريڊ اومي مل کي 1979ع واري اليڪشن ۾ MPA جي پ پ پ واري ٽڪيٽ ملي هئي، پر ضياءَ اليڪشن ڪينسل ڪري ڇڏي. اُها انهي دؤر جي پيپلز پارٽي هئي، جنهن ۾ هڪڙي ميگهواڙ قبيلي جي فرد جي ايڏي حيثيت هُئي. هاڻي تہ ٿر جو ميگهواڙ قبيلو باقي سيني قبيلن کان گهڻو پڙهيل ۽ سياسي شعور رکندڙ قبيلو آهي، جن مان ڪيترائي وڏا وڏا ڊاڪٽر، آفيسر وڏن وڏن عهدن تي فائز آهن. پر 20 جون 1968ع ۾ ميمبرشپ سرٽيفڪيٽ ۾ اومي مل پنهنجو ڪاروبار بہ ڪلن جو واپاري ڏيکاريو آهي. انهي اومي مل ميگهواڙ کي ذوالفقار ڀٽي، پير غلام رسول شاهہ جيلاني ميرپور واري جي پٽ جي شاديءَ واري پت ۾، چني ۾ بيٺل ڏسي ان کي سڏ ڪري پاڻ سان گڏ ماني کارائي هئي، ۽ انهي ئي شهر ميرپورخاص ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي جلسي ۾، جن چار پنج ماڻهن تقريرون ڪيون هيون، انهن تقرير ڪندڙن ۾ ڪامريڊ اومون مل بہ هو. انهي ڪامريڊ اومون مل کي ذوالفقار علي ڀٽي سائيڪل تحفي طور موڪلي هُئي، انهي سائيڪل

سان گڏ پنهنجي صحيح سان خط به هو. جنهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو لکي ٿو ته، ”اوهان جيڪي پنهنجي قوم لاءِ خدمتون ڪيون آهن. انهي جي صلي ۾ آئون بطور چيئرمين پيپلز پارٽي اوهان کي سائيڪل جو تحفو موڪليان ٿو. مون کي اميد آهي ته اوهان سواريءَ جي انهي سهوليت سبب پنهنجي قوم جي وڏيڪ خدمت ڪري سگهندا“. اها ڳالهه ته هونئن ئي مشهور آهي ته لاهور جي ڪنهن جلسي ۾ ذوالفقار علي ڀٽي هجوم مان ڪامريڊ اومي مل کي سڏ ڪري، اسٽيج تي ويهاريو هو پر چون ٿا ته جڏهن سانگهڙ واري پ پ واري جلسي ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي گاڏيءَ تي گولي هلي هئي، انهي گاڏيءَ ۾ ڪامريڊ اومون مل به ساڻس گڏ هو. ڪامريڊ اومي مل جي سچائي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس پائڻ جا ڪيترائي واقعا آهن. جيڪي هاڻي صرف سندس خاندان ۽ سندس ويجهن دوستن جون يادگيريون ٿي رهجي ويا آهن. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم ٿيو ته هن ڪامريڊ اومي مل کي ڪراچيءَ گهرايو. تڏهن جيئن ئي هي پنهنجي ڳوٺ فضل چوپاڻ واري پٽ تان لٿو ته ڳوٺ ۾ موجود اڪيلي کوهه تي ڪجهه ”مسلمان عوررتون هن جي ميگهواڙ قبيلي جي عورتن کي پئي چيو ته ڏيڏڙين پنهنجي گهڙا پرها ڪريو.“ اهي لفظ ڄڻ ته ڪنهن تير ڪمان سان سندس دل تي کُپي ويا. پوءِ هو جڏهن ڀٽي صاحب سان مليو ته ذوالفقار ڀٽي سان اڪيلائيءَ واري ڪچهريءَ دوران وزيراعظم هن کي چيو ته، ڪامريڊ گهر جيڪي گهرڻو هجي، جيڪي کپي، هن درويش صفت انسان اندران زخمي ٿيل چيو ته، ”سائين پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کوهه کپي.“ سندس انهي صدا ۾ هڪڙي ٽريي جي صدين جي پياس سمايل هئي. ذوالفقار علي ڀٽي صاحب چيو ته ڪامريڊ تون پهچندين ئي کونه ته پاڻيءَ جو مسئلو حل هوندو. جڏهن ڀٽي صاحب سان ميٽنگ ڪري ٻاهر نڪتو ته گڏ ويل وڏيرن چيو. ”ڪامريڊ ڀٽي کان ڇا گهريئي؟ ڪجهه ورتئي يا نه؟“ چيائين ها سائين کوهه ورتو آهي، پاڻيءَ لئه. پوءِ اهو کوهه کوٽجي ويو ۽ هاڻي ته ذوالفقار ڀٽي طرفان ڏنل کوهه پورجي ويو آهي، پر انهي کوهه مان پاڻي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ جديد مشين به ڀٽي صاحب موڪلي ڏني. ٿيو

ڇا جو جيڏي مهل مشين آئي، تہ ڪامريڊ، جيڪو سدائين مسافر هو، اهو گهر ۾ هوئي ڪونہ. انهن ماڻهن، جنهن ڪوهہ تي ڪامريڊ کي طعنو مليو هو اهو ئي ڪامريڊ جو ڪوهہ آهي، ۽ مشينون وري بہ ٻا اٺرن جي ڪوهہ تي لڳيون.

پيٽي صاحب کي ڦاسي ڏني ويئي، ممتاز علي پيٽي فرنٽ ٺاهي، پٽيل جي ڳوٺ ۾ آيو. تڏهن هن ڪامريڊ اومي مل کي سڏايو. ڪامريڊ ممتاز علي پيٽي سان مليو. ڪامريڊ کي ممتاز علي پيٽي پنهنجي پارٽيءَ ۾ اچڻ جي آڇ ڪئي. انهي تي ڪامريڊ چيو تہ ”واسطو اوهان سان آهي، باقي پاڻ سياسي مسافر پيٽي جي واٽ جا آهيون.“ ڪامريڊ جا جيل ۾ وڃڻ جا تہ ڪئي واقعا آهن. سکر جيل ۾ 21 ڏينهن رهيو. ايم. آر. ڊي. تحريڪ ۾ بہ جيل ويو. هن جو خاندان اڄ بہ مڃي ٿو تہ ڪامريڊ کي پيٽي تائين پهچائڻ ۾ پير غلام رسول شاهہ جيلانيءَ جو هٿ هو. جنهن ڇاڇري جي ڪوٽڙي جي ڊاٽي لڇمڻ سنگهہ کي بہ ڇڏايو هو. ٿيو ائين جو پير غلام رسول شاهہ جيلاني اليڪشن ۾ بيٺو ۽ ورڪ لاءِ ڊوري ناري آيو. ڪنهن ٻئي سان نہ مليو. اهو جماعت سڳوريءَ جي عروج جو دؤر هو. ڪامريڊ اومي پاسي واري دڪان تي ڪرسي ڪٽي، پُٽ جي قتل ريڊيا ٺاهڻ واري دڪان تي ڪيس ويهاري چانهہ پياري. پير صاحب چيو ”ڪامريڊ! ڪيئن ٿيندو؟“ چيائين سائين ڪجهہ نہ آهي اليڪشن پاڻ کٽنداسين. پوءِ چون ٿا تہ ڪامريڊ 1800 ووٽن تان اُتان پ. پ. کي کٽرايو. جڏهن پير صاحب کٽي ويو تہ ڪامريڊ مبارڪ ڏيڻ لئہ هار وٺي ويو. ٻين ماڻهن جڏهن پير صاحب کي هار پئي پارايا، تہ پير صاحب چيو تہ ”هار مون کي نہ ڪامريڊ اومي کي پارايو.“ اُتان پير صاحب سان واسطو شروع ٿيو ۽ هن وري پيٽي صاحب سان واسطي ۾ معرفت جو ڪردار ادا ڪيو. ائين هن اومي مل ”مسافر“ جو سفر شروع ٿيو. اومي مل مسافر پنهنجي طرفان ڪيترن ئي سومرن جي راڄن، جيڪي چوڙ جي اوسي پاسي رهندا هئا پ. پ. ۾ شموليت ڪرائي. هُن پ. پ ۾ مهان ڪردار ادا ڪري پنهنجو پاڻ کي مڃرايو. هُن پنهنجي وقت ۾ بيگم نصرت پيٽو صاحبہ کان ڪيترين ئي

اسڪيمون وٺي ٿرين کي ڏنيون جن ۾ پاڻيءَ لاءِ کوهہ، واٽر سپلاءِ، لڳ ڀڳ 25 پرائمري اسڪول بلڊنگ، جنهن مان هڪ اسان جي شهر ڏيپلو ۾، 1994ع ۾ هريجن ڪالوني بوائز اسڪول بہ ڪامريڊ اومون مل ”مسافر“ جي طرفان ڏنل آهي، جا اج بہ موجود آهي. آخر تہ مٽيءَ جو پُتلو مٽيءَ ۾ ئي وڃڻو آهي. اسان سڀنيءَ کي بہ انهيءَ طرف وڃڻو آهي ”مسافر“ جو روح بہ تاريخ 1992_02_02 جو وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليو. هن دنيا جي تختي تي ڪيترائي اهڙا مهاپرش اچن ٿا، جيڪي پنهنجي زندگي ٻين جي خوشيءَ لاءِ وقف ڪن ٿا. پوءِ هن دنيا مان هليا وڃن ٿا. پر نالو تاريخ ۾ هميشہ روشن رهي ٿو. انهن سڀني خوبين جو مالڪ ڪامريڊ اومون مل ”مسافر“ هو.

# پٽيل پونجو مل ٻڙهيو
(1930ع کان 1994ع)

اسان جي ميگھواڙ جاتيءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو سرندي وارا ۽ ڪروڙ پتي بہ آهن. پر پنهنجي جاتيءَ جي شاگردن ۽ غريبن جي ساهتا ۾ بلڪل پوئيتي رهيا آهن. پر اهڙا بہ غريب. پر غريبن جا هڏ ڏوکي قومي هيرا بہ هئا. جن پنهنجو سڀ ڪجھ قوم جي ٻچن کي پڙهائڻ لاءِ ڇڏيو. اهڙوئي هڪ مهان انسان سرڳيہ پونجو مل ولد ڏنجي مل ذات ٻڙهيو عرف ”پٽيل پونجو“ ميگھواڙ 1930ع ڌاري ڏيپلي تعلقي جي اولهندي پٽي واري ڳوٺ نناڻي، تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيو.

ٿر جي ڏڪار، بيروزگاري ۽ بدحاليءَ جي ٻيڙي کيس پتڪائي پتڪائي بدين شهر پهچايو. جتي هو پراڻيون جتيون ڳنڍڻ، نون جتين ٺاهڻ جو ڪاريگر، ۽ نيٺ پنهنجي دڪان جو مالڪ بڻجي ويو. هن پنهنجي محنت سان گھڻو ڪجھ ٺاهيو. بدين جي لغاري ڳوٺ ۾ وڏو پلاٽ هٿ ڪري پنهنجو گھر ٺهرايو ۽ ٻار پڙهايا. سندس اهو گھر اڳتي هلي ٿر جي ميگھواڙ برادريءَ لاءِ واحد اجھو بڻجي ويو. ٿري ماڻهن جي دستور موجب هڪ ماڻهوءَ جي ڪنهن شهر وڃڻ ڪانپوءِ ٻين جون قطارون لڳي ويندڀون آهن. پٽيل جي بدين ۾ آباد ٿيڻ تي سوين مٿن مائٽن اچي وٿس ديرو ڄمايو جنهن ڪري سندس گھر جو نالو پونجاپور بڻجي ويو. پٽيل پونجو انتهائي سخي ۽ مهمان نواز شخص هو سندس ان مهمانوازيءَ جي نتيجي ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪپائي وينو قرض جا ويڙهہ ٿي ويس، وياج وروڪي ويس، پوءِ بہ همٿ نہ هاريائين، سندس مهمان خانو نہ صرف آباد رهيو پر سخي مرد ۽ برادري هڏڏوکي، هن پنهنجي گھر کي شاگردن جي هاسٽل ۾ بدلائي ڇڏيو ڪيترائي غريب شاگرد. جن جا مائٽ سندن پيٽ خرچ مان ٽڪي پيا هئا، اهي انهن کي پونجا پور ۾ پٽيل پونجي جي حوالي ڪري ويندا هئا، انهن کي کاڌو پيتو ۽ رهائش تہ ڇا، پر آئي ويل پڙهائي ۽ فيس ۾ بہ مدد ڪندو هو جنهن ڪري ڪيترائي غريب

ميگھواڙ 500 کن بدين ڪاليج پاس ڪري اڳتي وڌيا. جن ۾ خاص ڪري سروپ چند، سجڻ مل، آڏو مل جئپال، ڳوٺ لالو وهنداڻي، سارنگرام ڊي. ايف. سي، موهن لال ولاسائي جا نالا ڪٽڻ جوڳا آهن.

پٽيل پونجو مل 1994ع ۾ گلي جي ڪينسر جي مرض سبب لاڏاڻو ڪري ويو. پر سندس اولاد ان مهمان خاني کي اڄ بہ آباد ڪريو اچي. سندس اولاد ۾ ليمون مل، ويڪسينيٽر، ساڌو مل، بدين ۾ دڪان وارو، ڪرمون مل رازو مستري ۽ ڊاڪٽر راهول شامل آهي. جيڪو هن وقت حب چوڪيءَ ۾ هڪ اسپتال هلائي ٿو.

سندس پريوار اڄ بہ ننائي ۽ بدين ۾ آباد آهي.

# ڊاڪٽر ٿانوَرداس ڏانواڻي
(1_7_1942 کان 2009_12_25)

گوندر گذاريم ڪاپڙي، پڌر وڃن نہ پاڻ،
تن آيل آديسين جي، رئان ڪاڻ رهاڻ،
هٿ نہ پسجن هاڻ، ويا ويراڳي نڪري.

سماجي شيوڪ، سرڳواسي ڊاڪٽر ٿانوَرداس جو جنم، هڪ غريب گهراڻي جي ڀڳت ڏانو مل ڀيڊو، ڳوٺ سِهائو جي گهر، تاريخ 01_7_1942 ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو اوما گوهيل آهي. پاڻ شادي شري مورو مل سنجوٽ، شهر ٽنڊو باگو جي سُپتري ڀايا سان ڪئي. جنهن مان کيس 4 نياڻيون ۽ 3 پُٽ آهن. 1. جئہ پرڪاش مليريا انسپيڪٽر آهي. 2. جئہ جئہ ساٿي پرائيويٽ ڏنڊو ڪري پيو ۽ 3. چمن لال، جيڪو ميڊيڪل پريڪٽس ڪري رهيو آهي. سندس پتا ڏانو مل انتهائي سادو، سنت ۽ گياني پُرش هو. ڊاڪٽر ٿانور داس جي پيدا ٿيڻ کان ٿُرت پوءِ سندس ماتا سرڳواس ٿي ويئي. تنهنڪري پهريائين سندس پتا کيس پڙهائي وڏو ڪري پوءِ بہ شادي ڪيائين.

سرڳيہ ڊاڪٽر ٿانور داس پرائمري تعليم مقامي اسڪول مان ورتي، ۽ مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو مان پاس ڪيائين. شاگردي واري دؤر ۾ سياست ۾ سرگرم رهيو. جنهن سبب کيس ٽن سالن لاءِ رسٽيڪيٽ بہ ڪيو ويو. اُن بعد حيدرآباد مان B.A ڪرڻ بعد Law ڪاليج حيدرآباد مان LLB بہ ڪيائين، ۽ ڪافي عرصو وڪالت ڪرڻ کانپوءِ ميڊيڪل ڏانهن لاڙو ڪيائين. ميڊيڪل جون اُن وقت سيٽون گهٽ هونديون هيون، ۽ غربت سبب سليڪشن ڪونہ ٿي سگهي. جنهن بعد هوميوپيٿڪ جو ڪورس ڪيائين ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ميڊيڪل ٽيڪنيشن جو ڪورس بہ مڪمل ڪيائين اُن وقت پاڻ اسٽوڊنٽ ميڊيڪل تنظيم جو اڳواڻ بہ رهيو بعد ۾ پاڻ ڊاڪٽر مائيڪل سان گڏجي، جيڪو سندس استاد بہ ٿي رهيو هو، ڪلينڪ هلاياءون، جيڪا سندس آخرتائين ڊاڪٽر مائيڪل جي فوتگي بعد بہ جاري رهي.

ٿانوَر داس جي والد جي ٻي شاديءَ مان ڪيس ٻہ ڀائر ٿيا، جن ۾ وڏو ڀورو مل ۽ ٻيو لالچند. پاڻ سياسي ۽ سماجي سرگرميون ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ڀائرن جي والد وانگر پرورش ڪيائين. ان وقت ننڍا ڀائر ڀورو مل ڏهہ سال ۽ لالچند چار سال جا هُئا، تہ سندس پتا سرڳواس ٿي ويا. بعد ۾ ڀائرن کي محنت ۽ شفقت سان پڙهائي، انهن کي گورنمينٽ ۾ نوڪريون وٺي ڏنيون، ۽ گڏوگڏ سندن شاديون بہ ڪرايون 1996ع ۾ سندس ڀاءُ ڀورو مل جا گڙدا فيل ٿيڻ سبب موڪلائي ويو. جنهن جو ڪيس وڏو صدمو رسيو. ڊاڪٽر ٿانور داس پوءِ ڳوٺ سِهائو تعلقي ٽنڊي باگي مان لڏي، ڏيئي شهر لڳ ڳوٺ شادي جماليءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. اخبارن جي نمائندي طور مختلف رسالن ۾ مضمون سنڌي هندن سان ٿيندڙ زيادتين، جبري پورهيي سميت مختلف موضوئن تي لکڻ تي، ڪيس سٺي موٽ ملندي رهي. ڪجهہ عرصي بعد سندس ملاقات پيپلز پارٽيءَ جي قائد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب سان ٿي، جنهن سندس آجياڻي تقرير مان سندس عقلمنديءَ ۽ ڏاهپ کي سارهائيندي، پنهنجي پارٽيءَ ۾ سليڪٽ ڪيو. جو اهو وقت سندس زندگيءَ جو خوشگوار لمحو هو. پاڻ ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کي سياسي مُرشد سمجهندا هئا. ڪيس وڏي آس هوندي هُئي جيڪا آس پوري ٿيڻ سان گڏوگڏ هڪ اميد جي ڪرن پيئدا ٿي. ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر ٿانوَر داس حيدرآباد راڻي باغ جي لکين ماڻهن جي جلسي عام ۾، پنهنجي خطاب دوران ڀٽي صاحب سان مخاطب ٿيندي اهو مطالبو ڪيو، تہ اسان هندن جي هڪ غريب جاتي ”سامي“، جيڪي پاڪستان جا اوترائي شهري آهن، پر افسوس آهي جو هنن کي ملڪ جي شناخت ئي نہ ٿي ڏني وڃي. جنهن تي ڀٽي صاحب سندس تقرير دوران فورن گهر پوري ڪئي. پاڻ ڪانپو فقير (جيڪو ان وقت سامين جو سردار هو) کي گڏ وٺي ويا هُئا، ۽ اسٽيج تي گهرائي، اهو مطالبو ميڄرايو ۽ سامي جاتيءَ کي پاڪستان جي شناخت ملي.

ان ڪانپوءِ ڊاڪٽر ٿانوَرداس هڪ پروگرام ۾ پاڻ، ڀٽي صاحب کي چانديءَ جي تلوار تحفي طور ڏنائون. جنهن ملاقات ۾ ڀٽو صاحب

ايترو تہ متاثر ٿيو جو کيس صلاحڪار طور مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون، پر افسوس تہ اُن وقت جي حاسد اقليتي ميمبرن اهو اعتراض ورايو تہ توهان جنهن شخص کي صلاحڪار مقرر ڪيو پيا، اهو تمام غريب آهي ۽ گڏوگڏ سندس ڳوٺ ۾ وڃڻ لاءِ ڪوبہ سٺو روڊ نہ آهي. لائيٽ جو ڪوبہ انتظام بہ نہ آهي. ڪا بهتر آفيس بہ نہ آهي. توهان جا ڪروڙين روپيا سندس سهوليتون پوريون ڪرڻ ۾ لڳي ويندا، ۽ پوءِ مختلف ڳالهيون ٿيون، جنهن بعد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب اُن کي سروس لاءِ آڇ ڪئي، پر پاڻ انڪار ڪري هڪ سماجي ورڪر ۽ پنهنجي پارٽيءَ جو وفادار ڪارڪن رهڻ پسند ڪيو ۽ گڏوگڏ پنهنجي جاتيءَ لاءِ هر ست سنگ پروگرام ۽ عام جلسن ۾، پنهنجين تقريرن ذريعي ماڻهن ۾ جاگرتا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. پاڻ پڇريون پيرو اقليت، خاص ڪري شيڊيول ڪاسٽ سان ٿيندڙ ڇوت ڇات، اوچ نيچ، پيد ڀاءَ، ظلم ۽ ڏاڍاين، منافقتن، روزگار ۽ نياڻين کي زوري مسلمان ڪرڻ وارن عملن خلاف جناب چيف جسٽس آف پاڪستان کي اپيلون داخل ڪرايون، ۽ اهڙو هڪ بوڪليٽ پوري جاتيءَ جي ماڻهن ۾ ورهايو جيئن منجهس اُتساهہ پيدا ٿيئي.

ڊاڪٽر ٿانوَرداس قومي اسيمبلي (اقليت واري سيٽ) تان هڪ دفعو ۽ صوبائي سيٽ تان بہ دفعا اليڪشن بہ وڙهيو جنهن ۾ کيس شڪست ملي. برادري مسئلو هجي، شهر ۽ شهرين جو مسئلو هجي، قوم جو مسئلو هجي، ڊاڪٽر ٿانوَرداس اُن بہ پيش پيش نہ هجي، اهو ناممڪن آهي. پر جيئن تہ سنڌي ماڻهو مشڪل وقت اچڻ تي قوم پرستن ڏانهن ڏسندا آهن، ۽ ووٽ وري وڏيري، سرمائيدار ۽ جاگيردار جي چوڻ تي يا کيس ڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح اقليتي برادري بہ ڏکئي وقت ۾ ڊاڪٽر ٿانوَر کي ياد ڪندي آهي، ۽ ووٽ ڏيڻ وقت کيس وساري ويهندي آهي، تنهن ڪري اسان جي قوم پٺتي پيل آهي.

پاڻ پاڪستان هندو شيڊيول ڪاسٽ سنڌ ايسوسيئيشن جا صدر رهيا، جنهن دوران اقليت جي بنيادي مسئلن کي ايوان جو موضوع بنايو ۽ مينارٽي ڪميونٽي سنڌ جا ميمبر پڻ رهيا. سال

1988ع ۾ سندس ملاقات محترمہ بينظير ڀُٽو صاحبہ، ان وقت جي وزيراعظم سان ٿي، جنهن دوران غريب اقليتن کي نوڪريون ۽ مختلف اسڪيمون ڏيرايائون. سندس تعلقات سڄي ملڪ جي مهان شخصيتن، ڪامريڊ، ايڪٽو سياسي اڳواڻن، ذوالفقار علي ڀٽو محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ، نواز شريف، عمران خان مير مرتضيٰ ڀٽو ارباب غلام رحيم، فهميده ذوالفقار مرزا، سائين جي. ايم. سيد، رسول بخش پليجو سميت ٻين اهم سماجي ۽ سياسي ورڪرن سان رهيا. ڊاڪٽر ٿانوَرداس ڀلي پنهنجي ٻارن لاءِ ڪا پڪي بلڊنگ نہ ٺهرائي ڏيئي سگھيا، پر هُن پنهنجي قوم جي تاريخ ۾ مستقل جاءِ ضرور ٺاهي آهي. ڊاڪٽر ٿانوَرداس جو پيپلز پارٽي ۽ ڀٽي خاندان سان وفاداري ۽ محبت جو آخري مثال، جڏهن 29 ڊسمبر 2007ع تي محترمہ جي شهادت دوران کيس بہ صدمي ۾ دل ۾ تڪليف ٿي، جو هو ٻن سالن بعد 25 ڊسمبر 2009ع شهادت کان اڳ جا پروگرام محترمہ جي ڏسڻ دوران ۽ سندس سياسي مرشد جي وڇوڙي جو صدمو ۽ افسوس سبب تڪليف وڌي ويئي، ۽ آخر 25 ڊسمبر 2009ع شام 5 وڳي سندس زندگي جو ڏيئو هميشہ لاءِ اُجهامي ويو ۽ سندس پويتر آتما وڃي پرماتما سان ملي. پر سندس اولاد کي اهو افسوس ضرور ٿيو تہ پارٽي اڳواڻ مان ڪير لڙي سندس تڏي تي نہ آيا. سندس فرزند سندس ڏسيل واٽ تي اج بہ پنهنجي جاتي ۽ قوم جي هر خدمت سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

منهنجو ساھ سمونڊ ۾، لهر لهر ۾ تون،
ڪڏهين نہ ڀانيو مون، پري توکي پاڻ کان.

# پيارام انجم

جِيوَن آهي جوت، پل ڪن لاءِ مهمان،
اوت منا اوت، متان وسامي وڃين!

دنيا جون پوئتي پيل قومون تڏهن ترقي ڪري سگهنديون آهن، جڏهن انهي قوم ۾ ودوان، مهان، ڏاها، تعليم يافتہ ۽ مسلسل جدوجهد ڪندڙ وير پيدا ٿيندا آهن. اهڙو هڪ وير پُرش شري پيارام انجم، جنهن پنجاب جي سرزمين تي، ڳوٺ پڪي بستي ترنڊا سوايا خان تعلقہ رحيم يار خان ۾ شري سيٺ ڏارو رام جئپال جي گهر، تاريخ 13 مارچ 1962ع تي جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو رُڪمڻ ذات اٽڪيہ، ضلع رحيم يار خان جي هُئي، پاڻ پرائمري تعليم پڪي بستيءَ مان ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ترنڊا سواءِ خان مان 1977ع ۾ پاس ڪيائين، ۽ گريجيويشن سال 2008ع ۾ بلوچستان يونيورسٽي ڪوئيٽا مان پاس ڪيائين، ۽ سال 1990ع کان اج تائين اسٽامپ وينڊر طور رحيم يار ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

پاڻ شادي 9 مارچ 1976ع تي شريمتي مريم انجم، ڌي امولڪداس ذات گنديِر، ڳوٺ چڪ نمبر 7–146 صادق آباد، ضلع رحيم يار خان سان ڪئي. جنهن مان کيس اولاد 4 نياڻيون ۽ 4 پُٽ آهن. 1. رميش جئپال، جيڪو سماج سڌارڪ ڪارڪن آهي، ۽ شيڊيول ڪاسٽ جي حقن لاءِ جاکوڙي رهيو آهي 2. ڌنراج، جيڪو پاسپورٽ آفيس ۾ ملازم آهي. 3. ديانند جيڪو پڙهي رهيو آهي ۽ 4. سيتارام جيڪو پڙهي ٿو ۽ گهرو ڪم ڪار ڪري ٿو. شري پيارام انجم صاحب جن محنت ۽ ايمانداريءَ سان سماجي خدمتن لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، تن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. وري اهڙي سماج ۽ معاشري ۾، جتي انسانيت ذات پات، برادرين، فرقہ پرستي، نسلي مت ڀيد ۽ مذهبي ڪٽرپڻي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجي، جتي رياستي قوتون ڪنهن شڪاريءَ جيان مڊل ڪلاس جي ماڻهن کي تڪينديون هجن. جتي وڏيراشاهي ۽ سياسي مداخلت عام ماڻهن جي زندگيءَ کي غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ ڦاسائڻ لاءِ سرگرم هجن. اهڙي سماج ۽

معاشري ۾ سماجي تبديلي آڻڻ لاءِ ڪيڏو رسڪ ڪٽڻو پوي ٿو اهو احساس اُن کي هوندو، جيڪو ان راهہ جو راهي هوندو. شري پيارام انهي چئلينج کي قبول ڪري، انساني حقن لاءِ جاکوڙ ڪئي، ۽ شيڊيول ڪاسٽ جي هر مسئلي کي ايوان تائين پهچايو ۽ غريبن جي مسئلن کي ميڊيا ۽ اخبارن جي ذريعي ظاهر ڪندو رهيو ۽ جاکوڙي رهيو آهي. سندس انهي ڪارڪردگي ۽ انساني حقن لاءِ وڙهڻ جي موٽ ۾، کيس 10 ڊسمبر 2010ع ۾ جناب آصف علي زرداري، صدر پاڪستان جن هيومن رائٽس ايوارڊ (شيلڊ) سان نوازيو.

شري پيارام انجم صاحب پيپلز پارٽي ۽ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو خاص شيدائي آهي کيس سال 1993ع ۽ سال 1997ع ۾ پ پ طرفا MPA جي سيٽ لاءِ ٽڪيٽ ڏنو ويو، پر هو ڪامياب نہ ٿي سگهيو. سندس واسطو پيپلز پارٽيءَ سان قائم آهي. پاڻ هڪ نهايت ايماندار ۽ نيڪ انسان آهي. غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جو آواز حڪومت تائين پهچائڻ ۾ کيس سُڪون ملندو آهي. جيئن ٿر ۾ مرحوم جهان خان کوسو هر ماڻهوءَ سان گڏجي آفيسن جا چڪر لڳائيندو هو. اهڙيءَ طرح پيارام انجم صاحب بہ هر ماڻهوءَ جي مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ، غريبن سان گڏجي آفيسرن کان ڪم وٺي ڏيندو آهي.

سندس دوستي بہ سٺن سٺن ماڻهن سان آهي، خاص ڪري مشهور شاعر قتيل شفائيءَ سان ڪچهري ڪندو آهي.

# گلجي مل ڏامراڻي

(1928ع کان 2013_03_10)

سنت رهن مهراڻ ۾، ڪين نہ ڪنهن جي ڪاڻ،
جهاتي پائي پاڻ ۾، ڪن ٿا رام رهاڻ،
ڪرشن سپ ڪنهن ساڻ، ٻاڙو ٻولي ڪين ڪي.

هر فن مولا سرڳيہ گلجي مل ڳوٺ رڙيارو ۾ ڏامرو مل ڪڏيچہ جي گهر، سال 1928ع ۾ جنم ورتو. گلجي مل شادي ڳوٺ ڀوجاسر مان روپي جي نياڻي رنڪو سان ڪئي. جنهن مان کيس بہ نياڻيون مروئان جيڪا منيءَ ۾ جيسو مل کوکر کي پرڻايل آهي، ۽ ٻي ليلا. جيڪا ڳوٺ چارنور ماستر مانو مل کي پرڻايل آهي. 5 پٽ آهن. 1. ايسرداس، 2. برج لال، 3. تاراچند، 4. سنجي، 5. ٻلديو جيڪو 1999_04_23 تي سرڳواسي پڌاريا. سيئي ڀائر سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهن، ۽ شادي شده آهن. شروعاتي تعليم گجراتي علم، سندس پتا شري ڏامرو مل کان سکيائين، هندي ۽ سنڌي بہ ڄاڻيندا هئا. سندس پتا صاحب ڏامرو مل ڀڳت مارگ ۽ گياني پُرش هئا. تنبوري تي ڀڄن ڳائيندا هئا. آواز ۾ هڪ انوکي مڌرتا پريم سان ڀريل هو جو ٻڌندڙن جو من موهي وجهندا هئا. گلجي بہ گيان جو ڄاڻو هو. سندس پتا ڏامرو 44_1943ع ۾ سيٺ دولت رام ۽ سامي ڪرشنانند جي اڳواڻيءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جا ميمبر ٿيا. ڪانگريس پارٽيءَ جو منشور هو تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ظالمن سان مقابلو ڪري پنهنجو حق وٺڻ، ۽ غلاميءَ کان نجات حاصل ڪرڻ، ڇو تہ اُنهي وقت ميگهواڙ ڀيل، ڪولهي انهن جاتين سان انسانيت وارو ورتاءُ نہ ڪيو ويندو هو. کين اڇوت سمجهندا هئا. اهڙين ڏکين حالتن ۾ سرڳيہ گلجي مل سماج سڌارڪ سماج شيوا، قومي جاگرتا پيدا ڪرڻ جو ڪاربہ هٿ ۾ کنيو. خاص ڪري تعليم تي وڌيڪ ڌيان ڏنائين ۽ اجاين رسمن ۽ رواجن کي ختم ڪرڻ جي جدوجهد جاري رکيائين. خاص ڪري اوسر، جيڪو مائٽ گذاري وڃڻ کانپوءِ 12 ڏينهن ڪندا آهن. گهر ۾ ڪٽي هڪ رپيو بہ نہ هجي، پر مهڻن جي ڪري نيات کي ضرور کاراڻو! انهي اوسرن

جي خرچ ڪري ماڻھن پنھنجيون ﭘﻧﻴﻮن وڪرو ڪري ۽ غلاميءَ ۾ مبتلا ٿي ماڻھن جا ھاري ﭔﭨﻴﺎ. انھي اوسر واري رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ گلجي مل سان چند ماڻھن حمايت ڪئي، ۽ اڄ تائين اوسر ڪونہ ٿا ڪن يا ڪجھہ قدر گھٽتائي آئي آھي. ائين ھُن خرچ گھٽائڻ جو بنياد رکيو.

سال 64-1963ع ۾ BD جي اليڪشن ۾ شري ڪرشن سنگھہ ڏوھٽ سان اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو. انھيءَ اليڪشن ۾ صرف 60 ووٽ کٽي ھارايائين، پر نڪرن جي آڙ ڪونہ مڃيائين. ووٽ بہ جيڪي فائينل پاس ڇوڪرا ھُئا، انھن ئي اُھي ووٽ ڏنا. باقي جيڪي اڻپڙھيل ۽ غلاميءَ ۾ قاتل ھئا، تن راجپوتن کي ووٽ ڏنا. انھيءَ وقت نڪرن جو وڏو ھولڊ ھو. انھيءَ وقت گلجي خان بھادر وساڻ جي پارٽيءَ ۾ رھندو ھو. وساڻ صاحب گلجيءَ کي ھڪ ريوالور ۽ ھڪ بندوق پنھنجي خرچ سان ليسن سميت وٺي ڏني. انھيءَ وقت لڇمڻ سنگھہ نڪر پارليامينٽ جو سيڪريٽري ھو. تعلقي ڇاڇري ۾ انھي حُڪم ڪانسواءِ پتو بہ نہ ھلندو ھو. انھيءَ اليڪشن لڙڻ ڪري گلجي مل تي اسمنگلريءَ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو. انھي ڪيس ۾ 19 ڏينھن مٺيءَ جي جيل ڪاٽي، انھيءَ ڪيس جي وڪالت ارباب مراد علي وڪيل صاحب ڪئي، ۽ بنا فيءَ جي ھٽ ۾ ڪيس ڪنيو ۽ ڪوڙو ثابت ڪيائين. گلجي مل جي آڙ نہ مڃڻ ۽ غلامي نہ ڪرڻ ڪري، لڇمڻ سنگھہ نڪر وڏيڪ ناراض ٿي ويو ۽ گلجي مل کي سن 1965ع ۾ چيو تہ تون ھٿيار کڻي ڇاڇرو شھر ۾ نہ ايندو ڪر. پر گلجي ڪابہ پرواھہ نہ ڪئي، ۽ کُلي عام ھٿيار کڻي ھلندو رھيو. تنھن ڪانپوءِ 6 سيپٽمبر 1965ع ۾ ھندوستان ۽ پاڪستان جي جنگ ڇڙي پئي. انھي دؤر ۾ لڇمڻ سنگھہ پارليامينٽ جو سيڪريٽري ھو. انھي پاور تي لڇمڻ سنگھہ ۽ ڪرن سنگھہ گڏجي آرميءَ وٽ ويا ۽ ﭼﻴﺎﺋﻮن تہ گلجي انڊيا جو CID آھي. پوءِ آرمي وارن ڇاپو ھڻي گلجيءَ کي گرفتار ڪري، اکيون ﭔﺬﻱ کڻي وڃي 12 ڏينھن حيدرآباد جيل ۾ بند ڪيو ۽ حاجي ابوبڪر جوڻيجي سان گڏ، راولپنڊيءَ جي جيل ۾ رکيائون. ٻن مھينن بعد انڪوائري ڪري کين آزاد ڪيو.

انهيءَ ۾ وساڻ صاحب جي پوري پوري سهائتا هئي. جنهن وري گلجي مل کي ڳوٺ رڙيارو ۾ هڪ پرائمري اسڪول ۽ هڪ کوهہ منظور ڪرائي ڏنو.

وري بہ ساڙ ۾ لڇمڻ سنگهہ گلجي مل کي قلم 110 ۽ 379 ۾ چالان ڪرايو پر گلجي آخر تائين ٺڪرن جي غلامي قبول نہ ڪئي، ۽ اهڙين حالتن ۾ بہ گلجي مل وڏيرن ۽ جاگيردارن جي خلاف، ۽ سدائين غريبن جو ساٿ ڏنائون.

1984_85ع ۾ نارائڻ سنگهہ ٺڪر ڳوٺ رڙلي واري کي B.D جي اليڪشن ۾ هاريو ۽ B.D جا ميمبر ٿي رهيا. 1971ع واري لڙائيءَ ۾ ڇاڇرو تعلقو هندوستان جي قبضي ۾ اچي ويو. انهيءَ وقت پارت مان ڪجهہ مائٽ آيا ۽ زور پريو تہ سڀ لڏي پارت هلو پر گلجي مل صاف چيو تہ اسان پنهنجي جنم ڀومي ڪڏهن بہ ڇڏي نہ هلنداسين. انهيءَ دؤر ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جن، پير غلام رسول شاهہ جيلاني، مير علي بخش خان ٽالپر ۽ راڻا چندر سنگهہ ٺڪر کي خاص ايلچي طور موڪليا، تہ جيڪي بہ هندو پاڪستاني آهي، تن کي باعزت واپس پنهنجي گهرن ۾ وسايو ۽ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ ٿيئي. انهي ٽنهي ميمبرن جي گلجي مل دعوت ڪئي، ۽ ڳوٺ ڍاڪلو ۾ گٽيسو مل ميگهواڙ جيڪو گلجي مل جو ڀٽيوبو آهي، تنهن جي گهر سڀ بندوبست ڪيو ويو. (هينئر بہ گٽيسو مل PPP جو خاص جيالو آهي)، انهي جلسي ۾ تمام گهڻا ماڻهو شريڪ ٿيا، ۽ ماڻهن کي واپس اچڻ لاءِ تقريرون ڪيون. گلجي مل بہ 1967ع کان PPP جو خاص ورڪر ٿي رهيو. مرڻ گهڙيءَ تائين PPP جو ساٿ نڀايو ۽ زندگيءَ پر آزادي واري زندگي گذاري، ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن جي غلامي قبول نہ ڪئي، ۽ سماج سڌارڪ وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو سو گهٽي پاڳي ماڻهن ۾ سجاڳي اچي ويئي، ۽ جيڪو ڇوت ڇات ۽ اونچ نيچ هو، سو ختم ٿي ويو. هر هڪ کي حق ملي رهيو آهي.

غلامي ۽ جهڳڙن مان تنگ ٿي، هن کي پنهنجو ڳوٺ ڇڏڻو پيو ۽ عمرڪوٽ ۾ اچي جاءِ نهرائي، اُتي بہ هُن کي سڪون نہ مليو وري اُتان لڏي سال 1994ع ۾ مٺي شهر ۾ آيو. جتي ميگهواڙ برادري وسيع آهي،

جتي ڪيس آرام مليو ۽ سڀ ڦڏا فساد ڇڏي، پنهنجي وندر لاءِ ميگهواڙن ڀڳتن گڏجي هڪ منڊلي قائم ڪئي منڊليءَ جي اڳواڻي ڀڳت شري جيوراج ۽ ڀڳت شري سارنگرام، شري پهلاج، شري ڪاڻائو مل، شري جيرام داس، هرجي مل جيڪو برهم چاري آهي، شري ڀيرو مل ولد راڻو مل، جيڪو پڻ برهم چاري آهي. ڀڳت گنگارام شري لڇمڻ داس وغيره ۽ انهيءَ ڪانپورِ ماستر ٽيڪم داس هر مهيني شري سيتہ جي ڪٿا ڪرائيندو آهي. اهڙيءَ طرح روزانہ اهي ڀڳت اچي گلجي مل وٽ ڪچهري ۽ ڌرمي ڳالهيون ڪري آنند حاصل ڪندا هئا.

آخر گلجي مل ڏامراڻي، تاريخ 2013-03-10 شِوَ رات جي ڏينهن صبح 10 وڳي وار آرتوار، ڳوٺ رڙيارو ۾ هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو. اسان انهي ايشور مها شڪتي اڳيان بيوس آهيون، سواءِ ڏک جي ٻيو ڪجهہ نہ ٿا ڪري سگهون. هو اسان کان الڳ برابر ٿيو آهي، پر هن جي آتما هميشہ امر آهي ۽ رهندي.

تتي ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿيئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.
(شاهہ)

# پونجو مل جوڳو

سکندر سارے جہان کی دولت پا کر بھی خوش نہ رہ سکا،
جب کے قلندر دونوں ہاتھوں سے لُٹا کر رقص کرتا ہے۔

پونجو جوڳو پٽ نارائڻ عرف ناهيون ميگهواڙ ڳوٺ لالو وهنداڻي ڪاڇهر جا رهندڙ آهن، سندن جنم 1932ع ۾ ڳوٺ لالو وهنداڻي ۾ ٿيو. ٿر ۾ ڏڪار پنيان ڏڪار هجن، غلام محمد بئراج (ڪوٽڙي بئراج) اڃا نہ ٿيو هو ڪلوئي، شادي لارج، ڪوسڪي، پنگريو، ننڊو شهر تائين علائقا پڙپانگ، سُڃن پوٽن تي لئي ۽ ڪانڊيري ڪان وڏيڪ ورلي ڪو وڻ هو. لٺ جا واڇوڙا هوندا هئا، رستن ڪان پري پري جهنگ ۾ گدڙن، بگهڙن ۽ جهنگلي ڪتن جا ٿم هوندا هئا. سرڪار سنڌ جي بئراجي علائقن ڪان ٿر ڏانهن اناج ڪڻڻ تي پابندي وجهي ڇڏي هئي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪاڏي لاءِ ان ڪٽي، تہ بہ صرف پنهنجي مٿي تي ڪٽي سگهيو ٿي، وهٽ يا ڪا گاڏي استعمال ڪرڻ تي پابندي هئي. ڏڪار جي شڪار ۾ قدرتي قهر ۽ سرڪاري ڪڙن قانونن جي ڪري ٿر ۽ ان جي آسپاس غيرآباد علائقن ۾ اناج ملڻ اڻلڀ ٿي ويو. انسان گهٽو تٽو علائقا ئي خالي ڪري ويا. ڪو واتهڙو مال جو گهورو يا مهمان اچي تہ ٿيو پر ٻچن کي هڪ وقت اناٽو پيٽ ڪرائڻ بہ محال بڻيل هو، ماني رب، ڪچٽي تہ خواب بڻجي ويا هئا. ڪنهن وقت ماڻهو ان جا ڪجهہ داڻا اڳڙيءَ ۾ ٻڌي، پاڻيءَ جي ڪُني ۾ ڪاڙهي، اهو پاڻي ٻارن کي پيئاريندا هئا، تہ جيئن اناٽو پيٽ سمهن.

انساني امتحان جي انهي مشڪل وقت ۾، ڪاڇهر جي سڄي پوٺي جي ڪُڪ ۾ سڪل ٿوٺ پٽ جي هنج ۾، هڪ لوڙهي اندر هميشہ روشنيءَ جي ٿمڪار ٿيندي هئي. ڪو پليل، واتهڙو، گهورو، وارهاڙو آڌي رات جو بہ جوءِ مان لنگهيو تہ هڪل ٿيندي هئي، ڪير آهين، متان ويو آهين پاسو ڏئي، منهن اينئي پوءِ وڃجانءِ، توڙي جو مسافر هزار حيلا ڪري پر هڪ ٻُڍڙي عورت ۽ سندس پُٽ مهمان کي زوري ويهاري پاڻي، چانهہ ۽ مانيءَ کانسواءِ نہ ڇڏيندا هئا. اها روايت

سالن تائين زنده رهي. ٻُڍڙي ماءُ پرلوڪ ڪري ويئي. وقت پاس ڪندڙ پونجو ميگھواڙ بي حال هوندي بہ ڏڪارن جي ماريل علائقي ۾ مالوندن، مال جي گهورن، واڻهڙن لاءِ ڪپڙ جي ورڻ ۽ تلاءُ جيان اجهو بڻيل هو. ڪنهن وقت بہ سندس اجهي تي ويجهي تہ ڪاٺ جي ٿهيل ڇَنهي، ۽ وڏي ويڪري ٿلهي واري اوطاق تي بہ چار پيارا ضرور لٿل هوندا هئا. جنهن ۾ هندو، مسلمان، ٺڪر، ڀيل، ڪولهي، سوٿهڙ ۽ سامي بہ شامل هوندا هئا. پاڙي وارا ٻڌائين ٿا تہ هن ۾ 12 ڪلاڪ کان وڌيڪ جنڊ هلندو هو ۽ چلهہ 18 ڪلاڪ کان وڌيڪ ٻرندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ 24 ڪلاڪ دانگي چڙهيل هوندي هئي. دلچسپي جي ڳالهہ مسلمانن، ٺڪرن، ڀيرن ۽ ٻين ذاتين ڪي اوطاق ۾ رڌ پچاءَ جي بندوبست سان گڏ، ڳوٺ جي مسلمانن کي ڪچو سيڌو ڏيئي ماني پچرائي ڪارائيندو هو. جيڪو ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا، آڏي توڙي مانجهي، مسلمان گهرن جون عورتون بہ هر وقت ان ڪم ۾ خوشيءَ ۽ فخر سان جُٽ رهنديون هيون. پونجو مل ٻڌايو تہ ڪئين ڀيرا ائين بہ ٿيو جو ننڍو يا پنگريو مان ان ڪلهي تي ڪٽي اچي پيهي پوءِ ڪائيندا هئاسين. ڪڏهن ٻنيءَ ۾ ڪٽي کو پڪل سنگ سجهندا هئا، تہ اهي ان مهل وڍي آندا، ان پيهي پچائي مهمانن کي کارائيندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن تہ صفا لنگهڻ وينا هوندا هئاسين، تہ ان ڪٽڻ وارا مهمان خود اچي ڪڙڪو ڪندا هئا، پوءِ اسان کي ٻُڪ ڪيڏائيندا هئا ۽ انهن کي بہ کارائيندا هئاسين.

هن اوطاق ۾ خاص گهوڙن جا شوقين، هميشہ موجود هوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ پونجو مل پلن گهوڙن جو شوقين هيو جن ۾ پنگريو پاسي استاد محمد بخش سهتو ڳوٺ ڏاپڙي جو پير موتي ۽ هميون اُتي ترسيل هوندا هئا، جنهن ڪري سُج ۾ ميلو متل هوندو هو.

خاص ڪري چوريءَ جي وارهاڙي وارن ۽ ڇجن جي خدمت ڪرڻ، چانهن پاڻي پيارڻ، ترسائڻ، هن ماڻهوءَ جو مشغلو رهيو آهي. پاڻ چون ٿا تہ ڳوٺ ۾ اڪيلائي هوندي هئي، جيستائين بہ چار مهمان نہ هجن تہ هوءِ سندس ٻڍڙي ماءُ بچان جاڳي وقت ڪٽيندا هئا.

پونجو ميگهواڙ ذات جو جوڳو سندس والد جو نالو نارائڻ عرف ناهيون، ڳوٺ لالو وهنداڻي، ڪاڇهر جو رهاڪو ۽ حيات آهي. هو پنهنجي پونيئرن جي باري ۾ ٻڌائي ٿو تہ سندس بنياد جو ڪو وڏو ٿر جي ڪنهن آفت واري صورتحال ۾ پنهنجي والدين، ڳوٺ ۽ علائقي مان وچڙي ويو جيڪو ڪلوئي ويجهو مهراڻ ۾ ڪن ميگهواڙن ڪي هٿ آيو. پنهون ذات جي ڪنهن وڏڙي سندس سنڀال لڌي، وڏو ڪيائين، ۽ شادي بہ ڪارايائين. جنهن بعد هو ٻني ٻارا ڪندو هو. ڪلوئي ويجهو ڪاڇهر واري علائقي ۾ آباد ٿيو. جنهن جي ڪجهہ پيڙهين ڪانپوءِ پوڄو جوڳو ٿيو جنهن موجوده لالو وهنداڻي ڳوٺ واري ماڳ تي ڳوٺ ٺاهيو. سندس بہ پٽ هئا، هڪ تامل ۽ ٻيو نارائڻ. نارائڻ ميگهواڙ علائقي جو واحد پڑهيل لکيل ماڻهو هو ان انگريز سرڪار ڪان منظوري وٺي، ڳوٺ ٻڌايو جنهن ۾ پوءِ وهنداڻي ذات جا ٻروچ ۽ ٻين ڳوٺن جا ميگهواڙ آباد ٿيا. ڳوٺ جو پٽيل لالو نالي وهنداڻي ڪي ڪيو ويو ۽ ڳوٺ جو نالو سندس نالي پٺيان رکيو ويو.

تامل ۽ نارائڻ عرف ناهيون جوڳو ميگهواڙ هارپو ۽ واڍڪو ڪم ڪندا هئا، تامل کي هڪ پٽ ناٿو ميگهواڙ آهي، جيڪو اڄ بہ 110 سالن جي ڄمار ۾ حيات آهي. نارائڻ کي 3 پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. سندس هڪ پٽ شاديءَ ڪان ڪجهہ وقت پوءِ ۽ ٻيو پٽ بہ جوانيءَ ۾ گذاري ويو. سندس نياڻو لڌو ميگهواڙ (ولاسائي) بہ جوانيءَ ۾ گذاري ويو جنهن بعد پاڻ بہ ترت الله واهي ٿيا، ۽ پويان هڪ بيواه بچي ذات جئپال، ۽ پٽ پونجو جوڳو ميگهواڙ کي ڇڏيو. نارائڻ ڀڳت ماڻهو هو. هن ڪوبہ شش نہ ٺاهيو پر آخري وقت تي دم ڏيڻ مهل، پنهنجي ڀائٽي ناٿو مل کي نام دان ڏنو. ان وقت پونجو مل 8 کان 10 سالن جا هئا، پونجو پنهنجي اصلي ڳوٺ جي باري ۾ پڪ نہ ٿو ڏئي سگهي، پر سندس سئوٽ ناٿو مل جوڳو ٻڌائي ٿو تہ هڪ پيري هڪ پٽ ٻڌايو تہ توهان جا اصل وڏا، مني تعلقي جا هئا، ۽ غالباً ڳوٺ هريار جا رهاڪو هئا، ۽ سندس پوٿي توڙي سرڪاري ڪاغذن ۾ سندن وڏن جا نالا درج آهن، پر ان بابت هنن ڪڏهن تصديق ناهي ڪرائي.

پونجو جوڳو ميگهواڙ جي باري ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هو پنهنجي ٻني ٻارو سنڀالڻ سان گڏ جتيون ٺاهڻ، ۽ چمڙو رڱڻ جو ڪم ڪندو

هو سندس باري ۾ اهو بہ مشهور آهي، تہ هو پراڻي جُتيءَ کي ڳنڍڻ جا ڪنهن ڪان بہ پئسا نہ وٺندو هو. پوءِ اهو واسطي وارو هجي يا بلڪل اڻڄاڻ. ان ڪانسواءِ جيڪو مهمان ايندو هو ان جي پيٽ جو خيال رکڻ سان گڏ، ان جي جتي ٽٽل هوندي هئي تہ بنا چوڻ جي ڪٽي زوري ٽانڪي ڏيندو هو. علائقي ۾ ايتري تہ عزت ۽ احترام اٽس جو سندس چواڻي جيئن ئي بئراج آيا ۽ زمينون آباد ٿيون تہ ماڻهن جي ڪرن مان ان ڪڍڻ لاءِ ڪيس پڇڻو ڪونہ پوندو هو بس وچ ۾ گهوڙو پيري اچي پچائي ڪاءُ. پونجو مل ڏيپلي ويجهو ڳوٺ ٻپراڙيو مان مورو مل (ٻوچيو) ميگهواڙ جي گهران شادي ڪئي. سندس ڌرم پتنيءَ جو نالو ستبائي هو. جيڪا 2008ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي. پونجو مل وڏن ڪشالن سان پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري.

هو هن وقت ڪاجهر جي ڳوٺ لالو وهنداڻي، ۾ پنهنجي پريوار سان گڏ رهي ٿو. ڪيس چار پٽ پورو مل، جيڪو ڳوٺ ۾ ٻني ٻارا ۽ مال تڙو سنڀاليندو آهي، ٻيو نمبر آڏو مل، جيڪو ڪسٽمز کاتي ۾ ملازم آهي، ٽيون نمبر سارنگرام، جيڪو پي. سي. ايس. آفيسر خوراڪ کاتي ۾ آهي، چوٿون نمبر مينڌرو ”ڪاجهروي“ صحافي ۽ ڪاروبار ۾ لڳل آهي. سندس اڌ پريوار مٺي شهر ۾ رهي ٿو جڏهن تہ سندس بہ نياڻيون ڏيپلي ويجهو ڳوٺ ڏيڙو جي گنگو (واڻيون) ميگهواڙ جي پٽن، ڪيمون مل ۽ گلاب چند کي پرڻايل آهن.

# ڀڳت ڀيجلرام

(1898ع کان 1988-2-22ع)

اوهان جي وفا، همت، عظمت کي سلام،
اي فرزند مهراڻ نياپو پروسو تو پيتائيءَ جو.
(عرض گوپانگ)

سرڳيہ ڀڳت ڀيجلرام نجار جو جنم ٿر جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ گوڏيو، تپو ماجني تعلقہ مٺيءَ ۾ سال 1898ع تي هڪ غريب ڏنار گهراڻي ۾ سرڳيہ ڏاهو مل جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو مان ٻائي، ذات جي کينٽليا ڇيلي مهتر جي پيڙ ڏيپلي شهر واسڻ هئي. پاڻ شادي سال 35-1934ع ڏاري ڳوٺ پکوئو تعلقہ مٺيءَ مان، سرڳيہ سگرام کنيو جي سُپتري کيمان سان ڪئي. جنهن پنهنجو هٿ جو پورهيو ڪري ٻارن کي تعليم ڏياري، ۽ پتيءَ کي هر ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. هن وقت 90 سال جي عمر هوندي پرت جي ڪڻ ٽوپي جو ڪم ڪري رهي آهي. ننڍپڻ کان هارپو، مال چارڻ، انين جو ڌڻ چاريندا هُئا، تنهنڪري کيس اوٺاري ڪري سڏيو ويندو هو. بعد ۾ چمڙي مان جتيون، سانداريون ۽ پکالن ناهڻ جا ڪاريگر ٿيا. انهي وقت غربت تمام گهڻي هئي، غريب جاتيءَ جا ماڻهو تر جي وڏيرن وٽ غلام طور جڪڙيل هئا. اڄ تائين بہ آهن، جيڪي زيادتين ۽ ظلم جي ور چڙهيل آهن. خاص ڪري ميگهواڙ جاتي چو تہ اُن وقت ڪنهن وٽ ٻني ٻارا نہ هُئا تنهنڪري وڏيرن وٽ هڏ خريد نوڪر چاڪر طور گروي رکيل هوندا هُئا. ڀڳت صاحب ۽ سندس ڪٽنب جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ وٽ نہ زمين نہ وري پاڻيءَ پرڻ لاءِ الڳ کوهہ هو. ان وقت جا وڏيرا الڳ کوه کوٽڻ ۽ زمين جو ٽڪرو يڪسالو آباد ڪري پيٽ پارڻ جي اجازت نہ ڏيندا هئا. انهي وقت زمين جو ٽڪرو هجڻ ۽ پنهنجو کوهہ هجڻ کي وڏي اهميت هوندي هُئي. انهي وقت ڇيپ ڇات جو عروج هو. وڏيرن جي غلامي قبول ڪرڻ عام هو پر ڀڳت، جيڪو هڪ با همت ۽ اڻ موٽ انسان هجڻ ڪري غلاميءَ کان نجات پائڻ لاءِ پتوڙيندو رهيو تہ اهڙي غلاميءَ مان ڪيئن جان

ڇڏائجي. سندس ڳوٺ وارن جي هڪ ذاتي ٻني، کيڙي کرڻ ۽ گذراني لاءِ هُئي ۽ کوهہ کوٽڻ ٿي چاهيو تہ پنهنجي پيئڻ لاءِ پاڻي ۽ مال کي پياري سگهون. جيڪي ٻار ٻچا پاڻي لاءِ ويندا هئا تہ ان سان بدتميزي ۽ غير اخلاقي طريقو استعمال ڪندا هُئا. وڏيرن جي چاڙتن جا داٻ دڙڪا سهڻا پوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن عورتن کي ٿڏا هڻي واپس ڪندا هئا. اهڙي حرڪت ڀڳت ڀيجلرام کي نہ وڻندي هُئي، ۽ هر وقت دل آزاري ٿيندي هُئي. ڪيترن ئي موقعن تي انهن سان منهن ماري هاٿا پائي بہ ٿيندي هئي. اهڙيون ڪريل حرڪتون ڪانئس برداشت نہ ٿيون، نيٺ ڳوٺ کان اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽر اُتر طرف سندس قبولي نمبر 7 ڊاپو نالي ٻني ۾ سال 40-1939ع ڌاري هُن کوهہ کوٽائڻ شروع ڪيو. تڙ ۾ وٺ واري علائقي ۾ کوهہ تانگها ٿيندا آهن. 50 فوٽن تي منو پاڻي نڪتو. انهي وقت اهو کوهہ وڏي خرچ ۽ ڏکن ڏاکڙن سان تيار ٿيو هو. تر جي وڏيرن کي باهہ لڳي ويئي تہ ميگهواڙ پنهنجو ذاتي کوهہ کوٽايو آهي. حسد ۾ ساڙ ۾ چاڙتن کوهہ ۾ لوڻ وجهي، مٺي پاڻيءَ کي کارو ڪري ڇڏيو. گڏوگڏ جڙتو ڪوڙن ڦڏن ۾ ڦاسائڻ لاءِ حراسان ڪندا رهيا. پر هن بهادر ۽ اڻ موٽ انسان دليريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ بچاءَ خاطر انهيءَ زماني ۾ اخبارن ۾ ليک ڏيرايا ۽ وس وارن ۽ اختيار وارن وٽ بچاءَ خاطر درخواستون داخل ڪرايون، ۽ ترت ئي پنهنجي اصل ڳوٺ مان ڪتنب سميت لڏي، ٻني سروي نمبر 7 جي اتر طرف مهاڳي ۾ پڊ منظور ڪرائڻ واسطي روينيو اختياري وارن وٽ درخواست ڏني. ۽ پڊ جي لکپڙه نهرائي، وس وارن عملدارن کي رواني ڪرائي، پنهنجي ڪتب سميت رهائش اختيار ڪئي. جنهن تي تر جي وڏيرن، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جڙتو ڦڏن ذريعي پوليس چاڙهڻ سان تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. جيئن ميگهواڙ ٻڃي پڊ تان هٽ ڪٽي، وري واپس پنهنجي اصل ڳوٺ ۾ اچي رهن، ۽ سندس غلامي ڪندا رهن. پر ڀيجلرام هڪ خوددار ۽ باهمت ماڻهو هو. سندن دڙڪن داٻن ۽ ڪوڙن ڦڏن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي، ۽ پنهنجو سندرو مضبوط ٻڌي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهيو.

پاڻ پنن اگهاڙو، پاڻيءَ جي سانداري ڪلهي ۾ ڪٽي، پيادل پنڌ ڪري آفيسن ۽ ڪورٽن ۾ حاضريون ڏيئي ڏيئي، ڪارونجهر وانگر

اوچو ڳاٽ ڪري هلندو رهيو جنهن کي ڪابہ طاقت نمائي نہ سگهي. هُن جي محنت آخرڪار رنگ لاتو. لڳ ڀڳ 25 سالن کانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، ميرپورخاص جن سروي نمبر 7 جي مهاڳ ۾ رهڻ واسطي پڊ منظور ڪري ڏنو. سال 1957ع دوران مسلسل 25 سال پنهنجي پڊن، ترڙن ۽ پنهنجي سنگن جي عزت آن ۽ مانُ بچائڻ خاطر مخالفن سان جنگ جوٽي، پنهنجي قبيلي جو ڳاٽ اوچو ڪرايو. اهڙين حالتن ۾ رهندي بہ پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌي، پنهنجي پُٽن کي پڙهائين. سندس 3 پٽ هئا. 1. سترام جو هاري هو ڪرمچند سنڌي فائينل پاس ڪئي کيس سنڌي ماستري نوڪري ڳوٺ ڀڪوئو ۾ ملي، جتي پيادل 25 ميل پنڌ ڪري ٻار پڙهائيندو هو. سندس ٽيون پٽ ڪانجي مل پرائمري اسڪول ڀڪوئو مان پڙهيو ۽ بہ سال هاءِ اسڪول ڏيپلو ۾ پڙهيو. بعد ۾ ٿر ۾ سخت ڏڪاري حالتن ڪري، پٽ ياڻتي جو خيراتي اسڪول رئيس محمد عثمان مري هلائيندو هو. جتي ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. بہ سال بي روزگار رهيو بعد ۾ ميئرٽ جي بنياد تي سال 66_1965ع ۾ جونيئر ڪلارڪ طور، نيشنل بينڪ آف پاڪستان ۾ مقرر ٿيو. جتي پنهنجي محنت، جفا ڪشي ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ ڪري، کيس ترقي ڏيئي آفيسر گريڊ ۾ مقرر ڪيو ويو. ترقي ڪندي ڪندي سال 1998ع ۾ آفيسر گريڊ ون مان سينئر مئنيجر طور نوڪريءَ مان رٽائر ٿيو. ڪانجي مل پنهنجي نوڪريءَ دوران پنهنجن پراين واسطيدارن کي مالي مدد ڏيئي، پڙهايو ۽ روزگار سان لڳايو. ڪانجي مل هڪ سماجي ۽ شوشل ورڪر ذهن جو انسان آهي، جنهن ڏکي وقت ۾ ڪافي ماڻهن جي مدد ڪئي آهي. جنهن جا ڪافي مثال آهن. جهڙوڪ ساهو جي وانڊ وارن جي کُلي دل سان مالي ۽ اخلاقي مدد ڪئي. مٺي شهر ۾ پنهنجي نالي سان ڪانجي ڪالوني جو بنياد رکيو. جتي اسان جي جاتيءَ جا ڪيترائي گهر آباد آهن. ايم. اين. اي ڊاڪٽر کٽو مل سميت، رهائش پذير آهن. جتي ميگهواڙ برادريءَ جا سدائين ميڙاڪا ٿيندا رهن ٿا. ڪانجي ڪالوني ٿر ۾ ان حوالي سان مرڪزي اهميت رکي ٿي. اُن ۾ ڪوبہ واڌ نہ آهي. ڪانجي مل سال 2001ع کان 2004ع

تائين نائب ناظم تعلقہ ميونسپل ائڊمنسٽريشن مٿي بہ ٿي رهيو جنهن ۾ پنهنجي ڪميونٽيءَ لاءِ ڪافي اسڪيمون ڏياريون ۽ ڪم ڪيو جواڄ بہ نشان آهن. ڪانجي مل جو وڏو پُٽ ملڪرام، جيڪو هن وقت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي، مرڪزي ڪاتي ۾ اعليٰ عهدي تي فائز آهي، جيڪو اعليٰ تعليم يافتہ ۽ با ڪردار شخص آهي. سندس اڪيلي نياڻي ڀڳواني ٻائي، اعليٰ تعليم يافتہ آهي ۽ سينئر انگلش ٽيچر آهي. سندس بہ ننڍا پٽ هڪ پرتاب ۽ ٻيو امرت بہ سرڪاري ادارن ۾ روزگار سان لڳل آهن.

ڀڳت ڀيجلرام هڪ باهمت، باڪردار ۽ سچو پچو انسان هو. پنهنجي حقن جي حاصلات خاطر جدوجهد ڪرڻ ان سلسلي ۾ پاڙي وارن ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن وارن کي، غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ جي همت افزائي ڪرڻ، ساهتا ڪرڻ، ساٿ ڏيڻ اخلاقي توڙي مالي مدد ڪرڻ جي حوالي سان ڄاتل سڃاتل شخص طور حيثيت هئي. ڀڳت ڀيجلرام پاڻ اڻ پڙهيل هو ۽ آخري عمر ۾ لکڻ پڙهڻ سکيو. ٿر جي لوڪ ادب، لوڪ ڪهاڻين، لطيفن، پرولين، ڳجهارتن، ڪهاوتن، ڏور بيت جو وڏو ڄاڻو هو. ٿر جي سگهڙن جي ڪچهري هجي تہ هلي شرڪت ڪندو هو. ٿر جا سڀ سگهڙ ۽ ڏاها سندس عزت ڪندا هئا. سچائي، نيڪ نيتيءَ جي ڪري ٿر جو مشهور سخي مرد، فقير فيض محمد ٻلالاڻي بہ سدائين راجوٽي فيصلن ۾ ڪانئس صلاح وٺندو هو ۽ مانُ ڏيندو هو. آخري اوستا ۾ سڀ لوڀ، لالچون، موہ، مايا، ڇڏي ست گرو ڪري، ايشور جي ڀڳتيءَ ۾ مگن ٿي ويو. ڌرمي ماڳن، مندرن، صوفي سنتن ۽ فقيرن جي مزارن جون حاضريون ڀري، سنت ساڌوئن سان ميل ملاقاتون ڪري، پنهنجي جيون ۾ سک، شانتي، سڪون پراپت ڪيائين. سنساري جي نيم مطابق هر انسان کي هي چولو ڇڏڻو آهي. هن سنت بہ 22 فيبروري 1988ع تي هن جهان کي الوداع چئي، پر لوڪ پڌاريو ۽ پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

# ڪرڪٽا
# لاهي
# سُڪڻ
# رتيا
# ڪڏهين





ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي، صدارتي ايوارڊ تمغهٔ امتياز
23 مارچ 2010ع تي گورنر سنڌ کان وصول ڪندي



چترا پريتم، صدارتي ايوارڊ تمغهٔ امتياز
جناب آصف علي زرداري صدر پاڪستان کان وصول ڪندي

# گلجي رتن جي

وري آ وير يادن جي، پراڻا يار ياد آيا،
ويا وڇڙي ولر ڪان جي، دلي دلدار ياد آيا.

دنيا ۾ ڪيترائي بي بها، اخلاق ۽ اخلاص جا مالڪ، فقير طبيعت، حاتم صفت، منصف مزاج، رحم دل، خوش پوشاڪ، خوش گفتار انسان پئدا ٿيا آهن. سنڌ سونهاريءَ جي پويتر ڌرتي اهڙن پلن ماڻهن سان ڀري پئي آهي. ماڻهو تہ هليو ويندو آهي ۽ پنيان ڇڏي ويندو آهي دل پذير يادون، اهڙيون وڻندڙ يادون ڇڏي ويندڙن مان هڪ ميگهہ ونس مهان پُرش، شري گلجي، جنهن ڏينگاڻ پرڳڙي، تعلقي ڪوٽ غلام محمد ضلع ميرپورخاص ۾، شري رتن جي ٻوچيا جي گهر جنم ورتو. پاڻ پرائمري تعليم پرائمري اسڪول ڏينگاڻ پرڳڙي، ۽ فائينل بہ ساڳئي اسڪول مان پاس ڪيائين. سندس پتا شري رتن جي جو هڪ ننڍڙو دڪان هو. جنهن مان هو پنهنجي ڪٽنب جون ضرورتون پوريون ڪندو هو. شري گلجي جيئن فائينل جو امتحان پاس ڪيو تہ ٿُرت ئي کيس روينيو کاتي ۾ تپيدار جي نوڪري ملي. ڪجهہ سال تپيداريءَ جي نوڪري ڪرڻ بعد، سال 1953ع ۾ روينيو کاتي مان استعفيٰ ڏيئي، سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي اليڪشن لڙيو. ۽ MPA چونڊيو ويو. انهي اليڪشن ۾ کيس رئيس خير محمد پرڳڙي صاحب آندو ۽ کيس هر طرح جي مدد ڪيائين، ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جا ووٽ بہ تمام گهڻا مليا ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو پاڪستان ۾ پهريون MPA ميمبر سنڌ اسيمبلي ٿيو. انهي ڪانپوءِ ڪراچي جو جيوراج مهيشور ميگهواڙ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. جو فوت ٿي ويو آهي. سندس پريوار هن وقت گانڌي ڌام گجرات ۾ رهي پيو.

سال 1985ع ۾ شري گلجي، اقليتي هندو قومي اسيمبليءَ سيٽن جي اليڪشن ۾ نامينيشن پيپر ڀرايو. انهي اليڪشن ۾ پڻ رئيس خير محمد پرڳڙي صاحب ۽ ميگهواڙ قبيلي جي ووٽن تي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو ۽ ٽن سالن لاءِ ميمبر نيشنل اسيمبلي MNA بڻيو. شري گلجي هڪ مانيٽو ۽ ٿڌي سياءُ جو انسان هو. پاڻ شادي شريمتي

سنڌو ڳوٺ ڪڏڙو تعلقي سنجھورو ضلع سانگھڙ مان ڪئي. جنھن مان ڪيس اولاد ھڪ نياڻي ۽ ٽي پُٽ آھن. 1. ھيمراج 2. وشنداس جيڪو انجنيئر واٽر مئنيجمينٽ آھي. 3. لالجي.

گلجي رام پنھنجي دؤر ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ڪرايا. ڏينگاڻ پرڳڙيءَ ۾ ميڊيڪل ھيلٿ سينٽر، ھاءِ اسڪول بلڊنگ ۽ ڪميونٽيءَ سينٽر تعمير ڪرايا ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ۽ ٿر ۾ بہ ڪوھہ، ڪميونٽي سينٽر، پرائمري اسڪول بلڊنگ وغيره تعمير ڪرايون. گلجي رام، جنھن شيڊيول ڪاسٽ جي بھتري ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. ڀھراڙيءَ ۾ جھالت ختم ڪرڻ لاءِ ٻارن کي پڙھائڻ لاءِ ھمٿائڻ، ۽ انھن جي مائيٽن کي سٺي صلاح ڏيڻ، تہ ھو پنھنجي ٻارن کي اڳتي پڙھائين، جيئن ھو منزل ماڻي سگھن. انھي ڪانسواءِ ھو ھڪ سماج سُڌارڪ شخصيت ھو. سماج ۾ ڪوبہ تڪرار يا فيصلو ھوندو ھو، تہ پاڻ ھڪدم پھچي ويندو ھو ۽ انھن کي سُلجھائڻ کي پنھنجو فرض سمجھندو ھو. گلجيءَ جي سٺي ڪردار ڪري جاتيءَ ۾ عزت مانُ ۽ مرتبو ھو جنھن ڪري اجا تائين لوڪ کيس ھڪ مھان انسان ۽ سماجي شيوڪ طور ياد ڪندا رھن ٿا.

آخر اھڙا امر انسان ڪيترائي ھن فاني سنسار ۾ آيا، ۽ پنھنجو وارو وڄائي، وڃي پنھنجي مالڪ سان مليا. اھڙيءَ طرح شري گلجي بہ آخر سال 2005ع ۾ ھن سنسار کي الوداع چئي، پنھنجي حقيقي مالڪ سان مليو ۽ سندس يادون ھميشہ ميگھہ ونس جي دلين ۾ ياد رھنديون.

پکي پرواز ٿي ويندا، حويليءَ ۾ نہ ھُل رھندو،
اڏامي بلبليون وينديون، نہ گلشن ۾ ڪو گل رھندو.

# ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ

سوپون سِر گُهرن، سر ري سوپ نہ سپجي،
سسيون برابر سوپ جي، توريان تان نہ ٽُرن،
جيڪي هينئڙي منجهہ هُرن، سي ملهہ مهانگا سپرين.

ڪي انسان پنهنجي سوچ، فڪر ۽ عمل سان تاريخ جا رُخ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي اندر اهڙا ادارا هجن ٿا، جتان ڪيترائي انسان پنهنجي شعور جون شمعون جلائي، سڄي جڳ کي علم ۽ آگاهيءَ جي روشني ارپين ٿا. اسان جي سونهاري سنڌڙيءَ جي سرزمين، هميشہ پنهنجي الڳ ٿلڳ سڃاڻپ ۽ تاريخ حيثيت رکي آهي. جنهن اهڙا انمول موتين ۽ مٽيادار ماڻهو پيدا ڪيا، جن عمل، علم، فهم، سورهيايپ ۽ سچائيءَ جي ميدان تي ڏونڪو هنيو. پر هت هڪ اهڙو شخص فرد بہ گهمنڊڙ ڦرندڙ تاريخ آهي. جيڪو اڄ بہ پنهنجي فڪر ۽ نظريہ سان ڪمٽيڊ آهي ۽ اڄ بہ ماڻهن جي دلين ۾ قابلِ عزت ۽ سنڌ ۽ ٿر لاءِ ارادن ۾ پختو آهي. اهو شخص عمرڪوٽ جي پيومي جتي مغل شهنشاهہ اڪبر بادشاهہ جنم ورتو جتي عمر ۽ مارئيءَ جو رومانوي داستان وابستہ آهي، جتي ڪيترن ئي سياستدانن سنتن جنم ورتو انهي ۾ هڪ سورهيہ ميگهواڙ جاتيءَ جو پُرش، ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ، جنهن تاريخ پهرين آڪٽوبر 1956ع ڌاري عمرڪوٽ ضلع جي ڳوٺ جانهيرو شريف، جتي ڏاڏي ڪنگهار پيير جي درگاهہ جو تمام قديمي آستان موجود آهي، انهي ڳوٺ ۾ هڪ هاري سرڳيہ ڏيارام پنئار جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو مصران، ڏي ٻلهو ذات ڪريئت، ڳوٺ ڪنري لڳ سرمست رند شاهہ جو تڙ جي هُئي.

هن پنهنجي ابتدائي تعليم اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. جتي 8 ڪلاس تائين پڙهيو. جنهن بعد هُن هاءِ اسڪول عمرڪوٽ مان ميٽرڪ پاس ڪئي، ۽ مسلم ڪاليج حيدرآباد مان انٽر پاس ڪري پوءِ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ميڊيڪل جي ڊگري حاصل

ڪري ڊاڪٽر بڻيو. جتي هن 6 مهينا هائوس جاب ڊاڪٽر طور ٻارڙن جي وارڊ ۽ 6 مهينا حادثاتي وارڊ ۾ ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب شاگرديءَ جي زماني کان ئي هو ڪاليج جي سياست ۾ Active رهيو. انهي ڪري سندس دلچسپي ڊاڪٽريءَ کان وڌيڪ سياست ۾ رهي. ڊاڪٽر صاحب سال 1980ع ۾ پ پ پ اسٽوڊنٽ ونگ ۾ شامل ٿيو. جتان سندس سياسي سفر شروع ٿيو ۽ سال 1991ع جي اخبارن ۾ وڏين سرخين جي زينت بڻيو سندس لاپته هئڻ جون هنگامي خبرون بہ شايع ٿيون.

ڊاڪٽر کٿو مل جيوڻ سال 1988ع ۾ پنهنجي روايتن موجب شادي شريمتي ڪلاونتي، ڌي مگهو مل، ذات جئپال ڳوٺ ڪاهي تعلقہ ڪپرو ضلع سانگهڙ مان ڪئي. جنهن مان کيس ٽن پُٽن جو اولاد آهي. 1. راهول جيوڻ جو LLB ڪري رهيو آهي 2. وشال جيوڻ پڙهي پيو ۽ ٽيون گوري شنڪر جيون پنجون ڪلاس پڙهي رهيو آهي. ڊاڪٽر کٿو مل صاحب سال 1988ع ۾ باقاعدي پ پ پ ۾ شموليت ڪئي جنهن جو سجو سهرو ڪامريڊ اومون مل "مسافر" جي سِر تي اچي ٿو. 1988ع واري اليڪشن ۾ ڊاڪٽر کٿو مل جيوڻ کي MPA جي سيٽ، بيگم نصرت ڀٽو کان هُن ضد ڪري ورتي هئي. نہ تہ ان ٽڪيٽ جي مخالفت پئي. ڪي شاهاڻيءَ کان وٺي گهٽن اقليتي ميمبرن ڪئي هئي. چون ٿا تہ تڏهن ڪامريڊ اومي مل کي MNA جي سيٽ جي ٽڪيٽ پئي. ڪي شاهاڻي ڏيئي چُڪو هو. هُنن فقط ڊاڪٽر کٿو مل کي ٽڪيٽ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. تڏهن ڪامريڊ اومون مل مخدوم طالب المولىٰ وٽ نہ صرف شڪايت ڪٽي ويو پر هو محترمہ بينظير صاحبہ وٽ مخدوم صاحب کي گڏ وٺي ويو. انهيءَ جي باوجود محترمہ ڊاڪٽر کٿو مل کي ٽڪيٽ ڏيڻ کان صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو. پر ڪامريڊ اومون مل بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ سان وڃي مليو ۽ چيائين، تہ هن پارٽي ۾ منهنجي هڪڙي ٽڪيٽ جي بہ اميد نہ آهي ڇا؟ اُن تي بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ چون ٿا هُن محترمہ کي فون ڪيو. تہ سنڌ ۾ اقليت جون بہ ٽڪيٽون، هڪ قومي ۽ هڪ صوبائي مون کي ڏيو. باقي سنڌ ۾ اوهان جي مرضي. پوءِ انهيءَ تي

محترمہ بينظير مجبور ٿي MPA جي سيٽ ڊاڪٽر ڪٽو مل جيوڻ کي ڏني، ۽ MNA جي ٽڪيٽ اڳ ۾ ئي ڪامريڊ اومون مل کي مليل هئي. انهي اليڪشن ۾ ڊاڪٽر ڪٽو مل جيوڻ MPA جي سيٽ تي ڪامياب ٿيو ۽ ڪامريڊ اومون ملي MNA جي سيٽ صرف 400 ووٽن تان هارائي ويو. پيپلز پارٽيءَ ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر جا پير مضبوط ٿيا، ۽ پ پ ۾ پنهنجون جڙون وفاداري ۽ سچائيءَ سان مضبوط ڪيون، ۽ سچو جيالو بنجي ويو.

ڊاڪٽر ڪٽو مل جيوڻ 4 ڀيرا ميمبر پاڪستان نيشنل اسيمبلي، هڪ ڀيرو سينيٽر ۽ ٻہ ڀيرا ميمبر سنڌ اسيمبليءَ چونڊاڻو اهڙيءَ طرح هن پاڪستان جي پهرين هندو ليڊر جي حيثيت سان ست ڀيرا سياسي دور ۾ پنهنجي ڪارڪردگي، عزم ۽ قربانيون ڏيئي پارٽي کي بنا ڏيڻ ونڻ جي، عزت وڌائي آهي.

ڊاڪٽر ڪٽو مل جيوڻ 14 جون 2013ع تي سندس ڏنل انٽرويو جيڪو The Express Tribune ۾ شايع ٿيو جنهن موجب ڄام صادق علي جڏهن چيف منسٽر سنڌ هيو، انهي وقت ڊاڪٽر ڪٽو مل تي ميرپورخاص پوليس اسٽيشن کان چيف منسٽر هائوس تائين دٻاءَ وڌو ويو تہ جيئن هو پ پ کي ڇڏي ڄام صادق عليءَ جي ڪئمپ ۾ شامل ٿئي، پر هُن تشدد برداشت ڪيو پر پ پ کان ناتو ڪونہ ٽوڙيو. پوليس ڪيس درجن کن جاين تي رکيو. جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ سپريم ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي، ۽ ججن مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻڻ لا حڪم ڏنو تہ ڊاڪٽر ڪٽو مل کي هڪ اهڙي جاءِ تي منتقل ڪيو ويو جتي جهنگل ۾ هڪ زميندار جي سوئرن جي شڪار گاهہ جي جڳهہ ٺهيل هئي. ڊاڪٽر ڪٽو مل ٻڌايو تہ هر وقت منهنجيون اکيون ٻڌيون ويندڀون هيون، جڏهن مونکي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي منتقل ڪيو ويندو هو. جهڙوڪ بدين، ٺٽو ۽ ميرپورخاص وغيره. ٻن مهينن اغوا ڪانپوءِ هن چيو تہ ڪيس چيف منسٽر هائوس ۾ آندو ويو جتي سندس ڪٽنب جا ڀاتي موجود هُئا. منهنجي ڀائرن دليل ڏيندي چيو تہ ڄام صادق جي پارٽيءَ ۾ بروقت شامل ٿي. آئون اُن وقت ذهني ۽ جسماني تشدد سبب منجهيل هُئس،

بعد ۾ مونکي آزاد ڪيو ويو. مون ڪوبہ ردعمل ڪونہ ڏيکاريو ۽ اها پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪئي ويئي تہ آئون پ پ کي ڇڏي چام صادق وارن سان گڏ ٿيو آهيان.

آزاديءَ کانپوءِ ڊاڪٽر جيوڻ، محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي سنڀال هيٺ هڪ مهم، انهن ماڻهن جي خلاف شروع ڪئي، جن هن کي نظر بند رکيو هو. ۽ قومي ۽ بين الاقوامي انساني حقن جي تنظيمن سان پنهنجي غائب ٿيڻ لاءِ رابطو ڪيو. ان وقت سرڪار مون تي دٻاءُ پي وڌو، چاڪاڻ تہ شيڊيول ڪاسٽ جا 50 سيڪڙو ماڻهو جنهن ۾ ميگهواڙ ڪولهي، ڀيل شامل آهن، اُهي ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ مٺي ٿرپارڪر ضلعن ۾ رهندا آهن. هن چيو تہ اهي هندو پ پ پ کي ووٽ ڪندا هُئا ۽ سرڪار چاهيو ٿي تہ مون کي پ پ پ جي خلاف استعمال ڪيو وڃي تہ جيئن آئون شيڊيول ڪاسٽ جي ماڻهن کي پ پ پ کي ووٽ نہ ڏيڻ لاءِ منع ڪري سگهان. انهي کان پوءِ وري پرويز مُشرف جي دور ۾ منهنجي خلاف درجن کن ڪيس داخل ڪيا ويا، ۽ هي تقريبن 11 سال کن لڪي ويو ۽ ڪيس ڏوهاري قرار ڏنو ويو. ارباب غلام رحيم انهي کان واقف هو تہ هي انهن چند ماڻهن مان آهي، جيڪي هندو جاتيِءَ تي اثر رکن ٿا. خصوصن شيڊيول ڪاسٽ تي، انهن هن تي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن هو سندس ڪئمپ ۾ شامل ٿيئي.پر جڏهن هو ناڪامياب ويا تہ هن کي ۽ هن جي پُٽن کي دڙڪا داٻ ڪرڻ لڳا. سندس پارٽي هن کي چيو تہ تون هيٺياهين وڃ، انهي وقت محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ لنڊن ۽ دبئيءَ مان پارٽي ليڊرن کي وقت بہ وقت هدايتون ڏيندي رهي، تہ هن کي ڪراچيءَ ۾ ڪا محفوظ جڳهہ مهيا ڪئي وڃي.

ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ 1988ع کان 1990ع تائين MPA ٿي رهيو. 1990ع کان 1993ع تائين MNA ٿي رهيو. سال 1993ع کان 1996ع تائين بہ MNA ۽ 1997ع کان 1999ع تائين بہ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. 2008ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کان ترت پوءِ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ کي صلاحڪار چيف منسٽر آف سنڌ، معدنيات ۽

ڪاٽين جو ڪاتو ڏنو ويو. انهيءَ ڪان اڳ ۾ سال 1998ع ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري پاپيوليشن بہ مقرر ٿيو هو.

ساڳئي سال 2009ع ۾ سنڌ مان ڪيس سينيٽر مقرر ڪيو ويو. هيءُ پاڪستان جو هندو توڙي ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريون شخص هو جو سينيٽر ٿيو ۽ جنهن سينيٽ جي اجلاس جي صدارت بہ ڪئي. انهي ڪانپوءِ جڏهن پ پ پ جي MNA شهباز ڀٽيءَ کي اسلام آباد ۾ قتل ڪيو ويو تہ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ کي اُن جي جاءِ تي MNA چونڊيو ويو. سندس پارٽيءَ سان سچائي وفاداريءَ جي ڪري وري ڪيس 2013ع ۾ پارٽيءَ وارن هڪ دفعو ٻيهر اقليت جي مخصوص سيٽ تي سنڌ اسيمبلي ميمبر نامينيٽ ڪيو.

ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ پنهنجي پوري دور ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن عهدي لاءِ گهر ڪئي، نہ وري ڪڏهن پارٽيءَ کي ٽڪيٽ لاءِ چيو. ان جي باوجود هو ست دفعا چونڊيل نمائيندو پ پ پ ۾ ٿي رهيو. هُن کي پارٽيءَ سان وفادار هُجڻ جو اعزاز حاصل آهي. کٽو مل جيوڻ صاحب ست ٽرم اسيمبليءَ ۾ رهيو. ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ جي اسيمبليءَ ۾ اچڻ ڪري ميگهواڙ جاتيءَ ڪان جا صدين جي ڇوت ڇات هوندي هئي، سا ختم ٿي چُڪي آهي، ۽ پهريون هندو ڪميونٽي خاص ڪري ميگهواڙ جاتيءَ سان واسطو رکندڙ پنهنجي وفادار ۽ اهليت سان رهيو. جيڪو سندس رڪارڊ آهي. ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ ميگهواڙ جاتيءَ ۾ قومي هيري طور تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ هو هڪ بهادر انسان، جو ڪڏهن بہ ڪنهن اڳيان نہ جهڪيو ۽ هماليہ جبل وانگر پنهنجو ۽ جاتيءَ جو ڳاٽ اوچو رکيو پيو اچي. اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ کي ڪابہ اهميت ڪانہ ٿي ڏي، هيءَ ميگهواڙ جاتي فقط اهو چاهي ٿي تہ اسان جو نمائيندو هميشہ حڪومت جي زينت بڻيل هجي، ڪم ٿيندا رهندا. ڊاڪٽر اها ميگهواڙ جاتيءَ جي تمنا پوري ڪري رهيو آهي، ۽ ماڻهو انهي نالي ۾ خوش آهن. تہ ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جي ماڻهن جي دلين ۾ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ لاءِ احترام ۽ عزت آهي ۽ رهندي. جهڙي نموني پ پ پ جي ماڻهن ۾ ننڍي وڏي جي وات مان سدائين ”جيئي ڀٽو“ جو

نعرو نڪري ٿو تيئن تہ ميگهواڙ جاتيءَ جي ماڻهن جي وات مان بہ ”جيئي ڪتو“ جو نعرو نڪري ٿو جو هڪ قدرتي عمل آهي، جنهن کي ڪير بہ روڪي نہ ٿو سگهي. اهي ئي ميگهواڙ جاتيءَ جون دعائون آهن، جن ڊاڪٽر کي هڪ مهان پد تي پهچايو آهي. اسان جي ميگهواڙ جاتي، توڙي ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ کي تمام گهڻي ۾ گهڻي خوشي تڏهن ٿي، جڏهن تاريخ 31 جنوري 2014ع تي جناب آصف علي زرداري، جناب نواز شريف سان گڏ ٿاهريو هاليپوٽا، ڪوئلي واري هنڌ تي هڪ وڏي هجوم کي تقرير ڪندي اهو فرمايو تہ ٿر مان پ پ پ جي ڪٽڻ ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ جو آهي. انهي وقت ڊاڪٽر جيوڻ خوشيءَ مان نہ پيو ماپي، ۽ ٿر جي ٻين پ پ پ جي سيني نمائيندن جا منهن لهي ويا. انهي مان صاف ظاهر آهي تہ پ پ ۾ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ جو مانُ ۽ شانُ آهي، ۽ اُهي ڪيس وفادار ۽ پڪو جيالو سمجهن ٿا ۽ هو جيالو آهي. هن پنهنجي دور ۾ کيترائي ڪم ڪيا آهن. ڪيترن ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون، روڊ، کوهہ، هينڊ پمپ، اسڪول بلڊنگس، RO پلانٽ، ڪميونٽي سينٽر وغيره جنهن جو تفصيل سان ذڪر ڪبو تہ ڪتاب پرجي ويندو.

اسان کي اميد آهي تہ ڊاڪٽر صاحب گهڻي ۾ گهڻو پنهنجي ميگهواڙ جاتيءَ جي سُڌاري ۽ واڌاري تي ڌيان ڏيئي، ترقي وٺرائي، جيئن هميشہ لاءِ امر ٿي وڃي.

# انجنيئر گيانچند

جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل، هيءُ ڏينهن بہ گهاري ويندا سين،
چو پير پساري وينو آن، اُٺ ڏونگر ڏاري ويندا سين.
(اياز)

ڪنهن بہ قوم يا قبيلي ۾، ملڪ ۽ سماج ۾ عظيم انسان ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. انهن جو جنم ٿئي ٿو تہ هو قوم ۽ قبيلي لاءِ نوان ترجمان بڻجي نمودار ٿيندا آهن، جيڪي بهادر، اصول پرست، اڻموٽ ۽ خاص صلاحيتن جا مالڪ هوندا آهن. هو مشڪل ۾ مشڪل راهون بہ هموار ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙن املهہ انسانن تي قومون ناز ڪنديون آهن. اهڙا مڻيادار مڙس پنهنجا ذاتي مفاد ڇڏي، عوامي مفادن لاءِ ڊوڙندا ۽ ڊڪندا رهندا آهن. انسان دنيا ۾ جنم وٺي اچي ٿو ۽ انيڪ دنياوي مرحلا طئي ڪري، زندگيءَ جا ڪئي لاڙها چاڙها ڏسن ٿا، جن مان ڪڏهن ٻُڏڻ ۽ ڪڏهن ترڻ ٿئي ٿو. انهن جي زندگيءَ جي منزل موت نہ آهي، جيڪو عوام لاءِ ڪجهہ ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪي ٻاٽ سان لڙڻ ٿا ۽ روشنيءَ جي راهہ وٺن ٿا. جيڪي اونده اُجارڻ جي بي قرار جستجو ڪن ٿا.

جيڪي اماس جهڙي جڳ ۾ ڏيئو ٿيڻ جي جدوجهد ڪن ٿا، جيڪي انسان ٻين کان مختلف ۽ منفرد هوندا آهن. جيڪي وقت جي آڪاش تي شعور ۽ ساڃاهہ جون اُهي انڊلٺون اپاريندا آهن، جن جا اُجرا عڪس تاريخ جي جهروڪن مان هر دور ۾ پيا ليئا پائيندا آهن. ڪردار، قابليت، دانشمندي ۽ انسانيت جي خدمت ماڻهن کي مهانتا جا معراج اربي ڇڏي ٿي، ۽ ماڻهن جي دلين تي ماهر سنگتراش جي ڇڻن جيئن چٽيل رهن ٿا. اهڙو ئي هڪ اڻموٽ ۽ املهہ انسان، انجنيئر گيانچند بہ آهي، جنهن کي اهڙن محبوب ماڻهن جي مالها جي موتين ۾ ڳٽي سگهجي ٿو جن لاءِ محبتون ۽ عظمتون محدود هونديون آهن. لطيف صاحب چيو آهي:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
ڪري نہ سگهان ڪا، تنين سندي ڳالهڙي.

انجنيئر گيانچند جو جنم تاريخ 1966-03-01 تي، هڪ مهان استاد ٺاڪرو مل ڪڏيچہ جي گهر، ڳوٺ ويڙهار تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾ ٿيو. سندس ماتا شري جو نالو ڪيمان ٻائي، ڏي جگتو مل ڪوڪر، ڳوٺ ڪُتاني تعلقي ڏيپلو جي آهي. پاڻ پرائمري تعليم 5 درجا 1977ع ۾ ۽ مڊل 1980ع ۾، گورنمينٽ هريجن ڪالوني اسڪول ويڙهار مان پاس ڪيائين، ۽ 1982ع ۾ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد مان، ۽ انٽر سال 1984ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان پاس ڪري، B.E (Agri) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ داخل ٿيو ۽ سال 1990ع گريجوئيشن B.E (Agri) جي ڊگري حاصل ڪئي. انهي ڪانپوءِ ڏهن سال تائين ڪنسٽرڪشن (اڏاوتي ڪمپني) سڄي سنڌ ۾ ڪم ڪيو. سندس پتا ٺاڪرو مل هڪ نيڪ ۽ قابل استاد هو. جنهن جي ڪاوشن سان ويڙهار ۾ پرائمري اسڪول جو بنياد پيو ۽ جنهن پنهنجي پوري زندگي پنهنجي جاتيءَ جي ٻارن ۾ تعليم جي روشني ڦهلائڻ لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏي، جنهن جو مثال اڄ بہ موجود آهي، تہ ٿرپارڪر ۾ گهٽي ۾ گهڻا ميگهواڙ جاتيءَ جا پڙهيل لکيل ۽ سروس ۾ ويڙهار جا ماڻهو آهن. انهي ڪردار جو سچو سهرو سائين ٺاڪرو مل جي سر تي اچي ٿو ۽ انجنيئر گيانچند جو چاچو سائين هميرچند بہ ڪيترن ئي هاءِ اسڪولن جو هيڊ ماستر ٿي رهيو آهي، ۽ سڄي فيملي پڙهيل لکيل آهي.

پاڻ شادي سال 1992ع ۾ شريمتي گيتا ٻائي، ڏي امرو مل ذات سيجو ڳوٺ ماڃني تعلقي مٺي ضلع ٿرپارڪر سان ڪئي. جنهن مان ڪيس اولاد بہ نياڻيون ۽ چار پُٽ آهن. 1. گلشن ڪمار جيڪو ميڊيا سائنس اقرا يونيورسٽي ڪراچيءَ جو شاگرد آهي. 2. گلزار ڪمار NED يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ پڙهي پيو. 3. سمير انٽر سائنس ڪراچي ۽ 4. نقاش، ڪلاس ٻيو پرائمري اسڪول ويڙهار ۾ پڙهي رهيو آهي. انجنيئر گيانچند ڍاٽڪي، سنڌي، اردو، انگريزي ۽ سرائڪي ٻوليون لکي پڙهي سگهي ٿو ۽ سندس پسنديده پوشاڪ شلوار قميض (سفيد ڪاٽن) آهي، ۽ سنڌي ٽوپي ۽ پٽڪو بہ شوق سان پائي ٿو. انجنيئر گيانچند پنهنجو سياسي ڪيريئر 1980ع

ڏاري، عوامي تحريڪ مان شروع ڪيو. جڏهن هو سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ ۾ گريجيويشن ڪري رهيو هو. انهي وقت ڄام صادق علي وڏي وزير جي جابرانہ دور ۾ سياسي طور ڪيس 1992ع ۾ ڏيپلو پوليس طرفان گرفتار ڪيو ويو ۽ هڪ مهينو جيل ۾ رکيو ويو.

سال 1993ع واري اليڪشن ۾ اقليتي سيٽ تي آزاد اميدوار طور صوبائي سيٽ تي اليڪشن لڙيو جنهن ۾ سڄي سنڌ ملٽيپل وارڊ هو. انهي وقت پنهنجي ميگهواڙ جاتي فيصلو ڪري، MNA جي سيٽ لاءِ ڊاڪٽر ڪٿو مل جيوڻ ۽ MPA جي سيٽ لاءِ انجنيئر گيانچند کي ووٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ انجنيئر گيانچند وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ۽ پنهنجي سياسي ڪيريئر جي پهرين ڏاڪي کي ڪراس ڪيو. تنهن ڪانپوءِ پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. سال 2002ع جي عام چونڊن ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي PS-60 تعلقي ڏيپلو تي ارباب غلام رحيم جي سامهون فارم ڀرائي اليڪشن لڙيو. پ پ پ جو ڪوبہ اميدوار فارم ڀرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. انهي ڪري ارباب غلام رحيم جي ظالماڻہ حرڪتن جو شڪار پاڻ بڻيو ۽ جاتيءَ بہ لوڙيو. اليڪشن لڙيو پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو پر همت نہ هاري، ۽ پنهنجي جفاڪشي جاري رکي. سال 2004ع ۾ نامزد وزير اعظم شوڪت عزيز جي سامهون پ پ پ جو ڪو بہ اميدوار فارم ڀرائڻ لاءِ تيار نہ ٿيو پر هي ميگهہ ونس اتهاس جو پهريون شخص، مرد مجاهد پ پ طرفان ڪورنگ اميدوار هو.

سال 2008ع ۾ پ پ پ طرفان ڪيس ٽڪيٽ ڏنو ويو. پر مالي حالتن ڪري هن حصو نہ ورتو. پر ڪو رنگ اميد وار طور هُن ڀرپور اليڪشن ورڪ ۾ حصو ورتو. سال 2013ع جي اليڪشن ۾ بہ ارباب غلام رحيم جي سامهون، PS-60 ڏيپلو تي پ پ پ جو ڪوبہ ماڻهو اليڪشن لڙڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. تڏهن بہ هيءُ اڻ موٽ مڙس ارباب غلام رحيم جيڪو وزيراعليٰ ٿيڻ جي خواهش رکندڙ هو جي خلاف اليڪشن لڙيو ۽ 36 هزار ووٽ کنيا ۽ ميگهواڙ جاتي وارن ڪافي مدد ڪئي، پر اليڪشن کٽي نہ سگهيو.

انجنيئر گيانچند ڏيپلو تعلقہ جو رهواسي هجڻ ڪري، سياسي يا ميگهواڙن جي مسئلن ڪري سدائين اربابن سان مخالفت ۾ رهيو. سندس ڀاءُ موهن لال پڻ يونين ڪائونسل جهرمريو تعلقي ڏيپلو جو ناظم ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿرپارڪر جو ميمبر 2001ع کان 2005ع تائين رهيو جنهن ۾ هو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ پڻ ارباب جي مخالف گروپ جو اڳواڻ هو. موهن لال کي 2005ع جي لوڪل باڊيز جي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ کان روڪڻ لاءِ گرفتار ڪيو ويو ۽ پ پ ڇڏڻ لاءِ وقت جي وزيراعليٰ ارباب غلام رحيم ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ۽ 6 مهينا جيل ۾ رکرايو 6 ڪوڙن ڪيسن ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد نارا جيل، ۽ حيدرآباد جي مختلف ٿاڻن تي قيد رکيو ويو. ان جي باوجود ثابت قدم رهيو.

انجنيئر گيانچند جي سچائي ۽ پ پ سان وفاداريءَ جي ڪري، جڏهن 2005ع ۾ آصف علي زرداري صاحب جيل مان آزاد ٿي آيو تہ ڪيس ملڻ وقت زرداري صاحب انجنيئر گيانچند کي سلام ڪري خير مقدم ڪيو ۽ پُٺي ٺپري اهي لفظ چيا تہ "تون منهنجو ڀهريون ٿرپارڪر جو بهادر دوست آهين"، ۽ سندس وفاداري ۽ قربانيءَ جي اعتراف ۾ ڪيس 25 لک رپين جي جيب خرچي تحفي ۾ ڏني. انجنيئر گيانچند صاحب ٿر جي غريب طبقن طرفان اليڪشن ۾ حصو ورتو. ۽ ڪين ڏاڍي سان وڙهڻ جو اُتساهہ ڏنو. معاشري مان سياسي طور ڳٽپ ۾ نہ ايندڙ ميگهواڙن کي سياسي سڃاڻپ ۽ شعور ڏنو ٿر جي بي تاج بادشاهہ سڏائيندڙ اربابن کي مسڪين ماڻهن جي ووٽ جي طاقت جو احساس ڏياريائين، مظلوم طبقن جي نمائيندي جي حيثيت ۾، اڻ جُهڪندڙ ڪردار طور سڃاتو وڃي ٿو. ميگهواڙن کي انسان طور تسليم نہ ڪندڙ وڏيرڪي سماج کان هُن ووٽ ورتا، ۽ ڪانئس سندن ليڊر طور تسليم ڪرايو. مختلف ڪيسن کي منهن ڏنائين، ۽ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي شهادت وقت بہ مٿس ڪيس داخل ٿيو.

گيانچند يونيورسٽيءَ جو هڪ لکيل پڙهيل ۽ آزاد خيال آهي، ۽ هو ڪنهن جي ماتحت رهڻ لاءِ تيار نہ آهي. پنهنجي ذات جي ميگهواڙن جي ترقي، واڌاري ۽ انهن ۾ همت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. جنهن لاءِ هيءُ ۽ سندس ڀاءُ موهن لال زماني جون ڪافي

سختيون سهي اڏول رهيا ۽ پنهنجي جاتيءَ ۾ ڪافي مقبول آهن. آخر سندس پارٽيءَ سان وفاداري، ۽ سچائي هئڻ ڪري جناب بلاول ڀٽو زرداري، چيئرمين پ.پ.پ. ۽ ڪو چيئرمن جناب آصف علي زرداري صاحب، مجتا طور ڪيس سنيٽ جو جنرل ٽڪيٽ ڏنو ۽ 5 مارچ 2015ع تي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻي، ميگهواڙ جاتيءَ جو پهيو سينيٽر ٿيو ۽ پنهنجي جاتيءَ جو نالو روشن ڪيو. جنهن ۾ سريندر ولاسائيءَ جو تمام گهڻو سهڪار رهيو.

پاڻ پ پ پ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر بہ آهي. هُن ميگهواڙ برادريءَ جي ٻن شاگردن کي، MBBS ۾ وزير اعليٰ جي صوابديده ڪوٽا تي داخلا وٺي ڏني. انهي ڪانسواءِ ڪافي ترقياتي ڪم ۽ نوڪريون بہ پنهنجي ميگهواڙ جاتيءَ وارن کي ڏياريون، ۽ قدم قدم تي ميگهواڙ جاتيءَ سان گڏ ۽ ساٿ ڏيندو رهي ٿو.

# پيرو مل ٻالاڻي

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگھائيو.

هونءَ تہ ميگھہ ونس جاتيءَ جا ماڻھو ڪنھن بہ کيتر ۾ پوئتي نہ رهيا آهن، پر سياست ۾ بہ پنھنجو نالو ڪمايو آهي. اهڙوئي هڪ سادو ۽ سچو انسان پيرو مل ٻالاڻي صاحب جن، 28 جولاءِ 1954ع تي هڪ پراڻي ڪانگريسي پُرش، سرڳيہ مھرچند ٻالاڻي کوکر، ويٺل شھر مٺي ضلع ٿرپارڪر جي گھر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ست ٻائي ڏي چتون مل ذات پڙگڙو ويٺل ڳوٺ حجامڙو تعلقہ ڏيپلو جي هُئي. سندس هڪ ڀاءُ جنھن جو نالو دريوڏن آهي، جو سرڪاري ملازمت ۾ آهي ۽ کيس 7 پيٽون آهن، جي سڀ شادي شده آهن. پاڻ شادي شريمتي هستو ٻائي ڏي سومجي مل ولاسيہ ڏيپلو شھر مان ڪئي. جنھن مان کيس اولاد 4 نياڻيون ۽ 4 پٽ آهن. 1. سورج 2. سنديپ 3. شھديو 4. جوني. پاڻ پرائمري تعليم نارٿ ڪالوني اسڪول مٺيءَ مان حاصل ڪيائون، ميٽرڪ سال 1969ع ۾ گورنميٽ هاءِ اسڪول مٺيءَ مان پاس ڪئي. انٽر سال 1975ع ۾ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو ۽ BA علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان پاس ڪيو.

پاڻ 1970ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ سيٺن وٽ پرائيويٽ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي. پيرو مل پنھنجي سياست جي شروعات سال 1997ع کان شروع ڪئي، جڏهن هو ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ ميگھواڙ سان گڏجي، اقليت هندو سيٽ تي سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ تي لڙيو جنھن ۾ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي لڙيو جنھن ۾ خاص ڪري ميگھواڙن ۽ ٻڻ ٻين هندوئن جي ووٽ ذريعي ٻئي ڪامياب ٿيا. انھي اليڪشن جي ٿوري عرصي بعد جيئن تہ پاڪستان ۾ صدر پرويز مشرف صاحب اسيمبليون ٽوڙي مارشل لا لڳائي، تنھن ڪري پيرو مل صاحب هڪ سال تائين صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. انھي وقت هو نواز شريف صاحب جي

گورنمينٽ ۾ اضافي چارج آبپاشي، ۽ بجليءَ (Water and Power) جو وفاقي سيڪريٽري رهيو ۽ چيئرمن خدمت ڪاميٽي ضلع ٿرپارڪر بہ رهيو. جنهن جي بهتر ڪارڪردگيءَ کان متاثر ٿي پاڪستان جي وزيراعظم، جناب محمد نواز شريف خدمت ڪاميٽين جي قيام جو اعلان ڪندي، ريڊيو ۽ ٽي. وي تان بہ دفعا پيرو مل ٻالاڻيءَ جو نالو ڪنيو جيڪو ميگهواڙ جاتيءَ لاءِ هڪ اعزاز آهي.

سال 1998ع ۾ ٿر ۾ پهريون دفعو سنڌ جو وزيراعليٰ لياقت علي جتوئي صاحب، پير صبغت الله (پير پاڳارو) ارباب غلام رحيم ۽ شير باز مزاري صاحب، ٻالاڻي هائوس مٺيءَ ۾ دعوت تي آيا هئا، جتي هزارن جي تعداد ۾ ميگهواڙن انهن جو والهانہ انداز ۾ استقبال ڪيو.

جيئن تہ اُنهي مارشل لا دؤر ۾ سال 2002ع ۾، مسلمانن ۽ هندوئن جي ووٽن ذريعي چونڊ لاءِ نئين سر تڪبنديون ٿيون، ۽ قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ هندوئن لاءِ جيڪو هندوئن جي الڳ ووٽن جو سڄو پاڪستان ملٽيپل تڪ هو ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن لاءِ سڄي سنڌ هندوئن جي ووٽن جو ملٽيپل تڪ هو اهو فرق ختم ڪري، مسلمان ۽ هندوئن جي ووٽن کي گڏ ڪري هڪ يا ٻن تعلقن جا نوان تڪ ٺاهي، اليڪشن ڪرايون ويون. جنهن ۾ پيرو مل ٻالاڻي صاحب اليڪشن ۾ حصو نہ ورتو. ڇاڪاڻ تہ اها گڏيل ووٽن واري اليڪشن ڪٽڻ سندس وس کان ٻاهر هئي.

پيرو مل ٻالاڻي صاحب هڪ شريف، سڌو ۽ چڱو ماڻهو آهي. جيئن تہ هن کي ڪاميابي سندس ذات وارن ميگهواڙووٽرن سان ٿي هئي، تنهنڪري سندس دلچسپي ۽ همدردي سدائين پنهنجي جاتيءَ وارن سان رهي. هن پنهنجي وقت ۾ ٿوري عرصي ۾ ڪافي ترقياتي توڙي قومي ڪم ڪيا. سندس چوڻ موجب مٺيءَ جا کوکر اصل آڏيگام ننگرپارڪر رهندا هُئا. جتان لڏي نئون تڙ (مٺي کان 20 ڪلوميٽر ڏکڻ) ۾ اچي رهيا، جتان پوءِ لڏپلاڻ ڪري مٺي شهر ۾ آباد ٿيا.

سندس ڏاڏو ٻالو انگريزن جي دؤر ۾ هڪ معزز ۽ نهايت سنجيده ماڻهو هو ۽ کيس انگريزن وٽ سٺو عزت وارو مقام حاصل هو. هن کي مٺيءَ جي پسگردائي جي ٻارهن ڳوٺن جو پٽيل چونڊيو ويو ۽ ٻارنهن

راجن جا فيصلا ڪندو هو. منيءَ جي ڏکڻ طرف پيٽرول پمپ وٽ هڪ جاگير (معافي) طور مليل آهي جيڪا اڄ ڏينهن تائين هُنن جي آڪهه وارن جي حوالي آهي. ۽ انگريزن واري دؤر ۾ ٻيون بہ معافيون مليون هيون. انهي دؤر ۾ ڇوت ڇات اوج تي هُئي. ميگهواڙ جاتيءَ وارن کي سنو ڪپڙو پائڻ، سنو وهٽ ڏارڻ تي وڏين ذاتين پاران سخت منع هُئي. پر ان جي باوجود ٻالو مل، ڀلوڙ گهوڙي تي سفر ڪندو هو. ڪنهن کي همت ڪونہ ٿيندي هُئي، جو سندس نالو وٺي، هن ديد دليريءَ سان پنهنجو وقت گذاريو.

سندس پٽا مهرچند ٻالاڻي صاحب، جيڪو پراڻو ڪانگريسي ۽ سٺي ڄاڻ رکندڙ سياستدان هو مُلڪ جي ورهاڱي کان اڳ ۾ هو ڪانگريس ۾ هو. ڇوت ڇات ختم ڪرڻ لاءِ آخر تائين جدوجهد جاري رکيائون. جنهن مان ميگهواڙ جاتيءَ کي ڪافي لاڀ حاصل ٿيو. ڀيرو مل ٻالاڻي صاحب هن وقت ڪراچيءَ ۾ پرائيويٽ ڪاروبار ڪري رهيو آهي.

# ڪانجي رام گوھيل

جُنگ نھاري جوھري، ڪي داناءَ دوست ڪجن،
جھڙي تھڙي لئہ نہ لڏڻا، ڌرتي جيئن نہ ڏين،
انھي ڪُن عميق ۾، سر گھوريندا بہ گُھمن،
سچڻ سوني ھار جيئن، ورھہ نہ ولڻجن،
پڪا پرين ڪجن، گچن مان ڪجھہ نہ ٿيئي.

قديم دراوڙي ڌرتيءَ جا اصل وارث، جن ۾ ميگھواڙ لوڪ بہ اچن ٿا، جن جو اصل ڪم ڪپڙو ناھڻ ھو. پوءِ آرين جي قبضي ڪرڻ مھل اھي ھن ڌرتيءَ تان اٿين ڌڪارجي ويا، جو انھن کي صدين تائين تاريخ ۾ ڪٿي بہ سک شانتي نہ ملي. انھن کي ھميشہ تاريخ ۾ حقارت ڀريل لفظن ۽ خطابن سان نوازيو ويو ۽ انھن لاءِ چيو ويو تہ اھي وقت جي ڊوڙ ۾ پوئتي رھجي ويا آھن. پر اڄ تاريخ پنھنجو پاڻ کي ورجائي ثابت ڪيو آھي تہ اھي قديم ميگھواڙ لوڪ اڄ وقت جي ڊوڙ ۾ پوئتي نہ رھيا آھن، ۽ گھڻو اڳتي آھن. ميڊيڪل، انجنيئرنگ سائنس ڪان وٺي مُلڪي سياست ۾ انھن پنھنجو پاڻ ملھايو آھي. سنڌوءَ جي ماٽريءَ جي سياست چاھي صوبائي سياست ھجي چاھي ملڪي ليول جي سياست ھجي. صوبائي، قومي ۽ سينيٽ ۾ ميگھواڙ لوڪن پاڻ ملھائيو ۽ تاريخ انھن کي پنھنجن ڪاغذن ۾ محفوظ ڪرڻ تي مجبور ٿي. جنھن ۾ مشھور ھستيون شري گلجي رتن جي، پيرو مل ٻالاڻي، انجنيئر گيانچند ۽ ڊاڪٽر کٽو مل جيوڻ وغيره.

اھڙي طرح پنج درياھن واري سرزمين تي روھي، ٿل چولستان جو سرائڪي خطو جنھن ۾ پنھنجي لينڊ اسڪيپ ۽ بايولاجيڪل خوبصورتيءَ سميت قدرت جي ھر آرائش موجود آھي. ھُن جي مٽي، ريت، جبل، ميدان ۽ وڻ موجود ھئڻ ڪري، اھا ڌرتي پنھنجي حُسن ۾ جھان سان گڏ بھشت جو منظر پيش ڪري ٿي، ۽ جنھن جي تاريخ، تمدن، تھذيب ھاڪڙي نديءَ ۾ وابستہ ھئي ۽ پڻ مٿس سنڌ ۽ ٿر جو رنگ چڙھيل آھي. انھي خطي ۾ بہ ھزارين ميگھواڙ لوڪ آباد آھن، جن بہ مُلڪي سياست ۾ نہ گھٽايو آھي. اُھي ميگھواڙ ڏونگر ڏيفن

هجي يا سيٺ پارتارام ميگهواڙ سيٺ بخشارام ميگهواڙيا سرڳواسي سورتا رام هجي، جن مُلڪي ليول تي ميگهواڙ جاتيءَ جو ماڻ مٿاهون ڪيو ۽ هن وقت ن. ليگ. جي پليٽ فارم تان چونڊجي آيل شري ڪانجيرام گوهيل، ميمبر صوبائي اسيمبلي پنجاب. جنهن جو جنم تاريخ 1971-01-01 تي شري مانيارام گوهيل ڳوٺ ٽبي ويگهاور چڪ نمبر 5/168 تحصيل صادق آباد ضلع رحيم يار خان ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو ماروي ڏي سترام جي ذات پڙهيار، چڪ نمبر 265 صادق آباد جي آهي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول صادق آباد مان پاس ڪيائين. سندس اصل ڪاروبار ڪپڙي جي دڪانداري هو، جنهن ۾ هن کي مهارت حاصل هُئي. هو پنهنجي علائقي ۾ هڪ سوشل ورڪر به آهي ۽ شروع کان ئي کيس سياست سان لڳاءُ هو جو هُن پهريائين يونين ڪائونسل جي ميمبر لاءِ سامهون بيٺل ڪرسچن ميمبر کي ڪافي ووٽن تان شڪست ڏني. انهي کانپوءِ 2004ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبريءَ لاءِ اليڪشن لڙيو ۽ اها به اڪثريت سان کٽي ۽ مينارٽي مشاورتي ڪاميٽي ۾ شامل ٿيو ۽ پنهنجي ڪميونٽيءَ ۾ سوشل ورڪ جي حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ سڄاتو وڃي ٿو. پاڻ شادي شريمتي جهمون ڏي گرڌاري لال ذات بالاچ، شهر رحيم يار خان يوسف ڪالوني سان ڪئي، جنهن مان اولاد 5 نياڻيون هڪ پٽ لڇمڻ، جيڪو پڙهي رهيو آهي.

شري ڪانجيرام گوهيل جن سال 2013ع جي اليڪشن ۾ PML-N جي پليٽ فارم تان مخصوص سيٽ لاءِ فارم ڀريو. جنهن لاءِ تاريخ 12 جون 2013ع تي اليڪش ڪميشن پاڪستان ڊڪليئر ڪيو ته مسٽر ڪانجي رام پٽ مانيارام ڳوٺ ٽبي والهيوار چڪ نمبر 168-p تحصيل صادق آباد ضلع رحيم يار خان، جيڪو پاڪستان مسلم ليگ ن جو اميدوار آهي، جو مسٽر ايم. پنڊارا جي استعفيٰ ڏيڻ ڪري خالي ٿيل جاءِ تي مقرر ڪجي ٿو. ڪانجي رام ٻيو هندو آهي جو 17 سالن کانپوءِ پنجاب اسيمبليءَ ۾ داخل ٿيو آهي. جنهن 17 جون 2013ع تي پنهنجي عهدي جو حلف کنيو. ان کان اڳ

۾ سيٽ پارتارام، جيڪو 1987ع ۾ چونڊاڻو هو. انهي ڪانسواءِ سردار رميش سنگهہ اروڙا سِک 1947ع ڪانپوءِ ميمبر چونڊاڻو هو.

ڪانجي رام ۽ سردار رميش سنگهہ اروڙا سکِ، ٻئي PML_N جي پنجاب اسيمبليءَ جي Reserved سيٽ تان نان مسلم ڪنيا ويا. جيئن تہ ڪانجي رام شروع کان سوشل ورڪر ٿي رهيو هو. تہ جيئن ئي چونڊجي آيو تہ پهريائين هڪ غريب شخص، نالي نريش ڪمار پنگ شهر جو هارٽ جو مريض، جنهن جي دل جا وال بند هئا، هتي پاڪستان ۾ علاج نہ ٿيڻ ڪري ڪانجي رام پنجاب گورنمينٽ طرفان چيف منسٽر کان 6 لک روپيہ گرانٽ ذريعي هن کي انديا دهلي موڪلي علاج ڪرايو. جو اڄ بلڪل صحيح ۽ خوش آهي. انهي ڪانسواءِ تازو گورنمينٽ پنجاب کان 17 لک روپيہ هولي پيڪيج منظور ڪرائي، رحيم يار خان جي شيڊيول ڪاسٽ جي ماڻهن کي 5000 في ماڻهو کي تاريخ 18_8_2014 تي چيڪ ورهايا. ۽ اهڙي تقريب منعقد ٿي. انهي ڪانسواءِ 7 لک روپيہ صادق آباد ۾ ورهايا، جتي انهي ضلع جو D.C.O صاحب بہ گڏ هو.

سندس خواهش آهي تہ پنهنجي دور ۾ گهٽي ۾ گهٽا ترقياتي ڪم، نوڪريون پنهنجي ڪميونٽيءَ کي ڏياريان، اُميد آهي تہ سندس خواب پڳوان پورو ڪندو.

چائٽ پائي چٽ ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.
(شاهہ)

# سُريندر ولاسائي

چڱا ڪن چڱائيون، منايون مٺن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن.

هن سنسار ساگر ۾ اها ڪليل حقيقت آهي، تہ تاريخ شخصيتون تہ ٺاهينديون آهن، پر شخصيتون تاريخن کي اڏينديون آهن. تاريخ جي مالها ۾ ڪي اهڙا غير معمولي فرد، جرڪندڙ املهہ موتين جيئن هوندا آهن، جيڪي صدين تائين جرڪندا ۽ اتهاس جي آڳنڌ تي روشنائي ڦهلائيندا رهندا آهن. اهوتہ ڀٽائي صاحب جو بيت جهڙو سچ آهي، تہ تاريخ هميشہ عظمت جو تاج دنيا جي انهن فردن جي سر تي رکيو آهي، جن جي پيرن جي هيٺان ڪنهن معاشرتي تبديلي، ۽ انساني ڀلائيءَ جي جدوجهد جي پنڌ جا نشان مليل آهن. اُهي ماڻهو جن هن سماج ۾ ڪنهن عام ماڻهو جيئن زندگيءَ جا پل گذاريندي بہ، پنهنجي ڪردار جي ڪائنات کي وسيع بنايو هجي، اُهي ماڻهو مهانتا جي منزل جا راڻا چئي سگهجن ٿا. اهڙو املهہ ۽ راڻو انسان، جنهن اربابن جي راڄڌاني واري علائقي ۾ جنم ورتو. جنهن جو نالو سريندر ولاسائي آهي. اهڙا ڪيئي ڪردار اڪثر جنم وٺندا رهندا آهن، جن جي جدوجهد کي تاريخ جي پنن تي ماناٿي انداز ۾ تحرير ڪيو ويندو آهي، پر اهڙا گهٽ ڪردار پيدا ٿيندا آهن، جن ۾ ايتري تہ سگهہ هوندي آهي، جو اُهي تاريخ جي وهڪري جو رخ موڙي ڇڏيندا آهن. انهن ۾ ناممڪن کي ممڪن بنائڻ جو حوصلو هوندو آهي، ۽ اهڙن ڪردارن تي تاريخ ناز ڪندي آهي، جنهن ۾ لهوءَ جي گرميءَ ۾ غلاميءَ ڪان نفرت هوندي آهي. اهڙي املهہ انسان ساڌو مل سريندر ولاسائي، تعلقي ڏيپلي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ لالو وهنداڻي ۾، هيمنداس ولاسائي جي گهر ۾ ،تاريخ 11 آگسٽ 1968ع تي جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو سجنا ٻائي، ڏي ٿمون مل گهلڙو، ڳوٺ ڪيتلاري تعلقہ ڏيپلو جي آهي. ننڍپڻ جي راند روند جا ڏينهن ڳوٺ لالو وهنداڻي ۾ ئي گذاريا. جنهن دوران سندس والد پنهنجي اولاد کي بهتر تعليم ڏيارڻ خاطر، ڪلوئي شهر ۾ 1971ع ڪان رهائش اختيار

ڪئي. سريندر ولاسائي 1973ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪلوئي ۾ پهرين درجي ۾ داخل ٿيو. سندس پرائمري اسڪول ۾ پهريون استاد پوڄو مل ٽي جئپال هو جنهن شروعاتي تعليم دوران سندس اخلاقي تربيت ۽ بهتر سماجي رابطن جي بهتري لاءِ رهنمائي ڪئي، گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان پنج درجا پاس ڪري، مڊل اسڪول ڪلوئي مان 8 درجا مڪمل ڪيا. جنهن بعد ڪيس گهرو معاشي حالتن جي مدنظر، ڪجهہ وقت لاءِ سندس والد جي رازڪي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻو پيو. پر سندس چاچي لڌارام ولاسائي جي مداخلت تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏيپلو ۾، نائين ڪلاس ۾ داخلا وٺرائي ڏني ويئي، جتي هن شروعاتي ڪجهہ ڏينهن هاسٽل ۾ گذاريا. ۽ ڏهين درجي دوران پنهنجي ويجهي مائٽ وٽ رهائش اختيار ڪئي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏيپلو مان 1983ع ۾ ڏهون پاس ڪيو. يارهون ۽ ٻارهون پڙهڻ لاءِ سندس مامي پروفيسر هوتچند گهلڙو سان گڏ ڪراچي آيو. جنهن گورنمينٽ سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾، پري ميڊيڪل ۾ داخلا وٺرائي ڏني. ٻارهون ڪلاس سٺن نمبرن ۾ پاس ڪرڻ بعد، پاڻ انگلش اخبار ”دي ايڪسپريس“ ۾ پروف ريڊر جي طور ڪم شروع ڪيو. ڪجهہ عرصي بعد 1994ع کان 1996ع تائين ”دي مسلم“ جو اسٽاف رپورٽر بڻجي ويو. پر جلد 1997ع کان وٺي 2004ع تائين ”ڊيلي فنانشل پوسٽ“ ڪراچيءَ جو نيوز ايڊيٽر بڻيو. ان کان اڳ مارچ 1993ع کان وٺي فيبروري 1994ع تائين ڪوئيٽا جي اخبار بلوچستان ايڪسپريس جو پڻ نيوز ايڊيٽر ٿي رهيو. 2010ع ڌاري ”سنڌ ٽربيون“ ڪراچيءَ ۾ ايڊيٽر جي طور ڪم سرانجام ڏنو. 1997ع کان وٺي بلاول هائوس ڪراچيءَ ۾ ميڊيا ڪوآرڊينيٽر جي حيثيت سان پڻ ڪم سرانجام ڏيندو رهيو.

2003ع ۾ شيڊيول ڪاسٽس فيڊريشن آف پاڪستان جو بنياد رکيو جنهن جي پليٽ فارم تان ميگهواڙ پيل، ڪولهي ۽ ٻين دلت ذاتين سان ٿيندڙ نانصافين خلاف، ميڊيا ۽ لاڳاپيل ادارن سان خط و ڪتابت پڻ ڪندو رهيو اڪثر مسئلا حل ڪرائڻ کان سواءِ، سک ۽ آرام وساريو ڇڏي، ايتري حد تائين جو شيڊيول ڪاسٽس جي

نوجوانن کي پاڪ آرميءَ ۾ ڀرتي ڪرائڻ لاءِ صحافيءَ جي حيثيت سان پڻ اعلي قيادت کي خط لکيا ۽ وقتن بہ وقتن ياد ڏياريندو رهيو. تہ دلت واحد محب وطن آهن. جن جون هزارين سالن کان هڏيون هن مٽيءَ ۾ دفن آهن. ۽ هنن ڪڏهن بہ پنهنجي خطي کان ٻاهر لڏپلاڻ ناهي ڪئي. سندس موقف کي تسليم ڪندي، شيڊيول ڪاسٽس جي نوجوانن کي قومي دفاعي ادارن ۾ ڀرتي ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

سريندر ولاسائي شادي، فيبروري 1994ع ۾ شريمتي نيٽو ٻائي، ڏي گلو مل ٻوچيو. شهر ڪڍڻ ضلع بدين سان ڪئي. جنهن مان کيس اولاد بہ نياڻيون ۽ بہ پٽ 1. اندر سريندر ولاسائي. 2. نيل سريندر ولاسائي آهن. سندس سمورو اولاد پڙهي رهيو آهي.

سريندر ولاسائي جي جريئت ۽ جاکوڙ کي جس آهي، جنهن ٿر جي هنر کي عالمي سطح تي هٿي ڏيارڻ لاءِ. سندس ننڍي ڀاءُ جي گهر واري آنجهاني ليلان ٻائيءَ جي نالي تي ”ليلان هينڊي ڪرافٽس اينڊ آرٽيسنس“ جو بنياد رکيو ۽ ٿر ۾ تيار ٿيندڙ رلين، وهاڻن، چادرن، شو ڪيس، ٽيبل ڪور، پردن، ڪٽن ۽ ٻين شين کي آمريڪا، ڪئنيڊا، دبئي، آسٽريليا ۽ برطانيا کان وٺندي دنيا جي ڪيئي ملڪن ۾ متعارف ڪرايو.

جولاءِ 2011ع ۾ آمريڪا جي شهر سانتافيءَ ۾ ٿيندڙ فوڪ آرٽ انٽرنيشنل جي عالمي نمائش ۾ سندس گهر واري، نيٽو ٻائي سان گڏ ٿر جي ثقافتي لباس ۾ شريڪ ٿيو جنهن ۾ ڏسندي دنيا جي ايڪسپورٽرن وڏو مان ڏنو. ايئن سريندر ولاسائي ٿر جي هُنر کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ ۾ وڏي سڦلتا سان واپس موٽيو. اهڙيءَ ريت جولاءِ 2013ع ۾ ٻيو ڀيرو سينٽافيءَ ۾ ٿيندڙ نمائش ۾ شرڪت لاءِ کيس خاص دعوت نامہ اماڻيا ويا. جنهن ۾ بہ سڦلتا سان شريڪ ٿيو. 30 جنوري 2014ع تي آمريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ پڻ، نيويارڪ انٽرنيشنل گفٽ فيئر جي آرٽيسن ريسورس جي نمائش ۾ ٿر جي رلين ۽ ٻي ڀرت سميت شريڪ ٿي، ٿر جي هنر کي عالمي سطح تي پذيرائي ڏياري. ان نمائش بعد پاڻ نيويارڪ ۾ پيپلز پارٽي نيويارڪ جي اڳوٽي صدر، چوڌري اعجاز فرخ پاران سندس مانَ ۾

ڏنل آجياڻي ۾ بہ شرڪت ڪئي، جتي پارٽيءَ سان گڏ ٿر جي هنر ۽ اتان جي ثقافت بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان ڪان اڳ نمائش دوران سندس گهر واري نيڏو ٻائي اُتان جي عورتن کي پرت پرڻ ڪان آگاهہ ڪيو ۽ پريڪٽيڪل ڪري ڏيکاريو جنهن تي سڄي نمائش ۾ ٿر جي هنر کي واکاڻيو ويو. سريندر ولاسائي جي ٿنڪ ٽينڪ ذهنيت ۽ اڻ ٿڪ محنت تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين، بلاول ڀٽو زرداري 4 جنوري 2014ع تي هڪ ليٽر جاري ڪندي، کيس اقليتي معاملن بابت خاص صلاحڪار مقرر ڪيو.

سريندر ولاسائي ذاتي طور تي قلندري طبيعت جو ماڻهو آهي، ڪيئي فقير فقرا ساڻس ملڻ لاءِ هردم آتا رهندا آهن. بنا مفاد ڀلائي ڪرڻ سندس طبيعت جو حصو بڻيل آهي. ناحق، ناجائزي، ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ خلاف جنگ کي جاري رکندڙ هن ماڻهو ڪڏهن بہ هار ناهي کاڌي، نہ ئي صبر ۽ سهپ کي پنهنجي هٿان وڃائڻ ڏنو اٿس. سندس والد هيمن داس ولاسائي جي لاڏاڻي بعد، مٿس گهر جو وڏو وزن پئجي ويو. پر اهو سڀ ڪجهہ سندس ننڍي ڀاءُ موهن لال ولاسائي سنڀالي ورتو. پر جڏهن موهن لال ولاسائي هن فاني جهان مان موڪلاڻي ڪئي، تہ ان وقت سريندر ولاسائي اهي لفظ چيا تہ حقيقي معني ۾ اڄ اسين يتيم بڻجي ويا آهيون. پر تنهن هوندي بہ سندس بردباري کي جس آهي، جو پنهنجي چهري تي هميشہ مُرڪ سانڍيو، سدائين لاءِ کلندو رهندو آهي، ۽ حاضرين کي موهي وجهندو آهي. اهڙو کلمک انسان دنيا جي تختي تي ڪو ورلي ملندو. جو پاڻ سنڀالڻ سان گڏ، رشتيدارن، يارن دوستن، ۽ انهن دلت ماڻهن جو بہ ڇپر ڇانءَ بڻيل آهي، جيڪي روز ڪنهن نہ ڪنهن جي ظلم جو شڪار بڻجن ٿا.



# جيون جاڪوڙي



# ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي

وڏا نہ ڪري وڏائي، وڏا نہ ٻولي ٻول،
هيرا نہ ڪهي مُک سي، ڪي لاک همارا مول.

جڳ جو چرخو چلائيندڙ هستي، ڪنهن ڪنهن ميرڙي مٽيءَ جي مُٺ مان محبت ۽ مروت سان مالا مال اهڙا تہ منڙا ماڻهو جوڙي جوان ڪندي آهي، جيڪي تنهن ڪان چوٽيءَ تائين سچا ۽ سون سريکا هوندا آهن. سندن رڳ رڳ ۾ انسان دوستي ۽ ماڻهپي جو رنگ رچيل هوندو آهي.

مولانا جلال الدين رومي، هڪڙي پيري ڏينهن ڏٺي جو ڏيئو ٻاري، ”شهر جي گهٽين ۾ گهمي رهيو هو. ڪنهن پڇا ڪئي تہ ”سائين ڏينهن ۾ ڏيئو ٻارڻ جو سبب مطلب ڪهڙو آهي!؟“ مولانا وراڻيو تہ ”ٻاگهڙن جا منهن ڏسي ڏسي ڪڪ ٿي پيو آهيان. پري بازار ۾ ماڻهوءَ جي ڳولا پيو ڪريان“ سچ تہ ستم ظريف زماني ۾ ماڻهو ملڻ ڏاڍو مهانگو آهي. جيڏانهن نيڻ نماڻبا تہ ڍورن ڍڳن جي ڌڻ مان، ڪو هڪڙو ماڻهو مس ملندو. جنهن جي پُر رونق پيشانيءَ تي لفظ رقم هجن: ”اڪيلو آهيان آئون ماڻهو نئڙن جي ميڙ ۾!“ واقعي پٿائي گهوٽ ڪي بہ ”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار“ ايندي هئي. باقي ”اندر ڪارا ڪانءَ ٻاهر ٻوليون هنج جون“ جتي ڪٿي پيا ڪُتر ٿين. سو ماڻهو اُن ڪي چئبو آهي، جيڪو ماڻهپي سان مالا مال هجي، انسان ذات جو قدر ڪري هيٺن جو همدرد ٿيئي ۽ هڏ ڏوکي هجي. اهڙو ئي هڪ آدرشي انسان، ٿوهرن جي ديس ٿر سان واسطو رکندڙ ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي، جيڪو ٿر جي محڪوم ميگهواڙ برادريءَ سان تعلق رکندڙ جنهن کي شيڊيول ڪاسٽ ۽ دلت سڏيو ويندو هو. ڊاڪٽر کي چٽي طرح ياد آهي تہ ماڻهو انتهائي نفرت ۽ ڌِڪار وچان چوندا هئا تہ ”ڏسو سائين! هڪ ميگهواڙ جو پُٽ بہ ٿو پڙهي!“ ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي ڳوٺ سڙهہ جوڻيجا، يونين ڪائونسل جهرمريو تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾ شري والم پٽ ڪنگهار، ذات گوهيل جي گهر، تاريخ 2 مارچ 1956ع ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو آشا، ڏي

ڪرٽو مل ذات پاتاريہ ڳوٺ منڙيو سومرا تعلقہ مٺيءَ جي هئي، جيڪا هڪ بيباڪ، نڊر ۽ سگهڙ ناري هئي. جيڪا پڳتيءَ سان پُر هئي، جنهن جي سڪشا، محبت ۽ دعائن سان سونو نالي، هڪ آدرشي ۽ مهان پُرش، ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي مشهور ٿيو. شري والم گوهيل کي چار پُٽ هُئا 1. پنهون مل 2. ڊاڪٽر سونو 3. سيولداس 4. انوڌر. وڏو ڀاءُ پنهون مل شادي بعد ٿُرت بلا جي ڏنگڻ سبب دم ڏٺي حوالي ڪيو. سيولداس مٺيءَ ۾ PST آهي ۽ انوڌر اسلام آباد ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻيءَ جو جنم پنهنجي ناناڻن جي ڳوٺ، منڙيو سومرا ۾ ٿيو. پرائمري تعليم منڙيو سومرا مان پرائي، انگريزي تعليم مڊل تائين ڳوٺ کان چار ڪلو ميٽر پري، ڪالڻهار فقير جان محمد ۾ حاصل ڪئي. جتي روزانہ 8 ڪلوميٽر اوٺ موٺ باهہ کان وڏيڪ تتل واريءَ تان پنڌ ڪري، اڪيلو المست سرانجام ڏيندو رهيو.

انهي وقت ڊاڪٽر سونو جي پڙهائيءَ جو ذمون سندس مامي، لالو مل جي حوالي هو. والدين اُن وقت اتي اجهي ۾ لاچار هئا. ڪوبہ روزگار سواءِ برسات تي کيتي باڙي ڪانسواءِ ڪوبہ پيداوار يا آمدنيءَ جو ذريعو نہ هو. ڊاڪٽر سونو ميٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول مٺيءَ مان، سال 1974ع ۾ فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. انٽر لاءِ ٽنڊو ڄام يونيورسٽي ويو. پر وٽس هڪ هزار داخلا في جا نہ هُئا. تنهنڪري اها في گڏ ڪرڻ لاءِ، ٽنڊو غلام عليءَ ۾ هڪ ذات جي خاصخيليءَ وٽ ڌوبيءَ گهاٽ تي ڪپڙا ڌوئڻ لڳو. ڌوبي ڪيس پنجاهہ پيسہ في ڪپڙي جا ڏيندو هو. اُتان ڪجهہ سوَ گڏ ڪري "ڪٽڪ جي گدام" تي حمالي ڪيائين، پوءِ هو سيٺ ڪُندن لال وٽ 150 روپيہ ماهوار پگهار تي منشي گيري ڪرڻ لڳو. اتان کان ٿي سيٺ هريرام وٽ مارڪو منشي، يعني "گدام ۾ بورين تي نشان هڻڻ وارو" مقرر ٿيو. هاڻي ايتري سخت محنت ڪانپوءِ هن وٽ هڪ هزار روپيہ ڪٺا ٿي ويا، ۽ هو سڌو ٽنڊو ڄام يونيورسٽي (ان وقت ڪاليج هوندو هو) آيو اُتي نور محمد سيال پرنسپال هو جنهن ڇڙٻ ڏيندي کيس، "چيو تہ ڪاليج ۾ داخلا جو وقت ختم ٿي ويو آهي. هاڻ آيو آهين!" پوءِ سوني چيو تہ "سائين!

مون غريب وٽ داخلا في جا پيسہ نہ هُئا. مزوري ڪري هزار روپيہ ڪٺا ڪري آيو آهيان. تنهنڪري دير ٿي ويئي آهي.“ انهيءَ تي نور محمد سيال کي ترس ۽ رحم آيو. هن کي فورن داخلا ڏني ۽ خرچيءَ لاءِ ڏيڍ سو روپيہ پڻ هٿ ۾ ڏنائين. ۽ 80 روپيہ ماهوار اسڪالرشپ بہ منظور ڪئي ويئي. هو پڙهندو بہ هو ۽ شام جو ٻارن کي ٽيوشن بہ پڙهائيندو هو. آخر ڪار ڊي. وي. ايم ٿي ويو. نوڪري بہ ملي ويئي. پر هن نوڪري نہ ڪئي ۽ اڳتي پڙهڻ يعني ماسٽرس ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ٽنڊو ڄام يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر عبدالقادر انصاري هن کي ليڪچرار مقرر ڪيو. هاڻ هن وٽ پگهار بہ هو. هن جي پڙهائي بہ هلي پئي. ٻارن کي ٽيوشن پڙهائيندو هو ۽ شام جي وقت ۾ پرائيويٽ ڪلينڪ کولي. انهي ڪانسواءِ هن کي ڪيترن ئي پرائيويٽ ادارن پنهنجو ڪنسلٽنٽ ڪري مقرر ڪيو.

ڊاڪٽر سونو 1982ع کان 1987ع تائين ليڪچرر Animal Repreluction Agriculture ڊپارٽمينٽ يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ نوڪري ڪئي، 93_1992ع ۾ فري ٽينس ڪنسلٽنٽ ايگرو لائيو اسٽاڪ حيدرآباد. ڪولمبيا لائيو اسٽاڪ ۽ ايگرو ڪلچرز فارمس ڪراچي، راجپوت ڊائري فارم ڪراچي، انصاري ڊائري فارم ٽنڊو ڄام ۽ جتوئي ڊائري فارمس ۾ ڪم ڪيو. انهي ڪانپوءِ انهي ۾ وڏي صنعت ڪار فاروق سومار کان ويندي نيبلي ڪمپني تائين، ۽ آصف زردايءَ جي پرتم آباد جي ڪيٽل فارم کان ويندي نواز شريف جي رائيونڊ جي فارمن لاءِ ڪنسلٽنٽ ٿي رهيو. هو اڄ بہ دعويٰ سان چوي ٿو تہ ڪوبہ ڍور، چاليهہ ڏينهن جو حاملہ هجي، تہ هو رڳو هٿ هڻي بنا ڪنهن ٽيڪنيڪل جي اهو ٻڌائي سگهي ٿو. تہ اهو ڍور حاملہ آهي يا نہ. ان ۾ هو اڄ بہ وڏو ماهر آهي. هن 18 گريڊ ڪميشن جو امتحان ڏنو. پر پبلڪ سروس ڪميشن جي هڪ ٽيڪنيڪل آفيسر، اڍائي لک روپيہ (سندس چوڻ موجب) رشوت وٺي ٻئي اُميدوار کي پاس ڪيو! ايڪيڊيمڪ ڪيريئر ۾ بہ دفعا فرسٽ ڪلاس ڪٽڻ جي باوجود. ڪيس ائڊوانس سئلريءَ نہ ڏني ويئي. ان تي هن کي ڏاڍو صدمون رسيو ۽ 1987ع ۾ نوڪري تان استعفيٰ ڏيئي ڇڏي.

جس کھیت سے دہقان کو میسر نہ ہو روئی،
اس گوشہ گندم کو جلا دو۔
(اقبال)

ڊاڪٽر سونو کنگھاراڻي شادي 24 اپريل 1984ع ۾ شريمتي لڇمي، ڌي هڪ آدرشي استاد ڪيتارام، ذات سنجو ڳوٺ پوريلو تعلقہ ڇاڇرو سان ڪئي. شريمتي لڇمي هڪ سگهڙ ۽ پتي ورتا ناري آهي، جنهن ڊاڪٽر سونو سان زندگيءَ جي هر موڙ تي ساٿ ڏنو ۽ نڀايو. کيس اولاد هڪ نياڻي امرتا، جيڪا MBBS لمس ڄامشورو، لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل سائنسز ۾ پڙهي پئي.

هڪ پٽ امر شام، جيڪوBSC ايڪانامي، لمس لاهور يونيورسٽي آف مئنيجمينٽ سائنسز مان ڪري، هن وقت گرانٽ آفيسر Youth Initiative ڪراچيءَ ۾ آهي. ٻيو پٽ امر ديپ ZABIST, MBA ڪراچيءَ مان ڪئي، ۽ هن وقت Financial Rualyst آئي. ايس. بينڪ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ٽيون پٽ امر پريت BBA اقرا يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ پڙهي رهيو آهي. ڊاڪٽر سونو 1987ع کان 1992ع تائين پروجيڪٽ مئنيجر، عُقاب بريڊنگ فارمس لميٽيڊ اين انٽگريٽيڊ ايگرو ٽيڪنالاجي پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪيو. 1993ع کان جون 1996ع تائين سينيئر پروگرام آفيسر، نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ (NRM) سيڪٽر، نيشنل رورل سپورٽ پروگرام (NRSP) اسلام آباد ۾ ڪم ڪيو. جولاءِ 1996ع کان سيپٽمبر1998ع تائين پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ٿرپارڪر رول ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ Project of Save the Children (UK) ۾ ڪم ڪيو. 1 آڪٽوبر 1998ع کان مارچ 2013ع تائين چيف ايگزيڪيٽو آفيسر ٿرديپ رورل ڊيولپمينٽ پروگرام (TRDP) ٿرپارڪر سنڌ پاڪستان ۾ ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر سونو کي ٻهراڙين جي ترقياتي ڪمن ۾ ڪافي تجربو آهي ۽ هن ٿر، سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ ترقياتي منصوبن جي پروجيڪٽس ۾ ڪم ڪيو ۽ ڪافي ڄاڻ حاصل ڪئي. هن اعزازي ڊائريڪٽر طور ڪافي تنظيمن جي منصوبن جي ڪم ڪيو جنهن

۾ خاص ڪري مائڪرو فنانس نيٽ ورڪ، رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ، پراونشل استيئرنگ ڪاميٽي آن ڊينٽر لائيزيشن ائنڊ ڊيولپمينٽ پلان، ۽ ميمبر آف نيشنل ڪاميٽي آف مائڪرو فنانس سيٽ باءِ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان. انهي ڪانسواءِ هن ڪي مُلڪي ۽ غير ملڪي ٽرينينگون بہ وڏي تعداد ۾ مليون، ۽ گڏوگڏ سمر اسڪول آف Save the Children ڪٺمنڊو بہ ويو.

1999ع ۾ ٿر ۾ سخت ڏڪار دوران ڊاڪٽر سونو کنگھاراڻي، ٿر جي ماڻهن جي ڪافي مدد ڪئي. خاص ڪري مال جي چاري لاءِ سپورٽ ڪئي، ۽ ڪاڌي پيتي لاءِ ماڻهن جي ساهتا ڪئي. ڊاڪٽر صاحب ڪافي مُلڪن جا دورا ڪيا جن ۾ انڊيا، UK، آمريڪا ۽ سُئيزرلينڊ وغيره وغيره. ڊاڪٽر صاحب انٽر نيشنل دلت سالڊرٽي نيٽ ورڪ جو ميمبر بہ ٿي رهيو. جيڪا ذات پات جي مت ڀيد خلاف ڪم ڪري رهي هئي. هن غربت، ماحوليات، فوڊ سيڪيورٽيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ (VN) هيومن رائيٽس ڪائونسل جا هر سال جا سيشن اٽينڊ ڪيا. ڊاڪٽر سونو کنگھاراڻيءَ کي ٿر جي ماڻهن ۾ شعور آڻڻ جو گهڻو شوق هو. تنهنڪري ڊيولپمينٽ ڪاميٽين ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ذريعي ماڻهن کي هيٺين سطح تي منظم ڪري، ڪان متحرڪ ڪردار ادا ڪرايو. انهي جدوجهد جو اهو ڪمال آهي جو 15 سال اڳ ۾، ٿر جون عورتون پاسي واري ڳوٺ ۾ وڃي ڪونہ سگهنديون هيون پر هاڻي اُهي ڪراچي ۽ اسلام آباد تائين پروگرامن ۾ شريڪ ٿين ٿيون، ۽ تعليم ۽ صحت جي صورتحال بہ بهتر ٿي آهي. ان ڪانسواءِ ٿر ۾ هزارين ماڻهو روزگار سان لڳا آهن. سندس سحر انگيز شخصيت قائدانہ صلاحيتن هتي جي ابوجهہ ۽ عام ماڻهن کي ڳالهائڻ سيکاريو. منهنجي خيال ۾ ترديپ هڪ يونيورسٽي آهي، جتان سماجيات تي ڪيترائي ديس واسي Ph.D ڪري نڪرن ٿا. ٿر جي ڳوٺن، ڊاڻين، پاڙن ۽ شهرن ۾ پي. ڊي. سيز ناهڻ ۽ انهن ماڻهن ۾ جاڳرتا جي جوت جلائڻ ۾ ترديپ جي اهڙن سپوتن بہ پاڻ ملهايو آهي.

ڊاڪٽر صاحب ٿر جي غريبن کي آواز ڏيئي، ترقيءَ ڏانهن ويندڙ شاهراه جو گس ڏسيو. اهوئي سبب آهي جو اڄ ٿر ۽ ڊاڪٽر سونو

هڪ ٻئي جي سڃاڻپ آهن، ۽ پوري دنيا ۾ جتي بہ ٿر جو ذڪر اچي ٿو تہ اُتي سوني جو ذڪر اڳتر ٿيو پوي. اڄ جيڪڏهن ٿر جي ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ شمسي توانائيءَ جي ذريعي ڪا جوت جلي ٿي، تہ اها ٿر جي ٻاريل لاٽ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻار قالين جي ڪُڏيءَ جي بدران، ڪُلهي ۾ ڪتابن جو ٿيلو ڪنيو اسڪول وڃي ٿو تہ اهو ڪمال ٿرديپ جي سماجي جاگرتا جو آهي پاڻيءَ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ دستيابيءَ ڪي، انتهائي ڪامياب حڪمتِ عمليءَ سان ممڪن بنايو ويو آهي. هاڻي ٿر ۾ اهڙو ڪوبہ ڳوٺ نہ آهي جتي کوهہ، هينڊ پمپ يا ٽيوب ويل نہ آهي. انهي ڪانسواءِ زيرِ زمين برساتي پاڻيءَ گڏ ڪرڻ جا ٽانڪا تعمير ڪرڻ واري، ڊاڪٽر سوني مل جي حڪمت عمليءَ سان، ٻارنهن مهينا برساتي پاڻيءَ جي دستيابي ممڪن ٿي سگهي آهي. ٿر جي نانگ جي ڏنگڻ جي وئڪسين جي اڻهوند ڪري، ڪيترين ئي جانين زيان ٿينديون رهنديون هيون. ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش سان يونيسيف مان 500 وائل ويڪسين جا ڏيرايا ۽ انهن جو پول قائم ڪيو ويو. جو اڄ ڏينهن تائين ماڻهن لاءِ فائديمند ثابت ٿيو آهي، ڊاڪٽر سوني ڪنگهاراڻيءَ جي ڪيل خدمتن جو ذڪر ڪبو تہ ڪتاب پرجي ويندا.

ڊاڪٽر سونو ڪنهن بہ لوڀ لالچ ڪانسواءِ، سماجي تبديليءَ لاءِ ڏينهن رات جي فرق ڪانسواءِ اڄ بہ ساڳئي توانائي سان جدوجهد ۾ رُڌل آهي. ٿر ڪانسواءِ ڄامشورو، دادو ۽ خيرپور ضلعن ۾ پڻ ساڳئي حڪمت عمليءَ تحت، سماجي ناسُورن سان مهاڏو اٽڪايو اچي. ڊاڪٽر سونو جو فوڪس ڳوناڻن ادارن جي امداد ۽ انهن جي تربيت، ۽ سندس جديد معلومات تائين پهچ ڪي ممڪن بنائڻ آهي. ڇو تہ اهو اصول آهي تہ جديد معلومات سان سلهاڙيل قوم ئي پنهنجي تقدير پاڻ لکڻ جي لائق هوندي آهي.

ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي هڪ سماج سڌار شخصيت آهي، جنهن مختلف ادارن ۾ رهي، پنهنجي صلاحيتن جي آڌار تي سماج جي تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. انهي ڪري حڪومت پاڪستان طرفان، ڊاڪٽر سونو ڪي مڃتا طور، تاريخ 23 مارچ 2010ع

تي صدارتي ايوارڊ، ”تمغہء امتياز“ سان نوازيو ويو آهي. انهي ايوارڊ ملڻ سان سڄي سماجي دنيا جي ماڻهن جي سامهون، هن شخصيت جو وڏو قد ٿي ويو آهي، ۽ هن پوري ٿر توڙي ميگهہ ونس جاتيءَ جو ڳاٽ، هماليہ جبل جيڏي اوچائيءَ تائين پهچايو. جو صدين تائين ميگهواڙ جاتي کيس هيرو طور ياد ڪندي، ۽ سندس نانءُ تاريخ ۾ سونن اکرن ۾ لکيو ويندو. انهي ڪانسواءِ ٻين لاءِ بہ وڏو سبق آهي تہ اُهي بہ اهڙي لگن، محنت ۽ سچائيءَ سان پنهنجي سماج ۾ ڪردار ادا ڪن، تہ جيئن اُهي بہ سياڻي جا ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي ٿي سگهن.
پاڪستان جي سونهن ڪروڙ ماڻهن مان فقط 174 ماڻهن کي ملندڙ صدارتي ايوارڊ ۾، ڊاڪٽر سونو جو شمار بہ ان ڳالهہ جي گواهي آهي، تہ نہ فقط ٿرديپ ٽيم ۾ سنڌ جا ماڻهو ڊاڪٽر جي خدمتن جو اعتراف ڪن ٿا، بلڪ سرڪار پڻ کيس Tribute پيش ڪري، سندس سماجي خدمتن جي عيوض کيس مڃتا ڏني آهي ۽ ٿر جي 13 لک عوام لاءِ بہ اهو هڪ اعزاز آهي. ٿر ۾ رڳو ٿوهہ نہ آهن، رڳو پُرٽ برپٽ بيابان ڪونهي، رڳو بک بيماري ۽ تباهي ڪونهي، ٿر ۾ وڏو تهذيبي ورثو موجود آهي، ڪارو سون بہ آهي، مسڪين جهان خان ڪوسو بہ آهي، تہ ڊاڪٽر سونو بہ آهي.

ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي بابت ٻہ ڪتاب بہ لکيا ويا آهن، هڪ ”اميد جو ڪرڻو“، جنهن جو سهيڙيندڙ عباس ڪوسو آهي، ۽ ٻيو ڪتاب ”رُڃ مان رڙندي“.

ٿرديپ ڇڏڻ ڪانپوءِ هن وقت ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي حسار فائونڊيشن ڪراچي ۾ چيف ايگزيڪيٽوَ آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

# مصري لڏاڻي

ماڻھو سڀ نہ سھڻا، پکي سڀ نہ ھنجھہ،
ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھہ، اچي بوءِ بھار جي.

ٿر جي مٽيادار مٽي ۽ واريءَ جي پٽن مان جيڪي ھستيون ۽ مھان پرش، جنم وٺڻ بعد پنھنجي پنھنجي حصي جو ڪم ايمانداري، نھايت فراخ دلي ۽ ديده دليريءَ سان ڪري، پنھنجو وارو وڄائي ويا، تنھن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، رائچند رانوڻ پنھون مل ھميراڻي، سگاڻ چند ۽ سرڳيہ ھوتچند گھلڙو جھڙا قابل فخر ڪردار ھميشہ ياد ڪيا وجن ٿا. جيڪي ميگھواڙ جاتيءَ ۾ مھان پد تي پھتل، اسان جا لاڪيڻا لال ۽ ھيرا ھُئا. جن اسان جي ميگھواڙ جاتيءَ جي ماڻھن کي پرٿويءَ کان آڪاش تائين پھچايو آھي. جن پنھنجي قابليت، فن، فھم، علم ۽ عمل سان پنھنجي قوم جي سڃاڻپ ڪرائي آھي.

ھر انسان جو سينو ھڪ اھڙو خزانو آھي، جنھن ۾ ھزارين ھيرن ۽ موتين جھڙيون خصلتون، خوبيون ۽ فضيلتون موجود ھونديون آھن. اھڙو ئي ھڪ املھہ ماڻڪ موتي، باڪردار ۽ مسڪرائيندڙ مُکڙي وارو آدرشي پُرش ٿر جي پٽن ۾ ويڙھيل ڳوٺ ڪلٺھار ڪارو، تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾ سرڳيہ لاکو مل لڏاڻي ذات ھنجھڙو جي گھر، تاريخ 1 مارچ 1954ع تي جنم ورتو. سندس ماتا شري جو نالو راڻي، ڏي منگلرام ذات وٺھول ڳوٺ سومٽھار تعلقہ ڏيپلو جي آھي. جيئن تہ سندس جنم ھڪ وچولي غريب ھاري خاندان ۾ ٿيو والدين ھاريپي سان گڏ مالوند مارو ھئا، جنھن ڪري ٻچپن خوشحال ۽ صحت مند گذريو. مصري لڏاڻي جا مائٽ سال 1957ع ۾ ڪلٺھار ڪارو کان لڏي، ڳوٺ ڏاچري ۾ رھيا، ۽ پوءِ 1971ع ۾ اُتان لڏي پنھنجو ذاتي ڳوٺ لڏاڻي واٽرڪورس 4 ديھہ سيڙھي، تپو پيٿارو تعلقہ ڏيپلو ۾ رھائش اختيار ڪئي، ھن وقت پاڻ پريوار سميت ڪراچيءَ ۾ رھي پيو.

مصري لڏاڻي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڍگھہ، جيڪو پنھنجي ڳوٺ کان اٽڪل 3-4 ڪلوميٽر پري ھو جتي روزانہ پيادل پنڌ ڪري، تتل واريءَ تي بٺ اونھاري ۾ ڪنڊين ۽ ڄارن جي

چانهه ۾ ڦوڪارو ڪائينديءَ 66_1965ع ۾ پنج درجا سنڌي پاس ڪيائين. مڊل ۽ ميٽرڪ 1969ع کان 1971ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ مان پاس ڪيائين. انهي وقت 1971ع واري انڊو پاڪ جنگ سبب ڪجهه سال تمام غربت ۾ گذريا. پڙهائيءَ جو خرچ ڪلاس اٺين کانپوءِ هُن ڪڍهن به والدين کان نه گهريو. پاڻ هارپو ۽ مزدوري ڪري گذر سفر ڪندو رهيو ۽ پنهنجي پڙهائي به جاري رکيائين. سال 1973ع ۾ انٽر سائنس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان پاس ڪيائين، BA پرائيويٽ سال 1976ع ۾، M.A Political Science پرائيويٽ، سال 1978ع ۾ يونيورسٽي آف حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

1973ع ۾ انٽر سائنس (پري ميڊيڪل) جو امتحان پاس ڪرڻ بعد، 1973-10-01 تي ڪيس پرائمري ماستريءَ جو آرڊر مليو ۽ پهريائين پرائمري اسڪول جهڏو ۾ دخل ڪار ٿيو ۽ پوءِ آهوري ٽالهي پٿورو ۾ نوڪري ڪئي. انهي ڪانپوءِ سال 1976ع ۾ PTC ڪورس پاس ڪيو جنهن بعد ڪيس پروموشن ڏيئي سال 1977ع ۾ JST ڪري، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور اولڊ ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ ڪنري ۽ رحيم خان نوتڪاٽي مڊل اسڪولن ۾ 9 سال JST طور، سيپٽمبر 1982 تائين نوڪري ڪئي. هڪ محنتي ۽ هوشيار هئڻ ڪري پنهنجي غريبي حالت جي احساس سبب، پنهنجي پڙهائي جاري رکي ۽ سال 1982ع ۾ (CSS) جو امتحان پاس ڪيائين، تنهن ڪري هن 30 سيپٽمبر 1982ع تي JST تان استعفيٰ ڏني ۽ 3 آڪٽوبر 1982ع تي انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ آف فيڊرل بورڊ آف روينيو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، انڪم ٽيڪس BPS-17 ۾ دخل ڪار ٿيو ۽ ڪامن ٽريننگ لاءِ سول سروس اڪيڊمي والٽن لاهور ۾ مڪمل ڪرڻ بعد، 1984-3-31 کان آڪٽوبر 1984ع تائين حيدرآباد، ۽ نومبر 1984ع کان جولاءِ 1986 تائين سانگهڙ، ۽ جولاءِ 1986 کان آگسٽ 1987ع تائين اسسٽنٽ ڪمشنر انڪم ٽيڪس ميرپورخاص رهيو. آگسٽ 1987ع کان آڪٽوبر 1990ع تائين ڪراچيءَ ۾ سروس ڪئي. سٺي ڪارڪردگيءَ جي ڪري 1990-11-01 تي ڪيس

پروموشن ڏيئي، ڊپٽي ڪمشنر انڪم ٽيڪس BPS-18 ڪراچيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي 1997ع تائين هُن نوڪري ڪئي. 1997-8-21 تي ٻيهر کيس پروموشن ڏيئي ايڊيشنل ڪمشنر انڪم ٽيڪس BPS-19 ڪيو ويو جو سال 2010 تائين مختلف هنڌن جهڙوڪ سکر، لاڙڪاڻو ڪوئيٽا، ديرو غازي خان، رحيم يار خان ۽ ڪراچيءَ ۾ رهيو. سندس محنت ۽ تقدير، کيس آڪاش جي اونچائيءَ طرف پهچائڻ لاءِ روان دوان هئي. اهڙي طرح ڪراچيءَ ۾ ئي 2009-07-17 تي وري کيس پروموشن ڏيئي، ڪمشنر انلينڊ (Inland) روينيو -BPS 20 ۾ مقرر ڪيو ويو. جو آڪٽوبر 2011ع تائين ڪراچيءَ ۾ رهيو. سندس ماءُ جي آشيرواد ۽ دعائن رنگ لاتو ۽ سندس اُڏام اجا بہ اڳتي وڌي، ۽ 2011-11-26 تي کيس چيف ڪمشنر روينيو انڪم ٽيڪس، سيلس ٽيڪس ۽ فيڊرل ايڪسائيز گريڊ BPS-21 ۾ پروموشن ڏيئي حيدرآباد ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي پنهنجي حياتيءَ جا 60 سال پورا ٿيڻ تي ۽ 32 سال Inland Revenue Service FBR Pakistan جا مڪمل ڪري، نيٺ 2014-2-28 تي رٽائرمينٽ ورتي. پنهنجي نوڪري تمام محنت، سچائي، ايمانداريءَ سان نڀائي، جنهن لاءِ اڄ تائين سندس ڊپارٽمينٽ جا ماڻهو عزت ۽ احترام ڪن ٿا.

مصري لڏاڻي صاحب 1984-4-17 تي، شريمتي آشا ڏي ڪيولرام سيجو مٺي شهر سان شادي ڪئي، جنهن مان اولاد هڪ نياڻي ۽ 4 پٽ آهن. 1. دانش لڏاڻي ماسٽرس، آڊٽ ۽ فناس سٽي لنڊن يونيورسٽي لنڊن مان ڪئي آهي، ۽ شادي شده آهي. 2. روهت لڏاڻي BA ۽ ڊپلوما ڪمپيوٽر گرافڪ ۽ ماسٽرس ائڊمسٽريشن HIBT-3D يونيورسٽي آف لنڊن ۾ ڪري پيو ۽ شادي شده آهي 3. ساگر لڏاڻي BPP Bar_at_ Law يونيورسٽي آف لنڊن HIBT_LLB (Hons) يونيورسٽي UK لنڊن ۾ ڪئي آهي. 4. ساحل لڏاڻي O Level سٽي اسڪول Chapter PAF ڪراچيءَ ۾ پڙهي رهيو آهي.

رٽائر ٿيڻ بعد مصري لڏاڻي صاحب سنڌ بار ڪائونسل مان 6 سيپٽمبر 2014 ۾ هاءِ ڪورٽ مان وڪالت جي سَند حاصل ڪئي آهي، ۽ ليگل پريڪٽس شروع ڪئي. جيئن تہ مائٽن سندس نالو

مصري رکيو تہ هُن پنھنجي نالي جي هميشہ مهانتا رکي، سدائين منو ٻاالهائيندڙ ۽ لفظن ۾ ڪڙواهٽ جو نالو ئي نہ آهي. پنھنجي قول ۽ فعل ۾ پڪو ۽ ثابت قدم رهيو. ٻچپن کان ئي سيڪيولر نظريہ جي حق ۾ رهيو ۽ خدمت خلق کي عين عبادت سمجهندو آهي. پاڻ هڪ پلوڙ ۽ وڻندڙ مکڙي وارو انسان آهي. منهن تي سدائين مُرڪ رهندي آهي، ڪاوڙ جو نالو نشان ئي نہ آهي. پاڻ هڪ گيان سوچڪ جو پنڊار، گپتدان ڪندڙ ۽ گمنام ڪم ڪرڻ ۽ پريم سان ملڻ جو اعليٰ اخلاق رکندڙ پُرش آهي.

جلي جي ٻين کي سهائو ڏين ٿا،
لکين گهور تن تان پتنگا ٿين ٿا.

مصري لڏاڻي، مصري جهڙو منو ماڻهو ٻچپن تي سدائين مسڪراهٽ، جهڙو آهي نالو تهڙو ئي آهي وکر، اهڙي ئي عظيم هستي آهي.چوندا آهن تہ مشڪ ۽ ڪٿوري ويڙهي نہ ٿي رکي سگهجي. اهڙي طرح ڪنهن اهل ماڻهوءَ جي مهانتا بہ ڪنهن کان ڳجهي نہ ٿي رهي. پنھنجي اصولن ۽ اخلاق جي ميدان ۾ معراج جي بلندين تائين پرواز ڪندڙ شخصيتن جي فن و فهم ۽ ڪردار کي ڪڏهن بہ زوال نہ هوندو آهي. جن جا مقصد آدرش ۽ دائمي هوندا آهن.

یوں کھا کھا کر پشو بھی پیٹ بھرتے ہیں،
جو بانٹ بانٹ کر کھائے اسے انسان کہتے ہیں-

مصري لڏاڻي صاحب پنھنجي دور سروس ۾ ڪيترن ئي غريبن کي نوڪريءَ سان لڳايو. ڪيترن جي مالي مدد ڪئي، ڪير بہ ساهتا لاءِ وٽس ويندو هو تہ خالي نہ ڇڏيائين ۽ پاڻ کي سدائين گُپت رکيائين. منجهس سدائين خلق جي خدمت ڪرڻ جي آشا رهي آهي. سندس دل جي خواهش آهي تہ غريب قبيلن کي سماجي اٽبرابري ۽ مذهبي اُجاره داريءَ کان آزاد ڪرايان. جنهن لاءِ هُن هڪ ٽرسٽ ”آشا فائونڊيشن“ جي نالي ٺاهي آهي، ۽ رجسٽر بہ ڪرائي آهي. جنهن مان پوري مُلڪ جي غريب ماڻهن کي بنا مت ڀيد ۽ مذهب جي تعليم، صحت ۽ غريبن جي مدد لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اها خدمت فقط انسان ذات لاءِ آهي، انهيءَ ۾ ڪابہ ذاتيات يا رياڪاري

ڪان پاڪ آهي ۽ اهڙو دلي وچن ڪيو اٿس. انهي ڪان سواءِ ٿر لاءِ خاص ڪري ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، سانگهڙ ۽ خيرپور جي ٿر واري علائقي جي غريب ماڻهن ۾ تعليم، صحت ۽ غريبن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ”ٿر فائونڊيشن“ عمل ۾ آندي آهي. جيڪا جلدي ڪم شروع ڪندي. سندس خيال، ارادا ۽ مقصد تمام اوچا آهن. جيڪڏهن زندگي وفا ڪئي ۽ ڪميونٽيءَ وارن ساٿ ڏنو ته انهن لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي تمنا رکي ٿو.

ڪبير صاحب فرمايو آهي تہ:

سب بن تو چندن نهين، سورا ڪا دل نانهہ،
سب سمندر موتي نهين يون ساڌو جگ مانهہ.

مصري لڌاڻي جنهن پنهنجي ٻاروتڻ کان ئي غريبيءَ جي ساگر جي لهرن سان ٽڪرون کائي، مهان پد ماڻيو. اهڙي موتي داڻن تي قومون ناز ۽ فخر ڪنديون آهن. اهڙا مٽيادار مڙس پنهنجي ذاتي مفادن کي ڇڏي، عام مفادن لاءِ ڊوڙندا ۽ ڊڪندا رهندا آهن. ميگهہ ونس جو پهريون شخص، جو سرڪاري نوڪريءَ ۾ وڏي اهم عهدي تي رهيو ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو. جو اسان جي جاتي صدين تائين ياد رکندي.

جات نہ پوچهو سادهہ ڪي، پوچهہ ليجئي گيان،
مول ڪرو تروار ڪا، پڙي رهن دو ميان.

# انجنيئر ڪانجي مل

تون اوچو انسان، جگت ۾ اوچو انسان،
تنهنجي پيرن هيٺ هماليہ، جُهڪي ڪري پرنام،
آسمان جو چنڊ بہ نئڙي، تون کي ڪري سلام،
نيلي اُڀ ۾ ڊوڙون پائين، جهنڊي پنهنجي کي جهولائين،
شاهي تنهنجو شان، جگت ۾ تون اوچو انسان.

شهر عمرڪوٽ، جتي راڻي جي مومل چِتا تي چڙهي. شهر عمرڪوٽ، جتي ماروي قيدياڻي بڻي. شهر عمرڪوٽ، جت جلاوطن هندستاني بادشاهہ همايون مغل کي پريوار سوڍو پناهہ ملي. شهر عمرڪوٽ، جت اڪبر دي گريٽ جنم ورتو. شهر عمرڪوٽ، جت گنگا عمر جو ٻيو رومانوي داستان جڙيو. شهر عمرڪوٽ، جنهن ڪئين راڄ ڀاڳن جي راجائن جي عروج ۽ زوال کي، دلربا داستانن کي، سوڍن جي صاحبيءَ کان وٺي راڻن جي راڄ کي پنهنجي اتهاس ۾ اڪين سان ڏٺو. هڪ عجيب شهر عمرڪوٽ، جنهن جي تاريخ ڏاڍي نرالي ۽ پُراسرار رهي آهي. انهي پراسرار شهر ۾ دراوڙ نسل جا ميگهواڙ لوڪ بہ صدين کان رهندا پيا اچن، جن جي بہ پنهنجي هڪ الڳ تاريخ ۽ تمدن آهي. اهڙي تاريخ ساز شخصيتن ۾ اڄ بہ ميگهواڙ ڪميونٽيءَ جا ڪيترائي وڏا وڏا آفيسر آهن، جيڪي پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن. جنهن تي اسان جي قوم ۽ اسان کي فخر آهي، جن اسان جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. اهڙو ئي هڪ مهان آفيسر، شري ڪانجي ذات ڪيهاڙا، جنهن تاريخ 25_10_1945 تي سرڳيہ ڪڇرو پٽ صاحبو مل جي گهر جنم ورتو. سندس جنم جو ڳوٺ چارنور تعلقہ ڇاڇرو آهي. سندس ماتا جو نالو کاتو ٻائي هو. پاڻ شادي شري چتون مل رانوڙ جي ڌي جسوڏا سان ڪئي. جنهن مان کيس 6 نياڻيون آهن ۽ بہ پٽ آهن. هڪ MBA ڪري پيو ۽ ٻيو BE Civil انجنيئرنگ پڙهي رهيو آهي.

سندس مائٽ سال 1965ع ۾ چارنور تعلقہ ڇاڇرو مان لڏي، مير دين محمد ۽ مير آچن ٽالپر جي ڳوٺ 27 هيرل ۾ آباد ٿيا. جتي

1980ع تائين رهيا ۽ پوءِ لڏي اچي عمرڪوٽ شهر وسايائون، جتي اڄ تائين رهائش پذير آهن. باقي سندس ڳوٺ وارا 1971ع واري جنگ دوران، 92٪ آبادي پارت هلي ويئي. باقي ڪجهہ چارنور، مٺي شهر، منڙيو ننگرپارڪر ۽ عمرڪوٽ شهر ۾ رهندا آهن. سندن اڄا بہ 4 نمبر ٻنين جا چارنور ۾ آهن.

ڪانجي مل جي تعليم جو سرشتو رئيس سردار خان ڪوسو ڳوٺ ڇاڇر ڪوسا ۾ اسڪول کوليو جنهن ۾ زبردستي هن جي 1956ع ۾ داخلا ڪرائي ويئي. ٻين ذاتين جا بہ ڇوڪرا اسڪول ۾ داخل ڪرايا، هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ بہ سردار خان همٿايو ۽ هاءِ اسڪول ڇاڇرو ۾ داخلا ورتائين. انهيءَ وقت هاءِ اسڪول ڇاڇرو ۾ صاحبڏنو ميمڻ هيڊ ماستر مقرر ٿيو ۽ ٻيا ماستر گهڻو ڪري مهشوري هوندا هئا. مسٽر صاحبڏنو ميمڻ هڪ سچو ۽ نيڪ انسان هو. جو شاگردن جو تمام گهڻو ڌيان رکندو هو. هن اسڪالرشپون ونڻ ۽ شيڊيول ڪاسٽ جي هاسٽل جو جدا بنياد رکايو جيڪي ڇاڇري ۾ اڄ تائين زبون حالت ۾ موجود آهي. انهيءَ وقت سرڳيہ خوشيرام صاحب، هريجن شاگردن کي هر مهيني 5 روپيہ ڏيندو هو ۽ هر ماهہ جو خرچ 10 روپيہ ايندو هو. جنهن کي بہ انهي وقت وڏو خرچ سمجهيو ويندو هو. سال 1965ع ۾ سنڌي فائينل ۽ مئٽرڪ پاس ڪيائين، ۽ سندس خيال هو تہ سنڌي ماستر ٿيان. پر سرڳواسي پيمرلال وڪيل همت افزائي ڪري ڪاليج ۾ داخلا ونائي ڏني، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪاليج ميرپورخاص مان، سال 1967ع ۾ انٽر پاس ڪيائين، ۽ بعد ۾ Engineering لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڪاليج ۾ داخلا لاءِ فارم ڀريائين. انهي ٽائيم پوري سنڌ ۾ 6 ڇهہ انجنيئرنگ ڪاليج لاءِ مخصوص سيٽون هندوئن لاءِ رکيل هيون، جنهن ۾ ڪيس داخلا ملي ويئي. سال 1971ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج مان BE اليڪٽريڪل پاس ڪيائين. دوران تعليم گورنمينٽ اسڪالرشپس ۽ خوشيرام هريجن ٽرسٽ مان گذارپو ڪيائين. سال 73_1972ع ۾ (F.P.C.S) جي چٽا ڀيٽي واري امتحان ۾ وينو ۽ ڪامياب ٿيو. اهڙي طرح ڪيس سال 1975ع ۾ (T.N.T) محڪمي ۾ سروس ملي، ۽ ٻن سالن لاءِ هري پور

هزاره ۾ سروس ڪورس ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. انهيءَ (T.N.T) ڪورس ۾ مينارٽيءَ جو پهريون آفيسر هو. 77_1976ع ۾ (A.D.E) ڊيولپمينٽ ڪراچيءَ جي پوسٽنگ ملي.

دوران سروس 1975ع کان 2005ع تائين ترقي ٿيندي رهي ۽ مختلف اهم اسائينمينٽس تي ڪم ڪيائين. ۽ سروس دوران جپان ۾ ٽريننگ ڪيائين ۽ محڪمي طرفان چائينا ۾ ڪيبل ناهيندڙ ڪمپنين جي انسپيڪشن ڪيائين. محڪمي ۾ سٺي ڪارڪردگيءَ جي مڃتا طور ڪافي مرتبہ آنريريم سان نوازيو ويو. ايتري قدر جو سنڌ بلوچستان ۾ جيڪا نئين انسٽاليشن ٿيندي هُئي، ان کي بہ ڪانجي مل صاحب وڃي ويريفاءِ ڪندو هو.

ڪوٽڙي واري ورڪشاپ (T.N.T)، جنهن ۾ تقريباً 800 ورڪر، 300 ڪلارڪ، 400 کان مٿي رهائش ڪالونيون، گرلس هاءِ اسڪول، بوائز هاءِ اسڪول، ميل ڊسپينسري، فيميل ڊسپينسري ۽ ٻيو لاڳاپيل اسٽاف رهندو هو. ڪوٽڙي ورڪشاپ هميشہ يونين جي اسٽرائيڪ ۽ ٻين مئنيجريل سببن جي ڪري نقصان ۾ ويندو هو پر هن جي بهتر سنڀال ۽ انتظام ڪري ورڪشاپ منافعي ۾ ويو ۽ چيئرمن (P.T.C.L) ان کي انعام سان نوازيو تہ حيدرآباد سنڌ ۾ چيف انجنيئر غلام شبير لغاري، جيڪو هن جو استاد بہ ٿي رهيو هو. تنهن اٿارٽيءَ کي پنهنجي استيعفا لکي موڪلي، جنهن ۾ هن صاحب اهو انڪشاف ڪيو تہ حيدرآباد جو نيٽ ورڪ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندو. پر چيئرمين (P.T.C.L) ڪانجي مل جي پوسٽنگ ڪئي ۽ ٽيڪنيڪل ۽ مئنيجريل ايفرٽس ونڻ سان، اهو ساڳيو نيٽ ورڪ بهتر ڪم ڪرڻ شروع ٿيو ۽ محڪمي جي بالا آفيسرن ڪيس انعام سان پڻ نوازيو. سندس سانگهڙ ۾ پوسٽنگ دوران جنهن جي ڪمانڊ ۾ سانگهڙ ضلعو، عمرڪوٽ ضلعو ۽ ٿرپارڪر اچي ٿي هئا. هو ٿر واسي هئڻ ڪري انهيءَ زماني ۾ 1990ع ۾ ٽيليفون جو ٿر ۾ هئڻ هڪ عجوبو هو. انهيءَ دوران ننگرپارڪر ۾ خودڪار ايڪسچينج، ڇاڇرو، ڏيپلو، عمرڪوٽ، ڪنري، نئون ڪوٽ، اسلام ڪوٽ، ڏگهڙي ۽ جهڏو ۾ پڻ لڳايا ويا. انهيءَ ڪانسواءِ سيمي آٽوميٽڪ

ايڪسچينج ۾ ڪيٽلاري ڏيپلو تعلقو ۾ لڳائي ويئي، جنهن جو افتتاح ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم صاحب ڪيو. انهيءَ ڪانسواءِ چيلهار، پوريلو ملڪاڻي ۾ ڪينسر ۾ بہ لڳايا ويا. ڪينسر ايڪسچينج ڪان (P.C.O) ڪرشن جي ويري (ڳوٺ شير محمد شهاڻي) ۾ لڳايو جنهن جو بہ افتتاح ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم صاحب ۽ پير نور محمد شاهہ جيلاني صاحب ڪيو ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ننڍن توڙي وڏن ڳوٺن ڪي بہ مواصلات سان ڳنڍيو جنهن ۾ چوڙ ۾ نيو چوڙ فقير امين محمد جو ڳوٺ ۽ فيض محمد راڄڙ جو ڳوٺ، سرڻ واري نزد ڪپرو ۾ ٻيا ڳوٺ شامل آهن. پاڻ تعليم جي سرشتي ڪي جاري رکندي (L.L.B) سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ۽ M.B.A ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين.

محڪمي جي مهربانيءَ سان پاڪستان جا جيڪي بهترين انسٽيٽيوٽ آهن، انهن سڀني ۾ ڪورس ڪرايا، جنهن سان ڪافي فائدو رسيو. پاڻ ڊاڪٽر شيوارام مالهي، راڻا چندر سنگهہ، پي ڪي شاهاڻي، خادم علي شاهہ، وڪيل واشديو ٽماڻي، سرڳواسي گهمون مل ڪاڳيہ، سائين موٽو مل ڏناڻي، سرڳواسي ڪيتارام پوريلو ديوان سگرام داس ٽپيدار، سرڳواسي گهمن سنگهہ ڀيل، سرڳواسي نانڪرام چيلهار، بسنت مل اوڏ، سوينيڪ چند، ميٺارام ڏاراڻي، مصري جوڳي، ڀڳت صديق ڀيل، مهرچند جوڳو ڀڳت آڏو مل ۽ ڪرشن لال مهشوري، اهي سڀ هن جا بزرگ دوست هئا. جن ڪان هن ذاتي زندگي ۾ ڪافي ڪجهہ سکيو ۽ پرايو. انهن ۾ سهپ جو مادو تمام گهڻو هو. عمرڪوٽ شهر ۾ آڏو مل ٻين جي مدد ۽ ٿوري گهڻي هن جي مدد سان، عمرڪوٽ ٽائون ۾ ڪائونسلر طور ڪامياب ٿيو.

ڪانجي مل جو چوڻ آهي تہ اسان جي مُلڪ ۾ چار موسمون آهن. ۽ هي هڪ صوبو قدرت جي نعمتن سان ڀريل آهي. مون ڪوشش ڪري ڪافي مُلڪن جي Constitution ڪي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهو ملڪ ترقي ڪندو جتي Economy جي برابر حصن سان تقسيم ڪجي. پاڻ سال ۾ چيف انجنيئر TNT گريڊ 20 ۾ رٽائر ٿيو. ميگهہ ونس جو پهريون TNT جو وڏو آفيسر آهي. کيس گولڊ ميڊل سان نوازيو ويو.

سندس خيال موجب اسان جا ماڻهو تعليم تي ڌيان ڏين، تعليم جي ڪري سٺا نتيجا نڪرندا. سهپ جو مادو اختيار ڪن، دنيا جي پٺ تي پيل قومن پڻ سهپ، تعليم ۽ سياسي سجاڳيءَ سبب ترقي ڪئي آهي. ايتري قدر جپان، چائنا، يورپ به انهن اصولن تي هلي پنهنجي پرجا جي شيوا ڪئي آهي مت پيد ڪي به گهٽائڻ لاءِ لوٽرڪنگ وانگر اسان کي به ڪوشش ڪرڻ کپي پاڻ وٽ جنگ ايڪانامي جي آهي انهيءَ لاءِ اسان جي ماڻهن جو سرمايو صرف تعليم آهي. سياسي جاڳرتا لاءِ اسان جو مين پاور پاڪستان ۾ %80 سيڪڙو مينارٽي آهي، انهيءَ ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ڪري بهتر نتيجا نڪري سگهون ٿا.

شري ڪانجي مل شاعريءَ کي پسند ڪندو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه عنايت، سچل سائين، سامي ۽ بلي شاهه سندس پسنديده شاعر آهن. ليڪن ۾ سندس پسنديده تاريخ دان ڊاڪٽر مبارڪ علي آهي. پاڻ سنڌي، اردو، پنجابي، سرائڪي، هندڪو، انگريزي ۽ ڪنهن حدتائين جپاني، بلوچي زبانون ڳالهائي سگهي ٿو. مذهبي طور چار ويدن جو به ڪنهن حدتائين مطالعو ڪيو آهي. ارٿ شاستر، هٽلر جي مين ڪتاب ميڪاولي جهڙي پستڪ جي به سٺي ڄاڻ آهي.

انجنيئر ڪانجي مل جي راءِ آهي ته دنيا جي ترقيءَ جو راز بهتر ڪميونيڪيشن سان آهي. هو پنهنجي سبجيڪٽ Telecom ۾ New System پڙهڻ ۽ پاڻ کي Up Date رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

# انجنيئر سارنگرام نانجياڻي

پھول اپنی عادت سے کتنے بے بس ہوتے ہیں دوست ،
توڑنے والے کو بھی خوشبو ہی دیا کرتے ہیں۔

اسان جي ٿر جي پويتر ڌرتي سُرهاڻ سان مهڪندڙ پٽن واري ڀومي پنهنجي الڳ ٿلڳ سڃاڻپ ۾ نرالي تاريخي حيثيت رکي ٿي. جنهن اهڙن ته انمول موتين کي پنهنجي ڪُک مان جنم ڏنو جن دنيا جي هر شعبي ۾ مهانتا ماڻي آهي. چاهي استاد هجي چاهي ڊاڪٽر هجي، چاهي آرٽسٽ هجي، چاهي گويو هجي، چاهي مورتي ساز هجي، چاهي سنت مهاتما هجي، چاهي وڏو آفيسر هجي، جن پنهنجي محنت سان پنهنجو ۽ پنهنجي ميگھواڙ جاتيءَ جو نالو روشن ڪيو آهي. اهڙوئي هڪ موتيءَ جهڙو ماڻهو شري سارنگرام صاحب آهي. جنهن تاريخ 14 اپريل 1956ع جو شري ويسارام واڻوري، ڳوٺ راجوڙو تعلقه ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جي گھر اک کولي. سندس ماتا جو نالو راڻي ڏي تيجو مل ذات جوڳو، ڳوٺ ڀاڏاسنڌو تعلقه ڇاڇرو جي آهي. سندس پتا شري ويسارام صاحب، جيڪو هڪ اڻپڙهيل ۽ هاري هوندو هو. کيتي ٻاڙي ڪري پنهنجو سفر گذر ڪندو هو پر سندس دلي تمنا هئي ته پنهنجي پُٽ کي پڙهائي هڪ وڏو آفيسر بنائيندس، ۽ پڪو ارادو ڪري محنت مزدوري ڪري، پنهنجي پٽ جي پڙهائيءَ جو خرچ ڪيائين. چوندا آهن ته مائٽن جون دعائون رنگ لائينديون آهن. اهڙيءَ طرح سارنگرام صاحب کي پرائمري تعليم لاءِ سندس پتا پرائمري اسڪول ڇاڇرو ۾ داخل ڪرايو. جتان سال 1968ع ۾ 5 درجا پاس ڪيائين، ۽ سال 1975ع ۾ هُن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇاڇرو مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. انٽر سال 1977ع گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان پاس ڪيائين. 1981ع ۾ انجنيئرنگ (B.E Civil) مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪيائين.

پاڻ شادي سال 17 نومبر 1981ع تي شريمتي سامون، ڌيءَ ڏيڏو مل ذات ڪيٽلا، ڳوٺ ڀاڀوبيرو تعلقه ڇاڇرو سان ڪيائين. جنهن مان کيس اولاد 4 نياڻيون 1. نرملا B.ed 2. انيتا رانوڙ ڊاڪٽر 3. پدمان

ڊاڪٽر 4. رينا ڊاڪٽر آهي. ٻہ پٽ آهن. 1. ڊاڪٽر سپاش ڪمار MBBS FCPS Part_I ڪري پيو. 2. سنجيوَ B.E Electrical Mdion Univesity of FAST پڙهي رهيو آهي. سندس اصل ڳوٺ راجوڙو تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر آهي پر گذريل 5 سالن کان حيدرآباد رهي پيو. پاڻ سنڌي، انگريزي، اردو وغيره لکي پڙهي سگهي ٿو. ڪيس پوشاڪ خاص ڪري شلوار قميض پسند آهي. سارنگرام صاحب سال 1984 ۾ (B.E Civil) ڪرڻ بعد پرائيويٽ فري ۾ انجنيئر طور ڪم ڪيو. تقريبن ٽن سالن ڪانپوءِ سال 1987ع ۾ گورنمينٽ جي نوڪري اسسٽنٽ انجنيئر BS_17 ورڪس ۽ سروس کاتي ۾ پهريائين لاڙڪاڻہ ۾ ملي، پوءِ شهداد ڪوٽ، ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ ۾ رهيو. آگسٽ 2005ع ۾ کيس پروموشن ايگزيڪيٽو انجنيئر BS_18 ۾ ٿي، جو مختلف هنڌن ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ٽنڊو الهيار ۾ نوڪري ڪئي، آگسٽ 2013ع ۾ سندس سٺي ڪارڪردگيءَ جي ڪري پروموشن ڊيئي کيس BP_19 ۾ سپرنٽينڊنگ انجنيئر ڪري مٺيءَ ۾ رکيو ويو جتي اڄ تائين نوڪري ڪري رهيو آهي. هيءُ اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ جو پاڪستان ۾ پهريون سپرنٽينڊنگ انجنيئر BP_19 جي پوسٽ حاصل ڪرڻ وارو آهي، جنهن تي پوري جاتيءَ کي فخر آهي ۽ سندس پيءُ جي دعائن ۽ محنت ڪري پڙهائڻ رنگ لاٿو. جو هو هڪ وڏي عهدي تي ڪم پيو ڪري. شري سارنگرام صاحب پنهنجي انجنيئرنگ فيلڊ ۾ هڪ هوشيار ۽ مجيل آفيسر آهي، جنهن ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪري، پنهنجو نالو روشن ڪرايو آهي ۽ جاتيءَ ۾ بہ پنهنجو نالو روشن ڪرايو آهي. هيءُ صاحب سدائين غريب شاگردن جي ساهتا ڪندو رهيو آهي. هُن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي وڏو ماڻهو نہ سمجهيو آهي. هو چوندو آهي تہ اسان ميگهواڙ آهيون، ميگهواڙ ئي اسان سڀني کي پڙهي مٿي اچڻو آهي، ۽ هدايت ڪندو آهي تہ پنهنجي ذات کي ڪڏهن نہ لڪايو. وڏو توهان جو ڪردار آهي، اهو مهان آهي.

سارنگرام صاحب پنهنجي وقت ۾ ڪافي خاص خاص ڪم ڪيا آهن. هڪ روڊ، جيڪو ارباب غلام رحيم صاحب جي دؤر ۾، ننگرپارڪر کان ساردڙو ڊام تائين ڪوبہ انجنيئر ٺاهڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.

جيڪو سارنگرام ئاهي مڪمل ڪرايو جو ياتري اڄ آرام سان ڏام تائين پهچي سگهن ٿا. انهي ڪانسواءِ گڏي پٽ تي جيڪو تعميراتي ورڪ ٿيو آهي. اها سڄي پلاننگ شري سارنگرام جي آهي. ڪمپائونڊ وال جي اندر روڊ ۽ سڀ تعميرات سارنگرام صاحب جي ڪرايل آهي. اها اڄ هڪ پڪنڪ پوائنٽ طور استعمال ٿئي ٿي. اهڙي پوائنٽ ڪراچيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪٿي بہ ڪونہ آهي. انهي ۾ جناب انور ارباب ۽ انهي وقت جي D.C.O جناب چام اسد الله ڏاريجو صاحب پلاننگ ڪيل PC_I ڏسي، تمام گهڻو خوش ٿيا، ۽ هڪدم منظور ڪري ڪم ڪرڻ جي هدايت ڏني.

انهي ڪانسواءِ ننگرپارڪر ڪان C.C روڊ انچلاسر تائينءَ جو ڪم بہ سارنگرام ڪرائي رهيو آهي. ننگرپارڪر ۾ مختيارڪار جي آفيس، جيڪا انگريزن جي دؤر جي ٺهيل هئي، جيڪا بلڪل ڊهي ويئي هئي، انهيءَ کي بہ سارنگرام صاحب جن پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان ساڳئي ڪنڊيشن ۾ تيار ڪرايو آهي.

ان ڪانسواءِ چار وڏا ريسٽ هائوس، ڇاڇرو، مٺي، ننگرپارڪر ۾ بهترين ڊزائين ڪري تيار ڪرايا آهن. انهي ڪانسواءِ ڏيپلو ۾ ريسٽ هائوس جو ڪم هلي رهيو آهي، اهو ڪم بہ جناب سارنگ رام ڪرائي رهيو آهي. شري سارنگرام صاحب ٿر ۾ هيلٿ سيڪٽر ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ڊسپينسريون، هليٿ يونٽ ۽ رورل هيلٿ يونٽ جون بلڊنگ تعمير ڪرايون، جنهن ۾ رورل هيلٿ يونٽ ڪلوئي هڪ اهم مثال آهي سندس جيڪي بہ ڪم ڪرايل آهن اُهي سندس نشان آهن ۽ رهندا، هميشہ امر آهن.

انسان تہ هليو ويندو آهي پر اُن جا ڪرم ۽ ڪم سدائين زنده هوندا آهن، جيڪي صدين تائين ياد رهندا آهن.

مينارام ڏاراڻي

ناهي جواب تنهنجو، تون سنڌ جو سينگار،
منڙا منار تون، جي مُلهہ موتي مهراڻ جو.
(عرض گوپانگ)

سونهاري سنڌ، جنهن جي ٽوٽل ايراضي 140914 چورس ڪلو ميٽر، جنهن جا 26 ضلعا، 119 تعلقہ، 1100 يونين ڪائونسلون، 1439 تپا ۽ 5861 ديهون آهن. انهن ۾ صحراءِ ٿر وارو ضلعو ٿرپارڪر جو تعلقہ وارو شهر ڏيپلو، جيڪو ڏيپو ميگهواڙ جو ٻڌايل آهي، انهي ڏيپلي شهر ڪيترن ئي مشهور هستين کي جنم ڏنو جنهن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، ڊاڪٽر محمد صالح، ڊاڪٽر سچڻ ۽ ڪيترائي ڊاڪٽر، انجنيئر، روينيو آفيسر پيدا ٿيا. جن ڏيپلو جو نالو پوري ملڪ ۾ روشن ڪيو. اهڙو ئي هڪ ميگهہ ونس پُرش شري مينارام پنئار، مورخہ 1947-6-18 تي سرڳواسي ٺارو مل پنئار جي گهر اک کولي، سندس ماتا جو نالو ڏرنگا ڪنيو جو ڳوٺ ڀڪوئو تعلقہ مٺيءَ جي هئي. جا هڪ نيڪ سيرت ۽ اوڙي پاڙي وارن جو درد ونڊيندڙ ۽ هر وقت سيني سان سنو ناتو جوڙي، پنهنجو نالو پنئار برادريءَ جي دلين تي نقش چڏي هلي ويئي. شري مينارام ڏاراڻي 8 ڊسمبر 1965ع ۾ ڳوٺ جوگلار تعلقہ مٺي مان سرڳيہ گهڙسو مل گنڊير جي سپتري سمجهہ ٻائي سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس 3 نياڻيون آهن، جيڪي شادي شده آهن، ۽ ٽي پُٽ آهن. 1. دولت جيڪو سُئي گيس ۾ ملازم آهي 2. ڊاڪٽر سريش ڪمار جو وٽرنري ڊاڪٽر آهي، ۽ ٽيون مهتاب جيڪو سروس ڪري رهيو آهي. سڀ شادي شده آهن ۽ خوش آهن.

مينارام پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڏيپلو مان ورتي، سيڪنڊري تعليم جابر هاءِ اسڪول ۾ ورتي، ۽ مئٽرڪ سال 1963ع ۾ پاس ڪيائين.

1965ع ۾ سٽي ڪاليج حيدرآباد مان انٽر ميڊيئيٽ جو امتحان پاس ڪيائين، سال 1963ع کان 1965ع تائين مرحوم احمد قاضي وڪيل سپريم ڪورٽ وٽ ڪم ڪيائين. سال 1967ع ۾ سٽي

ڪاليج حيدرآباد مان بي. اي. پاس ڪيائين، سال 1966ع کان 1968ع تائين مرحوم غلام حسين صديقاڻي وڪيل ۽ سابق ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ سيشن جج سان گڏ ڪم ڪيو. سال 1968ع ۾ فرسٽ L.L.B سنڌ ڪاليج مان پاس ڪيائين. 1969ع ۾ سيڪنڊ LLB ۾ ويٺو پر ڪن گهرو مجبورين سبب ٻن پيپرن ۾ نہ ويٺو ۽ ڪليئر نہ ڪري سگهيو.

شري ميٺارام ڪي سال 1968ع ۾ جونيئر ڪلارڪ جي نوڪري، ڊپٽي چيف انجنيئر غلام محمد ٻئراج حيدرآباد ۾ ملي. هو هڪ محنتي شخص هو. هُن رات ڏينهن محنت ڪئي. انهي نوڪري دوران پارٽ ٽائيم نوڪري 5 وڳي شام کان 6 وڳي شام تائين ڪشنچند پارواڻي ايڊوڪيٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان وٽ، 6 وڳي شام کان 7 وڳي شام ظهير حسين مرزا ايڊووڪيٽ ۽ رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج (فوتي) ۽ 8 وڳي شام کان 9 وڳي رات جو مسٽر عبدالستار شيخ ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، جيڪو هن وقت آمريڪا رهي پيو، وٽس پارٽ ٽائيم نوڪري ڪئي، جتي هُن قانون ۽ وڪالت جا سپ گُر سکي ورتا.

انهيءَ سان گڏ 1968ع کان 1970ع تائين پرائيويٽ طور ڪوئلي جو ڪاروبار بہ ڪندو رهيو. اريگيشن کاتي ۾ نوڪريءَ ۾ مزو نہ ڏسي، سال 1970ع ۾ رٽائرمينٽ ڪئي ۽ انهي سال ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ميرپورخاص ۾ ڪلارڪ ڪم ٽائيپسٽ طور مقرر ٿيو. جتي هُن سرشتيدار، مختيارڪار ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ميرپورخاص، ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايس. ڊي. ايم. ميرپورخاص ۾ نارا ويلي وٽ 1984ع تائين نوڪري ڪئي. پنهنجي تعليم کي جاري رکندو رهيو ۽ سال 1979ع ۾ LLB سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. پر پنهنجي اُڏام جاري رکيائين ۽ سال 1980ع ۾ روينيو ڪواليفائيڊ امتحان، پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد مان سيڪنڊ پوزيشن سان پاس ڪري پاڻ مڃرايو.

سال 1982ع ۾ ڪيس پروموشن ڏيئي سينيئر ڪلارڪ، اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورخاص آفيس ۾ رکيو ويو. ڪلارڪي نوڪريءَ دوران

پنهنجو پلاٽن ۾ موٽرسائيڪلن جو ڪاروبار پنهنجي دوست عبدالڪريم ذات ڇورو سان گڏ ڪندو رهيو.

1984ع ۾ کيس پروموٽ ڪري اسسٽنٽ مختيارڪار ڪري تعلقہ ميرپورخاص ۾ تعلقہ ڇاڇرو ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي 1985ع تائين رهيو. 1985 کان 1988ع تائين اسسٽنٽ مختيارڪار تعلقہ سامارو تي رهيو. 89_1988ع تائين ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، ميرپورخاص آفيس ۾ اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو.

آگسٽ 1989ع ۾ کيس پروموٽ ڪري مختيارڪار ڪيو ويو ۽ رڪوري مختيارڪار، ڊائريڪٽر ساسو داسو حيدرآباد مقرر ٿيو. جتي 1991ع تائين ڪم ڪيو. 1991ع کان 2003ع تائين مختلف تعلقن ۾ مختيارڪار ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ رهيو. جنهن ۾ شهدادپور ضلع، سانگهڙ، ڪنري ضلع عمرڪوٽ، خيرپور ميرس ضلع خيرپور، ڪراچي ايسٽ، ويسٽ، ملير ڪراچي ۾ M.O.SD بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد رهيو. انهي نوڪري دوران مهراج پريم چند سان گڏ مال جي چاري ۾ بوهہ جو بہ ڪاروبار ڪندو رهيو.

2004ع ۾ کيس پروموشن BPS_17 (EX_PCS) مقرر ڪري، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر لا، سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ميگهواڙ ڪميونٽيءَ جو پهريون فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ۽ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر جو اعزاز ماڻي، ميگهواڙ ڪميونٽي جو نالو روشن ڪيو. ماهہ مارچ 2005ع ۾ کيس بدلي ڪري، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر DDO روينيو شهدادپور ضلع سانگهڙ مقرر ڪيو ويو. جتان 17_6_2007 تي رٽائرمينٽ ڪئي. وري ڇهن مهينن لاءِ نوڪري جاري رکيائين ۽ وري پيهر 12 مهينن لاءِ نوڪري Extension ڪيائين، ۽ ماهہ مئي 2008ع Relinquished ڪيائين.

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ بہ پنهنجي جفا ڪشي جاري لکيائين جيئن تہ ڪافي وقت فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ۽ سينيئر وڪيلن سان گڏ ڪم ڪرڻ ڪري قانوني ماهر هو ۽ وڪالت لاءِ اپلاءِ ڪيو ۽ کيس آگسٽ 2008ع ۾ لوئر ڪورٽ جي وڪيل جي سَندَ ملي، ۽ سال ڊسمبر 2008ع ۾ کيس هاءِ ڪورٽ جي سند ملي، جتي اڄ تائين

وڪالت ڪندو رهي ٿو. جتي هاءِ ڪورٽ روينيو لا جا ڪيس، بورڊ آف روينيو جا ڪيس، نيب ڪيس، اينٽي ڪرپشن جا ڪيس ڪٽندو آهي. بلڪل هڪ ڪامياب وڪيل آهي. پنهنجو زندگيءَ جو سفر جاري رکيو پيو اچي. پاڻ هڪ شائستو هوشيار آفيسر، بردبار ۽ بهادر انسان آهي، جيڪو سچ چوڻ کان نٿو مڙي. نوڪريءَ دوران هُن ڪافي عزيزن کي نوڪريون ڏياريون، ۽ ميرپورخاص ۾ رهڻ وقت جيڪي ٿر جا غريب ماڻهو اسپتالن ۾ علاج وغيره لاءِ ويندا هئا، اُنهن جو پورو پورو ساٿ ڏيندو هو ۽ مالي مدد ڪندو هو.

ستارو تم تو سو جائو ہم ہی مجبور بیٹھے ہیں،
انہیں ہم یاد کرتے ہیں جو ہم سے دور بیٹھے ہیں۔

# ميجر دانش ڏناڻي

سنڌڙي منهنجا سارا ڳوڙها تو لاءِ آهن،
منهنجي جُرئت منهنجي همت تو لاءِ آهي.
منهنجي قوت منهنجي طاقت تو لاءِ آهي،
ٻانهن ۾ جيڪو آهي ٻل سو تو لاءِ آهي.

دنيا جي پوئتي پيل قومون تڏهن ترقي ڪري سگهنديون آهن، جڏهن انهي قوم ۾ ودوان، مهان ڏاها، تعليم يافتہ ۽ مسلسل جدوجهد ڪندڙ وير پيدا ٿيندا آهن. سماجي شعور، ترقي ۽ جرئت پنهنجي پاڻ نہ ايندي آهي، پر اُن جي پويان ڪي سبب هوندا آهن. ڪن ماڻهن ۽ ڏرين جي اڻ ٿڪ مستقل مزاج ۽ سنجيده ڪوشش، عملن ۽ جدوجهدن جي ڪري اهي سماج ڪڏهن آهستي، ۽ تيزيءَ سان پنهنجي شعوري ڏاڪي ۾ ترقي آڏيندا آهن. اهي اڻ ڳڻيا ڪردار ڪي ظاهر تہ ڪي گمنام فرد پنهنجي عقل، سمجهہ ۽ لڳن سان پنهنجي فني ۽ تعليمي صلاحيتن سان پنهنجي طبقي ۽ وطن جي ماڻهن، توڙي قومي ماڻهن ۾ روح ڦوڪيندا آهن، ۽ انهن جي محبت جو محور پنهنجي مارو ماڻهن جي خوشي ۽ بهتريءَ ۾ هوندو آهي. انهي سپني خوبين سان سر شار هڪ بهادر ٿر جو نوجوان دانش ڏناڻي ٿر جي مٽيءَ جي خوشبوءَ سان پريل پوميءَ تي، 12 فيبروري 1978ع ۾ هڪ مهان تعليمي آفيسر شري پيرو لال ڏناڻيءَ جي گهر اک کولي. سندس جنم ٽنڊو جان محمد ضلع ميرپورخاص ۾ ٿيو. اصل سندس مائٽ ڳوٺ منڙيو چارڻ تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جا آهن، ۽ سال 1975ع ۾ لڏي اچي ٽنڊو جان محمد ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي.

سندس ماتا جو نالو ڪملا ڏناڻي آهي، جا مٺي شهر جي ڪوکر خاندان جي مهان تعليم دان پُرش، سائين ساجنداس چنداڻيءَ جي ڌي آهي. سائين ساجنداس هڪ مهان اُستاد، جنهن پنهنجي قوم ڪي تعليم جي روشنيءَ سان منور ڪيو. سندس ڪيترائي شاگرد هن وقت وڏن وڏن عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن. شريمتي ڪملا ڏناڻي ميگهواڙ جاتيءَ جي، جنهن هڪ وڏي تعليمي عهدي تان رٽائر ڪيو.

۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ ميگهواڙ جاتيءَ جي پهرين خاتون جا 20 گريڊ ۾ ڊائريڪٽر آف اسڪولس جي عهدي تي رهي، قوم جو نالو روشن ڪيو. هونءَ بہ ڏناڻي خاندان پورو پڙهيل ۽ تعليمي ميدان ۾ اڳڀريو رهيوِ آهي. جنهن خاندان ۾ سرڳواسي ڊاڪٽر ويرسي ڏناڻي، ڊاڪٽر جئمل ڏناڻي، جو پاڪستان جو پهريون اقليتي توڙي ميگهواڙ جاتيءَ جو ڊبل Ph.D هولڊر ۽ شهيد بينظير يونيورسٽي آف وٽرنري اينڊ اينيمل سائينسز سڪرنڊ جو پهريون وائيس چانسلر جو پد ماڻيو ۽ ڊاڪٽر موهن لال ڏناڻي، اهي سڀ ڏناڻي خاندان جي مالها جا خوبصورت موتي آهن.

دانش ڏناڻي، پرائمري تعليم سال 1989ع ۾ گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول ٽنڊو جان محمد مان ورتي. مڊل 1992ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد ۽ مئٽرڪ 1994ع ۾ ساڳئي اسڪول مان پاس ڪيائين. 1996ع ۾ انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين، ۽ سال 2002ع ۾ MBBS لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان پاس ڪري، ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪيائين.

دانش ڏناڻي تاريخ 12 فيبروري 2009ع تي شريمتي پونم ڏي لڇمڻ داس ولاسيہ ڏيپلو شهر مان شادي ڪئي. جنهن مان کيس بہ پُٽ آهن، هڪ پرتڪ ايشان ۽ ٻيو دڪش سمير، جي پڙهن پيا.

1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي پاڪ فوج ۾ هندو توڙي شيڊيول ڪاسٽ جي ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ جي سخت منع هُئي، ۽ مشرف دؤر تائين ڪوبہ هندو جاتيءَ جو فرد فوج ۾ نہ هو. جناب پرويز مشرف صاحب جي دؤر ۾ مُلڪ سان وفاداريءَ جي ڪري پاڪ آرميءَ ۾ نان مسلم کي نوڪري ڪرڻ ۽ ملڪي دفاع جهڙي اهم ڪاتي ۾ ڀرتيءَ جي اجازت ڏني ويئي. پاڪ فوج ۾ نوڪري ڪرڻ جي اجازت ڪانپوءِ، اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ جا ڪيترائي نوجوان پاڪ فوج ۾ ڀرتي ٿيا آهن، ۽ اهي پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڪري رهيا آهن، ۽ بالا آفيسرن کي ميگهواڙ جاتيءَ تي پورو پورو وشواش آهي ۽ هو نوجوانن جي ڪم مان مطمعن آهن ۽ عزت ڪن ٿا.

اسان جي قوم جو پهريون بهادر نوجوان دانش به تاريخ 2006-10-30 تي پاڪ فوج ۾ ڪئپٽن طور مقرر ٿيو. سندس پهرين مقرري لاهور ۾ ٿي. جنهن تي پوري ميگهواڙ جاتيءَ کي فخر آهي جو پوري هندو ڪميونٽيءَ جو پهريون نوجوان پاڪ فوج ۾ ڪئپٽن ٿي آيو جنهن بيٺل پاڻيءَ ۾ لهرون پيدا ڪري ڇڏيون، ۽ ٻين جاتين کي ڏکيو لڳو ته هڪ ميگهواڙ پاڪستان فوج جو ڪئپٽن ٿيو. چوندا آهن جنهن جو مقدر بلند هجي، ته ان جي مهانتا کي ڪير به روڪي نه ٿو سگهي.

ڪئپٽن دانش ڏناڻيءَ کي 6 مهينا ڪاڪول ايڪڊميءَ ۾ ٽريننگ ڪرائي ويئي، جتان پهريائين پاڪ آرمي لاهور ۾ هڪ سال ڪئپٽن طور ڪم ڪيو. هڪ سال اتر وزيرستان، پوءِ هڪ سال هيٽي آمريڪا ۾ رهيو. هڪ سال ڪراچي، هڪ سال ننگرپارڪر هڪ سال چور ۽ پوءِ GHQ راولپنڊيءَ ۾ رهيو. جتي ميجريءَ جو ڪورس پاس ڪيائين، ۽ تاريخ 2014-09-12 تي ميجر پاڪ آرميءَ جو مقرر ٿيو ۽ پوري ميگهواڙ جاتيءَ جو نالو ڳاٽ هماليہ جبل کان به اوچو ڪرائي، پنهنجو نالو پاڪستان جي هندو جاتيءَ جي تاريخ ۾ پهرين ميجر جي حيثيت سان هميشہ لاءِ ورقن ۾ داخل ڪرايو.

سندس پريوار، خاص ڪري سندس ماتا ڪملا ديويءَ کي زندگيءَ جي گهڻي ۾ گهڻي خوشي تڏهن حاصل ٿي، جڏهن هُن پنهنجي پٽ دانش کي ڪاڪول اڪيڊمي ايبٽ آباد ۾ ڪئپٽن جي ورديءَ سان پريڊ ڪندي ڏٺو. اهو ڪملا ڏناڻيءَ جي زندگيءَ جو اهم ترين لمحو هو ۽ سندس مامتا جون بوندون بادلن وانگر ورسڻ لڳيون، ۽ ڪيس پنهنجي پٽ تي ناز آهي ۽ ان سان گڏ پوري ميگهہ ونس جاتيءَ کي به فخر آهي ته هو بيشمار صلاحيتن، جرئت ۽ جدوجهد سان ترقي ڪري، ڪئپٽن مان ميجر جهڙي اعليٰ پد تي پهتو آهي. شاندار اعزاز ماڻي سيني مظلوم طبقن جو سر بلند ڪيو آهي. اسان کي يقين آهي ته هو روشن مستقبل جي علامت آهي. قابل فخر ڪارناما، اٽل ارادا، فولادي جذبا ايندڙ نسل لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿيندا. اسان جي قومي نوجوانن کي انهيءَ مان سبق سکڻ گهرجي ۽ سندس

نقش قدم تي هلي پاڻ ملهائڻ ڪيو. دانش پنهنجو نالو قوم توڙي ملڪي سطح تي روشن ڪرايو.

اهڙيءَ طرح پاڪستان جي تاريخ جو ٻيون ميگهواڙ ميجر ڪيلاش ولد ڀانو مل پرڳڙو ڳوٺ ڇيلهار، تعلقہ مٺي آهي، ٽہ ٽيون ڪيپٽن، جن ۾ هڪ جيوارج ولد جڳمال گورڙيو ڳوٺ ويرهاڙ تعلقہ ڏيپلو ۽ چوٿون ڪيپٽن راجا نند ولد ڀارو ماستر ڳنڍير، ڳوٺ مير جي لانڊي تعلقہ جيمس آباد آهي.

ڪنول گُل مان ڪو ڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو
بخاريءَ ڪان ڏوڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو.
ملهائي نہ جو ٿيج جيجل جي لوڪو
اهڙو ڪوبہ ٽوڪو نہ ٿيندو نہ ٿيندو.

# ديوَ ساگر

منش سوئي جانيئي جو ڪري منش ڪاج،
منش شيوا ڪرتي هوئي ڪيي نہ آوي راج.

پاڪستان جي ميگهواڙ جاتيءَ جي پهرئين جج، شري ديوَ ساگر جو جنم 1970_08_26 جو شري راجارام والڙيا وينل جُهڏو شهر تعلقي ڊگهڙي ضلع ميرپورخاص ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو ڪيهر ڏي هيرو جي ذات پاتيا اصل (انڊيا) آهي.

پرائمري تعليم 5 درجا سال 1980ع ۾، گورنمينٽ پرائمري اسڪول محمد خان ٽالپر جهڏو مان پرائي. مئٽرڪ سال 1985ع ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جهڏو مان پاس ڪيائين. 1987ع ۾ انٽر ۽ 1989ع ۾ BA گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان پاس ڪيائين. MA پاس ڪرڻ ڪانپوءِ سال 1992ع ۾ LLB جو امتحان سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. سندس پتا هڪ غريب ۽ مسڪين ميگهواڙ خاندان جو هو. جنهن ڪيترائي ڏکيا ڏينهن ڏٺا، پر سندس دعا ۽ والده جي دعائن رنگ لاتو ۽ ڪيس پڙهائي انهي پد تي پهچايو _ سندس دوستن جو بہ پورو پورو ساٿ رهيو.

شري ديو ساگر صاحب جن سال 2001ع ۾، شريمتي ڪملا ڏي پاٽو مل، ذات پينگهور ڳوٺ ٽنڊو غلام علي، تعلقہ ماتلي ضلع بدين مان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس اولاد هڪ نياڻي انيتا ۽ بہ پٽ موهن داس ۽ تيرٿ داس آهن. ٻئي پُٽ هن وقت سينٽ جوزف اسڪول لاڙڪاڻي ۾ زير تعليم آهن.

ديو ساگر صاحب شروع ۾ سال 1993ع ۾ سب انسپيڪٽر ٿيو پوليس کاتي ۾، پراسيڪيوشن ونگ ۾ مقرر PSI پراسيڪيوشن سب انسپيڪٽر آف پوليس سال 2005 ۾ ٿيو ۽ جلد ئي ڪامپيٽيٽو امتحان جو SPS طرفان ڪرايل ڪئاليفائيڊ ڪري، ڊسٽرڪٽ اٽارنيءَ لا ڊپارٽمينٽ ۾ مقرر ٿيو.

شري ديوَ ساگر صاحب اڃا بہ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش جاري رکندو پيو اچي، ۽ تاريخ 2001_12_15 تي پاڪستان جي ميگهواڙ

جاتيءَ تاريخ جو پهريون سول جج/ جڊيشل مئجسٽريٽ طور ٽنڊو الهيار ۾ مقرر ٿيو. انهيءَ کانپوءِ ڪشمور ٺل جيڪب آباد، عمرڪوٽ، کپرو، سانگهڙ، ڪراچي ويسٽ ۽ هن وقت سول جج جڊيشل مئجسٽريٽ لاڙڪاڻو ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

شري ديو ساگر سنڌي، اردو، انگريزي ٻوليون ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهي ٿو. سندس پسنديده پوشاڪ سلوار قميص ۽ پينٽ شرٽ (ٿري پيس) آهي. شاگرديءَ واري دؤر ۾ سياست ۽ ادب سان بہ واسطو رهيو.

ديو ساگر هڪ ايماندار ۽ سچو انسان آهي. فيصلا وغيره ميرٽ جي حساب سان ڪندو آهي. پنهنجي ڪميونٽيءَ ۾ سندس عزت ۽ مانُ آهي. مهمان نواز ۽ خوش مزاج شخصيت آهي، پاڻ پاڪستان جي ميگهواڙ جاتي جا پهريان جج ٿي قوم جو نالو روشن ڪيو ۽ پنهنجي تاريخ ٺاهيائين.

انهي کان پوءِ ٻيا ٽي ميگهواڙ جج هي ٿيا آهن:

1. جناب شيام سندر ولد ايڊوڪيٽ ارجن داس پنڌار پنوعاقل ضلع سکر.
2. جناب نگارام ولد واگهومل ڪوکر، ڳوٺ جوڳلا تعلقہ اسلام ڪوٽ.
3. جناب اوم پرڪاش ولد چيلارام عمرڪوٽ.

هاري هلاءِ هر ڪي، جُهڙ ڏسي نا جهج،
موڙها محبت مينهن ۾، ٻيرا ڏيئي ٻج،
تہ آخر اها وٺ تو تي، چمڪي چانڊاڻ ڪري.

# ڪلارام جئپال

(1907ع کان 1941)

گوندر گذاريم ڪاپڙي، پتر وجن نہ پاڻ،
تن آيل آديسين جي، روئان ڪاڻ رهاڻ،
هت نہ پسجن پاڻ، ويو ويراڳي نڪري.

اسان جي ميگهہ ونس جاتيءَ جي تاريخ تي نظر ڊوڙائيندا سين تہ ان ۾ گهڻو حصو ڏک دائڪ رهيو آهي. اهو ظلم ٻيو ڪنهن بہ نہ ڪيو صرف اوچ ذات وارن ڪيو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ بہ وڏي ڪٽرپڻي جا شڪار رهيان آهن. جيئن اسان جي وڏڙن طرفان ٻڌايل آپبيتيون ٻڌائين ٿيون تہ اسان ماڻهن سان انهن جانورن کان بہ بدترين سلوڪ ڪيو. اهڙي وقت جي ظالم سماج ۾ ميگهواڙ جاتيءَ جا رهنما ۽ رهبر پيدا ٿيندا رهيا. ۽ دنيا ۾ ڪجهہ هستيون اهڙيون آهن، جيڪي هر ڪنهن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زنده رهنديون آهن. هونءَ بہ اسان جي قبيلي جي هيرن جو سماج ۾ مانُ ۽ مرتبو اعليٰ ترين، ۽ بلند آهي. اهڙي هڪ هستيءَ جي نانءِ اج ڪُجهہ ساروڻيون لکان ٿو. جنهن سور وير جو نالو ڪلارام جئپال هو. جيڪو ڪنهن سڃاڻپ جو محتاج نہ آهي. اهو انسان هڪ چندن جو وڻ هو، جنهن جي هُٻڪار صدين تائين ٿر جي پٽن ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ محسوس ٿيندي رهندي. هو هنج تہ هليو ويو پر سندس نالو اج بہ ميگهواڙ جاتيءَ جي دلين تي نقش ٿيل آهي، جو ڪڏهن بہ ميسارجي نٿو سگهي. انهي سور وير شري ڪلارام جئپال سال 1907ع تي، شري آسو مل جئپال ڳوٺ لوڻيو تعلقہ مٺيءَ ۾ جنم ورتو. سندس ماتا شريءَ جو نالو سرو ڏي آنبو ذات ڀدو ڳوٺ صابوسڻ، تعلقہ ننگرپارڪر جي هئي. پاڻ پنج ڀائر هئا. 1. وڏو ننڊو جو هاري هو 2. پاڻ ڪلارام 3. هرجي هاري 4. پدمون هاري 5. مهاوجي اهو بہ کيتي واڙي ڪري پنهنجو گذر معاش ڪندا هئا.

پاڻ شروعاتي پنج درجا سنڌي پرائمري اسڪول لوڻيو ۾ پڙهيو. فائينل هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان پاس ڪيائين، ۽ مئٽرڪ

ممبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. جيئن تہ اُنهي دؤر ۾ پڙهيل گهٽ هوندا هئا, تنهن ڪري جلد ڪيس هيڊ منشي روينيو مٽيءَ مقرر ڪيو ويو. هي مظلوم جاتيءَ جو پهريون فرد هو. جو ايڏي عهدي تي رهيو. اهو سرڳواسي سائين ڪرشن لال ننگرواسي پنهنجي جيون چريتر ۾ لکيو آهي, ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريون مختيارڪار جو اعزاز ماڻيو. هو سهڻو ۽ قداور شخصيت جو مالڪ هو. سدائين پينٽ شرٽ ۾ هَشاش بَشاس نظر ايندو هو. انهي ڇاپ ڇيپ واري زماني ۾ هيڻين ذات جي ماڻهن لاءِ ائين زندگي بصر ڪرڻ, ڄڻ ڪاريهرتي پير رکڻ جي برابر هو.

پاڻ شادي شريمتي تلسي, ڌي گلو مل ڪوکر چنداڻي مٺيءَ مان ڪئي. شريمتي تلسي, جيڪا ميگهواڙ جاتيءَ جي مشهور تعليم دان, سائين ساجنداس چنداڻي صاحب جي ڀيڻ هُئي. جنهن مان ڪيس اولاد هڪ نياڻي ستو ٻائي, جا شري جواهر لال مختيارڪار ڇيلهار سان شادي ڪرايل هُئي, جو حيات ڪونهي. هڪ پٽ ڪستورو مل, جو بہ حيات نہ آهي. سندس پريوار هن وقت مٺي شهر ۾ رهائش پذير آهي.

شري ڪلارام جئپال پنهنجي جاتيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. هڪ سماج سڌارڪ طور جاتيءَ ۾ سڄاڳي آڻڻ لاءِ پوري حياتي ڪوشش ڪئي. غريب ماڻهن لاءِ پڊ منظور ڪرايا ۽ ميگهواڙ جاتيءَ لاءِ پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوھ بہ کوٽرايا.

هو هڪ بهادر, بااخلاق ۽ مهان شخصيت هئي. شري ڪلارام جئپال صاحب مٺي ڪانپوءِ ڏيپلو ۾ هيڊ منشي رهيو. پوءِ ڇاڇرو ۽ انهي ڪانپوءِ ننگرپارڪر بدلي ٿيو. جتي هُن ڪافي قومي سجاڳي آندي. آخر ڪيس بخار جي حالت ۾ هڪ عطائي ڊاڪٽر, ڪانجي مل جي اسپتال مان انجيڪشن لڳائي وئي, ۽ ٿوري دير ۾ هُن دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. هڪ روشن ديپ هميشہ لاءِ وسامي ويو. جوان جي موت تي هر هڪ کي دل کي درد رسيو. اهو سال 1941ع جو واقعو هو. سندس مرڻ ڪانپوءِ مختيارڪاري جو پڪو آرڊر بہ اچي ويو هو پر پرديسي پکي پرواز ڪري چڪو هو. اهڙيءَ طرح هي جاتي هڪ مهان ۽ دلير انسان

ڪان هميشه لاءِ خالي ٿي ويئي. سندس سمادي ڪارونجهر جي هنج ۾ ٺهيل آهي.

تون جي آن، گُلڙن سندو گلدان آ،
تون جي ناهين، زندگي شمشان آ.

# وينجهراج گوماڻي ”تنها“

تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آئون ڏهہ،
تون پارس آئون لوهہ، جي سَڃِين تہ سونَ ٿيان.

وينجهراج گوماڻيءَ کي عام طور ”وينجهراج تنها“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس پيدائش تاريخ 1960_02_02 جو ڳوٺ پوڄاسر تعلقي مٺي، ضلع ٿرپارڪر ۾ مهر لال ذات ٻڙهيو جي گهر ۾ ٿي. ماتا جو نالو ٻيري ڏي سومار ذات پرڳڙو ڳوٺ مصري ميمڻ لڳ اسلام ڪوٽ جي هئي. سندس وڏا اصل مٺي شهر جا رهاڪو هئا، جيڪي بہ پيڙهيون اڳ ۾ شهر ڇڏي سک سانگي ڳوٺ پوڄاسر وڃي رهيا. سندس ابن ڏاڏن جو ذريعو معاش مال متاع ۽ ٻني ٻارو ڪرڻ هو. انهي جي ڪٽنب ۾ سندس پتا جو مامون زاد ڀاءُ لڌارام نالي اُن وقت ٻيلي ڪاتي ۾ ٻيلدار هو، جڏهن پوڄاسر ۾ ٻيو ڪوبہ ڇوڪرو مئٽرڪ پاس ڪونہ هو. لڌارام جي ٻيلداريءَ واري حيثيت ڳوٺ ۾ ايتري تہ اهم هُئي، جو سڄي ڪٽنب جا ڀاتي ڀڳوان جي بدران لڌارام جو قسم کائيندا هئا. انهي شيءِ وينجهراج کي ترغيب ڏني، تہ عزت پرائڻ لاءِ مال چارڻ کي ڇڏي پڙهڻ کپي. حالانڪ تقريباً ڏهہ سال عمر ۾ پير پاتو هئائين پر علم جي پرائڻ جي شوق ۾ ماٽئن کان موڪلائي، پنهنجي ناناڻن (ڳوٺ مصري ميمڻ) ۾ اچي رهيو ۽ اسلام ڪوٽ ۾ 1969ع ۾ هريجن ڪالوني اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي لگن سان تعليم جاري رکي، ۽ اسلام ڪوٽ شهر مصري ميمڻ ڳوٺ 8 ڪلوميٽر روزانہ پيادل پنڌ ڪري اسڪول ويندو هو ۽ شام جو واپس ايندو هو. جڏهن ٽئين درجي ۾ پهتو تہ 1971ع جي پاڪ ڀارت جنگ لڳي، ۽ انهن جو ڳوٺ ڀارتي فوجن جي قبضي هيٺ اچي ويو. انهي ڪري هُن جا 2 سال ضايع ٿيا. پر هُن جي علم سان لگن ۾ فرق نہ آيو ۽ جڏهن اندرا پٽو ناهہ ٿيو ۽ فوجون واپس هٽيون، تہ هن وري ٽئين ڪلاس کان پنهنجي ڇڏيل پڙهائي شروع ڪئي. سن 1975ع ۾ پنجون درجو پاس ڪيائين. ان سال ڏُڪار جي صورتحال هئي. انهي ڪري هو پنهنجي پتا سان گڏ مزوري ڪندو هو. پنهنجي پتا جي

ناراضگيءَ جي باوجود هُن ڇهين ڪلاس ۾ اسلام ڪوٽ ۾ داخلا ورتي، ۽ هر سال موڪلن جي ڏينهن ۾ مزدوري ڪندو هو ۽ پڙهائيءَ جي ڏينهن اسڪول اٽينڊ ڪندو هو. جڏهن اٺين ڪلاس ۾ پهتو تہ اسلام ڪوٽ ڇڏي هاءِ اسڪول مٺيءَ، سن 1978ع ۾ هاءِ اسڪول ۾ مٺيءَ ۾ داخلا ورتائين. جلدئي ٻن ٽن مهينن اندر کيس ڪلاس جو مانيٽر بنايو ويو. جيڪو مئٽرڪ پاس ڪرڻ تائين رهيو. سن 1978ع ۾ مڊل اسٽينڊرڊ جو بورڊ جو امتحان ڏنائين، 71 سيڪڙو مارڪون کڻي سڄي ضلع ۾ پهريون نمبر آيو. ۽ عمر وڏي هجڻ ڪري اسڪالرشپ نہ ملي سگهي. سن 1980ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. ميٽرڪ ۾ ٿرپارڪر جي چارئي هاءِ اسڪولن ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين، 73 سيڪڙو مارڪن سان سندس نالو اڃ بہ مٺي هاءِ اسڪول جي بورڊ آف آنرس تي لکيل آهي. پوءِ گورنمينٽ ڪاليج مٺيءَ مان انٽر ميڊيئيٽ ڪرڻ کانپوءِ، زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ سن 1984ع ۾ داخلا ورتائين. ان وچ ۾ سن 1982ع کان مارچ 1984ع تائين ڳوٺ ٽاپو ميگهواڙ ۾ پرائمري ماستر بہ رهيو. سن 1990ع ۾ ٽنڊو ڄام مان ايم. ايس. سي (آنرز) ڪيائين، بہ ٽي سال بي روزگار ڪاٽڻ کانپوءِ 1994ع ۾ ڪميشن پاس ڪري، ايگريڪلچر آفيسر (BPS-17) طور حيدرآباد ۾ پنهنجي ڪئرئر جي شروعات ڪيائين. تاريخ 8-3-1994 کان 1-9-1997 تائين ان بعد اسسٽنٽ ريسرچ آفيسر (BPS-17) ريسرچ انسٽيٽيوٽ ٽنڊو ڄام، 2-9-1997 کان 26-2-2002 تائين رهيو. تنهن کان پوءِ ايگريڪلچر آفيسر سنڌ زراعت کاتو مٺي 23-2-2002 کان 30-4-2005 تائين نوڪري سرانجام ڏيڻ کانپوءِ، 26-2-2011 کانپوءِ پهرين مئي 2005ع کان اسٽيبلشمينٽ ڊويزن اسلام آباد ۾ ڊيپوٽيشن تي وڃي دخلڪار ٿيو. جنتي کيس 2008ع ۾ آفيس مئنيجمينٽ گروپ (OMG) ۾ ضم ڪيو ويو. ميگهواڙ برادريءَ جو فيڊرل سيڪريٽريٽ ۾ (OMG) او. ايم. جي. جو پهريون آفيسر هئڻ جو اعزاز بہ کيس ئي حاصل آهي. سن 2011ع ۾ کيس (BPS-18) ۾ ترقي ملي، ۽ انهي سال جون 2011ع ۾ سنڌ حڪومت ۾ تعليم کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري طور مقرر ٿيو. جتان وري 2012 -5-4 کان واپسي

تي، ۽ اڄ تائين وزارتِ داخلا ۾ سيڪيورٽي معاملات جھڙي اهم ذميواري نڀائي رهيو آهي.

وينجھراج ”تنها“ شادي تاريخ 1990-12-31 تي نالي ديوي ڏي تاراچند ذات ڪاڳيہ ڳوٺ داديو هاليپوٽو تعلقي ڇاڇرو سان ڪئي. جنهن مان کيس اولاد ست نياڻيون ۽ ہ پٽ آهن. سڀني کان وڏي ڇوڪري بيچلرز ڪامن آرٽس ۾ زير تعليم ۽ وڏو ڇوڪرو انٽر ۾ پڙهي پيو. پارڻ ڍاٽڪي، سنڌي، سرائڪي، پنجابي، اردو ۽ انگريزي ٻوليون ڳالهائي سگهي ٿو. پسنديده مفڪر، گرو رجنيش ۽ ڪارل مارڪس ۽ پسنديده شاعر، لطيف سائين ۽ شيخ اياز. پسنديده ناول نگار ڪرش چندر ۽ قرت العين حيدر ۽ نورالهديٰ شاهہ. ميگھواڙ ڪميونٽيءَ ۾ پسنديده شخصيتون، ڊاڪٽر سونو ڪنگهاراڻي ۽ سرڳواسي تنو مل ڪلاڻي، سندس ہ ناول لکيل 1. پاپڙ 2. آشا، جيڪي قسطوار عبرت مئگزين ۾ ڇپيا. انهي ڪانسواءِ مختلف موضوعن تي لکڻيون، آرٽيڪل تجزيہ ۽ شاعري مختلف رسالن ۽ مختلف اخبارن ۾ ڇپيا آهن. وينجھراج ”تنها“ تعليم ۾ شروعات کان وٺي مئٽرڪ تائين پوزيشن هولڊر رهيو.

ميگھواڙ ڪميونٽيءَ جو پھريون OMG آفيسر، ۽ پھريون فيڊرل سيڪريٽريٽ ۾ آفيسر رهيو. پھريون ميگھواڙ جيڪو ڊپٽي سيڪريٽري (سنڌ سيڪريٽريٽ) ۽ پھريون ميگھواڙ پھريون هندو پھريون ٿر ڄائو وزارت داخلا ۾ آفيسر، سيڪيورٽي مئٽرس کي اُڪلائيندڙ ۽ هندو جتي سنڌي مسلم کي ہ گھٽي ڇنڊڇاڻ کانپوءِ پوسٽنگ ڏيندا آهن. وينجھراج ”تنها“ اڄ تائين سرڪار طرفان مليل نوڪري ايمانداري ۽ سچائي سان نڀائي رهيو آهي.

# سارنگ رام صوبيدار

(1929_03_17 کان 1993_11_26)

دودا ڌرتيءَ جا ڪري ناز اوهان تي پيو مهراڻ،
ڪڏين ڪنهن جي نہ ڪاڻ، سورهيہ سنڌ جا.

ميگهواڙ جاتيءَ مهان رُتبو رکي ٿي. هن جاتيءَ مهان رکيشور، ساڌو، سنت، ڪوي، ڪلاڪار ۽ مٽيادار موتي پيدا ڪيا. جن پنهنجي وقت ۾ وڏيون قربانيون ڏيئي ڌارمڪ، سماجي ۽ اخلاقي سکيا جا گُڻ سيکاريا، پريم ڀاوي ۽ ايڪتا بابت رهنمائي ڪئي. اهڙو ئي هڪ سچو ۽ بهادر انسان سرڳيہ سارنگرام هنجڙو تاريخ 1929_03_17 تي ڳوٺ ڪلٽهار ڪارو تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾، سرڳواسي لڌارام هنجڙو جي گهر اک کولي. سندس ماتا جو نالو ماهو ذات ولاسيہ ڳوٺ گرڙي تعلقہ ڏيپلو جي هُئي. پاڻ شادي سال 1950ع ۾ ڳوٺ ننائي تعلقہ ڏيپلو مان، شري ٿوهو ٻڙهيو جي سپتري جامون ٻڙهيہ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي جيڪا هيلاريو پير جي ڀاڳچند ڪوڪر، رٽائرڊ پوليس آفيسر سان شادي ڪرايل آهي حيات آهي، ۽ ٽي پٽ 1. ملڪرام رٽائرڊ HST 2. ڪانجي جيڪو زميندار ۽ وڪيل آهي 3. منو مل جيڪو انجنيئر سئي گيس ۾ آهي، ٽيئي شادي شده آهن.

سارنگ رام سال 1957ع ۾ ڪلٽهار ڪارو مان لڏي ڳوٺ ڏاچري رهيا. جتان سال 1971ع ۾ لڏي پنهنجو ذاتي ڳوٺ صوبيدار سارنگرام واٽر ڪورس نمبر 4 ٻڌايو. جتي رهيا ۽ اڄ بہ سندس پريوار اتي رهائش پذير آهي.

1922 کان 1927 ۾ پاڻ 6 درجا سنڌي پرائمري، اسڪول ڪوٽ مير محمد ملڪ مهر تعلقہ ڏگهڙي مان پاس ڪيائين. جلد ئي تاريخ 1948_03_17 تي پوليس ڪاتي ۾ پوليس ڪنسٽيبل طور مقرر ٿيو انهي وقت سندس پگهار 35 روپيہ ماهوار هو ۽ پهريائين ٽاٽو پوليس اسٽيشن جکڙائو ضلع ٿرپارڪر، حال سانگهڙ ۾ مقرر ٿيو.

هي ميگهہ ونس جاتيءَ جو پھريون شخص هو جنھن پوليس ۾ انسپيڪٽر جي پوسٽ تان رٽائر ڪيو. پاڻ سال 1948 کان 1950 تائين ضلع ٿرپارڪر، سال 1950 کان 73_1972ع تائين سانگھڙ ضلع ۾ سال 75_1974 ضلع ٺٽو ۽ 71_1970 ۾ دادو ضلع ۾ نوڪري ڪئي، پوليس اسٽيشن نئون ڪوٽ، مٺي، جھڏو، ٻلھياري ڏيپلو تعلقہ، دادو، جھرڪ، جُھن، پيرو مل ۽ سجاول ضلع ٺٽي ۾ نوڪري ڪئي. پوليس جي نوڪري دوران هُن ڪڏهن بہ نا انصافي نہ ڪئي. سچائي ۽ ايمانداريءَ سان وقت گذاريو. اڄ بہ سندس باري ۾ ڪوبہ ماڻھو Negative راءِ نہ ڏيندو آهي. سندس سوچ هوندي هئي تہ ٻارن کي پڙهايو ۽ هميشہ چوندو هو تہ تعليم ڪانسواءِ انسان انڌو آهي ۽ پنھنجي اولاد کي تعليم ڏياري نوڪريون ڏياريون، جيڪي اڄ بلڪل خوش آهن.

سارنگرام جي سٺي ڪارڪردگي ڪري پوليس کاتي 1970 ۾ ڪيس پروموشن ڏيئي ASI Inspector جو عھدو ڏنو. ڊاڙيلن کي ڪيس نمبر 462_3pp_378_402_383_417 جي سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ڪيس انھي وقت 75 روپيہ ڪيش ايوارڊ ۽ Good Work طور سپرنڊنڊنٽ پوليس ٺٽو طرفان سنڌ پوليس Commendation Certificate تاريخ 1974_03_21 تي ڏنو ويو. جو سندس سٺي ڪارڪردگيءَ جو ثبوت آهي.

سال 1955 ۾ اوچتو ٺٽو ۾ مڪليءَ وٽ ٽرڪ ۽ ڪار جي ٽڪر ۾ زخمي ٿي پيو ۽ Disable ٿي پيو. جو پوري زندگي اُنھي حالت ۾ رهيو ۽ انھي ڪري سال 1975 ۾ پنھنجي سٺ سال عھدي تان رٽائرمينٽ ورتي. هُن باقي زندگي پنھنجي ڳوناڻن کي اريي چڏي پاڻ ۾ ايڪتا پيدا ڪرڻ، ٻارن کي اخلاق ۽ سٺي تعليم ڏيارڻ لاءِ همٿائيندو هو ۽ پاڻ هڪ بااخلاق انسان هو ۽ مھمان نواز هو ۽ غريب ماڻھوءَ جو پرجھلو هو. هميشہ مالي مدد ڪندو رهندو هو. اهڙيءَ طرح زندگيءَ جو سفر هلندي، آخر هڪ ميگهہ ونس جاتيءَ جو هڪ بهادر انسان تاريخ 1993_11_26 تي سيني کان وڇڙي ويو ۽ وڃي پنھنجي حقيقي مالڪ سان مليو.

# سوجو مل جمعدار

(09-02-1915 کان 30-05-1988)

ڪوچ ڪري ويا سڀئي، هن سنسار مون،
پير پيغمبر، اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا،
گياني ڌياني گرهستي، ”سامي“ پنڌ پيا،
سڀئي عيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ ڪي.
(سامي)

ڪي ڪي منش املهہ ۽ بهار باغ هوندا آهن، جيڪي پنهنجي مختصر زندگي ۾ ايترو وڏو ڪم ڪري ويندا آهن، ۽ پنهنجو نالو ڇڏي ويندا آهن، جو پويان صدين تائين ياد رکندا آهن. اسان جي ميگھہ ونس ۾ هونءَ تہ ڪيترائي استاد، شاعر، اديب، آرٽسٽ، سماجي ڪردار، سنت ٿي گذريا آهن، پر ميگھہ ونس پهريون بهادر جمعدار شري سوجومل، جنهن تاريخ 09-02-1915 تي منجي ٻاروپار، ڳوٺ پاٻوهر تعلقہ مٺي، ضلع ٿرپارڪر جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا شري جو نالو لاڇان ٻائي، ڌي ڏاهو مل ذات جوڳو، ڳوٺ هاري مار تعلقہ مٺي جي هئي. سندس ماتا ٻن جاڻن ٻارن کي جنم ڏنو وڏو سڄڻ مل ننڍو سوجومل. سڄڻ مل ڪونہ پڙهيو پر ڇهن سان جي عمر ۾ سوجو مل کي مائٽن پرائمري اسڪول پاٻوهر جيڪو 1921ع ۾ کليو هو. سال 1921ع ۾ داخل ڪرايو ۽ سوجو مل پهريون بينچ جو شاگرد هو. انهي وقت اسڪول جو ماستر ڪيتارام مهيشوري مٺيءَ جو واسي هو. سوجومل پڙهائي ۾ هوشيار هو استاد سندس پتا کي چيو تہ توهان جو پٽ هوشيار ۽ ذهين شاگرد آهي، تنهن ڪري هن کي اڳتي ضرور پڙهائجو. پرائمري پاس ڪري انگريزي پڙهڻ لاءِ مٺيءَ ۾ داخل ٿيو. اُن وقت مٺي ۾ E.V Class پنج درجا هُئي. ان وقت سوجو مل جا ڪلاسي 1. ڪينراج ٺڪر پاٻوهر 2. اکيراج ٻاوو مٺي، 3. روچيرام وڪيل مٺي جو حيات آهي. 4. سگاڙچند ننگر پارڪر 5. طاهراڻي وڪيل ڏيپلو 6. محمد عرس بجير مٺي، جيڪي ان وقت جون مشهور هستيون ٿي گذريون آهن. مٺيءَ مان پنج درجا پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ٿر ۾ هاءِ

اسڪول ڪونہ هو. ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ هاءِ اسڪول هُئا. سڳاڙچند ۽ سوجومل کي پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو. سڳاڙچند جي مالي حالت ٺيڪ هئي ۽ سوجومل جو پتا تمام غريب هو ۽ انهي وقت ڪراچي تہ وارن لاءِ ولايت لڳندي هئي، پر مائٽن سڳاڙچند ۽ سوجومل جو پڪو ارادو ڏسي، کين اڳتي پڙهايو. ان وقت ڪانگريس هلچل هئي ۽ ڪانگريس وارا امير سيٺ ڪجهہ مدد ڪندا هئا. هن جي پيءُ نيٺ پٽ سٽ ڪري 7.50 ساڍا ست روپيہ ڪري ڏنائين. ان وقت ٽرين جهڏو شهر تائين ايندي هئي، جتان ٽرين رستي ڪراچي ويا. ان وقت ڪراچيءَ جو ڪرايو اڍائي روپيہ هو. جتي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتي ڪانگريسي سيٺين سٺي مدد ڪئي. ان ڪانسواءِ اسڪول ٽائيم ڪانپوءِ ڪلاڪ ڪن چمڙي جي مشين تي پنن تي بڪائي بہ ڪندو هو تہ اُتان ڪجهہ رقم ملي ويندي هئي ۽ گذارو ٺيڪ ٿيندو هو ۽ ڪجهہ امير شاگرد گڏ پڙهندا هئا. اُهي بہ غريب تہ جو شاگرد ڏسي پينون پينسل ۽ ڪتاب وغيره وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندا هُئا. جتي هُن انگريزي پنجون ڇهون پاس ڪيو پر واپس ڳوٺ نہ آيو. ڪيس ڊپ هو تہ واپس ويس تہ سندس پتا وري ڪونہ ڇڏيندو. اوچتو سوجو مل کي مدي جو بخار ٿي پيو. ڊاڪٽر صلاح ڏني تہ تون ٿر وڃ، آبهوا بدلائي اچ، نہ تہ ٺيڪ نہ ٿيندين. سوجو مل ان وقت ميٽرڪ ۾ اچي چڪو هو. ٿر ۾ اچڻ کان پوءِ بلڪل ٺيڪ ٿي ويو. پنهنجي پتا کي چيائين تہ هاڻي ڪراچي وڃان ٿو آخري سال آهي، مئٽرڪ پاس ڪري اچان، پر سندس پتا کيس ڪونہ ڇڏيو ۽ پوليس کاتي ۾ درخواست نوڪري لاءِ ڏني، ۽ 15 ڏينهن 1934ع ۾ آرڊر مليو. جو ڏيپلي ٿاڻي تي ننڍو منشي ڪري مقرر ڪيو ويو ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو پهرين پوليس جمعدار جو اعزاز ماڻيو. انهي وقت روينيو جو هيڊ منشي ڪلارام جئپال لوبڻ واسي هو. ڏيپلو ۾ ڪجهہ وقت رهڻ ڪانپوءِ اسلام ڪوٽ مقرر ٿيو. جتي پوليس جي سواري لاءِ اٺ مليل هوندو هو. اسلام ڪوٽ ڪانپوءِ گهوڙي سوار جُهن ٿاڻو مقرر ٿيو. ان وقت ايس. پي صاحب، جنهن کي اُن وقت ڪماني صاحب چوندا هُئا، جڏهن دوري تي آيو. SP صاحب جي لاءِ رسائي ۽ انتظام تمام سٺو

ڪيو ھو جنھن تي ايس. پي. صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بروقت ڪيس اُتيئي جمعدار جو آرڊر ڏنو. جتي ھو ٽي سال رھيو. تنھن کان پوءِ رحمڪي بازار تعلقہ ڏيپلو ۾ ھاڙھو ننگرپارڪر ۾ بہ رھيو. رحمڪي ٺاڻي جي اھا حالت ھُئي، جو لاڙ جي زميندارن جون چانورن جون قطارون ڪڇ ڏانھن اسملنگ ٿينديون ھيون. پوليس ٺاڻو بند ڪري ڇڏيندي ھئي، جيستائين قطار لنگھي وڃي. ايترو زميندار جو پوليس تي اثر ھو. پر سوجو مل جڏھن مقرر ٿيو تہ ھُن پھريائين سيني زميندارن کي اطلاع ڪيو تہ آئون ڪابہ قطار اسملنگ ٿيڻ ڪونہ ڏيندس، پوءِ جيئن ھوندو تيئن ٿيندو ۽ پوءِ قطارون رحمڪي بازار کان ٻئي طرف کان وڃڻ لڳيون. ان وقت لاڙ جو ٻوھڙ نالي زميندار مشھور ھو، جنھن جا گھٽ ۾ گھٽ اڍائي سو اُٺ اسملنگ جي ڪاروبار ۾ ھلندا ھُئا. نيٺ سوجي مل پنھنجا ماڻھو انھن لنگھن تي CIA طور ويھاريا. ھڪڙي ڏينھن CIA طرفان خبر ملي تہ ٻوھڙ جي قطار رڻ ۾ داخل ٿي ويئي آھي، جنھن ۾ اڍائي سو اُٺ ۽ پنجاھہ ماڻھو آھن. سوجو مل يڪدم پوليس سوارن کي حُڪم ڏنو ۽ سيني گھوڙن تي سوار ٿي، رڻ اندر ڇھن ميلن تي وڃي قطار جو گھيرو ڪيو. قطار کي گھيري ڪرڻ وقت ٽي سوار، ھڪ پنھنجو اسپيشل ماڻھو ۽ پنجون پاڻ جمعدار ھو. شروعاتي قطار وارن ڏاڍي ڪاوڙ ڏيکاري تہ پوليس رحمڪي ۾ رھي ڪونہ سگھندي، ھي ٻوھڙ جي قطار آھي، سوجو مل چيو تہ اسان رحمڪي رھڻ ڪونہ آيا آھيون، اسان ڊيوٽي ڪرڻ آيا آھيون. ٻوھڙ جو نالو اسان بہ ٻڌو آھي باقي ھاڻي سرن جا سودا آھن. قطار ھتان اسان کي ماري پوءِ اڳتي ويندي ۽ مقابلو بلڪل ٿيندو، پوءِ ڪٿن سڀ ڪنھن جا ڀاڳ نصيب. ھُنن ڪافي تولا ماسا ڪيا پر ڏٺائون تہ پوليس ھٺڻ واري ڪونھي ۽ خونريزي ٿيندي، تڏھن انھن مجبور ٿي ھار مڃي ۽ پيش ٿيا. سوجو مل حڪم ڪيو تہ جيڪي بہ ماڻھو آھن، اُھي پنھنجو پاڻ پويان ھٿ ٻڌي پيش ٿيندا وڃن. سيني ماڻھن جي پيش ٿيڻ کانپوءِ قطار واپس آڻي ٺاڻي تي آندي ويئي. پوءِ انھن جو فيصلو ٿيو جنھن ۾ 20 اُٺ ۽ 3 ماڻھو چالان ڪيائون ٻين کي موڪل ڏنائون.

ڪجهه وقت گذرڻ بعد بوهڙ پنهنجو خاص ماڻهو موڪلي، سوجو مل کي دعوت ڏنائين. اهو به چيائين ته جعمدار کي چئج ته رحمڪي تي ڪافي پوليس رهي وڃي آهي، ليڪن ميگهواڙ جا پُٽ، آئون توکي داد ڏيڻ لاءِ دعوت ڏيان ٿو. نيٺ سوجو مل وقت ڪڍي بوهڙ کي ٽائيم ڏنو ۽ دعوت تي ويو. بوهڙ تمام سٺو انتظام رکيو هو. بوهڙ انهي تر جا سيئي سمگلر زميندار گهرايا ۽ سڀ دعوت ۾ شريڪ ٿيا. سيني سوجو مل کي سٺو داد ڏنو ۽ بوهڙ پاڻ هڪ لونگي انصاف ۽ دليري لاءِ سوکڙي طور پيش ڪيو. ٻه ڏينهن پاڻ وٽ ترسائي پوءِ پاڻ گڏجي رحمڪي سوجو مل کي ڇڏڻ آيو.

سرڳيه سوجو مل شادي شريمتي ٽانو ڏي والم ذات گورڙيو ڳوٺ ويڙهار تعلقه ڏيپلو سان ڪئي، جنهن مان ڪيس اولاد ٻه پٽ ٿيا. هڪ ڪينرو مل 2. هرچند ۽ نياڻي ڪانه هُئي. ٻئي پٽ پرائمري ماستر ٿيا جيڪي رٽائرڊ آهن. ڪينرو مل جي پهرين نوڪري مقرري اسڪول ڪٻڙي تعلقه ننگر پارڪر جي آهي، جيڪو ڳوٺ ڪاپڙي خان کوسي جو آهي. جتي ڪوسا سڀ سوجو مل جا دوست هئا، جيڪي استاد ڪينرو مل جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. هرچند به هڪ سٺو ۽ مهان استاد هو. جنهن ڪيترين ئي اونده دلين ۾ تعليم جي روشنيءَ جا ديپ جلايان جيڪي اڄ به روشن آهن.

سوجو مل ميٽرڪ فيل هو پر انگريزي ۽ گرامر ۽ رياضيءَ ۾ تمام سٺي مهارت حاصل هُئس، ٻارن کي پڙهڻ لاءِ همٿائيندا هُئا ۽ شام جي ٽائيم ڳوٺ جي ٻارن کي بنا معاوضي پڙهائيندا هُئا. ۽ ڪيس تعليم سان گهڻو لڳاءُ هوندو هو. انهيءَ ڪانسواءِ ڏرم سان لڳا هئڻ ڪري، ڌرمي پستڪ سدائين پڙهندا هئا. ڳوٺ ۾ ست سنگ هوندو هو ته خاص دعوت ڏيئي گهرائيندا هئا، جيئن ڌرمي پرچار ڀڳتيءَ بابت ٻڌائي سگهي.

ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو. ڳوٺ ۾ ڪو فيصلو هوندو هو ته به سوجو مل کي گهرائي، ان جي فيصلي تي عمل ڪندا هئا. ڳوٺ ۾ ڪو آفيسر وغيره ايندو هو ته سوجي مل کي گهرايو ويندو هو ته جيئن آفيسر کي ڪچهريءَ مان مطمعن ڪري. هڪڙي دفعي محمد

اسماعيل عرساڻي صاحب، جيڪو ان وقت جو D.I.S ٿرپارڪر هو جنهن جو پروگرام پاٻوهر ۾ ٿيو. استادن سوجو مل کي گهرايو ۽ جڏهن سوجو مل سان ملاقات ڪري ڪچهري ڪئي، ته تمام گهڻو خوش ٿيو جو ڏيڍ ڪلاڪ وڏيڪ ترسي پيو. انهي ڪانپوءِ جڏهن به مٺي منزل انداز ٿيندو هو ته ڪچهريءَ لاءِ سوجو مل کي گهرائيندو هو ۽ سلام موڪليندو هو. محمد عمر سمون پهرين سپروائيزر تعليم هو پوءِ SDEO مٺي گهڻو وقت رهيو. اهو سوجو مل جي ڪچهريءَ مان ايڏو خوش هو جو ڪيس چوندو ئي گرو صاحب هو.

سوجي مل جهڙا بهادر سپاهي، سچا ۽ ايماندار انسان ڪڏهن ڪڏهن جنم وٺندا آهن، جنهن تي پوري قوم کي ناز آهي ۽ رهندو. دنيا هڪ مسافر خانو آهي جنهن ۾ ڪي ايندا آهن ته ڪي ويندا آهن، ته ڪي اچڻا آهن. اهو ڀڳوان جي جوڙ جو سلسلو هلندو رهندو. اهڙيءَ طرح تاريخ 30 مئي 1988ع جو هيءُ مهان ۽ آدرشي انسان 73 سالن جي ڄمار پوري ڪري، اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو ۽ سندس آتما پرماتما سان وڃي ملي.

وڇڙڻ تنهنجو پن ڇڻ جهڙو،
منُ منُ اڄ مُرجهايل آهي.

# ڏامرو مل ڪاڳيہ

(15–12–1922 ڪان 25–8–2003)

اوهين بہ ڪي وسارڻ جهڙا آهيو
اوهان سان تہ جِيءَ جون جڙيون آهن.
اسان جو ڏن ۽ دولت اهوئي آ،
اوهان سان گهاريل گهڙيون آهن.

سنڌ ۾ ٿر ڌرتيءَ جو اهڙو صوفياڻہ مزاج آهي، جنهن پنهنجي ڪُک مان اهڙين مهان، آدرشي هستين کي جنم ڏنو آهي، جن جي خوشبو ۾ هڳاءُ آهي. انهن هميشہ پيار ۽ پاپوهہ جو پيغام عام ڪيو ۽ پنهنجي صلاحيتن ۽ فڪر ذريعي پيار جي روشني کي پکيڙيو ۽ اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. اهڙن خوبصورت ۽ سُنن ماڻهن ۾ هڪ هستي سرڳواسي ڏامرو مل، جنهن تاريخ 15–12–1922 تي سرڳواسي ڏارو مل ڪاڳيہ، ڳوٺ جوڳي مڙهي تعلقہ مٺيءَ ۾ جنم ورتو ۽ سندس ماتا شري جو نالو ماڻو ٻائي، ذات ٻڙهيہ ڳوٺ نيٺي سر تعلقہ مٺيءَ جي هُئي. پاڻ پرائمري تعليم جا 5 درجا پرائمري اسڪول جوڳي مڙهيءَ ۾ پڙهيو ۽ ستون ڪلاس مٺيءَ مان پاس ڪري، فائينل جو امتحان بہ پاس ڪيائين. 16–07–1949 ۾ تپيدار جي نوڪري ملي ۽ تپہ راجوڙو تعلقہ ڇاڇرو ۾ ڊيوٽي تي دخل ڪار ٿيو. انهي ڪانپوءِ تپو آڌي گام ننگرپارڪر، چونرو تعلقہ جيمس آباد، ويرا واهہ ننگر پارڪر، هيرار، تڙهمير ڇاڇرو، تڙدوس ڇاڇرو، ڪاربو غلام شاهہ مٺي، مهراڻو، آڌي گام ننگر پارڪر ڇاڇرو، راج واهہ جيمس آباد، ڪانٽيو ڇاڇرو، تگوسر ننگر پارڪر، ستي ڏيرا ننگرپارڪر، ڇيلهار ڇاڇرو، پيٿاپور ننگر پارڪر چوٽل، هاڙهو ننگرپارڪر ۾ تپيدار جي حيثيت ۾ نوڪري ڪئي ۽ سال 1949 ڪان 1983 تائين رهيو.

پاڻ شادي شريمتي مان ٻائي، ڌي سومجي جوڳو ڳوٺ سومجي ڍاڻي تعلقہ مٺي سان ڪئي، جنهن مان اولاد 3 نياڻيون ۽ 4 پُٽ 1. راڻو مل گارمينٽ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪري پيو 2. سنيو مل پوليس هيڊ ڪنسٽيبل 3. ليلارام اڪائونٽس ڪلارڪ ورڪس ڪاتو ۽ 4. گورڌن

دڪاندار آهي. نوڪري ايمانداري ۽ سچائيءَ سان سرانجام ڏنائين. تمام هوشيار ۽ روينيو رڪارڊ جو ماهر تپيدار ٿي رهيو. انهي دور ۾ ڇوت ڇات ۽ مت ڀيد ڪري، ميگهواڙماڻهن کي نوڪري ڪرڻ تمام ڏکيو هو. پر هُن پنهنجي دليريءَ سان ۽ قابليت سان نوڪري ڪري پاڻ وڏايو ۽ ميگهواڙ ذات جي پهرين تپيدار جو اعزاز حاصل ڪيو. گهڻو ڪري ميگهواڙ ڪميونٽيءَ جا ڪم ڪار بنا معاوضي ڪندو هو. سندس ڪيترائي سٺا سٺا دوست هُئا جنهن ۾ ڪاپڙي خان ڪوسو مکي نهالچند جيڪي هميشہ ڪيس گهرائي، ڪچهري ڪندا هئا.

سوچا تھا تیری سادگی پہ لکھوں گا اک غزل،
افسوس کہ تیری تعریف کے قابل لفظ نہیں ملے۔



# آهن طبيب





پيارام انجم هيومن رائيٽس صدارتي ايوارڊ،
جناب آصف علي زرداري کان وصول ڪندي



جيتندر ڏاراڻي، صدر بارڪ اباما، واشنگٽن ۾ هٿ ملائيندي



دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڄمار مائيندڙ لڏو ميگهواڙ ڳوٺ ڇڙيل، تعلقو ڏيپلو ٿرپارڪر
134 سالن جو رڪارڊ هوندي به ورلڊ گنيز بڪ ۾ شامل ٿيڻ کان محروم رهيو

# ڊاڪٽر راڻا سي. رانوڙ

تارون ڪي اوٽ ۾ چندر ڇپي نهين،
سوريہ ڇپي نهين، بادل ڇايا.

هڪ اهڙو انسان، جو ڪڪائين چونري ۾ هڪ مسڪين هاري ماڻهوءَ جي گهر جنم وٺندڙ ۽ ڪيترن ئي ڏکن، مشڪلاتن ۽ ڏکاريل حالتن ۾ واريءَ تي هلندي هلندي، ٻاروتڻ جا بهترين ڏينهاڙا وڃائي، پنهنجي مسڪين مائٽن جي آس مطابق پڙهي، هڪ وڏو ماڻهو ٿيڻ لاءِ سوچيندو رهيو تہ جيئن پنهنجي ميگهواڙ جاتيءَ جو مانُ مٿاهون ڪري سگهان. اهڙي مهان پُرش بنجڻ لاءِ ڪجلاسر جي ڪاڻين جا ڪجل هارا نيڻ بہ پرم ٿيا هوندا، ائين ڪنوارن هٿن جي چوڙين جون سرگوٿيون بہ سڏڪا ڀٽيون هونديون، مسڪين جهان خان ڪوسي جو روح بہ سڏڪيو هوندو ۽ روپلي ڪولهي جي آتما بہ اها دعا گُهري هوندي تہ ڪاش! ڪو اهڙ مسيحا ٿر جي غلامي ۽ ڇيپ ۽ اڇوتپتي جي ڏٻڻ ۾ قاتل جاتين جي قتل تقدير کي سنواري، ۽ سينگارڻ لاءِ پڙهي نور ٿئي، جو مسڪين ماڻهن جي ڏکن، غمن، مشڪلاتن ۽ ايذائڻ جي آگ کي سانوڻ جو بادل ٿي برسي پوي، ۽ سڄو ٿر ڪنهن دوشيزه جي رنگين رئي جيان جرڪي، اُهي ۽ ڪنهن اُڇاري وري جي مڏر ڪوڪ ڪنهن وياڪُ ڪامڻيءَ جي سُتل جذبن کي جاڳائي وجهي، ۽ هو پرهہ جي پڇاڙڪن پهرن ۾ جنڊ جوتي، اُجهاميل چُلهہ ٻاري سگهي. اهڙو ڪو انسان، جو دل دُکي جنتا جي دردن ۽ لڙن کي پروڙي سگهيِ اِهڙو ڪو انسان، جنهن جي دل ۾ محبت ۽ پيار جا ديپ ٻرندا هُجن، جيڪي آدرشي اصولن ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن جو پوئلڳ هجي. جنهن وٽ سماج لاءِ سٺي سوچ هجي، جيڪو امن ۽ آشتي جي راهہ جو راهگير هجي. آخرڪار اهڙوئي هڪ آدرشي ۽ مهانُ پُرش، ڊاڪٽر راڻا سي. رانوڙ جنهن غريب هاري نالي چانپارام ذات جوڳ ڳوٺ چاڙيهار تعلقہ ڇاڇرو ۾، تاريخ 10 مئي 1934ع تي هن ڌرتي تي قدم رکيا. سندس ماتا جو نالو شريمتي ٻاري ذات ڪڏيچا هئي.

ڊاڪٽر راڻا سي. راڻوڙ ڪُل پنج ڀائور نالي 1. ماستر پريو لال 2. اجبو مل 3. منو مل 4. ڏيارام 5. راڻا ۽ هڪ ڀيڻ نالي سوهدران آهن. پاڻ ابتدائي تعليم ڳوٺ ڏاهلي ۽ گيڊڙو رامسنگھہ ۾، مڊل تعليم چاڇرو مڊل اسڪول مان پاس ڪيائين. سال 53_1952ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ پوزيشن ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ان بعد انٽر جو امتحان فرسٽ پوزيشن ۾ سال 1955ع ۾ ڊي. جي. ڪاليج (ڏيارام گدو مل) حيدرآباد مان پاس ڪيائين. سال 1956ع ۾ پهريون ميگھہ ونس جاتيءَ جي فرد ايم. بي. بي. ايس ۾ سليڪٽ ٿيو. تمام غريب هجڻ ڪري ڪميونٽيءَ جي استادن ۽ ٻين سوشل ماڻهن هن جي پڙهڻ لاءِ ڪافي مالي مدد ڪئي. ۽ آخر 1961ع ۾ پاڪستان جو پهريون ميگھواڙ ميڊيڪل آفيسر طور سول اسپتال ميرپورخاص ۾ مقرر ٿيو. اُن بعد ننگرپارڪر ۾ ميڊيڪل آفيسر ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ اي. ڊي. ايچ. او رهيو سال 1965ع کان 1968ع تائين ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ لس ٻيلا ايٽ شهر ٻيلا ۾ مقرر ٿيو. سال 1968ع کان سال 1971ع تائين آر. ايم. او سول اسپتال ميرپورخاص ۾ رهيو. سندس جھڙو نالو راڻو تھڙي سھڻي صورت ۽ وري اهڙي جوڙ ماستر ڪيتارام سنجا ڳوٺ پوريلو ۾ نالي مومل جنم ورتو جا پڻ پنهنجي سوپيا کان دنگ هُئي. ٻنهي جو جوڙ ڀڳوان جوڙيو ۽ تاريخ سال 1971ع تي راڻا مومل سان شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس 5 پُٽ نالي ڊاڪٽر جواهر لال، جو اسپيشلسٽ سرجري آهي 2. ڊاڪٽر گوهر 3. ڊاڪٽر سردار 4. انجنيئر نريندر ۽ 5. فنانس آفيسر جيتندر آهن. جيڪي پڻ با اخلاق ۽ پنهنجي پيءُ جو مٽ آهن. راڻا صاحب پاڻ سرجريءَ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي، جنهن پنهنجي پيءُ جي رستي کي مضبوط ڪيو آهي. سال 1974ع کان 1975ع تائين ايم. ايس ڊگھڙي ۽ هڪ سال لاءِ چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻو ۾ سينيئر رجسٽرار سرجري رهيو. سال 1971ع کان 1985ع تائين سول سرجن ٿتو رهيو. جتي ڀڳوان جي قسمت، جو سندس ڌرم پتني مومل سرڳواسي ٿي وئي. جنهن جو ڪيس وڏو دلي صدمو رسيو. ليڪن پاڻ کي ڏاڍو سنڀالي رکيو ۽ بعد ۾ ٻئي شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيائين، ۽ پختو

ارادو رکيو ۽ پنهنجي پٽن کي ماءَ وارو پيار ڏيئي پاليو ۽ پنهنجي پٽن تي دل رکي، جو سيئي پٽ وڏا آفيسر آهن. سال 1985ع کان 1990ع تائين سول سرجن سانگهڙ ۾ هڪ سال لاءِ وري ڊي. ايچ. او ٿئو مقرر ٿيو سال 1990ع ۾ وري سول سرجن سانگهڙ جتان کان فيبروري 1994ع ۾ کين پروموشن ڏيئي 20 گريڊ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ ايٽ حيدرآباد ۾ مقرر ٿيو. جتان 9 مئي 1994ع تي پنهنجي زندگيءَ جا 60 سال پورا ڪري ريٽائرمينٽ ورتي، ۽ ميرپورخاص سٽلائيٽ ٽائون ۾ سندس گهر واري مومل جي ياد ۾، مومل ميموريم ميڊيڪل سينٽر کوليو جتي پاڻ انسان ذات جي خدمت جا فرض نڀائي رهيو آهي.

ڊاڪٽر راڻا سي. راٺوڙ خوشيرام ٽرسٽ جو پڻ ميمبر رهيو. جيڪو شيڊيول ڪاسٽس جي غريب شاگردن جي اسڪالرشپ لاءِ مدد ڪري ٿو انهي ڪانسواءِ 1968ع ۾ ٿرپارڪر سماجي تنظيم جو بنياد رکيو. بعد ۾ 1972ع ۾ جماعت جو نالو بدلائي شيڊيول ڪاسٽ ايسوسيئشن رجسٽرڊ ڪرائي، جنهن جو صدر ٿي رهيو ۽ وکي پيمرلال خزانچي ٿي رهيو. ۽ قوم کي تعليم تي گهڻو ڌيان ڏيارڻ لاءِ جاکوڙ ۽ حوصلو پيدا ڪيو. انهي وقت ڊاڪٽر راڻا صاحب ۽ پيمر لال گڏجي قوم ۾ تمام گهڻو سڌارو آندو.

ڊاڪٽر صاحب سڄي زندگي قوم جي ڀلائيءَ ۾ گذاري، خاص ڪري ميگهہ ونس ۽ پنهنجي پائورن جي اولاد جو پڻ سنو سهارو بڻيا جيڪي سڀ ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين وڏن عهدن تي فائز آهن.

ڊاڪٽر صاحب هن وقت ڪافي وڏي عمر جو ٿي چُڪو آهي، پر آرام ڪرڻ بجاءِ سندس دلي تمنا آهي، تہ پنهنجي غريب ميگهواڙ جاتيءَ جي شيوا ڪريان، انهن جي ڪم اچان. پنهنجي پيشي سان ايترو سچو آهي جو اجا تائين ٿورڙي في تہ بہ غريبن جو علاج ڪري ٿو ۽ ماڻهن جون دعائون حاصل ڪري رهيو آهي. اسان جي قوم ۾ اهڙا آدرشي انسان گهٽ پيدا ٿيا آهن، جيڪي ٻين جي لاءِ ٿر جي وڻ وانگر ڇپر ڇانوَ بڻيل هجن.

# پروفيسر ڊاڪٽر لؤُنگ اُميداڻي

ڪرڪٽا لاهي سُک نہ سُتا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.
(شاهہ)

هن سنسار ساگر ۾ انسان جي ذهني تربيت گهڻن ئي ذريعن سان ٿئي ٿي. پر مکيہ شايد بہ آهن، هڪ چڱن ماڻهن جي صحبت وسيلي، ۽ ٻيو سٺن ڪتابن پڙهڻ سان. سائين ڊاڪٽر لؤُنگ اُميداڻيءَ کي ٻئي نعمتون نصيب ٿيل آهن. ڪيس علم جو سمنڊ ڪوٺيو وڃي تہ بہ وڌاءُ ڪونهي. مونکي سندس جنهن ڳالهہ متاثر ڪيو، سو آهي سندس اعليٰ اخلاق. اخلاق ئي انسانيت جو معراج آهي. اهو ابتدائي سبق کيس سندس پتا، شري وسنداس اُميداڻيءَ کان نصيب ٿيو.

انسانيت ذات روز اول کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جيڪا بہ ترقي ڪئي آهي، ان جو راز سهپ ۾ سمايل آهي. سهپ انساني تهذيب جو روح آهي. جنهن انسان ۾ سهپ نہ آهي تہ اُن ۾ ماڻهپو ڪونهي. جنهن انسان ۾ گهڻي ۾ گهڻي سهپ آهي، اُهو صحيح معنيٰ ۾ مهذب انسان آهي. چوندا آهن تہ هٿ جون پنج آڱريون برابر نہ آهن، ۽ قدرت جي گُلستان ۾ هر قسم جا گل ۽ ڪنڊا موجود آهن. پر هيءُ هڪ اهڙو گُل آهي، جنهن ۾ ايڏي تہ سهپ آهي جو سوچيندو آهيان تہ هن شخص کي سڄي عمر ۾ ڪڏهن ڪاوڙ آئي آهي يا نہ؟ مون کي ساڻس پهريون ڀيرو ملاقات، ڪراچيءَ ۾ سرڳواسي پروفيسر هوتچند ڳهلڙو جي جاءِ تي نصيب ٿي. تنهن کانپوءِ سندس ٻيو ديدار اڄ تائين نصيب نہ ٿيو آهي.

ڊاڪٽر لؤُنگ اُميداڻي صاحب تاريخ 7 جنوري 1957ع ۾، مهان استاد شري وسنداس جٽپال، ڳوٺ نصيرخان لغاريءَ ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ريکي ٻائي، ذات پنڌار. جيڪا اصل ڳوٺ باغ واهہ لڳ حيدرآباد جي هئي، ۽ پاڪستان ٺهڻ بعد سندس مائٽن لڏي اچي مسڻ وڏي، تعلقہ ٽنڊوالهيار ۾ رهائش اختيار ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول چمبڙ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ٽنڊوالهيار مان، ۽ 1973ع ۾ انٽر مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. سال 1983ع ۾ MBBS لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائينسز (LUMHS) ڄامشورو سنڌ مان پاس ڪئي، 1986ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪيو. سندس پهرين مقرري ميڊيڪل آفيسر طور سال 1987ع ۾ هاءِ اسڪول ڏانو دانڌل، ضلع ٿرپارڪر ۾ هيلٿ ڪلينڪ ۾ ٿي. هڪ سال رهڻ بعد 1988ع ۾ ميڊيڪل آفيسر B.H.U نصير خان لغاري ڳوٺ ۾ مقرر ٿيو.

2008ع ۾ M.Phil ايڪيولينس ريڪگنيشن يونيورسٽي آف ڪراچيءَ مان ڪئي، ۽ سال 2011ع ۾ Ph.D ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائينسز يونيورسٽي آف ڪراچيءَ مان ڪئي. پاڻ شادي شريمتي چمپا ديوي، ڌي استاد نولراءِ لالچنداڻي، ذات جوڳو ڳوٺ محسن ڏگها تعلقہ ٽنڊوالهيار مان ڪئي. جنهن مان ڪيس اولاد پنج پٽ آهن. 1. انيل ڪمار جو MBBS ٽرڊيئير ۾ آهي. 2. اروند ڪمار جيڪو چارٽرڊ اڪائونٽ اي. ماڊيول ڪري پيو. 3. رابندر ڪمار جيڪو چارٽرڊ اڪائونٽ اي. ماڊيول ڪري پيو. 4. نريندر ڪمار انجنيئري پڙهي پيو. 5. ڪرشنا مورتي چارٽرڊ اڪائونٽ اي. ليول ۾ پڙهي پيو. ڊاڪٽر صاحب 1988ع کان 1991ع تائين ڊمانسٽريٽر اينا ٽومي (PMC) پيپلز ميڊيڪل ڪاليج فار گرلس نواب شاهہ ۾ ڪم ڪيو. 1991ع کان 2000 تائين ساڳئي يونيورسٽيءَ ۾ انسٽرڪٽر جي پوسٽ تي ڪم ڪيو. سال 2006ع کان 2012ع تائين انسٽرڪٽر ايناٽومي آغا خان يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ مقرر رهيو ۽ سروس ڪئي. 2012ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آف ايناٽومي تائين يونيورسٽي ڪاليج آف ميڊيسن ۽ ميڊيڪل سائنس (Taif KSA) ۾ مقرر ٿيو. 2013ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ايناٽومي ڪنگ سعود بن عبدالله يونيورسٽي، (هيلٿ ۽ سائينس سبجيڪٽ) (KSAU _HS) الرياض ڪنگڊم آف سعودي عربيہ (KSA) ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر لوُنگ اُميداڻي صاحب کي مختلف ميڊيڪل يونيورسٽين کان سٺي ڪارڪردگيءَ جي مڃتا طور ايوارڊ مليا آهن. جنهن ۾ سال 2011ع ۾ آغا خان يونيورسٽي طرفان ايوارڊ مليو. 2006ع ۾ پاڪستان ميڊيڪل ريسرچ ڪائونسل طرفان ايوارڊ مليو ۽ اهڙي طرح ٻيا بہ ڪافي ايوارڊ حاصل ڪيا آهن. انهي کان سواءِ مختلف ادارن ۽ تنظيمن ۾ مکيہ ميمبر طور ڪم ڪيو آهي. هن سائنس جي ميدان ۾ ڪافي ريسرچ ڪئي. جهن ۾ انسان جي بيمارين مطابق ۽ دوائن بابت ڪافي ريسرچ ڪئي ۽ هن يوناني ۽ آيورويد دوائن تي بہ ريسرچ ڪئي. سندس ڪافي ريسرچ پيپر پبلش ٿيا آهن.

انهي کان علاوه سنڌ ٽي. وي. نيٽ ورڪ طرفان ۽ KTN نيٽ ورڪ طرفان. ڊاڪيومينٽري پروگرام ”سنڌ جي سُرهاڻ“ صوفي ۽ ناٿ 4 سيريز ۾ رڪارڊ ڪيا، ۽ پهرين ٽي وي ڊاڪيومينٽري 40 منٽ ايئر پروگرام ۾ هلي. پاڻ هڪ سٺو گويو آهي ۽ شرڪت ڪندو آهي. جيڪي سٺين ڪلاسيڪل، سيمي ڪلاسيڪل ميوزڪ ووڪل/ سنگر ۽ انٽروميننٽل ايڪونامڪ ۽ ڪلچرل سينٽر شانتي نگر ڪراچي، رنگون والا ڪلچرل سينٽر ڪراچي، آغا خان يونيورسٽي ڪراچي، ۽ ملٽيپل پليسز آف دي ڪنٽري سال 2006ع کان اڄ تائين شرڪت ڪندو رهيو آهي.

انهي کان علاوه ٽيليويزن پروگرام ۾ پبلڪ ٽاڪ مشهور شاعر ڪبير، حضرت روحل فقير ۽ ميرا ٻائي، (Poets of Asia) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي وغيره بابت TV ميڊيا تي ڳالهہ ٻولهہ روحانيت تي ڪئي. پاڻ بيسڪ انڊين راڳ ٽريننگ ڪورس Bs_Bihari ڀڳت ايڪيڊمي رڇوڙ لائين ڪراچيءَ کان ورتي.

بنيادي ڪورس طبلہ رڌم استاد يوسف عيسيٰ ڪرسچن، ڪالوني سوڪ سينٽر ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. انهي ڪانپورِ ڪلاسيڪل راڳ جي ٽريننگ پنڊت استاد تاراچند صاحب پٽ شاهہ سنڌ جيڪو سنڌ. جي مشهور گائڪ استاد بڙي غلام علي خان

۽ استاد بڙي سلامت علي خان لاهور جو شاگرد آهي، انهيءَ ڪان سکيا حاصل ڪئي.

سندس ڪردار تي لکيو وڃي ته ڪتاب پرجي ويندو. پاڻ هڪ ڏارمڪ انسان، گائڪ، ڌرماتما، سماجڪ سڌار ۽ قوم جو بهترين ۽ صابرين شخص آهي، جنهن تي پوري ميگهواڙ جاتيءَ کي فخر ۽ ناز آهي ۽ رهندو. سندس ڪچهريءَ ۾ ويٺلن تي وجد طاري ٿي ويندي آهي. ڪافي ڌرمي پرچار ڪري ماڻهن جو من موهي وجهندڙ هڪ خوشبو دار گُل آهي، جنهنجي مهڪ موهي وجهي ٿي.

ساچ برابر تپ نهين، جهوٺ برابر پاپ،
جاڪي هِردي ساچ هئي، تا هردي گرو آپ.

# ڊاڪٽر بيڪچند پرمار

سوران نان سنگرام، سر پُڙي پرڏڙ لڙي،
جينون هاڏ حرام، آگڙ آوي اٽڪيہ.

پارڪر جي پوبتر ڀومي جنهن سگاڙچند، مسڪين جهان خان کوسو جهڙا مهان انسان، سائين ڪرشن لال جنهن نئين نسل کي علم، فلسفي شعور ۽ نئين سائنسي سوچ ڏني، ۽ علم جي دولت سان نئين نسل کي مالامال ڪيو تہ انهي پوبتر ڌرتيءَ تي هڪ مهان ڊاڪٽر شري بيڪچند پرمار سال 1948ع ڏاري هڪ غريب گهراڻي ۾، سرڳيہ ڪينگهو مل پرمار جي گهر، ڳوٺ سامي ويري تعلقي ننگرپارڪر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا شري گنگا ٻائيءَ جي هنج ۾ ٻاتا ٻول ٻوليندڙ هيءُ ٻالڪ، پرائمري تعليم جي لائق ٿيو تہ سندس پريہ ڀاءُ لڇمڻ داس پرمار جيڪو پاڻ ماستر هو. 1954ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ساميويري ۾ ڪيس داخل ڪرايو. اتان پرائمري تعليم 1959ع ۾ مڪمل ڪري، مڊل اسڪول ننگرپارڪر ۾ ڇهون، ستون ۽ اٺون پڙهيائين. ڊاڪٽر صاحب پاڻ انسانيت جي مڙني اعليٰ گڻن سان گڏوگڏ ذهين ۽ محنتي هُئا. سندس ذهانت ۽ محنت جي ڪري ڪاميابيون سندس پير چمڻ لڳيون، ۽ علم حاصل ڪرڻ جون راهون آسان ٿينديون ويون. مڊل پاس ڪرڻ کانپوءِ نائون ۽ ڏهون هاءِ اسڪول مٺيءَ مان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيائين. ان وقت سفري سهوليتون ميسر نہ هجڻ، رهائش ۽ غربت جي مسئلن سان مهاڏو اٽڪائي بہ، 1965ع ۾ ميرپورخاص شاهہ عبداللطيف ڪاليج جي دروازي تي دستڪ هنيائين، ۽ پري ميڊيڪل ۾ داخلا ورتائون، علم جي اُڪير ايتري تہ وڌي ويئي، جو غربت جا گهاءَ بہ ڪجهہ نٿي ڪري سگهيا. سندس اٽڪ محنت جي ڪري پاڻ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ۾ ڊاڪٽريءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊجي ويو. LMC ڄامشورو مان MBBS جي ڊگري حاصل ڪرڻ کانپوءِ، سال 1973ع کان 1976ع تائين وليڪا اسپتال ڪراچيءَ ۾ سکيا حاصل ڪئي. جتي هڪ استاد ڪيس جرمن ٻولي سيکاري جرمن ٻوليءَ جي

مهارت ملڻ تي پاڻ جرمن ملڪ ۾ وڃي نوڪري ڪرڻ جي ارادو ڪيائون. پر مسئلو پاڙي خرچ جو هو. پر ان کان وڏو مسئلو 1971ع پاڪستان ۽ هندوستان جي جنگ لڳڻ جو هو. جنهن ڪري سندس پريوار انڊيا لڏي ويو پر ميگهہ ونس جي تاريخ رقم ڪرڻ ۾ هن پرمار پريوار جي سپاتر پاڻ ملهايو. ڊاڪٽر صاحب ان وقت ننگرپارڪر جو هڪ سيٺ ڪراچيءَ ۾ رهيو پيو، پاڻ سيٺ کي عرض ڪيائين تہ مونکي جرمني وڃڻو آهي، انهي لاءِ توهان جي مدد جي ضرورت آهي. سيٺ فراخدل هو جنهن هن غريب ڳوناڻي جي همت وڌائي ۽ پئسا ڏيڻ جو اظهار ڪيو. تنهن تي ڊاڪٽر صاحب حڪومت پاڪستان کي جرمني وڃڻ لاءِ درخواست ڪئي، ۽ منظوري ملڻ تي 1976-6-01 تي جرمني هليا ويا، ۽ پوءِ اُتي جي شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ اُتي جي هڪ جرمن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، اُتي ئي رهي، پيا ۽ جرمن ۾ نوڪري بہ ملي ويئي.

سال 1975ع کان 1996ع تائين R.M.O Anaesthesiology, Kaiserslautem جرمنيءَ ۾ رهيو ۽ 1980ع کان 1996ع تائين ڪنسلٽنٽ Anaethesiologist Kaiserslautem جرمنيءَ ۾ نوڪري ڪئي. انهي ڪانپوءِ سال 1996 کان 2013ع تائين فائونڊر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ پين ميڊيسن جرمني West Pfals Kliuikun Kaisevsern رهيو. هاڻي رٽائرمينٽ ڪئي اٿس.

# ڊاڪٽر ايپمن

هڻڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ، مانجهيان اي مرڪ،
وجهن تا نه فرق، رُڪ وهندي راند ۾.
(شاهه)

هر انسان جو سينو هڪ اهڙو خزانو آهي، جنهن ۾ هزارين هيرن، موتين جهڙيون خصلتون، خوبيون ۽ فضيلتون موجود هونديون آهن. ان سان گڏ منجهس هڪ ماڻهو ٿي، انسان ذات جي خدمت ڪرڻ جو جذبو به هوندو آهي. اهڙوئي هڪ مهان شخص شري ڊاڪٽر ايپمان صاحب آهي، جنهن تاريخ 1961-04-14 تي هڪ آدرشي استاد، سرڳيه اجيم داس پنئار ڳوٺ تگوسر تعلقي ننگرپارڪر جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڪملا ڏي اگرو مل، ذات ڪوڪر، ڳوٺ مهڪي جو تڙ تعلقي چاڇري جي هئي. ڪيس پاڻ ٽي ڀائر آهن. وڏو موهن لال جو پوليس کاتي ۾ آهي. ٻيو نمبر ڀاءُ انب ڪارونجهري، جيڪو پاڪستان اسٽيل مل ڪراچيءَ ۾ انجنيئر، جنهن کي سنڌ ٻوليءَ وارن فسادن دوران مظاهري ڪرڻ وقت گوليون لڳيون ته معذور ٿي ويو. ٽيون نمبر ڊاڪٽر پاڻ آهي.

سندس پتا سرڳيه اجيم داس هڪ سنڌي ماستر هو جنهن مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪئي. ڊاڪٽر ايپمان جڏهن ڇهن مهينن جو هو ته سندس ماتا ڪملا سرڳواسي ٿي ويئي. انهي ڪانپوءِ سندس پتا ٻي شادي ڪرڻ بجاءِ پنهنجن پٽن جي پرورش ۽ تعليم تي ڌيان ڏنو ۽ پٽن جي ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت سان پالنا ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب پرائمري تعليم ڏگهڙي ۾ حاصل ڪئي، ميٽرڪ ميرواهه گورچاڻي هاءِ اسڪول مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ نمبر ۾ پاس ڪيائين. سندس نالو هاءِ اسڪول جي بورڊ تي لکيل آهي. انهي وقت هڪ اڻوڻندڙ واقعو ٿيو جنهن ۾ ٽيئي ڀائر جيل جي حوالي ٿيا. آزاديءَ لاءِ سيني ڪوشش ڪئي ۽ نيٺ آزاد ٿيا، هو جيل ۾ جيلر جي ٻارن کي پڙهائيندو هو ۽ انهي ڪانپوءِ انٽر پاس ڪيائين.

آزاد ٿيڻ کانپوءِ ترت ئي ڪيس سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ملي، ۽ MBBS پاس ڪيائين. انهي دؤر ۾ ڊاڪٽر عزيز چانگ، جيڪو پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن جو چيئرمن هو ۽ شري ڪانجي مل انجنيئر جي ڪراچيءَ ۾ نوڪري هئي، جنهن انهي ڳالهہ تي اصرار ڪيو تہ اوهان USA وڃو انهيءَ ۾ ٻن ساٿين بہ جوڳي مدد ڪئي ۽ هو آمريڪا هليو ويو. تنهن کانپوءِ سندس شادي شريمتي ڪملا ڏي انجنيئر ڪانجي مل، ذات ڪيهاڙا اصل ڳوٺ چارنور تعلقي ڇاڇرو، پر1971ع ۾ لڏي اچي عمرڪوٽ رهائش ڪندڙ هئي، تنهن سان ٿي. جنهن مان ڪيس اولاد هڪ اينشا، جا پنهنجي قابليت تحت جارج ڊبليو بش جي ڪاليج ۾ پڙهندي آهي، ڪيس ٽيڪساس اسٽيٽ ۾ فرسٽ پوزيشن تي داخلا ملي. ان ڪاليج ۾ انتهائي ذهين ترين شاگردن کي داخلا ملندي آهي. انيشا پهرين پاڪستاني ڇوڪري آهي جيڪا وائيلن وڄائيندي آهي. هُن جرمني، آسٽريليا ۽ هنگري اسڪولن ۾ پرفارمنس ڪري مهانتا ماڻي آهي. انهيءَ ڪانسواءِ پاڪستان جي پهرين نياڻي آهي، جيڪا پرائيويٽ اسڪول آمريڪا جي هاڪيءَ جي هوشيار رانديگرياڻي مڃي وڃي ٿي. هڪ پٽ اشرن پڙهي پيو. جيڪو پاڪستان جو پهريون ميگهواڙ آهي، جنهن آمريڪا جي سرزمين تي جنم ورتو. پاڻ ٻارن سان گڏ هوسٽن USA ۾ رهي ٿو ۽ هن وقت آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ وڏو سرجن آهي. سندس دلي خواهش آهي ۽ ميگهواڙ جاتيءَ کي وينتي ٿو ڪري تہ ٻارن کي تعليم ڏيو. ڏياريو ۽ دنيا ڏسو ۽ سهپ جو مادو پيدا ڪريو تہ هڪ ڏينهن مهان پد تي پهچي سگهو ٿا.

ڊاڪٽر ايپمن هڪ وڏو مهمان نواز شخص آهي. آمريڪا ۾ پاڪستان جون ڪيتريون ئي وڏيون وڏيون شخصيتون سندس گهر رهيون آهن، جنهن ۾ سائين جي. ايم. سيد جي فيملي وارا، قادر مگسي، رسول بخش پليجو مهيش ملاڻي، ڊاڪٽر عزيز خان، سونو کنگهاراڻي، مير ارباب، جامي چانڊيو ڪانجي رام پنجاب ايم. پي. اي وغيره شامل آهن. ڪيس خدمت ڪرڻ سان سڪون محسوس ٿيندو آهي.

# ڊاڪٽر آنبو ڪلاڻي

ڪنو نہ ڪمائبو، او ماڪيءَ جي مک،
پل تون اُن کي چک، ان ۾ ماکي اٿمئي.

دنيا ۾ تمام اهڙا ٿورا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي زندگيءَ ۾ وڏا مقصد کڻي پيدا ٿيندا آهن. پوءِ انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ اُهي پنهنجي سموري زندگيءَ جدوجهد ڪندا رهندا آهن. اهڙي هڪ سچي، اصول پرست شخص شري ڊاڪٽر آنبو ڪلاڻي ميگهواڙ تاريخ 10_08_1948 تي مٺي شهر ۾ آنجهاني بچو مل پڙهيہ جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو سيلهان ڏي چاندو مل ڪڏيچہ ڳوٺ مان ٻائي جو تڙ تعلقہ ڇاڇري جي هئي. پاڻ شادي سال 1978ع ۾ شريمتي پوران، ڏي شري سجڻ مل جيڪو هڪ مهان تعليمي سپروائيزر ايڊيوڪيشن آهي، شهر اسلام ڪوٽ جي گهران ڪئي. کيس ٻہ ڀاءُ، وڏو سرڳواسي تنو مل جيڪو سنڌ سمال انڊسٽريز ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي پوسٽ تان رٽائر ٿيو ۽ تاريخ 10_06_2012 تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو. ٻيو ڀاءُ، جيڪو ننڍو آهي شري امولک، جيڪو هڪ ٺيڪيدار ۽ مٺي شهر جو سنو رازو آهي.

کيس اولاد هڪ پٽ، ڊاڪٽر شري تيرٿداس BDS FCPS آهي، ٻہ نياڻيون هڪ ڀاشا، جيڪا شادي شده آهي ۽ ٻي جين، جيڪا ڪلاس انين ۾ پڙهي رهي آهي. پاڻ پرائمري تعليم لوڪل بورڊ پرائمري اسڪول مٺيءَ مان حاصل ڪئي. 1965ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان سيڪنڊري هاءِ اسڪول مٺي، حيدرآباد بورڊ مان پاس ڪيائين. سال 1967ع ۾ انٽر سائنس (پري ميڊيڪل گروپ) شاهہ عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص بورڊ آف انٽرميڊئيٽ ۽ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ۽ 1973ع ۾ MBBS ڊائو ميڊيڪل ڪاليج يونيورسٽي ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. پهرين سروس ڪيوئلٽي ميڊيڪل آفيسر طور 1974_06_

19 تي، ڊپارٽمينٽ آف ڪيوئلٽي سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ مقرر ٿيو جتي انهي پوسٽ تي ڊسمبر 1975ع تائين رهيو.

انهيءَ ڪانپوءِ 1977-12-13 کان 1978-02-11 تائين ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر طور، ميڊيڪل يونٽ 3، سول اسپتال ڪراچي ۾ ڪم ڪيو.

1976ع کان 1982ع تائين نرسنگ ٽيچر ميڊيسن سبجيڪٽ ۾، سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ ايڊيشنل پوسٽ طور ڪم ڪيائين. 1978-12-02 کان 1982ع تائين ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر يونٽ 2 سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪيو.

1976ع کان 1982ع تائين ايڪٽو ميمبر ۽ سيڪيٽري فار ميمبرشپ ڊزائيوسب ڪاميٽي آف پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿي رهيو پر سندس اڏام اجا بہ آسمان کي ڇهڻ جي هئي.

سال 1979ع ۾ ڪيس فيلوشپ ڪلينيڪل فارماڪولاجي فرام مرڪ شارپ، ۽ ڊوم ڊپارٽمينٽ آف فارماڪولاجي يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا لاس اينجلس، ڪئليفورنيا U.S.A. 90024 لاءِ سليڪٽ ڪيو ويو. 1982ع کان 1986ع تائين چيف ميڊيڪل آفيسر طور سيپلي ڪلينڪ سيپلي بينڊل اسٽيٽ نائجيريا ۾ ڪم ڪيو. وري 1989ع ۾ جوائين ڪيائين، تنهن ڪانپوءِ چيف ميڊيڪل آفيسر اگھاريوا اسپتال 14 ماريا گوريٽي روڊ، بينن سٽي نائجيريا ۾1989ع کان 1999ع تائين ڪم ڪيو.

1999ع ۾ واپس پاڪستان آيو جتي 1999ع کان 2012ع تائين سينيئر ميڊيڪل آفيسر، ڊپارٽمينٽ نيرولاجي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي، ۽ ٽرانسپلانٽيشن (SUIT) طور ڪم ڪيو. هن وقت آگسٽ 2012ع کان وٺي انچارج، پرائمري هيلٿ ڪيئر سينٽر (SUIT) ڪانوڙ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر آنبو ڪلاڻي مرض سڃاڻڻ جو ماهر آهي، جو بنا ٽيسٽ ڪرائڻ جي مرض سڃاڻي ٿو ۽ علاج ڪري ٿو. ڊاڪٽر آنبو ڪلاڻي هڪ هوشيار، محنتي، ايماندار ۽ اصول پرست شخص آهي. پنهنجي ڊاڪٽري پيشي سان سچو رهيو آهي. ٿر کان ويندڙ ڪيترن ئي

غريب مريضن کي صلاح ڏيڻ ۽ علاج ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو رهي ٿو. صفائيءَ جو خاص خيال رکي ٿو. روزانہ پرڻيام ۽ ورزش ڪرڻ جو عادي آهي، تنهن ڪري سندس صحت تمام سٺي آهي، ۽ سيني ماڻهن کي هدايت ڪندو آهي، تہ روزانہ پرڻيام ڪريو ۽ پنهنجيون بيماريون ڀڄايو.

# ڊاڪٽر نيبراج چنداڻي

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انواع،
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي. (شاهہ)

ٿر جي ٿڌڙي واري واريءَ علائقي ۾ ميگهواڙ جاتيءَ جا ڪيترائي ڊاڪٽر آهن، جيڪي پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن، ۽ جن پنهنجو نانءُ ڪمايو آهي، پر هڪ مشهور ۽ وڏو ناليوارو ڊاڪٽر، جو هميشہ ٿر واسين جي خدمت ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهي، اهو آهي ڊاڪٽر نيبراج ولد رتنچند، ذات کوکر رهندڙ مٺي شهر جنهن 6 آگسٽ 1949ع تي جنم ورتو. چار درجا سنڌي پڙهڻ بعد انگريزيءَ ۾ ٽي درجا پڙهيو 1964ع ۾ ڏهون ، 1966ع ۾ انٽر ۽ 1973ع ۾ ايم بي بي ايس ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين، ۽ بعد ۾ ايم سي پي ايس جو بہ امتحان ڏنائين 1977ع ۾ عباسي شهيد اسپتال ۾ جاب ڪئي، جتي آر ايم او ۽ بعد ۾ رجسٽرار ٿي رهيو. فيبروري 1978ع ۾ لبيا جي آرمي اسپتال ۾ فزيشن ٿي رهيو. بعد ۾ آرمي سليڪشن سيل طرفان سول اسپتال ميڊيڪل بورڊ جو چيئرمين ٿيو. جتي 10 سال نوڪري ڪري واپس وطن وريو. 1982ع ۾ ڪستوري، ڌي سومجي ولاسائي، شهر ڏيپلو سان شادي ڪيائين. سندس ماءَ جو نالو ناڪران وائوري، ڳوٺ مينهل بجير جي هئي. 1990ع ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ ٽن مهينن لاءِ هندستان گهمڻ ويو. ڪيس ٽي پٽ ٿانئو مل، گوپال ۽ سوائي مل هئا، جيڪي وفات ڪري ويا. ڪيس هڪ پٽ ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي، جن ۾ امرديپ، امرتا، آيا، اميتا شامل آهن. امرديپ ۽ امرتا لبيا ۾ پيدا ٿيا. امرديپ بي اي ڪئي، جڏهن تہ امرتا سول اسپتال مٺيءَ ۾ ايم بي بي ايس ڊاڪٽر آهي. آيا ايم بي بي ايس فائينل ايئر ۽ اميتا ايم بي بي ايس سيڪنڊ ايئر ۾ پڙهن ٿيون. ڊاڪٽر نيبراج کي ناني جو نالو ۽ ذات تہ وسريل آهي، پر ماڻهپي ۾ وڏو ويساهہ رکي ٿو.



# مائون پيٽون مهاڳ



# دادي لالي ٻائي سُرتاڻي

(1926–05–01 کان 2008–07–08)

لوگ مسجد ۾ جنت تلاش ڪرتي هين "غالب"،
فرصت اتني نهين هوتي ڪہ قدم مان ڪي چوم لين.

اسان جي ميگهہ ونس قبيلي جي عورتن بہ علم حاصل ڪري، مردن سان گڏ ڪلهو ڪلهي سان ملائي، پنهنجي مظلوم قوم جي فلاح بهبود لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. انهي مان سر فهرست دادي لالي ٻائي، جنهن جو جنم ڳوٺ چيلهار، تعلقہ ڇاڇرو ٿرپارڪر ۾، مورخہ پهرين مئي 1926ع تي پٽيل ميگهو مل سُرتاڻي ٻڙهيہ جي گهر ٿيو. سندس ماتا ڀاڳان ٻائي پڙهيار جو ڳوٺ مالڻهور ويڻ تعلقہ مٺيءَ جي هئي. سندس شادي هڪ مهان استاد ساهو مل نگاڻي، ڳوٺ ڪانڪيو تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر سان ٿي. جنهن مان ڪيس بہ پٽ، 1. شري نولراءِ D.O ۽ هيڊماستر هاءِ اسڪول چيلهار تي رهيو هاڻي رٽائرڊ آهي 2. شري امولک ٿري، هيڊ ماستر هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد، هڪ شاعر ۽ اديب آهي، هن وقت رٽائر آهي. هڪ نياڻي نالي شانتي ٻائي، جيڪا هيڊ مسٽريس، گرلس هاءِ اسڪول جُهڏو آهي.

دادي لالي ٻائي پنهنجي چاچي رائچند راٺوڙ (مصنف تاريخ ريگستان) ۽ سندس پاءُ ڀانو مل ميگهو مل سُرتاڻي جي ڪوشش سان، وڏي جاکوڙ ڪندي ان دؤر ۾ تعليم پرائيٖ جنهن دؤر ۾ هڪ عورت جو تعليم يافتہ هئڻ عجب جهڙي ڳالهہ سمجهي ويندي هئي. دادي لالي ٻائي جن حالتن ۾ تعليم پرائي، انهي نموني سان سوچي بہ نہ ٿو سگهجي تہ اهڙي سختيءَ واري ماحول ۾، جتي استاد هڪ ميگهواڙ شاگردياڻي هجڻ ڪري، سندس سليٽ ڪي هٿ لائڻ بہ نہ چاهيندو هجن، اهڙي ماحول ۾ پڙهي، سنڌي فائينل جي امتحان ۾ سنڌ صوبي ۾ سال 1941ع ۾ پهريون نمبر حاصل ڪري، اهو ڪم هماليہ جبل جي چوٽي سر ڪرڻ کان بہ وڌيڪ مشڪل هو. سندس پرائمري استاد جي حيثيت سان سندس پهرين مقرري ميرپورخاص ويجهو اسڪول ڪاڻ ۾، 5 آڪٽوبر 1943ع ۾ ٿي. پوءِ پنهنجي ور، ماستر ساهو مل

نگاٽيءَ سان گڏ مختلف هنڌن جهڙوڪ ڏيگاڻ، چيلهار، پوريلو ۽ ڪڏي جان محمد رند ۾ استاد جي حيثيت سان پنهنجا فرض پورا ڪيا.

دادي لالي ٻائي کي پاڪستان جي ميگهہ ونس جي پهرين عورت استاد هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. انهي عورت، جنهن ايندڙ نسلن جي نياڻين جي لاءِ تعليم جا دروازا کولي ڇڏيا، جيڪا نہ صرف پاڻ پڙهي پر پنهنجي اولاد کي پڙهايائين، ۽ پوءِ ٽنڊو محمد خان جي ٻن ٽن نسلن جي استاد ٿي رهي. جڏهن ٽنڊو محمد خان جي ڪنهن بہ گهٽي مان سندس لنگهڻ ٿيندو هو تہ هر ماڻهو عزت وچان اهي لفظ چوندو هو تہ اسان جي دادي آهي. انهيءَ کان مٿي سندس عظمت جو ڪهڙو مثال ڏجي. دادي ليلا جسماني طور تي قد جي ننڍي هئي، پر سندس علمي ۽ سماجي طور تي شخصيت ايڏي تہ قداور هوندي هئي، جنهن سان برابريءَ جي هام هرڪو هڻي نہ ٿو سگهي. ٽر ۾ واسطيدار ماڻهوءَ جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻي هجي، تہ سندس ڀاءُ ڀانو مل ۽ دادي لالي ٻائيءَ کان ويهي پڇجي، اوترو انهن ڏٽين کي ڄاڻ نہ هوندي، جيتري قدر پاڻ انهن جي اُپٽار ڪندا. حقيقت ۾ ٻئي هڪ قسم جي انسائيڪلوپيڊيا هئا.

28 مئي 1956ع کان وٺي 31 آگسٽ 1982ع (رٽائرمينٽ) تائين پنهنجي سروس جا باقي 26 سال، ٽنڊوجان محمد تعلقہ ڏگهڙي ضلع ميرپورخاص ۾ رهي. جتي هُن پنهنجي محنت جفاڪشيءَ سان نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو. اهڙو مثال مشڪل سان ملندو ۽ سندس اهو ڪردار ڪڏهن بہ وسارڻ جوڳو نہ آهي. سندس تعليم جي جلايل ديپ، هر ميگهہ ونس نياڻين جي هِردي ۾ تا حيات جلندي رهندي، ۽ علم جي هن چندن جي وڻ جي سُرهاڻ پوري ٿر جي پٽن، ڏوهرن ۽ هر جهوپي جهوپي ۾ اڄ بہ محسوس ٿيئي ٿي. اهڙي مهان هستيءَ کي پرنامَ! دادي لالي آخر تاريخ 18 جولاءِ 2008ع تي هن فاني سنسار کي الوداع ڪيو. ۽ هيءَ امر آتما پنهنجي پرماتما سان وڃي ملي. سندس مڙهہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ چيلهار تعلقي ڇاڇرو ۾ پنهنجي ڀاءُ ۽ وَر سان گڏ آرامي آهي.

# ڪملا ڏناڻي

صورت سي ڪيرت بڙي، جو بنا پانک اڙجائي،
صورت تو جاتي رهي، ڪيرت ڪبوئي نہ جائي.

سنڌ ۽ ٿر جي سونهاري سوَن ورني ڌرتي ڪيترين ئي سپوت، ۽ سُندر نياڻين کي جنم ڏنو آهي، جيڪي ڀات ۾ لات لڳن ٿيون. اسان جي ٿر جو خطو جيڪو امن آشتيءَ سان گڏ علم ۽ ادب سان مالا مال رهيو آهي. دادي لاليءَ کان وٺي سنڌ جي ڪوئل مائي ڀاڳي، ۽ ڪملا ڏناڻيءَ جهڙي استاد، جيڪا درسگاهن جي دلڪشين جو ڪارڻ بڻي آهي. پنهنجي نوڪريءَ کي روزگار نہ سمجهيو پر صلاحيتن جي سرهاڻ، مختلف ذهنن ۾ منتقل ڪري، معاشري جي نياڻين کي تعليمي مهڪ سان معطر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي مهان ميگهواڙ جاتيءَ جي استاديائيءَ هر ماڻهوءَ جي نياڻين کي پنهنجي اولاد وانگر سئي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جون هدايتون ڪندڙ هي ناري، سچ تہ تعليم ۽ اخلاق جو ادارو لڳندي آهي. اها مهان هستي ڪملا ڏناڻي، مٺي شهر ۾ گڊيءَ جي گود ۾، هڪ وديا ساگر انسان، جنهن بہ پوري زندگي پنهنجي محنت ۽ لگن ۽ سچائيءَ سان علم جي روشنائيءَ جي اج اجهائيندڙ مانائتي استاد، شري ساجن داس چنداڻي ڪوڪر جي گهر، تاريخ 10 مئي 1954ع جو اک کولي. سائين ساجن داس چنداڻي صاحب هيڊ ماستر هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد طور پنهنجي نوڪريءَ جا 60 سال ايمانداري ۽ سچائيءَ سان پورا ڪري، رٽائرمينٽ ورتي، ۽ هينئر هن سنسار مان موڪلائي ويو آهي. ڪملا جي ماتا جو نالو تيجان، ڏي بنو ذات ٻڙهيہ ڳوٺ چيلهار تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جي آهي. جيئن تہ ڪملا جو پتا ٽنڊو جان محمد ۾ نوڪري ڪندو هو. تنهن ڪري ڪملا پرائمريءَ جا 5 ڪلاس 1966ع ۾ گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول ٽنڊو جان محمد مان پاس ڪيا. ميٽرڪ بہ سال 1971ع ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد مان ڪئي. انٽر 1974ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج

ٽنڊو جان محمد مان پاس ڪيائين. گريجوئيشن سال 1976ع، MA سال 1983ع ۽ MEdسال 1985 ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان پاس ڪيائين.

پاڻ شادي 1975-02-06 تي شري پيرو مل ڏناڻي، ولد موٽو مل ڪاڳيہ، ڳوٺ منڙيو چارڻ تعلقہ ڇاڇرو، ضلع ٿرپارڪر سان ڪئي. شري پيرو مل بہ تعليم کاتي سان وابسطہ رهيو ۽ هُن ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر طور ضلع مٺيءَ مان عمر جا 60 سال پورا ڪري رٽائرمينٽ ورتي. ساڳئي سال 1975ع ۾ شري پيرو لال ڏناڻي پنهنجي اباڻي ڳوٺ منڙيو چارڻ مان لڏي، اچي ٽنڊو جان محمد جا وڻ وسايا، ۽ اڃا تائين اُتي رهائش پذير آهن. ڪملا ڏناڻيءَ جا مائٽ توڙي ساهورا شروع کان ئي علمي رهيا آهن. سندس مائٽن ۾ پاڻ، سائين ساجن داس چنداڻي، ڊاڪٽر نيبراج چنداڻي ۽ سائين هيمنداس چنداڻي مشهور هستيون آهن، ۽ سندس ساهورن جي طرف کان سندس پتي پيرو مل ڏناڻي، ڊاڪٽر جئمل ڏناڻي، سرڳواسي ڊاڪٽر ويرسي ڏناڻي، ڊاڪٽر موهن ڏناڻي مشهور آهن.

ڪملا ڏناڻيءَ کي اولاد هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽ آهن. 1. ڊاڪٽر ڪيلاش چندر، جيڪو چيسٽ اسپيشلسٽ (BPS-18) ۾ تعلقہ اسپتال ڊگهڙيءَ ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. 2. ميجر دانش، جو پاڪ آرمي GHQ راولپنڊيءَ ۾ ميجر جي پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي. 3. راجا مهان، جيڪو مهراڻ يونيورسٽيءَ مان BE ڪري، MEڪري رهيو آهي. ڪملا ڏناڻي تاريخ 1976-1-15 تي JST طور BPS-14 ۾ گرلس هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد ۾ مقرر ٿي. پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. پنج سال رهڻ کانپوءِ کيس پروموٽ ڪري HST جي پوسٽ BPS-16 ۾، ساڳئي اسڪول ۾ رکيو ويو. انهي پوسٽ تي 6 سال نوڪري ڪرڻ بعد پبلڪ سروس ڪميشن پاس ڪرڻ ڪري BPS-17 ۾ پروموشن ڏيئي کيس هيڊ مسٽريس گرلس هاءِ اسڪول ٽنڊو جان محمد ۽ گڏوگڏ ايس. ڊي. او گرلس ڊگهڙي جي بہ چارج ڏني ويئي. اُتي 9 سال سروس ڪرڻ بعد پبلڪ سروس ڪميشن پاس ڪرڻ سان کيس ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر (BPS-19) ۾ ترقي ڏيئي مٺيءَ ۾ رکيو ويو. جتي بہ هُن 6 سال نوڪري ڪئي، پوءِ کيس

بدلي ڪري ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر هيڊ ڪوارٽر ميرپورخاص 2 سال، ۽ 8 سال ڊسٽرڪٽ ايجيوڪيشن سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري مقرر ڪيو ويو جتي هُن انهي عهدي تي 10 سال ايمانداري ۽ نيڪ نيتيءَ سان نوڪري ڪئي، ۽ ڪيس ڊسٽرڪٽ ايجيوڪيشن هائر سيڪنڊري جي بہ چارج ڏني ويئي. ٻن سالن ڪانپوءِ سندس سٺي ڪارڪردگيءَ تي ڪيس BPS–20 ۾ ترقي ڏيئي، ڊائريڪٽر اسڪولس ايجيوڪيشن ميرپورخاص مقرر ڪيو ويو جتي هُن 6 مهينا ڪم ڪيو. آخر ۾ ڊسٽرڪٽ ايجيوڪيشن آفيسر سانگهڙ ۾ ٽي مهينا نوڪري ڪري، خير خوبيءَ سان تاريخ 2014–05–10 تي 60 سال عمر پوري ڪري رٽائرمينٽ ڪئي.

پاڻ سنڌي، انگريزي اردو ۽ ڍاٽڪي ٻوليون لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهندي آهي، ۽ ڊريس ۾ شلوار ۽ قميض کي وڌيڪ پسند ڪندي آهي. ڪملا ڏناڻي پنهنجي پوري حياتي نياڻين جي تعليم کي ارپي ڇڏي، علم جي روشنيءَ سان نياڻين جي اوندهہ ذهنن روشنيءَ سان منور ڪيو انهي جو مثال تہ سندس شاگردياڻيون اڄ بہ ڊاڪٽر ۽ ٻين وڏن عهدن تي نظر اينديون، اهائي سندس سڃاڻپ آهي، جا صدين تائين رهندي. ڪملا ڏناڻي هڪ پيغمبري پيشي سان تعلق رکندي جو ڪم ڪيو آهي، تنهن لاءِ ميگهواڙ جاتيءَ کي فخر ۽ ناز آهي. هُن هميشہ پنهنجي پاڙي توڙي غريب ڇوڪرين کي پڙهڻ لاءِ همٿائڻ، ۽ انهن جي معاشي طور پوري پوري مدد ڪري، انهن جي اندر ۾ علم جو ديپ روشن ڪيو جو سدائين ٻين کي روشنيءَ سان منور ڪنديون رهنديون.

ڪملا ڏناڻيءَ جي چوڻ موجب، پنهنجي پوري حياتيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻي خوشي ۽ يادگار لمحو اهو هو جڏهن هن پنهنجي پٽ ڊاڪٽر دانش کي، پهرين ڪاڪول اڪيڊميءَ ۾ ڪيپٽن جيورديءَ ۾ پريڊ ڪندي ڏٺو. انهي وقت سندس مامتا جا ديپ پوري روشنيءَ سان مهڪيا، ۽ سندس چهري تي خوشيءَ جي مهڪ گلاب وانگر رقص ڪرڻ لڳي، ڪيس قوم طرفان ڏنيواد آهي، تہ هُن پنهنجي نوڪريءَ سان گڏ پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي بہ تمام گهڻو ڌيان ڏنو

جو سنڌس پٽ پاڪستان ۾ هندو توڙي ميگھواڙ جاتيءَ جو پهريون نوجوان آهي، جو پاڪ فوج ۾ ڪيپٽن جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ فوجي وردي پائي پنهنجو نالو روشن ڪيو. ڪملا ڏناڻي، پوري ڏناڻي پريوار ۽ پوري ميگهہ ونس جاتيءَ ڪي ناز آهي تہ هن ميگھواڙ جاتيءَ جو ڳاٽ هماليہ جبل کان بہ اوچو ڪيو آهي. اسان جي دعا آهي تہ هيءُ چمڪندڙ ستارو، پنهنجي ڪاوشن سان وڌيڪ روشن ٿي چنڊ وانگر نيل گگن ۾ چمڪندو رهندو.

ڪملا ڏناڻي جهڙي املهہ ناري، جا ٻاٽ سان لڙي روشنيءَ جي راهہ ورتي، جنهن اوندهہ اجارڻ جي بي قرار جستجو ڪئي، جنهن اماس جهڙي جڳ ۾ ديپ ٻرڻ جي جدوجهد ڪئي، ۽ سنڌس اُجرا عڪس تاريخ جي جهروڪن مان هر دؤر ۾ پيا ليا پائيندا. ۽ سنڌس قابليت، دانشمندي ۽ انسانيت جي خدمت، ميگھواڙ جاتيءَ جي ماڻهن ڪي مهانتائن جو معراج اربي چڙهيو آهي. سنڌس تعليمي خدمتون هميشہ تاريخ جي صفحن ۾ ياد ڪيون ويندديون. ڪملا ڏناڻي سدائين پنهنجي پتي پيرو مل ڏناڻيءَ سان قدم قدم سان ساٿ نڀايو. پتي ورتا استريءَ جو روپ ڌارڻ ڪري گهر ڪي سرڳ سمان بنائي رکيو آهي. آئون ڏناڻي پريوار جي ٿمورتي، جنهن ۾ شري ڊاڪٽر جئمل ڏناڻي صاحب، جيڪو پوري پاڪستان ۾ پوري اقليتي توڙي ميگھواڙ جاتيءَ جو پهريون ڊبل Ph.D هولڊر ۽ شهيد بينظير يونيورسٽي آف وٽرنري اينڊ اينيمل سائينسز ائٽ سڪرنڊ جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ٿيو. ٻيو نمبر ڪملا ڏناڻي خود ميگھواڙ جاتيءَ جي پاڪستان جي پهرين خاتون جيڪا BPS-20 ۾ ڊائريڪٽر اسڪولس جي عهدي تي رهي، ۽ ٽيون نمبر سنڌس پٽ ڊاڪٽر دانش، جو هندو اقليتي توڙي ميگھواڙ جاتيءَ جو پهريون نوجوان، جو پاڪ فوج ۾ ميجر مقرر ٿيو. اهي چمڪندڙ ستار اسان جي پوري ميگهہ ونس جاتيءَ جا هيرا آهن، ۽ تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ رهندا ۽ جن سان ٻين ۾ اتساهہ پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي. انهن ڪانپوءِ اسان جي قومي نوجوانن ۾ جذبو پيدا ٿيو آهي، ۽ هن وقت ميجر پاڪ فوج ۾ پنهنجي ملڪ جي سالميت ۽ دفاع لاءِ ڊيوٽي سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

# ڊاڪٽر شبنم رانوڙ

تم تو ساگر کارا پيا، چڙي چونچ پرنت،
کاري کو امرت کيا، گڻ پريو گجنت.

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهرين ميگهواڙ جاتيءَ جي عورت، جنهن پي. ايڇ. ڊي ڪري پنهنجي مُلڪ ۽ قوم ۾ پنهنجو نالو سونهري اکرن ۾ لکرايو ۽ تاريخ جي ورقن ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ڪرايو. اُها مهان هستي آهي ڊاڪٽر شبنم رانوڙ جنهن جو جنم تاريخ 1974-01-25 تي گنيش تي. ٻالاڻي کوکر شهر مٺي جي گهر ورتو. سندس ماتا جو نالو مان ٻائي، ڏي مهرو مل ذات ڪڏيچہ، ڳوٺ گوڏيار تعلقو مٺي آهي. ڊاڪٽر شبنم رانوڙ پنهنجي بنيادي تعليم، زيل پاڪ ڪالوني حيدرآباد جي سرڪاري اسڪول مان حاصل ڪئي، جتي سندس والد گنيش ٻالاڻي صاحب زيل پاڪ سيمنٽ فيڪٽريءَ ۾ ملازمت ڪندو هو. انٽر سائنس زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ بعد، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾، ايگريڪلچر سوائل سائنس (Soil Science) ۾ بي. ايس. سي. آنرس ۾ داخلا ورتائين، جتان هڪ سال آنرس ۽ پوءِ ٻہ سال ايم. ايس. سي. (ايگريڪلچر) سال 2001ع ۾ پاس ڪيائين، ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سيڪنڊ پوزيشن هولڊر رهي، جتي کيس ”سلور ميڊل“ سان نوازيو ويو.

سندس شادي سال 1999ع ۾ شري نندن ڪمار پٽ ڪيشو لال ذات جوڳي اصل ڳوٺ جاريلو تعلقہ ڇاڇرو هو جتان 1971ع ۾ لڏي اچي ڪوٽ ميرس لانڊي اچي آباد ٿيا، ان سان ٿي، جيڪو هيلٿ ٽيڪنيشن جي پوسٽ تي نوڪري ڪري رهيو آهي. جنهن مان کيس اولاد هڪ نياڻي نيهانندن، جيڪا ڪلاس نائين ۾ پڙهي رهي آهي، ۽ هڪ پُٽ سُڏارت نندن، جيڪو اٺين ڪلاس ۾ پڙهي رهيو آهي.

شبنم کي سندس پتي شاديءَ کانپوءِ اڳتي تعليم ڏيارڻ ۾ همت وڌائي، سال 2004ع ۾ کيس سنڌ ايگريڪلچر ريسرچ ۾ ڪميشن پاس ڪرڻ تي، ريسرچ آفيسر جي نوڪري ملي. نوڪريءَ دوران

تمام گهڻي محنت ڪرڻ تي حڪومتِ پاڪستان ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ جي تعاون سان اعليٰ تعليم لاءِ نامزد ڪيو.

سال 2007ع ۾ شبنم راڻوڙ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ لاءِ جرمنيءَ جي شهر اسٽوٽ گارٽ رواني ٿي، جتي يونيورسٽي آف هونر هائيم University of Honer Heim ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾، پنهنجي فيلڊ ۾ انتهائي محنت سان ريسرچ ڪرڻ تي، يورپين يونين Europuen Union جي هڪ پروجيڪٽ ۾ ملازمت ملي، جيڪا هُن جي ريسرچ سان لاڳاپيل هئي. ڊاڪٽر شبنم پنهنجي ريسرچ کي پبلش ڪرائڻ کان اڳ، ڪيترين ئي عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ سوئيزرلينڊ، جرمني، آسٽريا ۽ هنگريءَ جي ٽاپ ڪلاس جي يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنا ۽ پنهنجي ريسرچ پيش ڪئي، جتان کيس هميشہ بهترين ايوارڊ سان نوازيو ويو.

سال 2010ع ۾ آمريڪا (USA) جي شهر Sandiago ۾ ٿيل عالمي زرعي ڪانفرنس ۾ کيس مجتا طور عالمي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو، جيڪو پوري دنيا مان تمام ٿورن ماڻهن کي ڏنو ويندو آهي. اهڙو اعزاز ماڻيندڙ انهيءَ سال جي شبنم دنيا جي ٽيئن، ۽ پاڪستان جي پهرين عورت هئي جيڪا ميگهواڙ جاتيءَ سان تعلق رکندڙ Scientist آهي.

2011ع ۾ ڊاڪٽر شبنم راڻوڙ کي پي. ايچ. ڊي جي ڊگري تمام سٺي نمبرن سان ايوارڊ ڪئي ويئي، ۽ پاڪستان جي پهرين ميگهہ ونس عورت پي. ايچ. ڊي. جي ڊگري حاصل ڪندي، پنهنجي جاتيءَ جو ڳاٽ اونچو ڪرايو جنهن تي ميگهواڙ جاتيءَ کي هميشہ لاءِ ناز رهندو. تنهن ڪانپوءِ واپس آئي ۽ کيس پروموٽ ڪري اسسٽنٽ ايگريڪلچر ڪيمسٽ ڪراچي رکيو ويو جتي نوڪري ڪري رهي آهي.

# ڪلاونتي راجا

زمانا روئي گا برسون همين پيي ياد ڪر ڪي،
گنين گي سب هماري خوبيان جب هم نہ هونگي.
(پروين شاڪر)

ڪجين جي حوالي سان مشهور ضلع خيرپور جي تاريخ بہ ڏاڍي نرالي ۽ شاندار رهي آهي. جنهن ضلع جي آمدني اوسط برطانوي دؤر ۾ انگليند کان بنهہ وڌيڪ هئي. اهو شاهوڪار خطو ڪنهن وقت الڳ آزاد رياست هوندي هئي. انهي رياست جا والي مير صاحبان هوندا هئا. ان خيرپور ضلع ۾ ڪئين مسلم ۽ غير مسلم صوفي ۽ سنت، مير ۽ پير سياستدان، شاعر، اديب ۽ نالي واريون شخصيتون پيدا ٿيون، جن کي وقت جي مؤرخن هميشہ لاءِ ڪارن ڪاغذن ۾ محفوظ ڪري امر بنائي ڇڏيو آهي. انهي خطي ۾ قديم دراوڙ تهذيب جا وارث پڻ رهندڙ آهن، جن ۾ ميگهواڙ لوڪن ۾ مسڪين پورهيت شري سچانند، ذات پنهون ميگهواڙ پنهنجي محنت، لگن ۽ سچائيءَ سان علم جي روشنيءَ جي اج اجهائيندي، اج بہ ميگا سٽي ڪراچيءَ جي صدر واري علائقي جي سرڪاري هاءِ اسڪول ۾ بطور هيڊماستر جي عهدي تان مقدس علم ورهائي شعور پکيڙي رهيو آهي. جنهن جو ڳوٺ بوزدار وڏا ضلع خيرپور آهي، جنهن جي گهر ۾ هڪ روشنيءَ جي ڪِرن، تاريخ 23 مارچ 1974ع تي نروار ٿي، جنهن جو نالو ڪلاونتي (سپني ڪلائن واري) رکيو ويو. سندس ماتا جو نالو شانتي ديوي، ڏي ڪوڙو مل آهي.

ڪلاونتي پاڪستان جي ميگهواڙ جاتيءَ مان آهي، جنهن رسمن کي رد ڪري جوتا ٿاهڻ واري بجيٺ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ بعد ۾ سال 1998ع ۾ M.Sc ڪيمسٽري، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پاس ڪيائين. پاڻ شادي 5 نومبر 1995ع تي، شري رميش راجا ولد ڪالو مل ذات پنوار، شهر گنبٽ ضلع خيرپور سان ڪئي. رميش راجا، جيڪو هن ميگهہ ونس جاتيءَ جو پهريون شخص هو جنهن

انجنيئرنگ جي ماسٽر ڊگري NED يونيورسٽي ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. هو هن وقت پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (انجنيئر) نيشنل هاءِ وي اٿارٽيءَ ۾ 18 گريڊ ۾ سروس ڪري رهيو آهي. هيءُ هڪ نيڪ دل دوست انسان آهي ۽ هڪ سٺو ليکڪ بہ آهي. هن جا ليک، خاص ڪري "ڏياريءَ جا اجهاميل ڏيا" روزانہ جاڳو ڪراچي 13 نومبر 1993ع ۾ شايع ٿيو. "اڇو تہ پڳت ڪبير کي پڙهون"، جيڪو روزانہ جاڳو ڪراچي 21 جون 1997ع ۾ شايع ٿيو. خودڪشي جو ٻيو نالو هفتيوار سنڌو 28 نومبر کان 24 ڊسمبر سال 1991ع ۾ ڇپيو ۽ "هولي پوري رنگ اڏورا"، "سکي هوا ۾ هُبڳاءُ آهي"، "انسانيت جو آواز سنت ڪنور رام" ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا.

ڪلاونتي راجا پنهنجي ڪئريئر جو گهڻو وقت، زناني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهڻ ۾ ۽ جدوجهد ڪندي گذاريو. ان سان گڏوگڏ انساني حقوق، عورتن جا معاملا ۽ آباديءَ جي تناظر ۾ ٻيا اهڙا مسئلا مختلف پليٽ فارمن تي انهن جي نشاندهي ڪري، عورتن کي وڌيڪ شڪتي شالي بنائڻ ۽ ٻين اهڙن مسئلن جو بنا ڪنهن خوف جي اظهار خيال ڪيو. هن ڪيترين ئي NGOs ۾ شرڪت ڪئي، جهڙوڪ سينٽرل وائيس پريزيڊنٽ آف شيڊيول ڪاسٽ، فيڊريشن آف پاڪستان، سينٽرل پريزيڊنٽ آف رکيشور سوشل ڪلچر ۽ ايجيوڪيشنل ايسوسيئيشن ڊسٽرڪٽ خيرپور ۽ ميمبر ورڪنگ ڪاميٽي، گريجوئيٽ ايسوسيئيشن وومين ونگ رهي. هن جي شڪتي شالي ڪوشش سماجي ڪمن، انهن ۾ سجاڳي آڻڻ، خصوصاً عورتن ۾ انهن جي حقن کي حاصل ڪرڻ، برابريءَ جي بنياد تي ۽ انساني مانئتا وسيع پيماني تي عوام ۾ واکاڻي وڃي ٿي.

ڪلاونتي راجا دلت عورتن جي حقن لاءِ بين القوامي ڪانفرنس ۾ بهرو ورتو جهڙوڪ دلت وومين رائيٽس ائٽ نيپال، ٿائليند، انڊيا ۽ بنگلاديش، سريلنڪا ۽ ڪيس (PDSN) پاڪستان دلت سابوريٽي نيٽ ورڪ (وومين) ونگ جي آرگنائيزر ۽ ايشين وومن ايسوسيئيشن آف Exclueled ڪميونٽيءَ جو ڪوآرڊينٽر چونڊيو ويو.

ڪلاونتي راجا مٺي مهڪي ماين ۾ (ٽن ملڪن جو سفر) ۾ لکيو آهي تہ سال 2008ع پاڪستان ۾ دلت عورتن جي نمائندگي طور ڪيس مٺيءَ جي مهڪ وارين دلت عورتن جي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو. دلت عورتن جي جاگرتا ۽ حقن جي سوال تي نيپال، ٿائلينڊ ۽ بنگلاديش جي گادي وارن شهرن ۾ بين القوامي گڏجاڻيون ٿيون، جن ۾ نہ صرف ايشيائي ملڪن جي دلت عورت، بلڪ يورپ ۽ آمريڪا جي نالي وارين سماجڪ سڌارڪ گورين بہ شرڪت ڪئي. ان سلسلي ۾ پهرين گڏجاڻي 25 کان 27 فيبروري 2008ع تي گرين وچ هوٽل کٽمنڊو نيپال ۾ ٿي. شريڪ ٿيندڙن ۾ ڪيناڊا، نيوزلينڊ، ملائيشيا، انڊيا، سريلنڪا، نيپال، بنگلاديش ۽ پاڪستان شامل هئا. ٻي گڏجاڻي 8 کان 10 مارچ 2008ع ونڊ سور سوئيٽز هوٽل بئنڪاڪ ۾ ٿي، جنهن ۾ انڊيا، نيپال، بنگلاديش، سريلنڪا ۽ پاڪستان جا نمائيندا شامل ٿيا. ٽئين گڏجاڻي 7 کان 11 آڪٽوبر 2008ع ڍاڪا، بنگلاديش ۾ ٿي، ان ۾ جرمني، اينگلينڊ، ٿائيلينڊ، سوئيڊن، سريلنڪا، انڊيا، بنگلاديش ۽ پاڪستان جي دلت اڳواڻن شرڪت ڪئي.

صدين جي نفرتن، تڪليفن ۽ پريشانين جي روح ڏاريندڙ قصن ۽ ڪهاڻين جو مجموعي طور تي جدوجهد جو محور، هيٺيان مطالبا هئا:

(1) حڪومت ۾ حصيداري ڏيڻ، (2) نوڪرين ۽ اعليٰ تعليم بہ برابر جو حصو ڏيڻ، (3) زمين ۽ رهائشي ڪالونين ۾ مالڪاڻا حق ڏيڻ. پنهنجي تحريرن ۾ دلت جي تاريخ، آباديءَ جو تناسب، تاريخي پس منظر موجب زيادتي جي پيش منظر ۽ آباديءَ جي تناسب جي حوالي جي روشنيءَ ۾ خاص طور هيٺيان مطالبا رکيا ويا.

(1) زرعي زمين ۽ هائوسنگ اسڪيمن ۽ دلتن کي مالڪاڻہ حقوق ڏيڻ، (2) آرمي، اعليٰ عدالتن، بينڪن ۽ گورنمينٽ جي سمورن ادارن ۾ نوڪرين جي ڪوٽا مقرر ڪرڻ، (3) سينيٽ، صوبائي ۽ نيشنل اسيمبليءَ ۾ دلتن لاءِ آباديءَ جي تناسب سان سيٽون مقرر ڪرڻ (4) اعليٰ تعليمي ادارن ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ تعليمي

اسڪالرشپ لاءِ سيٽون مقرر ڪرڻ، (5) قومي صدارتي ۽ ٻين اعليٰ سول ايوارڊن سان دلتن کي نوازي، قومي ڌارا ۾ شامل ڪيو وڃي.

ڪلاونتي راجا کي هنن سڀني تجويزن مان چاڻ ملي، تہ معاشري جي ترقيءَ جو گهڻو تڻو راز سماجي وهنوارن مان مذهب جي هرو ڀرو دخل کي خارج ڪرڻ ۾ آهي. اعليٰ معاشرن ۾ ماڻهن مذهب کي پنهنجي دل جو معاملو بڻائي رکيو آهي. اهو راز تہ ڪوئي ڪنهن ڪان پڇيو آهي تہ ڪنهن کي ڏسي ٿو. ڪلاونتي راجا هڪ سنڌي پريس جي مهان ڪالم نگار آهي، جنهن ۾ خيالن، عملن، توجهہ نہ ڏنل مسئلن تي آواز اٿاريو. ان سان گڏوگڏ انساني وجود کي تنهائي ۽ انڌيري ۾ رکڻ، ماءُ جي محبت ۽ ڏرمي جاگرتا، پنهنجو پاڻ ۾ همت جي شڪتي پيدا ڪرڻ ۽ ڏڪاريل سماجي لوڪن ۾ هڪ عزت ڀري زندگي گذارڻ لاءِ ڪم ڪيو.

هن کي مختصر ادبي ڪم، جنهن جي تعلق عورتن ۽ ڏڪاريل جاتيءَ لاءِ ڪيو ويو، تنهن لاءِ ڪيس سارهايو وڃي ٿو. ڪلاونتي راجا پنهنجي پيءُ جي واٽ وٺندي علم ۽ ذهانت سان شاندار تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي، اڄ ان ماڳ تي پهتي آهي، جو سموري دنيا جا دروازا هن جي آجيان لاءِ آتا آهن. جيڪا هڪ خوبصورت ڪمپيئر آهي، ۽ ميمبر مرڪزي ڪاميٽي سنڌياڻي تحريڪ بہ آهي. هي هڪ بهترين ميگهواڙ جاتيءَ جي نالي شعلا بيان، مقرره، ليکڪا سان گڏوگڏ سماجي ورڪر بہ آهي. هن ميگهواڙ جاتي لوڪن جو ٻاٽ، ڪارونجهر وانگر اوچو رکي پاڻ ملهايو آهي. ڪنهن اسٽيج تي جڏهن تقرير ڪندي آهي، تہ سٽل انسانن جي روحن کي جذبن ۽ امنگن سان سر شار ڪري ڇڏيندي آهي. پنهنجي وات مان موتين جهڙن لفظن جي روشنيءَ سان مٿل ماڻهن جي اندر جا ديپ روشن ڪري ڇڏيندي آهي. هن جي هر لفظ ۾ جوش، جذبن ۾ پنهنجي قوم کي ترقي ڏيارڻ جو ڏانءُ ڏسيل هوندو آهي. اسان پوري جاتيءَ طرفان هن مهان شڪتي شالي نياڻي ڪلاونتي کي، جيڪا سڀ ڪلائن ۽ گڻن جي مالڪڻ آهي، ڏنيواڌ چئون ٿا. ڪيس خوبصورت مقرره هجڻ ڪري جناب وڪيل ارجڻ داس، سال 2005ع

۾ پيگت ڪبير ڪانفرنس پنوعاقل جي موقعي تي، امر وير لڏارام ايوارڊ سان نوازيو.

ڪلاونتي راجا محسوس ٿي ڪري تہ ڪيس پنهنجي خانداني نالي سان انهيءَ ڪري نہ ٿو سڏيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هن جو تعلق ڪنهن اوچ خاندان سان ڪونهي، ۽ انهيءَ جي لاءِ ڪيس سخت ڪان سخت محنت ڪرڻي پئي آهي. تنهن هوندي بہ هيءَ چاهي ٿي تہ هميشہ انفراديت ۽ بلنديءَ لاءِ هيءَ پنهنجي هر ممڪن ڪوشش ڪندي، تہ جيئن ڪيس هيٺين درجي جي شخصيت طور نہ سڃاتو وڃي.

# ڊاڪٽر اندرا ڪيسواڻي

پکيان پيتي جَل نا کُٽي، نديان کُٽي نان نِير،
ڌرم ڪري ڌن کُٽي نان، ڪھہ گيا داس ڪبير.

ٿر جي واريءَ جي پٽن مان ڪيترين ئي پدمڻيون نارين پيدا ٿيون آهن. ڪيترين ئي استاد، هنرمند ۽ ڊاڪٽرياڻيون، جيڪي اڄ بہ پاڪستان جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ نظر اچن ٿيون. اهڙي ئي هڪ ميگھواڙ ڊاڪٽر اندرا ڪيسواڻي آهي جنهن جو جنم تاريخ 1963-02-2 تي سندس ناناڻي شهر ڏيپلو ۾، ناليواري استاد ڪيت ڪيسواڻي ذات سيجو شهر مٺي جي گھر ٿيو. سندس ماتا جو نالو ٻاجھو ذات ولاسيہ ڏيپلو شهر جي آهي. سندس شادي تاريخ 1989-11-04 تي ڊاڪٽر چنديرام ولد راڻو مل ڪڏيچہ اصل ڳوٺ لوڻيهار سان ٿي. ڊاڪٽر چنديرام ۽ سندس والدين سال 1987ع ۾ پنهنجي ڳوٺ مان لڏي مٺي شهر ۾ آباد ٿيا، ۽ سندس ڪالوني پنهنجي ڏاڏي جي نالي سان ڌرماڻي ڪالوني سڏجي ٿي، جتي رهن ٿا.

ابتدائي تعليم گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول ٽنڊوجان محمد مان حاصل ڪئي، ۽ سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج ٽنڊوجان محمد مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ بہ اُتان سال 1979ع ۾ پاس ڪيائين، ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نواب شاهہ يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو مان سال 1990ع ۾ ايم. بي. بي. ايس ڪئي. تاريخ 1996-2-08 تي ميڊيڪل آفيسر طور تعلقہ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ڏيپلو ۾ مقرر ٿي. ڪيس ميگھواڙ ڪميونٽي جي پھريائين ڊاڪٽرياڻيءَ جو اعزار حاصل آهي.

جنهن ڪان پوءِ ڪيس بدلي ڪري سول اسپتال مٺيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو جتي هن وقت MCH سينٽر ۾ ڪم ڪري رهي آهي. پاڻ هڪ هوشيار ڊاڪٽر آهي. پنهنجي پيشي سان سچي ۽ وفادار آهي ـ ۽ هن وقت سندس ور ڊاڪٽر چنديرام ڌرماڻي صاحب بہ سول اسپتال مٺيءَ ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر اندرا جو پتا ڪيت ڪيسواڻي بہ هڪ بهترين استاد ٿي رهيو. جنهن نوڪريءَ جو گھڻو

حصو ٽنڊو جان محمد هاءِ اسڪول ۾ گذاريو. پاڻ تاريخ 2000_2_13 جو هن فاني دنيا مان هميشہ لاءِ موڪلائي ويو.

ڊاڪٽر اندرا کي اولاد 3 نياڻيون ۽ هڪ پُٽ آهي: (1) ماريا BSC, Bed, MA English، (2) منيشا ڪماري ٽرڊ MBBS 3rd year، (3) لالا ارون MBBS 2nd year، (4) پوجا Pre_Medical 1st year.

سندس پتا سائين کيت ڪيسواڻي، انهي وقت ڪيس پڙهايو جڏهن ميگهواڙ ڪميونٽي ۾ ميٽرڪ کان مٿي پڙهائڻ کي سٺو ڪونہ سمجهيو ويندو هو. پر سائين کي هڪ اعليٰ تعليم يافتہ انسان هئڻ ڪري، پنهنجي نياڻيءَ کي بہ آسمان ۾ تاري وانگر چمڪندي ڏسڻ جي خواهش هئي. هُن ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي نياڻيءَ کي اعليٰ تعليم ڏياري ڊاڪٽر بنايو ۽ هن ميگهہ ونس جي تاريخ ۾ پهرين ڊاڪٽرياڻي ٿي، پنهنجو نالو روشن ڪيو. جنهن تي اسان جيترو ناز ڪريون اهو ٿورو آهي. جس هجي اهڙي مهان انسان جي سوچ کي، جنهن ميگهواڙ ڪميونٽيءَ لاءِ اعليٰ تعليم پڙهائڻ جا دروازا کولي ڇڏيا، ۽ اڄ اسان جي جاتيءَ ۾ ڪيتريون ئي ڊاڪٽرياڻيون ۽ Ph.D ڪيل نياڻيون آهن، جن پنهنجي جاتيءَ جو نالو روشن ڪيو آهي.

ڊاڪٽر اندرا ميگهہ ونس تاريخ جو هڪ سونهري ورق آهي، جنهن کي تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ ضروري آهي. اميد آهي تہ هوءَ پنهنجي پيشي سان سچي ۽ ايماندار رهي، هر انسان جي خدمت کي عبادت طور محسوس ڪندي رهندي.



# آئينو عڪس جنهن جي ما مَن ۾


شاه لطيف

# چِترا پريتم بالاچ

جو کچھ کیا سو تم کیا، میں کچھ کیا ناہہ،
کہو کہی جو میں کیا، تم تو بھی مجھ ماہہ۔

دنيا ۾ ڪيترائي مهان آرٽسٽ ٿي گذريا آهن ۽ هن وقت بہ پنهنجي فن ۾ مشغول آهن. جنهن ۾ پبلو پڪاسو، مچل اينگلو، وليم ٽيورن، گلجي، صادقين، جميل نقش جن پنهنجي اندر جي امنگن کي انگن جي ٻوليءَ ۾ دنيا وارن کي موهيو. اهڙو ئي هڪ پاڪستان جو مشهور آرٽسٽ، مصور ڪئليگرافر آرٽسٽ چترا پريتم بالاچ صاحب. جنهن ڳوٺ سنجر پور ضلع رحيم يار خان پنجاب ۾، شري پريتم داس بالاچ جي گهر سال 1970ع ۾ جنم ورتو. سندس پتا پريتم داس بالاچ، جيڪو هڪ مشهور جواهري هو، سونُ ۽ چانديءَ جا زيور ٺاهيندو هو. چترا پريتم بہ پنهنجي گهر ۾ پنهنجي پتا جي شاگرديءَ ۾ رهيو، جتي جُئيلري ٺاهڻ جي سکيا ورتائين ۽ استاد ۽ شاگرديءَ جي رشتي کي سمجهيو ۽ استاديءَ جي عزت ڪرڻ سکيو.

زيورات جي ڊزائين مان متاثر ٿي، ننڍي هوندي کان کيس مصوّري جو شوق جاڳيو ۽ پنهنجو رستو تلاش ڪرڻ لاءِ سيد انيس شاهہ جيلانيءَ جا لکيل ڪجهہ خط هٿ ۾ ڪٽي، روشنائين جي شهر ڪراچيءَ ۾ هڪ مصروف ترين زندگي ۾ اچي، مصوّريءَ جي سفر جي شروعات ڪيائين ۽ مصوّريءَ جي جُنون ۾ گذارڻ لڳو ۽ پڳوان کان هميشہ دعا گهرندو رهندو هو تہ:

ميري ناؤ ڪو ڪردو اب سي هار ڪر،
بہ ثابت هي تو اُس ساريہ.

ڪراچيءَ ۾ مرشد جي تلاش ۾ ڪافي تڪليفون ۽ سخت حالات سهندو رهيو. آخرڪار هڪ ڏينهن جناب عبيدالله عليم، جيڪو هڪ ليکڪ ۽ شاعر هو، تنهن جي معرفت پنهنجي گرو، جميل نقش صاحب سان ملاقات ٿيس، ۽ هڪ اميد جو ڪرڻو روشن ٿيو. مصوّريءَ جي ديوتا، جميل نقش جي شاگردي اختيار ڪرڻ ڪا رواجي ڳالهہ نہ هُئي. جنهن لاءِ بي پناهہ صبر، برداشت ۽ ادب گهرجي.

ائين ھو جيئن ڪو باھ جو دريا، جنھن مان تري پار پوڻو ھو. چترا انھن سپني ڏکين رستن کي پار ڪندو رھيو. ڪڏھن ڪڏھن زندگي ٻہ داءُ تي لڳائڻي پوندي ھئي. تمام آداب ۽ اخلاق پاسداريءَ جو خيال رکڻ، جتي غلطيءَ جي ڪابہ گنجائش، ۽ نہ ئي بخشش.

مانند سحر صحن مين قدم رکھ،
آئي تھر پا مگر گوھر شبنم نہ ٹوٹي.

جميل نقش صاحب سندس ادب ۽ اخلاق ڏسي کيس شاگرديءَ ۾ آندو ۽ پنھنجي گھر ۾ ڪجھ جاءِ، ڪم ڪرڻ لاءِ ڏني، ۽ سندس استاد جي گائيڊ سان کيس پينٽنگ جي مھارت حاصل ٿي، ۽ پينٽنگ جا سپ گُر سيکاريا جنھن ۾ آئل پينٽ جيڪا اڄ تائين سندس فيوريٽ ميڊيم آھي. چترا جميل نقش کي آئيڊيل سمجھي ٿو ۽ چوي ٿو تہ آئون جيڪي ڪجھ آھيان، اھو مون کي جميل نقش صاحب کان نصيب ٿيو آھي. ايتري ۾ جميل نقش صاحب وڃي لنڊن ۾ رھائش اختيار ڪئي، تہ سندس دل ريزه ريزه ٿي ويئي، ۽ چوڌاري ويراني ۽ سناٽو محسوس ٿيڻ لڳو. چترا پريتم بالاچ چوي ٿو تہ آئون جڏھن دل جي ڪڙڪيءَ مان ڏسي رھيو آھيان، تہ منھنجي ڪائنات جو محور منھنجي پيءُ پريتم داس بالاچ، مرشد جميل نقش صاحب ۽ خدا جي پاڪ ذات سان آھي. پر ھن دل نہ ھاري سندس ديوتا جي ڏسيل واٽ تي ڪم ڪندو رھيو جنھن ۾ ھُن ڪئليگرافي، لينڊ اسڪيپ، سي اسڪيپ ۽ گوتم ٻڌ تي ڪافي ڪم ڪيو جنھن ھن کي شھريت جي بلندين تي پھچائيو. شروع ۾ پنھنجي ڳوٺ جي ٻھراڙيءَ جي لينڊ اسڪيپ ٺاھي، جنھن ۾ ڪلر ۽ شيڊ سان ٽڪريون، ويليون جنھن ۾ ٻڪريون، ڍڳيون، اُٺ، ڍڳا گاڏيون، عورتون، وڏا وڻ تمام خوبصورتيءَ سان پينٽ ڪيا. انھي ڪانسواءِ موسيٰ نواب جو مقبرو جيڪو وڻن جي جھڳٽي مان اھڙي ڪلر شيڊ سان روشن ٺاھيو آھي، جو رات توڙي ڏينھن جو پري کان خوبصورت ۽ روشن ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چترا پريتم جي لينڊاسڪيپ جي ڪم ۾ مشھور آرٽسٽ William Turne جي جھلڪ نظر اچي ٿي.

Sea Scape ۾ سمنڊ ڪنارو، ٻيڙيون ۽ پرسان گھمندڙ ماڻهو ۽ سمنڊ جي پرپاسي وارو ماحول، خوبصورتي ۽ حقيقي رنگ سان رنگيو آهي. ڪئليگرافيءَ ۾ الله پاڪ جي ڪيترن ئي نالن کي مختلف ڊزائين ۾ پينٽ ڪري مهارت حاصل ڪئي آهي. انهي ڪانسواءِ گوتم ٻُڌ جي تصوير ڪيترن ئي موڊن ۽ ايڪشن ۾ مختلف رنگن سان ڏاهي آهي، جنهن مان محسوس ٿئي ٿو ته هو دنيا وارن کي امن ۽ هم آهنگي ۽ انسانيت بابت سبق ڏيئي رهيو آهي ۽ مختلف يوگا اسٽائيل ۾ به پوري سيريز پينٽ ڪئي آهي.

هن وقت چترا پريتم بالاچ، ميران ٻائيءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي. چترا پريتم جي مصوري پاڪستان توڙي پوري دنيا ۾ تمام گھڻي مشهور آهي. چترا پريتم تي هڪ جرنلسٽ، نديم زبيري، هڪ بهترين ڪتاب به لکيو آهي، جو نيٽ تي آن لائين آهي.

چترا پريتم جي پينٽنگ جون ڪيتريون ئي نمائشون، ملڪ توڙي سمنڊ پار ڪيون ويون آهن ۽ هن کي ڪيترائي ايوارڊ به مليا آهن. سندس سولو (Solo) نمائشون هيٺ موجب مشهور آهن:

* 1995ع ۽ 1997ع ۾ موم آرٽ گيئلري لينڊ اسڪيپ شو ڪيو.
* 1998ع ۾ موم آرٽ گيئلريءَ ۾ ڪئليگرافي شو ڪيو.
* 2000ع ۾ PN.C.A گيئلريءَ ۾ ليندااسڪيپ ۽ ڪئليگرافي شو ڪيو.
* 2000ع ۾ شاڪر علي ميوزيم ۾ ون مين شو ڪيو.
* 2001ع ۾ اعجاز گيئلري ۾ ون مين شو ڪيو.
* 2001ع ۾ موم آرٽ گيئلريءَ ۾ ليند اسڪيپ شو ڪيو.
* 2003ع ۾ موم آرٽ گيئلريءَ ۾ ڊرائينگ جي نمائش ڪئي.
* 2003ع ۾ گُل مهر آرٽ گيئلري ۾ ڪئليگرافيءَ جو شو ڪيو.
* 2010ع ۾ آرٽ سينس آرٽ گيئلري ۾ ڪئليگرافيءَ جو شو ڪيو.
* 2010ع ۾ هيمل آرٽ گيئلريءَ ۾ ڪليڪشن ورڪ شو ڪيو.

جيڪي تمام گھڻا مشهور ٿيا ۽ ڪيترائي انعام مليا. گورنمينٽ آف پاڪستان سندس ڪيل ڪم جي مڃتا طور، کيس 17 آگسٽ 2010ع تي نيشنل ڪلچرل ايوارڊ سان نوازيو ۽ يوم آزادي 14 آگسٽ

2012ع تي کيس صدارتي ايوارڊ ” تمغئہ امتياز“ صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداريءَ طرفان ڏنو ويو.

چترا پريتم بالاچ هڪ مهان مصوّر، ڪلاڪار جنهن تي پوري پاڪستان کي ناز آهي، ۽ آرٽ جي دنيا جو بادشاهہ چئجي تہ گهٽ نہ آهي. چوندا آهن تہ:

هري هيران ڪِري ڳانٺڙي، گراهڪ بنا مت کول،
جب آوي هيران او پارکو، تو ڪري گا ڪوئي مول.

# فقيرا فقيرو ڪانئيسا

اچو بُت پرستو گلن کي چمون، چمون پاڻ نازڪ هٿن کي چمون،
پٿر جي خدا کان ڇا هاڻي گهرون، تراشيا جنهين تن هٿن کي چمون،
زماني گهٽن جا سبي چپ ڇڏيا، چيو جنهن بہ سچ تن چپن کي چمون.

سنڌ جي سونهاري ڌرتي پنهنجي ڪُک مان ڪيترائي بي بها هيرا، ڪلاڪار، چترڪار، اديب، شاعر جنم ڏنا آهن، جيڪي دنيا جي هر خطي ۾ چمڪندا نظر اچن ٿا. اهڙي ئي هڪ مهان، آدرشي انسان، مجسما ساز فقيرو، تاريخ 1979-8-7 تي شادي پلي تعلقي عمرڪوٽ ۾ ڪيمچند ڪانئيسا جي گهر اک کولي. سندس ماتا سونل ٻائي ڀاٽيا ڳوٺ سلطان آباد جي آهي. پاڻ شادي سال 2005ع تي ٽنڊو غلام حيدر مان، سورام وينجهوڙو جي ڌي پونم جي سان ڪئي. جنهن مان کيس هڪ پُٽ دليپ ڪمار آهي، جنهن جي هن وقت عمر چار سال آهي.

ورهاڱي کان اڳ بناس ڪانٺا ضلع جي سورهاڙ جي سونهري ڳام، ساٺهارا کان ٻارن ٻچن سميت سندس ڏاڏو بيڪارام، پيرن پنڌ ڪري اچي شادي پلي رهائش اختيار ڪئي. جتان سال 1980ع ۾ وري لڏي اچي ٽنڊوالهيار ۾ رهائش اختيار ڪئي. سندس ڏاڏو بيڪارام ۽ سندس والد ڪيمچند مشهور رازا ۽ مجسماساز هئا. پاڻ پرائمري تعليم اسڪول پاڪ سنگهار چمبڙ روڊ مان ڪئي. سال 1994ع ۾ ميٽرڪ بہ ساڳي اسڪول مان ڪئي. انٽر آرٽس ايس. ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار ڪاليج مان 1996ع ۾ ڪئي. ڊرائينگ اليمنٽري ۽ انٽر سال 1992ع ۾ پاس ڪيائين. پاڻ تمام غريب هوندا هئا. اُن وقت ايترا پيسہ نہ هئا جو پينسل يا پنو وٺي سگهن. تنهن ڪري سيمنٽ جي ڳوٿرين جي خاڪي پني تي ڪوئلي سان پنهنجي ڪلا جي شروعات ڪيائين، ۽ اندر جو ڪلاڪار جاڳي پيو. تنهن ڪانپوءِ پنهنجي زندگيءَ جون سڀ خوشيون هڪ پاسي رکي، پاڻ کي هميشہ لاءِ فن لاءِ ارپي ڇڏيو. جو اڄ تائين فن سان لاڳاپيل آهي ۽ پنهنجي

شهرت سان ستين آسمان کي ڇُهي، اجا به اڳتي نکري ويو آهي، ۽ دنيا جي ليول تي ڏاڍو نالو ڪمايو آهي.

تصويري رنگ ۾ ماستر هيجارام، ڊرائينگ ٽيچر کان سکيا ورتي، ۽ پوءِ 1992ع ۾ بهترين استاد نظام الدين ڏاهري ٽنڊو الهيار کان ڊرائينگ ۽ آرٽ جو ڪم سکيو. جيڪو هينئر CD سنڌ ۾ ليڪچرار آرٽ آهي، ۽ هن فتاح علي هاليپوٽو صاحب کان تمام گهڻو پرايو ۽ اجا تائين وٺائنس سکي پيو. فقيرو ڪانئيسا کي رنگن جي ڪائنات ۽ مجسمن جي دنيا پنهنجي ڏاڏاڻي ۽ اباڻي ورثي ۾ ملي. سڀ کان پهريائين هن هنومان جي هڪ وڏي مورتي ناهي، جيڪا هن جي پهرين تخليق هئي ۽ جيڪا ٽنڊي الهيار جي رام ديو جي مندر ۾ رکي ويئي، جيڪا رام مندر ۽ بابري مسجد جي تڪرار ڪري ڪِن شر پسندن هن جي تخليق کي پيچي پور پور ڪري ڇڏيو. انهن شرپسندن نه رڳو سندس مورتين کي ريزا ريزا ڪيو پر پوري سنڌ جي سيپيتا کي داغدار ڪيو هو.

سندس مجسماسازي جو فن ڦهلندو رهيو. 2001ع ۾ هن جي زندگيءَ جو پهريون وڏو امتحان آيو پر هيءُ شخص انهي امتحان مان آساني سان پار ڪري ويو. پال جيڪو آمريڪا اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو جيڪا رتن آباد ۾ آهي، ۽ جتي هن کي 8x20 فوٽ جي Last Super جو مسجمو ناهڻ جو آرڊر مليو. جو هن ڏينهن رات محنت ڪري فائيبر گلاس تي اهو مجسمو تيار ڪيو جيڪو ڇئن مهينن ۾ مڪمل ٿيو. جنهن کي ڪرسچن لاسٽ سُپر سڏين ٿا. جنهن جي معنيٰ آهي ”آخري کاڌو“. اُتي مختلف ملڪن کان اينڊرز انگريزن جڏهن اهو ڪم ڏٺو ته پڇيو ته اهو ڪٿان ڪٺي آيا آهيو؟ جتي پال ٻڌايو ته اهو ڪم فقيرو ٽنڊي الهيار واري ڪيو آهي، جيڪو هُنن تمام گهڻو ساراهيو. اُهي انگريز جڏهن واپس پنهنجي ملڪ ويندا هُئا، ته اُتان اينڊرن کي ٻڌائيندا هئا ته فقيرو آرٽسٽ سان ضرور ملجو!

1996ع ۾ اينڊريو جي هڪ خوبصورت پينٽنگ ناهي، جنهن جي نمائش سندس سنگت طرفان ڪئنيڊا ۾ ڪرائي ويئي، پر پاڻ

ڪئنيڊا ڪونہ وڃي سگھيو. اينڊريو جي تصوير ڪئنيڊا وارن کي ايڏو تہ متاثر ڪيو، جو انهن سنڌي فنڪار کي ڪئنيڊا ۾ رهڻ جي آفر ڪئي. پر هي شرميلو سنڌي جوان، سنڌ جي ساگر جي ڇولين کي ڇڏي نہ ٿي سگھيو.

سندس ٺاهيل مجسما ڳالهائيندا آهن، انهن سان، جيڪي انهن جي ٻولي سمجھن ٿا. سال 2000ع ۾ سندس مامي مايون پاٽيا جي هڪ مجسمو ٺاهيو، جيڪو پاٽيءَ جي ڪوٺ ۾ معاشي بحران ڪري، اهوهو هاري هو، جنهن جو بدن اُگھاڙو هو ۽ گھري سوچ ۾ گم سُم ويٺل آهي. جنهن کي ڏسڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ زنده حالت ۾ آهي. اجهو ٿو پاٽيءَ لاءِ ٻاڏائي ۽ احتجاج ڪري! ڏاڍي خوبصورت تخليق ڪئي، جيڪا سندس اوطاق ۾ رکيل آهي.

2005ع ۾ لاهور واسڻ سندري حُميره عباس، جيڪا ورلڊ ليول جي آرٽسٽ آهي ۽ جرمنيءَ جي برلن يونيورسٽيءَ ۾ آرٽ جي ليڪچرار آهي، جنهن ڪاما سوترا سيريز جا ٻہ مجسما پاڻ ٺاهيا پر ٺاهي ڪونہ سگھي، پوءِ لاهور جي مشهور مجسما سازن کي ٺاهڻ لاءِ چيو ويو پر اهي بہ ڪونہ ٺاهي سگھيا، جيڪا هُن چاهيو ٿي. تڏهن هن ڇوڪري پنهنجي دوست ۽ استاد مير محمد علي ٽالپر کي چيو تہ فقيرو کي گھرائي مجسما ٺهرائي ڏيو. لاهور جا مجسما ساز اُهو ڪم ٻن مهينن ۾ پورو نہ پي ڪري سگھيا ۽ چيو تہ اسان هيڏا وڏا آرٽسٽ آهيون پر اهو ڪم نہ پيا ڪري سگھون. هڪ ننڍڙو آرٽسٽ ٽنڊو الهيار مان گھرايو ويو آهي. فقيرو انهن کي چيو تہ اهو ڪم اٺن ڏينهن ۾ پورو ڪري ڏيندس، منهنجو واپسيءَ جو ٽڪيٽ بہ بوڪ ڪرايو ويو. انهن آرٽسٽن چيو تہ ڪم ۾ ٻہ مهينا لڳندا پوءِ هلي ڪم ڏسنداسون. پوءِ جڏهن هُنن کي خبر پئي تہ هو مجسما ٺاهي واپس پيو وڃي، تڏهن ايمرجنسيءَ ۾ ملڻ آيا ۽ ڪم ڏسي دنگ رهجي ويا. ۽ تمام گھڻو پسند ڪيو ۽ چيو تہ پاڪستان ۾ ايترو سٺو ڪم ۽ ٿوري وقت ۾ ڪم ڪندڙ ڪير ڪونہ ٿو ڪري سگھي. اوهان اهو ڪم ڪيو آهي، بلڪل اوهان مهان ڪلاڪار آهيو.

سال 2005ع ۾ اسڪاٽليند جي آرٽسٽ صوفي، جيڪا لاهور جي B.N.U يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار آهي. هاليند دنيا جي زميني

جنت آهي. صوفي بہ هن مجسما ساز جي ڪم مان ايڏي تہ متاثر ٿي، جو اُن گوري ميم پنهنجو ذاتي Bust ٺهرائڻ لاءِ ڏنو جنهن ۾ هو روبرو پنهنجو وات ڦاڙي بيٺل آهي، ۽ جيڪو هُن صرف نوَ ڏينهن ۾ مڪمل ڪري، عالمي رڪارڊ قائم ڪيو جنهن جو صوفي اسلام آباد، انگلينڊ ۽ ممبئيءَ ۾ نمائش ڪرائي چُڪي آهي.

سال 2007ع ۾ استنبول ترڪيءَ ۾، دنيا جي 70 مُلڪن مان 110 آرٽسٽ گهرايا ويا. پاڪستان مان فقيرو ۽ حميرا عباس حصو ورتو ڪاماسوترا سيريز تي 3 مجسما ٺاهيا. جنهن جو نالو Lesson on love جي ڪم جي حوالي سان دنيا جي آرٽسٽن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو جتي بہ هن جو ڪم سارهايو ويو.

سال 2007ع ۾ جڏهن دنيا جا سيئي آرٽسٽ ۽ مجسماساز گڏ ٿيا، تہ ڪراچي واري سنگت راشد رانا، هن ڏانهن بہ انهي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ ڊيٽا فارم موڪليو. جيڪو تمام وڏي ۽ ڏکي بايوڊيٽا آهي، پر هيءُ طبيعت ۾ ناسازي جي ڪري نہ شرڪت ڪري سگهيو نہ اهو فارم ڀري موڪلي سگهيو. تاريخ گذري ويئي. هن سانوري صورت واري آرٽسٽ صرف فارم جا 3 خانا جن ۾ نالو فقيرو، تعليم انٽر، ائڊريس ٽنڊو الهيار لکي 10، 15 پنهنجي ٺاهيل مجسمن جا فوٽوگراف شامل ڪري موڪلي ڇڏيا. جڏهن اُهي وي، سي ايل وارن وٽ پهتا، تہ اُتي آيل پرڏيهي انٽرنيشنل فنڪارن ڪان رڙ نڪري ويئي، ۽ واٽڙا ٿي ويا تہ مارا هيڏو وڏو فن! ۽ پوءِ اُتي تنظيم ۽ دنيا جي سڀني پرڏيهي فنڪارن سنڌ ڌرتيءَ جي رنگ واري هن فقيري ڪانيسي سنگتراش کي پوري دنيا جو سڀ کان وڏو عظيم ۽ تيز ترين سنگ تراش قرار ڏنو. جيڪو هن لاءِ نہ پر پوري سنڌ ۽ سنڌين لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. جيڪو هڪ ميگهہ ونس سنڌي پوري دنيا جي وڏن وڏن آرٽسٽن کي هارايو. هو اڪيلو فن ڪٿڻ جو فن ڄاڻي ٿو، جنهن سنڌ ڌرتيءَ جو نانءُ پوري دنيا ۾ روشن ڪيو ۽ ڌرتي ماتا جو قرض ادا ڪيو.

سال 2006ع ۾ دنيا ۾ سڀ کان وڏي بي. بي. سي ڊاٽ ڪام اسلام آباد کان هن ميگهہ ونس ڪلاڪار فقيرو جي مجسمن جي هڪ

ڊاڪيومينٽري ٺاهي، ۽ سندس انٽرويو ورتو جيڪو Live ڏيکاريو ويو. پوري دنيا جي ڪروڙين ماڻهن ڏٺو. اهڙو اعزاز دنيا ۾ تمام گهٽ ماڻهن کي ملندو آهي. جيڪو اسان جي ميگهه ونس جاتيءَ لاءِ فخر ۽ ڳاٽ اوچو ڪرڻ واري ڳالهه آهي. دنيا ۾ پڪاسو جيڪو مجسما سازيءَ ۾ وڏو نانءُ آهي، پر هي اُن کان بہ اڳتي نڪري ويو آهي.

فقيرو ڪانئيسا چوڏهين صديءَ جي آرٽسٽن مائيڪل اينجلو برنسني، ليو اونڊو ۽ ڊيوڊ هن جا پسنديده مجسماساز آهن. اُنهن کان متاثر ٿي ڪم ڪري رهيو آهي. هن جي سڄي فن ۾ انهن جي خوشبوءِ اچي ٿي. سال 2008ع ۾ ڪينويس گئلري ڪراچيءَ ۾ نمائش 4 Men Show ڊرائينگ جي باري ۾ مقرر ٿي، جنهن ۾ سندس 6 تصويرون رکيون ويون. جيڪي ٽي لک روپين ۾ وڪرو ٿيون. سال 2010ع ۾ سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ جناب فتاح هاليپوٽي ”جي آسي پاسي“ اهو شو گرين ڪارڊز موم، انگلنڊ گئلري وارن رکيو هو. گئلريءَ جو انچارج حماد نثر هو جتي جناب فتاح هاليپوٽو جي 7 شاگردن جو ڪم رکيل هو. جنهن ۾ فقيرو ميگهه ونسيءَ جون 10 عدد ڊرائينگ ۽ هڪ عدد ڪرشن ڀڳوان جي ساڍا 7 فوٽ جي مورتي رکي، اهو فقط خالي شو هو. اهو ڪم وري 2010ع ۾ وي ايم. گئلري ڪراچيءَ ۾ شو فار سيل مقرر ٿيو جتي فقيري جون 10 پينٽنگ في پينٽنگ 50 هزار کان ڏيڍ لک تائين وڪرو ٿي. ڪرشن ڀڳوان جي مورتيءَ جا ڇهه لک روپيہ مليا. پاڪستان جي گئلرين ۾ هيءُ پهريون دفعو هو جنهن ۾ ڪرشن ڀڳوان جي مورتي رکي ويئي.

جيڪي بہ پراڻا آرٽسٽ ۽ فن جا قدردان هئا، تن اهو تسليم ڪيو تہ اسان ساري دنيا ۾ ڪم ڏٺو پر اڄ پاڪستان جي هن مهان آرٽسٽ جو ڪم ڏسي ايڏو تہ متاثر ٿيا آهيون، جو اهڙو ڪم ڪٿي بہ نہ ٿيل آهي. واقع هيءُ هڪ وڏو ڪلاڪار آهي. سندس ڪم ۾ استعمال ٿيندڙ سامان فائيبر گلاس پلاسٽ آف پئرس، ڪائي جون مورتيون، پٿر مان سنگتراشي، مٽيءَ مان ۽ پلاسٽي سين (موم) مان مورتيون ٺاهيندو آهي، ۽ ننڍو ڀاءُ وجئہ ڪمار بہ مجسما ساز آهي، جنهن جي ٺاهيل بابا رامديوَ جي گهوڙي تي سوار خوبصورت مورت،

پاڪستان جي سڀ کان وڏي ٽنڊي الهيار جي راما پير مندر ۾ رکيل آهي.

فقيرو ميگهه ونس جو هڪ مهان نالو آهي. اسان پوري قوم کي اهڙن آدرشي ۽ پيارن انسانن لاءِ مانُ ۽ سمانُ آهي. اهڙا پُرش جاتيءَ جا هيرا آهن، ۽ پنهنجي فن سان ميگهه ونس جو نالو پوري دنيا ۾ روشن ڪيو آهي. ڪيس مجيتا طور وڪيل ارجن داس به امر وير لڏارام ايوارڊ سان نوازيو. اهڙي سادي سودي، کلمک پنهنجي ڪم ۾ سدائين لڳي رهڻ واري سان روبرو ملاقات ڪئي، ته هوهڪ وڏو فنڪار نه، پر هڪ وڏو انسان به آهي ۽ ميگهه ونس جاتيءَ جو اثاثو آهي. اهڙو ئي سندس مهان استاد فتاح هاليپوٽو جن ڪيس هدايت ڪئي ته ڪڏهن به پنهنجو فن ڪنهن وڏي ماڻهو اڳيان ڪٽي نه وڃجو ۽ نه رلائجو ماڻهو چوندا ته فقير ڪستو ڪٽي پنڻ اچن ٿا. هي پينٽنگ ڪٽي پنڻ آيو آهي.

جنهن ڳالهه تي پورو عمل ڪري ٿو. ڪيڏا به وڏا ماڻهو هجن ٿا پر پاڻ ڪهي اچي فقيرو سان ملن ٿا. پاڻ ڪنهن اڳيان نه ويو آهي. اها هڪ مهان ڪلاڪار جي مهان ڪلا آهي.

# گنگارام آرٽسٽ

(1925_8_31 کان 1982_7_2)

اج نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيئارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(شاھ)

سنڌ جي لاڙ ڌرتي جتي احمد ملاح جهڙا شاعر پيدا ڪيا تہ اُتي مهان آرٽسٽ بہ پنهنجي ڪُک مان جنم ڏنا. اهڙو ئي هڪ مهان آرٽسٽ ميگھواڙ گنگارام ڪانئيسو جنهن جو جنم شري رائسنگھہ، شهر تلهار ضلع بدين ۾ تاريخ 1925_8_31 تي ٿيو. سندس ماتا جو نالو نيلا پرمار هو. پاڻ شادي حيدرآباد شهر مان شوو جي ڌيءَ ڏيمان، ذات پينگھور سان ڪئي. جنهن مان کيس بہ پُٽ آهن شري گيلارام ۽ موهن لال، جيڪي حيات آهن ۽ اولاد سميت تلهار ۾ رهن پيا. گنگارام جڏهن پاڻ ماءُ جي پيٽ ۾ ڇهن مهينن جو هو، تڏهن سندس پتا گذاري ويو. گنگارام شروع ۾ لابارو ڪندو هو ڦٽيون چونڊڻ ۽ ڪمند وڍڻ وغيره جو ڌنڌو ڪندو هو. هو ڇهہ درجا سنڌي پڙهيل هو. اُن ڪانسواءِ هندي، گجراتي لکي پڙهي ۽ سمجهي سگھندو هو. سندس استاد محمد سومار ساٿي هو جيڪو شاعر بہ هو ۽ هڪ ڪتاب بہ لکيو. گنگارام جي والده سال 1955ع ۾ گذاري ويئي.

گنگارام کي ننڍي هوندي کان ئي تصويرون ٺاهڻ جو شوق هو، پر سندس ماءُ منع ڪندي هُئي. 1955ع کانپوءِ هُن باقاعدي تصويرون ٺاهڻ شروع ڪيون. هن 1966ع تائين ٽيلر ماسٽر طور ڪم ڪيو. هن پهريائين تصوير مشهور گائڪ لتا منگيشڪر جي ٺاهي هئي، جيڪا تمام گھٽي سهڻي هُئي. گنگارام شروعات ۾ بلڪل غريبي حالت ۾ رهيو. هن وٽ 300 روپيہ بہ ڪونہ هئا جو سلائي مشين وٺي سگھي. هيءُ هڪ خواجي سيٺ جي سلائي مشين تي ڏهہ آنا، ڇهہ آنا جي حساب سان مزدوريءَ تي ڪم ڪندو هو. هن لتا منگيشڪر جي تصوير ٺاهي، دڪان تي ٽنگي ڇڏي، جيڪا اُن وقت هڪ انگم

ٽيڪس جي آفيسر ورتي ۽ ان جي تعريف ڪيائين. جتان سندس فن جي سڃاڻپ ٿي. فنِ مصوّريءَ ۾ هن جو ڪو بہ باقاعدي استاد ڪونہ هو. هن پينسل ورڪ ڪانسواءِ واٽر ڪلر ۾ بہ ڪمال ڪري ڏيکاريو.

سنڌالاجيءَ وارن هن کي ڪجهہ تصويرون ٺاهي ڏيڻ لاءِ چيو پر هُن وقت جي ڪمي سبب ٺاهي نہ ڏنيون. گنگارام سنڌالاجيءَ جي انتظاميہ کي درخواست ڪئي تہ مون کي سنڌالاجيءَ ۾ باقاعدي نوڪريءَ ۾ رکو پر هنن انڪار ڪري ڇڏيو. هن مير بنده علي خان ٽالپر، ٽنڊو باگو جي مير غلام محمد ٽالپر ۽ درويش سيد سمن شاهہ سرڪار جي اصل تصوير تان نقل ڪري وڏي تصوير ٺاهي، جيڪا اڄ ڪلهہ خاص عام وٽ ڏٺي وڃي پئي. سائين سمن شاهہ جي تصوير ٺاهڻ ڪانپوءِ هن تي فالج جو حملو ٿيو. جنهن ڪري هن جي جسم جو پاسو ڪمزور ٿي پيو ۽ پوءِ پاڻ معافي وٺڻ سمن سرڪار جي درگاهہ تي حاضري ڀري ۽ هو بلڪل ٺيڪ ٿي ويو.

ان ڪانپوءِ جج، سيد حسن علي شاهہ بخاري سندس چاچي جي تصوير ٺهرائي، جيڪو بہ درويش هو. گنگارام بيمار ٿي پيو. اُن ڪانسواءِ هن پير سائين پاڳاري، مخدوم طالب المولیٰ جا بہ ڪيترائي فوٽو ٺاهيا. گنگارام کي دنيا جي جاگرافيءَ سان ڪافي دلچسپي هُئي. ان ڪانسواءِ هن کي شاعريءَ سان بہ گهڻو لڳاءُ هو. اُن ڪانسواءِ ڊراما لکندو هو. ميڪ اپ مين بہ هوندو هو. ڊرامن ۾ ڊائريڪٽريءَ جا فرائض بہ پاڻ انجام ڏيندو هو. ڳائيندو بہ هو پر پوءِ فالج جي حملي ڪري ڳلو خراب ٿي پيس. هن بہ مهينا تلهار شهر ۾ پورا سنگ خاصخيليءَ کان هارمونيم سکيو هو.

هن ڪيترائي ڊراما لکيا. انهن ۾ ڪردار بہ ادا ڪندو هو. سندس لکيل مشهور ڊراما 1. ديکها جائي 2. بي قصور 3. سلطنت 4. مغلِ اعظم وغيره مشهور آهن. گنگارام جو بولچند ڳائڻو دوست هوندو هو. جڏهن پاڪستان ٺهيو تڏهن اهي دوست هن کان ٽٽي ويا. گنگارام جون ٺاهيل تصويرون، پاڪستان کان ٻاهر ايران، آفريڪا، جرمني، انڊيا ۽ سيلون ۾ بہ ويون آهن. هن اٽڪل ساڍا ڇهہ هزارڪن

تصويرون ٺاهيون. فنِ مصوّريءَ ڪانسواءِ گنگارام بهترين ڪاتب بہ هو. هن وٽ بہ تصويرن جا البم پيل آهن، جن ۾ هُن ڪيترائي شعر خوشخطيءَ ۾ لکيا آهن.

گنگارام ٽي ڀيرا انڊيا گهمي آيو هو. انڊيا ۾ هن جا ڪيترائي بهترين دوست هئا. هن وقت سندس ننڍو پُٽ موهن لال تصويرون ٺاهيندو آهي. گنگارام صوفي خيالن جو فهميدي قسم جو ماڻهو هو. هو پُٽن کي چوندو هو تہ ڪڏهن ڊگهيون قميصون، ڪڏهن ڇوٽيون قميصون پايو ٿا، اهو ڇا آهي؟ پنهنجي روٽيءَ ۾ گهٽ وڌائي نہ ڪريو. اصول هڪ جهڙائي قائم ڪريو. گنگارام صاحب ٻئي ڪان پاڻ کي ظاهري طور گهٽ سمجهندو هو. هن کي سير تفريحہ جو گهڻو شوق هوندو هو. جتي بہ قدرتي نظارا ڏسندو هو اُتي ڪِڇ وقت ويهي رهندو هو. هن تلهار شهر جو نقشو بہ ٺاهيو هو. شهر جو هر گهٽيءَ جي ماپ وکن، قدمن سان ورتائين. تخليقي آرٽ هن ڪري اختيار نہ ڪيائين جو ان ۾ ٻُک ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. تنهن ڪري فوٽو ٺاهي روزي ڪمائيندو هو. چارڪول، پينسل سان فوٽو ٺاهڻ ۾ ڪماليت رکندو هو. هن هڪ دفعي هڪ مجسمو ٺاهيو هو جيڪو بي حد حسين ۽ حقيقي پئي لڳو چارڪول سان فوٽو ٺاهڻ واٽر ڪلر سان فوٽو ٺاهڻ جو طريقو هي هوندو هو. جو اصلي فوٽوءَ تي گراف وسيلي نقل ٺاهيندو هو جيڪو اصلي فوٽوءَ ڪان وڌيڪ سهڻو ۽ حقيقي لڳندوهو. سندس فن ۾ قدرتي ڏات هئي. پنهنجي حياتيءَ ۾ هو خاص ڏينهن تي اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ ڊراما ڪندو هو ۽ ڳائيندو بہ هو. هن تلهار شهر ۾ ڊرامو پيش ڪيو هو. جنهن جي ڊائريڪٽري بہ پاڻ ڪيائين ۽ ميڪ اپ مين بہ پاڻ هو تہ موسيقي بہ پاڻ ترتيب ڏنائين. اهو ڊرامون پرنس ڪريم آغا خان کي پسند آيو. جنهن هن کي 3 هزار ڪيش انعام بہ ڏنو. گنگارام هر وقت سنڌ جي سينڌ سينگارڻ جي ڪوشش ڪئي پر افسوس! هن جي جيئري ڪنهن بہ قدر نہ ڪيو.

گنگارام صاحب جو گُرو سوامي ليلا شاهہ صاحب هئا. سوامي جي خاص چيلا يا شيواڌاري، جن ۾ سوامي آشارام هو. سوامي ليلا شاهہ تاريخ 9 مئي سن 1947ع تي اجمير انڊيا مان ڪيس خط لکيو.

جنھن ۾ لکيو تہ ھو شھر تلھار کي گھٽ ۾ گھٽ ٻہ سال ڇڏي، ٻئي ھنڌ ھليو وڃي، يا انڊيا ھليو اچي، پر گنگارام انھيءَ تي عمل نہ ڪيو. ھن جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڏک ۽ حادثا پيش آيا. جن ھن کي دکي بنائي ڇڏيو. ھو سندس زندگي حادثن سان ڀريل ھئي، پر ھن ڪڏھن بہ پاڻ کي دکي نہ لکايو. ھميشہ گُل جيان ٽڙندي مشڪندي ملندو ھو. آخرڪار ھي گلاب جھڙو خوشبودار گُل تاريخ 1982-7-02 تي ھميشہ لاءِ ڪومائجي ويو. ھُن جي خوشبوءِ اڄ تائين لاڙ ۾ مھڪندي رھي ٿي. ھو امر آھي، امر رھندو.

ڪنھين ھٿ ھلايا تہ ڳوڙھا ڳڙي پيا،
اوھين ياد آيا تہ ڳوڙھا ڳڙي پيا.
(سائينداد ساند)

# هرجي لال واگهيلا

سب بن تو چندن نهين، سوراڪا دل نانهہ،
سب سمندر موتي نهين، يون ساڌو جگ مانهہ.

سنڌ ۾ مصوّرن پنهنجي فن سان معاشري جي عڪاسي ائين ڪئي آهي، جيئن هنن جي هٿن ۾ هر شيءِ زنده هجي ۽ ساهہ کڻندي هجي. شايد اهوئي سبب آهي جو انهن جي آرٽ ۾ فطري سونهن، احساس، سماجي حالتون، ناانصافي ۽ استحصال ڪي ڏسي سگهجي ٿو. اهڙن ئي مصوّرن ۾ هڪ مهان آرٽسٽ، شري هرجي لال واگهيلا، جنهن تاريخ 1 جنوري 1965ع تي شري وسرام واگهيلا، ڳوٺ ميرپوربٺورو ضلع ٺٽو ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو شريمتي ٻُڌي بائي، ذات چاوڙا، جا حيدرآباد شهر جي آهي.

شري هرجي لال پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميرپور بٺورو مان ورتي ميٽرڪ سال 1980ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوائز ميرپوربٺورو مان پاس ڪيائين. انٽر سال 1982ع ۾ گورنمينٽ سجاول سائنس ڪاليج بوائز مان ڪئي. سال 1992ع ۾ ڊرائينگ ۾ ماسٽر ڊگري، ڊرائينگ ٽيچرس ٽرنينگ سينٽر حيدرآباد مان حاصل ڪئي، ۽ 1992ع ۾ ايم. اي. پوليٽيڪل سائنس ۾ يونيورسٽي آف سنڌ مان پاس ڪيائين. کيس ننڍپڻ کان ڊرائينگ جو شوق هو. سو پهريائين محمد هاشم بروهيءَ کان 1973ع ۾ ڊرائينگ سکي، ڊرائينگ ۾ هُن جو استاد پهريون سائين عبدالفتاح هاليپوٽو. اسڪول ۾ ممتاز شاهہ ۽ نارو شاهہ کان ڪم سکيو.

شري هرجي لال واگهيلا کي پهريائين ڊرائينگ ٽيچر جو آرڊر 18_06_1987 تي مليو ۽ مڊل اسڪول ميرپوربٺورو ۾ رکيو ويو. سال 2000ع ۾ کيس پروموشن ڏئي BPS_16 ۾ گورنمينٽ ڊرائينگ ٽيچر ٽرنينگ سينٽر حيدرآباد ۾ ڊرائينگ ٽيچر طور مقرر ٿيو جتي اڄ تائين نوڪري ڪري رهيو آهي، جنهن کي 14 سال ٿي چڪا آهن. پاڻ شادي سال جون 1986ع ۾ شريمتي مينا، ڌي نانجي ذات چاوڙا حيدرآباد شهر مان ڪئي. جنهن مان کيس اولاد 4 نياڻيون ۽ ٽي پٽ

آهن. 1. انيل فائن آرٽ ۾ بيچلر ڪئي، نيشنل ڪاليج آف فائين آرٽ لاهور مان پوري پاڪستان ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري، پنهنجو نالو روشن ڪيو. انهيءَ کي اسٽريليا جي آرٽسٽ عورت، 20 هين صديءَ جي مشهور آرٽسٽ پڪاسو سان پيٽا ڏني. پيو پٽ ارون پڻ آرٽ جو شاگرد آهي، جنهن 4 سالن جي ڄمار ۾ پينسل سان اسڪريچيز ناهي ورتو. ٽيون راجيش ڪمار جو ٽيلر ماسٽر آهي. سائين واگھيلا صاحب هن وقت گورنمينٽ نارمل ٽيچرس ٽرنينگ سينٽر تلڪ چاڙهيءَ جو استاد آهي. جنهن جي چوڏاري حيدرآباد جي شاهوڪار ڪٽنب جا نوجوان گڏجي ڪچهريون ڪندي نظر ايندا آهن. هن جو آرٽ ڊرائينگ جي حوالي سان مشهوري ماڻي چُڪو آهي. اهڙيءَ طرح هن جي آرٽ جو سفر اجا تائين جاري آهي. واگھيلا صاحب کي معاشري جي سموري لقا کي آرٽ ۾ سمائڻ وارو شوق ۽ ذوق ننڍپڻ کان سندس دماغ ۾ چرپر ڪندو هيو. جنهن ڪري اڄ هن منزل تي پهتو آهي. حيدرآباد ڊرائينگ سينٽر کي 14 سال ارپيا آهن، جتي هن 5 سؤ کان وڌيڪ شاگردن کي آرٽ جو ماهر بڻايو آهي.

هرجي لال واگھيلا صاحب سنڌ جي ڳوناڻي ۽ ٽري عورت کي خاص موضوع بڻايو آهي. جنهن جي پينٽنگس ۾ عورت سان انصاف ٿيو آهي. اڳ ۾ عورت کي ٻئي درجي طور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي هئي، پر هُن پنهنجي آرٽ ۾ ڪُهڻ بدران انسان جي اعليٰ صورت ۾ سمايو آهي. هُن کان فن جا شوقين مرد ۽ عورتون پنهنجي پسند جا پورٽريٽ ٺهرائي گڏ ڪٽي ويندا آهن. آرٽ جي قيمت 30 هزارن کان لکن تائين مقرر ٿيل آهي، ان جو نقل به هو ڪونه رکندو آهي. هن جي پينٽنگ هال ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي تصوير، جا هُن سينئر صحافي حسن مجتبيٰ جي اصرار تي ناهي، جيڪو هاڻ آمريڪا ۾ رهي ٿو. هن وقت هڪ ناچڻي عورت جي تصوير تي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪا ڪراچيءَ جي عورت تيار ڪرائي رهي آهي. جنهن تصوير تي هڪ لک روپيه جي قيمت مقرر ڪيل آهي. سائين واگھيلا صاحب جو خيال آهي ته اڄ جديد دؤر ۾

آرٽ مرڻ بدران نکرجي رهيو آهي. ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ آرٽ وڌيڪ ترقي ڪئي آهي. ماڊھو جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال ڪرڻ باوجود، آرٽ کان منهن نہ موڙيو آهي. فائن آرٽ جو مقابلو سائنس جي ايجاد ڪيل ڪئميرا نٿي ڪري سگهي. هُن پورهيتن جو روايتي ڏانتي هٿوڙي جو نشان تيار ڪيو جنهن ۾ قلم جو پڻ اضافو ڪيو ويو. جيڪو تحفو هُن ريٽا شاهاڻيءَ کي ڏنو آهي. هرجي لال جو چوڻ آهي تہ هتي ماهر آرٽ عبدالفتاح هاليپوٽي، عبدالشڪور سومرو ۽ ٻيا وڏا نالءُ 30 سالن تائين پنهنجي ذات اربي ويا آهن. هتي پينسل آرٽ سيڪاريو وڃي ٿو. هُن گهڻو ڪم ڊرائينگ آرٽ تي ڪيو آهي. شاعري ۽ ٻئي موضوع تي مشتمل ڪتابن جا 150 ٽائيٽل بہ ٺاهيا آهن، جن وڏي مقبوليت ماڻي آهي. سندس چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ آرٽسٽ معاشي بدحاليءَ جو شڪار آهن. ڪين ثقافت کاتي پاران مجتا نہ ڏيئي تاريخي نا انصافي ڪئي ويئي آهي. هُن پنهنجي اولاد جي پڙهائي لاءِ 10 لکن جو وياج کنيو جو اجا تائين ادا ڪرڻ جي مرحلي ۾ آهي. هن آرٽ ۾ تصور کان آزاد ٿي حقيقي پهلو اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سنڌ جي شاگردن کي هدايت آهي تہ اهي هن سنيٽر ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. جن کي ماهر استاد سکيا ڏيڻ لاءِ تيار آهن. تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ دنيا ۾ آرٽ جي ذات کي محفوظ بنائڻ لاءِ نوجوانن کي اڳتي اچڻ گهرجي، هي ذات انسانيت لاءِ وڏي ميراث آهي. ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ آرٽ کي سجاڻڻ ۽ آرٽ ٺاهڻ لاءِ آسان اصول مارڪيٽ ۾ موجود آهن. انهي عمل ۾ قيمتي قديمي دؤر جي ماهر استادن جو وڏا ڪردار رهيو آهي. جنهن کي قائم رکڻ اسان لاءِ وڏو چئلينج آهي.

آرٽ جي مقبوليت ڪري، سال 1990ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي روشن راهون پروگرام ۾ اسلم ميمڻ وٽي انٽرويو ڪيو.

سائين هرجي لال ڪيترن ئي شوز ۾ حصو ورتو ۽ نالو ڪمايو. (1) سال 2004 ۾ (Solo Show) پرائيويٽ طور ٺٽو ۾ ڪيو. 2. لاڙڪاڻي ۾ گروپ شو ڊيموڪريسيءَ لاءِ جدوجهد بابت نمائش ٿي، جنهن ۾ هن پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. جنهن ۾ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو

صاحب 1990ع ۾ ذاتي طور ڪيس انعام سان نوازيو (3) 2005ع ۾ گروپ شوز پاڪستان آرٽ ڪائونسل ۾ حصو ورتو. (4) سال 2006ع ۾ حصو ورتو گروپ شو مهراڻ ڪائونسل حيدرآباد. (5) 2007ع ۾ حصو ورتو گروپ شو خالق ڏنا حال ڪراچيءَ ۾ (6) 2008ع ۾ حصو ورتو. گروپ شو پاڪستان آرٽ ڪائونسل (شهيد بينظير ڀٽو) ڪراچي ۾ (7) 2009ع ۾ حصو ورتو گروپ شو فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ يونيورسٽي آف سنڌ حيدرآباد. (8) 2010ع ۾ حصو ورتو گروپ شو سنڌ ميوزيم حيدرآباد (9) 2010ع ۾ حصو ورتو گروپ شو اسلامڪ ڪئليگراف پينٽنگس، نمائش گورنمينٽ نارمل ڊرائينگ ٽيچرس ٽرنينگ سينٽر حيدرآباد.

مٿي ذڪر ڪيل سڀني شوز ۾ هرجي لال واگهيلا جي آرٽ کي ساراهيو ويو. هيءُ اسان جي ميگهواڙ ڪميونٽيءَ جو وڏو آرٽسٽ آهي. هُن پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي. سندس آرٽ جا ڪارناما زندگي ڀر اسان جي قوم توڙي پاڪستان جي ماڻهوءَ کي ياد رهندا. هن جو آرٽ سدا امر آهي. انسان آخر ته هليا ويندا آهن پر هيءُ آرٽ ۽ سندس ڪيل ڪم جي ڪري سدائين امر آهي ۽ امر رهندو.

# صوفي ماستر سومار مل

اڙي گُل اڙي گُل، پرين تو تہ ڏٺو ناهي،
سندس رنگ، سندس روپ، ايئن آهي جيئن تون!
(شيخ اياز)

ميگهہ ونس جاتيءَ جي سپوتن فن جي هر رنگ ۾ پاڻ کي مُلڪ توڙي دنيا جي هر خطي ۾ پنهنجو ۽ قوم جو پنهنجي هُنر ۽ ڪاريگري سان نالو روشن ڪيو آهي. اهڙي ئي هڪ گلاب جو گُل ٿر جي ڀٽن ۾ ڳوٺ پاٻوهر تعلقہ مٺي ۾ سروڻ مل پنئار جي گهر، تاريخ 15-12-1952 ۾ اک کولي، سندس ماتا جو نالو ميران، ذات ڪنڀو ڏيءَ ڏامون، ڳوٺ ڪيرتي، تعلقہ مٺيءَ جي هئي. پاڻ شادي 20 فيبروري 1976ع جو ڳوٺ ڪيتلاري، تعلقہ ڏيپلو جي مهان استاد سارنگرام هنجڙو جي سُپتري سُگهڙ سان ڪئي. جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي ۽ 4 پُٽ آهن. رميش ڪمار، خوشحالداس، امولک داس، جادم عرف نندلال ۽ پرڪاش، جيڪو 3 فيبروري 2013 تي ديهانت ڪري ويو. جنهن جو وڇوڙو اڄ تائين وڏو صدمو رسايو آهي ۽ ياد ستائيندي رهي ٿي.

تعليم جي لحاظ کان پنجون درجو سنڌي پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪيائين، ميٽرڪ 1970ع ۾ هاءِ اسڪول ڀٽ ڀائٽي تعلقہ ڪپرو مان پاس ڪيائين. انٽر 86-1985 ۾ ڊگري ڪاليج مٺيءَ مان پاس ڪيائين، 1972ع ۾ SV ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان ڪيائين، سال 1972ع ۾ کيس پرائمري ماستري ملي ۽ پنهنجي ڳوٺ پاٻوهر اسڪول ۾ ڪم شروع ڪيائين. اهو ماستر جو پيغمبري پيشو هُن ايمانداري، نيڪ نيتيءَ ۽ سچائيءَ سان 1998ع تائين نڀايو. پاڻ سفيد پوشاڪ، گيڙو ٽوپي ۽ پٽڪو پسند ڪندو آهي، ۽ اڄ بہ سندس سينگار بٽيل آهي. هڪ سادو سودو ساڏو صفت انسان آهي. پنهنجي زندگيءَ جو سفر سادگيءَ سان بصر ڪري ٿو. پنهنجي سچائيءَ سان محنت ڪري، پنهنجي هٿ جي مزوري ڪري، مالڪ جي ديا سان وقت سٺو گذاري پيو. صوفي سومار مل سياست کان پري

۽ هڪ آزاد زندگي گذارڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو ۽ کيس تمام سڪون ملي ٿو.

پنهنجي پڙهائيءَ جي وقت کان ئي کيس ڊرائينگ جو تمام گهڻو شوق هو. سندس گهر ۾ هنومان جي مورتي نهيل هئي، جنهن جي شيوا ۾ مگهن هوندو هو. آخر انهيءَ شيوا رنگ لاتو ۽ بجرنگ بلي/ هنومان جي آشيرواد سان، اندر ۾ مورتي ٺاهڻ جي شڪتي پرگهٽ ٿي. تنهنڪري نوڪريءَ سان دل نہ لڳي ۽ سال 1998ع ۾ نوڪريءَ مان رٽائرمينٽ ڪئي، انهي وقت سندس عمر 45 سال هُئي ۽ مورتن ٺاهڻ جي ڪم کي لڳي ويو. مورتي ٺاهڻ جي شروعات 1978ع کان شروع ڪئي، اڄ هڪ مجيل مورتي ساز آهي. جنهن هيستائين 500 جي لڳ ڀڳ مورتيون، ڀڳوان جا جيڪي اوتار، ديو، ديوتا ۽ سنت وغيره جو ڪم سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي مندرن ۾ مورتيون ٺاهي، هُن پنهنجي ميگهہ ونس جاتيءَ جو نالو روشن ڪيو. مون سندس هڪ ٺاهيل مورتي شري ڪرشن ڀڳوان جي، ڳوٺ ويڙهار تعلقہ ڏيپلي جي ماستر پونجو مل ڪڏيچہ جي گهر اندر مندر ۾ جڏهن ڏٺي، تہ مون کي انڊيا جي بندرابن جا مندر ياد اچي ويا. جڏهن اتي جي ڪاريگرن جي نهيل مورتين سان ڀيٽ ڪئي، تہ سؤ بار سٺي مورتي لڳي، جنهن ۾ ڪيتري پريم جا رنگ پريل نظر آيا. ائين محسوس ٿيو تہ ڪرشن ڀڳوان راس ليلا ڪري رهيو آهي، ۽ مڌر بانسريءَ جا سُر منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. مورتين جي پنهنجي ٻولي آهي اُهو هر ماڻهو نہ ٿو سمجهي سگهي، اُهي آرٽسٽ هوندا جيڪي انهن مورتين جي گونگي ٻولي سمجهي سگهندا آهن. آئون اهڙي مهان ڪلاڪار صوفي سومار مل کي لک بار ڌنيواد چوان ٿو جو ۽ بنا استاد جي ڪيترو سُندر ڪم ڪري رهيو آهي. اهڙا انسان قومن جي تاريخ نشان ٿيندا آهن، جو تا حيات وسارڻ جوڳا نہ هوندا آهن.

اُهي مائون ڀلي مُرڪن جن جا لاڪيڻا لال.

1989ع ۾ لوڪ ورثہ اسلام آباد جي ميوزيم ۾ شري ڪرشن جي مورتي سندس ٺاهيل رکي ويئي، جتي لوڪ ورثہ طرفان کيس انعام

طور 25 هزار روپيہ ڏنا ويا. ۽ روحل ڪانفرس سال 2006ع ۾ امر وير لڏارام ايوارڊ جناب وڪيل ارجڻ داس طرفان ڏنو ويو.

هن وقت سندس ٽيئي پٽ گڏ مورتن ٺاهڻ جو ڪم ڪن ٿا. پنهنجي محنت سان روزي ڪمائي، سادگيءَ سان وقت گذارين ٿا. سندس چارئي پُٽ رميش ڪمار، خوشحال داس ۽ امولڪداس شادي شده آهن، ۽ پنهنجي پريوار ۾ خوش آهن.

# شھديو ڏونگراڻي

نام رتن ڏن پائي ڪي، گانٺي بانڌ نہ کول،
ناھين پن، ناھين پارکو نھين گاھڪ، ناھين مول.

هونئن تہ ميگھواڙ جاتيءَ ۾ مهان مصوّر آرٽسٽ موجود آهن جن پنهنجي ڪلا سان پنهنجي قوم ۽ جاتيءَ جو نالو ۽ ڳاٽ اوچو رکيو آهي. جنهن ۾ چترا پريتم بالاچ، جنهن آرٽ جي فن ۾ دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو ۽ جنهن کي ڪلچرل ايوارڊ ۽ صدارتي ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو جيڪو اسان لاءِ باعث فخر آهي. انهي ڪانسواءِ سرڳيہ گنگارام آرٽسٽ تلهار واسي، جنهن پينسل، چارڪول سان مصوري ٺاهي، پوري ملڪ توڙي ٻين ملڪن تائين مشهوري ماڻي ۽ جاتي ۽ قوم جو نالو روشن ڪيو.

اسان جو ٿر بہ اهڙن هيرن ۽ موتين کان خالي نہ آهي. هي ٿر ۽ واريءَ وارو خطو جتي بہ هڪ ڪنول شھديو ڏونگراڻي جي روپ ۾، شري کيتارام کوکر ڳوٺ ٻورلي موسيپوٽا تعلقہ مٺي، ضلع ٿرپارڪر ۾ تاريخ 28 فيبروري 1973ع ۾ ڪلا جي خوشبوءَ سان نروار ٿيو. سندس ماتا جو نالو پاپان ڏي موتي، ذات ڪنڀو ويٺل ڳوٺ گانگاڻ، تعلقہ مٺي جي آهي.

پاڻ پرائمري پنج درجا سال 1984ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٻورلي موسيپوٽا مان حاصل ڪيائين. ميٽرڪ سال 1989ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول اسلام ڪوٽ مان، ۽ انٽر 1992ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺيءَ مان پاس ڪيائين. انٽر ميڊئيٽ گريڊ ڊرائينگ سال 1986ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾، مٺي سينٽر مان پاس ڪيو. ڪيس آرٽ ۽ ڊرائينگ سان ننڍي هوندي دلچسپي هئي. انهي شوق ۾ BA فائن آرٽ سال 1994ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان پاس ڪيائين، ۽ سندس اُڏام اجا اوچي هئي، تنهن ڪري هُن آرٽ جي تعليم جاري رکي ۽ MA فائن آرٽ سال 1997ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪري مهانتا ماڻي.

ٽُرت ئي پوءِ شهديو ڏونگراڻي هڪ ڪمپني، نيشنل ائڊورٽائيزر پرائيويٽ لميٽڊ ۾ 1999ع کان 2000ع تائين نوڪري ڪئي، ۽ گڏوگڏ انگريزي مئگزين Wings and Ashia travel News ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور بہ ڪم ڪيو. پوءِ اُتان نوڪري ڇڏي واپس ٿر وسايائين. ۽ تاريخ 1 جنوري 2001ع تي شريمتي شنڪوتلا عرف ديوي، ڌيءَ مينهدرو مل پرگڙو، ڳوٺ ميمڻ جي تڙ سان شادي رچائي، جنهن مان کيس اولاد هڪ نياڻي نالي شبنم، جا انٽين ڪلاس پڙهي پئي ۽ ٽي پُٽ 1. سرويچ ڪلاس ستين ۾ 2. سرمد ڪلاس ٽئين ۾ ۽ 3. سرتاج ڪلاس پهرئين ۾ پڙهي رهيا آهن. پاڻ سنڌي، اردو، انگريزي، ڍاٽڪي ۽ ٿوري هندي بہ ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهي ٿو. شاديءَ کانپوءِ ٿرديپ ۾ 2002ع ڌاري پروگرام اسسٽنٽ جي نوڪري تي لڳو ۽ اجا تائين ٿرديپ ۾ آهي. هن وقت پروگرام آفيسر جي پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي. ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي قدرت طرفان ڏات مليل هوندي آهي. اهڙي طرح شهديو ڏوگراڻيءَ کي بہ آرٽ، مصوري ڊرائينگ سان ننڍي هوندي شوق هو. انهي شوق کي ڏسي سندس ياءُ ڊاڪٽر جهامن "جان" ۽ سندس ماسات سگرام داس سندس همٿ افزائي ڪئي، ۽ آرٽ جي فيلڊ ۾ وجڻ لاءِ آماده ڪيو. تنهن ڪري حيدرآباد ۾ سندس استاد محمد علي پٽي صاحب کان پوري پوري سکشا ورتائين. ۽ رنگن جي دنيا ۾ باقاعدي داخل ٿيو.

سندس آرٽ جي فن جو گهڻو ڪري ٿر سان گهرو لاڳاپو آهي. ٿر جو ڪلچر، رهڻي ڪرڻي ۽ هر پهلو سندس اندر ۾ جڻ تہ اڳ ۾ ڪنهن مهان آرٽسٽ طرفان دل ۽ دماغ تي، پڪي چٽي رنگ سان چٽي ڇڏيو ويو هو ۽ ٿر جي پوئتي پيل علائقي کي هن پنهنجي فن سان پوري دنيا ۾ متعارف ڪرڻ جو عزم ڪيو.

شهديوَ پنهنجي ڳالهائڻ ۾ بہ صاف سُٿرو آهي، ۽ سندس لهجو پڻ پُراعتماد لڳي ٿو. هن جي خيال ۾ فن، ٽيڪنڪ جي ذريعي سکڻ جو نالو نہ آهي، پر فن اُها عطا ٿيل ڏات آهي، جيڪا زندگيءَ جي هر موضوع کي پاڻ ۾ سمائي ٿي. مصوّر کي پنهنجي ڏات، زندگيءَ جي بين صلاحيتن ۽ هُنرن ڏانهن منصوب ڪرڻ گهرجن. شهديو

ڏونگراڻي ٿر جو پهريون نوجوان آهي، جنهن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فائن آرٽ ۾ مصوّريءَ جي ماستر ڊگري حاصل ڪئي آهي. هو پنهنجي مصوّري ۾ واٽر ڪلر پينسل ورڪ ۾ ڪم ڪري ٿو. پر هو آئل پينٽ سان ڪم ڪرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏي ٿو. اهائي سندس پسنديده صنف (ميڊيم) آهي ۽ سڃاڻپ آهي.

هن جو ڪم، ٿرين جي رهڻي ڪهڻي ۽ حسناڪين جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ ڍنگ بيان ڪري ٿو. ڪئنواس تي گهرا اسٽروڪ ان سان گڏ پيسٽل رنگ جو متوازن ڇُهاءُ، تصوير کي حقيقت جي وڌيڪ ويجهو آڻي ٿو ڇڏي. پنهنجي مشاهدائي اک سان هو ٿر جي فطري حُسن جي حقيقي منظر کي، تصوير ۾ چٽي ٿو. اهو ٿر، جتي هُن پنهنجي ٻاروتڻ جا املهہ پَل گذاريا آهن.

ڪيس يقين آهي تہ ”فطرت ئي منهنجو ڪئنواس آهي.“ هو فطرت جي اسڪيچ مان ورتل صفحن کي مصوّريءَ ۾ سمائي ٿو. سندس فني ٽيڪنڪ اها آهي، تہ هو رنگن جي ڍگهن ۾ گهرن ڇُهائن کي آزاديءَ سان هر رُخ ۾ ڪٽي وڃي سگهي ٿو. اهائي ٽيڪنڪ سندس ڪم جي منفرد ۽ بنيادي خوبي آهي. سندس مصوري واري ذات ۽ خواهش، ڪنهن بہ جذبي يا مقصد کان آجي، ۽ گهڻ رُخي نہ آهي.

ڏونگراڻي اهي ئي پورٽريٽ ٺاهڻ چاهيندو آهي، جيڪي هُن خود کي معطمئن ڪن. ٿري ثقافت کي اڳتي آڻڻ ۾ انهن جو ڪردار هجي. گهڻو ڪري شهديوَ کي ان ڳالهہ سان ڪو سروڪار ڪونهي، تہ هو کهڙا رنگ استعمال ٿو ڪري، سواءِ اُن جي تہ اهي رنگ سندس تخليق ۽ اندر کي معطمئن ڪندا هجن. هو پنهنجي ڪئنواس تي آزادي جي فطري بادشاهت چٽڻ چاهي ٿو. جنهن جي شاهدي سندس ڪم مان پڻ ملي ٿي. هو پنهنجي ڪم ۾ خود قائليت جو قائل آهي. شهديو جي چوڻ موجب جيڪڏهن هن پنهنجو ڌيان ڪنهن هڪڙي صنف (ميڊيم) تي مرڪوز رکيو تہ اها صنف (ميڊيم) پينٽنگ ئي هوندي. سندس رنگن جو استعمال ۽ انداز سندس ڪم جي حقيقت جو روپ دلچسپ شيءِ آهي. ڪو بہ ماڻهو

سندس ڪم ۾ هُن جي ماحول سان ويجهڙائپ کي پلي پت محسوس ڪري سگهي ٿو.

هڪ ڌنڌوڙي (پروفيشنل) مصوّر هجڻ جي ناتي، هن خوبصورت ڪارڊ به ٺاهيا آهن. جيڪي ٿر جي حقيقي تصوير پيش ڪن ٿا. انهي ڪانسواءِ ٿرديپ جي لاءِ هُن هڪ ڪتاب پينٽنگ سان سنواريو آهي، جو نالو The Land of Coloures and Cantras (متضاد رنگن جي سرزمين) تيار ڪيو جنهن ۾ اسڪيچ جي مناسبت سان ڊاٽڪيءَ ۾ شاعري ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو به لکيل آهي. شهديوَ جي چوڻ موجب ڏات ڄمندي ئي ماڻهوءَ سان گڏ هجي ٿي ۽ هو پاڻ کي به ڄائي ڄم کان مصوّر سمجهي ٿو پر ان سان گڏ مطالعو ۽ مشاهدو اُن ڏات کي وڌيڪ سنواري ٿو. مصوري سکڻ لاءِ سکيا جي ڪيتري اهميت آهي، ته ڪو ماڻهو سکيا ذريعي پنهنجي صلاحيت کي تلاش ته ڪري سگهي ٿو. پر مصوري ڪري نه ٿو سگهي. ”سکيا توهان جي فن کي سنواري ضرور ٿي، پر تخليق توهان جي اندر ۾ موجود هوندي آهي.“ هو چاهي ٿو ته پنهنجي فن جي نمائش ڪريان پر ڪيس مناسب رهنمائي ۽ مالي سهڪار جي ضرورت آهي. هو چاهي ٿو ته منهنجي ڪم کي صحيح رُخ ۾ ڏسن ۽ ان جي پويان لڪيل خيالن کي پڙهن ۽ محسوس ڪن، ته هڪ مصور کي خوشي ۽ طمانيت جو احساس ٿيئي ٿو. شهديو مصوريءَ سان گڏ ڪاني ۽ مٽيءَ مان مجسما به تخليق ڪيا آهن، جن کي گهڻو ساراهيو ويو آهي.

هن پنهنجا فن پاراه سنڌ يونيورسٽي، فائن آرٽ ۽ خانه فرهنگ ۾ رکيا هُئا، جيڪي تمام گهڻو پسند ڪيا ويا ۽ ڪافي وڪرو به ٿيا. انهي ڪانسواءِ ٿرديپ پاران سال 2005ع ۾ عورتن جو ميلو هاءِ اسڪول گرائونڊ مٺيءَ ۾ منعقد ڪرايو ويو، جنهن ۾ سندس تصويرن جو اسٽال لڳايو ويو هو، ڪافي تصويرون وڪرو ٿيون ۽ پسند ڪيون ويون. پاڻ ٿوري ٿوري شاعري به ڪندو آهي ۽ ڪيس پٽائي صاحب، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جي شاعري پسند آهي.

سندس سوچ آهي ته اسان جي مُلڪ ۾ فن کي ڪابہ اهميت نه ٿي ڏني وڃي، ۽ ڪنهن به مصوّر کي سندس تخليق جي موٽ ۾

ڪنهن بہ قسم جي قبوليت نہ ٿي ملي. هو مٺي شهر ۾ هڪ آرٽ اسٽوڊيو قائم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو تہ ايندڙ نسل آرٽ ڏانهن تمام گهڻي رغبت رکي ٿو جيئن اسان جي ايندڙ نسل کي آرٽ لاءِ اُتساهہ ملي. سندس خيال موجب فن رڳو خوبصورتيءَ جي شيءِ ناهي. پر اهو هڪ ذريعو بہ آهي جنهن سان ماڻهو تخليقي انداز ۾ پنهنجي احساسن جو اظهار ڪري ٿو.

آرٽ ۽ مصوري ڳالهائي ٿي. هُن جي پنهنجي ٻولي آهي. مصوّر پنهنجي اندر جا احساسات ۽ جذبا آرٽ جي صورت ۾ عوام کي ٻڌائين ٿا. پر اها ٻولي جيڪو سمجهي. جنهن لاءِ مصوري سکڻ ۽ سمجهڻ ضروري آهي، ۽ علم ئي بنيادي ڏاڪو آهي، جتان انسان فن ۽ تعليم جي اوچائيءَ کي ڇُهي سگهي ٿو.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

# سي پوڇارا پُر ٿيا



# برهمچاري سنت اميدرام صاحب

(1884_04_16 کان 1958_03_13)

ساري رات سبحانُ، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لڌو ماڻُ،
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جي.
(شاهہ)

سنتن، صوفين ۽ درويشن دنيا ۾ سدائين پيائيچاري، امن ۽ محبت جو درس ڏنو آهي. ڏنو وڃي تہ جت جت سنت ۽ مهاتما موجود آهن، انهيءَ علائقي ۾ ادب، امن، سک ۽ شانتيءَ جا بادل وسندا رهندا آهن. اهڙي ئي هڪ امن، ادب، سک ۽ شانتيءَ سان پريل فرشتہ صفت مهاپُرش، پرم پوجيہ سوامي اميدرام جن تاريخ 1884_04_16 بروز اڱارو، صبح سوير پارڪر جي ڳوٺ راڻي تعلقہ ننگرپارڪر ضلع ٿرپارڪر ۾ شري جگارام ٻانيڻا جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا شري جو نالو جسما ٻائي هو. سوامي جن ننڍپڻ ۾ فرمانبردار ۽ نيڪ خيالن جا مالڪ هُئا. تقريباً ٻارهن سالن جي عمر ۾ سواميءَ جي اکين ۾ مسلسل سُور پيو ۽ اکين اڳيان پردو اچي ويو. جڻ تہ دنيا ۾ ڪجهہ آهي ئي ڪونہ! ماتا پتا پراڻن خيالن جا هئا جن پوپن وغيره کان پڇيو پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. جڏهن ڪائنس ڪير پڇندو هو تہ اميدرام اوهان اکين کان انڌا ٿي ويا آهيو. تڏهن مسڪرائي جواب ڏيندا هُئا، تہ ڀڳوان جي ڀڄن جي لاءِ سورشيار نالي، ڀڳت پنهنجيون اکيون پنهجن هٿن سان ڦوڙيون هيون. پر هي تہ ڀڳوان مهراج جي مون تي ڪرپا ٿي آهي، جو بنا محنت ڪرڻ سان بئي اکيون ويون آهن، هاڻ خوشيءَ سان رام ڀڄن ڪري پنهنجي جِيوَن جو ڪلياڻ ڪندس. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو مهراج اميدرام صاحب جي ڀڄن ڀاوَ ۾ دلچسپي وڌندي ويئي.

هڪ دفعي سوامي رات جو ننڊ ۾ سُتل هئا ۽ کين سپني ۾ هڪ ڀڳووا ويس ۾ سنياسي ظاهر ٿيو ۽ چيائين اميدرام! تو جيڪو دل ۾ پڪو ارادو ڪيو آهي اهو سنسار جِيوَن جي ڪلياڻ لاءِ آهي، انهي لاءِ

”ڀائي جاڳ!“ ائين ٻڌندي ئي هڪدم پاڻ جاڳي پيا تہ اڳيان ڪوبہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. جيئن اک کُلي تہ اک ۾ روشني اچي ويئي ۽ حيرت ٿي. اهو نظارو ڏسي سوامي جي پنهنجي ماءُ پيءُ کي اتاريو ۽ چيو تہ آئون ڪجهہ ڏسڻ لڳو آهيان. اهو ٻڌي ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جي سيني ڀاتين کي اچرج ٿيو ۽ خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي.

ڳوٺ راڻي جي پر سان ڳوٺ لينباڙو هو. جتي سوامي جو ڀاڻيج آنبارام رهندا هُئا. انهن ٻنهي جي ٻني ڳوٺ جي وچ ۾ هڪ هنڌ رستي تي هئي، هڪ ڏينهن ٻنهيءَ ڄڻن پنهنجي ٻنيءَ ۾ ويهي ويچار ڪيو ۽ چيائون تہ ڀاڻيج آنبارام هن فاني دنيا ۾ آهي ڇا؟ انهي لاءِ هلو تہ ڪنهن سچي ستگروءَ جي ڳولا ڪري ۽ گرو دڪشٽا وٺي جِيوَن جو ڪلياڻ ڪجي. انهي آنبارام چيو تہ آئون بہ ڪيتري وقت کان اهو سوچي رهيو آهيان. آئون تيار آهيان. سوامي چيو تہ اوهان سيني کي خبر آهي تہ آئون اکين کان نابين ٿيو هئس. ڀڳوان مهراج مونکي اکيون ڏنيون، هاڻي تہ آئون ڀڳوان جو ئي ڀڄن ڪري پنهنجي زندگي گذاريندس. آنبارام چيو تہ ڏسو 1899ع ۾ آئون پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ جهنگ ۾ بيمار ٿيس، ۽ چار ڪلاڪن جي اندر منهنجا ماءُ پيءُ مون کي انهي جهنگل ۾ ڇڏي، هن فاني دنيا مان روانا ٿي ويا.

اها خبر لينباڙي ۾ منهنجي مامي کي پيئي ۽ مون کي گهر وٺي آيا. آئون بچي ويس، جنهن مونکي پالي ڪري وڏو ڪيو. جيڪڏهن منهنجو موت بہ منهنجي ماتا پتا سان گڏ ٿيئي ها، تہ آئون منهنجي زندگيءَ جي خوشيءَ جو ڏينهن ڪيئن ڏسان ها. ڇاڪاڻ تہ مرڻ کانپوءِ ڌن دولت ڇڏائجي وڃي ٿي، انهي کان بهتر آهي تہ سوچي سمجهي ڇڏي ڏي تہ اهو وڌيڪ بهتر آهي.

دل ۾ پڪو پهہ ڪري تنبدي جان محمد ۾ شري 108 سوامي شري هنس نرواڻ صاحب، جيڪي مهاگياني ۽ يوگيراج آهن، جنهن جي اکنڊ ڀڳتي چئني طرف پکڙيل هئي، سو اُتي هلجي ۽ گرو دکيشٽا وٺجي ۽ تيرٿ ڌام شري هنس نرواڻ آشرم ۾ رهجي، ۽ گرو شيوا ۾ رهي ڪري گيان حاصل ڪجي. اهو سوچي ٻئي ڄڻا اسو مهيني جي شڌ پونم چانڊوڪيءَ جي سانجهي وقت گودڙي کڻي روانا ٿيا. راڻي ۽

ٽنڊو جان محمد جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 100 ميلن جو مفاصلو آهي. چئن ڏينهن ڪانپوءِ پيادل پنڌ ڪري ٽنڊو جان محمد شري هنس نرواڻ آشرم پهتا. شري هنس صاحب جي شرڻ ۾ پئي، ٻئي مامون ڀاڻيج گرو ڀائي ٿيا ۽ سنياس پڻون ڌارڻ ڪيو.

اميدرام پنهنجو نالو بدلائي سوامي شري سچيدانند جي، ۽ آنٻارام پنهنجو نالو سوامي شري انيتانند جي رکيو. ٻنهي ڄڻن ڪجهہ سالن تائين آشرم ۾ رهي ويدانت شاسترن جو اڀياس ڪيو. گڏوگڏ ڳائڻ وڄائڻ جي ڄاڻ بہ حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ گرو انيتانند جي، گرو جي شيوا ۾ پوري زندگيءَ جا باقي ڏينهن گذاريا. ۽ شري سچيدانند جي عرف اميدرام جي پنهنجي ڳوٺ راڻي واپس وڃي پنهنجي ڪٽنب سان مليا. انهي وقت سنت اميدرام جي عمر تقريباً 18 سال ٿي ويئي هئي، ۽ اميدرام جو مڱڻو ڳوٺ مامچيرو ۾ رگهو گجر جي ڪنيا سان ٿيل هو. انهي جي عمر بہ 17 سال ٿي ويئي هئي. سندس گرو برهمچاري هئڻ ڪري، سنت اميدرام صاحب پڻ برهم چاري رهڻ جو دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ۽ فقيريءَ جو رستو اختيار ڪيائون. سندس ماءُ پيءُ اميدرام کي شادي ڪرڻ لاءِ چيو. پر شري اميدرام پنهنجي منگيتي کي ڀيڻ سمجهي ڪيس چُني اوڍائي ڇڏي، ۽ معافي ورتي ۽ اُها ڪنيا وري سنت اميدرام وٽ آئي اجازت وٺي چوڻ لڳي تہ مهراج، توهان جيڪو رستو اختيار ڪيو آهي، ان ۾ آئون پڻ خوش آهيان. اوهان مون سان شادي ڪري منهنجي جِيوَن جو ڪلياڻ ڪريو پر سنت هڪ بہ نہ ٻڌي، جنهن هرديہ ۾ رام وسي، ان کي ڪير روڪي. بعد ۾ انهيءَ ٻائي جو وهانءَ ٻئي هند ڳوٺ سامي ويريءَ ۾ سوڀو پرمار سان ڪيائون. اهڙي نموني سنت صاحب راکي جو ٻنڌڻ نڀائيندي، پوري زندگي انهي ڪنيا کي ڀيڻ سمجهي، هر وار پرب تي اوڍاڻي ڏيئي ڀيڻ جي رشتي جو پالن ڪيو. انهي ڪانپوءِ سنت شري اميدرام کي وڏيڪ وئراڳ جاڳيو ۽ سڀئي موهہ ڇڏي، واپس گرو آشرم روانا ٿيا. سوامي اميدرام گرو آشرم ۾ رهي، شان شوڪت سان سنگيت وديا حاصل ڪئي. جڏهن پاڻ هن سنگ جي محفل ۾ ستار جي سنگيت وڄائيندا هئا، تہ ست سنگ جي سڄي محفل جهومي

اٿندي هئي. هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو ڳوٺ راڻي جا راج ڏٽي، ديوي پٽر چارڻ شري ڪرشنا ٻائي، شري هنس نرواڻ آشرم ۾ آيا ۽ پوڄيہ شري هنس نرواڻ صاحب کان گرو لکشڻا وٺي ڪري، ٿورو وقت آشرم ۾ رهي ست سنگ جو لاڀ ورتو واپسيءَ وقت سوامي هنس صاحب کان اها گهر ڪئي، تہ اوهان اميدرام کي اجازت ڏيو تہ آئون منهنجي پنهنجي ڳوٺ راڻي وٺي وڃان، ۽ اُتان کان پري ٻہ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي گڏڙا چارڻ ۾ آشرم ٺاهيون تہ جيئن اسين سڀ اوهان جي ڪرپا سان ست سنگ جو لاڀ حاصل ڪري سگهون. جنهن تي شري هنس نرواڻ صاحب اجازت ڏني ۽ سيئي گڏجي گڏڙي چارڻ روانا ٿيا. ڳوٺ جي سيني ماڻهن گڏجي هڪ خوبصورت آشرم تيار ڪيو ۽ پيٺا پور گڏڙي کان سواءِ ٿرپارڪر جا ڪيترائي ماڻهو ست سنگ جو لاڀ وٺڻ لڳا، ۽ پاڻ گڏڙي آشرم ۾ رهڻ لڳا. سوامي اميدرام جا ڪيترائي وِرگت ۽ گرهستي شيوڪ هُئا. انهن مان وِرگت شيوڪ شري لکشانند. گرهستي شيوڪ شري پريمارام، شري سوامي ڪيتارام صاحب ۽ ٻيا ڪيترائي شيوڪ آهن.

سوامي اميدرام هڪ مهان ودوان يوڳي هُئا. پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيتريون ئي تيرٿ ياترائون ڪيون هيون، جنهن ۾ هري دوئار، ڪاشي وغيره. انهن تيرٿ آستانن ۾ رهي ڪري وڏيڪ گيان يوڳ پراپت ڪيائون. جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪي ماڻهو ڪانس سوال پڇندا هئا تہ پاڻ آسان لفظن ۾ سمجهائيندا هئا. پاڻ هميشہ مستقبل جي باري ۾ هر ڳالهہ جو اڳڀوءَ ڪندا هئا ۽ ٿيندو برابر ائين هو. تنهن ڪري ٿرپارڪر جي ماڻهن ۾ سوامي اميدرام جي لاءِ اهڙي پڪي ڀاونا ٿي ويئي هئي. پاڻ وڏائيءَ کان پاسو ڪرڻ، سادگيءَ سان گذارڻ، ستہ ڪرم ڪرڻ، پاپ نہ ڪرڻ لاءِ پرچار ڪندا هُئا. سال 1947ع ۾ شري سوامي لکشانند صاحب هتان لڏي انڊيا ويا، ۽ گجرات علائقي جي اترئين حصي جي ڊيما نالي ڳوٺ ۾، شري هنس نرواڻ آشرم ٺاهيو ۽ اُتي رهيو. انهي جو گرو سنت اميدرام کي گرو شيوڪ جي وڇوڙي جو ڏک رهيو. انهي ڪانپوءِ سوامي اميدرام گڏڙي چارڻ ۾ آشرم ۾ اڪيلا رهيا. ٿورن سالن ڪانپوءِ هندوستان مان لکشانند جو خط آيو

تہ ٻاپو منھنجي طبعيت ٺيڪ ڪونہ آھي، ھينئر احمد آباد مان علاج ڪرايان پيو. ھن خط ملڻ سان پاسپورٽ ٺھرائي، احمد آباد پھچندا تہ توھان جو درشن ٿيئي. خط ملندي سنت اميدرام پاسپورٽ ٺھرائي احمد آباد وڃڻ جي تياري ڪئي. ڏيما ڳوٺ کان ڏيسا مان گوئيل شري رتن لال جي، سان گڏ احمد آباد آيا ۽ لکشانند سان مليا. لکشانند جي حالت ٺيڪ ڏسي لکشانند کي مطمئن ٿيو. اُتي ڏھہ ڏينھن رھڻ کان پوءِ پاڪستان اچڻ جي تياري ڪئي ۽ اُتي سيني ست سنگين ۽ رشتيدارن کي مخاطب ٿي چيو تہ پيارو! مون وٽ جيڪو بہ وديا (علم) گيان گڻ ھو، اھو مون لکشانند کي ڏنو آھي ڇو تہ اھو منھنجو روپ آھي. تنھن ڪري دل ۾ شانتي رکي ھي ڳالھہ سمجھي وٺندا. ڇاڪاڻ تہ منھنجي ھي آخري موڪلاڻي آھي. ھي ڳالھہ لکشانند چڱي طرح سمجھن ٿا، پر توھان ڪونہ سمجھندا، جنھن سبب آئون روحاني طريقي سان اوھان سان گڏ ھوندس پر ھي پنج پوتن (عنصر) جو ٺھيل سرير توھان ڪونہ ڏسي سگھندا. انھي ڳالھہ سان ماڻھن کي حيرت اچي ويئي. اڄ کان چوڏھين ڏينھن ۾، يعني 1958_03_13 خميس جي ڏينھن روانو ٿي ويندس انھي سان مون کي ائين لڳو ٿي تہ مونکي بہ ڪم باقي آھن جنھن ۾ ھڪ تہ پيارو شيوڪ لکشانند جنھن کي روشن ڏيان ۽ ٻيو تہ پوڄيہ سوامي شري ھنس نرواڻ صاحب جو آخري ديدار ڪريان. ھڪ تہ ڪم پورو ٿيو ھاڻي صبحاڻي ڪشن گڏ ۾ سوامي ھنس نرواڻ صاحب جا درشن ڪري واپس پاڪستان گيڙا آشرم لاءِ روانو ٿيندس، سيني کان موڪلائي ڪشنگي پھتا جتي شري ھنس نرواڻ جن جو درشن ڪيو، جتي ھڪ رات رھي سواميءَ کان اجازت وٺي پاڪستان گيڙا آشرم روانا ٿيا. بعد ۾ ٽن ڏينھن کانپوءِ احمد آباد ۾ شري لکشانند کي مھراج شري ھنس نرواڻ صاحب جو خط مليو جنھن ۾ لکيل ھو تہ پياري شيوڪ پتر شري لکشانند کي معلوم ٿئي، تہ سنت اميدرام منھنجا درشن ڪري پاڪستان گدِڙا آشرم روانا ٿي ويا آھن، ۽ آشرم ۾ پھچي ويا، جتي سماڌي لاءِ مٽي، پٿر سيمنٽ وغيره گڏ ڪرڻ لڳا آھن. ست سنگين پڇيو تہ ھي پٿر ۽ سيمنٽ ڇا جي لاءِ گھرايا

آهن؟ سوامي اميدرام جو جواب هو تہ پائي هي سماڌيءَ جي آخري گهر جو سامان آهي. هاڻي صرف اٺن ڏينهن جا مهمان آهيون. ماڻهن کي اچرج لڳو ۽ چوڻ لڳا سائين توهان ڪڏهن بيمار ٿيا هئا؟ توهان جو جسم تندرست ۽ جوان جهڙا لڳا پيا آهيو. ائين اهڙو ڪدم سرير ڪين ڇڏيندا. ماڻهن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. پاڻ چوڻ لڳا تہ سماڌيءَ جي ڏيوري ناهڻ جو ڪوبہ خيال نہ آهي، پر پريمي ڀڳتن لاءِ هڪ يادگار تصوير سماڌي ڀڳتن جي لاءِ ضروري آهي. ان ڪانپوءِ اٺون ڏينهن پورو ٿيو.

سوامي اميدرام صاحب سيني ڳوٺن جي ست سنگين کي خبر موڪلي، تہ سڄ نڪرڻ کان پهرين پهرين سڀ مرد ۽ ناريون آشرم ۾ پهچي وڃن. سنت اميدرام صاحب تمام جسماني طريقي سان وهنجي سهنجي تيار ٿي، پدم آسڻ لڳائي نرواڻ پد جو آواهن ڪري رهيا هئا. سنت سنگي چوڻ لڳا سوامي اميدرام! اسان جو پريم اوهان جو آخري ديدار ڪري رهيو آهي. اميدرام ڪلندي ڇهري سان جواب ڏنو هي آشرم سنتن جي تپ ڀومي آهي. تنهن جي جهڙي نموني حفاظت ڪئي اٿو اهڙي نموني مستقبل ۾ ڪجو. هاڻي سڀ گڏجي ڪري ٽي دفعا چئو اوم شري جئہ هنس نرواڻ! ائين ٽي دفعا آواز ڪندي سوامي اميدرام انتر ڌيان ٿي ويا، ۽ هيءَ فاني دنيا ڇڏي پرماتما جي حقيقي سروپ ۾ ملي ويا. آخر ۾ سيني ڳوٺ وارن گڏجي سوامي اميدرام جي آخري ياترا ۾ حصو ورتو. گهر گهر سوامي اميدرام وئڪنٺ وڃڻ جي آجيان ڪئي. آخري ڏينهن شام 4 وڳي آشرم اندر سماڌي ناهي، سيني پريم جا گلڙا وسايا، انهي سان گڏوگڏ ڪيترن ئي پريمي ڀڳتن گُل روپي پريم جا آنسو ورهايا.

ٿورڙن ڏينهن ڪانپوءِ ڊيما آشرم ۾ لڪشانند کي خط مليو جنهن ۾ لکيل هو تہ برهمم نشٽي برهم سردتري يوڳيہ راج گرو ديو سوامي اميدرام پدم ڌام پڌاريا آهن. خبر هلندي ئي ڊيما ۽ گجرات جي ڪيترن ئي علائقن مان ڪيترائي ماڻهو سوامي اميدرام جي آتما کي آشيرواد ڏيڻ جي لاءِ لڪشانند سان ملڻ جي لاءِ اچڻ لڳا. اهڙي مهان پرش جي آتما هميشہ لاءِ امر رهي ٿي. (اميد ولاس تان ورتل)

جو جيو شرڻ آءِ پڙي دک دور جاءِ
اُميدرام ايس گاءِ سنت گڻون کي پنڊاريہ
مُک سي کهيا نہ جا وي سنت انسنت جو اُپاريہ

# سنت جئرام داس صاحب

(1891ع کان 13-06-1990ع)

ساڌ بڙي پرمارٿي، گهن جيون برسين آئي،
تپن بجهاون اور ڪي، اپنو پاوس لائي.

اسان جي سنڌ يومي آدجڳاد کان مهان رهي آهي ۽ سنڌ جي مٽي ۽ پاڻيءَ ۾ ايتري تہ ڪشش رهي آهي، جو هتي ڪئين قافلا آيا، آخرڪار اُهي ڪجھ عرصي کانپوءِ سنڌو ماتريءَ جي سيپيتا ۾ ائين ضم ٿي ويا، جيئن کير ۾ کنڊ ملي هڪ ٿي ويندي آهي. ڇو تہ هي سنڌ ڌرتي سنت مهاتمائن، يوڳي پُرشن ۽ صوفي ساڌو سنتن جي ڌرتي رهي آهي. هتي ڪيترائي سچا سنت مهاتما ۽ اوتاري پُرش جنم وٺي چُڪا آهن. اهڙي ئي هڪ يوڳي پورڻ سنت شري جئرام داس صاحب جن، تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر جي ڳوٺ ٻٽڙي ۾ شري پيمارام درڙو جي گهر، اٽڪل سال 1891ع ۾ جنم ورتو. سندس ماتا ٺهارو ذات ڪڏيچہ ويٺل ڳوٺ ويڙهار تعلقہ ڏيپلو جي ڌي هئي. ڀڳت صاحب جن جي اڃا ٻال اوستا هئي تہ سندن پتا صاحب جن هن فاني سنسار کي ڇڏي سرڳواس پڌاريا. اڃا ڪجھ وقت گذريو ئي ڪونہ تہ سندس اڪيلي پيڻ بہ هن جهان مان موڪلائي ڪري ويئي. انهن ڦرندڙ گهرندڙ حالتن مٿن اهڙو اثر ڪيو جنهن سان سندس اُهي ويچار اُتپن ٿيا تہ هي سنسار فاني مسافر خانو آهي. هن مرتيو لوڪ ۾ ڪو اهڙو ڪرم ڪجي، جنهن سان جنم مرڻ جو ڦيرو ڪٽجي وڃي. ڇو تہ انهي حياتيءَ ۾ هن دنيا کي بلڪل ڀلائي، ڀڳوان جي ڀڄن ۾ پنهنجو پاڻ کي گذارجي، آخر هن فاني دنيا ۾ ايشور کان سواءِ ڪا بہ شيءِ رهڻ واري نہ آهي. ايئن ٿيندي ڀڳوان جي ڀڳتيءَ جو ويراڳ لڳو. ڀهريائين سندن ڳوٺ جي ڀر ۾ هڪ "سرو" نالي شهر هوندو هو جتي هڪ ٺڪاڻو هو جتي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ لڳا. پر پوءِ ترت وري ٽنڊي جان محمد هليا ويا، جتي هنس نرواڻ نالي مشهور آشرم هو اُتي اڳ ۾ بہ ڪيترائي سوين ٻالجتي برهمچاري تياڳي، ساڌو سنت رهندا هُئا، اُتي سنت مهاراج پرمانند صاحب هنس نرواڻي جي چرڻن

۾ ڀڳت جئرامداس صاحب شيش نماڻي ڪان گُرنام ورتائون. سندن گُرو صاحب هندو پاڪ جي ورهاست بعد پارت هليا ويا.

مهاراج سوامي هنس صاحب ٻالجتي، تياڳي يوگيراج سڌ ساڌو هئا. جنهن جي نالي هنس نرواڻ پنٿ قائم آهي. جنهن جا شيوڪ اُنهي کي تسليم ڪرڻ وارا پوئلڳ مجڻ وارا هندو سنڌ ۾ ڪيترائي سوين، هزارين ساڌو موجود آهي. اهو آشرم ورهاست هندو پاڪ کان اڳ ۾ قائم هو ۽ هاڻي اُنهي هنڌ تي سوامي هنس صاحب جي ورسي ملهائي ويندي آهي. جتي ”صدقي“ (مجڻ وارا) انهي جي ياد ۾ اُنهي ڏينهن ايشور ڪيرتن ڪري ڦل حاصل ڪندا آهن. اُتي ڀڳت جئرامداس صاحب ڪجهہ سال رهي، ڪافي ڪجهہ ڀڳتي جو رستو حاصل ڪيو. پوءِ ڪجهہ سال ٺَر جي شهر مٺيءَ ۾ رهڻ ٿيو. اُتي پنڊت مهراج سوامي مولشنڪر صاحب کان پهرين کان ستين تائين سنسڪرت جي تعليم حاصل ڪيائون. سندس اعليٰ ذهنيت جي ڪري سوين شاگردن ۾ اول پوزيشن حاصل ڪئي. بعد ۾ ناناڻن جي ڳوٺ ويڙهار آيا جتي مامي شري ٺارو مل زمين ۾ ”ڀؤنرو“ (معنيٰ زمين جي اندر ڏهہ ٻارنهن فوٽ اونهو يوڳ آستان ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي ڀؤنرو چيو وڃي ٿو.) ٺهرائي ڏنو. انهي ڀؤنري ۾ ٽي سال رهي يوڳ ساڌنا ڪئي. انهيءَ طويل عرصي دوران گهربل شيوا سندس مامي ڪئي، جنهن جو ڪيس ايشور بہ ڦل سنو ڏنو. انهي وقت سندس مامي شري ٺارو مل پڇيو تہ، ڀڳت صاحب توهان ڀؤنري ۾ ٽي سال رهي يوگ ڪيو هو، جنهن مان ڪجهہ تہ اسان کي بہ ٻڌايو تہ اوهان ڇا حاصل ڪيو؟ ڀڳت چيو تہ مون يوڳ ساڌنا منتر يوڳ، اسٽانگ يوڳ، ليہ يوڳ، راج يوڳ ريچڪ، پورڪ ۽ ڪنڀڪ وغيره جو بہ ويچار ڪيو آهي. ڀڳت صاحب جڏهن ڀؤنري مان نڪتا تہ وار بلڪل اڇا ٿي ويا هئا، پر وري بعد ۾ ساڳيا وار ڪارا ٿي ويا.

يوگ پورو ڪرڻ کانپوءِ سنت جن پاڻ ڳوٺ ۾ هندي، سنڌي تعليم ڏيڻ لاءِ پوري ڳوٺ کي توجهہ ڏيارڻ لاءِ پرچار چالو ڪيائون، جنهن سان گڏوگڏ ڀڳتي پرچار ۾ وشنو ڌرم پالڻ، ڪيرتن ڀڳتي وغيره جي انگن جو بہ پرچار ڪيائون، جنهن جو ڳوٺ تہ سنو اثر پيو.

انھي وقت ڳوٺ جي سندن جاتيءَ ۾ ڪوبہ پڙھيل نہ ھو. تنھنڪري شروعاتي تعليم ڏيارڻ لاءِ پنھنجو پاڻ کي ڳوٺ لاءِ ھڪ سال جي عرصي تائين وقف ڪيائون. پھريائين سندن مامي شري ٺارو مل جي پُٽن کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪافي ڪجھہ گيان رُوپي سکيائون ۽ سمجھاڻيون ڏنائون. تمام گھڻو تعاون ۽ ھمدردي ڪري پرائمري تعليم کان وڌيڪ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪ مشورا ڏنائون. جنھن ۾ ايشور چاھيو تہ اُھي بہ سٺي تعليم حاصل ڪري ويا. اھڙي طرح آھستي آھستي پوري ڳوٺ تي تعليم جو پورو اثر ٿيو. اڄڪلھہ ڳوٺ ۾ تعليم يافتہ ماڻھن جي اڪثريت عام آھي. ٺر ۾ گھڻي کان گھڻا پڙھيل ويڙھار ڳوٺ ۾ آھن.

ڀڳت صاحب جن کي درويشن بزرگن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ رھڻ جو ڏاڍو شوق ھوندو ھو. تنھنڪري انھن بزرگن جي تلاش ۾ ھُن وري بہ ھندستان ياترا لاءِ تياري ڪئي. ڀڳت صاحب جڏھن ويڙھار کان ھندستان ياترا تي ويا تڏھن ھيٺين ھنڌن جھڙوڪ ھري دوئار، گنگاجي، ڀيمگوڙو، وشنو مندر، رُشي ڪيس، آبوراج، لکي تلاءَ کان ٿي گجرات ڪاٺياواڙ جُھوناڳڙھہ گرنار وغيره ھندن تي ويا. اُتان کان ڪجھہ وقت کان پوءِ پنھجي اباڻي وطن موٽيا. جتي سندس مامي شري ٺارو مل سان ويڙھاڙ ۾ ڀيھر ملاقات ڪئي، جنھن ۾ ڀڳت صاحب سان سٺي گيان چرچا ٿي.

پاڻ پھرين ٻال جتي، تياڳي ۽ برھم چاري ساڌو ٿي رھڻ ٿي چاھيو پر سندن مامي کين سمجھايو تہ گرھستي ڀڳتي اتم آھي، اھڙي طرح سنسار ۾ رھي ٻئي ڪرم سڦل ٿي سگھن ٿا. پوءِ پاڻ شادي لاءِ آماده ٿيا.

اھڙي طرح سان ڀڳت صاحب گرھست آشرم ڌارڻ ڪيو. پاڻ شادي شريمتي ھستو ڌيءَ لالو مل، ذات پنھون، ڳوٺ ڪئورل، تعلقہ ڏيپلي مان ڪئي جنھن مان کيس اولاد ھڪ پٽ نٿورام آھي، جو پرائمري ماستريءَ تان رٽائر ٿي، ھاڻي حڪمت جو ڪم ڪري رھيو آھي. سنو حڪيم آھي جنھن جي ونساوري ۾ اڄ بہ سندس پُٽ پوٽا انھي جي دعا سان سُکيا ۽ خوش آھن. ڀڳت صاحب جن جا ٻالاپڻ

ڪان وٺي سندس لڪشڻ اُتم ۽ سداچاري هوندا هئا. سندس شيوڪ گُرنام جپڻ وارا ايشور جي ڪيرتن ڀڳتي ڪرڻ وارا، اڄ بہ سندس پنهنجي ٿر علائقي ۾ يا انهي ڪان علاوه وڏيڪ هئا. سنڌ ۾ ملندا، پاڻ پنهنجي زندگي دوران پنهنجي رس ڀريل گيان چرچا سان هر عام ماڻهو کي متاثر ڪيو. اباڻي رهائشي علائقي يا ڏوراهين هنڌن تي سندس تعريف جو مثال پاڻ هئا.

سنت مهاتمائن يا عام ماڻهن سان ميل جول، ستسنگ بنا پيد پاءُ جي هوندو هو. ڪيرتن ڀڳتيءَ ۾ ڪائنس ماڻهو گيان رس حاصل ڪندا هئا، جيڪو سيئي هڪ ويراڳ جي لئہ (ڏُن) ۾ مگهن رهجي ويندا هئا. ڀڳت صاحب جن آخر ۾ گرهست آشرم ڏاري ڳوٺ ويڙهار ۾ رهيا. جتي پر ۾ شهر ڏيپلو آهي، اُتي شريمان سنت مهاتما ٻاليجتي، تياڳي راما ٻائي صاحب، هنس نرواڻي پڇمائي پير آشرم ۾ رهندا هُئا. جنهن جو ڀڳت صاحب جو پاڻ تمام گهڻو ستسنگ ڪتا ڪيرتن نيم ڏرمن ۾ هڪٻئي وٽ اچڻ وڃڻ هو. جيڪو هينئر ٻائي صاحب جن سرڳواسي پڌاريا آهن، ۽ پويان ڀڳت صاحب جن جو شيشہ (شيوڪ) نالي سنت چيلارام، جيڪو بہ ٻاليتي برهمچاري تياڳي آهي، جنهن کي بہ ڏنڪار هجي پنهنجو پاڻ کي ايشور نام جي ناتي تياڳي ٿي نڀائي رهيو آهي، جيڪو اڄڪلهہ پڇمائي پير آشرم ڏيپلو ۾ جتي ٻائي صاحب رهندا هئا.

اُتي مندر جي ڀهاري ڪيِ، هڪ فخريہ ناز شيوا سمجهي، اهڙي طرح سان اعليٰ شيوا ڀڳتيءَ جي ڏُن ۾ مگهن آهي. انهيءَ هنڌ تي رهڻ لاءِ ٻائي صاحب جن آگيا ڏيئي ويا آهن. جنهنجي شيوا ۾ وچن جو پالن ڪري رهيو آهي. شري ڀڳت جئرامداس صاحب جڏهن ڪبير صاحب، گورک ناٿ صاحب، پرمانند صاحب جي ڀڄنن جو ستسنگ جي وچ ۾ ويهي، جڏهن کولي گيان ٻڌائيندا هئا، تہ دنگ رهجي ويندو هو. اُتي ٻڌندڙ پريمي اُنهي گيان ڀريل گفتار سان ويراڳي روپ ۾ مگهن ٿي ويندا آهن. ڀڳت صاحب جن ڪال ڪروڌ کي اهڙو تہ ختم ڪيو، جيڪو سندس شيرين زبان سان هڪ دفعو ملندو هو تہ اهو ڪائنس ڏاڍو متاثر ٿيندو هو. اسان جي ڳوٺ ويڙهار ۾ هريجن

ڪالوني اسڪول منظور ٿيو تڏهن انهيءَ وقت ڀڳت صاحب جن چيو تہ اها اسڪول جي جاءِ منهنجي ڀئنري واري هنڌ ٺاهيو تہ اهو اسڪول ڏينهون ڏينهن وڌندو ويندو. ڇاڪاڻ تہ ڀئنري واري جڳهہ هڪ يوگ آستان واري زمين هئي. هاڻي واقعي اهو اسڪول پرائمري مان برانچ مڊل ۽ انهي مان فُل مڊل تائين پهچي ويو آهي. اُميد تہ اهڙن سنتن جي دُعا سان هاءِ اسڪول جي صورت ۾ بدلجي ويندو.

سنت جن جو پنهنجو رهائشي ڳوٺ اڇڪلهہ پورو تعليم سان سجايل آهي. ڀڳت صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ڇند سندس ۽ ڀڄن وغيره ڇپيا آهن. جيڪي سندس جِيوَن جرنند ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن.

جڏهن آخر ۾ ڀڳت صاحب جن گرهستي آشرم ڌارڻ ڪيو. تڏهن سنسار ۾ رهي ڪجهہ فني تعليم حاصل ڪئي.

1. جوتش ٽپڻي ۾ وڏن مهاراج پنڊتن ۾ شامل ٿيندا هئا.
2. آير ويدڪ طب و حڪمت ۾ بہ سُٺي مهارت رکندا هئا.

جيڪو فن پيشہ هيو جنهن کي گورنمينٽ پاڪستان تسليم ڪري رجسٽرڊ ڪيو. اهڙي طرح سان هڪ سئو سالن جي ڄمار ۾، تيرهين جون 1990ع پرهہ باک ڦٽيءَ جو سادي 5 وڳي هن فاني سنسار کان موڪلائي، پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليا. هر سال ورسي ڪري ملهائي ويندي تہ ياد تازي رهندي، ۽ پوئنين لاءِ بہ هڪ سٺو سبق رهندو. ٻيا بہ انهي طرح ايشور ڀڳتي ڪري پنهنجي پاڻ کي مُڪت ڪن. ڌنڪار هجي انهن سنتن کي. ايشور اهڙا سنت هن ڀوميءَ تي پيدا ڪري تہ جيئن ايشور ڀڳتيءَ جي پرچار سان، پنهنجي گيان چرچا جي پريم رس ۾ انهي پريما ڀڳتيءَ جي ”ديپ“ سان ٻين کي عام روشن ڪن.

# سنت ڪيتارام صاحب

(1880 ڪان 1977-10-10)

سنت اور پارس ۾ اتنا انتر جاڻ،
وہ لوهي ڪو ڪنچن ڪري،
وہ ڪري آپ سمان.

هن سنسار ۾ سنتن، صوفين ۽ درويشن سدائين پائيچاري، امن ۽ محبت جي سکشيا ڏني، ۽ جت جت سنت مهاتما موجود آهن، انهي يوميءَ ۾ ادب، امن، سک ۽ شانتيءَ جا ديپ هميشہ روشن رهندا آهن. اهڙي ئي هڪ روشن ديپ، شرومڻي سنت ڪيتارام جو جنم ڳوٺ ڍنڍيورو تعلقہ ننگرپارڪر ضلعو ٿرپارڪر ۾، شري ڪونپارام ڪڏيچہ جي گهر 1880ع ۾ ٿيو. سندس مائٽ اصل ڳوٺ ڪينسر تعلقہ ڇاڇرو جا رهاڪو هُئا. جتان ڪان حالتن جي تبديليءَ ڪري ڳوٺ تگوسر تعلقہ ننگرپارڪر آيا. مالدار ماڻهو هئا. ڪجهہ وقت اُتي رهيا ۽ سنت جا مائٽ وري اتان لڏي ڳوٺ شولو تپو هاڙهو تعلقہ ننگرپارڪر ۾ آباد ٿيا. جتي پڻ ڪجهہ عرصو گهاري بعد ۾ ڳوٺ ڍنڍيورو ۾ رهائش اختيار ڪئي. سنت صاحب جي جنم دوران هند پاڪ گڏيل هو ۽ انگريزن جي راجڌاني هئي. تعليم جو رواج ايترو عام جام ڪو نہ هو. سنت صاحب هندي، گجراتي ۽ سنسڪرت جي وسيع ڄاڻ رکندا هُئا. در اصل پاڻ ڪنهن پاٺشالا يا اسڪول وغيره ۾ تعليم ڪونہ ورتي، پر سندس گرو سنت اميدرام صاحب ۽ ٻين سنتن جي صحبت جي ڪرپا سان حاصل ٿي. سنت صاحب جي ٻالاپڻ ۾ ئي پرماتما سان لگني لڳي هُئي، ۽ دنيا جي ڪار وهنوار ۾ گهٽ ڌيان رهيو. ٻارنهن تيرهن سالن جي عمر ۾ سندس اِڇا ۽ مائٽن جي آگيا سان ڳوٺ شولو ۾ سامي سنتوش ناٿ ۽ ٻين يوڳيشورن جي شرڻ ۾ ويا. جتي محنت ڪري آگيا ڪري رهي، سِڌي يوگ ڪمائي، پوري طرح وِڌي ٻُڌي حاصل ڪئي. 30 سال مسلسل يوڳ ڪيو. يوگ دوران هنس نرواڻ صاحب آشرم ٽنڊو جان محمد ۾ رهيا.

انهي بعد دل ۾ نشچيہ ارادو ڪيو تہ گرو سڪشا لازمي آهي. انهي وقت سنت صاحب جي عمر 27_28 سال کن هُئي، انهي وقت هڪ مهان سنت شري اميدرام صاحب، هنس نرواڻي ذات ٻانيڻيا اصل ڳوٺ رائي جا ڳوٺ گيڙرو ۾ پرشڌ ٿيل هئا. سنت ڪيتارام صاحب کي پڻ انهي مهان سنت جو سنگ نصيب ٿيو ۽ وچن ڏيڻ جي پرارٿنا ڪئي. پر سنت اميدرام هڪ بزرگ ۽ ڪرڻي پُرش ۽ ٻال برهمچاري هُئا، جيڪي سمجهي ويا تہ هن شخص وٽ سڌي يوگ حاصل ٿي آهي. ان ڪري سنت ڪيتارام صاحب کي چيائين تہ پاڻ انهن ڳالهين کان ڪنارا ڪشي ڪري سڌي ريت ڀڳتي مارگ تي اچن، تہ گرو وچن ملي سگهندو. تڏهن سنت ڪيتارام گرو صاحب جي آگيا سويڪار ڪئي، ۽ وچن وٺڻ خاطر هر قيمت تي تيار هُئا. اهڙي طرح سنت اميدرام صاحب ڪيس پنهنجي شرڻ ۾ ورتائين ۽ نام دان ڏنو. پوءِ سنت صاحب گرو وچن جي پالنا ۽ ايشور ڀڳتيءَ ۾ لين ٿي ويا.

سنت ڪيتارام صاحب جو خيال هو تہ هو برهمچاري رهي، گرهست کي تياڳي. چو تہ سندس گرو سنت اميدرام هڪ برهمچاري هئا. پر سندس مائٽن سنت صاحب جو مڱڻو ڳوٺ ٻڙتلا لڳ ڀهراڻو ۾ ارجڻ اِڻڪيہ جي ڌي گنگا ٻائيءَ سان طئہ ڪري ڇڏيو هو. پوءِ گرو اميدرام جن فرمان ڪيو تہ ڪيل مڱڻيءَ جي پالنا ڪئي وڃي ۽ گرهست ڀڳتي اُتم ڀڳتي آهي. اهڙي طرح گرو صاحب 1921ع ۾ شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويو ۽ خير اصلوبيءَ سان گرهست آشرم جا فرائض سرانجام ڏيندا رهيا. ڪيس اولاد ۾ هڪ پُٽ سامارام هو ۽ ٻہ نياڻيون هيون. سامارام کي هڪ پُٽ نالي نارائڻ داس ۽ پنج نياڻيون آهن. نارائڻ داس هن وقت سندس گادي نشين آهي. سنت صاحب جا ناناڻا ڳوٺ ڏاپڙو ۾ ذات پنئار جا هئا. سنت جو هڪ پاءُ هو جو ننڍي عمر ۾ گذاري ويو. سنت ڪيتارام پيرن پنڌ ڪري ڳوٺ ۾ هر وائڪ تي وڃي، ستسنگ رچائي، ڀڳتي ۽ گيان جو پرچار ڪندا هئا. خاص ڪري پوڏيسر ۾ اچڻ وڃڻ ۽ پريم پاوي تمام گهڻو هئي. پوڏيسر آيو هو تڏهن سندس عمر اٽڪل 60_65 سال کن هئي. پوءِ اُتي جي پريم پاوي ڏسي سنت ڪٽنب سميت ڳوٺ پوڏيسر ۾ رهائش اختيار

ڪئي، ۽ پنھنجو آشرم ٺاهي رهڻ لڳا. سندس وچنن ۾ اهڙي شڪتي هوندي هئي، جو سندس آسيش مان ڪيترن ئي سوالين جون مرادون پوريون ٿينديون هيون، ۽ سدا لاءِ نهال ٿي ويندا هئا.

پوڙيسر ۾ سنت صاحب جي نالي، جتي سوامي ڪيتارام صاحب جي بيٺڪ هُئي، اُتي آشرم جوڙيل آهي، جتي هر سال ڪيترائي شرڌالو شرڻ اچن ٿا ۽ منوڪامنائون پوريون ٿين ٿيون. اهڙا عظيم بزرگ هميشہ امر هوندا آهن. انهن جا روح پويتر هوندا آهن ۽ انهن ۾ الاهي نور جي جوت سمايل هوندي آهي، دعا جا دروازا هوندا هئا. پر مورک ماڻهو اهڙن سچن هيرن جي سڃاڻپ ڪونہ ڪري سگھندا آهن، جيئن شاهہ صاحب فرمايو آهي:

هيرن ۽ موتين جي، ڪي سالڪ لهن سنڀار،
جيڪي لوهہ ڪُٽين لوهار، تن ڪي ڪھڙو قدر سونَ جو.

سنت تگارام اڪيہ جيڪو سنت ڪيتارام جو پرم پريہ شش هئا، انهي جي لکڻ موجب تہ سنت صاحب جو قد 6½ فوٽ هو سرير جا سنها پرشاندار هئا. سندس ڪشادي پيشاني، من موهيندڙ روشن چهرو سفيد ڏاڙهي، وبڪري چاتي، سُندر اکيون هيون. اهڙي ئي پيار ۽ ميناج سندس سندر تيجوي نيترن مان هڪ اتوٽ ڌارا مثل وهندو پيو هو.

سندر مُکاروند مان ڪڏهن بہ ڪنور وچن ڪين نڪتو. هو ڪميا جو ساگر هو. هو سچا سنت ۽ پرماتما جا ساڪيات تسوَ روپ هُئا. هر ڳالهہ ڪي ديا، نمرتا ۽ ڌيرج سان سمجهائيندا هئا. پاڻ هميشہ حلال ڪمائيءَ مان گذران ڪندا هئا ۽ ائين ڪرڻ لاءِ هدايت ڏيندا هئا. جيئن گرو نانڪ جو شيوڪ آهي.

پاڻ سدائين ڪٿا، ڪرڙ لويون، فراسيون ۽ ڪيس وغيره ٺاهي، انهي مان پنهنجو پيٽ گذران ڪندا هُئا. وٽڪر جي لحاظ کان مهارت حاصل هوندي هئي. هو هڪ پورڻ جوڳي هو. هنس نرواڻيءَ جي اصولن متن ۽ قاعدن جا پابند هئا.سنت ڪيتارام صاحب پنهنجي من موهيندڙ مٺي آواز ۽ وائي ذريعي اپديش ڪندا هئا، تہ هن ڌرتيءَ تي ڪوبہ انسان اوچ نيچ نہ آهي، سينيءَ ۾ هڪ جهڙي آتما وياپڪ آهي. سڀ انسان برابر آهن. ڪرم مهان آهي. اُتم آهي جو ڪري،

سنت کيتارام صاحب پيرن پنڌ ڪري ستسنگ ۾ ويندا هئا. ڀڄن واڻي ڪندا هُئا. خاص ڪري جانجهہ وڄائڻ جا وڏيڪ شوقين هئا. جڏهن پريم لڳندو هو تڏهن اُٿي ناچ جي صورت ۾ جانجهہ جي ڌمال ڏيندا هئا. پاڻ ڪوي بہ هئا، ڪيترائي ڀڄن جوڙيا آهن، جي اڄ تائين ڳايا وڃن ٿا. پاڻ 30 سال يوڳ ڪيو هو، ٻئي جي من جي وستو (خواهش) پڻ سڃاڻي ويندا هئا. خاص ڪري وڃايل مال جي گهورن کي ڏس ڏيڻ ۽ وڇون ۽ بلا جي ڏنگلين کي چڱو ڀلو ڪرڻ اهڙي ڏات پرماتما طرفان مليل هئي.

سنت ڪڏهن بہ ڪونہ چوندو هو تہ آئون گرو آهيان. سنت هميشہ هٿ جو پورهيو ڪري، محنت مزدوري ڪري، وڻج واپار ۽ کيتي ٻاڙي ڪري پنهنجو جِيوَن نروار ڪندا هُئا. جيئن ڪبير صاحب جا شش راجا مهاراجا هُئا پر سڄي زندگي ڪوري جو ڪم ڪندا رهيا. ڀڳت روي داس آزاد هڪ مهان پُرش هو پر زندگي ڀر موچيءَ جو ڪم ڪري گذران ڪندو هو. سنت نامارام سڄي عمر ڪپڙي جي رڱاوت ڪري گذران ڪيو. مالڪ جا پيارا ڀڳت هميشہ حق حلال جي روزي ڪائيندا آهن. سنت صاحب جا مختلف ذاتين جا ماڻهو پنهنجي شرڌا ۽ اُڪير سان پورن گرو سمجهي شيوڪ بڻيا، جيڪي سوبن آهن. ڪجهہ ذڪر ڪجي ٿو. دادا رام اٽڪيہ، ميارام اٽڪيہ، ڏرنگارام اٽڪيہ ۽ توڳارام اٽڪيہ ڳوٺ پوڏيسر جا آهن. انهي ڪانسواءِ پيٿارام ۽ هالو واڍا سوراچند، حاجارام ڊگهڙي، رٺملسنگ نڪر، سونجي نڪر راٺو ۽ سندس گهر واري چمپا ٻائي ذات چارڻ ڳوٺ مٺو سرڳواسي گرڌاري لال عمرڪوٽ، حڪمون گُجر مامچيرو، هيرام ويراج ۽ ٻيا ڪيترائي شش آهن. لکڻ مان ڪتاب پرجي ويندو پر سنت شٽومٽيءَ ۾ چمتڪار ۽ ڪرامتون مشهور آهن.

1947ع پاڪستان ٺهڻ بعد سنت ڪيتارام صاحب پوڏيسر مان لڏي، اچي عمرالدين پنجابي، لڳ ڪُنريءَ ۾ آباد ٿيا. آخري ڏينهن اُتي گذاريا. جڏهن سنت صاحب آخري سفر جو سانپاڻو پي ڪيو تہ پنهنجي شيوڪن کي اڳواٽ جاڻ ڏني تہ تٽ اماس مهينو پدو سنبت 2036 تي انگريزي تاريخ 1977-10-10 بروز منگل تي هي چولو

چڙهيندس. منهنجي سماڌي عمرڪوٽ ۾ ميگهواڙن جي پاڙي ڪان اولهہ پاسي دڙي تي، جتي ڪوڏر جي ٽپي جو نشان هجي اُتي رکجو ۽ چيائين تہ منهنجي شيوڪن کي اطلاع ڪيو وڃي تہ مقرر وقت تي پهچن. وقت پڄاڻي تي پهتو سڀ شيوڪ ڳوٺ عمرالدين پجابي پهتا. سنت جو منڊپ رچائي مقرر ٽائيم تي ڪير جو پيالو پي، چادر اوڍي اوم جو آواز اچاري، سائين جن هن پنجن تتون جي خاڪي چولي جو تياڳ ڪيو ۽ جوتي جوت ۾ سمائجي ويا. سندس وصيعت موجب سندس پويتر سرير کي ششيہ سماڌيءَ لاءِ ڏولي ڪري، عمرڪوٽ ۾ جتي سائين جن جي مقرر ڪيل هنڌ تي سماڌي ڏني ويئي، اُتي اڄ تائين هر سال بڊي جي اماس تي وڏي ڌام ڌوم سان ميلو لڳي ٿو. جتي هزارين ياتري اچن ٿا ۽ پنهنجيون منون ڪامنائون پوريون ڪن ٿا. سڄو ڏينهن رات ست سنگ ڀنڊارو هلي ٿو. جتي انائونسمينٽ جا فرائض سندس مهان شيش، شري حڪمو جي گُجر جن ڪندا آهن. سنت صاحب جي پُٽ سومارام ۽ ڌرم پتني گنگا ٻائيءَ جون سماڌيون بہ سنت جي پير ۾ آهن.

سنت جي سماڌيءَ تي پريمون ميگهواڙ رهندڙ ساهيوال، رحيم يار خان پنجاب وارو مجاور طور فرائض انجام ڏيئي رهيو آهي، ۽ گادي نشين سنت صاحب جو پوٽو نارائڻ داس آهي. جتي سنت صاحب جي سماڌي آهي، اتي اڳي ڪارو پاڻي هو پر هاڻي مٺو ۽ پلر ٿي پيو آهي. سنت جي سماڌيءَ جي چوڌيواري ڊاڪٽر ڪٽو مل جيوڻ طرفان ڏياري ويئي آهي، جتي قسمين قسمين جا وڻ ۽ ٻوٽا پوکيا ويا آهن. ۽ سماڌي سرڳ جو ڏيک ڏيئي رهي آهي. جتي شرڌالو روزانہ ستسنگ ڪندا رهندا آهن.

پيئي جن پٽي، گنجي ڏونگر گام جي،
چڙي ننڊ گهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.
(شاهہ)

# سنت لکشانند

آگ لڳي آڪاش ۾، جهَر جهر ڪري انگار،
سنت نہ هووي جگت ۾، جل مري سنسار.

سنڌ جي سندر ڌرتي ۽ پارڪر جي پويتر مٽي ڪيترن ئي مهان سچن سنتن، مهاتمائن ۽ اوتاري پُرشن کي جنم ڏنو آهي. جيڪي سنت ساڌو پنهنجي شڪتي ذريعي نہ صرف هتان جي لوڪ واسين کي، پر پوري دنيا بلڪ چوڏهن لوڪن جي ڪلياڻ واسطي اوچ آدرش يعني مُڪتي پد جو درجو ڏيئي، پنهنجي مرضيءَ سان واپس هليا ويندا آهن. اهي ساڌو سنت هتان جي منش جاتيءَ کي ڪرم اپاسنا يعني ڪرم يوڳ جي صحيح حقيقي وڏي جي باري ۾ سکيا ڏيڻ لاءِ وقت بہ وقت جنم وٺندا آهن. اهڙن ئي اوچ ڪوٽي سنتن ۾ هڪ اهڙو سنت شري لکشانند صاحب بہ هو. جنهن شري رتن راءِ اٽڪيہ جي گهر عمرڪوٽ شهر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڪنڪو ٻائي، ذات جي واگهيلا هُئي. سندس جنم ڪانپوءِ سندس مائٽن لڏي اچي ڳوٺ ٻهراڻو تعلقہ ننگر پارڪر ۾ رهائش اختيار ڪئي، پاڻ ننڍي عمر ۾ ئي ايشور ڀگت هئا. سندس پتا صاحب ۽ ماتا صاحب ننڍي عمر ۾ پرلوڪ پڌاري ويا. پوءِ سنت اميدرام صاحب جي شرڻ ۾ ويا جنهن پتا وارو سهارو ڏنو ۽ گڏڙو آشرم ۾ رهي سنت اميدرام وٽ شاسترن جو اڀياس ڪيو ۽ هندي، گجراتي، سنسڪرت جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ نيٺ گرو سکشا پڻ ڏني ۽ شادي بہ ڪرايائون. پوءِ سنت لکشانند گرو صاحب جا آگيا ڪاري ٿي ڀڳتي رس ۾ لين ٿي ويا. سنت شري ڪيتارام صاحب جا گرو ڀاءُ هُئا ۽ سنت اميدرام صاحب جا پاٽ ۽ پرم پريہ شيوڪ هئا. گرو صاحب جي آسيس سان ڪوٽ ڪرڻ جو ڏانءُ پلئہ پيو. اهڙي طرح سنت لکشانند هر لحاظ کان ايتري لا محدود جوڙ ڪلا ڪري، دنيا جي ماڻهن لاءِ صحيح واٽ جي شمع ٻاري ويا آهن. هن اگيان روپي انڌڪار ۾ سنت لکشانند جي قوت جي درشٽيءَ جي آڌار تي، منش صحيح دڳ تي لڳي جِيوَن سڦل ڪري سگهي ٿو. سنت صاحب

ڪيترائي ڀڄن، شلوڪ، ساکيون، وڏنائون ۽ ڪويتائون وغيره ڪٿيون آهن. مطلب تہ وڏا ڪوي پُرش هُئا. اٽڪل 1947ع ڌاري سنت صاحب هتان ڪان لڏي هندوستان ويا. جتي پڻ ڌرم جو پرچار ڪيو. هندوستان ۾ ڳوٺ ڏيسا گجرات ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتي هنس نرواڻ جو بنياد رکيو ۽ ڳوٺ ڀيما ڏاڻي ڌر بہ ويو جتي بہ هنس نرواڻ آشرم جو بنياد رکيو. سندس شاديءَ مان کيس بہ پُٽن جو اولاد آهي. ميهندرو جيڪو MBBS ڊاڪٽر آهي ۽ ٻيو پرتابراءِ جيڪو ماستر آهي، ۽ کيس بہ نياڻيون آهن.

گڏڙي آشرم ۾ رهڻ ڪانپوءِ ڪجهہ عرصي لاءِ ٽنڊوجان محمد هنس نرواڻ جي آشرم ۾ اڏيا تمڪ جو گيان حاصل ڪيو. پوءِ هندوستان ٿيرت ياترا لاءِ ويا، جتي پُشڪر راج، گوڪل، مٿرا، بندرابن ڪُروکيتر، هري دئار، رِشي ڪيش، ايوڌيا، بنارس ۽ ڪاشي وغيره جي تيرٿ ڪيائون. ڪاشيءَ ۾ هڪ ويدانت رشيءَ کان وياڪرڻ ۽ پينگل جو ابياس ڪيو. سنت صاحب گُوتا جا ست ڪتاب شايع ٿيل آهن:

1. لکشانند اپديش، 2. لکشانند اپديش امرت، 3. لکشانند سنگيت مالا، 4. لکشانند سنگيت سمن، 5. لکشانند سنگت سمن ٻيو ڀاڱ، 6. لکشانند ولاس ڀاڱ لکشانند پرڪاش ڀاڱ، 7. جگياسو ٻوڌ ۽ سنڌيا سمرڻ.

هڪ دفعي انڊيا ۾ احمد آباد ۾ هڪ مهاڀارت ست سنگ جو اهتمام ٿيو هو جنهن جو وائڪ سنت لکشانند صاحب کي پڻ هو. جتي مختلف ورڻن جا ماڻهو آيل هُئا. سنت صاحب بہ تشريف وٺي ويا. واري واري سان مهاتمائن گيان پرچار پئي ڪئي. جڏهن سنت صاحب جو وارو آيو تہ مڙني مات ڪئي. سنت کي ٻارنهن ٻولين جي علم جي ڄاڻ هئي. اهڙي طرح ڪٽر هندوئن کي دل ۾ حسد ۽ ساڙ جاڳيو ۽ اهڙي سازش سٽي، جو سنت صاحب تي هڪ ايڪسيڊنٽ/ حادثو ڪرايو. انهي حادثي ۾ سنت صاحب امر ڌام جا واسي ٿي ويا. سنت صاحب کي ڳوٺ ڊيما تعلقہ ٿراڊ ضلع بناس ڪانٺا ۾ سماڌي ڏني ويئي. جتي هر سال ويساک مهيني جي چوڏس انڌاري تي وڏو

ميلو لڳندو آهي. پوري هندوستان ۾ هنس نرواڻ پنٿ جو پرچار مليو. ڪوبن جي حوالي سان شايد ڪبير سنت ڪانپوءِ لڪشانند کي مهانتا ڏني وجي ٿي. سنت صاحب ذات جا اڏڪيہ هُئا. تنهن ڪري هر شلوڪ ۾ اڏڪيہ لفظ ڪتب آندو آهي. انهي سان برادريءَ جو نالو جڳ ۾ پڻ روشن ڪيو آهي.

آدنمو اميد پوَتارون پڳوان تي،
آپيو آتم پيد، اورڻ مِٿي اڏڪيہ.

*

مانگو مانوَ ويهہ، پرٿوي مان پرگهٽ،
ڪرڻ نيڪي ٿي نيهہ، اوسر آيو اڏڪيہ.

سنت صاحب جا ڪيترائي شش آهن. خاص ڪري 1. گنگارام راجستان 2. شنڪر پينٽر احمد آباد 3. پريمارام پيٿاپور 4. جامارام اڏڪيہ پوڏيسر. هري دوار ۾ ڪشمير ميواسي سوامي نيٿا شري نند جي پرم هنس جي شيوا ۾ رهي، آير ويد جو گيان حاصل ڪيو. آيور ويد جو سنو ڄاڻو هوندو هو. پاڻ برنال پنجاب ڪاليج مان MAMS پڻ ٿيا. ديدراج رجسٽر پريڪٽيشنر آيور ويد بہ ٿي رهيا. سنت صاحب جو ڪافي مواد شري حڪم چند، ميمڻ ڪنري واسيءَ کان مليو.

ڪوئي دوڙي دوارڪا، ڪوئي ڪاشي جائي،
ڪوئي مٿرا جو چلئہ، صاحب گهٽ هي مانهہ.

# سنت بانڪارام

(1866ع کان 1965-8-09)

برچہ ڪبهون نهين قل پڪين، ندي نہ سنچي نير،
پرمارٿ ڪي ڪارڻي، ساڌن ڌرا سرير.

هن ڌرتيءَ تي پرماتما ميگهواڙ جاتيءَ ۾ ڪيترائي سنت، رشي، مُني، رهبر ۽ ڪيترائي مهاتما پيدا ڪيا آهن، جيڪي پنهنجي زندگي، ذات جي ڀلي لاءِ ارپڻ ڪندا رهيا آهن. ميگهہ کيمڙو، ميگهہ ماهيو، ميگهہ ڌارو ۽ روهيداس جهڙا سنت پيدا ٿيا آهن. جن پنهنجي شڀ ڪرمن ڪرڻ سان سدائين امر ٿي ويا آهن. اهڙي ئي هڪ مها گياني پُرش بانڪارام عرف سوامي وويڪانند صاحب جن جو جنم امراڻي ويري، لڳ گيڏڙو روڊ تعلقہ باڙمير راجستان ۾، شري لڪشمڻ ذات پنئار جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو مايا هو. ٻال اوستا ۾ ڳايون چاريندا هُئا. سندس مائٽ مالدار هُئا. هڪ ڏينهن ڪنهن سنک جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪو ڪنهن مندر مان پئي آيو. پاڻ اُنهي کان پرڀاوت ٿي سنتن جو سنگ ڪرڻ لڳا، ۽ آخر هڪ ڏينهن سنت ڏيارام کان نام ڀڄن وٺي، پنهنجي اڏيا تمڪ ساڌنا شروع ڪئي. جتي بہ وسُراڳ ورتي هجڻ ڪري جلد ئي پورڻتا پراپت ٿي. هن پنج درجا سنڌي پاس ڪيا هئا، ۽ هندي وديا جي مڪمل شڪشا وِرتي هئي. سنسڪرت جا بہ ڪجهہ درجا پڙهيو. ان ۾ ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ گڏوگڏ يوڳ اڀياس جو تجربو حاصل ڪيائون. سوامي بانڪارام عُرف وويڪانند صاحب تمام سنا ڪوي (شاعر) ويدانتي ست سنگي ۽ سماج سڌارڪ پُرش هُئا. پاڻ زندگيءَ جو گهڻو حصو سنڌ ۾ رهيا، خاص ڪري مهراڻي جي پوتر مٽيءَ جي سگنڌ ڪيس ڇڪي ايندي هئي، ۽ مهراڻي ۾ گهڻو وقت رهندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ بہ 1961ع تائين سنڌ ۾ ايندا رهندا هُئا. ميگهہ ونس جاتيءَ ۾ سجاڳيءَ لاءِ جاکوڙ ڪندا هئا. شروعاتي دؤر ۾ اسان جي جاتي تمام پوئتي پيل هئي ۽ گندا دنڌا ڪندا هئا. تڏهن شري بانڪارام صاحب سنڌ ۾ اچي مهراڻي جي خطي ۾ رهندڙ ميگهواڙ جاتيءَ کي گندا ڌنڌا ڪرڻ

ڪان روڪيندا هئا، ۽ تحريڪ هلائي. انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ سينهوئي لڳ چيل بند ۾ ٻڍهيا ذات جا ميگهواڙ رهندا هئا، انهن کي تڪليف ٿي جو بانڪارام صاحب غلط ڏنڊن ڪان روڪڻ لاءِ اپديش ڪندو رهندو هو تہ هُنن ڀڳت تي هڪ ٺٺولي ٺاهي تہ:

ساڌ سياڻي، ڀڳت ٽوپلو ساڌان ري شيوا ڪري! سو اهي ڪوپلو اها ٺٺولي ٻڌڻ سان شري بانڪارام جا شش تپي باهہ ٿي ويا، ۽ چيائون تہ اوهان اسان جي گروءَ جي مانَ جي گستاخي ڪئي آهي. سنت ۽ مهاتما جي مانَ ۽ مريادا ڀنگ ٿا ڪريو اها نيڪ نہ آهي. انهي تي سنت بانڪارام صاحب پنهنجي ششن کي ٿڌو ڪيو ۽ چيائين تہ ٻچا، توهان انهن تي رنج خوامخواهہ پيا ٿيو انهن صحيح تہ چيو آهي. شيوڪن گرو صاحب کي چيو تہ اهي صحيح ڪيئن ٿا چون؟ هي چٽرايون ٿا ڪن! اسان انهن کي ڪونہ ڇڏينداسون. بانڪارام صاحب شيوڪن کي چيو تہ بابا هي چون ٿا ساڌ سياڻي. (جُتيءَ جي تر ۽ پني کي ڳنڍڻ واري آر) جيئن سياڻي يعني آر جُتيءَ جي تري ۾ پني کي گنڍي ٿي ۽ هڪ ٿي ڪري، تيئن پليل پتڪيل ماڻهن جي آتما کي سنت هڪ ٿا ڪن. ڀڳت ٽوپلو جيئن ٽوپلو يا ٽوپي مٿي کي گرمي سردي وغيره کان بچائي ۽ محفوظ رکي ٿي، تيئن سنت اسان کي ڪام ڪروڌ، آرڪ وڪارن کان بچائن ٿا ۽ وڪارن کان آجو ڪن ٿا. ساڌان ري شيوا ڪري سو آهي ڪوپلو. ڪوپلو يعني پاڻيءَ جو دُبو. جيئن پاڻي جو ننڍو دبو بہ پکي، پشو ۽ ماڻهوءَ جي پياس ٿو مِٽائي، تيئن اسان کي سنتوش روپي جل پياري، اسان جي ترشنا (لالچ) روپي پياس مٽائين ٿا، ۽ اسان کي منزل مقصد تي پهچائين ٿا. هي ويچارا بلڪل صحيح آهن، ۽ صحيح پيا چون. توهان هنن جي ڳالهہ ڪونہ پيا سمجهو. مطلب تہ سنت بانڪارام ۾ وڏي سهپ ۽ ڪميا هئي. هو انرٿ جو ارٿ ڪري اسان جي راهہ روشن ڪندا هُئا. پاڻ تہ يوڳي ۽ سنياسي هُئا. شادي ڪونہ ڪئي، ٻالجتي ۽ برهم چاري هئا. منزل ماڻي چُڪا هُئا، پر گهر گرهستين کي سيکاري سنواري، شڌ ٻڻائيندا هُئا، وڪار ڌوئي صاف ڪندا هُئا.

سنت بانڪارام صاحب جنهن بہ ڳوٺ ۾ رهندا هئا، تہ صبح ۽ شام سيني ننڍين توڙي وڏن کي گڏ ڪري، سنڌيا سمرڻ سڪاريندا هُئا. اُن جو اثر اڄ بہ رامهور ڳوٺ ٻستان ۽ مختلف ڳوٺن ۾ آهي، ۽ هن ماتائن کي هندي پڙهائي شاستر گيتا وغيره پڙهايا هئا. اُهي ماتائون اڄ بہ صبح سوير اٿي سنان پاٺي ڪري، سنڌيا ڪري گيتا پاٺ ڪنديون آهن، ۽ شري بانڪارام صاحب جا رچيل پستڪ گرهہ درپڻ 2. ويدانت درپڻ جو پڻ اپياس ڪنديون رهن ٿيون، ۽ پنهنجو جِيوَن سڦل ڪنديون رهن ٿيون.

سنت بانڪارام عرف وويڪانند صاحب جي ڪوتا جڳ پرسڌ آهي. جنهن ذريعي هُن ماڻهن ۾ وڏو سڌارو آندو. سنت بانڪارام صاحب پنهنجي ڪوتا وويڪانند جي نالي سان مشهور ٿيا. سوامي جي ڪوتا مختلف جلدن ۾ ڇپي آهي، جن ۾ هي پستڪ آهن.1. گرهہ درپن: هن ۾ هر گهر گرهست بابت نيتي سکيا آهي، خاص ڪري ماتائن لاءِ اُپديش ورڻن ٿيل آهي. 2. ويدانت درپن: هي اڌياتمڪ وديا ۽ برهم گيان جو پورڻ ڪتاب آهي، ۽ جِيوَ آتما جو ڪلياڻ پرلوڪ کي سوارڻ جي سُڌ ڏنل آهي. 3. وويڪ درپڻ: هن ۾ ڀڄن، واڻي، آرتي ۽ استوتي ۽ برهم گيان سمجهايو ويو آهي.

ڪوتا ڪانسواءِ ڌرم پرچار ۾ سوامي بانڪارام صاحب، رامائڻ تي تمام گهڻو عبور رکندا هئا. سائين جا رتن سنڌ مارواڙ ۾ تمام گهڻا ٿيا. جنهن ۾ خاص ڪري، 1. ڀڳت پاتارام صاحب رامهور واسي جو پرم شش هو 2. ڀڳت ڪينئل ۽ هرجي رام ٻستان واسي، 3. ڀڳت سيئو مل ٻستا مهراج سان سدائين گڏ هوندا هئا. 4. ڏانو مل، ليمون مل سامارو شهر 5. ڀڳت گنگارام، ڀڳت پاڳچند، مهرچند رامهور واسي، جيڪي ڀڳت پاتارام جا سپوتر ۽ بانڪارام جا سچا سپاهي هئا. جڏهن بانڪارام صاحب رامهور ايندا هئا تہ هي پريمي سڀ انتظام سنڀاليندا هُئا، ۽ مهمانن جي خاطر خواهہ خدمت ڪندا هُئا، ۽ هر سال شري بانڪارام صاحب عرف وويڪانند صاحب جو ميلو ڏهين ڏينهن رامهور ۾ وويڪانند آشرم ۾، ٻارس ساهي ساوڻ مهيني ملهائيندا آهن.

سوامي بانڪارام صاحب تت پارس چاندني، مهينو ساوڻ نسبت 2022 انگريزي تاريخ 1965-8-9 جو هن فاني دنيا کي الوداع چيو ۽ هميشہ لاءِ امر ٿي ويا. سندس ڄمار سئو سال ڇٽي وڃي ٿي. پاڻ برهمچاريہ هُئا. سندس پائيٽو وشنارام، جو هڪ ڪوي ٿي گذريو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڀڄن ڪٿيا هئا، جيڪي اڄ بہ گڏڙا روڊ ۾ موجود آهن. سرڳواسي وشنرام جو پُٽ جيرام داس بہ هڪ مهان ڀڳت آهي.

ان لمحوں کی یادیں سنبھال کر رکھنا،
ہم یاد تو آئیں گے، لیکن لوٹ کے نہیں۔

# سنت پاتارام صاحب

(1882ع کان 1979-7-07)

سب تن تو چندن نهين، سورا ڪا دل نانهہ،
سب سمندر موتي نهين، يون ساڌو جگ مانهہ.

هن سنسار ساگر ۾ هر طبقي، هر قوم، هر قبيلي ۽ ملڪ ۾ سنت ۽ مهاتما ضرور جنم وٺي ايندا آهن. سنڌو ڌرتي اسان جي پوِيتر ماتر ڀومي آهي. اسان جي سرير ۾ سنڌ جي صديون پُراڻي مِٽيءَ جو ميلاپ آهي. اسين قديم رشين جو سنتتان آهيون جن کي اڄ ڪلهہ ميگهواڙ ڇيو وڃي ٿو. وٽن، ڏنڊين ۽ بادلن وانگر سنتن جو جنم بہ پرمارٿ جي واسطي آهي.

ترورَ سرورَ سنت جَن، چوٿا بادل ميهہ،
پرمارٿ ڪي ڪارڻي، چارون ڌاري ديهہ.

اهڙا سنت وقت بہ وقت جنم وٺندا رهن ٿا ۽ پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ تاري پار اُڪارين ٿا. مهراڻي جي پوِيتر ڀومي پڻ اهڙن سنتن کان وانجهيل نہ آهي. انهي پوِيتر مٽيءَ تي جنءَ اوم ايشور جا ٻولا ٻالا، نيت صاف ۽ ملائڪ صفت ماڻهو رهن ٿا. اُتي چند سنتن پنهنجو پاڻ پسايو آهي. اسان جي ان مهراڻي جي مٽي صوفين، درويشن ۽ سنتن کي جنم ڏنو آهي. جن دنيا کي انسانيت جو درس ڏنو. اهڙن سنتن لاءِ گروارجڻ ديو مهاراج جن سُکمني صاحب ۾ فرمائين ٿا تہ:

آپ مُڪت، مُڪت ڪري سنسار،
نانڪ تيس جن ڪو سدا نمسڪار.

شري ڪرشن گيتا ۾ فرمايو آهي تہ جڏهن ڌرم گهٽجي ٿو ۽ پاپ وڌي ٿو تڏهن آئون پنهنجي ڀڳتن جي رکشا ڪرڻ لاءِ ڪنهن روپ ۾ پرڪاشت ٿيان ٿو. نيڪيءَ جي استاپنا ڪرڻ ۽ بديءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ جُڳ جُڳ ۾ اوتار وٺان ٿو. اهڙن مُڪت پر اُپڪاري پُرشن مهاتمائن مان شري پاتارام صاحب بہ هڪ هئا. جنهن سال 1882ع جو شري هرچند ذات لهوا، ڳوٺ رامهور، تعلقہ ڪنري، ضلع عمرڪوٽ ۾

جنم ورتو. سندس ماتا شري جو نالو پدمان ٻائي، ڏي پڏو مل، ذات جٽپار، ڳوٺ اڪاٽي، تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جي هئي.

ڀڳت پاتارام صاحب جن ڪنهن اسڪول ۾ وديا ڪونہ پرايائون، پر ٻچپن ۾ ئي پورب جنم جي سنسڪارن ڪري منجهن ڌرمي ڀاؤ اڀرڻ لڳا. سندس ننڍپڻ ۾ ئي ڀڳتيءَ طرف لاڙو هو. پاڻ مندرن ۾ ويندا هئا ۽ ست سنگ ڏاڍي ڌيان سان ٻڌندا هئا. ڀڄن ڪيرتن تہ ڄڻ سندس زندگيءَ جو هڪ حصو هو. ننڍڙي اوستا ۾ ئي سندس من نرمل هو. ٻين جي لاءِ پنهنجي دل ۾ جاءِ هئڻ ڪري، هر ڪنهن جي ڏک ۾ شريڪ ٿيندا هئا. سندس وشواس پڪو ۽ اٽل هوندو هو. هر وقت هري ڀڄن ۾ مگهن رهندا هُئا. ڪو وڏو اُستاد جهڙو يا عام پلي جهڙو ڪم ٿيٽو هوندو هو تہ پاڻ اڳواڻ ٿيندا هُئا. جتي ٻيا ڪيٻائيندا هُئا اُتي پاڻ حاضر ٿي پرشارٿ جو اصل سندرو ٻڌندا هئا. سوامي جن جڏهن 12 سالن جي ڄمار ۾ هُئا، تڏهن ڪان گرو ڌارڻا ڪرڻ جو خيال ڪري، ٻين سنتن سان گڏ هلندا هُئا.

سنتن جو قول آهي تہ: ”گرو بنا مُڪتي نہ هوئي.“

تنهن ڪري سندس گروءَ جي ڳولا جو خيال پڪو ٿيندو ويو ۽ گرو جي ڳولا ۾ سندس من وڏيڪ مائرو ٿيڻ لڳو ۽ پاڻ ويچارن ۾ لپٽجي ويا تہ ڪنهن بہ طرح گرو ڌارڻ ڪجي. هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن اوسر تي ڀڳت پاتارام ڀڄن واڻي ڪري رهيا هئا، تہ بانڪارام صاحب جن آواز ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيا، ۽ سيئو مل نالي پنهنجي شش کي چيائين تہ اهو ڇوڪرو جيڪڏهن پنهنجي سنگ ۾ اچي تہ ڏاڍو سنو. آخر هڪ دفعي ڀڳت پاتارام سيئون مل کي وٺي بانڪارام صاحب جي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن نيو ڇوڙ پهتو تہ خبر پيئي تہ بانڪارام صاحب هتي آيل آهن. پوءِ سنت صاحب سان پنهنجي نام سمرڻ جي اِڇا پرگهٽ ڪئي. بانڪارام صاحب سچي شرڌا ڏسي پاتارام کي پنهنجو شش بڻايو ۽ نام دان ڏنو. ڪجهہ وقت رهڻ ڪانپوءِ واپس پنهنجي ڳوٺ ۾ ستگروءَ جي ٻڌايل نيم ڌرم جو پالڻ ڪرڻ لڳا. ڀڳت پاتارام نندي هوندي ئي سنت شيوڪ ۽ مهمان نواز هُئا. ڪجهہ وڏا ٿيا تہ ورٿي ۾ وئراڳ اُتپن ٿيو. سندس مائٽن

شادي ڪرڻ لاءِ چيو تہ صفا انڪار ڪري ڇڏيو جنهن تي سندس مائٽن سندس گرو صاحب کي شڪايت ڏني تہ اوهان جو شش سنت پاتارام اسان مائٽن جي ڳالهہ نہ ٿو مڃي. توهان هُن جا گرو ديو آهيو، کيس سمجهايو ۽ شاديءَ لاءِ آماده ڪريو. انهي ڳالهہ جي ڀڳت پاتارام کي جڏهن خبر پيئي تہ هُن پنهنجو مٿو ڏاڙهي ۽ مڇون ڪوڙائي، ڀڳوون ويس پائي، آس پاس جي سيني ڳوٺن مان گهمي ڦري آيو تہ هن حالت ۾ ڪوبہ مون کي ڌيءَ ڏيڻ قبول ڪونہ ڪندو ۽ آئون شادي ڪرڻ کان بچي ويندس، ۽ برهم چريہ ورت پالڻ ڪري سدو سنياس اختيار ڪندس، ۽ پنهنجو منش جنم سڦل بنائيندس. پر هوڻهار بلوان آهي. لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙي نہ وهي. آخرڪار مائٽن ۽ گرو جي زور پرڻ تي ستگرو ديو بانڪارام جي آگيان پالڻ کي تمام ضروري سمجهي، اها ڳالهہ قبول ڪئي، ۽ سندس شادي سال 1915ع ۾ شريمتي چاندي بائي، ڌي پوڄو مل، ذات پٽڙيا، ڳوٺ ٽالهي چانديا، تعلقہ ڪنري، ضلع عمرڪوٽ سان ٿي. جنهن مان اولاد هڪ نياڻي ميران بائي ۽ ٽي پُٽ 1. سرڳواسي ڀڳت گنگارام صاحب 2. سرڳواسي ڀڳت پاڳو مل عرف پاڳچند، جو هڪ وڏو ڪوي هو جنهن جو هڪ ڪتاب پاڳچند پڄن مالا شايع ٿيل آهي. 3. ڀڳت مهرچند، جو زنده آهي. ڀڳتي پاؤ ڪندو رهندو آهي ۽ گادي نشين آهي. ڀڳت پاتارام صاحب 5 درجا هنديءَ جي سکيا، سندس ست گرو صاحب کان ورتي، جو هندي پڙهي لکي سگهندو هو. شاديءَ کانپوءِ پاڻ ٻوٽن ناهڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ ڀڳتي پاؤ بہ ڪندا رهيا. اڳتي هلي جڏهن پُٽ وڏا ٿيا تہ گهر انهن حوالي ڪري، پاڻ سڄو وقت سماجي سڌاري ۾ لڳي ويا. پاڻ سڄي سنڌ ۽ ٿر ۾ مختلف جڳهن تي وڃي ڌرم پرچار ۽ خراب ريتن خلاف آواز اٿاريو ۽ ماڻهن کي سٺن ڪرمن ۽ صفائي ۽ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پرچار ڪندو رهندو هو. انهي وقت سواريءَ جو بندوبست گهٽ هوندو هو، تڏهن بہ هو اُنن تي سواري ڪري ست سنگ ڪندا هئا، ۽ وڏا اوسر ڪرڻ جي رسم کي ختم ڪرڻ ۽ خرچ گهٽائڻ ۽ تعليمي شعور پنهنجي قوم ۾ پيدا ڪرڻ لاءِ اپديش ڪندا

رهندا هئا، جنهن جو ميگهواڙ جاتيءَ کي ڪافي اثر ٿيو جو اڄ اوهان جي اڳيان آهي.

پاڻ ساڌنا يوڳ اڀياس ڪري، پنهنجي سڌ اوستا کي پراپت ٿيا، ۽ اهو آنند وٺڻ لاءِ ٻين کي ست اپديش ڏيڻ لڳا، ۽ پنهنجو سچو جِيوَن انهي شڀ ڪاريہ ۾ صرف ڪيائون. ڀڳت پاتارام صاحب پاڻ جنهن پرمارٿ مارگ تي هليا، انهي رستي تي هلڻ لاءِ ٻين کي بہ پريرڻا ڏنائون. ڀڳت پاتارام جا انيڪ شيوڪ ۽ عقيدتمند هئا، جن ۾ پرم شش (1) ڀڳت صالحو رام کوکر مٺي واسي، جو هڪ مهان گويو ٿي گذريو آهي، جنهن پوري ٿر ۽ سنڌ ۾ پنهنجو نالو ڪمايو. (2) ڀڳت ميوارام کپرو واسي، جيڪو ويدانتي، گياني ۽ تمام گهڻو شرڌا وارو شش هو. (3) ڀڳت گلابراءِ نبي سر واسي، جو تمام سٺا ڳائڻ جي ڪلا جا ماهر، ۽ ويدانتي پرش آهن. (4) ڀڳت شنڪر جتاڌاري ديهہ 333 لڳ جيمس آباد، تمام پريمي ۽ شرڌالو شش هئا. (5) ڀڳت ڏاهو رام نئون ڪوٽ واسي، تمام سٺا گويا گياني ۽ شيواڌاري هئا. انهن ڪانسواءِ ڪيترائي شش هُئا جن بہ ساڳئي راهہ تي هلي جاتيءَ ۾ سجاڳي ۽ ڀڳتيءَ جي خوشبوءِ پيدا ڪئي. هي سنسار هڪ مسافر خانو آهي، جنهن ۾ ڪي آيا ڪي ويا، ڪي ويندا. اهو هڪ قدرتي نيم آهي، تنهن انوسار آخر تاريخ 7 جولاءِ 1979ع جو هيءُ روشن ديپ، هميشہ لاءِ اُجهامي ويو ۽ سندس آتما پرماتما سان وڃي ملي.

رُت آئي ويئي، تون نہ آئين گهي،
ماڪ ۾ مينڌرا، ڪاڪ روئندي رهي.

# سنت ڪيشوَ لال

(1917ع کان 2008–01–06)

جات هماري آتما، پرميشور پريوار،
سڳا همارا سنت هئي، سر پر سرجڻهار.

تاريخ جي حوالي سان عمرڪوٽ شهر تمام آڳاٽو آهي ۽ غالباً عمر سومري جو بڌايل آهي. جتي پوءِ امرسنگهہ راجپوت قلعو ٺهرايو. 1735ع ۾ عمر سومري پنهنجي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو ۽ اهڙي روايت موجب عمر سومري مارئيءَ کي ڪٽي انهي قلعي ۾ قيد ڪيو. پر هو پنهنجي ست تي قائم رهي، ۽ نيٺ پنهنجي پنهوارن سان ملي.هن سرزمين تي مغل سلطنت جي شهنشاهہ اڪبر 1542ع ۾ جنم ورتو. جنهن جو قبو نشان طور ٺهيل آهي. اڳيون قلعو ڍهي ويو پوءِ تعمير ڪرايو جو اجا تائين سلامت آهي، ۽ شهر جي رونق بڻيل آهي، ۽ ڪيترن ئي ايندڙ ماڻهن جي رونق جي زينت بڻيل آهي. عمرڪوٽ شهر ۾ ڪيترن ئي مهان شخصيتن جنم ورتو. اُتي هڪ ميگهہ ونس سنت شري ڪيشوَ لال آريہ، شري دولترام پنڙ جي گهر، سال 1917ع ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو تلسي ٻائي، ذات چوهاڻ ڳوٺ گنگا ننگر (انڊيا) جي هئي.

پاڻ تعليم پنهنجي ذهن سان سکيو. جنهن ۾ سنڌي، هندي ۽ سنسڪرت جي اڳتي هلي لکڻ پڙهڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي. سال 1942ع ۾ سوامي ڪرشنانند مهراج کان گرو دڪشڻا ورتي. سوامي ڪرشانند پڪو ڪانگريسي هو. جو راڻا چندر سنگهہ جي پيءُ راڻا ارجڻ سنگهہ جي سامهون ڪانگريس جي پليٽ فارم تان MNA جي سيٽ تي اليڪشن لڙيو ۽ اليڪشن کٽي. راڻا ارجڻ سنگهہ MNA جي سيٽ تان هارائڻ ڪري، چون ٿا تہ کيس دل جو دورو پيو ۽ مري ويو.

ڀڳت ڪيشوَ لال سال 1920ع ۾ شريمتي ساران، ڏي ڀيجل جي ذات جو گل صاحبن جو ڳوٺ نزد عمرڪوٽ مان شادي ڪئي. جنهن مان کيس هڪ نياڻي مٿرا ٻائي جو اولاد ٿيو جا بہ فوت ٿي ويئي. سال

1940ع ۾ ڪيس آبداريءَ جي نوڪري بہ ملي، ۽ ميونسپل ڪاميٽي عمرڪوٽ جو ڪائونسلر بہ ٿي رهيو.

پاڻ آريہ سماج شيوڪ هو ۽ چار ويد پڙهيل هو. جنهن جو هر هندو پرچار ڪندو هو. خاص ڪري آريہ سماج جي باني جگت گرو مهر رشي سوامي ديانند سرسوتيءَ جو خاص پوئلڳ هو. سوامي ديانند سرسوتيءَ جا پوري انڊيا ۾ ڪافي پوئلڳ هئا. پاڻ مورتي پوڄا جي سخت خلاف هئا، ۽ ڪيترن ئي مندر مان مورتيون ٽوڙايون هيون، ۽ مورتي پوڄا بند ڪرائي هئي. آخر سال 1 مارچ 1875ع تي بمبئي نگر ۾ هن روشن سنستا (آريہ سماج) کي جنم ڏنو ويو. سوامي جن ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ هن سڀاءَ جو نالو ”آريہ سماج“ رکيو.

ڀڳت ڪيشوَ لال جن بہ انهيءَ کان متاثر ٿي ويد پرچار ڪرڻ لڳو ۽ مورتي پوڄڻ جي سخت خلاف هو ۽ پنهنجي پرچار ۾ هر هندو مورتي پوڄڻ کان روڪيندو هو. هر هندو آريہ سماج چار ويدن ۾ ڏسيل راهہ تي هلڻ لاءِ ماڻهن کي آماده ڪندو هو. ويدن جي ڪيس پوري پوري ڄاڻ هئي. هن وقت اهڙو ڪوبہ پرش نہ آهي جو ويدن جي ڄاڻ رکي. اتي ويدن جي پرچار کان متاثر ٿي هڪ ناري، جيڪا انڊيا کان آئي هئي، نالي ڪيتو بائي چنچريا مهراج ساڻس شادي ڪئي.

ڊاڪٽر هرچندراءِ سوٽہءَ سندس خاص شيوڪ هو جو روزانو هوَن يگيہ جي وقت ايندو هو ۽ ٻيا بہ ڪافي شيوڪ آهن. انهي کان سواءِ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو ميمبر بہ ٿي رهيو هو. جڏهن مائي بختاور نبي سر روڊ جي پرسان، قاديانين جي اسٽيٽ وٽ ڪٽڪ جي ڪري تي قتل ڪئي ويئي هئي، تہ سڀ کان پهريان اُتي عبدالغفور جان سرهندي، جنهن جو عمرڪوٽ ۾ دوا خانو هو پير صاحب عمرڪوٽ کان پنڌ ڪري سيڻيءَ کان اڳ ۾ سر زمين تي آيو ساڻس گڏ ورڪر شري ڪيشوَ لال بہ گڏ هو. (اهڙو ذڪر موچارا منهن، ڪارا منهن ڪتاب، جيڪو ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو لکيل آهي، ان ۾ ڪيل آهي).

سنت ڪيشوَ لال جي انهي دوُر ۾ ٿر ۾ توڙي هرهنڌ ڇيپ ڇاپ تمام گهڻي هوندي هئي، هن انهي خلاف مهم هلائي ۽ ٿر مان ايندڙ

ميگهواڙ شاگردن جي ساهتہ ڪندو هو خاص ڪري ڊاڪٽر راڻاسي راٺوڙ ۽ وڪيل ڀمر لال سرفهرست آهن. پاڻ پوري حياتي ڳوٺ ڳوٺ وڃي ميگهواڙ شاگردن کي پڙهڻ لاءِ همٿائيندو هو ۽ سندن مالي سهائتا ڪندو رهيو. گڏوگڏ ويدڪ ڌرم جي پرچار ڪندي، پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن تاريخ 2008_01_06 تي پورا ڪيا.

ظاهر آنءُ ٿرين کان اوجهل،
لوڪ دلين ۾ جيئندو رهندس.
آنءُ مٿاهين مات فنا کان،
چنڊ تارن ۾ جهلڪا ڏيندس.

# برھمچاري ڀڳت چاندارام

(1946ع کان 20_2_2005)

آگ لڳي آڪاش ڪو، جھڙجھڙي پڙي انگار،
سنت نہ هووي سنسار ۾، تو جل جاوي سنسار.

سنڌ جي هن سونهاري ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي درويشن، سامين، ڀڳتن ۽ ساڌو سنتن جنم ورتي وقت بہ وقت ٻٽڪيل، ٻليل ۽ وهم وسوسن سان ڀريل ماڻهن کي پريوءَ سان ناتو جوڙي، سنئين راھہ تي آڻڻ لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀايو آهي. انهن مان ڀڳت چاندارام پڻ هن ڪٽ سمي جو هڪ مثالي ڪردار ٿي گذريو آهي.

ميگھواڙ قبيلي جي فرد ڏوڏارام ولد نارائڻ، ويٺل شهر اسلام ڪوٽ تعلقہ اسلام ڪوٽ، ضلع ٿرپارڪر جي گھر ۾ سال 1946ع ۾ هڪ ٻالڪ جو جنم ٿيو. سندس ماتا جو نالو شريمتي ڪينيان هيو. ٻالڪ جو نالو چاندو رکيو ويو. مائٽ غريب گھراڻي سان وابسطہ هيا ۽ تعليم جو لاڙو تمام گھٽ هئڻ ڪري، اسڪول ۾ داخل نہ ڪرائي سگھيا. پر ڪجھہ سالن کان پوءِ پنهنجيون ٻڪريون هيون، جيڪي ڪاهي جهنگ ۾ چارڻ ويندا هئا. جتي هڪ پدم پري نالي ٻاوو (سوامي) رهندو هو، جنهن کان ڪجھہ جهاڙيون سکيا ۽ انهي ٻاوي سان گڏجي چارڻ نالي فقير هيو، جنهن سان ملڻ ويندا هئا. چارڻ فقير علم جو ڄاڻو هيو، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو روپ بدلائي ٻاندر جو روپ ڌاري، چاندو وارن کي درشن ڪرائيندو هيو. اڄ پڻ اسلام ڪوٽ کان ڏکڻ طرف ڳوٺ ملهو ڀيل لڳ چارڻ فقير جو آستان آهي، جتي هر سال ٻڍي مهيني جي چنڊ جو ميلو لڳندو آهي.

چاندو جهاڙين کي پڪو ڪندي ڪندي، ڪنهن ازغيبي اثر هيٺ اچي ويو ۽ چرين وانگي رڙيون ڪندي ڊوڙون پائيندو هيو. هڪ ڏينهن ڀڄندي ڀڄندي سنت شري نيٽورام جي شرڻ پهتو ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ جيڪا بہ تڪليف هئس، انهيءَ کان نجات مليس ۽ پوءِ سنت وٽ رهي، آشرم ۾ شيوا ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ جهاڙيون وغيره ساجهڻ ڇڏي، ڀڄن سکڻ ۽ ڳائڻ

شروع ڪيائين. سنت نيٽورام، ڪبير، ميران ٻائي ۽ مهاراج ڏونگر پوري جي ڀڄنن جا شيدائي هيا. انهي ڪري چاندو پڻ اهڙائي ڀڄن ڳائڻ لڳو ۽ ان وقت ڏينو مل ولد تلو مل پڻ گڏ ڀڄن ڳائيندو هيو. ڀڄن ڳائڻ روز جو معمول هيو ۽ خاص ڪري ساڳيا ئي ڀڄن روزانو سنت نيٽورام ٻڌندا هيا. ڳائڻ ڪان پوءِ چاندو ڀڳت چاندارام جي نالي سان سڏجڻ لڳا، ۽ ڀڄنن جي پريم ۾ رچي، ستگرو ڀاوارام جي شرڻ ۾ پهتا، جنهن پنهنجي ڪرپا سان ڪيس چيلو تسليم ڪري سڀنڌ سٽايو ۽ ڀڳت چاندارام پنهنجي ڪرٽي ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. سنت نيٽورام سان ويهه سال گڏ رهيا، ۽ سنت جي پرلوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ ٻه پندرهن سال آشرم ۾ رهيا ۽ رهندي رهندي هنومان جي شيوا ڪندا هيا، انهي ڪري نيٽورام آشرم جي اوپر ۽ اتر واري ڪنڌ تي ٻاوي جي ترائي جي ڪپ تي، هڪ ڪکائين ڪُٽيا ٺاهي رهڻ لڳا ۽ اتي هنومان جون مورتيون رکي شيوا ڪرڻ لڳا، ۽ آهستي آهستي ڪُٽيا جي چوطرف ڪنڌن جي واڙ ڏيڻ شروع ڪيائون، ۽ پنهنجي هٿن سان ڊڳين جو چيٽو گڏ ڪري اگهڻ تيار ڪيائون. انهي وچ ۾ سنڌي ۽ شاشتري ٻولي سکي ورتائون. ايتريقدر جو پنهنجي ڪجهه مخصوص انداز ۾ لکي پڻ ويندا هئا جيڪي عام ماڻهو ته پڙهي سگهي يا نه، پر پاڻ چڱي ريت پڙهي ويندا هيا.

ڪجهه ٻوليون لکڻ ۽ پڙهي وجڻ ڪانپوءِ سنڌي، گجراتي ۽ شاستري ٻولين ۾ ڪتابن جو ذخيرو پڻ گڏ ڪرڻ شروع ڪيائون. ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ روز جو معمول هيو مختلف ڪتابن ۾ جيڪي ٻه ڀڄن وغيره دل کي وڻندا هيس، اهي پاڻ پنهنجي ۽ ٻيا ڪجهه شيواڌاري چوڪرا ايندا هئا، انهي جي هٿ اکرين لکرائي وٺندا هيا.

تعليم يافته نه هوندي ٻه ذهن ايترو تيز ۽ سالم هوندو هو جو ڀڄن ڳائيندي ٻُڌي ٻُڌي ياد ڪري وٺندا هيا. گڏوگڏ هنومان جو آستان پڻ وڌندو ۽ ترقي ڪندو رهيو، ڪجهه ڪچيون ڪجهه پڪيون لانديون ۽ ڪمرا وغيره پڻ تيار ٿيڻ لڳا، ۽ ستسنگ ڀاو وغيره چالو رهيو. خاص ڪري نو راتا (جيڪي سال ۾ ٻه دفعا هجن ٿا

هڪ اسو مهيني ۾ ٻيا چيٽ مهيني ۾ اچن ٿا) يعني نو راتيون ستسنگ ۾ پرشاد وغيره جو بندوبست رکندا هئا. جنهن ۾ ڪافي شهر جا لهاڻا برادري ۾ خاص ڪري مکي چوڪرا وڏي شوق سان حصو وٺندا رهيا آهن. جيڪڏهن شاگرد يعني چيلن جو ذڪر ڪبو ته تمام ٿورا ماڻهو اهڙا آهن، جنهن کي پنهنجو شش يعني چيلو بنايائون. مثال طور هريش، مالو ڀڳڙو ڀڳت وغيره.

انهن سيني مان هريش مالو ڪيس وڏيڪ ويجهو هو ۽ شيوا پڻ ڪندو هيو. انهي ڪري پاڻ پنهنجي هٿ اکرين لکي ويا آهن ته منهنجي چولي مٿائڻ کانپوءِ، صرف هريش مالو ئي هن آشرم جي مالڪي ڪرڻ يا سنڀالڻ جو حقدار آهي، ۽ ڀڳڙو ڀڳت (جيڪو ڀڳت چاندارام جي آشيرواد سان ريڊيو ۾ ٿي. وي. جو بهترين فنڪار ٿي اڀريو) کي هنومان آشرم جو معمول موجب ستسنگ هلائڻ لاءِ لِکت ۾ وصيعت ڪري ويا آهن. ڀڳت ڪينپار مل وانڪواڻيءَ جي پٽن ۾ ڪجهہ ٻين شيواڌارين آشرم جي جاءِ ناهڻ ۾ مالي ساهتا ڪئي، ۽ هڪ رنگين TV ۽ فرج پڻ آشرم جي حوالي ڪئي. مزي جهڙي ڳالهہ اها هئي ته ڀڳت چاندارام فرج جو پاڻي پاڻ ڪڏهن به استعمال نہ ڪندا هئا. پلاسٽڪ جي بوتل يا بادلو جنهن تي اونهاري ۾ ڪپڙو ٻڌي چڊيندا هيا، انهيءَ جو پاڻي استعمال ڪندا هئا ۽ ڪو به غريب ايندو هو ته انهيءَ کي برف ۾ ٿڌي پاڻيءَ جي آڇ ڪندا هئا.

ڪافي دفعا ڏٺو ويو ته ڪولهين جا ٻارڙا، جيڪي مٽي ۾ دز سان ڀريل ڪپڙا پائي ايندا هئا، انهي کي پيار وچان سڏ ڪري اندر ڪمري ۾ ويهاريندا هئا، ۽ TV لڳائي چوندا هئا ته هاڻي توهان آرام سان ويهي TV جا پروگرام ڏسو. جڏهن ڪير پڇندو هو ته ڀڳت صاحب، توهان انهن کي ڇو ايتريقدر قدر جي نگاهہ سان ڏسندا آهيو، هي ڪولهين جا ٻار آهن، انهن کي ڪهڙي خبر ته TV جا پروگرام ڇا هوندا آهن؟ جواب ڏيندا هيا ته ٻيا ته جيڪي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ TV ڏسندا آهن، پر انهن غريبن وٽ اها سهوليت نہ آهي، پر انهن جي دلين ۾ اها حسرت ضرور هوندي، ته اسان جي گهر ۾ به اهڙي سهوليت هجي، ته اسين به ڪجهہ قدر لطف اندوز ٿيون، سو انهي

حسرت کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو جيئن اهي بہ ڪجهہ گهڙيون لاءِ پنهنجي من کي وندرائي سگهن. انهيءَ مان سندن انسان دوست هئڻ جو ثبوت ملي ٿو ۽ پاڻ هي ڀڄن پڻ وڏي شوق سان ڳائيندا هيا تہ: ”پريم ڪر انسان سان، جي ملڻو اٿئي پگوان سان.“

شيواڌاري ۽ ڀڳت صاحب جا شاگرد تہ ڪافي آهن: جيڪي ڀڄن سکي ڳائيندا رهيا آهن پر جيتري قدر شوق سان مکي چوڪرن شيوا ڪئي آهي، اها ساراهہ جوڳي آهي. اڄ بہ ڀڳڙو مل ناچيز ڀڳت ڏينو مل، ڀڳت پيرو مل، چيتن داس، پيمون مل، مکي گووند عرف گدو (جيڪو ڳائڻ سان گڏ دلو پڻ بهترين وڄائي داد حاصل ڪندو آهي) ڪچرو ڀڳت، نارو ڀڳت منڙيو، پورو مل ڪاڪٽهيار ڀڄن ڳائي پريمين کي جهومائيندا رهندا آهن. اسلام ڪوٽ ۽ آسپاس جا ماڻهو جڏهن بہ ڪنهن ٻار يا ٻڍي کي سائيءَ جي بيماري ٿيندي هئي، تہ ڀڳت صاحب وٽ ڀڳڙا ڪٽي ايندا هئا، ۽ ڀڳت صاحب جاپ وسيلي اهي ڀڳڙا پڙهي ڏيندا هئا، جيڪي کائڻ سان مريض صحتياب ٿي پوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن کي نظر لڳندي هئي تہ پاڻي پڙهي ڏيندا هئا، ۽ ڏاڳو پڻ وٽي ڏيندا هئا. وڇون جي ڏنگيل کي جهاڙ وسيلي سُور کان نجات ڏياريندا هئا. مال مويشي غائب ٿيڻ جي صورت ۾ ماڻهو ڀڳت صاحب کان پڇا ڪندا هئا، تہ انهن کي پڻ گس لڳائيندا هئا.

هنومان مندر کي سنوارڻ جو شوق ايترو هو جو رات جي وقت پڻ لوڙهو ناهڻ يا ديوار وغيره ٺاهڻ ۾ مشغول هوندا هئا. آخرڪار هنومان جو ڏيهرو پڻ نهرائي راس ڪيائون، جنهن ۾ گلاب ميگهواڙ جي ڪاوشن سان تيار ڪيل هنومان جي مورتي پڻ استاپن ڪئي ويئي، ۽ هڪ ڪمرو ۽ وارنڊو پڻ تيار ڪرايائون. ڀڳت صاحب هنومان تي ڪجهہ ڀڄن پڻ جوڙيا هيا، جنهن ۾ ڪجهہ مشهور ڀڄن اڄ پڻ سندس شاگرد ڳائيندا رهن ٿا، مثال طور:

هنومان منهنجي ساٿ ۽ ٻلوان منهنجي ساٿ ۾،
ستگرو حاضر ڏسان هنومان حڪم تي هلان.

*

ذري ذري جو جواب وٺندا، ليڪو چوڪو صحيح ڪرڻو آ.

ويهي ڪر ويچار مسافر اڳتي هلڻو آ.

آخري وقت ۾ طبيعت ڪافي ناچاق ٿي پئي، شيواڌارين علاج وغيره جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر دنيا جي دستور مطابق هڪ ڏينهن اهو پڻ آيو جو ڀڳت ڀڳڙو مل ۽ پورو مل سمجهي ويا هئا. تہ سنت اڄ پنهنجو سواسو سميٽي رهيا آهن تنهن ڪري ٻئي ڄڻا واري واري ڪبير صاحب جا ٻول پنهنجي پنهنجي آواز ۾ بنا سازن جي جهونگاري رهيا، تہ ٺيڪ 12:20 وڳي منجهند، بروز آرتوار مورخہ 20_02_2005 جو هيءُ سنسار ڇڏي پريوءَ سان لين ٿي چڪا هئا. ڪافي ماڻهو انهي وقت موجود هئا پر جيئن ئي اها خبر شهر ۾ پهتي، تہ مرد ۽ مايون سيئي اچي سنت جو ديدار ڪرڻ لڳا. ڪو بہ رت جو رشتو ويجهو نہ هوندي بہ پنهنجا لڙڪ لڪائي نہ سگهيا، ۽ زار و قطار روئيندا رهيا، ۽ عجيب و غريب ماحول جڙي چڪو هو.

جيئن جيئن ماڻهو گڏ ٿيندا ويا تہ شاميانا پڻ آندا ويا ۽ ستسنگ چالو ڪيو ويو. سڄي رات ماڻهو جاڳندا رهيا ۽ سنت ڪي سماڌيءَ لاءِ آسڻ ڏيئي ويهاريو ويو ۽ شيواڌاري اگر بتيون واس ڪندا رهيا. ٻئي ڏينهن صبح سوير وئينڪٽ تياري ڪري، ڀڳت صاحب ڪي پوري شهر جو چڪر ڏياريو ويو ۽ ڀڳت سوميا ڪري اڳيان اڳيان هلندا رهيا. واپسيءَ ۾ جڏهن آشرم پهتاسين، تہ ڪجهہ ماڻهن ڇڪتاڻ ڪئي تہ ڀڳت صاحب ڪي آشرم ۾ سماڌي نہ ڏيو. ڪنهن ٻي جاءِ تي سماڌي ڏني وڃي پر مالو ۽ ٻيا ڪجهہ شيواڌاري انهي ڳالهہ تي اٽڪي بيهي رهيا، تہ ڀڳت صاحب جي حڪمن موجب آشرم جي ڏکڻ ۽ اولهہ واري ڪنڊ تي، پنهنجي هٿن سان ڪيل سيندر جي نشاني وٽ سماڌي ڏني ويندي. آخرڪار 20_02_2005 صبح 9:30 وڳي ڀڳت صاحب ڪي ايشور جي استوتين سان سماڌيءَ ۾ ويهاريو ويو. جيئن ئي سماڌي ڪي بند ڪري رهيا هئا تہ ڀڳت صاحب جي پاليل باندر، هڪ ڏينهن اڳ بيمار ٿيڻ ڪري پنهنجا پراڻ تياڳيا، جنهن ڪي پڻ آشرم اندر سماڌي ڏني ويئي.

اڄ ڪلهہ تہ ڪافي اڏاوت ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو ستسنگ هال ۽ پڳت صاحب جو ڏيهرو نمايان آهن. هر مهيني جي ساهي ٻارس جو ستسنگ ڪري لنگر هلايو ويندو آهي، ۽ هر سال ماگهہ مهيني جي ساهي ٻارس جو ٻہ ڏينهن، ۽ هڪ رات ستسنگ ۽ لنگر هلندو آهي، جنهن ۾ ڪافي سنا سنا پڳت، جيڪي اسلام ڪوٽ ڪان ٻاهران ايندا آهن. ستسنگ وسيلي پريمين کي پريم رس پياري، وري پنهنجي ماڳ موٽي ويندا آهن.

# سنت موجيرام

ساڌ ساڌ سب ايڪ هين، جِيوَن پوستي ڪا کيت،
ڪوئي وويڪي لال هئي، نهين سيت ڪا سيت.

سنڌ جي تاريخ ۾ انسانن جي عظيم ڪردارن جو هڪ نه ڪٽندڙ سلسلو رهيو آهي. جنهن ۾ صوفي، سنت، ڪوي، علم دان جن اڻوجهه ماڻهن کي ڀڳتي ۽ ڪوتا جي وسيلي سچائيءَ جو سبق سيکاريو آهي. اڻ ملهه انسان هُئا جيڪي پنهنجي ڪردار جا چِٽ اهڙا چِٽي ويا آهن، جو اڄ تائين ماڻهن جي دلين تان متجي نه سگهيا آهن. اهڙوئي هڪ مهان سنت ۽ ڪوي ميرپورخاص شهر، جيڪو مير شير محمد ٽالپر جو جوڙايل آهي، ان ۾ شري آڏو رام ذات پاٽي گنديير جي گهر جنم ورتو. ميرپورخاص شهر جي غريب آباد واري علائقي ۾ شري آڏو رام گنڊيير رهندو هو. هو هڪ مهاتما هو ۽ ڪبير پنٿي هو. جو صبح شام هري ڪيرتن ڪندو هو ۽ پنهنجي پگهر جو پورهيو ڪري پريوار جي پالنا ڪندو هو. ڏينهن رات سنتن جي خدمت ڪرڻ ۽ ست سنگ ۾ زندگي گهارڻ لڳو. پر هن کي پُٽ جو سنتان نه هئڻ ڪري ڪافي اداس رهندو هو. هڪ ڏينهن ايڪانت ۾ ويهي پرڀو پرماتما کي پرارٿنا ڪيائين، ۽ اهو عرض ڀڳوان جي دربار تائين پهتو ۽ عرض اگهاڻو گهر ۾ پُتر سنتان جو سنبت 1948ع ۾ سندس ماتا چمپا جي گرڀ مان پرڀات ويلي جنم ٿيو. گهر ۾ خوشيءَ سان واڌايون واڌايون گونجڻ لڳيون. ٿال ۽ نوبت باجا وڄڻ لڳا، ۽ منگل گيت ٿيڻ لڳا. برهمڻ کي گهرائي جوتش مطابق نالو موجيرام رکيو ويو. واڌايون ڏيڻ وارن کي گئو دان ته ڪنهن کي ان دان، ڪنهن کي وستر دان، ڪنهن کي ڌن دان ڏيئي خوش ڪندو رهيو. اهڙي نموني ٻالڪ وقت سان گڏوگڏ وڌو ٿيڻ لڳو ۽ اڱڻ تي ڊوڙون پائڻ لڳو. جڏهن اٺن سالن جو ٿيو ته ماڻٽن وديا پڙهڻ لاءِ وديا گروءَ جي حوالي ڪيو. جتي هو ويد شاستر ۽ پُراڻ وغيره چئن سالن تائين پڙهندو رهيو. سندس من ۾ وئراڳ جاڳرت ٿيو. هڪ ڏينهن موجيرام صاحب کي خيال آيو ته تيرٿ ورت ڪري اچان، جنهن لاءِ هُن پنهنجي پتا کي

هٿ جوڙي وينتي ڪئي تہ مون کي تيرٿ ياترا جي آگيا ڏيو تہ مان وڃي تيرٿن تي سنتن جا درشن ڪريان، ۽ چت ڏيئي سنتن کان گيان پراپت ڪريان. سندس پتا آڏو رام صاحب پٽ جي ڳالهہ ٻڌي چوڻ لڳو تہ پُٽ! اهو وئراڳ جو مارگ تمام ڪٺن آهي. انهي رستي تي هلڻ تلوار جي ڌار تي هلڻ برابر آهي. انهي ڪري تون گرهست آشرم ڌارڻ ڪر ۽ پنهنجو جوين ڀڳتي ڀاوَ ۾ ويتيت ڪر.

موجيرام صاحب پنهنجي پتا کي چيو تہ آئون شادي ڪونہ ڪندس ۽ تياڳي جِيوَن گذاريندس. سنسار سپن سمان آهي، جو وارم وار اُپجي ۽ مِٽجي ٿو. آئون سرجڻ هار جو سمرڻ ڪري، جيون سڦل ڪندس. جنهن تي سندس پتا چيو تہ پٽ توکي ڏنيواد هجي تہ تون ههڙو ڪٺن ورت ڌارڻ ڪرڻ چاهين ٿو. جنهن لاءِ منهنجي آگيا آهي تہ پلي تيرٿ ياترا ڪر ۽ سنتن جو سنگ ڪري پنهنجو جِيوَن سڦل ڪر پتا جي آگيا ملڻ کانپوءِ هو ماتا جي چرڻن ۾ ويو ۽ سرنمائي وينتي ڪيائين تہ هي ماتا جي! مون کي گهر ٻار ۽ سنتان ڪونہ ٿو کپي منهنجي من ۾ وئراڳ اُپجيو آهي، آئون پرڀو سمرڻ ڪري پنهنجو جيوَن سڦل بنائڻ چاهيان ٿو. اها ڳالهہ ماتا جي اندر هردي ۾ سوچ ۽ دُک اُپجيو ۽ سندس نيڻن ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ چوڻ لڳي تہ پٽ! وئراڳ جو مارڳ تمام گهڻو ڪٺن آهي، تون گهر ۾ رهي پرماتما جو سمرڻ ڪر! موجيرام چوڻ لڳو تہ ماتا! شري تيرٿ ورت ڌارڻ سان ڪيترائي پاپ ڪٽجي وڃن ٿا، ۽ سنتن جو سنگ پراپت ٿيئي ٿو ۽ پرماتما جو انڀو ٿيئي ٿو. اهو سڀ گهر ٻار ۾ نہ ٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري مون کي آگيا ڏيو! ماتا شري جي ڪافي سمجهائڻ تي بہ مڃيو ۽ آخرڪار ماتا خوشيءَ سان تيرٿ ياترا وڃڻ جي آگيا ڏني، ۽ گهر کان ٻاهر اچي پٽ کي آشيرواد ڏيئي روانو ڪيو.

موجيرام صاحب ميرپورخاص کان حيدرآباد روانو ٿيو پوءِ ڪراچي، سکر، مُلتان ۽ لاهور پهتو. جتان امرت سر ويو جتان گنگا تيرٿ لاءِ هري دئار ڏانهن روانو ٿيو جتي تيرٿ ياترا ڪري ڪجهہ ڏينهن رهڻ کانپوءِ ڪلڪتي مان ٿيندو پرياگ راج پهچي تيرٿ ڪيائين، ۽ اتان پوءِ ڪانپور، دهلي، مترا پهتو جتي گوڪل ۽

بندرابن پيٺيائين ۽ متَرا مان آگرهہ، گواليار مان ٿيندو اُجين اونڪار پهتو اُتان ناسڪ ويو ۽ بمبئيءَ ۾ رهيو. جتان سورت پروچور، بڙودا، ڊاڪور مان ٿيندو احمد آباد پهتو جتي ڪجهہ وقت رهڻ ڪانپوءِ گرنار، دوارڪا، سڌپور ۽ آبوجي ڪان ٿيندو پُشڪر راج پهتو اُتي سنان پاڻي ڪري، ڦل ڦول وٺي برهمانند مهاتما وٽ پهتو پرڻام ڪري وينتي ڪيائين تہ مان توهان جي شرڻ ۾ آيو آهيان، پنهنجي چرڻن جو سمجهي ڪر تارڻ ڪريو ۽ ست شبد جو اُپديش ڪريو. سپ تيرٿ ورت ڪري اوهان وٽ آيو آهيان، مون کي ڀڳتي يوگ، گيان، ڌيان، پردان ڪريو. شش جي نماڻي وينتي ٻڌي ڪري ستگرو برهمانند مهاراج، ست شبد يعني گرو وچن جو اپديش ڪيو ۽ ڪرتارت ڪيو.

ست گرو برهمانند جي، سڪلايو سب ساج،
موجيرام گڻ سِک ڪي، ڪِيا اپنا ڪاج.

ست گروءَ کان گُڻ پراپت ڪري، سنت موجيرام ڀڳتي يوگ ۽ گيان جو اپديش ڪرڻ لڳو. اونچ نيچ جي ڀيد ڀاو کي تياڳي، سيني کي ستيہ اپديشن ڏيڻ لڳو. چار سال اُتي رهي، اَن تياڳي، کير پي پنهنجو نت نيم ڪندو رهيو. سواس اسواس پرماتما جو سمرڻ ۽ هري گن گان ڪندو رهيو. اهڙي نموني ياترا ڪندي ڪندي واپس پنهنجي جنم ڀومي واري شهر ميرپورخاص موٽي آيو. اچي پريوار وارن کي اپديش ڏنو ۽ ميرپورخاص شهر جي غريب آباد علائقي ۾ موجي مندر يعني موج دربار ٺهرايو جو پوءِ موجيرام ٽڪاڻو جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ جيڪو اڄ بہ موجود آهي. پاڻ اُتي گادي نشين ٿي رهيو. روزانہ شش ۽ ٻيا ڪيترائي پريمي ايندا هئا، جيڪي موجيرام صاحب جو اپديش ٻڌي ڪرتارت ٿيندا هُئا. موجيرام هڪ مهان گويو بہ هو جو هارمونيم تي ڀڄن ڳائي، پريمين کي سنگيت رس سان سرشار ڪندو هو.

دربار بڙا سَهاوَنا، سُر لوڪ کي سمان،
شام سميہ سب آءِ ڪي، ڌري رام ڪا ڌيان.

*

مُلڪ سنڌو ڪي ماهين ني، ميرپور سُک ڪار،
غريب آباد ڪي ماهين ني، موجيرام درٻار.

موجيرام درٻار سدائين آباد ۽ وسندي رهندي هئي، جتي سماجي ميڙاڪا، ميتنگون وغيره ٿينديون رهنديون هيون. جتي سماجي سڌار ڪرم، ميگهواڙ جاتيءَ ڪي تعليم سان منوّر ڪرڻ لاءِ اپديش ۽ خرابيءَ کي تياڳي صفائي ۽ پاڪائيءَ جا سبق سيکاريا ويندا هُئا، جتي ٿر کان ڪيترائي ٿرواسي ميرپورخاص ڪم سانگي ويندا هُئا ته اُنهن جي رهڻ جو اجهو به موجيرام ٽڪاڻو هوندو هو. جنهن مان اسان جي ميگهہ ونس کي ڪافي لاڀ حاصل ٿيو. موجيرام صاحب هڪ وڏو سنت ڪوي، شاعر به هو جنهن پنهنجي ڪوتا سان پرچار ڪيو، جنهن ڪوتا جا چار جلد شايع ٿيل آهن، جيڪي هندي ٻوليءَ ۾ آهن.

1.موجيرام 2. موجي صاحب 3. موج دريا 4. موج آنند. موجيرام صاحب ڪافي ڏينهن ميرپورخاص ۾ رهڻ کانپوءِ هڪ ڏينهن هو ٽنڊو آدم ۾ پڌاريا، جتي سيني ششن ۽ پريمين کي ست اپديش ڏنو ۽ سجاڳي اُتپن ڪئي ۽ ستہ وديا جو دان ڏنو ۽ ڏارو ڀڳت وانگر اِڏگ آسڻ ڄمايو.

موجيرام پرسن رهي، رات ڊِن ٻِرهم مانهين،
سهج سمادي ۾ جهولي، ڏِگي ڏوگاوي ناهين.

ٽنڊو آدم شهر ۾ به هُن هڪ آشرم ۽ گئو شالا به قائم ڪئي.

مُلڪ سنڌوڪي مانهين ٽنڊو آدم گام،
گئو شالا کي سامني ٽڪاڻا موجيرام.

مهاتما موجيرام ڪڏهن ٽنڊو آدم ۾ رهندا هئا، ته ڪڏهن ميرپورخاص، ڪڏهن سنڌ پنجاب ته ڪڏهن مالوا گجرات ۾ وڃي گيان جو ڦهلاءُ ڪندا هُئا.

سمجهاوي سنسار ڪو موجيرام مهاراج،
ديس وديس ۾ ڦري، پرمارٿ ڪي ڪاج.

سندس ششن ۾ اچلو رام، سکرام ۽ چنديرام مشهور هُئا. موجيرام صاحب ڪانپوءِ موجيرام آشرم، پورڻ ناٿ سنڀاليندا هُئا. انهي ڪان پوءِ پدم ناٿ شيواڌاري آهي. موجيرام صاحب آخر ۾ سماڌي ورتي، جيڪا ڪالي مندر ميرپورخاص، نواب شاهہ ڦاٽڪ وٽ جاءِ ٺهيل هُئي، جا فسادن ۾ ڊاٺي ويئي.

# سنت جيوراج

(1926ع کان 18.03.2013)

چرخو ائين چور، جيئن پونءَ پٽڪو نہ سٽي،
آڏيءَ جو ”عنات“ چوي، ويهي آتڻ اور،
تينهان پوءِ تور، تہ سُٽ تنهنجو سونَ ٽيئي.

سرڳواسي سنت جَيوَراج صاحب تعلقي مٺيءَ جي ڳوٺ، لوڻيهار ۾ 1926ع ۾ شري مولچند ميگهواڙ ۽ شريمتي سروپان ٻائيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ڳوٺ ۾ اسڪول نہ هجڻ ڪري پاڻ نصابي تعليم حاصل نہ ڪري سگهيا، پر پوءِ بہ 1935ع ۾ مٺي شهر جي ڪنهن پاٺ شالا ۾ اچي هندي ۽ سنسڪرت جي تعليم ورتي، ڪجهہ عرصو ڳوٺ مان آئوٽ بيڪ ڪندا رهيا، پر ٿوري عرصي بعد اها بہ تعليم اڌوري رهجي وئي. گهر ۾ وڏو پٽ هجڻ جي ناتي هُن ڪافي ذميواريون نڀايون. جلد سندس والد مولچند صاحب لاڏاڻو ڪري ويا، جنهن بعد 1954ع ۾ سندس شادي تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ هنج تل ۾، ڀڳت ڀلورام جي گهران، شريمتي سونو ٻائيءَ سان ڪرائي وئي، جن جي عمر هن وقت اٽڪل 86 ورهين کن هوندي ۽ شاديءَ کان بہ سال اڳ 1952ع ۾ سنت جيوَ راج صاحب ڪلوئي شهر جي رهواسي، سنت ڀلجي رام مهراج جي شرڻ ۾ اچي گرو ڌارڻا ورتي، سنت جيوَ راج شروع ۾ موچڪو ڌنڌو ڪندا هئا، پر بعد ۾ الرجي جي بيماري ٿيڻ سبب ان کي الوداع ڪري، کيتي ٻاڙيءَ جو ڪم شروع ڪيو جنهن مان سمورن گهر وارن جو پيٽ گذر ٿيندو هو. پاڻ ننڍي هوندي کان وٺي ڪتابن پڙهڻ جو شوق رکندا هئا. سارڪتاولي، هري رس (ايسر ٻارس جو ڪتاب) رام پرڪاش آچاريہ، ٻاوَ ڏونگر پوري، گيتا صاحب جا سمورا سار، رامائڻ، گيتا گايتري، چارئي ويد، ڪبير ڀڳت، شاهہ ڀٽائي، سچل، سامي، روحل فقير، رويداس، ميران ٻائي، هنس نرواڻ، بابا بلي شاهہ، شيخ اياز، دادو فقير، سوامي وويڪانند، سناتن ڌرم، صوفي ازم ۽ روحاني منزلن جي مختلف ڪتابن سميت 5 هزار کن ڪتاب پڙهيا، ۽ اٽڪل 230 شاگرد ٺاهيا، جن کي هندي ۽

سنسڪرت سيکاري، ۽ نام جو وچن پڻ ڏنو. سنت جيوَراج صاحب جوانيءَ ۾ پاڻ ڳائيندا به هئا، برهمانند جي 360 ڀڄنن جي ڪَٿَ ٻُڌڻ وارن کي موهي ڇڏيندي هئي. ايتري حد تائين جو پرڏيجڻ واري رات به ساهرن ۾ ستسنگ جي محفل رچائي، سنگت جيوَ راج کان ڀڄن واڻي ٻڌي وئي، جنهن ۾ سڄي رات برهمانند جا ڀڄن ٻڌائڻ جو اصرار ڪيو ويو. جنهن ۾ ڇاڇري تعلقي جي ڳوٺ ۽ هنج تل کان 5 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ڀڳتاڻي ڍاٽي جا رهواسي، مصرو ڀڳت ۽ هنچل سنگهه ٺڪر، جيڪوان وقت 68 سالن جو هو سنگت جيوَ راج جا پريمي ٻڌجي ويا ۽ خاص مهمانيون ڪري، وڏي آدرياءُ سان نوازيو ويو. سهپ ۽ صبر جي بلندين تي پهتل سنتَ جيوَ راج صاحب سير وَ سفر جو گهڻو شوق رکندا هئا. اتر سنڌ، لاڙ ونگو ولاسو ڍٽ ۽ ننگرپارڪر جا ڪيترائي ڳوٺ گهميا، ۽ انسانيت جي علمبرداري جو پيغام پهچايو. پاڻ سنسڪرت، هندي، سنڌي، اردو، فارسي، گرمگي، سرائيڪي، ۽ گجراتي ٻولين ۾ تلفظ، معنيٰ، سمجهاڻيءَ روانيءَ سان ڳالهائڻ ۾ عبور رکندا هئا. ايتري حد تائين جو ستسنگ يا محفل موسيقيءَ ۾ ڪٿي به غلط شاعري يا غلط تلفظ جو استعمال ٿيندو هو ته پاڻ سختيءَ سان نوٽيس وٺندا هئا، ان کي درست ڪري پڙهڻ جي سکيا به ڏيندا هئا، جنهن ڪري وڏا وڏا گائيڪ ۽ سنگيت جا ماهر به سندس اڳيان ڳائڻ يا شاعري پڙهڻ کان لنوائيندا هئا. سنت جيوَ راج جا ڪافي شش اڄ به مڃتا جي لائق آهن، جن ۾ ڀڳت گنگو مل (ڍوڙڪيون واسي) جهامن داس کتري (نيو ڇور) وڪيل واسديو (عمر ڪوٽ) ٺيڪيدار چندن لال (مٺي) ماستر گرڌاري لال (مٺي) ڀڳت رڇو مل (هرو جي ڍاٽي) ڪرشن (جهامڙي سر) پرتاب (ڀريلو) سوڍو ڪنري، ٻوستان، راهمور، اڪڙي، پير پٿورو، ڪپرو ڇور، نيو ڇور، حويلي، عمرڪوٽ، گنبي جو دڙو ۽ ٻين هنڌن تي سنت جيوَراج صاحب جا شش ۽ چاهيندڙ اڄ به موجود آهن. سنگت جيوَ راج صاحب جي شش ڀڳت گنگو مل جو چوڻ آهي ته 1994ع ۾ مون گرو ڏارٽا ورتي، نام جي وچن بعد گرو صاحب ڀڳتيءَ، جي لاهن چاڙهن بابت سکيا ڏني. هندي ۽ سنسڪرت به سيکاري، ۽ پاڻ

سجاڻ جي واٽ ڏني. گرو صاحب ڄاڻ جي کاڻ هو. سنت صاحب جي ڀائٽي ۽ شش ماستر گرڌاري لال ۽ سندس پٽ روي شنڪر ٻڌايو ته سنت جيوَ راج صاحب گهر ڀاتين سميت هر پِراڻيءَ جو احساس رکندڙ هئا، ۽ ٻين جا ڏک جلد محسوس ڪري وٺندا هئا.

سنت َجيو راج صاحب زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هڪ هفتو کن سخت بيمار رهيا، ۽ 18 مئي 2013ع تي مٺي شهر جي ڏرماڻي ڪالونيءَ ۾ واقعي پنهنجي گهر ۾ چولو مٽائي، حقيقي مالڪ حوالي ٿي ويا. پريوار ۾ هڪ پٽ روي شنڪر ۽ نياڻي ڏائو ٻائي ۽ هڪ گهر واري سونو ٻائي ڇڏيا آهن.

# ٺاپو فقير دستگير

ٻگهن سين ٻاڻ هڻي، اُڏاڻو آڪاس،
جتي پرين سنداس سو سَرُ هڻي هنجهڙو.
(شاهہ)

سنڌ جي سونَ ورني ڌرتيءَ پنهنجي ڪُک مان ڪيترائي بزرگ، صوفي ۽ درويش صفت مهان پُرش پيدا ڪيا آهن. جتي ٿر جي مهان مٽي ٻہ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڏرم ويري تعلقہ مٺي ضلعہ ٿرپارڪر ۾، اٽڪل 200 سال پهرين هڪ ديپ، شري ناڍي گنڌير ميگهواڙ جي گهر روشن ٿيو جنهن جو نالو ٺاپو رکيو ويو. جڏهن اهو ننڍڙو ٻالڪ غريب گهراڻي ۾ ساماڻو جهر جهنگ لتاڙيو تڏهن هڪ ساڌو صفت انسان ٿيڻ لاءِ پنهنجو مُرشد غوث بهاؤالدين ذڪريا ملتانيءَ جي چرڻ پيو. ان جي آشيرواد سان ٺاپو ميگهواڙ هڪ ساڌو نيڪ نيت ۽ مُلتاني فقير ٿي رهيو.

شري ٺاپي فقير شادي شريمتي پوران، ذات پرگڙو ڳوٺ ارنرو تعلقہ ڇاڇرو سان ڪئي. جنهن مان کيس 3 نياڻيون ۽ ٻہ پُٽ هُئا. 1. شري صالحو 2. شري ڌاهو ٻئي پڳتي ۽ کيتي وغيره ڪم ڪندا هئا. سندس ونس اڄ تائين ڳوٺ ڏرم ويريءَ ۾ رهائش پذير آهي، ۽ خوشحال آهي. هو هڪ درويش صفت انسان هو جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي معجزا ڏيکاريا، جي مشهور آهن.

چون ٿا تہ هڪ دفعي ڪي جماعتي ملتان وڃي رهيا هُئا، تہ هنن هن (ٺاپي فقير) کي صلاح ڪئي تہ هلو تہ ملتان هلون! تڏهن هن فقير وراڻيو تہ آئون رات زيارت ڪري آيو آهيان. انهن حسد ۽ ساڙ ۾ چيو تہ تون ميگهواڙ! رات زيارت ڪري آيو آهين!؟ جڏهن تہ اسان جي جماعت هاڻ ملتان وڃي رهي آهي. تڏهن هن فقير وراڻيو تہ اوهين سڀ قطار ڪري اُتر طرف منهن ڪري ويهو ۽ اکيون بند ڪريو. پوءِ فقير صاحب پڇيو تہ هاڻي ٻڌايو تہ توهان ڪٿي آهيو؟ تڏهن جماعت وارن ٻڌايو تہ اسان ملتان ۾ ويٺا آهيون. تڏهن فقير

صاحب چيو تہ هاڻي زيارت ڪري وٺو...! ۽ هاڻي اڪيون ڪوليو! ڪٿي آهيو؟ تڏهن هُنن چيو تہ اسان ڏرم ويريءَ ۾ آهيون.

پوءِ اهي جماعتي، فقير صاحب جي چرڻن تي پنهنجا دست مبارڪ رکي واپس موٽيا. فقير صاحب جو اهو پهريون پرچو هو فقير صاحب جا پيا اهڙا انيڪ پرچا آهن. جڏهن فقير صاحب جا ڳڻڻ جيترا ڏينهن بچيا ۽ حقيقي مالڪ پُڪاري رهيو هو تڏهن سندس وصيعت نامي مطابق سندس چوڻ هو تہ منهنجي ديهانت ڪانپوءِ منهنجي ميت يعني جسم جو پنجرو منهنجي ڏاچي اُنٺيءَ تي ٻڌي، رواني ڪجو. جتي اُها ڏاچي وڃي ويهي اُتي منهجو آخري آرام گاهہ ٺاهجو. جڏهن فقير صاحب جو اهو ٽاڻو آيو ۽ فقير جي چوڻ مطابق سڀ ڪجهہ ڪيو ويو. اها ڏاچي پنهنجي مالڪ فقير جي بي پساهہ جسم کي کڻي، اڇي نمن جي قطارن واري شهر اسلام ڪوٽ جي ڏکڻي دڙي تي ويٺي، ۽ فقير صاحب جي بہ اُتي آخري آرام گاهہ ٺاهي ويئي آهي. جتي اسلام ڪوٽ سنت نيٽورام جي نگري سڏيو وڃي ٿو ۽ ٿاڀي فقير جي نالي سان بہ سڃاڻيو وڃي ٿو. اڄ بہ ان سوَن ورڪا واريءَ جي دڙي تي فقير جي آخري آرام گاهہ تي هر سال جي ماگهہ مهيني جي پونم تي، سندس ياد ڏام ڌوم ۽ احترام سان ميلو ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ هزارين زيارتي زيارت ڪندا آهن، ۽ فقير جي آخري آرام گاهہ تي اڇي سچي دل سان سجدو ڪندا آهن، ۽ پنهنجون مرادون پوريون ڪندا آهن. جتي ست سنگ ۽ رات ڏينهن پندارو هلندو آهي.

ان لمحون ڪي يادين سنبهال ڪي رکهنا،
هم تو ياد آئين گي، ليڪن لوٽ ڪي نهين.



# ڪَلا ڪني جني جي



# فقيرا ڀڳت چولستان

(1960 کان 1999-5-11)

سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
رُئان رهن نہ سُپرين، آيل ڪريان ڪيئن؟
مونکي چاڙهي چيئن، وِيو وڻجارو اوهرِيا!
(شاهہ)

حضرت خواجہ فريد جي ڪافين ڳائڻ وارن چولستاني لوڪ فنڪارن ۾ فقيرا ڀڳت جو هڪ معتبر نالو آهي. فقيرا ڀڳت سال 1960ع ۾ شري سرورام، ذات ڪتاريہ ڳوٺ چڪ R-187 فيروزه، تعلقہ لياقت پور ضلع رحيم يار خان ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو رانجڻ مائي، ڌي جمارام ذات ديار، ڳوٺ ديراور تعلقہ نرمان ضلع بهاولپور جي هُئي. سندس پتا سدو رام اُٺ پالڻ ۽ گھمائڻ جو شوقين هو. سندس بزرگ جاني رام هو، بموجب روايت، اُهي حضرت خواجہ غلام فريد جي حاضريءَ ۾ حاضر ٿيا. خواجہ صاحب چيو تہ جاني رام! جو گھرڙو هُجي اُهو گھر! انهن چيو سائين بس، اوهان جي نظر ڪرم جي ضرورت آهي. ڀڳوان جو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي. خواجہ صاحب چيو تہ وڃ جاني رام! تنهنجي ستن پيڙهين کي عزت ۽ شهرت ملندي ۽ تنهنجي اولاد ۾ هڪ اهڙو ٻار پيدا ٿيندو جو منهنجا ڪلام ڳائي دنيا ۾ شهرت ماڻيندو. خواجہ صاحب جي دعا جي بدلي ئي هي شهرت ۽ عزت فقيرا ڀڳت کي حاصل ٿي. فقيرا ڀڳت ڳائڻ جي سکيا استاد آڏو ڀڳت کان ورتي. هو سندس گرو آهي. آڏو ڀڳت اڃا حيات آهي.

فقيرا ڀڳت سال 1986ع ۾ پهرين دفعي ريڊيو پاڪستان بهاولپور تان پنهنجي فن جو سفر باقاعدي شروع ڪيو. پي. ٽي. وي. لاهور جي پروڊيوسر شيرين پاشا پنهنجي ڊرامي، ”ايک هي راستہ“ جي لاءِ هن جو آواز رڪارڊ ڪيو. انهي ڊرامي کي فقيرا ڀڳت جي پيش ڪيل ۽ مشهور لوري جي ڪري، انٽرنيشنل بالي ووڊ ايوارڊ مليا. سال 1994ع ۾ سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ وارن ڀٽ شاهہ ۾ گھرايو جتي محترم

بينظير ڀٽو صاحبہ فقيرا ڀڳت کي خاص فرمائش ڪئي، تہ هُن ڪنور ڀڳت جي ڳايل لوري (لولي) ٻڌائي ڀرپور داد ماڻيو.

1994ع ۾ محترمہ لنڊن ۾ لوڪ موسيقيءَ جي حوالي سان هڪ وفد لنڊن موڪليو. جنهن ۾ ٻين فنڪارن سان گڏ چولستان کان فقيرا ڀڳت بہ پاڪستان جي نمائيندگي ڪئي. 1995ع ۾ پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس اسلام آباد جي طرفان ٻيهر لنڊن ويو ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. جتي هُن کي ”فوڪ ميوزڪ ايوارڊ“ سان نوازيو ويو ۽ حڪومت پاڪستان ”نيشنل ڪلچر ايوارڊ“ ڏنو. الحمرا آرٽ ڪائونسل لاهور ۾ ٿيندڙ آل پاڪستان ميوزڪ ڪانفرنس ۾ بہ هُن پنهنجي فن جو جادو جاڳايو.

سنہ 1997ع ۾ جرمنيءَ کان هڪ وفد فقيرا ڀڳت جي گهر روحي آيو. اتي هُن جي فن کان متاثر ٿي فقيرا ڀڳت کي جرمني اچڻ جي دعوت ڏني وئي ۽ هو 1997ع ۾ جرمني ويو جتي پنهنجي فن ۾ منڙي آواز سان جرمن قوم کي موهي وڌو. انهي حوالي سان جرمنيءَ ۾ شايع ٿيندڙ Pakistan Soul Music ۾ ناصر خان، فقيرا ڀڳت جي فني خدمات کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ ان جي ٽائيٽل تي پڻ فقيرا ڀڳت جي تصوير شايع ڪئي ويئي.

پاڻ شادي سال 1978ع ۾ شريمتي مِنو مائي، ڌي جيسارام ذات ليلڙ ڳوٺ ديراور تعلقہ يزمان، ضلع بهاولپور سان ڪئي، جنهن مان کيس 4 پٽ آهن. 1. موهن ڀڳت، جو هڪ ريڊيو ۽ ٽي. وي ڪلاڪار آهي. 2. شنڪر لال، جيڪو ريڊيو پاڪستان بهاولپور ۾ نائب قاصد آهي. 3. ڀڳوانداس، جيڪو ڍولڪ نواز آهي ۽ 4. هريرام، جو گهريلو ڪم ڪار ڪندو آهي.

پاڻ بلڪل اڻ پڙهيل هو. سنڌي، سرائڪي، هندي ۽ مارواڙي ٻوليون ڳالهائي سگهندو هو. سندس لباس چولستاني چادر ۽ قميض هئي.

فقيرا ڀڳت لنڊن ۽ جرمنيءَ کانسواءِ هندوستان ويو. جتي هُن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ آواز جي جادو ۽ مٺاس بہ جي ڪري کيس تمام گهڻو پسند ڪيو ويو.

جيڪي ماڻهو فقيرا ڀڳت سان گڏ هندوستان ويا هئا، انهن کي شڪ ٿيو ته هي جا ڪيس هيتري ساري پذيرائي ۽ عزت ملي آهي، تنهن ڪري هيءُ شخص شايد واپس پاڪستان نه وڃي. اها ڳالهه جڏهن فقيرا ڀڳت ٻڌي هن ته واضح ڪيو ته اها ڳالهه درست آهي ته مونکي هتي ڪافي عزت ۽ پيار مليو آهي، پر آئون خواجه فريد سائينءَ جي ڌرتي ڇڏڻ جو سوچي به نه ٿو سگهان ۽ آئون اُتي ئي ويندس ۽ انهي مٽيءَ ۾ سمائجي ويندس.

فقيرا ڀڳت خواجه فريد صاحب، بلي شاهه، پٺائي صاحب، سچل سرمست ۽ بخت فقير جون ڪافيون ڳائي چولستان جي ڌرتيءَ جو مانُ ۽ شانُ وڌايو.

فقيرا ڀڳت تاريخ 11 مئي 1999ع تي ڪاري سائي ٽيڻ ڪري وڪٽوريا اسپتال بهاولپور داخل ڪرايو ويو پر هو زندگيءَ جي بازي هارائي ويو ۽ سندس آتما وڃي پرماتما سان ملي پويان هڪ بيوه ۽ چار پُٽ ڇڏي ويو. فقيرا ڀڳت جي خدمتن جي عيوض ڪوٽ مٺن شريف ۾ خواجه فريد لئبريريءَ ۾ فقيرا ڀڳت لاءِ ڪجهه جڳهه وقف ڪئي آهي، جتي انهيءَ جي استعمال ۾ آيل شيون ۽ يڪتارو رکيو ويو آهي. لنڊن ۾ فريديات ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر شائڪل به سرائڪي لوڪ موسيقيءَ جي حوالي سان پٺاڻو خان ۽ فقيرا ڀڳت جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ روحيءَ جي پس منظر ۾ جنهن سيد عارف معين، پنهنجي تحرير سان پلي ڪيو آهي، جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ فقيرا ڀڳت جو ذڪر ڪيو آهي. اُن ڪانسواءِ سرائيڪي خطي جي شاعرن پڻ فقيرا ڀڳت تي نظم لکيا آهن، جن ۾ عاشق بزدار، احمد خان طارق، اقبال سوڪڙي، سيد اختر سيال، ظفر رانجهورو، هيرا ۽ ڪيول داس شامل آهن.

فقيرا ڀڳت جي پُٽ موهن ڀڳت جو ذڪر نه ڪجي، ته اها وڏي ناانصافي ٿيندي. هاڻي اهي گيت فقيرا ڀڳت جي بجاءِ، موهن ڀڳت ڳائي رهيو آهي. اهو ائين لڳي رهيو آهي جڻ موهن ڀڳت جي وجود ۾ فقيرا ڀڳت جو روح حُلوُل ڪري ويو آهي. اهائي لئه. اُهي سُر، اهوئي

انداز اهوئي يڪتارو ۽ چپڙي، هٿ ۾ گيڙو رنگ جو لباس ۽ پڳڙي ڏسي چولستان جي پوري ثقافت ذهن ۾ گهمي اچي ٿي.

موهن ڀڳت پنهنجي پتا ڀڳت فقيرا جي ياد ۾ پنهنجي چاچي، پاڻ ۽ ڪجهہ تنظيمن جي تعاون سان هر سال پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾، ورسيءَ جي موقعي تي شاندار تقريب منعقد ڪرائيندو آهي. جنهن ۾ تقريرون، مقالا ۽ شاعريءَ جي علاوه فقيرا ڀڳت جي گائڪيءَ جي مخصوص رنگ کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ڪافي ڳائي ويندي آهي. جتي پري پري کان ڀڳت جا دوست ۽ هر مذهب مان تعلق رکندڙ ماڻهو ايندا آهن. ضلع رحيم يار کانسواءِ ملتان ڊويزن ۽ سنڌ مان بہ ڪيترائي ماڻهو شرڪت ڪندا آهن.

پر افسوس جو هيڏن وڏن فنڪارن جي عمر ٿوري هوندي آهي، پر سندس وڇوڙي پوري روحي علائقي چولستان کي سُنسان ڪري ڇڏيو ۽ اهڙا چولستان ۽ روحيءَ ۾ خواجہ فريد جون ڪافيون ڳائيندڙ صدين کانپوءِ پيدا ٿيندا.

روحي وڻڙي ٿوپا تاروي،
آ مل تون سينگار يار ري.

ميڄتا طور سندس فوت ٿيڻ کانپوءِ صدارتي ايوارڊ 23 مارچ 2011ع تي سندس ڏرم پتني مائي منو وصول ڪيو.

# استاد تاراچند

تون سرتاج سُرن جو محتاج رهيون محفلون،
سڀ راڳڻيون داسيون لڳن، تنهنجي در جون.

سنڌ صوفين جي سر زمين آهي. هتي قديم زماني کان راڳ رنگ جون محفلون متل رهن ٿيون. هن ڌرتي ڪيترن ئي ڪلاسيڪل راڳي استادن کي جنم ڏنو جنهن ۾ خان صاحب استاد منظور علي خان، استاد عاشق علي خان، استاد بڙي غلام علي خان، استاد اميد علي خان، انڊور گهراڻي جهڙن املهہ هيرن جنم ورتو ۽ سُرن جي سُرهاڻ پکيڙي. اهڙو ئي هڪ آفاقي آواز جي مالڪ، استاد تاراچند ميگهواڙ نک ڪريت، پلو مل ڳوٺ معروف پنيرا، تعلقہ هالا ضلع حيدرآباد حال مٽياريءَ ۾ تاريخ 1948-5-18ع تي جنم ورتو. جنهن جي آمد تي سُرن فضائن مان زمين تي لهي اچي خود سندس سواگت ڪئي. اهو ئي استاد تاراچند جو خيال رکندي اُن کي جلا بخشي، جنهن وائيءَ کي سرگمن جي سُتي پياري دنيا ۾ امر ڪري ڇڏيو.

استاد تاراچند جي ماتا جو نالو جسمان جويو. ڏي سومرو ڳوٺ دلپوٽہ لڳ ٽنڊو آدم جي هُئي. پاڻ شادي شريمتي سمجهو ڏي مالوجي اينهپو وينل هالا شهر مان ڪئي. جنهن مان کيس هڪ نياڻي ۽ ڇهہ پُٽ آهن. 1. منو مل ڊرائيور سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي. 2. شو لال جي سعودي ۾ پرائيويٽ نوڪري آهي. 3. جيوڻ لال ٻني ٻاري جو ڪم. 4. هيرانند، جيڪو ٺيڪيدار آهي. 5. راجيش ڪمار، جيڪو ڊرائيور آهي. 6. پرت ڪمار، جو گهر جو ڪم ڪار ڪري ٿو. سڀ شادي شده آهن. استاد تاراچند کي ٻہ ڀائر هئا. 1. دادو وڏو جو 2013-11-26 تي سرڳواسي ٿي ويو ۽ ٻيو ننڍو ڀاءُ ڏيوو مل جو زنده آهي. کيس 4. پيٽيون هيون، جي سرڳواسي ٿي ويون آهن.

استاد تاراچند 5 درجا سنڌي پرائمري اسڪول معروف پنيرا، تعلقہ هالا مان حاصل ڪئي. غربت هئڻ ڪري وڌيڪ پڙهائي جاري نہ رکي سگهيو. پاڻ هندي بہ پڙهيل هئا، جا مهراج رتن لال هالا وٽ سکيو. پاڻ سنڌي، اردو ۽ هندي سٺي نموني پڙهي لکي سگهي ٿو.

جيئن تہ سندس خاندان اصل کان گويا هئا، تنهن ڪري ڳائڻ پنهنجي مائٽن کان سکيو. چوڏهين پيڙهي آهي، جنهن ۾ پاڻ ڳائي رهيو آهي. پاڻ مڪمل راڳ جي سکيا استاد امانت علي خان، جو خان صاحب استاد بڙي غلام علي صاحب جو ڀاءُ هو، اصل قصور پٽيالہ گهرانہ سان تعلق هو ـ ان کان 1966ع ڌاري راڳ جي تعليم حاصل ڪئي ۽ لاهور ۾ گوين جي ايسوسيئشن هوندي هئي، جتي هر مهيني سڀ گويا گڏ ٿيندا هئا ۽ راڳ جي چٽا ڀيٽي ٿيندي هُئي، جنهن ۾، پاڻ کي گويو تسليم ڪرايو ۽ ڳائڻ شروع ڪيو. 1967ع پاڻ سندس مائٽن سميت معروف ڀنيرا کان لڏي اچي لطيف جي نگريءَ ۾ هميشہ لاءِ آباد ٿيا.

پاڻ پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن جي محفلن ۾ ڳايو. لاهور، ڪوئيٽا، سبي، ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد ۽ خاص ڪري سڄي سنڌ ۾ ڳايو ۽ داد حاصل ڪيو. ڀٽائي صاحب جي درگاهہ تي بہ پروگرام ڪيا. ٻيدل فقير درگاهہ، سچل سائين، منٺار فقير درگاهہ ۽ ٻين ڪيترن ئي درويشن جي درگاهن تي ڳايو آهي. ۽ هڪ دفعو قلندر شهباز جي درگاهہ تي، سندس استاد امانت عليءَ سان گڏ پنهنجن ڪنڌن ۾ هارنوميم وجهي شهر وچان ڳائيندا ويا. ۽ ٻودلي فقير جي بہ حاضري ڀري. انهي ڪانسواءِ انڊيا جئہ پور ۾، ٽنڊو آدم جي سنت ٿينئون رام جي دربار ۽ سنت ليلارام جي آشرم تي ڳايو. جتي انڊيا جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳايو پر استاد تاراچند جي سنڌي گائڪيءَ کي وڏيڪ پسند ڪيو ويو ۽ انعام سان نوازيو ويو.

استاد تاراچند کي راڳ جي پوري ڄاڻ آهي، جنهن موجب مکيہ 6 راڳ آهن 1. راڳ ڀيرو 2. راڳ هنڊول 3. راڳ ميگھہ 4. راڳ شري 5. راڳ ديپڪ 6. راڳ مالڪوس. هر راڳ جون پنج پنج راڳڻيون آهن. ڪُل 30 راڳڻيون آهن. اُهي سڀ ڳائي سگهي ٿو ۽ کيس پوري مهارت آهي. پاڻ خاص ڪري ڀيروي گهٽي ۾ گهڻو ڳائيندو آهي ۽ پِيلو ۽ نند ڪلياڻ سندس پسنديده راڳڻيون آهن، جيڪي گهڻو ڳائيندو آهي.

پاڻ هڪ ڪلاسيڪل گويو آهي. وڏي راڳ ۾ خيال، ٺومري، ترانہ ۽ دادرا ڳائيندو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪافي، غزل ۽ ڀڄن بہ ڳائيندو آهي. پاڻ هڪ موسقيار آهي تہ ڌنون بہ پاڻ تيار ڪندو آهي. هُن سنڌي، هندي، گجراتي، پنجابي، سرائڪي ٻولين ۾ ڳائي رڪارڊ قائم ڪيو آهي. استاد تاراچند ريڊيو پاڪستان تي لائيو پروگرام ”اڄ جو فنڪار“ ۽ ٻين پروگرامن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ کان مٿي پروگرام ڪيا، جن ۾ پنهنجي ڌنن ۾ ڀٽائي صاحب، سچل سرمست ۽ ٻين صوفين جا ڪلام ڳايا ۽ داد حاصل ڪيو. انهيءَ کان علاوه ٽي. وي تي خاص ڪري ”ڪچهري“ ۾، جيڪو پروگرام فتح خان ڪندو هو انهيءَ ۾ ۽ ٻين ٽي. وي. پروگرامن ۾ بہ ڪافي رڪارڊنگ ڪرائي آهي. ٽي. وي. تي گهٽ ۾ گهٽ 20-25 پروگرام ڪيا آهن. انهي کانسواءِ هن وقت ڀٽ شاهہ ريڊيو اسٽيشن تي ڀٽائي صاحب جا ڪلام ڳائي ڀيو جتي 50 کن پروگرام ڪري چُڪو آهي.

استاد تاراچند لطيف صاحب جي پيغام کي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي سنگم سان، سهڻي نموني پوري پاڪستان ۾ روشناس ڪرايو نہ صرف ايترو پر پنهنجي ذات وسيلي سنڌي ثقافت، تهذيب تمدن، راڳ ۽ ڪلاسيڪل موسيقي کي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ متعارف ڪرايو. ڪلاسيڪل راڳ ڪري ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريون ڪلاسيڪل گويو آهي، ۽ پنهنجي جاتيءَ جو نالو روشن ڪيو ۽ پنهنجو نانءُ تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرايو.

استاد تاراچند هڪ حليم طبع، ٻاجهارو انسان آهي. هر ڪنهن سان نهايت ئي سهڻي اخلاق ۽ ادب سان پيش ايندو آهي. ايتري قدر جو مڙني وصفن جي ذات مليل آهي. پنهنجي ذات ۽ ڪلام جي نيهن سان ڪيترن ئي شاگردن کي فيضور ڪيو. سندس گهٽ ۾ گهٽ 150 کان مٿي شاگرد آهن، جنهن ۾ خاص ڪري نيوند ڪمار، جيڪو هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو تمام سٺو گويو آهي. ان کان سواءِ مخدوم نويد زمان ولد طالب العوليٰ، محمد هاشم چنڊ، ڀڳت ڀاڳچند وغيره.

استاد تاراچند کي هارمونيم، سُر منڊل، تانپوري، طبلو ڍولڪ، يڪتارو، کڙتال ۽ بينجو وڄائڻ ۽ راڳ جي مڪمل ڄاڻ آهي. انهن

سيني سازن توڙي ڳائڻ جي اج تائين سکشا ڏيئي رهيو آهي. هُن هر جمعي جو ڏينهن شاگردن لاءِ وقف ڪيو آهي، جتي ڪيترائي شاگرد سکيا وٺندا آهن.

استاد تاراچند هارمونيم پاڻ ٺاهيندو آهي ۽ وڪرو ڪندو آهي وڏو ڪاريگر آهي، جنهن جو سامان لاهور ۽ انڊيا مان گهرائيندو آهي. استاد تاراچند ڊاڪٽر لونگ اميداڻيءَ جي معرفت، ڪراچيءَ ۾ شانتي ننگر ۾ راڳ جي سکيا جو ٽرنينگ سينٽر کوليو، جتي خاص ڪري آغا خان اسپتال جا ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون راڳ جي سکيا وٺنديون هيون ۽ هر هڪ کان ماهوار 2000 روپيه ملندا هئا، ۽ اُهي شاگرد 15 کن هئا. انهي ڪانسواءِ شانتي ننگر جي اسڪول ۾ ٻارن کي به راڳ جي سکيا ڏيندو هو. هُن پنهنجي پوري زندگي ڪلاسيڪل راڳ کي ارپي ڇڏي آهي. سندس پسنديده ڳائڪ استاد بڙي غلام علي خان، استاد برڪت علي خان، استاد عاشق علي خان انڊور گهراڻو، جيڪي خاص ڪري ڪلاسيڪل گويا سندس پسنديده استاد هئا. انهيءَ کان علاوه ڪي ايل سهگل، محمد رفيع، طلعت محمود، استاد محمد جمن، لتا منگيشڪر ۽ عابده پروين سندس پسنديده فنڪار آهن جن کي پسند ڪندو آهي.

سندس پسنديده شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، رکيل شاهہ، مصري شاهہ، سچل سرمست، ٻُلا شاهہ، غلام فريد ۽ سلطان باهو آهن، جن جا ڪلام اڪثر ڳائيندو آهي، ۽ ڀڄنن ۾ ڪبير ڀڳت، برمانند ۽ ميران بائيءَ جا ڀڄن ڳائي، پنهنجي ميگهہ ونس جاتيءَ جي محفلن ۾ ڳائي داد حاصل ڪيو آهي. هيءُ ڪلاسيڪل راڳ جو املهہ هيرو آهي.

# هيمراج پرمار

مور مئو پر ٿور نہ مرنديۡ ماري چاچا ماري سگهنديِن،
گل گل ۾ آ خوشبو بي پناھہ باغ سچو ٻا ٻاري سگهنديِن.

سُرن جو سرتاج خوشبوءَ سان ٽمٽار گل، سرڳواسي هيمراج پرمار، گجرات صوبي جي سانتل پور کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي ٻکوترا، تعلقہ سانتل پور، ضلع بناس ڪانٺا ۾ شري ماٽلداس پرمار ميگهواڙ جي گهر، جنم ورتو. ماٽلداس پرمار کي قدرت هڪ پُٽ تہ ضرور ڏنو پر اُهو وري پنهي اکين کان محروم هو. تنهن ڪري نہ ڪي هو انگريزن جي دؤر کي ڏسي سگهيو ۽ نہ ڪي بناس ڪانٺا جي اُداس ڳاڙهي ڌرتيءَ کي ڏسي سگهيو. سور داس هئڻ ڪري نہ ڪي گاهن، ٻارن ٻنين کي ڏسي سگهيو ۽ نہ ئي وري گام جي هڪ جيڏن سان راندروند ڪري دل بهلائي سگهيو. ائين ڦِڪي ۽ اُداس زندگي گذاريندي، ڪنهن وقت اڪيلائي ۽ تنهائيءَ ۾ ويهي خدا کان ناراض ٿيڻ جو خيال آيس، تہ شڪايت واري لهجي ۾ گيت جهونگارڻ لڳو تہ هڪ خوبصورت آواز هن جي گلي مان نڪرڻ لڳو. جنهن آواز ۾ مٺاس بہ هو تہ درد بہ هو. هيءُ جيڪو پاڻ کي ڏسي نہ سگهندو هو پر جڏهن هن پنهنجو ئي آواز پنهنجي گلي مان نڪرندي ٻڌو، تہ پاڻ سان گڏ هن سموري آس پاس جي ماحول کي ڏاڍو پُراسرار بنائي ڇڏيو.

ائين وقت جو پکيئڙو پرواز ڪندو رهيو ۽ هِن بہ پرواز ڪندي، جڏهن جوڀن واري جوانيءَ ۾ قدم رکيو تہ آخري گيت پنهنجي گام ۾ ڳائي اچي حيدرآباد سنڌ ۾ ديرو ڄمايو يا ڪٽي ائين چئجي تہ حيدرآباد ۾ پنهنجو ٻکوترا گام ٺاهيو جيئن مٽي ۽ وطن جي ياد سندس سيني ۾ سمايل رهي. حيدرآباد شهر ۾ رهندي ڳائڻ وڄائڻ کان علاوه صوفي ازم جو بہ پرچار ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ مڪمل طور صوفي بڻجي ويو. سدائين سادو لباس، ڪنڌ ۾ لڏندڙ ڳاڙهو ٽوال، وڏا وار ۽ يوڳ اسٽائيل ۾ ويهڻ وارو انداز هن جي سڃاڻپ بنجي ويو. تہ سندس چاهيندڙن جو تعداد بہ وڌندو ويو تہ سندس ڳلي مان نڪرندڙ

آواز ٻہ ڏُور ڏُور تائين پکڙنجندو رهيو ۽ ماڻهو انهيءَ سحر واري آواز ۾ مدهوش ٿيندا رهيا، تہ اهو سحر سانتل پور کان هجرت ڪري ايندڙ لکو پٽ ڏيوو رانوڙ وٽ جيمس آباد ۽ پوءِ پنگريو پهتو. تہ هڪ ئي درديلي ڌرتيءَ سان تعلق هئڻ ڪري انهن جي نينهن جو ناتو گرو چيلي ۾ تبديل ٿي ويو ۽ اڪثر مهينن جا مهينا اهو سور داس فنڪار جمس آباد ۽ پنگريو شهر ۾ گذاريندو هو. اهو خوبصورت آواز وارو ڪلاڪار پياڪ بہ وڏو هو. هو موکي جي مٽن جا مٽ پي ويندو هو ۽ بي حجاب پيئڻ کانپوءِ لطيف وارو تنبورو ڪڻي جڏهن سورٺ راءِ ڏياچ واري ٻيجل جيان ساز ڇيڙيندو هو. تہ سڄو ماحول تبديل ۽ پُراسرار ٿي ويندو هو. ۽ هن فنڪار جون فنڪاري آڱريون تنبوري جي تارن کي ڇيڙڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي گلي مان آواز ڪڍندو هو. تہ سڄي ماحول کي عجيب و غريب ٻڻائي ڇڏيندو هو. تہ جهونا جوڳي خبر نہ آهي ڪهڙي خيالن ۾ يا ماضي جي مزارن ۾ جهاتي پائي روئڻ لڳندا هئا. پر هي سور داس ڪلاڪار انهن جا ڳوڙها ڏسڻ کانسواءِ پنهنجي اندر جا اُڌما ٻاهر ڪڍندو رهندو هو. اندر ۾ تہ هي روئندو هو پر اُن جي لڪل ڳوڙهن کي ڪير بہ ڏسي نہ سگهندو هو. اهي صرف هُن جي سُر جا عاشق هئا يا تہ اُهي اُن جي سُرن ۾ پنهنجو جوڀن ۽ جِيوَن ڳوليندا هُئا ۽ هڪ ئي هنڌ ۽ هڪ ئي آسڻ هڻي سڄي سڄي رات ڪلا جا سُر وکيريندو رهندو هو. نہ وري موکيءَ جا مٽ ان کي مدهوش ٿيڻ ڏيندا هُئا. ۽ نہ ئي وري گلي مان نڪرندڙ آواز ان کي ٿڪائيندا هُئا.

هيمراج پرمار صاحب مڪمل اڻ پڙهيل هوندي بہ شاهہ صاحب، سچل سرمست، سامي، بابا بلي شاهہ، بابا فريد، ڪبير ڀڳت ۽ ميران ٻائيءَ کانسواءِ انيڪ صوفي شاعرن جا هزارين هندي، سنڌي، سرائڪي گيت، غزل ۽ ڪلام ڪيس بر زباني ياد هوندا هُئا، تہ مختلف راڳن ۽ سُرن تي پڻ عبور حاصل هو. وڏن وڏن صوفي شاعرن جا ڪلام ڳائي ڪري پاڻ بہ صوفي ازم واري شاعري ڪري گيت ۽ غزل جوڙڻ لڳو. تہ پاڻ ئي انهيءَ جي موسيقي ڪمپوز ڪندو هو. هيءُ هڪ بهترين موسيقار پڻ هو. گڏوگڏ انهي وقت جي قديم سازن جهڙوڪ

باجو ڍولڪ. ڏڪڙ پڪواس ۾ لطيف وارو سازندو وڄائڻ جو بہ وڏو فن ۾ ڄاڻ رکندڙ هو.

پنگريو شهر جي خاموش قبرستان ۾ سانتل پور ۾ جنم وٺي، 80 سالن جي ڄمار ۾ موڪلائي. آرام ڪندڙ پڳت ڏيوو رانوڙ جيان جڏهن هن سور داس ڪلاڪار کي بہ وطن جي ڇتي ۾ مٽي جڏهن گهڻو ستايو تہ هن بہ پنهنجي جنم ڀوميءَ واري ديس جي حاضري ڀري، من اندر کي شانت رکيو. مڪمل صوفي سنت فقير هئڻ ڪري هندوستان جي سيني مندرن ۾ مزارن تي حاضري ڀري، وڏو روحاني سِڪون حاصل ڪيو. رام ديو پير صاحب جي سماڌي رڻونجها ۾ پرڪرڻ مندر جي حاضري ڀرڻ مهل، هن سورداس صرف سُر ۾ سنگيت جي ڪلپنا ڪئي، تہ اها ڪلپنا پوري ٿي ۾ سور داس ڪلاڪار کي سُر ۾ سنگيت سان مالا مال ڪيو ويو.

شري هيمراج پرمار صاحب کي سُر راڻي تي مُڪمل عبور حاصل هوندو هو. جڏهن سُر راڻو ڳائيندو هو تہ هن تي هڪ عجيب قسم جو وجد طاري ٿي ويندو هو ۾ پوءِ اهو وجد ٻڌندڙن تي جادوءَ جو اثر ڇڏيندو هو ۾ ماڻهو اُنهي سحر ۾ تڙپندا گرفتار ٿيندا ويندا هئا ۾ جڏهن باک ڦٽندي هئي، تڏهن اسر مهل هن سور داس کي پنهنجي اندر ۾ راڻي جي مومل کي ڇتا تي چڙهڻ جو قرب محسوس ٿيندو هو. تہ هن جون فنڪار آڱريون وڇوڙي واري سُر تي ورلاپ ڪنديون هيون، ۾ جڏهن سُر راڻو ڳائيندو هو تہ ائين محسوس ٿيندو هو تہ اهو مومل ۾ راڻي جو وڇوڙو نہ پر اصل روحاني ميلاپ آهي، ۾ ٻڌندڙن جي دلين ۾ اهو خيال جنم جنم جهوٽا کائيندو هو تہ ڪاش ڪنهن ڪاري ڇڳ تي رات نہ ڪٽي، ۾ پرهہ نہ ڦٽي ۾ مومل راڻي جو ملن هر جنم ۾ ٿيندو رهي، ۾ ماڻهو صدين تائين سُر راڻو آلاپيندا رهن ۾ مومل ماڻيندا رهن.

هن سور داس سنڌ ۾ هند جي سمورن ننڍن وڏن شهرن توڙي ڳوٺن ۾ صوفي ازم جا صوفياڻا ڪلام ڳائي، هندو مسلم ايڪتا جو شاندار مظاهرو ڪيو ۾ سموري سنڌ کي پڻ متاثر ڪيو ۾ هندو مسلم لوڪ. هن فنڪار کي ڪنور ڀڳت جو ٻيو جنم پڻ چوندا هئا.

سموري عمر سُر سنگيت کي ارپيندڙ هن فنڪار ڪڏهن بہ ڌن دولت جي پرواهہ نہ ڪئي، ۽ نہ وري سيني ۾ پلجندڙ ڪنهن خواهش يا شهرت کي اپارڻ ڏنو. سڄي عمر ڪنوارپ (برهم چاريہ) ۾ ڪٽي ڇڏي پر ڪڏهن بہ هن ڪنوارن جذبن کي هن ڪوڙي سنسار جي ورچڙهڻ نہ ڏنو. بس هن جي پنهنجي دنيا هُئي، هي هو ۽ ساز آواز هئا. هن جا ڪئين چاهيندڙ بہ هُئا تہ هي بہ ڪنهن کي چاهيندو هو. جنهن جو نالو داني داس ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪو پڻ فقيري طبعيت وارو ساڌو سنت هو. جڏهن ساڌو سنت داني داس درويش حيدرآباد واري جي پيرن جي خاڪ کي چُمي، پنهنجي منهن تي مکي، تہ بدلي ۾ هن بزرگ هن سور داس فنڪار کي دعائن سان رڱي، وڏيڪ سُر سنگيت جا نوان نوان لاڙا، گس ۽ انداز سيکاريا. تہ هي سڄو سون ٻڻجي ويو. چڻ پارس، بس ڇُهڻ جي دير هُئي.

هن جي آواز جو جادو جڏهن جهلم، بياس ۽ ستلج جي سينن کي چيريندو اڳتي راوي ڪناري تي پهچي ويو. تڏهن اهو دؤر اُهو هو جڏهن هندوستان جي فلم ”انمول گهڙي“ جو هيرو دليپ ڪمار ۽ هيروئن نور جهان هُئي، جنهن کي ملڪہ ترنم جو لقب مليل آهي. پر جڏهن نابين هوندي سئنيما ۾ وڃي فلمون ڏسندڙ سور داس فنڪار جي خوبصورت ۽ درديلي آواز سنڌ جون سرحدون اورينگندو وڃي مهاراجہ رنجيت سنگهہ جي ڏيهہ لاهور پهتو تہ اُن آواز جو پڙاڏو وڃي اداڪاره ۽ فنڪاره ملڪہ ترنم نور جهان جي ڪنن تي پهتو تہ اهڙو سريلو ۽ شاندار آواز ۽ سُر ٻڌي نور جهان جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. هي آواز جي دنيا جو هڪ انمول ۽ اپرندڙ ستارو هو جنهن نور جهان جهڙي ان وقت جي وڏي ڪلاڪار راڻيءَ کي بہ متاثر ڪري وڌو. تہ هن يڪدم نوان ويس وڳا پائي، چپن تي لالي پائوڊر لڳائي، لاهور کان نڪري اچي ٽڏي راتين ڪان مشهور شهر حيدرآباد پهتي، ۽ اچي انهي سور داس فنڪار سان ملاقات ڪئي، تہ ٻنهي اکين مان محروم ۽ اُداس انسان سان ملي متاثر تہ گهٽي ٿي پر سندس جادوئي آواز تي حيران بہ ٿي. ميڊم نور جهان جڏهن انهي سور داس فنڪار کي پاڻ سان گڏ گانا ڳائڻ لاءِ التجا ڪئي، تہ هي فقير انڪار ڪري نہ

سگھيو ۽ پوءِ نور جهان ۽ اُنهي سور داس فنڪار پنهي گڏيل ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ڳائي، آواز جو جادو سموري ڏيهه ۾ ڦهلايو. جيڪو اڄ به جهونن جوڳين کي ياد هوندو. حيدرآباد جي نيو ميجسٽڪ سئنيما ۾ سپ کان پهرين هنن گڏجي گانا ڳايا. نور جهان سان گڏجي گانا ڳائڻ جي شهرت جڏهن دور دور تائين پهتي، ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وارن پڻ هن جي آواز ۾ صوفين جا صوفياڻا ڪلام رڪارڊ ڪيا. جيڪي اڄ اسان جهڙن کي ٻڌڻ لاءِ ڪونه ٿا ملن. ۽ انهن کي ڳولهڻ جي سخت ضرورت آهي. جيئن اڄ اسين ماضيءَ جي گمنام ٿي ويل سور داس فنڪار جا ڳايل ڪلام ٻڌي، ماضيءَ جي دنيا ۾ سفر ڪري سگهون، ته گڏوگڏ ماضيءَ جي موسيقي ۽ سُرن سان روشناس ٿي سگھون. ماضي، جيڪو انسان جو خوبصورت آئينو هوندو آهي. هي سور داس سنت، حيدرآباد ۾ رهڻ دوران ڪيترائي چلا ڪيا، جنهن ۾ چاليهه ڏينهن تائين ڪجهه به نه کاڌائين ۽ وجي حقيقي ۽ روحاني رمز کي پروڙي ورتائين، ته آخرڪار پنهنجي موت کان صرف هڪ هفتو اڳواٽ پنهنجي چاهيندڙن کي اهو ٻڌايو ته هو ايندڙ سومر واري ڏينهن اوهان جي دنيا کان موڪلاڻي ڪندو، ۽ منهنجي خواهش آهي ته منهنجا چاهيندڙ سومر تي موڪلاڻيءَ واري ڏينهن مون وٽ اچن، جيئن آئون انهن سان خوب آخري ڪچهري ڪري، انهن جو موجودگيءَ ۾ موڪلايان. گڏوگڏ هيءَ وصيعت به ڪري ڇڏي ته منهنجي مڙهه کي ٽنڊوالهيار واري راما پير جي مندر جي احاطي ۾ سماڌي ناهي دفن ڪن. دنيا جي دنياوي لوڪن ته اهو مذاق سمجهيو پر ان جي سچن چاهيندڙن ان کي سچو ۽ پڪو سمجهيو، ته هاڻ هي فقير پنهنجا لڏا کڻڻ وارو آهي، ۽ هن جي منزل هاڻي ٻئي دنيا ۾ آهي. پورو هفتو راما پير جو مندر، اُن جي چاهيندڙن سان پرجندو رهيو، ننگر پاڻي جو نياز به هلندو رهيو ته رات جو ست سنگ جون محفلون پڻ مچنديون رهيون (وڪرم سنبت مطابق 2026) عيسوي سال 1969ع سومر واري شام، هزارين چاهيندڙن جي موجودگيءَ ۾، بلڪل صحتمند حالت ۾ يوگ اسٽائيل ۾ آسڻ ۾ ويهي، امرت جو فاني پيالو پي، هن فاني سنسار کان مرڪندي موڪلاڻي ڪئي، ته هزارن جي

تعداد ۾ سندس چاھيندڙ جن جا من تہ اندر ۾ اداس ھئا، پر انھن جا چھرا پرسڪون ھئا. ان ڪري جو سندس سور داس سنت مرشد فقير ۽ ڪلاڪار جو چھرو پرسڪون ھو. ھن شخص ڪي ڪير بہ وساري نہ ٿو سگھي، تہ ماضيءَ جي مزار بڻيل تاريخ جو ھڪ وڏو ۽ معتبر نانءُ، ذھن جي اسڪرين تي تري ايندو. جيڪو اڄ بہ ٽنڊو الھيار مندر ۾ آرامي آھي، جنھن جو نالو ميگھواڙ ٻاپو امر ھيمراج پرمار آھي. ان مھان ميگھواڙ ڪلاڪار جو ذڪر، سائين تيرٿداس اميداڻي صاحب، پنھنجي ڪتاب ميگھہ ونس اتھاس، ۽ ايف سي رانوڙ پنھنجي ڪتاب، ”تاريخ، ڌرتي ۽ درد“ ۾ پڻ ڪيو آھي.

# ڀڳت صالحورام ٻالاڻي

(1930ع کان 2006-02-18)

ڪا پونءِ ڀلاري ٿيندي آ، سنتن ڪي جنم ڏيندي آ،
ڪا بات نياري ٿيندي آ، جا سُتلن ڪي جاڳائيندي آ.

سنڌ جي سونهاري سر زمين پنهنجي ڪُک مان ڪيترائي عالم، اديب، سنت، ڀڳت، صوفي، راڳي منش جنم ڏنا آهن. جن پنهنجي فن ۽ فڪر سان، سياءُ ۽ سوچ سان هن سنسار ۾ امن، ڀائيچارو ۽ روشن خياليءَ سان پنهنجي حياتي وقف ڪئي، ۽ سنتن ڀڳتن پنهنجا ڪلام آلاپي پنهنجي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر محبت جا واهڙ واهيا. تعصب ۽ دوئيءَ کي دور ڪرڻ جا هوڪا ڏنا. اهڙوئي هن ڀلاري پُونءَ جو البيلو ڀڳت صالحورام ريگستاني خطي ٿرپارڪر سميت، پوري سنڌ ۾ هڪ الڳ ٿلڳ ۽ منفرد مقام رکي ٿو. هن جي گلي ۾ ايڏو سوز ۽ ميناج هو جو جڏهن بہ ڪنهن محفل يا ڪچهريءَ ۾ ڳائڻ وينهندو هو، تہ سيني پريمين کي موهي وجهندو هو.

ڀڳت صالحورام 1930ع ڏاري گڏيءَ جي گود ۾ وسندڙ منيءَ جي منڙي ۽ تاريخي شهر ۾، سرڳيہ لالو (لالچند) کوکر جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو موتان پتڙيہ، جيڪا ڳوٺ ڪيڪنيو تعلقہ منيءَ جي هئي. پاڻ شادي ڳوٺ ٻتڙي، تعلقہ منيءَ مان سجڻ مل درڙو جي ڌيءَ هستو سان ڪئي. جنهن مان ڪيس ٽي نياڻيون ۽ هڪ پُٽ جو اولاد آهي، جيڪي شادي شده آهن.

ڀڳت صالحورام جو خاندان راڄنيتي ۽ سماجي حوالي سان پڻ تعارف جوڳو پس منظر رکي ٿو. سندس ڏاڏو ٻالچند (ٻالو) پنهنجي ميگهہ ونس ڪميونٽيءَ جو چڱو مڙس رهي چُڪو آهي. وطن دوستي ۽ سچائيءَ جي ثبوت تحت، بالي (ٻالچند) کي ٻنيون معافي طور مليل آهن، جيڪي اڃا پڻ موجود آهن ۽ سندس چاچو هيرو ٻالاڻي، جنهن کي پٽيل جو لقب مليل هو. پراڻي دؤر ۾ پٽيل هڪ وڏي حيثيت رکندڙ ڳوٺ جا رکوالا سمجهيا ويندا هُئا.

ڀڳت صالحورام فقط هندي پڙهيل هو ۽ سندس ڏنڏو بوٽن ٺاهڻ جو هو. جنهن جو هو وڏو ڪاريگر هو. ڀڳت صالحورام شروع کان ئي صوفياڻي طبيعت جو مالڪ هو ۽ هن جو آهستي آهستي ڀڳتيءَ طرف لاڙو وڌيو. مائي ڀاڳي ۽ مراد فقير جي صحبت ۾ رهڻ ڪري هن کي ڳائڻ جو شوق ٿيو ۽ مراد فقير کان ڳائڻ سکيو ۽ هُن مراد فقير کي اُستاد طور قبول ڪيو ۽ ڀڳتيءَ جي ڌرمي روايتن تحت سنڌ جو مهان سنت پاتارام کان ستگروءَ جو وردان ورتو. پاتارام ڳوٺ رامهون جو رهواسي هو ۽ هڪ پهتل شخصيت هُئا. جنهن جي اڄ بہ سال بہ سال راموهور ۾ ورسي ملهائي وڃي ٿي.

ڀڳت صالحورام ڪيترن ئي شاعرن کي ڳايو آهي، جن ۾ خاص ڪري ڪبير ڀڳت، گورک ناٿ، تُلسيداس، ميران بائي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، بُلي شاهہ، روحل فقير ۽ مصري شاهہ وغيره شامل آهن. ڀڳت صالحورام سنڌ جي ڪيترن ئي اوليائن، درگاهن ۽ پيرن فقيرن جي آستانن تي ڳايو آهي، جن ۾ خاص ڪري شاهہ عبداللطيف، قلندر، سمن سرڪار، سانوڻ فقير، ڀڳت نيٺورام آڪاڙو، پير پٺوري جي ميلي ۾ سدائين سُرتال جون تندون سوري محفل کي چار چنڊ لڳائيندا هئا، ۽ هر سال پير پٺوري صاحب جي حاضري ڀري ڀڄن ڳائي پيتا جا ڦُل پروان ڪندا هُئا. ان ڪانسواءِ ڪرشن ڳڙهہ انڊيا ۾ پڻ ڪيترن ئي آستانن تي پنهنجي ڀڳتي، صوفي پنٿ ۽ ڪلا جا جوهر ڏيکاريا. ڀڳت جا ڪيترائي چيلا آهن. جيڪي پوري سنڌ ۾ امن ۽ آشتيءَ جو پيغام ڦهلائي رهيا آهن.

سندس گائڪيءَ ۾ ڪافي شاگرد آهن، جن ۾ خاص طور هڪ سندس پُٽ بصر مل، مراد فقير اسلام ڪوٽ، سرڳواسي ڀڳت پنهون مل گانگاڻ وارو، ڀڳت سترام ڪنري وارو آهن. ڀڳت صاحب سنڌي، اردو، سنسڪرت، هندي، ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ٻولين تي مهارت رکندو هو.

پاڻ 15 کن راڳن جي پوري طرح ڄاڻ رکندو هو. جنهن ۾ پيروي، ڪوهياري، پهاڙي ۽ سورٺ، جيڪي کيس تمام گهڻو پسند هئا.

سندس پسنديده فنڪار استاد محمد جمن، عابده پروين هئا پر استاد مراد کي وڏيڪ مڃتا ڏيندو هو. جو هو هڪ گويو هو. ڀهرين جوڙ

جو. سندس پسنديده ڪتاب گيتا، يوڳ وشيش، رامائڻ، مهاڀارت ۽ شاهہ جو رسالو وغيره هئا. ڀڳت صالحورام جون ڀ پجننن جون ڪيسٽون رڪارڊ ڪرايل آهن، جيڪي مارڪيٽ ۾ موجود آهن ۽ انهن کي تمام گهڻي مهانتا ملي آهي.

ڀڳت صالحورام ريڊيو پاڪستان تي بہ ڳايو. سندس 35 کن ڪلام رڪارڊ ٿيل آهن. ان ڪانسواءِ هڪ پروگرام ٽي. وي تي بہ ڪيو هو. ريڊيو پاڪستان تي سندس ڳايل ڪلام (اُٺي چرخو چور ستي مون سور پرايا) جيڪو ڪافي مشهور ٿيو ۽ ڪيترائي دفعا ريڊيو پاڪستان تان نشر ڪيو ويو آهي. صالحورام ڀڳت ۽ گائڪ هئڻ سان گڏوگڏ هڪ وڏو ڪوي ۽ شاعر بہ هئا. هن جا رچيل ڪيترائي ڀڄن ۽ ڪلام پڻ آهن تن ۾ خاص هي آهن:

”مِٺي تي آهين مستان، اکڙيون ڪول انڌا انسان“، ”اچو تہ پيارا خوشيون ملهايون“، ”هاڻي وڃان ٿو اوهان کان وڇڙي“، ”نہ ڪر تون ناداني“، ”اچي سِر تون نِمائي“.

ڀڳت صالحورام جا ڳايل مشهور ڀڄن:

”جسيو توڙل قصو ٻال ليلا قصو هرچند پراڻ قصو“، ”ميگهہ رِک جُگا جُگ آگي واڻ قصو“، راجا ڀرتري، قصو ڀڄن ڏن ڏن ڀاڳ اڳڻ گرو آيا، اوگڻ ٻهوت ڪيا ڪبير ڀڳت، لاڳا سڌ ڪا ٻاڻ ڪبير ڀڳت، ڪامڻ ڪارا ڪانجي ميران ٻائي، راجو ڪين ڪري ميران ٻائي، شام پيا موري رنگ دي چنريا.

ڀڳت صالحورام کي نہ صرف ڳائڻ جو فن حاصل هو پر واقعي ڀڳت هو ۽ ڀڳوان جي رنگ ۾ رنگجي چُڪو هو. هن وٽ سناتن ڌرم جي تمام گهڻي ڄاڻ هُئي. هن ڀڳوان جي ڀڳتيءَ کي تمام ويجهو ڏٺو ۽ پرکيو. هو امن ۽ ڀائيچاري، محبت ۽ خلوص جو پيغام پهچائيندڙ ڀڳت ۽ هڪ الله تي يقين رکندڙ پنهنجي سموري حياتي راڳ کي ارپي ڇڏي. هن پوري عمر سُرتال کي ساهہ کان وڌيڪ سانڍيو. هو هڪ آدرش ۽ مهان پرش، ميگهہ ونس جو وڏو اثاثو هو پر افسوس جو اسان جي معاشري ۾ جيئري جاڳندي مثال جو ڪوئي قدر نہ آهي.

آخر ۾ پڳت هڪ عجيب بيماري ڏُٻٽيءَ ۾ هڪ سال مبتلا رهيو ۽ پنهنجا آخري حياتيءَ جا ڏينهن تڪليف ۾ گذاريا. پر معاشري ۾ هن مهان سنت جي ڪنهن بہ سار نہ لڌي. جنهن هميشہ خوشيون ۽ مسڪراهٽون ورهايون، پر هن موذي مرض سان لڙندي نيٺ 18 فيبروري 2006ع تي، رات جو پوئين پهر پنهنجي زندگيءَ جو آخري دم ڏٽي حوالي ڪيو ۽ پويان وڏو خاندان سوڳوار ڇڏيو.

پويان سندس پُٽ پڳت بصر مل بہ هڪ سٺو گويو آهي. راڳ ۾ ميٺاس آهي ۽ ماڻهن کي موهي وجهي ٿو ۽ سندس هر سال ورسي ملهائي ويندي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي سنت، پڳت اچي ڪيس شرڌانجلي جا قول چڙهائيندا آهن.

پلي ڪُڇہ نهين بانڌتي، پنڇي اور درويش،
جس ني تڪيا رب دا، تس ڪو رزق هميش.

# ڀڳت سومجي ڀاٽيا

ڀڳتي ڪري پاتال ۾، پرگھٽ هووي آڪاس،
رجب تينون لوڪ ۾، نهين ڇپي هري ڪا داس.

موسيقي، شاعري ۽ سُرن جي سنگم جو ٻيو نالو آهي. ڪائنات جي حسناڪي موسيقيءَ سان جُڙيل آهي. ويدن کان وٺي لطيف سرڪار جي شاعريءَ تائين، لطيف کان وٺي اياز جي گيتن تائين، سنڌي شاعري موسيقيءَ سان ٽمٽار رهي آهي. سنڌ جو هڪ پنهنجو صوفياڻو رنگ آهي. ساڌ ٻيلي کان وٺي ساڙدڙي تائين، پير پٿوري جي ماڙيءَ کان وٺي پار برهمر تائين، لطيف جي نگري توڙي ساڙدڙي جي آستاني ۾ جڏهن راڳين ۽ ڀڳتيءَ جو آواز ٻڌجي ٿوته انهي مهل سنڌ جو تصوف مون کي دنيا جي تصوف کان بلڪل نرالو نظر ايندو آهي. هن وقت سڄي دنيا ۾ بارود جي بوءِ اچي رهي آهي، ۽ دنيا ۾ هر هنڌ رت جي هولي کيڏي پئي وڃي، ته اُتي ڀڳت ڪنور رام ۽ سومجي ڀاٽيہ جهڙن ڪلاڪارن کي ٻڌي زندگيءَ ۾ گهڙي پل سڪون ضرور ملي ٿو. اڄ انهي مهان راڳي ميگھہ ونس سومجي ڀاٽيا جو ذڪر ڪريان ٿو، جنهن جو جنم سال 1932ع ۾ ڳوٺ مسڻ وڏي تعلقہ ٽنڊو الهيار ۾ سرڳواسي جالو رام نک ڀاٽيا جي گهر ٿيو. سندس ماتا شري جو نالو بيڪان ٻائي، ڌي رامو مل ذات سيجو ڳوٺ ڊينگاڻ پرڳڙي تعلقہ ڪوٽ غلام محمد جي هئي. پاڻ انگريزي پڙهي سگهي ٿو. ڪانگريسي اسڪول ۾ ABC پڙهيو هو. سندس شروعاتي ڏنڏو ٻيڙي ٻڌڻ ۽ ان ڪانپوءِ ٽيلر ماستر ٿي 1960ع ۾ مسڻ وڏي کان لڏي اچي ميرپورخاص ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ اڄ تائين رهن پيا.

پاڻ شادي سال 1948ع ۾ شريمتي ڏيما ديوي ڌي ڪرنا رام، ذات پنوار ڳوٺ ڪنديارا تعلقہ سانگهڙ سان ڪئي، جنهن مان کيس اولاد ست نياڻيون ۽ هڪ پُٽ وڪرم داس، جيڪو VII ڪلاس ۾ پڙهي پيو. کيس ننڍي هوندي کان ڳائڻ جو شوق هو ۽ سندس ڏاڏو هڪ سنت هو، ۽ پوءِ ويرو مل پونم رام کان ڳائڻ جي سکيا ورتائين.

سال 1978ع ۾ هن پهريون دفعو ريڊيو پاڪستان تي ڳائڻ شروع ڪيو ۽ استاد خان صاحب منظور علي خان کان باقاعدي راڳ جي سکيا ورتي، ۽ پنهنجو راڳ وديا گرو ڪيائين، ۽ 1950ع ۾ سنت اميدرام گدڙو چارڻ واسيءَ کي پنهنجو روحاني گرو ڪيائين.

1980ع ۾ پير پٿوري صاحب جي مهما جي ڀڄنن کي ڪيسٽ جي صورت ۾ رڪارڊ ڪرايائين، جنهن کي پوري ميگهہ ونس جاتيءَ ساراهيو ۽ مشهوري ماڻي. هن وقت 32 راڳڻيون ڳائي سگهي ٿو. سندس پسنديده راڳڻيون، ملهار، ڀوپالي، مالڪوس، ييم ڪلياڻ، پهاڙي، ڪاموڏ ۽ سورٺ شوق سان ڳائيندو آهي.سندس پسنديده گلوڪار خانصاحب استاد منظور علي خان، صالحورام راجوخاناڻي آهن. شاعرن ۾ برهمانند، ڪبير صاحب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ميران بائي سندس پسنديده شاعر آهن. 1976ع ۾ انٽرڪانٽينينٽل هوٽل لاهور ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب سان ملاقات ٿي. ppp جي پهرين ڪنويشن ۾ شرڪت ڪئي، جنهن لسٽ ۾ سندس نمبر 74 هو ۽ پارٽيءَ جو بنياد رکيو ويو ۽ بنگلاديش تسليم ڪرڻ وقت بہ سومجي ڀاٽيا ذوالفقار ڀٽو صاحب سان گڏ هو.

1990ع ۾ 500 ماڻهن جي جٿي سان گڏ تيرٿ ياترا لاءِ انڊيا ويو. جٿي دهليءَ ۾ هُن جٿي جي اڳواڻي ڪئي ۽ اٽل بهاري واجپائيءَ سان ملاقات ڪئي. هٿ ملايو انهي ڪانپوءِ راجيو گانڌيءَ سان دهليءَ ۾ سندس بنگلي تي، جٿي جا سڀ ماڻهو مليا ۽ هٿ ملايو.

انڊيا ياترا دوران راءِ پور ۾ ساڌرام آسارام تي ڳايو ۽ اُتي اسٽيج تي ڳائيندڙ ڪلاڪارن جي خاص فرمائش تي سنڌي ڪلام ڳائي وينلن کي جهومائي وڌو ۽ ڪيس سارهايو ويو ۽ ڪافي انعام سان نوازيو ويو. انهيءَ ڪانسواءِ امراوتيءَ ۾ لال سائين اڏيرو جي ميلي وقت، جو چيٽي چنڊ تي لڳندو آهي، اُتي چار ڀڄن ڳائي داد حاصل ڪيو. انهي ڪانسواءِ هري دُئار ۾ شري رام ڪاليج ۾ پڻ ڀڄن ڳاتا. جيڪي ڪافي پسند ڪيا ويا.

انهيءَ کان اڳ ۾ سال 1980ع ۾ هنگلاج ماتا جي ياترا ڪري آيا. اُتي بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري مهانتا حاصل ڪئي. اهڙيءَ

طرح ڀڳت سومجي ڀاٽيا پنهنجي عمر جا 45 سال راڳ کي ارپي ڇڏيا، اجا بہ ڳائي رهيو آهي. ڪيترن ستسنگن ۾ گهرايو وڃي ٿو ۽ سريلي ۽ مٺي آواز سان ماڻهن کي موهي وجهي ٿو. گڏوگڏ ڌرمي پرچار ڪندا رهن ٿا. تعليم لاءِ ٻارن جي پڙهائڻ لاءِ خاص تاڪيد ڪندا رهن ٿا، ۽ نشي وغيره کان دور رهڻ جا درس ڏيندا رهن ٿا.

ڪبير سنگت ساڌڪي، جيون گندي ڪا داس،
جو ڪڇهہ گندي دي نهين، تو ڀي واس سواس.

# صوفي فقير رامچند

ڪنهن جي منهن ۾ هري، ڪنهن جو وات گلاب،
اُهي ماڻهو لاجواب، لطيف جن جي لفظن ۾.

راڳ اهڙي وڻندڙ شيءِ آهي جا روح کي راحت ڏي ٿي. سنڌ جي پوِمي صوفين فقيرن جي سرزمين آهي. جتي ڪيترائي موسيقيءَ جا ماهر ۽ قدردان رهن ٿا ۽ اهڙن صوفين فقيرن جي راڳ رنگ جون محفلون صوفين جي درگاهن تي متل رهن ٿيون. اهڙي ئي هڪ صوفي فقير رامچند جوبو. سال 1964ع ۾ پمن جوبو ڳوٺ درگاهہ پاڪ سنگهار تعلقہ ٽنڊو الهيار ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو راهي ذات گنڊير جيڪا ٽارو گنڊير جي سُپتري هئي، تازو سرڳواس ٿي آهي. فقير رامچند شادي نرمل گُجر جي نياڻي چندري گجر ڳوٺ اڪرم ڪالوني ٽنڊوالهيار سان ڪئي. جنهن مان کيس 3 نياڻيون ۽ ٻہ پٽ آهن. 1. وسند ڪمار مئٽرڪ ۾ آهي، ۽ ٻيو آنند ڪمار ڇهون ڪلاس پڙهي پيو.

پاڻ سال 1967ع ۾ پاڪ سنگهار مان لڏي ڳوٺ احمد هاليپوٽا، لڳ درگاهہ وتايو فقير قبو بس اسٽاپ، تعلقہ ٽنڊو الهيار ۾ هميشہ لاءِ رهائش اختيار ڪئي آهي. پرائمري تعليم پرائمري اسڪول احمد هاليپوٽا مان پنج درجا پاس ڪيائين، غريبي هجڻ ڪري وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪيائين. سندس گهر اڳيان طاهر فقير جي درگاهہ آهي، جتي هر مهيني 18 سنڌي تاريخ تي ڏهاڙو بادلو فقير بهراڻي ملهائيندو آهي. جتي خاص ڪري فقير يار محمد، بادل فقير ڳائڻ ڪندا آهن، جتان کيس راڳ جي لئون لڳي. ان وقت سندس عمر 12 سال هئي ۽ ڳائڻ جو شوق جاڳيو. شروع ۾ هڪ ڪاٺ جي لڪڙيءَ ۾ نائلون جو ڌاڳو ٻڌي، ان هيٺان نڪري لڳائي روزانہ طاهر فقير جي درگاهہ تي پيراندي ويهي وڄائيندو هو. جتان کيس اندر ۾ راڳ جو ديپ روشن ٿيو اهڙيءَ طرح سال 1979ع ۾ باقاعدي راڳ جي سکيا آزاد فقير، ڊول فقير ۽ فضل فقير جي صحبت ۾ رهي ڳائڻ شروع ڪيو. پهريائين ڳائڻ جي شروعات طاهر شاهہ جي درگاهہ تي ڳائي

ڪيائين. سال 1982ع ۾ باقاعدي استاد ڊول فقير کان شاگرديءَ جو ڏاڳو ٻڌايو ۽ پنهنجو استاد (گرو) ڪيو ۽ باقاعدي کان راڳ ۽ راڳڻين جي سکشا ورتي.

سپ کان پهريائين سال 1988ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد نالي رنگينو پروگرام، جيڪو ڪوثر برڙو صاحب پروڊيوسر ڪرائيندو هو، جتي پهريون ڪلام "هتي آهيان انسان هُت نه ڄاڻان ڪير مان آهيان" جتان مشهوري ملي ۽ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. سال 1994ع ۾ پي. ٽي. وي. پروگرام "ڪچهري" جيڪو ڪراچيءَ ۾ ڪيس جناب ستار ٻچاڻي MPA صاحب جي مهربانيءَ سان شرڪت ڪرائي، اهو پروگرام اقبال سعيد انصاري صاحب ڪرايو جتي ڪلام "شال جيئن پيئي ساٿ سچا ٿيا سيئي" ۽ "عمر مون نه ٿا وسرن ويڙيچن جا واڙا" جيڪو ڊول فقير جو مشهور ڳايل ڪلام آهي، اهي ٻئي ڪلام PTV تان نشر ٿيا. جتان سندس مشهوري شروع ٿي. صوفي فقير رامچند هڪ تمام وڏو صوفي راڳي ۽ ڪلاڪار آهي. مالڪ سائين کيس سُريلو آواز بخشيو آهي. پاڻ درگاهن، نجي محفلن ۽ شادين ۾ ڳائي ٻڌندڙن تي وجد طاري ڪري ڇڏيندو آهي. هُن جو ڳائڻ فقيري رنگ جو آهي. لباس گيڙو ويس، پٽڪو يڪتارو ۽ چپڙيءَ تي ڳائيندو آهي، جيڪو انداز ماڻهن کي موهي وجهندو آهي.

سال 1989ع ۾ حاجي خادم حسين خان، خانپور مٿياري واري جي مهربانيءَ سان، ممبئيءَ ۾ سنڌي درويش غلام الاهي جي عرس مبارڪ تي پنهنجي خرچ سان هوائي جهاز ۾ صوفي رامچند فقير ۽ آزاد فقير کي وٺي ويا، جتي صوفياڻي انداز ۾ پروگرام ڪيو ۽ گهڻو سارهايو ويو. انديا ۾ 2 مهينا رهيا، اُتي ڀوپال، بيرگڙهه، آگرهه، فتح پور سيڪري، مٿرا ۽ ٻين ڪيترن ئي هنڌن تي ڳائي داد حاصل ڪيو ۽ ڪيترو ئي انعام ۽ تحفا ۽ ڪافي ڪيش انعام مليو.

سال 1995ع ۾ مصري شاهه جو ميلو جيڪو نصرپور ۾ لڳي ٿو جتي ارشاد علي سومرو صاحب، جو اُن وقت وائيس چانسلر زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام هو جن شرڪت ڪئي ۽ فرمائش ڪئي ته اهڙو

صوفي آهي جو ڏول فقير جا ڳايل ڪلام ٻڌائي؟ جتي صوفي رامچند چيو تہ سائين آئون ٻڌايان ٿو. جتي ڪلام ”لائي تہ نماڻي سان نينهن محب ائين نہ منهن مٽجي“ ڳايو ۽ ٻيا بہ ڏول فقير جا ڪلام ٻڌايائين. سومرو صاحب ايترو تہ متاثر ٿيو ۽ خوش ٿيو ۽ ڪانئس پڇائين، تہ نوڪريءَ ۾ آهيو يا نہ؟ رامچند ٻڌايو تہ سائين ڪٿان نوڪريون آيون؟ اسان فقيريءَ ۾ خوش آهيون. زندگي بصر پيا ڪريون. سومري صاحب اُتي نوڪريءَ جو اعلان ڪري نائب قاصد ڪري مقرر ڪيو. پر فقير رامچند قبول نہ ڪيو ۽ چيائين تہ سائين اها نوڪري منهنجي استاد ڏول فقير جي پٽ کي ڏيو جنهن جو حق آهي، مون کي نہ کپي. سومرو صاحب وائڙو ٿي ويو ۽ وڏيڪ خوش ٿيو تہ پنهنجي استاد جو ڪيترو قدردان آهن. جنهن تي سومرو صاحب خوش ٿي ڏول فقير جي پٽ ۽ رامچند صوفيءَ کي نائب قاصد ڪري زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ رکيو. جتي اڄ تائين نوڪري ڪري رهيو آهي. نيشنل آرٽ ڪائونسل اسلام آباد وارن کي ٻاهر ملڪن ۾ پروگرام ڪرڻ لاءِ صوفي سِنگر فقيرن جي ضرورت هئي. انهن ڪيس گهرايو. جتي پوري پاڪستان مان 50 ڄڻا مختلف گائڪ شامل ٿيا. جتي صوفي فقير رامچند پنهنجي ٽولي ۾ 7 ڄڻن يڪتاري ۽ چپڙي تي ڳايو. تمام پسند ڪيا ويا ۽ هر هڪ کي ويهہ هزار ڪئش ۽ ٻيا انعام مليا.

وري نيشنل آرٽ ڪائونسل اسلام آباد طرفان صوفي رامچند کي سِنگر جي صورت ۾ ماسڪو، مانچسٽر، گلاسگو بريٽ فورڊ، لنڊن، دبئي ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ پروگرام ڪرايو. جتي ڳائي صوفي رامچند پنهنجي سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ کي متعارف ڪرايو ۽ سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪيو بلڪ ميگهہ ونس جاتيءَ جو بہ نالو روشن ڪيو. جتي ڪيترائي انعام، سوڪڙيون مليون. انهي ڪانسواءِ فقير رامچند پنهنجي ملڪ ۾ ڪيترين درگاهن ۽ شهرن ۾ فن جو مظاهرو ڪري پاڻ ملهايو. جنهن ۾لاهور، ڪراچي، ڀٽائي صاحب، سچل سرمست، قلندر شريف، مصري شاهہ ۽ پير محمد شاهہ ۽ ٻين هنڌن تي پروگرام ڪري چُڪو آهي.

1998ع ۾ سيد جمن شاهه جي ميلي، جيڪو حيدرآباد ۾ لڳي ٿو جتي اسٽيشن ڊائريڪٽر سڪندر بلوچ صاحب پروگرام ڪيو جتي عارفانه ڪلام ڳائڻ جي مڃتا طور کيس ”سيد جمن شاهه“ ايوارڊ سان نوازيو ويو. 2000ع ۾ زرعي آڊوٽيريم زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ڊول فقير جي ورسيءَ جي موقعي تي ڊول فقير جا ڳايل ڪلام ڳايا، جتي کيس ”ڊول فقير ايوارڊ“ نصيب ٿيو. 2005ع ۾ وڪيل ارجڻ داس پنهنجي پٽا امر وير لڌارام جي ورسيءَ جي موقعي تي ”امر وير لڌارام ايوارڊ“ سان نوازيو. انهي ڪانسواءِ هُن ڪيترن ئي هندن تي ڳايو جتي مڃتا طور کيس سرٽيفڪيٽ مليا آهن.

1995ع ۾ پاڪستان وليج ميوزڪ فسٽيول ۾ کيس مڃتا سرٽيفڪيٽ مليو. 31 مارچ 1998ع تي سارنگ سوشل ائنڊ ڪلچر آرگنائيزيشن حيدرآباد طرفان ”سنڌ ايوارڊ 1998ع“ جي پروگرام ۾ مڃتا طور سرٽيفڪيٽ مليو. مصري شاهه ميموريل ڪاميٽي نصرپور جي 127 ساليانه عرس جي موقعي تي مڃتا طور سرٽيفڪيٽ مليو. 19 اپريل 2012ع تي حضرت پير شريف محمد شاهه جيلانيءَ جي 84هين ساليانه عرس مبارڪ تي ڪيل بهترين ڪارڪردگيءَ تي موسيقيءَ بابت تعريفي سرٽيفڪيٽ مليو.

# ڀڳت صالحورام راڄو خاناڻي

(1895 کان 2005)

ڪي اوڏيائي ڏور، ڪي ڏور ٻہ اوڏا سپرين،
ڪي سنيرجن نہ ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور،
جيئن مينهن ڪُنڊيءَ پور، تيئن دوست وراڪو دل سين.

ڀڳت، راڳي صالحورام ڳوٺ ڏاپي تعلقہ ماتليءَ ۾ سال 1895ع ۾ ڪنو مل ٻاروپار جي گهر اک کولي. پاڻ شادي شهر راڄو خاناڻيءَ مان تارو مل درزي جي ڌي جيوان سان ڪئي. جنهن مان کيس 4 نياڻيون ۽ 2 پٽ وڏو مرچو مل، جو درزڪو ڪم ڪندو آهي ۽ ٻيو هيمنداس ڀڳت، جيڪو رازڪو ڪم ڪندو آهي ۽ گائڪ بہ آهي. ڀڳت صاحب طبيعت جو تمام مانيٽو نرم دل ۽ طبعيت ۾ ٻاراڻي هوندي هئي. ڪڏهن بہ ڪنهن سان ٻاڙو ڪونہ ٻوليو ۽ نہ ڪوڙ ڳالهايو. ڀڳت صاحب جو ڏنڌو ٻوٽ ناهڻ ۽ گهوڙن جي تل ناهڻ جو ڪم ڪندو هو. پاڻ اڻ پڙهيل هو. پاڻ ٽن سالن جو هو تہ سندس پتا گذاري ويو ۽ ٻارهن سالن جي عمر ۾ سندس ماتا بہ موڪلائي ويئي. سندس وڏو ڀاءُ رتن، جيڪو آواره قسم جو ماڻهو هو جنهن پوءِ پنهنجو ڌرم مٽائي ڀڳت صالحورام کي بلڪل اڪيلو ڪري ويو. اڪيلائي کيس جهوري ۽ پوري وڌو هو تنهن ڪري پنهنجي گهر کي تالو ڏيئي، ڳوٺ ڏباڙو تعلقہ تلهار، سندس سئوٽ سڪو مل وٽ رهڻ لڳو. سڪو مل هڪ مشهور گائڪ هو ۽ جتي هن راڳ سکيو ۽ رياض ڪيو ۽ راڳ جي پوري سکيا ورتي، پوءِ وري سندس سئوٽ ڀاءُ مالو ٻاروپار جو انهي وقت جو مشهور ڳائڻو ۽ راڳ جو شهنشاهہ هو تنهن کانپوءِ پاڻ مرادو ڳائڻ جي شروعات ڪئي. پاڻ يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي ڳائيندو هو. سندس راڳ ۽ آواز ۾ ايتري مٺاس ۽ رسنا هئي، جو ٻڌڻ وارن کي موهي وجهندو هو. هو مختلف ميلن، ملاکڙن ۾ ڳائيندو رهيو. ساڻس ناٿو شيدي، جيڪو گولاڙچي لڳ تلهار جو رهواسي هو اهو ڍولڪ وڄائيندو هو ۽ هارمونيم تي يوسف نظاماڻي، جيڪو ٻيڙي وارو لڳ تلهار جو رهندڙ هو.

جيئن تہ پاڻ شادي راڄو خاناڻيءَ مان ڪئي هئائين، تنهن ڪري پنهنجو اصل ڳوٺ ڇڏي ڊاپي تعلقہ ماتلي، ڇڏي هميشہ لاءِ راڄو خاناڻيءَ ۾ رهڻ لڳو ۽ پنهنجي سڄي حياتي راڳ کي ارپي ڇڏي.

انهيءَ ڪانپوءِ ستسنگ ۽ ڀڄن سکيو انهيءَ ۾ استاد ٻاوو رڪمڻ داس جيڪو پار برهم مندر راڄو خاناڻيءَ ۾ رهندا هئا. ڀڄنن جي پوري سکيا ورتي. انهي وقت سندس عمر 35 سال هئي. سندس ساٿي ڪيول هو.

انهي ڪانپوءِ فقط ڏرمي ست سنگن ۾ وڃڻ لڳو ۽ آواز ۽ سر تال جي ڪري ڪيس وڏي مڃتا ملندي رهي. ڀڳتي مارڳ ۾ سندس ست گرو سائين گياني داس، جيڪو ڪنگورو شاخ لڳ ڍگهڙي رهندو هو. هن جي آشيرواد سان ڀڳتي رنگ ۾ رچي لال ٿي ويو. پاڻ شاعري بہ ڪئي اٿس، پر پوءِ گروءَ جي چوڻ تي شاعري ڪرڻ بند ڪري ڇڏي.

ڪيترائي راڳ راڳڻيون ڳائي سگهندا هئا. سندس پسنديده راڳ ڀوپالي، ڪلياڻ، ڪوهياري، سورٺ ۽ راڻو هئا، جن ۾ پوري پوري مهارت حاصل هئي.

ڪيترائي سندس شيوڪ ۽ شاگرد آهن. جنهن ۾ سندس پٽ هيمنداس، عالم چند هيلاريو پير ڏيپلو هو. آچار مل عمرڪوٽ ۽ گائڪي شاگرد ڀڳت مهراڻ عمرڪوٽ وارو آهي.

ڀڳت صاحب ڪافي درگاهن ۽ ستسنگن ۾ ڳايو ۽ پاڻ مڃايو. سائين ربو شاهہ عمرڪوٽ جي ورسيءَ تي ڳايو جتي ڪيس ايوارڊ ڏنو ويو. انهيءَ ڪانسواءِ پاڪستان ميگهواڙ ڪائونسل جي صدر ارجڻ داس بہ مڃتا طور امر وير لڏارام ايوارڊ سان نوازيو.

هڪ دفعي ڏيپلو شهر ۾ ڏيپي ميگهواڙ جي ورسيءَ ۾ ڪافي ميگهہ ونس ڀڳت آيا. جنهن ۾ صالحورام مني وارو، سومجي ياٽيا، ڀڳت پاڻ ۽ ٻيا بہ ڪافي سنت هئا، جن سڄي رات ست سنگ ڪيو ۽ پرڀات ويلي جڏهن راڻو ۽ سورٺ جي راڳڻي ڇيڙي، تہ صبح جو سڀ ڏيپلي واسي مسلمان بہ پڇڻ لڳا تہ ڪير ڳائڻا هئا، جن ڳايو پي، تمام وڏا فنڪار هئا. ايترو تہ منو ۽ سُرتال تي ڳايو جو اسان کي تمام

گهڻو پسند آيو. بس راڳ يا گلي ۾ سوز ڏيڻ وارو بہ مالڪ آهي، جنهن کي اها ڏات ملي.

بس هن سنسار ۾ ڪيترائي سنت مهاتما اچن ٿا ۽ پنهنجو وارو وڄائي هليا وڃن ٿا. سندس يادون رهن ٿيون ۽ آواز جو جادو ڪين هميشہ امر ڪري وجي ٿو. سو اڄ ڀڳت صالحورام اسان وٽ نہ آهي، پر سندس امر آواز اسان وٽ محفوظ آهي ۽ رهندو. جو امر آهي. پاڻ سال 2005ع ۾ اسان کان وڇڙي ويو. سندس آتما وڃي پرماتما سان ملي.

# نارائڻ داس ڏاراڻي

هنسا ٻگهلا ايڪ سا، مان سروور مانهہ،
ٻگهلا ڍونڍي ماڇرلي، هنسا موتي کاءِ.

دنيا جو هر خطو پنهنجي سيني تي اهڙن ڪنهن انمول شيءِ يا ڪنهن انوکي هستي جي ڪري مشهور هوندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي ٿر جي ڌرتي، جنهن کي اڍائي سؤ سال اڳ ۾ ڏيپو ميگهواڙ جي ڳوٺڙي کي سن 1800ع ۾ مير ٿاري خان ڏيپلو شهر جوڙايو جتي محمد عثمان ڏيپلائي، جنهن 150 ڪتاب لکي ڏيپلي جو نالو روشن ڪيو ۽ جنهن ڌرتي ڪيترائي هيرا پيدا ڪيا. جتي فقط ميمڻ قوم جا 300 ڊاڪٽر ۽ 150 کن انجنيئر آهن. تہ اُتي هڪ ميگهہ ونس جاتيءَ جو نوجوان نارائڻ داس ڏاراڻي، تاريخ 28 اپريل 1957ع تي سرڳيہ لڌارام پنئار جي گهر جنم ورتو لڌارام جيڪو رازو ۽ ڊزائينر هو. جنهن جون تعمير ٿيل جايون اڄ ڏينهن تائين اڄ بہ ساڳئي حالت ۾ شهر ۾ موجود آهن. هُن جا چٽيل چٽ اڄ بہ موجود آهن. ڏيپلو شهر ۾ پهرين سيٺ احمد علي حامداڻيءَ جي گهر جي گيٽ تي سيمنٽ ڪٽائي سان ڊزائين، سال 1954ع ۾ ٺاهي هئي جا اڄ بہ انهي حالت ۾ موجود آهي. نارائڻ داس جي ماتا جو نالو حوا، ڏي سروپو ذات پڙهيار، ڳوٺ مالٺهور ويٺہ، تعلقہ مٺي ضلع ٿرپارڪر جي هئي.

پاڻ پرائمري 5 درجا ڪلر ڪالوني پرائمري اسڪول ڏيپلو مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏيپلو مان سال 1973ع ۾ پاس ڪيائين. انٽر سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان سال 1977ع ۾ پاس ڪيائين. BA 1979ع ۾ ۽ MA پوليٽيڪل سائنس ۾ سال 1982ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين، پر هن پڙهائي جاري رکي، ۽ سال 1984ع ۾ LLB سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري، قانوني ڊگري حاصل ڪيائين. 1974ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ ڏيپلو شهر ۾ مشتاق منواڻيءَ جي ڪپڙي اُٽڻ جي ڪارخاني تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جتي مود، ڪاڏي، انگوڇا ٺاهڻ جي مهارت حاصل ڪئي، جتي 2

سال ڪم ڪيو ۽ 1976ع ۾ مڪي شاهہ روڊ حيدرآباد ۾ پيٽرول پمپ تي سيلزمين جي نوڪري ڪئي. اُتي ڪجهہ وقت رهڻ ڪانپوءِ سال 1978ع ۾ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر حيدرآباد جي آفيس ۾ چوڪيدار جي پوسٽ تي مقرر ٿيو. پر ڪيس آفيس ۾ رکيو ويو جتي راشن ڪارڊ، اتي، ڪنڊ ۽ چانورن جون پرمنٽون ڏيڻ جو ڪم سندس حوالي رهيو. سال 1981ع ۾ ڪيس پڪو ڪري DFC آفيس ۾ ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو، جتي پنهنجي لگن ۽ محنت سان ڪم ڪري آفيسرن ۾ مڃتا ماڻي، ۽ اڄ تائين فوڊ کاتي ۾ BPS_14 ۾ هيڊ ڪلارڪ جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي.

پاڻ شادي 29 نومبر 1985ع تي شريمتي لڇمي، ڏي پورو مل، گهلڙو اربابن جي راڄڏاني واري ڳوٺ ڪيتلاري، تعلقو ڏيپلو سان شادي ڪئي، جنهن مان اولاد ڪيس ٻہ نياڻيون ۽ ٽي پٽ آهن. 1. ڪمل جيڪو سافٽ ويئر انجنيئر مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي پيو 2. نيرج جو انٽر A_1 ۾ پاس ڪيو آهي، ۽ ڊگري ڪاليج ڏيپلو ۾ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي آهي، ۽ ٽيليڪام انجنيئر مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي پيو. 3. ڪبير، جنهن هينئر ميٽرڪ A_1 ۾ پاس ڪئي آهي.

نارائڻ داس کي اسڪولي دؤر کان وٺي ڳائڻ ۽ سنگيت جو شوق هوندو هو، جو اڄ تائين راڳ سان لڳاءُ اٿس ۽ تحقيق ڪري رهيو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، ڪبير، ميران ٻائي، برمانند، بلي شاهہ ۽ غلام فريد جي شاعري تمام گهڻي پسند آهي. ڳائڻ جي شوق هجڻ ڪري مشهور گائڪ محمد رفيع، منادي، لتا، مهدي حسن، عابده پروين، غلام علي، محمد جمن، محمد ابراهيم، محمد يوسف کي شوق سان ٻڌندو آهي ۽ سندس پسنديده فنڪار آهن. پاڻ خاص ڪري ڪلاسيڪل موسيقي ٻڌندو آهي ۽ گنگنائيندو آهي. سنگيت سان شوق هجڻ ڪري عزيز آرٽ سرڪل، جيڪو وينس سئنما لڳ حيدرآباد ۾ داخلا ورتي، جتي اُستاد شفيع وارثي ۽ پوءِ منظور علي چانڊيو، جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هارمونيم ماسٽر هو ۽ استاد تاراچند ڀٽ شاهہ واري کان سنگيت جي سرگم، يعني الف. بي. پي. جي سکيا ورتي ۽ وڏيڪ ميوزڪ تي ريسرچ شروع ڪئي.

ڪافي مواد هٿ ڪيو وڏن استادن گائڪن سان راڳن سُرن تي بحث مباحثو ڪندو رهيو. 350 ڪان وڌيڪ راڳن جا تفصيل هٿ ڪيا آهن. راڳن جا سُر، جيڪي هيٺين سرن ڪان مٿين سُرن تائين وڃن. واپس لهڻ، جنهن ڪي موسيقيءَ جي زبان ۾ آروهي ۽ امروهي چوندا آهن. انهن راڳن جا اهم ۽ خاص سُر جنهن تي راڳ جو گهڻو زور رهندو آهي، ۽ جنهن ڪي وادي ۽ سموادي سُر چوندا آهن. راڳن جو ورڻ يعني راڳ گهڻن سُرن جو راڳ آهي؟ اروهي ۽ امروهي ۾ ڪيترا سُر لڳن ٿا. ڳائڻ جو ٽائيم پڪڙ سُر جنهن جي وڃائڻ سان گائڪ جي ذهن ۾ راڳ جو نقشو نهي ٿو ۽ راڳ شُڌ روپ ۾ رهي ٿو ۽ گڏوگڏ انهي راڳ جا مقبول ۽ هِٽ گانا آڊيو، وڊيو ۾ هٿ ڪري DVD تيار ڪرايون اٿس. پاڻ ڳائيندو نہ آهي پر راڳ وديا ۾ سٺي ڄاڻ رکي ٿو ۽ جاڪوڙ جاري آهي. سنگيت جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ڪيس مهمان خاص طور ۽ راڳ جي پارکو طور ۽ موسيقيءَ تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوتون ملنديون آهن. ساهہ سنگيت پاران تاريخ 2 جون 2004ع تي ڪيس خاص مهمان طور راڳ جي مهان پارکو طور دعوت ڏني ويئي، ۽ گڏ در محمد ڪمال ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد گڏ هو. جيڪا هن اٽينڊ ڪئي، اهو سندس رڪارڊ آهي. جتي ڪيترن ئي مهان راڳين استاد شفيع فقير، صادق فقير، آپا زينت صديقي، استاد صوفي عبدالحق سروهي ۽ ٻين ڪيترن ئي فنڪارن پنهنجا سُريلا سُر وکيريا، جنهن تي ڪيترين ئي اخبارن ۾ سندس فوٽو ۽ پروگرام جا تفصيل شايع ٿيا.

راڳ جي وديا جي ڄاڻ هجڻ ڪري، پنهنجي دوست فنڪارن جي زور ڀرڻ تي، راڳ بابت ڪتاب لکڻ شروع ڪيو اٿس. اڄ ڪلهہ جي مروج راڳن تي، جنهن سان گائڪن ڪي راڳن جي سُرن ۽ ڳائڻ ڪي سمجهڻ ۾ آساني ٿي پوندي، گڏوگڏ مشهور راڳن تي آڏاريہ جو بہ ذڪر هجڻ ڪري گائڪن ڪي طرزون ۽ نوان انداز ملي ويندا. اهڙي ٽائيپ جو اڄ تائين مارڪيٽ ۾ ڪوبہ ڪتاب موجود نہ آهي.

انهي ڪانسواءِ ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ با اخلاق، ملڻو جلڻو خوش مزاج، مهمان نواز ۽ سچو انسان آهي. ان سان گڏوگڏ ڌرم جي ڪافي

ڄاڻ اٿس. جهڙو ماڻهو ڪچهريءَ ۾ هوندو، تهڙي ڪچهري ڪري ماڻهن کي موهي وجهندڙ انسان آهي.

اُجهڻ کان مَچڻ ۾ مزو ٿو اچي،
جُهڙ ٿي جيئڻ ۾ مزو ٿو اچي،
اسين ارتقا جا سچا عاشق آهيون،
ورڻ کان وڌڻ ۾ مزو ٿو اچي.
(بخاري)

# سماج سڌارڪ


ڪبيرا اس جڳت مِ الٽي ديکي ريت
پاپي بيٺا راج ڪري ساڌو مانگي بيک
( ڪبير)

# وڪيل ارجنداس پونئار

پريتم ايسي پريت ڪرو جيسي ورڪ ڪرين،
آپ جلاون سِر ڏوپ، اوران ڇانوَ ڪرين.

سونهاري سنڌ، درويشن ۽ اوليائن جي شاداب ڌرتي، ڪيترن ئي مها پُرشن کي جنم ڏنو آهي. اهڙو ئي هڪ مهان انسان ميگهواڙ ارجنداس، جنهن تاريخ 01-01-1942ع تي امر وير لڌارام پنوار پنوعاقل ضلع سکر سنڌ جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو مولي بائي هو. بعد ۾ شناختي ڪارڊ ۾ جسوڏان لکرايو ويو. جيڪا اڻ پڙهيل هئي ۽ جا سرڳواسي ٿيل آهي. کيس ٻه ڀيڻون آهن. 1. وڏي لڇمي ٻائي ۽ ننڍي صاحبي ٻائي، ٻئي حيات آهن ـ ۽ آل اولاد سان خوش آهن. ارجنداس شادي تاريخ 22-12-1961ع ريتي تعلقہ اوٻاڙو ضلع ان وقت سکر هاڻ گهوٽڪيءَ مان مُکي لکمون جي ڪوريڪو سولنڪي جي ٽيون نمبر نياڻي شريمتي ڦيتقو بعد ۾ جئہ شري سڏي پئي وڃي، جيڪا پڙهيل نہ آهي، ان مان کيس اولاد:

1. وڪيل موهن لال BS_18 ڊپٽي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر
2. منهور لال انجنيئر (ME (Civl پرائيويٽ سروس.
3. ڪرشن لال (MBBS (SMC ڊاڪٽر سونولاجسٽ پرائيويٽ سروس.
4. ڪنعيا لال ماستر M.A. Med) JST) آهي.
5. شيام لال ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريون ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج آهي.

هڪ نياڻي ڀڳواني (بي بي) ٻائي، جنم 1975ع. اولاد سڀ شادي شده ۽ صاحبِ اولاد آهن. ارجن داس مئٽرڪ 1959 انٽر آرٽس 1965ع، بي. اي، 1967ع، 1970 B.Ed 1980 M.Ed ۽ ايل. ايل. بي. 1988ع ۾ پاس ڪئي.

کيس تاريخ 3-8-1961 تي تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ BPS—5 جي نوڪري ملي، آگسٽ 1975ع ۾ کيس هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر BPS—14 ۾ مقرر ڪيو ويو. جتان سال 10-12-1988 تي رٽائرمينٽ ورتي. انهي ڪانپوءِ ديوان لڇمڻ داس سينيئر وڪيل گهوٽڪي جن جي چيمبر ۾

شامل ٿي، وڪالت شروع ڪئي ۽ ٻن سالن بعد ڪيس هاءِ ڪورٽ جي سَنَدَ ملي ۽ 1989 کان وٺي اڄ تائين وڪيل آهي.

سندس پتا امر وير لڌارام هڪ مهان پرش هو. پنچائتن ۾ فيصلا وغيره ڪندو هو. سياست سان پڻ لاڳاپيل هو. ضلع ڪائونسل سکر جو پهريون ميگهواڙ ميمبر هو. ڪيس تاريخ 1959-02-22 جو گهوٽڪيءَ کان پنوعاقل اچي رهيو هو ته وچواري مهيسر نالي ريلوي اسٽيشن تي فقير جي روپ ۾ هڪ ماڻهو، ٽرين جي دريءَ وٽ اچي شوٽ ڪيو ۽ هو سرڳواسي ٿي ويا. پوءِ ارجن داس پنهنجي ماتا سان گڏ رهندا هئا. ماڻهن ڏانهن ڪافي قرض هو جو نه مليو ۽ ٻين جو قرض، ملڪيت وڪرو ڪري پوري ڏنو. اهو زمانو جڏهن سندس جيجل جي ڪيس ياد اچي ٿي ته انهن لمحن ۾ گم ٿي ويندو آهي. پر سندس پتا جيڪا جوت خدمت جي ٻاري، انهيءَ جي ڪا چڻنگ ان وقت کان سندس اندر ۾ داخل ٿيل آهي. جيڪا اندر ئي اندر ۾ آنڌ مانڌ جو طوفان ڪڙو ڪري چڏيندي آهي، ۽ خدمت واري جنبش کي پنهنجي طرف گهلي وٺندي آهي. اهڙي طرح انهن چڻنگن جي چونچن کان راحت ملندي آهي.

1967ع بابا غريب داس جي دربار غوٿپور ضلع جيڪب آباد کان سندس زبان کي ست مليو ته بعد گڏجاڻين ۾ ڪجهه ڳالهائڻ جي سگهه ملندي رهي. سماج ۾ بي مقصد، فرسوده رسمن، وهمن ۽ هم آهنگيءَ کان هٽائڻ وارين روين جي خلاف ڪجهه ڳالهائڻ ته ڪجهه ڪجهه لکڻ جي جرئت ڪيس ملندي رهي. سندس شروع کان ئي تنظيمي ڪار گذارين ڏانهن لاڙو هيو. انيڪ گڏجاڻيون ڪوٺايون ويون. سنستائون جوڙيون ويون. سماجي توڙي اصلاحي ۽ فلاحي ڳالهين ۽ ڪوشش ۾ حوصلہ شڪني ٿيندي رهي، پوءِ بہ مُڙڻ مهڻو ٿي لڳو.

آخر ۾ درگاهہ پير پٿوري جي آستان تي هڪ ميلي جي موقعي تي 15 منٽ جو ڪين وقت بخش ٿيو. پاڪستان ميگهواڙ ڪائونسل جڙي ويئي هئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر لونگ، سنت شيرا رام، پيرو لال ٻالاڻي، انجنيئر ڪانجي مل، انجنيئر شڪتي رام رانوڙ، مالا رام

تلھار واسي ۾ ٻين کي فقط ھڪ ھڪ منٽ جي تقرير ڪرڻ جو موقعو مليو. اھڙي طرح ميگھواڙ برادريءَ کي ھڪ تنظيم جي نالي ۾ منظم ٿيڻ جو سونھري موقعو مليو. انھن ڏينھن کان انھي تنظيم، جنھن جو ارجڻ داس وڪيل کي مرڪزي صدر چونڊيو ويو تہ مرڪزي پريس سيڪريٽري جھڏو واسي ايف سي رانوڙ ڪيو ويو ۾ اھا تنظيم بنا ڪنھن چندي دان وٺڻ جي، اين. جي. اوز يا سرڪار جي ڪنھن ذري برابر مدد يا مالي ساھتا جي، پنھنجي ڪم جاري رکيو. ھر ضلع اندر گڏجاڻيون ٿيون، ماڻھن پاڻ ضلعي اندر خدمت لاءِ باڊيون چونڊيون، اھي بہ پنھنجي کيسي جي خرچ سان ڪم ڪنديون رھن ٿيون. ڪٿي ڪو ڪم نہ ٿيو ھجي تہ ڪٿي واقعي ڏسڻ ۾ ويساھہ ۾ اچڻ خدمت بہ ٿي آھي.

ھن وقت وڪيل ارجن داس جي سربراھيءَ ۾ پاڪستان ميگھواڙ ڪائونسل ضلع، صوبي بين الصوبائي ۾ ملڪ گير گڏجاڻيون ڪري، پاڪستان ۾ رڪارڊ قائم ڪيو آھي. شعور جي بيداري ۾ ھمت پئدا ڪرڻ لاءِ لاتعداد ھنڌن تي ميڙاڪن ۾ ھٿ جوڙي سماج جي ڀلي ۾ واڌاري لاءِ گذارشات گوش گذار ڪرڻ جو کيس موقعو مليو آھي. ائين بہ آھي جو کيس سماج مان موٽ جي رفتار نظر ڪونہ آئي. جھڙوڪ ھڪ ھزار ميڙاڪن ۾ ھٿ ٻڌي وڏو دھل وڃائي چيو تہ ساوڏان، ڪنيادان، اتم دان، مھادان ساوڏان پوءِ بہ ماڻھو گھرن مان نياڻين ڪڄڻ تي منھن ڀرڪائي ماتم پي ڪيو آھي. پر اھا ڳالھہ تہ ڪنيا دان، ساھہ ڏان واري ڳالھہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آھن. جڏھن تہ اھو ڪم سماج ۾ پنچائت جو بہ آھي، جيڪي بہ انھي طرف ھوشياري ڏيکاري، پنھنجي وجود بچائڻ جي چنتا کان بي پرواھہ آھن. ٻئي طرف بدعت، بيڪار فرسوده اجاين خرچن ۾ ذھن ۾ وھمن جي بيماريءَ سان پري لوڙون لوڙائڻ وارين ڳالھين کان بہ پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ تيار ڪونہ آھن. اھڙي بي حسي ۾ بي علميءَ ۾ بہ وڪيل ارجڻ داس پنھنجي ڪرتوبہ جو پالن ڪرڻ جي ڪوشش کان ھڪ پير بہ ڪونہ ھٽايو. جاکوڙ ڪندو رھيو آھي. نتيجو حاصل ڪرڻ ڪم سماج ۾ پڳوان جو آھي.

وڪيل ارجڻ داس ميگھواڙ هيرن ڪي ديانات (ظاهر) ڪري هر سال هڪ اقليتي ڪانفرنس امر وير لڌارام جي ياد ۾ ڪوٺائي، ميگھواڙن جي سُڌ ضمير جاڳائي ٿو ۽ انهي سلسلي ۾ وڪيل ارجن داس گذريل 5 سالن کان ميگھواڙ برادري جي هيرن جهڙن ماڻهن کي 192 ميجتا طور امر وير لڌارام ايوارڊ ڏيئي حوصلا افزائي ڪئي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ ميگھواڙ جاتيءَ کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ هيل تائين پتريڪائون ۽ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو ساليانو هڪ مئگزين هزارن جي تعداد ۾ گذريل ڏهاڪو سالن کان ڇپائي مفت ۾ ورهائي رهيو آهي. جنهن سان جاتيءَ ۾ جوش ۽ اتساهہ پئدا ٿيو آهي. وڪيل ارجڻ داس پاڪستان ۾ ملڪي سطح تي ڪم ڪندڙ مختلف پنجن سماجي تنظيمن جي عهدي تي فائز آهي.

وڪيل ارجڻ داس بنا لوڀ يا لالچ جي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري، ميگھواڙ برادريءَ کي اڳتي آڻڻ لاءِ ڏينهن رات جستجوءَ ۾ رڌل آهي. ميگھواڙ جاتيءَ جي ڪنهن بہ ڪم ۾ سڌ سان گڏ آهي. ڪابہ سماجي گڏجاڻي وڪيل ارجڻ داس جي شرڪت کانسواءِ اڌوري ۽ نامڪمل هوندي آهي. سرڪار وٽ آئيني، قانوني حقن جي پاسداريءَ لاءِ جيڪي ڳالهيون پاڪستان ميگھواڙ ڪائونسل ڪيون آهن، پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ اقليتي شخص ڪونہ ڪري سگھيا آهن. وڪيل ارجڻ داس جي اِڇا آهي تہ تعليم ۾ واڌارو اچي ۽ تعليم يافتہ ماڻهو سماج جي سارسنڀار سهڪار ۽ مٿيرو آڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. جڏهن تہ ميگھواڙ برادريءَ جي هن وفادار ۽ محبتي انسان، مها پُرش کي عوام جي دُعائن اڏي ڇڏيو آهي. اهڙو محبتي ماڻهو ميگھواڙ جاتيءَ ۾ هڪ املهہ هيري جي حيثيت رکي ٿو.

هڙ هيران کي گانٺڙي بن خريدارم کول،
جب ملين گي جوهري، تب کرين گي مول.

# رميش ڪمار جئپال

ڪال ڪر سو آج ڪر، آج ڪر سو اب،
سمئہ بيتا جات هئي، ڦر ڪري گا ڪب؟

شري رميش جئپال صاحب 18 جنوري 1984ع تي هڪ مهان شخصيت شري پيارام انجم، جيڪو ٽي دفعا پ پ پ جي پليٽ فارم تان، صوبائي اسيمبليءَ جي اليڪشن لڙي چڪو آهي، ان جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو مريم انجم، ڏي امولڪرام، ذات گنديرِ، صادق آباد جي آهي. پاڻ شادي سال 2007ع تي شريمتي سرسوتي ڪماري ڀاٽيا، ڏي سورتا رام ڀاٽيا، بستي ڪوڪران، رحيم يار خان سان ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽي نياڻين جو اولاد آهي.

رميش جئپال صاحب 5 سالن جي عمر جو مس هو تہ سندس هڪ رشتيدار سندس پيءُ کي نوڪري ڏيارائڻ جي لالچ ۾ دبئي وٺي ويو ۽ اُتن جي ريس ۾ بطور ڪيمل جوڪي شامل ڪيو. اهڙي غير انساني ڪم ۾ رميش جئپال کي ڪافي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. آخر سندس والدين جي ڀرپور ڪوشش سان اٽڪل ٽن سالن بعد پنهنجي گهر واپس آيو. پاڻ پرائمري تعليم هرلي ڪراس هاءِ اسڪول رحيم يار خان مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ بہ ساڳئي اسڪول مان ڪيائين، B.Com سال 2008ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج ڪامرس رحيم يار خان مان حاصل ڪيائين، ۽ B.A پرائيويٽ طور پاس ڪيائين.

رحيم يار خان ۾ شيڊيول ڪاسٽ هندو تمام گهڻا رهن ٿا. پر ڪوبہ قانوني، معاشرتي ۽ معاشي تحفظ نہ هجڻ جي ڪري شيڊيول ڪاسٽ جا ماڻهو بنيادي انساني حقن کان وانجهيل آهن. صحت، تعليم، پيئڻ جو صاف پاڻي تہ هڪڙي طرف، پر عزت ۽ احترام ۽ تعليم کان بہ محروم آهن. سرڪاري اسڪولن ۾ هندو ٻارن کي تمام نيچ سمجهيو وڃي ٿو. ايتري قدر جو ٻين مذهبن جي شاگردن جي استعمال شده برتنن کي بہ ڇُهڻ نہ ڏيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ هو ناپاڪ ٿي پون ٿا. اهڙين حالتن ڪري هندو ٻارن کي تعليم حاصل ڪرڻ

مشڪل ٿي نه پر ناممڪن آهي. اهوئي سبب آهي جو پوري پنجاب ۾ هندوئن جي ڪُل آباديءَ جو 4 سيڪڙو تعليم يافته آهن. 1958ع جي آدم شماريءَ موجب هندو پاڪستان جي سڀ کان وڏي اقليت قوم آهي، جنهن آباديءَ جو 85 سيڪڙو شيڊيول ڪاسٽ هندو تي ٻڌل آهي.

اهڙي ڇوت ڇات واري ماحول ۾ به رميش جئپال تعليم حاصل ڪئي. تعليم دوران سماجي ڪارڪن گرو سُکديوَ جي ذريعي ريسورس سينٽر لاهور جي سماجي سرگرمين ۾ شموليت ڪانپوءِ، بطور ڪوآرڊينيٽر ضلع رحيم يار خان ۾ سماجي خدمتن جو آغاز 2004ع ۾ ڪيو. هو ضلع ڪوآرڊينيٽر براءِ اقليتي امور ٿيو. وقت سان گڏوگڏ رميش جئپال ڪي هندو اقليتي برادريءَ جي مسئلن جو اندازو ٿيندو رهيو. آخرڪار 2006ع ۾ رحيم يار خان جي هڪ مذهبي رهنما گرو سُکديو جي رهنمائي ۽ ٻين هندو دوستن جي تعاون سان ”هري راما فائونڊيشن“ جو بنياد رکيو ويو. جنهن جي ذريعي هندوئن جي حقن ۽ سماجي تفريق جي خلاف آواز اٿارڻ شروع ڪيو. جيئن هو عزت ۽ برابر شهري حيثيت سان زندگي گذاري سگهن. هري راما فائونڊيشن کي به هڪ اهڙي رهنما جي ضرورت هُئي، جوان جي مقصد ۾ حوصلا افزائي ۽ مناسب پليٽ فارم مهيا ڪري سگهي. جون 2006ع ۾ لاهور ۾ هڪ سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو. جتي پهريون دفعو اقليت سان تعلق رکندڙ ماڻهن صوبائي وزير براءِ اقليتي امور، ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ جي سامهون پنهنجو موقف بيان ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته هنن کي برابر جي شهريءَ جي حيثيت سان تمام حقوق ڏنا وڃن، جو هر پاڪستاني جو پيدائشي حق آهي.

هتي هي ڳالهه به واضح ڪجي ٿي ته شيڊيول ڪاسٽ، 44 ذاتين سان تعلق رکندڙ اڄ ڏينهن تائين شناختي ڪارڊن کان محروم آهن، ۽ شهرين جي دستاويز نه هئڻ ڪري شادي، پيدائش، اموات رجسٽر ڪرائڻ کان به قاصر آهن. انهي ناانصافيءَ جو شڪار سڀ کان وڌيڪ عورتون آهن. سيمينار ۾ هندو برادريءَ طرفان شادين جي رجسٽريشن جي حوالي سان واضح لفظن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته انهيءَ

ڪان سواءِ هندوئن ڪي زمين جو حق، نوڪريون محنت ۽ تعليم جهڙي سهوليت ڏيڻ جو بہ مطالبو ڪيو ويو. صوبائي وزير ان ڪي غور سان ٻڌو ۽ مسئلن تي خصوصي توجہ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. شيڊيول ڪاسٽ جي اڪثريت آهي ۽ شيڊيول ڪاسٽ اقليت جي مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ رحيم يار خان، بهاولپور، ملتان، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنسون ڪيون ويون. جتي شيڊيول ڪاسٽ جا ڪيترائي ماڻهو شامل هُئا ۽ انهن سيني ملي رميش جئپال جي سرپرستيءَ ۾ (شيڊيول ڪاسٽ رائيٽس موومينٽ پاڪستان) (SCRM) نالي تحريڪ جو آغاز ڪيو جو هندو جاتيءَ جي پوئتي پيل ذاتين لاءِ ڪم ڪري سگهي. شيڊيول ڪاسٽ رائٽس موومينٽ هندو اقليتن جي لاءِ ڪم جو آغاز پوري ملڪ ۾ شروع ڪيو. جنهن ۾ پنجاب 17 ضلع، سنڌ 13 ضلع، بلوچستان جا 3 ضلع ۽ خيبر پختون خواه جا 3 ضلع شامل هئا. جنهن ۾ شيڊيول ڪاسٽ رائٽس موومينٽ جي ڪوآرڊينيٽر ۽ ميمبر، رميش جئپال ڪي SCRM جي چيئرمين جي ذميواري سونپي ويئي. شيڊيول ڪاسٽ رائيٽس موومينٽ پنهنجا مسئلا بالا حڪام تائين پهچائڻ لاءِ چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪيو. جنهن ۾ هندوئن جي شادين جي بهتري لاءِ قانون سازي، ملازمتن ۾ 4 سيڪڙو ڪوٽا، نفرت ڇوت ڇات خلاف قانون سازي ۽ رهائشي مالڪاڻہ حقوق وڏا وڏا مسئلا شامل هئا. SCRM ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ عوام جي معاونت سان هڪ ڀرپور مهم جو آغاز ڪيو. اخبارن ۾ ڪالم، سيمينارن، پريس ڪانفرسون، ريليون ۽ ريڊيو پروگرامن جي ذريعي شيڊيول ڪاسٽ مسئلن ۽ مطالبن ڪي اجاگر ڪيو.

رميش جئپال ٻڌايو تہ جڏهن ضلع ۾ ڪم شروع ڪيو تڏهن چانهہ وٺڻ لاءِ شاپر بيگ ڪٽي ويندو هو. هوٽلن ۾ اسان ڪي هٿ لڳائڻ نہ ڏيندا هئا. پر امن، هم آهنگي ۽ دفتر/ آشرم ۾ چانهہ ۽ ڪوپ ڏنا وڃن ٿا. جو هڪ تبديلي جو آغاز آهي. پنجاب ۾ هري راما فائونڊيشن ڪي اهو اعزاز حاصل آهي، تہ وڏين هوٽلن ۾ شيڊيول ڪاسٽ پيل، ميگهواڙ برادريءَ ڪي گڏ ڪري، انهن جي حقن جو آواز بلند ڪيو جنهن سان وڏين هوٽلن ۾ ڇات ڇوت جو رجحان ختم ٿي ويو.

سال 2008ع ۾ ملڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ پوئتي پيل اقيليتن جي لاءِ شيڊيول ڪاسٽ رائٽس موومينٽ پاڪستان جي نالي هڪ نيٽ ورڪ تشڪيل ڏنو جو ملڪ ۾ اڍائي لک ميمبرن سان گڏ 31 ضلعن ۾ شيڊيول ڪاسٽ اقليت جي بهتريءَ لاءِ ڪوشان آهي. 2010ع ۾ مُلڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هندو شاديءَ جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ اهو وفاقي وزارت براءِ اقليت امور جي حوالي ڪري، قانون سازيءَ جي سفارش پيش ڪئي، جو قومي اسيمبليءَ ۾ زير بحث آهي. ان سان گڏوگڏ رميش جئپال ٻڌايو تہ 2008ع کان 2010ع تائين 23 دفعا سوين ساٿين سان گڏ وچي پريس ڪانفرنس، ريليون، فورم ۽ ٻين طريقن سان اقليت جي مسئلن کي هاءِ لائيٽ ڪيونهن جي بدولت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سو موٽو نوٽيس ۽ ٻين مختلف وزارتن ۽ ادارن اقليتن جي لاءِ مختلف اعلان ڪيا. پنجاب جي ضلع رحيم يار خان ۾ رهائشي مالڪاڻہ حقوق جي تحريڪ جي آغاز لاءِ بہ رميش جئپال کي سارهايو وڃي ٿو. جنهن پنجاب اسيمبليءَجي سامهون ڌرڻو هڻي پنجاب حڪومت کي رهائشي مالڪاڻہ حقوق ڏيڻ لاءِ مڃايو. ملازمت جي ڪوٽا جي ڳالهہ هجي، يا فوجي يا صوبائي اسيمبلين جي سيشن ۾ واڌاري جي ڳالهہ هجي، امن ۽ هم آهنگي جي فروغ ۽ پسمانده طبقات جي وڪالت جو لاءِ مختلف مُلڪن مان اعليٰ تربيت وٺي آيو ۽ پنهنجي جاتي ۽ ملڪ سان پنهنجي خدمت ڏيندي، هيستائين گهٽ ۾ گهٽ 300 مرد ۽ عورتن کي سماجي ورڪر ٺاهڻ جو سهرو رميش جئپال جي سِر وڃي ٿو.

سال 2013ع ۾ رميش جئپال بطور سرڪاري مهمان، آمريڪا جي دوري تي ويو، جتي هن مختلف يونيورسٽين ۾ خطاب ڪندي پاڪستاني نمائندگي، ۽ پاڪستان ۾ ٿيڻ وارين مثبت سرگرمين کي اجاگر ڪيو. رميش جئپال جي دوستن جو چوڻ آهي تہ اسان جو دوست هڪ تحقيق ڪار، سماجي ڪارڪن، صحافي ۽ ٻين ڪيترين ئي خصوصيتن جو مالڪ آهي.

رميش جئپال انساني حقوق، امن هم آهنگي سميت اقيليتي برادريءَ جي لاءِ اهم ترين مسئلن کي ضلع انتظاميہ، مُلڪي، اعليٰ ترين ايوانن تائين اجاگر ڪيو. انهي ڪري ڪيتري وقت کان ڪيس

دڙڪا داٻ، هراسان ۽ پريشان ڪجھ نامعلوم ماڻھن طرفان ڪيو پيو وڃي. پر هو هڪ بهادر نوجوان، ڪنهن جي پرواھ نہ پيو ڪري، پنهنجي منزل ۽ مقصد طرف گامزن آهي. سندس فهم و فراست ۽ ڪم ڪرڻ جي انداز ڪي ڏسندي اهو چئي سگھجي ٿو تہ هي خدمت جي ميدان ۾ ڪاميابيون ماڻيندو ۽ بجا طور هن مان وڏيون اميدون وابستہ ڪري سگھجن ٿيون.

## ڀمر لال ڊي. نٿواڻي

(1933ع کان 1973-08-04)

سَر اُهي ئي ساڳيا، پڪي رهن ٻيا،
جن لمئو لاتيون ڏِنيون، سي ويچارا ويا،
ڀاتوندر ڀيا، وڃي ڪينجهر ڳنڊِئين!

ٿر جي هن پوپٽر ڌرتيءَ تي ڪافي صوفي، سنت، وڏوان ماڻهن جنم ورتو آهي، جيڪي ڏيئي مثل هُئا ۽ جتي پالڻهار جي خلقيل ڪائنات ۾ انيڪ انسان پيدا ٿين ٿا، ۽ رب جي دربار ۾ موٽي وڃن ٿا، پر ڪي ڪي ماڻهو هن دنيا ۾ اچي پنهنجو نالو روشن ۽ زنده ڇڏي وڃن ٿا. ٿر جي سُڪل صحرا ۾ محبت جا خوبصورت گُل ڦوڪيندي، پنهنجي عمر ارپڻ ڪري ڇڏيندا آهن. پنهنجي صلاحيت، اصول پرستيءِ همدردي سان غريب ماڻهن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ هڪ آدرشي انسان شري ڀمر لال، جنهن سال 1933ع ڌاري سرڳيہ ڏيڌارام ڪاڳيہ ڳوٺ منڙيو سوٿهڙ تعلقہ ڇاڇرو ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڦولان ٻوڇيہ ڳوٺ حويلي عمرڪوٽ جي هئي.

پرائمري پنج درجا پرائمري اسڪول منڙيو سوٿهڙ مان سال 1949ع ۾ پاس ڪيائين، ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇاڇرو مان سال 1956ع ۾ فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. انٽر سال 1960ع ۾ پاس ڪيائين ۽ ترت تعليم کاتي ۾ جونيئر ڪلارڪ جي نوڪري ملي. پنهنجي تعليم جاري رکي ۽ سال 1968ع ۾ LLB لا ڪاليج حيدرآباد مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري قانون جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريون شخص هو جنهن LLB فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري، قانون جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ميگهواڙ جاتيءَ جو پهريون شخص هو. جنهن LLB پاس ڪئي ۽ وڪيل بڻيو.

ٿُرت 1968ع ۾ ڪلارڪيءَ جي پوسٽ تان استيعفيٰ ڏيئي وڪالت جو پيشو اختيار ڪيو. گڏوگڏ ٿرپارڪر سماجي جماعت جو بنياد رکيو. جنهن جو جنرل سيڪريٽري 1972-2-15 تائين رهيو.

انهي ڪانپوءِ جماعت جو نالو بدلائي 28-4-1972 تي شيڊيول ڪاسٽ ايسوسيئيشن منظور ڪري، رجسٽرڊ ڪرائي، جنهن جو صدر ڊاڪٽر راڻا سي. رائوڙ صاحب هئا ۽ پاڻ جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي ٿي جاتيءَ کي تعليم تي گهڻو ڌيان ڏيارڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ حوصلو پيدا ڪيو. انهي وقت ڊاڪٽر راڻا صاحب ۽ پاڻ گڏجي قوم ۾ تمام گهڻو سڏارو آندو. شري پمر لال صاحب ميگهواڙ جاتيءَ جا جيڪي بہ ڪورٽن ۾ ڪيس هوندا هُئا، اهي بنا في جي وڪالت ڪندا هُئا ۽ ڪيس کٽي ڏيندا هُئا. پنهنجي پوري زندگي عام ڀلائي، سماجي ڪم، تعليم ۽ غريبن سان همدردي، خرچ گهٽائڻ لاءِ پرچار خاص ڪري وڏا وڏا اوسر جا مخالف هُئا ۽ اوسر نہ ڪرڻ لاءِ تحريڪ هلايائون، جنهن تي ڪافي ماڻهن عمل ڪيو ۽ خرچ بہ گهٽايائون.

شيڊيول ڪاسٽ ايسوسيئيشن ۾ رهڻ ڪري ڪافي رقم ڪٺي ڪري، غريب شاگردن کي اسڪالرشپ ڏيارايون ۽ ميگهواڙ جاتيءَ ۾ تعليمي شعور پيدا ڪيو. 26 اپريل 1973ع تي پاڪستان مينارٽي ڪانفرنس اسلام آباد ۾ ٿي، انهي وقت پاڪستان جو صدر شهيد ذولفقار علي ڀٽو صاحب هو. جنهن خاص طور وڪيل پمر لال صاحب کي دعوت ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت نامون موڪليو. اها ڪانفرنس نيشنل ڪائونسل آف آرٽس ۽ آرٽ ڪائونسل لاهور طرفان لياقت ميموريل هال ۾ رکي ويئي، جنهن جو چيف گيسٽ صدر پاڪستان مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو صاحب هو. انهي وقت مينارٽيز آفيئرس ۽ ٽوئريز جو منسٽر راجا تري ديو هو.

پمر لال ڊي. نثواڻي دعوت ۾ شرڪت ڪئي، جتي شيڊيول ڪاسٽ جي ترقيءَ لاءِ صدر صاحب تي زور ڀريو تہ انهن پُٺتي پيل جاتين کي سڌارڻ لاءِ خاص اُپاءَ ورتا وڃن. پمر لال وڪيل صاحب خاص ڪري ميگهواڙ جاتيءَ جا تمام گهڻا ڪم سرانجام ڏنا جن جو بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. پاڻ سال 1953ع ۾ شريمتي ريشمان، ڌي مننار ذات ڪڏيچہ، ڳوٺ ميٺائو تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر سان شادي ڪئي هئي. جنهن مان اولاد ٽي نياڻيون ۽ هڪ پُٽ موهن لال، جيڪو تپيدار هو جو هن وقت حيات نہ آهي. پاڻ سال 1960ع ۾

پنهنجي اصل ڳوٺ منڙيو سوٿهڙ مان لڏي عمرڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي، ۽ پوءِ ميرپورخاص ۾ رهڻ لڳو. سندس ڏاڏي جو نالو نٿو رام ۽ ڏاڏيءَ جو نالو ڏيمي هو. هو اصل ڪيتي ٻاڙي ۽ مال وغيره جو ڪم ڪندا هُئا.

دنيا آخر فاني آهي ۽ آخرڪار تاريخ 4 آگسٽ 1973ع جو صبح 7.30 بجي ڏينهن چنچر جو ميرپورخاص ۾ هن فاني سنسار مان سرڳواسي ٿيا. ۽ ميگهہ ونس جاتيءَ هڪ ڳڻوان ڪان محروم ٿي ويئي. اهڙا انسان قومن ۾ ڪڏهن ڪڏهن جنم وٺندا آهن.

جڏهن ڪيت ۾ ٻاجهرين سنگ واريا،
جڏهن چيٽ ۾ ڦول ڇانيي ڦُلاريا،
جڏهن ٽر تي مورن ڪي ٻوليون ٻُرايون،
الائي ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

# تماچي واڻيون

(1889ع کان 1991ع-03-03)

هُن جي مُرڪ ائين هُئي جيئن سنڌوءَ تي باڪ،
پڪيءَ پڪيءَ ساک، هُن ٿي چاهي آزادي.

هي ڌرتي هڪ باغ يا ٻنيءَ مثل آهي. جنهن کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ هر دؤر ۾ پروردگار عالم دنيا ۾ مختلف خطن ۾ مهان هستين کي جنم ڏنو آهي. اهڙين عظيم شخصيتن پنهنجي مختصر جِيوَن جو عرصي دوران پنهنجي عقل ۽ ڪوشش سان پنهنجا فرض ۽ ذميواريون انتهائي خوش اسلوبيءَ سان نڀايون، ۽ تاريخ جي صفحن تي امر ٿي ويا.

ٿرپارڪر ضلع جي ڏيپلي تعلقہ جي ڳوٺ اونهريو واچرا ۾ شري نرسينگ نکُ واڻيو جي گهر، سال 1889ع تي جنم وٺندڙ شري تماچي واڻيو ميگهواڙ جو شمار بہ اهڙين مٺيا وارين هستين ۾ ٿئي ٿو جيڪي گهڻين خوبين ۽ خصلتن جا مالڪ هُئا ۽ سندس نوڙت، مهمان نوازي ۽ انسان دوستي سبب ٿر واسي کيس عزت ۽ احترام سان ياد ڪن ٿا، ۽ سندس شخصيت جون خوبيون بيان ڪندي نہ ٿا ڍاپن.

جيئن ٿوهر مٿي ماڪ، تيئن مون تنهنجو سمرتيون،
ڇڪيا منهنجا چاڪ، توکي ساري سپرين.

سندس ماتا جو نالو سوهجان، ڌي نيتو ذات دَرڙا، ڳوٺ ڀٽڙي تعلقہ ڏيپلو جي هُئي. پاڻ ننڍپڻ کان ئي وڏي ذهن جا مالڪ هُئا. انهي وقت پڙهائيءَ جو رُجحان گهٽ هئڻ ڪري پڙهي ڪونہ سگهيا. پاڻ 14 سالن جي عمر جو هو تہ سندس پتا ديهانت ڪري ويو. انهي وقت ڳوٺ ڏيڙو تعلقہ ڏيپلو جي واڻين جو چڱو مڙس ٿمون مل هو جو گذاري ويو. ڏاڍيڙي ۾ لسيو جا گڏجي کيس پڳ ٻڌائي. واڻين ذات جو پاڳارو ڪري چونڊيو ۽ انهي ڪانپوءِ مکُي سڏجڻ لڳو. پوءِ ترت ئي سڱاوتيون (ويهان) ڪرڻ جو شوق جاڳيو پاڻ پهريون ويهان سوجو درڙو ڳوٺ ڊونڊيو، جنهن جي پُٽ ڪنگهار مل، جيڪو ميگهواڙ جاتيءَ جو وڏو سگهڙ هو. انهي جو ويهان ڪيو ۽ پوءِ اهو سلسلو زندگي ڀر

هلندو رهيو. چون ٿا تہ اٽڪل 200 کن ويهان ڪيا. يعني جوڙي واري حساب سان 400 ٿين ٿا. سنگھاوتين ڪرڻ ۾ ايتري تہ مهارت حاصل هُئي، جو ڪڏهن ڪٿان بہ خالي واپس نہ آيو. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو ڏي جي پيءُ کان پچڻ سواءِ پٽن تي ويهي مصري ورهائي ڇڏيندا هُئا. پوءِ جڏهن ڇوڪريءَ جو پيءُ گڏبو هو تہ تڏهن ڪيس چوندا هئا تہ مون تنهنجي نياڻيءَ جو مڱڻو فلاڻي ڳوٺ ۾ ڪري ڇڏيو آهي، تماچي توکي صحيح لڳي ٿو تہ اسان کي منظور آهي. وڏي سٺي ڳالهہ اها آهي. انهن 200 ڪيل مڱڻن مان اڄ تائين سڀ ڪامياب شاديون رهيون، سڀ جوڙيون خوش خرم آهن.

چون ٿا تہ هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويل هئا. جتي هڪ کوهہ جي پرسان مٽيا. جتي ٽي چار ڇوڪريون کوهہ تان پاڻي پري رهيون هيون. اُتي ويهي انهن ڏانهن نهارڻ لڳو تہ ڇوڪرين چيو تہ ”ڪاڪا اسان سَمهون اُونهين پيو ڏيکين. اسان سيني را ويهان ٿيل آهين.“ تماچي مُشڪي هليو ويو. انهي کانسواءِ سماج ۾ فيصلا ڪندڙ ماڻهو هو. ڪٿي بہ جاتيءَ ۾ ڪابہ نيات گڏ ٿيندي هئي تہ پهريان تماچي واڻيئي کي گهرائيندا هئا. هو هڪ سچو ۽ ڳالهائڻ جو پاور فل هو. ڍاٽ توڙي سنڌ کان بہ نياءُ نبيرڻ لاءِ ماڻهو وٺي ويندا هُئا.

هڪ دفعي هڪ ٻانهن جو مسئلو ڳوٺ حسن پاڻ، جيڪو پنگريو جي پرسان آهي، اُتي هڪڙو لڏو سيجو ۽ سامهان پانگهاريا ميرواهہ جو. ڪيتري وقت کان هلندڙ هو. اُن فيصلي ۾ تماچي کي گهرايو ويو. اهو فيصلو پير جي ڳوٺ، جيڪو پنگريو کان اتر طرف آهي، جتي مينهتر پورو. الهڏنو مکي، سانگهڙ وارو ۽ کمن مکي کوٽڙيءَ وارو جي روبرو ناهي فيصلو ڪري، ٻنهي ڌرين کي کير کنڊ ڪري ڇڏيو. ٻيو فيصلو ڏيسر کنيو ڳوٺ جارونيڙي جو گذاري ويو. انهي اوسر تي تماچي ويو هو. جتي لالو کنيو ڳوٺ گانگاڻ جو پاڻ ۾ تڪرار هلندڙ هو. جو اوسر تي ڪونہ پي آيو تہ تماچي پاڻ گانگاڻ وڃي لالوءَ کي وٺي اچي اوسر ۾ شامل ڪيو ۽ انهن جون ٻنيون ڳوٺ واڍڻ ۾ تڪراري هيون، اُتي وڃي انهن جي روبرو جڙون هٽي فيصلو ڪيو ۽ پاڻ ۾ ناهہ ڪرايو.

ڪافي عرصي جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾ مسلمان ڏرين جو ڪيتري وقت کان پاڻ ۾ تنازعو هلندڙ هو. جو وڏي وڏو تڪراري ٿي ويو هو. پراڻي دعا سلام جي ڪري ڪُجهہ همراهہ ڪيس وٺڻ لاءِ آيا ۽ پاڻ انهن سان گڏ ويا. انهن جون ڳالهيون ٻڌي پاڻ راجوڻي ناهہ ڪرايو. ٻئي ڌريون خوش ٿي ويون. انهي ڪانپوءِ پڪو مُکي سڏجڻ لڳو. پاڻ تہ اسان وٽ ڪونهي پر سندس يادگيريون امر آهن. امر رهنديون. پاڻ هڪ ڪوي ۽ شاعر بہ هئا. ڪيترين ڪافيون وغيره لکيون آهن ۽ پچن رچيل آهن پر انهن جو رڪارڊ لکت ۾ ڪونہ پيو ملي.

تماچي بہ شاديون ڪيو هيون. پهرين شادي شريمتي ڪرمائي ڏي ميگهو جٽپال، ڳوٺ سارڻ تعلقہ ڏيپلو مان ڪئي. جا ڇهن مهينن ڪانپوءِ فوت ٿي ويئي. انهي ڪانپوءِ ٻئي شادي شريمتي سنيان ڏي سکو ذات ٻڙهيہ، ڳوٺ موٽاٽيو تعلقہ ڏيپلو سان ڪئي. جنهن مان پُٽاڻو اولاد ڪونہ ٿيو بہ نياڻيون ٿيون. هڪ هانسو جيڪا هڪ مهان استاد، تامل چند گورڙيہ، ڳوٺ ويڙهار سان ڪرائي. جنهن جو پٽ ماستر رانجهو مل آهي. ٻي نياڻي مصران جنهن جي شادي شري وسند گوهيل، ڳوٺ ڪاريويري تعلقہ ڏيپلو سان ڪرائي هُئي. پٽ نہ هجڻ ڪري سدائين هي جملو چوندا هُئا:

”پَن تہ اڳئي پٽبا هُئا. هاڻي مورَ هُون ڏيئي ويا مُڇو.“

پراڻي وقت ۾ ماڻهو لاڙ طرف لاباري تي ويندا هئا تہ ٿر ۽ سنڌ جي ڪس وٽ، واٽ تي هڪ وڏو نم جو وڻ بيٺل هو ماڻهو انهي جي ڇانوَ ۾ ويهي ٿڪ پچندا هئا. پوءِ ڪن ماڻهن اهو نم وڍي ڇڏيو. انهي ڪانپوءِ اهو جملو پاڻ تي استعمال ڪرڻ لڳا. پاڻ وڏا مهمان نواز هوندا هئا. واڇرا جي ميلي تي ماڻهو ويندا هُئا تہ سندس اوتاري ۾ پاڻي ۽ ڇانهہ پي ٿڪ پچندا هُئا. هاڻي اهو اوتارو ۽ نم نہ رهيو آهي، تنهنڪري اهو جملو ورجائيندا هُئا:

”اندر جي ڏک جو آواز پاڻهي نڪري ويندو آهي.“

آخر دنيا فاني آهي، پاڻ تاريخ 1991-03-03 تي 102 سالن جي عمر جو ٿي هن دنيا کي الوداع ڪيو. سندس دوست ۽ جوڙ ۾ خاص

ڪري مينهتر پورو مل هيلاريو لنجا ۾ راڄو پڙهيو ڳوٺ نناڻي، جيڪو سندس سڳو ماسات به هو. اِهي ٽيئي ميگهواڙ جاتيءَ جون مشهور هستيون ٿي گذريون آهن.

اوسئيڙي ۾ نيڻ اُجايل،
ٿر جي پياسي واريءَ وانگر.

# سونو مل گهلڙو

صورت سي ڪيرت بڙي جو بنان پانک اُڙ جائي،
صورت تو جاتي رهي، پر ڪرت ڪبوئي نہ جائي.

هن سنسار ۾ ڪي ماڻهو تاريخ هوندا آهن. اُهي شخصيتون ڪنهن تعارف جون محتاج ناهن هونديون. جلسن، جلوسن، شادين مرادين، ڪچهرين مطلب تہ هر قسم جي ميڙاڪن ۾ اهڙن ماڻهن جي شخصيت خود بہ خود تعارف ڪرائي ڇڏيندي آهي. اهڙا انسان بيشمار خوبين سان مالا مال هوندي بہ پنهنجو پاڻ تي ناز نہ ڪندا آهن. اُهي انسان هميشہ ٻين جي سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن ڪارين ۽ غريبن جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي ارپڻ ڪري ڇڏيندا آهن. ۽ غريبن جي خوشين سان پنهنجي دل کي سڪون بخشيندا آهن. هر انسان پنهنجي ڪردار ۽ ڪرم سان سڃاتو ويندو آهي. اهڙو هڪ ڪردار ٿر جي پٽن ۾ ويڙهيل ڳوٺ ارباب ڪيتلاري، تعلقہ ڏيپلو ۾ نالي سونو مل، هڪ نفيس ڪردار سرگيہ ٿمون مل گهلڙو جي گهر ۾ سال 1934ع ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو سُڪان ٻوچيہ، جيڪا ڳوٺ ڀيراڙيو تعلقہ ڏيپلو جي هئي.

ابتدائي تعليم اباڻي ڳوٺ ڪيتلاري جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. هو هڪ تمام غريب گهراڻي سان تعلق رکندو هو. پر تعليم پرائڻ لاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. سونو مل گهلڙو پنهنجي ذهانت، قابليت ۽ اهليت سان اُن وقت جا ست درجا فائينل پاس ڪيائين. سهوليتن جي اڻهوند باوجود بہ هن ڪڏهن بہ همت نہ هاري. هن جو ٻچپن پنهنجي هم عمر ٻارن سان پنهنجي ڳوٺ جي گهٽين، گلين ۽ راند روند ڪندي گذريو. ”همت مردان مدد خدا“ واري چوڻيءَ جي پيروي ڪندي، پنهنجي منزل ۽ مقصد تي گامزن رهيو.

سونو مل گهلڙو ٿر جي مشهور تعليمي ماهر، مهان انسان سرڳواسي پروفيسر هوتچند گهلڙو جو وڏو ڀاءُ آهي. سندس شادي مٺي شهر ۾ ڀڳت ڏيرو مل سيجو جيڪو مٺي شهر جو وڏو ڪاريگر ۽ رازو

هو. جنهن جو ڪردار بہ ڪنهن کان لڪيل نہ آهي. اُن جي سپتري ليلان ٻائيءَ سان ٿي. اُها شادي اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ جي پهرين شادي هئي جو مائٽن پنهنجي نياڻي ڏرمائو پرڻائي مطلب تہ گهوٽيتن جو هڪ روپيہ بہ خرچ نہ آيو سڀ خرچ نياڻيءَ جي مائٽن ڪيو. جنهن مان ڪيس بہ نياڻيون ۽ ٽي پٽ آهن هڪ پهلاج، جو پرائمري ماستر آهي، ٻيو لونگ ذاتي ڪاروبار ٿو ڪري، ۽ ٽيون شنڪر بہ پرائيويٽ نوڪري ڪري ٿو.

سونو مل پنهنجي پڙهائي مُڪمل ڪرڻ بعد پنهنجي والد صاحب سان مختلف ڪمن ڪارين ۾ هٿ ونڊائيندو هو. هو هڪ سنو رازو هو. هو ڪچهرين جو ڪوڏيو هنس مُک، هميشہ مختلف محفلن، شادين مرادين ۽ ڪچهرين جي زينت بڻيل هوندو آهي. اڪثر محفلون سونو مل جي موجودگيءَ سان حقيقي محفل ڪي رنگ ملندو هو. سندس غير حاضري مختلف ڪچهرين ۽ محفلن ڪي اڪثر ڪري ويران ۽ سُنسان ڪري ڇڏيندي آهي. هي نہ صرف ميگهواڙ برادري بلڪ ٻين برادرين لاءِ بہ ڪافي ڪم ڪيو. مختلف مسئلن ڪي سلجهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهي خدمتون ۽ ڪاوشون ساراهڻ جوڳيون آهن. جنهن جو شاهد ٿر جي پوري عوام آهي. ضلع ٿرپارڪر جو 80 سيڪڙو عوام هن ڪي سڃاڻي ٿي. مختلف ڪمن ڪارين مسئلن ۽ فيصلن، ميٽنگن ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ تمام پري پري کان ڪوڙ سارا ماڻهو هن ڪي وٺي وڃڻ لاءِ ايندا رهندا آهن. روبرو يا فون رستي هن جي صلاح ۽ مشورن مان فيضياب ٿيندا رهندا آهن. هي ميگهواڙ برادريءَ جو سپوت ۽ امين ۽ ڇڱو مڙس سال 1981ع کان 1986ع تائين ۽ 1986ع کان سال 1991ع تائين لوڪل بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو هو. ان وقت ٿرپارڪر ضلع ڪونہ هو، پر ميرپورخاص ضلع هوندو هو.

سونو مل گهلڙو ٿرپارڪر جي تاريخ ۾ ميگهہ ونس جاتيءَ جو نرالو ۽ نفيس ڪردار رهيو آهي. ٿر جا ماڻهو هميشہ هن ڪي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. تاريخ ريگستان برزبان ياد رکندڙ هي ڪردار 76 سالن جي ڄمار ۾ اڄ بہ صحتمند، چاڪ چوبند آهي،

اڄ بہ ڏسڻ ۾ جوان محسوس ٿيندو آهي. ايڏي وڏي عمر هوندي بہ گھر جا ڪم ڪار سڀ پاڻ ڪندو رهندو آهي. اهڙي زنده دل انسان ۽ مهان هستين جي حوصلا افزائي ڪرڻ اسان سڀني جو اخلاقي فرض آهي. اهڙي مهان ڪردار ڪي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ رکڻ لازمي آهي.

مر بھي جائون تو ڪھان لوگ ڀُلا هي دين گي،
لفظ ميري زنده هوني ڪي گواهي دين گي.

# ڏامرو مل پونئار

(1921ع کان 1952ع)

سي پوڄارا پُر ٿيا، سمنڊ سيويو جِن،
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُلهه مهانگو اُن جو.

سنڌ جي ڌرتي انهن عظيم ۽ لازوال ڪردارن سان ڀري پيئي آهي، جو هميشه پنهنجي زندگيءَ جون سڀ بهارون جوانيءَ کان پيريءَ تائين قوم ۽ ڌرتيءَ لاءِ وقف ڪري، نئين نسل لاءِ مثال قائم ڪري رهيا آهن. انهي جي لسٽ ته تمام گهڻي ڊگهي آهي. اهڙي طرح ضلع ٿرپارڪر جي تعلقه ننگرپارڪر جي ڪارونجهر جي نگري ۾ ڪيترن ئي املهه ماڻهن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي ڪنهن به تعارف جا محتاج نه آهن. استاد شخصيتن جو ذڪر ڪبو ته ميگهه ونس جو پهريون استاد، سائين هرجي لال، نک جئپال، تعلقه ننگرپارڪر سان تعلق رکندا هُئا، ۽ اهڙو ئي هڪ ٻيو اُستاد ننگرپارڪر جي پوميڪا جي استاد لوڪن ۾ هڪ نانءُ محترم ڏامرو مل، جنهن جو جنم تاريخ 01-02-1954 تي سرڱواسي سڪو مل ڪيماڻي پنوار ڳوٺ موڏو دڙو (سنگراسي) تعلقه ننگرپارڪر ۾ ٿيو. سندس ماتا شري جو نالو حوا، ڏي اگرو مل، ذات پاتاريه ڳوٺ مناتڙ تعلقه ڇاڇرو جي هُئي.

پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ کان پنج ڪلوميٽر پري، ڳوٺ اسماعيل سنگراسي ۾ روزانه سياري توڙي اونهاري ۾ پيادل پنڌ ڪري حاصل ڪئي.

1965ع ۾ پنهنجي ڳوٺ کان 48 ڪلوميٽر پنڌ تي هاءِ اسڪول ڇاڇرو ۾ داخل ٿيو جتان سال 1969ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد، 71-1970ع ۾ حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان SV هڪ سال جو ڪورس مڪمل ڪيو. بعد ۾ 1971ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ دوران علائقا ڀارت جي ڪنٽرول ۾ هئڻ ڪري لڏي انڊيا ويا، جتي ٻه سال پرائمري ماستر طور ملازمت ڪئي. انهي بعد وئڪيشن ۾ سال

1973ع ۾ واپس پاڪستان آيو. پاڻ 1973-7-15 تي شريمتي تاري، ڏي رائچند جٽپال، ڳوٺ ڪاريو غلام شاهہ سان شادي ڪئي، جنهن ڪري واپس وڃڻ کان قاصر رهيو. جڏهن تہ باقي سڀ رت جا رشتا ناناڻن سميت انڊيا ۾ رهيل آهن.

کيس اولاد چار پٽ ۽ چار نياڻيون آهن. 1. شنڪر لال واحد ميگهواڙ جنهن مسلسل ٽي سال ميرپورخاص زون کي ٽاپ ڪري 2012ع کان ايريا مئنيجر اسٽيٽ لائيف جي پوسٽ ماڻي. 2. ڊاڪٽر سنتوش MBBS هن وقت عمان ۾ آهي. 3. آڪاش BA, LLB, MA جو وڪيل آهي. سامارو ۾ آفيس کولي اٿس 4. انجنيئر وڪرم مهراڻ يونيورسٽيءَ مان ME بعد في الحال بيروزگار آهي، نياڻين ۾ ڊاڪٽر رميلا B.D.S هائوس جاب ڪري رهي آهي. آشا ڪماري فزيوٿراپسٽ زير تعليم ڄامشورو. جيڪا عمرڪوٽ ضلع جي هڪ ئي سيٽ ميرٽ تي سليڪٽ ٿي. باقي بہ نياڻيون انٽر تائين پڙهيل ۽ شادي شده آهن.

1973-8-29 تي پرائمري ماستريءَ جو آرڊر مليو. ڳوٺ جهانپو تعلقہ ننگرپارڪر ۾ داخلڪار ٿيو. جتان ٻين سيني هندو ملازمن سان گڏ 1975ع ۾ بئراج بدلي ٿي، جتي ڪوٺ غلام محمد، سامارو شهر ڀرواڙيءَ جي اسڪولن ۾ نوڪري ڪئي. نوڪريءَ دوران شيڊيول ڪاسٽ اسوسيئيشن ۾ بطور خزانچي ڪم ڪيو. 1986ع ۾ سامارو شهر ۾ سڏايل 6 ضلعن جي جنرل باڊي مٽينگ ۾ ميگهواڙ ايڊيوڪيشنل اسوسيئيشن جو بنياد پيو ۽ اڪثريت سان کيس خزانچي چونڊيو ويو. مسلسل پنج سال جاکوڙ ڪري ماڻهن کان چندو وصول ڪيو ۽ ميگهواڙن جي شادين نيئنڊ تي 1٪ چندو وصول ڪرڻ جي روايت قائم ڪئي.

1994ع ۾ کيس اسٽيٽ لائيف سيلز مئنيجر جي پوسٽ ملڻ ڪري، مارچ 1994ع تي پرائمري ماستريءَ کي الوداع ڪيائين. پاڻ سدائين سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ ڀرپور ونڻ سبب مختلف تنظيمن ۽ پنچائتن ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهندو آهي. سامارو روٽري ڪلب ۾ 5 سالن تائين جوائنٽ سيڪريٽري طور خدمتون سرانجام ڏنيو. انهي

ڪانسواءِ سامارو ۾ ڪانٽيو ۾ هر سال ٽن ڏينهن تائين اڪين جي ڪئمپن ۾ رهي، خدمتون ڏيندو رهيو آهي.

تاريخ 02_8_2008 تي درگاهہ پير پٿورو صاحب ۾ پاڪستان ميگهواڙ ڪائونسل (PMC) جو بنياد رکيو ويو. جنهن جو چيئرمين وڪيل ارجڻ داس ۽ جنرل سيڪريٽري ڏامرو مل کي مقرر ڪيو ويو. ان بعد لڳاتار 5 سالن تائين مختلف ضلعن ۾ يونٽ کولڻ لاءِ ميٽنگن جو اهتمام ڪيو. حيدرآباد ۾ مختلف وقتن تي چار شاندار پريس ڪلب ۾ ميٽنگون سڏايو ن ويون. انهي ڪانسواءِ گڏريل 5 سالن کان GGHS سامارو جو SMC جي چيئرمين طور فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان جي پروجيڪٽ ليگل ايڊ عمرڪوٽ جي مئنيجمينٽ ڪاميٽيءَ جو 6 ماهہ ميمبر رهڻ دوران، غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي مفت ۾ قانوني مدد ڪرڻ ۽ قانون مطابق چاڻ ڏيڻ لاءِ ساٿين سان گڏجي ليڪچر پروگرام ارينج ڪيائين، گڏريل ٻن سالن کان سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي مرڪزي پريس سيڪريٽري طور ڪم ڪري رهيو آهي.

هارين، مزدورن ۽ مظلوم طبقن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ درپيش مسئلن کان جان آجي ڪرائڻ لاءِ ٿر جي ڪافي شهرن توڙي ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ مشهور دانشور، هر خميس اخبار ”سوڀ“ جي ڪالم نويس، سرخ پرچم جو ايڊيٽر ۽ CPP جي سيڪريٽري جنرل کي آڻي ڪچهريون، ليڪچر ڪرائي عوام ۾ جاگرتا پيدا ڪرائي آهي. اهو سلسلو سماجي ڪمن، باهہ متاثرين، نياڻين پرڻائيندڙ بي پهچ ماڻتن، في يا ڪتاب کان محروم يونيورسٽي شاگردن جي وس آهر مدد ڪرڻ، اچانڪ حادثن جي شڪار ٿيندڙ جي مالي توڙي رت جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهي.

پنهنجي ڪميونٽيءَ ۾ سماجي براين، وهمن، وسوسن، مدي خارج رسمن ۽ جهالت خلاف جهاد ڪرڻ ۾ روان دوان آهي. منشيات خلاف مهم هلائڻ، ايتري قدر جو سندس پنهنجي گهر ۾ چانهہ، ٽيسٽي پڙي، سگريٽ ۽ ٻئي منشيات جو استعمال بلڪل نہ آهي ۽ سخت نفرت ڪري ٿو. نري واپرائيندڙ کان سماجي بائيڪاٽ ڪرڻ لاءِ

ڪوشان آهي. پاڻ تعليم جي روشني پکيڙڻ ۾ سندس چاچي ماستر ميوو مل کي ناقابل فراموش ڪردار سمجهي ٿو. انهي کان علاوه شعوري تربيت ۽ مطالعي جو شوق ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ طبقاتي سمجهہ باباءِ سنڌ، حيدر بخش جتوئيءَ جي ساٿين کان حاصل ڪيائين.

پنهنجي ڳوٺ مان لڏي 5 سال ڪوٽ ميرس رهيا ۽ سال 1994ع کان سامارو شهر ۾ رهائش پذير آهي. 1985ع ۾ ٻن صفحن تي مشتمل هڪ پمفليٽ (ڪڏين خلاف) ليٿو مان ڪڍي هزارن جي تعداد ۾ ورهايون، ميگهواڙن جي نسل کي جهالت جي اوڙاهہ ۾ اُڇلڻ جي جديد سازش خلاف احتجاج، ميگهواڙ ايجيوڪيشن ايسوسيئيشن طرفان ايجيوڪيشنل ”اج سڄڻ مون ساڻ“ 18 صفحن تي مشتمل ميگهواڙ ايجيوڪيشنل(MEA) جي باري ۾ لکي تقسيم ڪرايائين.

سندس خاص ڪردار 18 سالن کان سامارو شهر ۾ اسٽيٽ لائيف جي آفيس کولي، سيلز مئنيجر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. سچائي ۽ ايمانداري سان معلوماتي مواد، ماڻهن ۾ غلط فهمين ۽ شڪايتن کي ختم ڪرائڻ، ويمي متعلق ايترو شعور اجاگر ڪيائين ۽ پنهنجي ٽيم سان 13000 خاندانن کي تحفظ فراهم ڪري چُڪو آهي. انهن خدمتن ۾ محنت عيوض چيئرمن ۽ ٻين آفيسرن طرفان ميڄتا طور سونَ ۽ چانديءَ جا تغما، سونَ جي بيڪيٽ، ملڪي طور تي اعلان شده هڪ لک روپيہ بمپر پرائيز، شيلڊون، ٽرافيون، سونهري سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا خوبصورت انعام ماڻي چُڪو آهي. پاڻ انساني خدمت ۾ پڪو ويساهہ رکي ٿو ۽ انهي کي عبادت سمجهي ٿو. هن وقت سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو مرڪزي نائب صدر ۽ هارين جي حقن جي ترجمان اخبار ”هاري حقدار“ جو پبلشر ۽ ڊپٽي ايڊيٽر بہ آهي.

# پٽيل ماڌو رام ھونٿر

(1883ع کان 1967ع)

ڏک نہ ڪنھن جي ڏاڍ کان، ڏکڻ ڏاڍي ڏيڍ،
اُن مان آس نہ ڪيڍ، سوپ سدائين سچ جي.

تاريخ ۾ مڙوئي ڪجھہ ماڻھو اھڙا ھوندا آھن، جيڪي واچوڙن جا رخ موڙڻ جي اھليت رکندا آھن. زندگيءَ جا تجربا کين ايترو تہ سيکاري ڇڏيندا آھن، جو کين ايندڙ طوفانن جا رخ موڙيو وجن ٿا. تاريخ ۾ اسان کي اھڙيون کوڙ ساريون شخصيتون نظر اچن ٿيون. اھڙوئي ھڪ ميگھواڙ جاتيءَ جو ھمدرد انسان سرگيہ پٽيل ماڌو رام سال 1882ع ڌاري ڏيوجي ھونٿر جي گھر گُجرات جي تعلقہ ٿراد جي ھڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو مرگھان ھو جو ماڌو رام ننڍو ھو تہ ھو ديھانت ڪري ويئي. پاڻ ڪجھہ وڏو ٿيو تہ لورواڙ ڳوٺ انديا مان پنھنجي ماٽن سان گڏ لڏي اچي سامارو شھر ۾ رھيا، ۽ پوءِ وري آصفيہ فارم اچي رھيا جتي زميننداري ڪندا ھُئا.

پاڻ سنڌي پنج درجا پڙھيل ھو پر ذھني طور تمام ھوشيار ۽ قابل انسان ھو. پاڻ شادي شريمتي مٺي بائي ڌي پريمون ذات آشل گول گام وائي انديا ضلع پالڻ پور سان ڪئي. جنھن مان کي 2 نياڻيون ۽ ٽي پٽ ٿيا. 1.گٽيسو 2. ڌانو 3. موھن لال، پاڻ گجراتي، ھندي، سنڌي، ڍاٽڪي زبانون ڳالھائي سگھندو ھو. ڊريس شلوار قميص ۽ پٽڪو پسند ڪندا ھئا. پٽيل صاحب جي پوري زندگي انساني ھمدرديءَ سان ڀريل ھئي. ڀڳت ڪاليداس، جيڪو ھن وقت 95 سالن جو آھي، اھو ٻڌائي ٿو تہ 1950ع ڌاري پٽيل ماڌو رام پنھنجي برادريءَ جي ماڻھن سان گڏ رٽونجھا راما پير جي زيارت تي وڃي رھيا ھُئا، تہ ريل گاڏيءَ ۾ ٻہ عورتون ٻاوا ذات جا، جيڪي حيدرآباد کان چڙھيا ھئا، پنھنجي وارثن کان ريل گاڏي ھلڻ ڪري وڇڙي ويون. پٽيل صاحب سڄي سفر ۾ انھن کي پنھنجي گھر واريءَ سان گڏ رھايو. پنھنجي خرچ سان انھن کي راما پير ميلو رٽونجھا مان گھمائي واپس

پاڪستان خير خوبيءَ سان وٺي حيدرآباد سندس وارثن جي حوالي ڪيون.

ماڌو رام پٽيل ڪيترن ئي لاوارث، بي پهچ نياڻين ۽ ڇوڪرن جون شاديون ڪرايون. ڏڪويل ماڻهن کي پناهہ ڏيندا هُئا. ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ روزانہ ڪيترائي وٽس مهمان هوندا هُئا. سندس اوطاق سدائين مهمانن سان ڀريل هوندي هئي. وڏو مهمان نواز انسان هوندو هو. جنهن ڏينهن ڪو مهمان نہ هوندو هو تہ اهو ڏينهن نياڳو سمجهندو هو. پر اهڙو ڪوبہ ڏينهن نہ آيو جو اوطاق خالي رهي هجي. پٽيل ماڌو رام هڪ راج نيتيءَ ۾ فيصلو ڪندڙ انسان هو. نيا ۽ فيصلي لاءِ هندو توڙي مسلمان بنا ڪنهن فرق جي پنهنجو اڳواڻ ۽ پرجهلو سمجهندا هئا. انگريز پڻ جڏهن دؤري تي ايندا هئا تہ پٽيل صاحب جي نيا جي ڪري وڏي عزت ڏيندا هُئا، ۽ ڪافي انعام، جنهن ۾ چانديءَ جون چوڙيون، ٻيو ڪافي سامان ۽ هڪ صدوق انعام طور ڏني اها صندوق اڄ بہ جيڪا سندس پُٽ موهن لال جي گهر ۾ موجود آهي.

پاڻ وري 1999ع ۾ آصفيہ فارم مان لڏي اچي سامارو شهر ۾ رهيا، سندس پويان اڄ تائين سامارو ۾ رهائش پذير آهن. موهن لال جو پٽ نولراءِ جيڪو BECS جو ماسٽر ٽرينر آهي سال 2009ع ۾ اسلام آباد ۾ NET طرفان ماسٽر ٽرينر جي ٽريننگ ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، ۽ ميگهواڙ جاتيءَ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو. نولراءِ سياست ۾ بہ سنڌ ۽ پاڪستان ليول تي سرگرم آهي. هندو ڪرسچن تحريڪ جو مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري بہ رهيو آهي. PS_69 سامارو جي سيٽ تي QAT جي ٽڪيٽ تي اليڪشن 2013ع ۾ حصو ورتو بعد ۾ جادم منگريو جي منٿ تي سندس حق ۾ هٿ کنيو.

پٽيل ماڌورام آخر سال 1967ع ۾ پرلوڪ پڌاريو ۽ پنهنجون يادون هميشہ لاءِ ڇڏي ويو. جيڪي هر ماڻهوءَ جي دلين تي نقش آهن، ۽ ياد ڪندا رهن ٿا.



ڪبيرا اس جگت ۾ الٽي ديکي ريت
پاپي بيٺا راج ڪري ساڌو مانگي بيک
(ڪبير)




YASIR
2003

# سانوڻ سنڌي

(1966–02–05 کان 2003–04–21)

مار پِئي موت، تون اڻ منداڻتو آئين،
گهائيئي اهڙا گهوٽ، جن مند نہ هُئي مرڻ جي.

سونهاري سنڌ ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهڙا مهان ڪوي پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجي ڪويتا ۾ امر ڏانءَ سان انسان جي دلين ۾ اجالو پيدا ڪيو. انهن پنهنجي ڪلاجي واسنا سان ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ جي چاڻ ڏني. اهڙوئي هڪ مهان پرش جيڪو گلن ٽڙڻ جي مند اچڻ ۾ باقي ڏهہ ڏينهن بچيا هئا تہ بهارن جي جهڙي ماڻهو "سانوڻ" سنڌي، احترام لائق مکي کمون مل ذات کوکر ٽنڊوغلام علي، تعلقہ ماتلي ضلع بدين جي تاريخ 1966_02_05 تي اک کولي ۾ هن وفا نہ ڪندڙ جهان کي ڏٺو. سندس ماتا جو نالو بولي ڏي دڏو ذات اوڊاڻا وينل ٽنڊو غلام عليءَ جي هئي.

پاڻ 5 درجا سنڌي سال 1978ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٽنڊو غلام عليءَ مان پاس ڪيا، ۽ 1982ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول ٽنڊو غلام عليءَ مان پاس ڪيو. انٽر 1985ع ۾ ڊگري ڪاليج ماتليءَ مان ۽ B.Sc سال 1989ع ۾ M.A Economics سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان پاس ڪيائين. M.A سنڌي جي ڊگري سال 1985 ٽنڊو محمد خان ڪاليج مان حاصل ڪيائين. 1992ع ۾ B.Ed علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان ۽ M.Ed سال 2000ع ۾ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان پاس ڪيائين. شروعات ۾ کيس جونيئر ٽيچر جي نوڪري ملي، جا ٽنڊو غلام علي هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ڪئي، بعد ۾ سائنس ٽيچر طور مقرر ٿيو جو آخر تائين رهيو.

پاڻ شادي شريمتي نيٽي، ڌي منگهارام، ذات ڪڏيچہ، ڳوٺ ڪاڇيلو تعلقہ جيمس آباد سان ڪئي، جنهن مان اولاد هڪ نياڻي مينا ٻائي، جا تعليم انٽر پاس هٿ جي هنر جي ماهر ۽ ڀڳتي ۾ ست سنگ جي سگهڙ آهي. ٽي پٽ 1. لطيف ڪمار B.A پاس جيڪو

درزڪو ڪم ڪري ٿو. 2. مهيش ڪمار 7 ڪلاس ۽ راهول ڪمار 5 ڪلاس ۾ پڙهي پيو. ساڻن سنڌي انگريزي، سنڌي، اردو ۽ ڍاٽڪي ٻوليون لکي پڙهي سگهي ٿو. سائين جو ادب سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ هوندو هو. سندس پيءُ مکي ڪمون مل جتيون ٺاهيندو هو ۽ مٽي چاندي مڙهڻ جو ڪاريگر هو. سندس ماتا جو گهر ۾ ڪپڙي جو دڪان هو. خوب محنت ڪري ساڻن سنڌيءَ کي پڙهايو. هڪ ڏينهن ساڻن سنڌي پڙهڻ لاءِ گهران نڪتو تہ رستي ۾ ڪيس ٽڪر لڳڻ ڪري سندس ٽنگ تي ڌاڍو اثر ٿيو.

هو هلڻ کان لاچار ٿيو پر همت نہ هاري. جوش ۽ جذبي سان هن ڪاٺ جي گهوڙين سان هلي، پنهنجي پڙهائي جاري رکي ۽ ڪلاس ۾ سدائين اول نمبر سان پاس ٿيندو رهيو. پاڻ محنتي هوندو هو. صبح جو اسڪول ۾ پڙهائيندو هو. شام جو شاگردن کي ٽيوشن ڏيندو هو ۽ رات جو درزڪو ڪم ڪندي پنهنجي اولاد کي بہ پڙهايو.

حياتيءَ کي امر بنائڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي. انهي لاءِ جدوجهد جا جهان جهاڳڻا پون ٿا. جدوجهد جا ڪيترائي پليٽ فارم آهن. ڪو تاريخ ۽ تهذيب جو رکوالو ٿيئي ٿو. ڪو سگهڙ ۽ شاعر جو روپ وٺي پيغام پهچائي ٿو. ڪو ساز وڄائي سُرڪيڊي ذهنن کي جنجهوڙي ٿو ۽ ڪو ملازمت يا محنت ڪري پنهنجو نانءُ تاريخ جي صفحن ۾ لکرائي ٿو. ساڻن سنڌي ڪيترائي سماجي توڙي ذاتي بار ساڻ کڻي هلندڙ گهڻن ئي مسئلن ۾ گهيريل هوندي بہ مُک تان انهن جو اولڙو لڪائي، خوش نظر ايندو هو. قوم ۽ جاتيءَ جي سجاڳيءَ لاءِ شعر سرجيندڙ ساڻن، قد ۾ پورو پورو، بت ۾ ڀريل رنگ جو سانورو، اکين ۾ اونهائي، وار ڪارا طبيعت ۾ ٿڌو ۽ خوش مزاج قول ۽ فعل ۾ فرق نہ ڪندڙ سوچي پوءِ ڳالهائڻ وارو، سڀ جي سگهہ رکندڙ ايندي کي آءُ، ويندي کي ويهہ، چوڻ وارو هو. سندس ملڻ مان مخلصي بکندي پئي نظر ايندي هئي. جوانيءَ ۾ قدم رکڻ کانپوءِ هن ۾ هڪ سجاڳيءَ جي ڪرڻ جاڳندي رهي، ۽ اندر ۾ پيدا ٿيل ولوڙ کي شعرن ۾ اوتيندي سال 1983ع کان باقاعدي شاعريءَ جي شرروعات ڪيائين. سائين واجد منگي (مرحوم) ٽنڊو غلام علي ۾ ادبي

سرگرميون شروع ڪري ڇڏيو هو. دوستن جي مدد سان صوفي شاهہ عنايت شهيد جي نالي سان مفت اپياس گهر قائم ڪيو هئائين، ۽ انهي لئبريريءَ ۾ هفتيوار ادبي گڏجاڻيون ٿينديون هيون. سانوڻ سنڌي ۽ سندس ٻيا ڪيترائي دوست سائين مشڪور قلڪارو امداد چاچڙ، ڪرشن ويراڳي شرڪت ڪندا هئا جتان داناءَ استادن ۽ دوستن جي تنقيد مان لاڀ حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي شعر لکڻ جي لائق بنايائين. سندس شاعري سندس سچائي ۽ دلبرائي، سنڌي قوم ۽ ملڪ سان محبت جو ڏيک ڏيندي آهي. هو هڪ بهترين شاعر هو. جنهن جي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب "سانوڻ آيو سانُ ڪري" جنوري 2004ع ۾ شايع ٿيو. شاعريءَ ۾ هن پنهنجي قوم جو بہ ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ پنهنجي ڳوٺ ٽنڊو غلام عليءَ جي باري ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. پنهنجي شهر جي ميرن جي باري ۾ بهترين تفصيل سان لکيو آهي. هن پنهنجي مذهب جي باري ۾ بهترين نموني سان اظهار ڪيو آهي:

پرهہ ۾ آڪاڙ آهيان!
ڏرتيءَ جو دراوڙ آهيان!
شيخ پلي شاهہ سڏائين،
آئون تہ ميگهواڙ آهيان!
اٿندين متان اوٿر هوندس،
لڙنديس تہ لاڙ آهيان!
خلق جي خوشين ۾ ئي خوش،
راجن مگڻهار آهيان!
پنهنجو ميل آ مشڪل تون،
کهنبو مان چاٻڙ آهيان.
ٻانهن ٻُسي ۽ نٽ لٽل،
جڳ ۾ جيئڻ جاڙ آهيان.
آئون صفا ساڏو سانوڻ،
ڊوهہ نڪي ڊاڙ آهيان.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو غلام عليءَ کي سائين واجد ڪانپوءِ مشڪور ڦلڪارو پنهنجي منهن ٽي وجڻ ڪانپوءِ سانوڻ سنڌي ئي زنده رکيو. سانوڻ جي بنان مندي نهنائي ڪري هر ڪو ساڻس محبت ڪندو هو. محنتي، جفا ڪش هئڻ ڪري ڪيس شهري اتحاد تنظيم جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. انهي ڪانسواءِ فنڪشن ۾ ڪمپيئرنگ ڪرڻ ڪري ته سامعين ايڏو ته خوش ٿيندا هئا، جو چوندا هئا ته ٻين کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت نه ڏي، تون شعر ئي ٻڌائيندو رهه. پروگرام ۾ ڪمپيئرنگ جون وڊيو ڪيسٽون ڪافي تعداد ۾ اڄ به موجود آهن.

سانوڻ سنڌي مهانگائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ صنوبر ٽيلر جي نالي سان سلائي سينٽر کوليو انهي تي ٽائيم ڏيڻ دوستن ۽ برادريءَ ۾ اٿڻ ويهڻ مطلب ته حياتيءَ جي هر رخ کي اصول سان ۽ ذميواريءَ نڀائڻ تي سانوڻ سنڌيءَ جي حوصلي، همت ۽ محنت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. پنهنجي وجود جي اُڻ تڻ جو اظهار رڳو غزل ۾ اوتي نه ڪيو اٿائين، پر شاعريءَ جي ٻين صنفن وائي، نظم، گيت، بيت، چوسٽو ٽيڙو ۽ هائيڪا وغيره ۾ به پنهنجو پاڻ ملهايو اٿس. شعر، شاعر جي اندر جي تمام وڏي ولوڙ ڪانپوءِ سرجي ٿو. سانوڻ جي شاعري جذبن جي جلوي ۽ جلال جي احساساتي گونا گونيت سان سرشار آهي. سندس شاعريءَ ۾ سک کي اُٽي پاڻ پتوڙڻ جو احساس ڏي ٿي ته مظلوم کي ظالم سان مهاڏو اٽڪائڻ جي سڌ ۾ آهي. ظالم کي دڙڪا به آهن ته مظلوم کي وري آٿت، گس ۽ دلاسا به آهن. انهي احساساتي عمل ۾ رومانس جي حوالي سان وڇوڙي جون ڳالهيون، انتظار ۽ اُلڪا به آهن ۽ درد، لڙڪ، سڏڪا ۽ سسڪيون به آهن. رومانوي جذبي سان ٿمتار شعر ته الوڙيو ٿا وجهن. اندر جي هورا ڪورا کي لفظن جا ويس ائين پارايو اٿس، جڻ ڪا لفظن جي مالها پوئي پيش ڪئي اٿس.

ادب جي ٻين صنفن ڪهاڻي ۽ مضمون وغيره ۾ به سانوڻ جي قلم جي سگهه لڪل نه آهي. نثري لکڻيون به انتهائي جاندار آهن. سپٽمبر سال 2002ع مهيني جو ڪينجهر رسالو ڳوٺ نمبر ڪڍيو

ويو. جنهن ۾ سانوڻ سنڌي پنهنجي شهر ٽنڊو غلام عليءَ تي لکيل مضمون کي مضمون نويسيءَ جي مقابلي ۾ پوري سنڌ ۾ ٻيون نمبر قرار ڏنو ويو. سانوڻ سنڌيءَ جي حياتي خوشي خوشي سان گذري رهي هئي، پر اوچتو ڪيس ڪاري سائي ٽي پيئي، جنهن جو 4 مهينا علاج آغا خان اسپتال ڪراچيءَ ۾ ڪيائون پر سورن جا عذاب نہ سهي سگهيو ۽ تاريخ 2003-04-01 ڏينهن آچر جو پنهنجي پريوار کان وڇڙي وڃي پرماتما سان مليو. هو تہ ويو پر هو امر آهي، سدا امر رهندو. پنهنجي شاعري ۾ محبت، وفا، ايمانداريءَ جي روپ ۾ ياد رهندو. هو روشن ستارو هو ۽ هميشہ چمڪندو رهندو.

اڄ بہ گهرجي سنگت کي، سانوڻ تنهنجو ساٿ.

# لالچند "لال"

لالي ميري لال ڪي، جت ديکون تت لال،
مين ديکن لالي گئي، تو مين بھي ھو گئي لال.

شاعري جذبن، احساسن ۽ خيالاتن کي بيان ڪرڻ جو نالو آهي. شاعر پنهنجي اندر جي آواز کي شاعريءَ ۾ بيان ڪري ٿو. زندگيءَ ۾ پنهنجي طرفان مليل ڏک دوستن جون وفائون، رويا، زماني جا ستم، پنهنجي محبوب جي جدائي، حُسن جي تعريف سڀ ڪجھ شاعريءَ ۾ بيان ڪري پنهنجي اندر جا اُڌما، خيال، ڏک، جذبا پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪن ٿا. اهڙي ئي هڪ ننڍي عمر جي وڏي شاعر لالچند "لال"، شري موهن لال پرمار حيدرآباد جي گھر، پنهنجي ناناڻن جي شهر ميرپورخاص ۾ تاريخ 1973-09-29 تي جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڪملان ڏي پوڄو پتاريہ جا ميرپورخاص شهر جي آهي.

لالچند کي والده ٻڌايو تہ کيس چار پنج سال کان اولاد ڪونہ ٿيو ۽ سندس ماتا پريشان رهندي هُئي. ڪنهن ڏس ڏنو تہ اوهان اُڏيري لال جي درگاھ تي وڃي دعا گھريو تہ لال سائين ضرور ٻڌندو. ڪافي عرصي کانپوءِ هڪ فقير اچي سندس گھر جي دروازي تي صدا هنئين تہ "لال" سائين جي نالي خيرات ڏيو! لال سائين اوهان جي من جي مراد پوري ڪندو. سندس ماتا هُن کي خيرات ڏني تہ هُن مٿي تي هٿ رکي چيو تہ ڏُکي نہ ٿي توکي لال وارن وارو پٽ ٿيندو. ان جو نالو لالچند رکجو. ايترو چئي فقير هليو ويو. چون ٿا تہ اهو فقير وري ڪڏهن نظر ڪونہ آيو. پوءِ سندس ماتا اڏيرو لال صاحب جي حاضري ڏيڻ لڳي. انهي کانپوءِ سال 1973ع ۾ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو لالچند رکيو ويو.

سندس مائٽ تمام غريب هُئا، غربت ۽ افلاس ۾ سندس پرورش ڪئي. کيس مقامي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ڇهون ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ غربت سبب پڙهائي جاري رکي نہ سگھيو ۽ پنهنجي مائٽن جي غريبيءَ واري حالت ڏسي محنت مزدوري ڪرڻ لڳو. سال 93-1992 ۾ گھريلو جهيڙن ڪري هوادانن ۽ سرمئي شامن

جي شهر حيدرآباد جي دل تلڪ چاڙهي، جتي هي رهندا هُئا. ان کي خيرآباد چئي علي اصغر آباد (نئين ڪالوني) اچي آباد ٿيا. مسئلن، ڏکن ۽ دردن هتي بہ سندس ساٿ نہ ڇڏيو. سندس والد صاحب کي سال 97_1996ع ۾ فالج ٿي، جنهن جو علاج ڪرايو ۽ ٺيڪ ٿي ويو. وري ٻيهر کيس فالج ٿي پر ڪافي علاج بعد بہ صحت ياب نہ ٿيو ۽ سول اسپتال حيدرآباد، علاج لاءِ کڻي ويا، پر جمع جي ڏينهن 12 بجي ڌاري ماه سيپٽمبر 2006ع ۾ ديهانت ڪري ويو.

پاڻ شادي سال 2004ع ۾ شريمتي جمنا، ڌي ناميري ذات موسڙيا شهر تلهار، ضلع بدين مان ڪئي. جنهن مان اولاد هڪ نياڻي نالي ميران پرمار ۽ هڪ پٽ هميش پرمار، جو هن وقت چوٿون ڪلاس ۾ پڙهي پيو. 16 سالن جي عمر ۾ لالچند جي زندگيءَ ۾ هڪ حسين چهرو دل ۾ سمايو ۽ محبت پروان چڙهي. پر خاندانن جي ماڻهن اهو ڪونہ چاهيو تہ اسان ملي وڃون. سچي بہ معصوم محبت هُئي پر پوءِ بہ هُن جي منگڻي ٻئي جاءِ تي ٿي ويئي، ۽ لالچند جي منگڻي ٻئي هنڌ تي ٿي.

نہ تم بي وفا هو نہ هم بي وفا هين،
مگر ڪيا ڪرين اپني راهين جدا هين.

بس شاعريءَ جي لگن اتان شروع ٿي، پوءِ روزي ڪمائڻ خاطر پنهنجي چاچي نارو مل واگهيلا سان اڏيرو لال ويو جتي سندس مامو اشوڪ پتاريہ هن کي اردو ۽ سنڌي زبان جي مشهور شاعر، امين اُڏيرائي وٽ شاعري سکڻ لاءِ خواهش ظاهر ڪئي. ان کيس بحر ۽ وزن سيکارڻ سان گڏوگڏ ادبي ماحول بہ ڏنو. شاعري سکڻ کانپوءِ مشاعرن ۾ پنهنجا ڪلام پڙهڻ جي قابل ٿي ويو. اهڙي طرح لالچند جو تخليقي سفر محترم استاد امين اُڏيرائيءَ جي لاڳيتي رهنمائيءَ جي زير اثر رهيو. سال 2001ع ۾ انٽيل ڪميونيڪيشن جي مالڪ موهن لال مڪواڻہ جي دڪان تي اردو سنڌيءَ جي مشهور شاعرن سان ملاقات ٿي، ان جي چوڻ موجب ان جي رهائش گاهہ هوسڙي ويندو هو جتي محمد تقي راجپوت صاحب سان ملاقات ٿي، اهڙي طرح کيس سٺو ادبي ماحول مليو ۽ قابل فخر هوسڙي شهر جي ادبي محفل

سروريءَ جي باني ۽ سنڌ جي پلوڙ شاعر محترم پروفيسر محبوب سروري جي لاڳيتي علمي ۽ ادبي ماحول جي تسلسل سان شاعري جاري رهي. پروفيسر محبوب سروري جن کيس شاعريءَ ۾ ”لال“ جو تخلص ڏنو تنهن کانپوءِ شاعري ۾ ”لال“ استعمال ڪندو آهي.

لالچند 2000_1999ع ۾ هڪ شاعري، جي محفل سروري جي هفتيوار گڏجاڻيءَ ۾ اچڻ لڳو ۽ پنهنجي محنت ۽ سٺي اخلاق جي ڪري محفل سروريءَ ۾ نالو ڪڍايو ۽ شاعرن اديبن لاءِ هر دل عزيز بنجي ويو. لالچند هڪ باهمت عوامي شاعر آهي. انهيءَ لاءِ چيو ويجي ٿو جو هو سچ کان ڪم وٺي پنهنجي هستيءَ تي احترام ڪري ٿو. لالچند هونءَ تہ اردو جو شاعر آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس ننڍپڻ اهڙي علائقي ۾ گذريو جتي اردو ڳالهائي ويندي هئي، پر سندس فڪر جي اُڏام گهڻي متاهين آهي. لالچند ڪڏهن ڪڏهن تصوراتي دنيا ۾ گم ٿي ويندو آهي، ۽ وري شعر جي صورت ۾ انسان کي آگاهہ ڪندو آهي:

جِيوَن گُلن جي روپ ۾ گلزار ٿي وڃي،
جي لال ماهتاب جو ديدار ٿي وڃي،
بس عمر واري ڏيان يا رکي سزا،
منهنجي اکين سان جي هو گفتار ٿي وڃي.

لالچند ”لال“ 11 ڪتاب شاعريءَ جا لکي تخليقي طور هڪ املهہ خزانو سهيڙيو آهي. پنهنجي شاعريءَ ۾ لاڳيتو درد جي ورلاپ ۽ سوز ۾ ٿي رهيو آهي. هيءُ نوجوان شاعر دل جي ويرانين ۾ دفن ٿيل احساسن کي لفظن ۾ پروئڻ جي ڏات بہ رکي ٿو. لالچند جي ٻولي گجراتي، شاعري اردو ۽ پڙهائي سنڌي اٿس. سندس 11 ڪتاب ميرا درد، آنسو عذاب غم، ڪس ڪو اپنا ڪهون، محبت سي محبت هئي، ياد ڪيا جائون گا، اوم نمہ شوائي، ميري محبت قبول ڪريو، تحفئہ محبت ۽ هڪ سنڌي ڪتاب سپرين شايع ڪري، هڪ وڏي شاعر جي حيثيت سان پاڻ کي مڃرايو آهي.

سندس شاعريءَ ۾ جوش ۽ همت سان همڪنار جذبا آهن. هارين سان ويساهہ گهاتين خلاف دانهون پڻ آهن. تہ اقرار واعده،

دلڪشي نموني سان ساراھہ جي واڪاڻ ڪنهن سان وابستہ خوشين جو اظهار تہ آس ۽ اوسيئڙي، سوز ساراھہ جي منجهان ڏوراپا بہ آهن.

اهڙي طرح مصوّر ۽ شاعر ٻئي حُسن پرست هوندا آهن. مصوّر تصوير کي تصوير ٺاهڻ لاءِ رنگن جو استعمال ڪندو آهي. شاعر پنهنجي خيالات کي لفظن جي ذريعي شڪل ڏيندو آهي.

لالچند جي شاعريءَ ۾ وطن پرستي بہ آهي. جيئن چيو آهي:

يہ بدنصيبي ميري وطن کي هئي کيا ڪرون،
جو ٿي لٽيري ملڪ کي وہ رهنما بني.

شاعريءَ جي لحاظ کان لالچند کي سمنڊ چئون، ڇو تہ يارنهن ڪتابن ۾ لال هر ڪتاب ۾ مختلف نظر آيو آهي. تمام آسان اردو زبان ۾ شاعري، جو هر ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. لالچند ۾ انهي هُنر جي صلاحيت موجود آهي جو ملڪ جا ماڻهو ”لال“ جا ڪتاب پڙهن ٿا.

غم يي نهين کہ هم کو زمانہ برا ملا،
رونا يہ هئي کي ايسي زماني کو هم ملا.

لالچند پنهنجي محنت ۽ مشقت سان هلال جي روزي ڪمائي پنهنجو گذارو ڪري ٿو. ڪريا نہ جي هڪ ننڍڙي دڪان تي مسلسل ڏهن سالن کان صبح سوير دڪان، کولڻ ويهڻ، دنڌو ڪرڻ، جيئن هن مهنگائي دؤر ۾ پنهنجي گهروارن کي پريشاني ۽ مشڪلات کان دور رکي سگهي. هلال جي روزي ڪمائي گهر هلائڻ مشڪل ضروري آهي، پرناممڪن ڪونهي، ڪاش سڀ ماڻهو روزي حلال ۽ محبت سان هلن تہ اهي گهر جنت بنائي سگهن ٿا. ڪام ڪروڌ، لوڀ، لالچ، موھہ اهنڪار جهڙي پٿريلي رستي تي پاڻ کي هلايو ۽ پنهنجي ڪتاب ”اوم نمہ شوائي“ لکي سناتن ڌرم جي لا فاني اصولن تي ڇميل دز دور ڪرڻ وارو پالڻهار آهي.

# ڪوي پاڳومل

(1915ع کان 08_06_1969)

ڳُل ٽڙيا پونئر پريا، پوءِ بہ پرين ڪونہ وريا،
اڪڙين مان لڙڪ ڪريا، پوءِ بہ پرين ڪونہ وريا.

هن سنسار ۾ جڏهن اڌرم وڌي وڃن ٿا. تڏهن ايشور شڪتيءَ سان ڪو اهڙو مها پُرش پرگهٽ ٿي ڌرم جي آتساپنا ڪري اڌرم جو ناس ڪري ٿو. اهڙوئي هڪ مهان سنت ڪوي سال 1915ع تي سنت پاتارام صاحب، ذات لوا ڳوٺ رامهور پير بچل شاهہ تعلقہ ڪنري ضلع عمرڪوٽ جي گهر اک کولي. سندس ماتا جو نالو چاندي بائي ذات پٽڙيہ ڳوٺ ٽالهي تعلقہ مٺي حال تعلقہ ڪنري ضلع عمرڪوٽ جي هُئي. کيس بچپن کان شڌ ساڌوڪي ڀڳتيءَ وارو ماحول مليو. سندس پتا صاحب شري مهاتما بانڪارام صاحب جوشِش هئا. جيڪي پنهنجي ذات ۾ مهان ڌرماتما ۽ سماج سڌارڪ هئا. جن مهوراڻي ۾ خاص سماجي تبديلي آندي، پاڻ جتي ستي برهم چاري، وديا ۽ ڌرم ۾ پروين پڻ هئا. سندس پتا صاحب جي چوڻ موجب شري پاڳو مل بہ شري بانڪارام صاحب کان گرو دڪشا نام پڇن ورتو. رامهور ۾ سنتن جو آگمن ۽ سوامي بانڪارام، جنهن بعد ۾ سوامي وويڪانند جي نالي سان مشهوري ماڻي. تنهن جي پرچار سان هن بالڪ جي من تي وڏو پرڀاءُ ٿيو. پاڻ ننڍي هوندي کان شانت چت ۽ ست سنگ پياسي هوندا هُئا. سندس ڪاڏي پيتي ۽ اُٿڻ ويهڻ ۾ هر طرح سان ڌرم جي جهلڪ ملي ٿي. سندس پرائمري تعليم نبي سر روڊ ۾ مُڪمل ٿي، ۽ پوءِ هاءِ اسڪول سيڪنڊري لاءِ ٽنڊو جان محمد ويا، جتي پاڻ پهريون انگريزي ۽ پنجون سنڌي پڙهيا. اُن وقت تازو ورهاڱو ٿيو هو ۽ حالتون نيڪ نہ هيون، جو وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو. پوءِ سائين بہ پنهنجي پتا شري پاتارام صاحب کي دڪان تي هٿ ونڊائڻ لڳو.

مال جي خريداري گهڻو ڪري حيدرآباد مان ٿيندي هُئي، ڀڳت پاتارام صاحب خوشحال گهراڻي سان وابستہ هئا. ايندڙ ويندڙ مسافر

۽ سنتن جو چڱي طرح سان آڌر ڀاءُ ٿيندو هو. ڀري ڀري جا ساڌو سنت، جوڳي فقير اچي وشرام ڪندا هُئا. اهڙي طرح هڪ ننڍڙي ڳوٺ رامهور کان ڌرم جي جوت جاڳي، جنهن مهراڻي ۽ ٻين علائقن کي روشن ڪيو.

راهمور گام ۾ بادل برسيا، برس برس پلٽايا،
پيوَت جام پر پر پايا، پاتارام پلايا.
(سنت ڀاڳو صاحب)

پاڻ شادي شريمتي ساري ٻائي، ڏي منسک ذات چوڏسيہ سان ڪئي، جنهن مان اولاد ٻہ نياڻيون ۽ ٻہ پُٽ آهن:

1. شري ڪرشن لال جيڪو مهان ڌرمي پرچارڪ آهي.
2. کيمون مل جيڪو درزڪو ڪم ڪري رهيو آهي.

ڀڳت ڀاڳو صاحب ان ايشور ڀڳتي واري واتا ورڻ ۾ پنهنجي ساڌنا سمپورڻ ڪئي. سندس وديا ۾ سنڌي، انگريزيءَ سان گڏوگڏ هندي شامل رهي. ڌرم نيتيءَ جي کوج ۾ سناتن ڌرم جي مول گرنٿن، ويدن، اپنشدن ۽ سمرتين جو گهرو اڀياس ڪيائون. انهن جو تت سار وٺي پنهنجو جِيوَن سُڌاريندي ايشور ڀڳتيءَ جو سهارو وٺي، رکي ۽ اگياني جِيوَن جي جاڳرتا ۽ ڪلياڻ لاءِ جتن ڪندا رهيا. صبح جو سوير اُٿي سنديا اگني هوتر ڪانپوءِ گيتا اڀياس ضرور ڪندا هُئا.

دُڪانداريءَ مان جيڪو وقت بچندو هو، سو هن ست ڪاريہ ۾ لڳائيندا هُئا. روز رات جو ڪافي وقت جاڳي ڪوتا لکندا هئا ۽ اُن جي وسيلي ڌرم ڀڳتي ۽ قومي سجاڳيءَ لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا. سندس رچيل ڪوتائن جو ڪتاب ڀاڳچند ڀڄن مالا پهريون ڀيرو ڊسمبر 2000ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ڀيرو جنوري 2014ع ۾ ڇپيو آهي. جنهن مان ڪيترن ئي منشن جي هردي ۾ جاگرتا ۽ پرڪاش پيدا ٿيو آهي. چوندا آهن تہ سچ ڪڙو آهي، سو اُن سلسلي ۾ ڀڳت صاحب کي ڪافي مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو. پر هن ويدڪرم يوڳي ان ڳالهہ جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. هنڌين ماڳين سندس هاڪ پکڙي، ڪيترائي ماڻهو سندس صحبت ۾ اچي لاپ پرائڻ لڳا. سماج ۾ ڌرم جي تبديلي ۽ سڌاري ڀڳت کي گهڻو پرشن ڪيو. تنهن ڪري پاڻ

وڏيڪ اُتساهہ سان ڪم ڪرڻ لڳا. ڌارمڪ ياترا ۾ پير پٿورو صاحب، ساڌ ٻيلو ـ سکر، هالا ۽ ڀٽ شاهہ تي وڃي صوفين ۽ سنتن جي صحبت ڪندا هُئا ۽ ڀڳتي رس جو آنند وٺندا هئا.

چون ٿا تہ نيڪ ماڻهو ايشور کي بہ کپن، سو سائين ڀاڳو مل جو هن مرتيو لوڪ وارو ڪرتويہ سمپورڻ ٿي چُڪو هو. سو پاڻ 8 جون 1969ع ۾ ساڌ ٻيلي تيرٿ تان موٽندي، شهدادپور جي پاسي ڪنهن ڳوٺ ۾ پنهنجو سرير ڇڏيو. سندس ڄمار 54 سال هئي. سندس ديهانت هڪ حادثو سمجهيو وڃي ٿو. ڀڳت صاحب جي لاڏاڻي وقت سندس پتا شري ڀاتارام صاحب حياتي هُئا. سنت ڀاڳو مل پنهنجي ستگروءَ جي ساليانې ورسي ساوڻ مهيني ۾ ملهائيندا هُئا. جيڪا اڄ بہ ڌام ڌوم سان گنگارام صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ اوم ڪار مندر وويڪانند آشرم رامهور ۾ ملهائي وڃي ٿي.

ڇا لکي کهڙو لکون، هن سنت سالڪ جو بيان،
هو گُڻن روپي، گُلن جو بي بها نرمل نڌان.

شاعري ڪويءَ جي من ۾ درپڻ آهي. اُن ميلي جڳت ۾ هو پنهنجي سنديش ٿو اُماڻي. شري ڀاڳو مل جي ڪوتا ۾ اسان کي جيڪو پيغام ٿو ملي، ان ۾ جڳت ڪلياڻ جي هرپاسي تي اهڙي روشني وڌي ويئي آهي. شروعات سو آتم ڪلياڻ کان آهي، گرو ڪانسواءِ گت ڪونہ آهي. اُن ۾ پورڻ وشواس ٿو ملي:

سچي ستگرو جي آهي مهما وڏي،
چئي ڇا ٻڌايان آهي ڳالهہ ڳري.

*

ڪُڇ ريت سمجهہ يار، ڪوڙو آهي هي سنسار،
ڪٽي پنهنجو ڌرم ڌار، ٿيو آهين ڇو لاچار.

# دادو رام ”اشراق“ بالاچ

هنجهہ مڙوئي هنجهہ، ميرو منجهن ناهي ڪو،
جتي رهن سنجهہ، سو سَرُ ڪن سرهو.

ڌرتيءَ جي سونهن، نظارن ۽ آسمان جي اُڏامندڙ پکين کان ويندي ڪائنات جي وسعتن تائين هر روز ڪيترائي سوال ذهن ۾ ايرن ٿا. سوال، جيڪي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. سوچون، جيڪي انسان کي شعور بخشين ٿيون. انهن سوچن جي سفر کان ڪي ڏاها ماڻهو ذات ڏٽي ايترو نہ آگاهون نڪري ويندا آهن. جنهن لاءِ زندگيءَ جي هر موڙ تي سوال ئي سوال ملن ٿا. اهڙا سوال، جن جي جوابن لاءِ هو رات ڏينهن هن سوچن جي گهري سمنڊ مان جڏهن ڪي موتي ڪين ملن ٿا، تہ اُهي خوبصورت لفظن جي صورت ۾ شاعريءَ جو روپ ڌاري اچن ٿا. جيڪي شاعر اهڙا شعر سرجن ٿا جن سان قومون بيدار ٿين ٿيون، منجهن جرئت، همت ۽ حوصلي سان گڏوگڏ نئون ولولو پيدا ٿيئي ٿو. اهي ئي دراصل حقيقي طور عام ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪندا رهن ٿا، اهڙا شاعر تاريخ ۾ امر ٿي وڃن ٿا. اهڙو ئي هڪ روپ روهي چولستان مان جتي بابا فريد جهڙا مهان شاعر، صدارتي ايوارڊ يافتہ فقيرا ڀڳت جهڙا ڀلا گائڪ، صدارتي ايوارڊ يافتہ چترا پريتم، انهي چولستان جي مٽيءَ مان جنم وٺي امر ٿيا آهن، اهڙو ئي هڪ نوجوان شاعر دادو رام عرف اشراق بالاچ. جنهن سال 1967ع ۾ شري منسڪرام بالاچ ميگهواڙ چڪ نمبر 9-10 تعلقہ خانپور ضلع رحيم يار خان ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو شرو بيبي ڌي صالحورام، ذات پڙهيار ڳوٺ مهر ڪا کوهہ تعلقہ خانپور، ضلع رحيم يار خان جي آهي. پاڻ پرائمري تعليم 5 درجا پرائمري اسڪول نيل گڙهہ مان حاصل ڪئي، ۽ وڏيڪ ڪونہ پڙهي سگهيو. گڏوگڏ پاڻ درزڪو ڪم ڪري گذران ڪندو هو جو 2001ع تائين جاري رهيو. انهيءَ ڪانپوءِ حِڪمت جو ڪم، حڪيم عبدالڪريم، حڪيم الطاف حسين، امرت جوڳيءَ کان سکيو. 2011ع تائين حڪمت جو

ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ پنجابي، اردو سرائڪي، مارواڙي ڳالهائي سگهي ٿو.

پاڻ شادي 1985-11-05 تي شريمتي سيما ڏي امرارام ذات ترڪيہ ڳوٺ رحيم يار خان، چڪ نمبر 75 ضلع رحيم يار خان سان ڪئي. جنهن مان اولاد 4 نياڻيون ۽ 4 پٽ 1. راجيش رياسي ميٽرڪ پاس ڪيو آهي. 2. وجيش بالاچ گهرو ڪم ڪار3. مهيش بالاچ ۽ 4. تان ترميش جيڪي ننڍا آهن. اشراق جا مائٽ اصل ڳوٺ بستي برشڪ جا هئا، جتان 30 سال اڳ ۾ لڏي اچي چڪ نمبر 9-10 تعلقہ خانپور ۾ رهائش اختيار ڪئي.

سندس ڏاڏو جهانگيرام، جيڪو هميشہ ديوان فريد پڙهندو رهندو هو. ان وقت اشراق جي عمر 10 سال هئي تہ اها شاعري ٻڌي ننڍي هوندي کان شاعريءَ جو شوق جاڳيو ۽ هلڪي ڦلڪي شاعري ڪندو رهندو هو. 1997ع کان هي بلڪل بحر ۽ وزن تحت پوري طرح شاعري ڪرڻ لڳو ۽ روهي چولستان ۾ مشهوري ماڻي.

هن خاص ڪري سرائڪي شاعري ڪئي آهي جنهن سرائڪيءَ جا 4 لائين جا 500 شعر جوڙيا آهن. مارواڙيءَ ۾ 20 گيت ۽ هڪ غزل لکيو اٿس. پنجابيءَ ۾ ست گيت، هنديءَ ۾ 10 ڀڄن جي رچنا ڪئي آهي. سندس لکيل سرائڪي ڪلام ڪيترن ئي فنڪارن ڳايا آهن. جن ۾ اجمل ساجد ريڊيو ۽ TV فنڪار، صابر لبانا لوڪ فنڪار، روشن لال پڙهيار، جيڪو ناز پروگرام ۾ نشر ٿيو. ”جتي يار ميڏي دا گهر هووي، اوندي در سامني ميرا در هوي“ امير حسن بهاول پور ريڊيو سنگر، جنهن سندس ڪلام ”دل پرزي ڪر ديا هئي سانول ميڏا ڍولا. قسمت رخ بدلائي جين ڏيندا گل نهين رهہ جائي چولا“ ستاره لال ريڊيو سنگر، دادلي صاحبہ ريڊيو بهاولپور دل پوءِ ملتان جي سنگر، ڪرشن لال ڀيل PTV تي بہ سرائڪي ڪلام ڳائي داد حاصل ڪيو آهي.

اشراق فلم ”روهي دي راني“ ۽ فلم روهي دا راجا ۾ بہ ننڍا ننڍا اداڪاريءَ جا رول ڪيا آهن، جنهن پهرين فلم جو هدايتڪار ۽ ليکڪ ڊائريڪٽر صديق اُجڻ صاحب هو ۽ ٻي فلم ۾ سرائڪي

استاد صابر حسين لکي، جنهن جو هيرو مير اسلم حيات ۽ هيروئن سويرا خان هئي. 2005ع ۾ هالي. ڊي. ان هوٽل ۾ هڪ تقريب ضيا شاهد ايڊيٽر خبرين اخبار جو هو ان جي تعريف ۾ شاعريءَ جي هڪ شيلڊ تيار ڪري پروگرام ۾ پيش ڪئي. جا لائيو GEO چئينل کان ڏيکاري ويئي ۽ خبرين اخبار ۾ ڇاپي ويئي. 2010ع ۾ خانپور ۾ هڪ پروگرام منعقد ٿيو جتي انڊيا کان 10 مرد ۽ هڪ عورت شرڪت ڪئي، جنهن ۾ پهريائين ٽائيم اشراق کي ڏنو ويو جتي، پنهنجي هيٺين شاعري پڙهي.

اي وقت دا شاهه دورا ڪر،
ڪيوين نپدي اي هن سال اِٿان،
متان ساڊي گال پي شڪ هووي،
خود ديکهه اکين دي نال اِٿان.

اجا وڌيڪ اهي هي شعر ڪمپوز ڪري انڊيا پارٽ سان گڏ ڪٺي ويو جو انڊيا جي ڪيترين ئي اخبارن ۾ شايع ڪيو ويو. انهي ڪانسواءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي شهيد ٿيڻ وقت 4 سٽن جا 50 شعر لکيا اٿس، جيڪي ”سنڌو تيڏي لالڙي“ ۾ محترمه تي شعر ڪيترن ئي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا. بينظير صاحبه جي آصف زرداريءَ کي التجا:

ڪرين خيال ميڏي بختاور دا، هووي پارٽ سئين زرداري،
ميڪون قبر دِي وِچ نئين پلئي، ميري آصفه ڏي پياري،
بن سرپرست بلاول دا، ڪرين تابع ڪل مختياري،
مين وطن ڪون ڇوڙي ٹُرپئي هان، تيڏي سر تي رک سرداري،

بينظير صاحبه بلاول سان:

اي بلاول سئين سُڻ پُتر ميڏا، تيڏي قائم ٿيسي اٿ شاهي،
تيڏا دنيا دي وچ نام هوسي، ميڏا ڏيندي دل گواهي،
گهبرا وين نه کهين مشڪل وچ، تيڏي نال هوسي ميڏا ماهي،
هٿ رک بلاول دل تي تون، ٿيوان اشراق مين راهي.

*

بينظير صاحبہ آصفہ بيٽي سي فرماتي هين:

نہ روڙي آصفہ ڏي ميڏي، ساڊا مولا نگهبان ئي،
جيوين مين قرباني ڏي گئي هان، ٿيوو تُسان وي قربان.
اين روشن ٿيوي نان ساڊا، ٿيوي خوش پيا ڪُل جهان.
جند پاڪستان تي وار ڏيسون، ساڊا جيوي پاڪستان.

# ميوو ”مجروح“ ٽري

(01-08-1966 کان 22-10-1985)

جي ڏُران ئي ڏاريان، سي پڻ شاهوڪار،
پر لولي لاءِ لاچار، سانگي منهنجي سنڌ جا.

هن ڌرتيءَ تي ڪيترائي آدرشي انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن انفراديت کان مٿي نڪري اجتماعي جياپي ڪاڻ جيئڻ، پنهنجي زندگيءَ جو اصول بڻائي ڇڏيو ۽ پنهنجي پوري زندگي انياءَ خلاف ويڙهہ ۾ گذاري ڇڏي. اهڙي املهہ ماڻهن مان ميوارام ”مجروح“ ٽري بہ هڪ هو، جنهن جو پنهنجي ننڍڙي وهيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار يقينن مثالي هو.

ميوو مجروح ٽري پهرين آگسٽ 1966ع تي ٿر جي قديمي ڳوٺ پابوهر ۾، هندو ازم جي ذات پات جي سماج ۾ اڇوت سمجهي ويندڙ ميگهواڙ ذات ۾، شري ڀمرو مل پنئار جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو بچان ڏي مولچند، ذات پنهون ڳوٺ ڀڪوئو تعلقہ مٺيءَ جي هئي. ڪيس بہ ڀائر آهن هڪ شري ليمون مل، جيڪو پرائمري ماستر آهي ۽ ٻيو ريجهو مل، جيڪو درزڪو ڪم ڪندو آهي. ڪيس ننڍي هوندي ئي راڳ ۽ وديا سان تمام گهڻو چاهہ هوندو هو. سهڻي سياءُ ۽ نهٺائي جي ڪري هر ڪو ڪيس ڀائيندو هو. هر ڪنهن سان ڪلي ملڻ سندس اصول هو. جڏهن پڙهڻ جي لائق ٿيو تہ مائٽن ڪيس ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ذهانت ۽ هوشياريءَ جي ڪري ٻين ڇوڪرن کان هميشہ پڙهائيءَ ۾ اڳيرو رهيو. سندس هوشياري ۽ قابليت جي ڪري پهريون ۽ ٻيون درجو ڊبل پرموشن ذريعي سال 1974ع ۾، ۽ ٽيون ۽ چوٿون درجو 1975ع ۾، ۽ پنجون درجو 1976ع ۾ پاس ڪيائين. اهڙيءَ طرح پرائمريءَ جا پنج درجا پنج سالن جي بدران ٽن سالن ۾ پاس ڪري، ساڳئي ڳوٺ جي برانچ مڊل اسڪول ۾ داخل ٿيو. 1979ع ۾ برانچ مڊل اسڪول مان مڊل اسٽينڊرڊ جو امتحان پاس ڪري، اسڪالرشپ بہ ڪنيائين. هن 1981ع ۾ ميٽرڪ

۾ 1983ع ۾ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان انٽر پري انجنيئرنگ پاس ڪيو.

انٽر کان پوءِ ڪمزور مالي حالتن سبب وڌيڪ پڙهائي جاري رکي نہ سگهيو ۽ روزگار جي تلاش ۾ حيدرآباد پهتو جتي سنڌ جي ناميارن اديبن، شاعرن ۽ سماجي ڪارڪنن جي صحبت نصيب ٿيس. پاڻ ڪجهہ وقت ماهوار ”پارس“ ۽ هفتيوار ”هدايت“ ۾ بہ ڪم ڪيائين، آخر ۾ عظمت ادبي اڪيڊميءَ جو انچارج بہ رهيو.

حيدرآباد ۾ مصروفيتون وڌڻ ۽ سستين هوٽلن جو کاڌو کائڻ سبب سندس طبيعت خراب ٿي پئي. مدي جي بخار سبب ڊاڪٽرن آرام جي صلاح ڏني ۽ پاڻ آرام خاطر گهر رهڻ کي ترجيح ڏني، ۽ نئون ڪوٽ پر سان (جتي سندس پيءُ هارپو ڪندو هو) اچي رهيو. مدي جي بخار سبب سخت کاڌو کائڻ جي منع ٿيل هئس پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ضد ڪري ٻاجهر جي ماني کاڌائين، جنهن ڪري آنڊي ۾ ڦٽ ٿي پيس. پهريائين علاج لاءِ نئوڪوٽ جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، ۽ بعد ۾ سول اسپتال سانگهڙ نيو ويو جتي نا تجربيڪار ۽ اڻڄاڻ ڊاڪٽر حنيف اعواڻ سندس آنڊي جو آپريشن ڪيو، جيڪو ڪامياب نہ ويو. 09 سيپٽمبر کان 09 آڪٽوبر تائين ايل ايم سي اسپتال حيدرآباد ۾ زير علاج رهيو، جتان لمس اسپتال ڄامشورو منتقل ڪري، 29 آڪٽوبر تي ٻيهر آپريشن ڪيو ويو، پر سندس زندگي بچي نہ سگهي، تاريخ 22 آڪٽوبر 1985ع جي صبح جو 9 بجي هي املهہ انسان اسان کان هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. کيس سندس اباڻي ڳوٺ پاٻوهر ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. علاج دوران کيس 44 رت جون بوتلون لڳيون، علاج دوران گهڻگهرن سندس زندگي بچائڻ لاءِ هڙان وڙان مدد ڪئي، جنهن ۾ ڏامرو مل ۽ سائين ديال داس رٽائرڊ تپيدار وڌيڪ سرگرم هئا.

سُر سنگيت سان شروع کان وٺي وڌيڪ چاهہ هئس. هو بهترين راڳي پڻ هو، شعرو شاعري هن هاءِ اسڪول منيءَ مان شروع ڪئي. ان وقت جي هيڊ ماستر محمد عثمان کٽي سندس صلاحتين کي پروڙي ورتو. هڪ فنڪشن ۾ هاسٽل ۾ ملنڊڙ دال تي شاعري ڪرڻ

جو ڇيو ۽ مجروح ”دردن واري دال“ جي عنوان سان مزاحيہ ۽ پُراثر شعر ڏاهي شاعريءَ جي ابتدا ڪئي، هن جي رومانوي شاعريءَ ۾ جذبن کي جاڳائڻ ۽ احساسن کي ڇهڻ جو مثالي ۽ نرالو انداز آهي. شاعريءَ ۾ سندس رهبر سنڌ جا نالي وارا شاعر محمد عثمان ڪتي، معمور يوسفاڻي ۽ ٻيا رهيا.

ڪاليج جي زماني ۾ هو شاگرد جدوجهد جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو ان وقت هن مزاحمتي شاعري پڻ ڪئي، جنهن ۾ هن هارين جي ڏکن کي بيان ڪندي، انهن جي حقن جي والهانہ طور وڪالت ڪئي آهي.

مثال طور:

حيا ٿئو ڪرين هارين جو هو ويندي وڏيرپائي،
رعب رکي هارين تي ٿو ڪرين آڪڙ اجائي.

❊

وڏيرا وڏائي جي هٽين ڇو ٿو ڄاڙي؟؟؟
مگر تنهنجي هاري ڪٽيندا ڪياڙي.

❊

اتحاد ڪريو اتحاد ڪريو اڄ قوم پنهنجي آباد ڪريو،
هي جابرن جي جوءِ ۾ رهي ٿو طرحيہ طرحين جا سور سهي ٿي،
جيئن واهن ٿا تيئن وهي ٿي، اڄ قوم پنهنجي آزاد ڪريو.

❊

ڏريان ئي ڏاريا، سي پڻ شاهوڪار،
پر لولي لئہ لاچار، سانگي منهنجي سنڌ جا.

هڪ هنڌ هو پڳوان سان بہ شڪايت ڪندي چئي ٿو تہ:

عجب جهڙيون لڳن ڳالهيون خدا تنهنجي خدائيءَ ۾،
اٿم افسوس هيٺن سان رهين ڇو ٿو جدائيءَ ۾.

❊

غريبن ۽ يتيمن جون هتي عزتون پيون لٽجن،
ڪنوارا گهوٽ پيا ڪسجن، نياڻيون روز پيون ڪسجن،

قسم سان چوان ٿو ايئن مان ڪمي ناهي ڪڏاني ۾.

هندوازم جي غير انساني نظام، جنهن ننڍي ڪنڌ جي وڏي آباديءَ جي زندگين کي جهنم ۾ بنائي رکيو. تنهن بابت مجروح جو چوڻ آهي تہ:

اسان ڪافي سٺيون آهن مگر هاڻي نہ سهنداسين،
اسان آخر جيئڻ خاطر بہ ڳولي راهہ لهنداسين.

*

ڪنن ۾ گرم پاڻي شيهو جن پلٽايو
اهڙا ئي وير، ويرين کان وڄائي سپ وٺنداسين.

هر سال 22 آڪٽوبر جو ميوارام "مجروح" ٽري جي ورسي ڳوٺ پاپوهر ۾ ملهائي ويندي آهي. جنهن ۾ سنت ٽر جا ڪيترائي دوست، اديب، شاعر ادبي روح کي پيتا ۽ شرڌانجلي پيش ڪندا آهن.

تون تہ ورڻو هئين وسڪارن ۾،
ڪونہ موٽئين ميگهہ ملهارن ۾.

## همير

پکي سپ مچن، هنج هميشہ ڏيرا،
ماري سندي مامري، سدا رُڃ رهن،
لوڪ ستو ننڊون ڪري، هو آڏي ٿا اڏرن،
الله تنهن پکين، سمهي سُڪ نہ ماڻيو.

ادب جي دنيا ۾ شاعري هڪ اهڙو فن آهي، جو انسان جي سڀ کان عظيم ”تخليق“ تصور ڪيو وڃي ٿو. شاعري رڳو لفظن جي سٽاءَ جو نالو نہ آهي پر شاعري دل جو آواز آهي. سچاڳي جو پيغام آهي. پنهنجي دل جي آواز کي، سماجي حالتن کي اظهارڻ ۽ انهن کي لفظن جي مالها ۾ پروئڻ جو پيو نالو شاعري آهي. شاعر معاشري جو حساس ذهن رکندڙ ڪردار هجي ٿو. تنهنڪري فطري طور هر سماج ۾ ٿيندڙ تبديلين کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنائي ٿو. شاعر قومن جا سفير هجن ٿا. ڪن شاعرن کي اهڙي قدرتي ڏات نصيب ٿيل هوندي آهي، جو سندن هر ڳالهايل جملو بہ شعر ٿي وڃي ٿو. اهڙو ئي هڪ اڻپڙهيل ميگهواڙ جاتيءَ جو غريب شاعر، نالي همير پٽ سچڻ ذات ڪڏيچو تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ ڪمهالو ۾ 1933ع ۾ جنم ورتو. سندس ماءُ جو نالو ٻائول هو. ٻائول تيجو ڪونهٽ جي ڌي ڳوٺ هٿرائي تعلقي ڏيپلي جي هئي. سگهڙ جي طور مشهوري ماڻيندڙ همير، تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ سڏوئي مان پنهون هينگڙي جي ڌي سونا ٻائيءَ سان 1956ع ۾ شادي ڪئي. ڪيس ڪو بہ اولاد نہ ٿيو. پاڻ اڻ پڙهيل آهن، پر سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين تي عبور اٿن. سندن پسنديده پوشاڪ سفيد آهي. ننڍي هوندي کان مال چاريندا هئا ۽ هارپو ڪندا هئا ۽ هاڻ وڏي عمر جي ڪري ڪو بہ ڪم ڪو نہ ٿا ڪن. پاڻ سگهڙ شاعر آهن، ڪيترن ئي رسالن ۾ شاعري ڇپي ۽ سگهڙ محفلن کي سجائي رکيو.

ويل: سگهو رس رامڏي اچ اوکي مان اُڪار
سڻ سڏ مون سائل جا وهيلي ڪج واهر
سڪ منجهان پيو سڏ ڪريانءِ پريم سان پڪار

اڄ اڱڻ اسانجي مون تي ڀاري آهي بار
اڇي ڇڏائي هن اڙي مان تون مانجهي مڻياندار
دوا ڏي هن درد جي مون هيلا ڪيا آهن هزار
ڪيترا ڪاغذ لکيا مون پوکرڻ جي ٻہ پار
تڏهن تونئر تنوار ڪئي تہ مون بہ ڪئي آهہ پريو ڪي پڪار
رک ڪم رام تي همير هنيئون نہ هار
تنهنجو ترهو توڪل تي ٻيڙو ٽيندئي پار.

# چتون روهلائي

بيت پٽائيءَ وانگيان، وري لکان آنءُ،
وري سکان آنءُ، ٻولي شيخ اياز جي.

جهڙي نموني هڪ آرٽسٽ پنهنجي اندر جو آواز ڪنهن تصوير جي روپ ۾ اظهار ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح شاعر بہ پنهنجي اندر جا اڌما، احساس ۽ خيال لفظن جي رنگين موتين سان هڪ مالها ۾ پروئي پيش ڪندا آهن، ۽ پنهنجو پاڻ کي هميشہ امر رکندا آهن. اهڙوئي هڪ ٿر جي ٿڌڙي واريءَ ۽ پٽن ۾ ويڙهيل ڳوٺ روهل، تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾ تاريخ 26 جنوري 1978ع تي شري موٽو مل پيڌو جي گهر اک کولي، سندس ماتا جو نالو مصران ڏي ميگهو ذات پنهون، ڳوٺ ڪنئورل تعلقہ ڏيپلو جي رهواسي آهي.

پاڻ پرائمري تعليم 5 درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول روهل مان، سال 1983ع ۾ پاس ڪيائين ۽ ميٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول ڏيپلو مان سال 1993ع ۾ پاس ڪيائين، ۽ انٽر 1994ع ۾ ڊگري ڪاليج مٺيءَ مان پاس ڪيائين. وڌيڪ تعليم جاري نہ رکڻ ڪري هُن ٽيڪنيشن لائين اختيار ڪئي، جو ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ڊپلوما هڪ سال ڪورس X-Ray ٽيڪنيشن ڪيائين، ۽ 3 مهينا آءِ (Eye) هيلٿ ٽيڪنيشن ايل. آر. بي. ٽي ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين، جيڪو اکين جو مفت علاج وارو ادارو آهي، جنهن اداري ۾ اڄ تائين نوڪري ڪري رهيو آهي. جنهن اسٽيج تان ڪافي ٿر جي غريب نابين ماڻهن جا مفت ۾ آپريشن ڪرائي نُور سان روشناس ڪرائي، دعائون حاصل ڪري رهيو آهي.

پاڻ سنڌي، انگريزي، اردو ۽ ڍاٽڪي ٻولين لکي پڙهي سگهي ٿو.

پاڻ شادي تاريخ 1999-01-21ع تي شريمتي راڌان، ڏي مگهو مل ذات درڙو ويڙهل شهر مٺي سان ڪئي، جنهن مان اولاد 3 نياڻيون 1. دُرگا ڇهون ڪلاس پڙهي ٿي. 2. ديا ٻيو ڪلاس پڙهي ٿي ۽ 3. حنا

گل، جا ننڍي آهي. ٻہ پٽ آهن 1. پارس گُل ٻيو ڪلاس پڙهي پيو ۽ ٻيو گريش ڪمار جيڪو ننڍو آهي.

سندس ننڍي هوندي اسڪول واري ٽائيم کان ئي شاعريءَ سان لڳن هو. پهريون شعر 1988ع ۾ سندس استاد مسٽر آچار عابد نهڙي جي فيئر ويل پارٽي، هاسٽل ڊيپلو ۾ پڙهيو ۽ پوءِ لڳاتار هاءِ اسڪول جي مختلف پروگرامن ۾ فنڪشن ۾ شاعري پڙهندو رهيو. پنهنجي محنت ۽ لڳن سان پوري شاعريءَ تي پاڻ مرادو مهارت حاصل ڪئي، جا قدرت طرفان ڏات مليل هئي، 1995ع کان مڪمل شاعر جي حيثيت سان شاعري ڪندو رهيو آهي. سال 1993ع ۾ شنڪر لال مختيارڪار ويڙهار واري جي معرفت، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ٻارن جي ٻاري پروگرام ۾ شريڪ ٿيو جتي علي محمد جمالي ڪمپيئر هو. اُتي پنهنجو شعر، ”ٻارو سونهي سدا ماستر ٿو ٻارن ۾ جيئن چنڊ تارن ۾“ پڙهيو. پنهنجي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب ”پيتن مٿي پٽڪار“ سال 2009ع ۾ آزاد پبلشنگ هائوس حيدرآباد پاران ساحل ٻالاڻي (هيلاريو پيير) جي سهڪار سان شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ هن ٿر توڙي هر موضوع تي شاعري ڪئي آهي، جنهن مان هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو:

اچو تہ ڪاري اُماس ۾ اڄ ڏيئا ڏيئا ٿي جلون وو يارو،
اچو تہ گڏجي نگر نگر کي نکار روشن ڪيو وو يارو.
اچو تہ ٻنجي بهار بادل، وسون وطن جي خطي خطي تي،
اچو تہ ڌرتي سنڌي ڏٽي تي حسين گُل ٿي ڦٽون وو يارو.
اچو تہ چٽگن منجهان شعاع ٿي شعاع منجهان بي شمار شعلا،
اچو تہ شعلن سندي شمع ٿي شمع فروزان ٿيون وو يارو.
اچو تہ حُب جي هوا هلائي، گس گس تي گلاب هاريون،
اچو تہ سڀ جا حبيب ٻڻجون، اچون تہ هڪ ٿي جيون وو يارو.
اچو تہ هر رات ”روهلائي“، رهون رچائي رهاڻ رونق،
اچو تہ هڪڙي نئين جهان کي، نئون جنم ڪوڏيون وو يارو.

چتون روهلائي هڪ سٺو ڪمپيئر آهي، جو مختلف پروگرام توڙي شادين مرادين ۾ ڪمپيئرنگ ڪري، ماڻهن ۾ خوشي جي لهر

پيدا ڪرڻ جو ڏانءُ پڻ رکي ٿو. پاڻ ريڊيو پاڪستان مٺيءَ ۾ ڊِاٽڪي ٻوليءَ جي ڪمپيئر جي حيثيت سان اڄ تائين لاڳاپيل آهي، ۽ هيءُ ڀهريون نوجوان آهي، جنهن ڊِاٽڪيءَ ۾ مزاحيہ پروگرام پيش ڪري، ماڻهن ۾ خوشيون ورهايون ۽ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. سندس شاعريءَ جي مڃتا طور ڪيس ايوارڊ سال 2006ع ۾ روحل ادبي ڪانفرنس پنوعاقل جي موقعي تي، امر وير لڏارام ايوارڊ سان نوازيو ويو.

چتون روهلائي شاعريءَ سان گڏوگڏ فن گهڙي نواز بہ آهي، جنهن سان محفلن ۽ ستسنگ ۾ گهڙو وڄائي سيني حاضرين کي جهومائي ڇڏيندو آهي. گهڙي ۾ سڪشا ڏيندڙ ڪانجي ڀِدو ڳوٺ روهل جو سرڳواس ٿي ويل آهي، ان ڪان ورتي. انهي وقت گهڙو سادي انداز ۾ وڄايو ويندو هو. پر چتون روهلائي هن جديد دؤر ۾ انهي گهڙي کي طبلي جي اسٽائيل ۾ وڄائي نواڻ آندي. گهڙي وڄائڻ جون ماترائون، ڪلواڙو لڳي، ٽپورو سادي، ڏيڍي، ڏوڙي، چوتال، هنچ ۽ داڏرو وغيره وڄائڻ جي مهانتا رکي ٿو ۽ اهي ماترائون گهڙي تي وڄائڻ متعارف ڪرايو. گهڻو ڪري مهيني ۾ 20 ڏينهن ستسنگن ۾ رات پوري گهڙو وڄائي داد حاصل ڪندو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ پنهنجي نوڪري ۽ ڏنڌي سان بہ سچائي ۽ ايمانداريءَ سان نڀائي رهيو آهي. هو هڪ اٽورچ ۽ محنتي نوجوان آهي، هميشہ نين راهن جي تلاش ۾ رهندو آهي.

پاڻ پيير پٿورو ماڙي، ساردڙو انچلي سر، چوڙيو مندر ۽ هنگلاج ماتا، جتي ڪڏهن گهڙو ڪونہ وڄايو ويو، اُتي بہ هي ڀهريون شخص آهي، جنهن گهڙو وڄائي مهانتا حاصل ڪئي، انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي گهڙي نواز آهن، جهڙوڪ: ويسو جٽپال اڪاٽي، ڪرمون ڦليو، هريش ارنرو، مڪيش ڪيرٿي، ليلارام مٺو، سورداس ڀڳت تاراچند بہ سٺا گهڙي نواز آهن. پر چتون روهلائي پنهنجو مَٽ پاڻ آهي.



# مُٽي مُٽي موتين جي



# مولچند ڪڏيچہ

سچڻ تون نہ ڇڏيج، آئون جيئان تو آسري،
سيئي پاڙون سور جون هڪ لهجي منجھ لاهيج،
هڪ تون نہ منهن مٽيج، لوڪ مٽيو تہ گھوريو.

ٺر جي پٽن ۾ ڪيترائي ڪاريگر ڇاهي رازا هجن. مورتي ساز هجن، اُڻ ڪر هجن. استاد هجن، جن ٺر جي سينڌ کي پنهنجي ڪاريگري ڪلا سان سينگاريو آهي. اهڙي ئي هڪ مشهور هستي اُٽڪر شري مولچند ڪڏيچہ، جنهن جو جنم سال 1914ع تي سرڳيہ سچڻ مل ڪڏيچہ ڳوٺ ويڙهار تعلقہ ڏيپلو ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو تيجان ذات درزي ڳوٺ مُنگھٽ ڏي ڏيچند هُئي، جا هڪ وڏي گيتار (گيت ڳائڻ واري) هُئي. پاڻ شادي ڳوٺ لسيو تعلقہ ڏيپلو مان پاتو نک واڻيون جي سپتري نالي منيان سان ڪئي، جنهن مان کيس پنج پُٽ آهن 1. چيتن لال HST رٽائرڊ آهي 17_BPS 2. هرچند رٽائرڊ HST 18_BPS آهي. 3. بالم ڪلارڪ ايجوڪيشن. 4. شيوڪ ليبارٽري ٽيڪنيشن رٽائرڊ 5. شنڪر لال جيڪو هن وقت مختيارڪار آهي.

مالدار هئڻ ڪري مال چاريندو هو. ان وقت فوني تي رڪارڊ وڄندا هُئا ۽ ڪچهرين ۾ ٻڌن ۽ ڪافيون ٻڌڻ ڪري سندس شوق ڳائڻ وڄائڻ تي ٿيو ۽ سندس شوق گھڙو وڄائڻ، چنگ وڄائڻ، پاوا ۽ بانسري وڄائڻ وغيره هو. پاڻ صفائيءَ جو ڪوڏيو آهي، ۽ هميشہ پنهنجي پاڻ کي صاف سٿرو ۽ اپ ڊيٽ رکندو آهي. تنهن ڪري ڳوٺ جون عورتون مختلف نالن سان پڪاريندا يون هيون، ڪڏهن ”مولو ڦليليو“ ڪڏهن مولو ”ڪُڙيا مک“ معنيٰ ڪُڙيون بہ صاف سٿريون! پاڻ جو شروعاتي شوق راڳ سان هو. سو وقت جو مشهور پڃني هو ۽ آهي. جهرمٽ، آگم ۽ وڏا پڃن پر سپ ڪان وڏيڪ عبور ”گينڊو“ پڃن تي آهي ۽ ڪهاوت مشهور آهي تہ ”گينڊو ڳائي تہ مولو ڳائي، ڪڏيچو ڳائي“. جو اڄ تائين راڳ سان دوستي آهي، ۽ ڪچهرين ۾ ڳائي سيني حاضرين کي ريجهائي ڇڏيندو آهي. گينڊو پڃن وڏو

ﭘڇن آهي، جو ارٿ ڪري ﭘڳائيندو آهي. ڪم جي لحاظ کان هنرمند هو، سڀ ڪم ڪري سگهندو هو. جهڙوڪ سرون وجهڻ، اڏاوت ڪرڻ، واڍڪو ڪم ڪرڻ سڀ نيڪ ناڪ ڄاڻندو هو. پر سندس خاص ڪِرت اٽڪر هئي جنهن تي پوري پوري مهارت هئس. اُٺڻ جي ڪيس 40_50 نمونن جي ڄاڻ آهي. جنهن ۾ ڪتا، لوبون، ڪيس، نوارون وغيره جو ماهر آهي. هنر هئڻ ڪري ڪيس وڏي رسائي حاصل ٿي. خاص ڪري ارباب ڪميونٽيءَ سان واسطو پيو. تنهن ڪري سندس ناهيل ڪتا ۽ ڪيس وڏين هستين، وڏيرن ۽ پيرن تائين پهتيون. ايتري قدر جو سندس ناهيل ڪيس ۽ ڪتا مُلڪ جي سربراهن صدر غلام اسحاق خان، نواز شريف، محترمہ شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ، شوڪت عزيز ۽ ڪيترائي وزير اعليٰ ۽ اُن کان وڏي درجي جي ماڻهن کان علاوه انڊيا ۾ رهندڙ لهاڻہ نڪر، سعودي ۾ رهندڙ ميمڻ ڪميونٽيءَ جا ماڻهو اڄ بہ آرڊر تي ڪائنس چادرون وغيره ٺهرائيندا آهن. اهڙي طرح انهي هنر مان ڪافي ڪمايو ۽ سندس اولاد کي پڙهايو جو وڏن عهدن تي رهي چُڪا آهن. سندس واسطو اربابن سان هو خاص طور تي ارباب حاجي الهجڙيو صاحب ڪيس همٿائيندو هو ۽ چوندو هو تہ ٻار پڙهائج، خرچ نہ هجي تہ آئون ڏيندس. سندس همت افزائيءَ سان علم جو شوق وڌندو رهيو.

سال 1965ع واري ڪڇ رڻ واري جنگ ۾ پاڪستان آرمي ڳوٺاڻن کي بيگر ۾ رڻ ڪڇ ڏانهن وٺي ويئي، تڏهن اُتي انهن سان ڊيل ڪري، سيني جي اڳواڻي ڪئي ۽ ڊيوٽي ڪرائي خيريت سان واپس وٺي آيو. بعد ۾ 1971ع واري لڙائيءَ ۾ بہ سڄي ڳوٺ جو بچاءُ ڪيو. فوجي ايندا هئا تہ انهن کي ڪاڏي ۽ رهائش جو بندوبست ڳوٺاڻن کان يا ڪٿان نہ ڪٿان ڪري پورائو ڪندا هئا. ڪڏهن بہ فوجين کي موقعو نہ ڏنو ۽ وڃڻ وقت ڪيس Good Certificate بہ ڏنا آهن.

پاڻ هڪ سوشل ورڪر آهن. هن پنهنجي زندگي سماج لاءِ ارپي ڇڏي آهي. مهمان نواز بہ ايترو هو جو جنهن وقت لنگهڻ ڪاٽيندا هئا، ان لپ لاءِ ماڻهو سڪندا هُئا، هن دل نہ لاٿي، ڪيترا ۽ ڪهڙا بہ مهمان اچي وڃن دل کولي هٽي ڏٽي ڪارائيندو هو. بيماري سيماريءَ ۾

بيمارن سان گڏ کين اسپتالن ۾ پهچائڻ ۾ گڏ هوندا هئا ۽ انهن جي سار سنڀال لهڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو. هڪ اصول پرست انسان آهي. ڪڏهن نہ ڪنهن کي وڙهايو. هميشہ امن پسند رهيو. جيڪڏهن ڪو چار لفظ چئي ويو تہ برداشت ڪندو هو.

تعليم جي باري ۾ جيڪو هن ڪم ڪيو آهي، شايد مثال ملڻ مشڪل آهي. 1962ع ۾ ڳوٺ ۾ هريجن ڪالوني اسڪول کولائي، ان وقت سرڪاري ملازم سائين ٺاڪرو مل، مرحوم تاملچند ۽ ڀڳت جيرام داس مرحوم همت افزائي ڪرائيندا هئا پر آفيس ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ وارو هيءُ شخص هو. جڏهن هريجن ڪالوني کلي تہ دل ۾ خيال آيس تہ مڊل اسڪول کليو ۽ هن جي دل پرجي آئي ۽ خيال ٿيس تہ هاءِ اسڪول ڪرائجي. انهي وقت سندس مالي حالت بہ ٺيڪ ٺي ويئي ۽ چار ماڻهو بہ کيس سڃاڻيندا هئا. تنهن انهي ڪم ۾ جُنجي ويو. ڪافي خرچ ۽ ڊُڪ ڊوڙ ڪري ڏينهن رات هڪ ڪري، ڪجهہ ڦوڙي ڦراڙي ڪري، ان وقت ۾ 25 هزار روپيہ خرچ ڪري پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، MQM جي قتل و غارت واري دؤر ۾ بہ گهر کان 7_8 مهينا ٻاهر رهي. سِر ترِيءَ تي رکي مار مارا واري دؤر ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ جا چڪر لڳائي، نيٺ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي هاءِ اسڪول منظور ڪرائي آيو.

هڪ اصول پرست انسان آهي، جيڪو اسٽينڊ وٺندو هو ان تان ڪڏهن ڪونہ ڦريو تنهن ڪري ڪيترو ئي مالي ۽ جاني نقصان بہ برداشت ڪيائين. 1957_58ع جي دؤر ۾ جڏهن صدر ايوب خان پهرين BD اليڪشن ڪرائي، تڏهن اربابن طرفان اميدوار ٿي بيٺو پر هارائي ويو پر هٿ نہ ڪنيو. هي اهو وقت هو ج'ڏهين ٺڪرن جي سامهون ڳالهائڻ بہ ڏوهہ هو. پر هن انهن جي سامهون فارم ڀرايو. اُن وقت ڪيتري ئي رقم ٺڪرن طرفان آڇي ويئي تہ هٿ کڻ، پر پنهنجي اصول تي پڪو رهيو ۽ هٿ نہ ڪنيائين. ڳوٺاڻن جي ڪجهہ ماڻهن کي نوڪريون ڏياريون ۽ برادريءَ جي ماڻهن کي پري کان بدلي ڪرائي انهن کي سهوليت وٺي ڏنائين. 1973ع ۾ سندس گهر واري موڪلائي ويئي بعد ۾ کيس ٻي شاديءَ لاءِ ڪافي زور ڀريو ويو پر هُن

اهو چئي جواب ڏنو تہ مڙس جو مرڻو ۽ پرڻو هڪ آهي. بُت پرستيءَ جي سخت خلاف هو ۽ پاڻ ڀڳوان جي شيوا هميشہ لڪي ڪندو آهي ۽ چوندو آهي ڏٺيءَ جي شيوا سان منهنجيون سڀ دلي تمنائون پوريون ٿيون آهن، ۽ آئون پاڻ کي هڪ خوشنصيب انسان سمجهان ٿو. محنت ڪئي ۽ ٻچن ڪمايو جو اڄ درتي گڏهہ بہ ڪونہ هو اڄ اُتي پيجارو گاڏيون ۽ رهڻ لاءِ بنگلا آهن. تائيم تي رب ڪونہ ملندي هُئي اڄ اُتي نٺ لڳا پيا آهن. اِها سڀ سچائي، محنت ۽ ايشور جي ڪرپا آهي.

اهڙي طرح مولچند ڪڏيچہ اڄ تہ 100 سالن کان مٿي عمر ۾ آهي، پر اڄ بہ جوان نظر اچي ٿو. چار وڏا ماڻهو عزت ڪن ٿا. معزز ماڻهن جي لسٽ ۾ شمار ٿيئي ٿو. ڀڳوان اچا بہ ڪيس ججهي چمار ڏي، مطلب تہ آدرش، ڀڳت، سچو، ايماندار، يڪ سخنو انسان آهي. ڪيس ڏنيواد هجي.

تلسي جتنا هيت حرام سي، اتنا هري سي هوءِ،
سيڌا جائي وئنڪٺ ۾، تيرا پلا نہ پڪڙي ڪوءِ.

# هرجي لال
## (بين الاقوامي ميڄتا ماڻيندڙ صحافي)

ڏيئي وانگر ڏيندو رهيس روشني مان هر ڪنهن کي،
ڪاش! ڪوئي تہ سمجهي ها، منهنجو جلڻ منهنجو سڙڻ.

ميگهہ ونس جاتيءَ جا ماڻهو صدين کان هر فن ۾ مهارت رکندا اچن پيا، اهي ڌارمڪ هجن، سماجڪ هجن، تعليم دان هجن، مورتي ساز هجن، آرٽسٽ هجن، گويا هجن، مطلب تہ هر فن ۾ انهن پاڻ ملهايو آهي. اهڙي ئي هڪ نوجوان هرجي لال، جنهن سرڳيہ مائيون مل ڪاڳي جي گهر ڪوٽڙي شهر ۾، 22 فيبروري سال 1973ع ۾ جنم ورتو. سندس پتا اصل تلهار شهر ضلع بدين ۾ رهندو هو. جنهن 1970ع ۾ لڏي اچي ڪوٽڙيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. هرجي لال جي ماتا جو نالو لاڏو ٻائي ذات پينگهور جا بدين ضلع جي هئي. هرجي لال شادي 27 مارچ 1994ع تي شريمتي جمنا ڌي رامجي ذات موسڙيا، ويٺل ڳوٺ عالي جوٽيجو لڳ تلهار ضلع بدين سان ڪئي. جنهن مان کيس 4 نياڻيون. 1. ريکا جا مئٽرڪ ۾ آهي 2. تلسي ٻائي جا ستين ڪلاس ۾ پڙهي پئي. 3. راجونتي جا ٽئي ڪلاس ۾ ۽ 4. ورشا جا پهرين سنڌيءَ ۾ پڙهي ٿي، ۽ کيس ٻہ پٽ آهن. 1. نندلال جو 7 ڪلاس ۽ ٻيو هريش ڪمار جو 4 ڪلاس ۾ پڙهي پيو.

هرجي لال جي جنم ٿيڻ جي ڏيڍ سال بعد سندس پتا مائيون مل ديهانت ڪري ويو. پاڻ ٽي ڀاءُ ۽ ٻہ ڀيڻون آهن. پتا جي وفات ڪانپوءِ سندس ماتا شريمتي لاڏو ٻائي غربت هئڻ ڪري، محنت مزدوري ڪري ٻچن کي پاليندي هُئي. وڏو ڀاءُ ڪلاس 8 تائين پڙهيو پر معاشي حالت ٺيڪ نہ هئڻ ڪري فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. هرجي لال گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪوٽڙيءَ ۾ پرائمري تعليم ورتي، پنجين درجي ۾ آيو تہ سندس ماتا بہ فوت ٿي ويئي، تنهن ڪري سندس پڙهڻ مشڪل ٿي پيو. پر هُن دل نہ هاري ۽ شام جي ٽائيم بوٽ پالش جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. صبح جو اسڪول ويندو هو ۽ شام جو بوٽ پالش ڪري پنهنجي ڪتابن جو خرچ ۽

گهرو خرچ ڪندو هو ۽ پڙهائي جاري رکيائين. پاڻ سال 1992ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوائز ڪوٽڙيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائين، ۽ پوءِ ڊگري ڪاليج مان بي. اي پاس ڪيائين. پاڻ گُجراتي، سنڌي، اردو، انگريزي، ڍاٽڪي ٻوليون ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهي ٿو. بوٽ پالش واري وقت کان هو هوٽلن تي اخبارون پڙهندو هو ۽ پوءِ لئبرري وچي اخبارون پڙهڻ سندس عادت ٿي ويئي. سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ لاءِ بہ ڪافي لٽريچر جو مطالعو ڪندو رهيو. مئٽرڪ ڪانپوءِ ڪيس هڪ هندو مذهب جي ڪتابن جي اشاعت جي اداري، سندر شيوا منڊليءَ ۾ نوڪري ملي، ۽ ان اداري جي طرفان هر سال پوري سنڌ جو دورو ڪيو ويندو هو. مذهبي اداري ۾ ڪم ڪرڻ باوجود مٿس مذهبي طور ڪوبہ اثر نہ پيو سنڌ جي دوري دوران هن سنڌ جي هندو برادريءَ جي حالت ڏٺي. هندو مذهب ۾ اونچ نيچ ۽ ڇوت ڇات جي ڪري ميگهواڙ ڪولهي، ڀيل، اوڏ ۽ ٻيون ذاتيون تمام خراب حالت ۾ زندگي گذاري رهيا هُئا. نوجوانن ۾ ڪوبہ شعور نہ هو، تعليم بہ نالي ماتر هئي. هيٺين طبقي جي ماڻهن کي ٻڌايو ويو هو تہ اوهان ماڻهن کي ڀڳوان غلام ٿي رهڻ، ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ پئدا ڪيو آهي. اهو ٻڌي ۽ ڏسي هرجي لال جي اندر ۾ انهن غريبن جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جي جوت جاڳي، ۽ هُن اهو وڏيڪ سمجهيو تہ اهو ڪم اخبارن جي وسيلي ماڻهن ۾ شعور پئدا ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن جو آواز سرڪار جي ڪنن تائين پهچائي سگهجي ٿو ۽ هن صحافي ٿيڻ ۽ هندن لاءِ اخبارشايع ڪرڻ جو وچن ڪيو. سال 1992ع ۾ هُن حيدرآباد جي هڪ سنڌي اخبار روزانہ ”مهراڻ“ جي رپورٽر سان صحافت جي شروعات ڪئي. 1994ع روزاني سنڌو حيدرآباد ۽ روزاني نئون سج ڪراچيءَ جي رپورٽنگ ڪئي، ۽ پنجن سالن تائين مختلف اخبارن ۾ رپورٽنگ ڪانپوءِ هُن جي خواهش هئي تہ ايم. اي جرنلزم ڪريان. پر معاشي حالتون ٺيڪ نہ هئڻ ڪري هو يونيورسٽيءَ تائين پهچي نہ سگهيو ۽ ڄامشورو جي مست هوائڻ جا مزا ماڻڻ کان محروم رهيو. ان دوران 1998ع ۾ ڪنهن اخبار ۾ اشهتار پڙهي اسلام آباد جي هڪ خانگي ادري، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف

جرنلزم ۾ سنڌ ۾ صحافت جي ڊپلوما لاءِ داخلا ورتي. جيڪي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي وانگر مقامي زبان ۾ ڪورس ڪرائين ٿا. 6 مهينن جو ڪورس ڪيائين، جنهن ۾ پوري سنڌ ۾ اي ون. گريڊ سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪيائين.

هرجي لال 1987ع کان 1996ع تائين سندر شيوا منڊلي ڪوٽڙيءَ جو انچارج بہ ٿي رهيو آهي. جتي هن وڏن تاريخي ڌرمي پستڪن شريمد ڀڳونت گيتا، شو پراڻ، شري گرو گرنٿ صاحب سميت ڪيترائي پستڪ ترتيب ڏنا. وڏن ڌرمي پستڪن جي مين پيجن تي هرجي لال جو نالو شايع ٿيو. هرجي لال صحافت جي شروعات ”مهراڻ“ اخبار جو رپورٽر بڻجي ڪئي، ۽ اها سندس لاءِ وڏي فخر جي ڳالھہ آهي، تہ جنهن اخبار تان هن صحافت جي شروعات ڪئي، اڄ انهي اخبار جو نيوز ايڊيٽر بڻيو. گذريل 16 سالن کان مختلف اخبارن روزاني ”سنڌ“، روزاني ”سوڀ“، روزاني، ”خبرون“، روزاني ”تعمير سنڌ“، روزاني ”سنڌو“ ۽ روزاني ”عبرت“ اخبار ۾ سب ايڊيٽر طور صحافتي خدمتون سر انجام ڏنيون. ڪيس مختلف سماجي پروگرامن ۾ شرڪت ۽ ٽريننگ ڪرڻ جا ڪيترائي سرٽيفڪيٽ مليل آهن. نوجوانن جي لاءِ يوٿ ايڪٽيوس ٽريننگ ڏيندڙ اداري مهرڳڙهہ اسلام آباد طرفان، ڪيس ايوارڊ مليل آهي. انهيءَ کانسواءِ پاڪستان ميگهواڙ ڪائونسل جي صدر، وڪيل ارجن داس طرفان بابا گرو نانڪ ڪانفرنس، پنو عاقل جي موقعي تي امر وير لڏارام ايوارڊ سان نوازيو ويو.

مارچ 2014ع تي اسلام آباد ۾ بين الاقوامي صحافين جي حقن بابت سيمينار ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ پوري مُلڪ جا نامور صحافي شامل ٿيا. اُتي سنڌيش پبليڪيشن جي صحافي، هرجي لال کي دعوت ملي ۽ اچڻ ۽ وڃڻ جو جهاز جو ٽڪيٽ موڪليو ويو. جا هُن اٽينڊ ڪئي ۽ ڪيس سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو. اهڙي طرح مختلف اخبارن ۾ نوڪري ڪندو رهيو ۽ سندس صحافت ۾ تجربو وڌندو رهيو. ڪيس نوجوانن جي ليڊرشپ جي حوالي سان ٽريننگ ڏيڻ واري اداري، مهر گڙهہ (اي سينٽر فار ٽريننگ اسلام آباد) انٽرويو

۾ پاس ڪيو ۽ ٻن مهينن لاءِ اسلام آباد وڃي ٽريننگ ڪئي، ۽ هرجي لال ميگھہ ونس جاتيءَ جو پهريون شخص هو جنهن ان اداري مان ٽرنيننگ حاصل ڪئي. سال 2008ع ۾ مُڪيش نالي سان رابطو ٿيو. ان کي بہ ٽريننگ لاءِ اسلام آباد موڪليائين. هرجي لال کي ٻئي سال مهر گڙهہ سينٽر وارن صحافت تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ اسلام آباد گهرايو ۽ مڪيش جي ملڻ سان هُن کي هڪ ساٿي ملي ويو ۽ هرجي لال پنهنجو خواب پورو ڪرڻ لاءِ هندو برادريءَ جي اخبار ڪيڻ لاءِ دوستن سان رابطا شروع ڪيا. مڪيش ميگھواڙ سان گڏجي، 2010ع ۾ اخبار بابت پهرين ميٽنگ ميرپورخاص ۾ رکي وئي، جتي هندو برادريءَ جي ڪيترن ئي باشعور ماڻهن شرڪت ڪئي، جنهن ۾ اخبار ڪيڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو جيڪو سندس پراڻو خواب هو. 2010ع جي شروع ۾ هرجي لال ۽ مڪيش گڏجي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ماڻهن سان ميٽنگون ڪيون، تہ انهن انهي ڳالھہ کي تمام گهڻو ساراهيو تہ هندو برادريءَ لاءِ ڪا اخبار نڪري رهي آهي. اهڙيءَ طرح هرجي لال هفتيوار ”سنديش“ اخبار جو آغاز ڪيو. هرجي لال پهريون ميگھہ ونس جاتيءَ جو فرد آهي، جنهن پاڪستان ۾ پهرين هندو ڪميونٽيءَ جي اخبار ڪيي پنهنجو پاڻ کي مڃرايو آهي. هن کان اڳ هندو برادريءَ جي لاءِ باقاعدي ڪابہ اخبار شايع نہ ٿي هُئي. ان جو سبب اهو هو تہ اونچي درجي جا هندو سرمائيدار ڪڍهن ڪونہ چاهيندا هئا تہ هيٺين طبقي جي هندن ۾ ڪو شعور اچي. اخبار ڪيڻ ڪو سولو ڪم نہ هو، جو اڄ تائين ڪنهن بہ همت نہ ڪئي. هڪ اندازي ۽ مطابق پاڪستان ۾ 50 لک هندو رهن ٿا. عام اخبارن ۾ هندن جو ذڪر ٿئي ٿو پر انهن ۾ ايتري گنجائش ڪونہ ٿي هجي، جو هندوئن جا مسئلا کولي لکي سگهن.ان ڪري هرجي لال جيڪا همت ڪئي، ان تي کيس تمام گهڻي پذيرائي ملي. بي بي سي اردو لنڊن طرفان هرجي لال ۽ سنديش اخبار جو پروفائل شايع ڪيو ويو جيڪو بي. بي. سي. اردوءَ جي ويب سائيٽ تي موجود آهي، جنهن کان پوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي نيوز اداري ٽائمز يو. ڪي. طرفان يوڪي مان پاڪستان هڪ ٽيم موڪلي وئي، ان ٽيم پاڪستان

اچي هرجي لال جي گهر پهچي، سنديش اخبار بابت فلم ڊاڪيومينٽري تيار ڪئي، جيڪا پڻ ٽائمز جي ويب سائيٽ تي جاري ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ دنيا جي 15 کان 20 سماجي ۽ نيوز ويب سائٽن تي هرجي لال جو فور فائيل جاري ڪيو ويو. ويب ڊائريڪٽري وڪي پيڊيا ۾ پڻ هرجي لال ۽ سنديش اخبار کي شامل ڪيو ويو آهي، شروعات ۾ سنديش اخبار دوستن کان چندو ڪري ڪڍي ويندي هئي، بعد ۾ ڪراچيءَ جي هڪ اداري ٽي ٽو ايف جي ڊائريڪٽر سبين محمود (سبين محمود کي تازوئي نامعلوم دهشتگردن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو). هرجي لال کي هڪ سال سپورٽ ڪيو ۽ سنديش اخبار باقاعدگيءَ سان جاري رهي.

هرجي لال جو چوڻ آهي تہ صدين کان هندو برادريءَ جا ماڻهو اڄ بہ هڪ ٻئي کان نفرت ڪندا پيا اچن مٿين درجي کانسواءِ هيٺين طبقي وارا ميگهواڙ، ڪولهي، ڀيل، باگڙي، وغيره بہ هڪ ٻئي کي نيچ سمجهن ٿا، جنهن سان اسان پنهنجو تاريخي نقصان ڪري رهيا آهيون. اسان سڀني کي پاڻ ۾ ايڪتا پيدا ڪرڻ کپي، ۽ هڪ ٻئي سان گڏ مانُ ۽ مريادا سان رهي، قومي ترقيءَ طرف وک وڌايون، ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪريون.

# دولت ٿري

اسان کي زمانو وساري نہ سگھندو.
اھا ڳالھہ ٻي تہ لڙڪ ھاري نہ سگھندو.
جيئڻ ڪارڻ جڳ ۾ ڪونڌر ڪُسن ٿا،
انھن کي ڪڏھن موت ماري نہ سگھندو.

ٿر جي جنھن ڀوميءَ تي مھان انسان شري رائچند راٺوڙ شري استاد ڀانو مل، شريمتي دادي لالي، شري پريمچند جھڙا ماڻڪ موتي ۽ لال پئدا ٿيا اُتي ھڪ مھان ڪردار دولت ٿري جن تاريخ 1 مارچ 1978ع جو شري واسديو ذات روھلا سپروائيزنگ تپيدار ڳوٺ ڇيلھار، تعلقہ مٺي ضلع ٿرپارڪر جي گھر جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڏيئا ٻائي، ڌي ليلارام ذات پنئار ڳوٺ سيد غالب شاھہ تعلقہ مٺي، ضلعہ ٿرپارڪر جي آھي. پاڻ پرائمري تعليم ۽ مئٽرڪ ھاءِ اسڪول ڇيلھار مان پاس ڪيائين ۽ انٽر پرائيويٽ ۾ مٺيءَ مان پاس ڪيائين. سندس زندگيءَ جو داستان درد ۽ پيڙائن سان ڀريل رھيو آھي. ننڍپڻ کان ئي وقت ڏاڍو ڏکيو گذريو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ سال 1993ع کان سال 1999ع تائين دربدريءَ واري زندگي گذاري، تغاري کڻي مزوريءَ تي ڪم ڪيو. لارين ۽ گاڏين تي ڪلينڊري ڪيائين. ڪُڏين تي قالين جو ڪم ڪيو. ڪراچيءَ ۾ ريڊيمينٽ گارمينٽ جو ڪم ڪيو. آفيس ۾ پٽيوالي ڪيائين، زميندارن وٽ منشي ٿي رھيو.

ھڪ فرمانبردار پُٽ ھئڻ جي باوجود، ننڍپڻ کان مئٽرڪ تائين فقط پيءُ جا پادر ڪاڏائين ۽ پوءِ مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد گھر مان پيجي جان ڇڏايائين. ماءُ پيءُ رڳو جنم ڏيئي جان ڇڏائي، مائٽن جو پيار اڄ ڏينھن تائين ڪيس نصيب نہ ٿيو. مائٽ ھوندي بہ يتيم آھي. پر پوءِ بہ جيڪي ڪجھہ آھي سو ماءُ ۽ پيءُ جي ڪري آھي. جنم ڏيڻ جو ٿورو ڪڏھن ڪونہ لاھي سگھندو. زماني جون ٺوڪرون کائيندي کائيندي، آخرڪار سال 1998ع کانپوءِ ذھني طور بالغ ٿي ويو ۽ سوچن ۽ سمجھہ ۾ ڦيرو آيو ۽ آھستي آھستي ادبي دنيا ۾ پير پاتائين.

دولت ٿري پنهنجي مرضيءَ سان شادي شريمتي گيتا سنڌو ڌي هريش ڪمار ذات جوڳو اصل ڳوٺ ساهو ساند تعلقہ مٺي سان ڪئي، جنهن مان ڪيس اولاد ٿي نياڻيون آهن. جن جا انقلابي نالا:
1. ڌرتي 2. جاگرتا ۽ آزادي آهن.

جنهن دولت سان گڏ گيتا سنڌو ڌرتي، جاگرتا ۽ آزادي هجي، تہ اُهو دنيا جو خوشنصيب انسان ليکيو وڃي ٿو. سال 1998ع کان صحافت سان اڄ ڏينهن تائين واڳيل آهي. سال 2004ع کان پنهنجي پهرين سنڌي سلسليوار اخبار ”دلت آواز“ ڪڍي پيو ادبي پورهئي سان مختلف موضوعن تي 8 ڪتاب شايع ڪرائي چُڪو آهي.

1. دراوڙن جي درد ڪٿا 2. تبديليءَ جو پٽر، گهر واري گيتا سنڌو جو جِيوَن سفر 3. گوچارن ۾ گيت منهنجا، مرحوم استاد عبدالحميد منگريو جي اصرار تي ڪيس ڇپائي ڏنائين 4. ههڙا ٿين هاجا، اربابن جي ظلم جي ڪهاڻي، ماڻهن جي زباني 5. ننگرپارڪر کان اسلام آباد تائين پيدل لانگ مارچ 6. دانهون منهنجي ديس جون (شاعري) 7. جمهوريت بهترين انتقام آهي، جمهوري دؤر جي ڪهاڻي، ميڊيا جي زباني 8. اُماڙي (شاعري).

هي ميگهوار ڪميونٽيءَ جي تاريخي رڪارڊ جو پهريون ماڻهو آهي جنهن 35-36 سالن جي عمر ۾ مختلف موضوعن تي 8 ڪتاب لکي ڇپايا ۽ اخبار ”دلت آواز“ اڄ تائين ڪڍي رهيو آهي. ميگهہ ونس جاتيءَ جي تاريخ جو جاکوڙيندڙ انسان آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي مقصد جي منزل تي هلي رهيو آهي. دولت ٿري صاحب ننگر پارڪر کان اسلام آباد تائين پيرن پيادل لانگ مارچ اٽڪل 40 ڏينهن ۾ 750 ڪوهہ پنڌ ڪيو ۽ لانگ مارچ جو مقصد صرف ٽي مطالبا هُئا 1. پاڪستان ۾ انساني حقن جي آزادي، 2. بحالي آئين جي بالادستي ۽ 3. قانون جي حڪمراني.

انهن ٽنهي مطالبن کي ميرائڻ لاءِ گذريل 10 سالن کان 2004ع کان مسلسل ڪارا ڪپڙا پائي، گورنمينٽ آف پاڪستان خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ اهو احتجاج زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين جاري رهندو. پهرين جنوري 2007ع کان

ڪارو ڪفن بہ هر وقت هُن سان گڏ هوندو آهي، ۽ سندس وصيعت آهي تہ مرڻ ڪانپوءِ بہ مونکي ڪاري ڪپڙي جو ڪفن ڏنو وڃي، تہ جيئن قبر ۾ بہ منهنجو احتجاج جاري رهي. مرڻ ڪانپوءِ منهنجي فطري موت جي FIR گورنمينٽ آف پاڪستان خلاف داخلا ڪرائي وڃي، پر جي ڪنهن جي هٿان قتل ٿي وڃان تہ هڪڙي قتل جي FIR قاتلن خلاف ۽ ٻئي FIR گورنمينٽ آف پاڪستان خلاف داخل ڪرائي وڃي. پر هيءُ مضبوط ارادي وارو شخص مسلسل احتجاج سبب بلڪل ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ غربت سبب ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي.

جيڪي انسان پڪو ارادو ڪري ڪوبہ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا اهو بہ پين لاءِ جس هجي اهڙا انسان ٿورا پيدا ٿيندا آهن پڳوان ضرور ڪاميابي نصيب ڪندو ۽ اهو هميشہ لاءِ امر ٿي ويندو.

سمورن درد وارن لاءِ اجا جيئان جاڳي ٿو
تنهنجي سنگيت، سازن ۾ امر انسان جاڳي ٿو
تنهنجي آواز کي ماري سگهيو ناهي ڪوئي،
ڀڳت تنهنجي آلاپ ۾ اجا ڀڳوان جاڳي ٿو.

# جيپسي ايف. سي. رانوڙ

وري چنبڊ چاهڻ تي دل ٿي چوي،
سکي دل لڳائڻ تي دل ٿي چوي،
اڙي موت پيڇو نہ ڪر تون اڃا،
حياتي گذارڻ تي دل ٿي چوي.
(رخسانہ پريت)

دنيا جي هر خطي جي سيني ۾ ڏڙڪندڙ ڪا انمول شئي، انوکي هستي يا ڀتڪندڙ ڪردار جي ڪري مشهوري ماڻيندي آهي. اهڙي طرح اسان جي دراوڙي ڌرتي بہ پنهنجي سيني تي ڪيئي عجيب ۽ غريب ڪردار پيدا ڪيا آهن. جن جي بہ پنهنجي هڪ الڳ تاريخ آهي، جيڪي ڪنهن جي پرواهہ ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي ڌُن ۾ بنا ڪنهن صلي ستائش جي ڪم ڪندا رهن ٿا. انهن جو هر قدم ڪنهن نہ ڪنهن مقصد جي حاصلات ڏانهن گامزن هوندو آهي. پوءِ اهو مقصد چاهي سياسي، سماجي، مذهبي، تجارتي، تاريخي، علم ادب يا قوم ڏانهن ڇو نہ هجي. انهن جي هر قدم جو ان جي زندگيءَ ۾ ڪو مقصد هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو انسان ڪجهہ بہ نہ ڪري رهيو آهي، تہ ان جي نہ ڪرڻ جي پويان بہ ڪو فلسفو يا مقصد ضرور هوندو آهي. اهڙن ڪردارن ۾ جيپسي ايف. سي رانوڙ بہ هڪ آهي جنهن جو پورو نالو آهي فقير چند رانوڙ. جيڪو 8 مئي 1965ع تي جمس آباد ۾ لکو مل جي گهر پيدا ٿيو. سندس ماتا جو نالو هرڪي ٻائي، ڏي ڏيوراج ذات ٻوسيا، ضلعي ميرپورخاص جي تاريخي شهر جهڏو جي آهي.

هن جا وڏڙا ڀارتي گجرات جي قديم ترين تهذيب ”ڍولا ويرا“ جي ڀڳاڙهي ۽ اُداس ڌرتيءَ واري ضلع بناس ڪانٺا جي ڳوٺ، سانتل پور جا رهواسي هئا. سورهاڻ واڳڙ هالار ڪانٺائي، ٿرادي ۽ ڪڇي ميگهواڙ انهن ئي علائقن کان هجرت ڪري سنڌ ۾ ايندڙ ۽ رهندڙن جا يادِ ماضي ۽ وڇوڙي وارا شهر ۽ گام آهن. سانتل پور جو هزارين گهرن تي ٻڌل وڏي پاڙي جو پٽيل، ڏيوو پٽ ڀاڻو رانوڙ صحرا جي

رستي سيني سنڌين کي سلام ۽ نمستي چئي شاهہ سچل ۽ ساميءَ جي ڌرتي سنڌ جا وڻ اچي وسايا ۽ سنڌو ساگر جو مقدس جل پيتو تہ هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو هڪ ملڪ مان بہ ملڪ دنيا جي نقشي تي وجود ۾ آيا.

ايف. سي. رانوڙ تعليم جي لحاظ کان پرائمري تعليم جا ڪجهہ درجا جيمس آباد ۾ پوءِ اُتان دنڌي ڌاڙيءَ جي لحاظ کان هن جي وڏڙن پيهر هجرت ڪري، ضلعي بدين جي شهر پنگريو ۾ آباد ٿيا. ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول پنگريو مان سال 1983ع ۾ پاس ڪئي، ۽ سال 1990ع ۾ ٽيهر لڏي ضلعي ميرپورخاص جي شهر جهڏو ۾ معصوم ٽريءَ جي پاڙي ۾ اڃ تائين رهائش پذير آهي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ پنگريو شگر مل، فوجي شگر ملز کوسڪي، ٿرپارڪر شگر ملز ۾ آفيس سپرنٽيندنٽ جي حيثيت سان 19 سال سروس ڪئي، تہ ڪراچي شپنگ ايجنسيءَ ۾ بہ ملازمت ڪئي. شُگر انڊسٽريز جي زوال کانپوءِ هن لکڻ پڙهڻ ۽ پتڪڻ وارو ڪم اپنايو جيڪو هميشہ سندس پسنديده سبجيڪٽ رهيو آهي. تنهنڪري ”پتڪتي نسلين“ جهڙي امر ڪتاب جي مهان ليکڪ خورشيد قائم خاني هن تي نالو ئي رکيو Gipsy . جنهن جي معنيٰ اوهين خود تلاش ڪريو.

پاڻ شادي سال 1983ع ۾ شريمتي ذي سنگهہ ڏي ڏيوجي پينگهور، ٽنڊو غلام علي، ضلع بدين مان ڪئي، جنهن مان کيس 4 نياڻيون ۽ 3 پٽ آهن. (1) ديپڪ ميٽرڪ پاس ٽيلر ماسٽر. (2) شڪتي سنگهہ جيڪو پاڻي جي جهاز جي ذريعي ايران گهمي آيو آهي، تہ هڪ رات ايران جي جيل ياترا بہ ڪري آيو آهي، جيڪو هن وقت ميٽرڪ آهي، ۽ ميڊيڪل جي ميڊيسن جو ياد حافظ آهي، جنهن کي عوامي تحريڪ جي صدر اياز لطيف پليجو بطور خوبصورت مقرر جي، سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو هو. ٽيون پٽ وشال سنگهہ، جيڪو نائين ڪلاس ۾ پڙهي پيو ۽ ٽيلرنگ جو ڪم بہ ڪندو رهندو آهي. ڪويتا شوا پرمار حيدرآباد، شادي شده، ڪلپنا، ڪومل ۽ ڪرن ڇوڪريون آهن.

جڇسيءَ جا بہ ننڍا ڀائر روزگار خاطر ايران ۾ رهن ٿا. خود جڇسي بہ بہ ڀيرا ايران جي ياترا ڪري آيو آهي. انهي ياترا دوران هن ايراني تاريخي تهوار، جشنِ عيدِ ”نوروز“ ۾ بہ شرڪت ڪئي، ۽ ان جو سمورو اکين ڏٺو احوال پاڪستان ميگهواڙ ڪانفرنس جي سوينئر ۾ ڇپيل آهي، جو ڏاڍو دلچسپ سفر نامون آهي، ۽ ٽي ڀيرا ڀارت جو بہ دورو ڪري آيو آهي. پاڻ شلوار قميض جي لباس کي پسند ڪندو آهي. ٻولين ۾ سنڌي، اردو، ڪڇي، گجراتي روانيءَ سان لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهي ٿو.

پاڻ لکڻ جي شروعات عبرت مئگزين سان ڪئي، تہ روزانہ آس اخبار حيدرآباد ۾ بہ نوڪري بہ ڪئي، ان اخبار ۾ بہ تمام گهڻا ڪالم مختلف موضوعن تي لکيا. ميگهواڙن جي تاريخ تي ننڍڙي ڪوشش ڪئي ۽ ”تاريخ ڌرتيءَ درد“ نالي ڪتاب لکيو ۽ شايع ٿيو. جيڪو هڪ انوکو تجربو هو. راجستان جي شهر اُڌيپور جي وڏي تاريخدان ۽ ليکڪا ڊاڪٽر ڪسُم ميگهوال، جنهن 40 ڪتاب تحقيقي لکيا آهن، ان جي هنديءَ ۾ ڪتاب ”ميگهوال بابا رامديو“ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرائي، تاريخ جي ڌوڙ ۾ پوريل سچ کي ظاهر ڪري، پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي هزارين سالن کان پيڙهيل ۽ ستايل دلتن تي وڏو وڙ ڪيو آهي. پاڪستان ميگهواڙ ڪائونسل جو سڀ کان پهرين بنياد پير پٿوري صاحب جي درگاهہ تي پيو، جنهن جو مرڪزي چيئرمين وڪيل ارجن داس کي چونڊيو ويو تہ جڇسيءَ کي وري مرڪزي پريس سيڪريٽري طور ڪنيو ويو. سال 2008ع ۾ پنوعاقل ۾ ٿيندڙ پاڪستان ميگهواڙ ڪانفرنس جو خوبصورت سوينئر پڻ شايع ڪيو تہ ”بطور جرنلسٽ ۽ سهيوگي قلمڪار“ جي نانءَ جو ايوارڊ امر وير لڌارام، رحيم يار خان واسي، رميش جئپال جي هٿان ڏنو ويو. رميش جئپال هڪ تنظيم نالي شيڊيول ڪاسٽ رائيٽس موومينٽ پاڪستان ناهي، تہ هن کي ميرپورخاص جو ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو. ”پاڪستان دلت فورم“ جو بہ حصو رهيو آهي. جنهن جو ذڪر وري وي. ٽي. راج شيکر بئنگلور جي ڪتاب، ”تعليم، تحريڪ ۽ تنظيم“ ۾ پڻ ڪيل آهي.

هندوستان جي آئين جي تخليقڪار، دلت دراوڙن جي عظيم رهنما ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر تي پڻ ڪتاب لکيو آهي، جيڪو ڪمپوز تہ آڳاتو ٿي چڪو آهي پر مالي حالات ڪمزور هئڻ ڪري ان کي ڇپائي نہ سگهيو آهي. ان ڪتاب جو تاريخي ۽ طويل مهاڳ ناليواري ڊرامہ نگار علي بابا لکيو آهي، جيڪو وڏنڊڙ ۽ شاندار مهاڳ آهي.

پاڪستان ۾ رهندڙن سمورن ميگهواڙ شاعرن، اديبن، صحافين، ليکڪن، وڪيلن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ سرڪاري ملازمن تي مشتمل، فون ڊائريڪٽري لاءِ وڏي ڪليڪشن بہ ڪئي، پر سال 2011ع واري مها ٻوڏ ۾ ان جي سڄي ڪليڪشن سان گڏ، سندس سمورو لکيل ۽ اڻ ڇپيل تاريخي مواد پاڻيءَ جي نظر ٿي ويو، جنهن جو ڏک هو ڪڏهن بہ وساري ڪونہ سگهيو آهي.

حيدرآباد جي حيدر چوڪ تي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي تاريخي حيدر منزل، جيڪا هاڻي پور پور ٿي چُڪي آهي. ان بلڊنگ ۾ ڪامريڊ جي ڪمري ۾ هن جيسيءَ کي پورا پنج سال رهڻ جو اعزاز مليو ۽ اهو ڪمرو پوءِ ميگهواڙ لوڪن جي گڏجاڻين جو ڄڻ آستانو هوندو هو. ايف. سي. راٺوڙ هڪ مهان قلمڪار آهي، اديب آهي، جيڪو اڄا تائين مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لکندو پيو اچي، ۽ پنهنجي قلمي ڪاوشن ۾ روان دوان آهي.

# گلاب راءِ
## (ڪراٽہ ماسٽر)

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيو
ڪارا ڳُند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ،
ٿي تنين سان ڏيٺ، موتڻ جنين ميٺو.

اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ ڪنهن بہ ڪردار جي ڪوٺ ڪونهي چاهي سنت هجي، استاد هجي، آرٽسٽ هجي مطلب تہ هر فن مولا قبيلو آهي، جنهن جا هيرا سدائين چمڪندا رهن ٿا تہ اهڙوئي هڪ مهان انسان، پهريون قومي هيرو جنهن ڪراٽي ماسٽر ٿي پنهنجي جاتيءَ جو نالو مشهور ڪيو آهي. جنهن جي اندر ۾ ڪراٽي جا ڪيئي اسٽائيل موجود آهن. گڏوگڏ جمناسٽڪ جو ماهر بہ آهي ـ گلاب پٽ پارو مل پاتاريو اصل ڳوٺ منڙيو سومرا اسلام ڪوٽ جو رهواسي آهي، بعد ۾ سندس والد سان گڏ ٿتو رهڻ لڳا. سندس والد جي وفات ڪان پوءِ مٺي شهر جي پانچا ڪالوني ۾ رهندڙ آهي، ڪراٽي ماسٽر طور مشهوري ماڻيندڙ گلاب راءِ، پهرين آگسٽ 1975ع تي ڳوٺ منڙيو ۾ جنم ورتو والد پاران ٿتو ۾ رهڻ ڪري پاڻ بہ گڏ ٿتو ويا. جتي 1980ع ۾ پهرين ۾ داخلا ورتي، 1985ع ۾ پنجون پاس ڪيو 1992ع ۾ انٽر ڪيائون، 1990ع ۾ ڊرائينگ جي اليمينٽري امتحان ۾ ڊويزن سطح تي پوزيشن ڪنيائون، 1998ع ۾ ڳوٺ ماڃني ۾ نرسو مل سيجو جي گهر مان شريمتي راڌان سان شادي ڪئي، جنهن مان 2 پٽ ۽ 4 نياڻين جو اولاد آهي، جن ۾ راجا مهتاب، پريتم، لچمي، برٿنا، درشنا، ريتا شامل آهن. جڏهن تہ گلاب جي والد پارو مل، ڳوٺ سڙهہ جوٽيجا مان پاران ڏي لڏو جوڳو سان شادي ڪئي، جنهن مان بہ نياڻيون نينا، ۽ سگهڙ آهن، ۽ بہ پٽ گلاب ۽ پيمراج آهن، پيمراج غير شادي شاده آهي ۽ مائيڪرو فنانس بئنڪ ۾ ڊرائيونگ ڪري ٿو. گلاب ماسٽر ستين ڪلاس جو شاگرد هو تہ ڪراٽي ۾ داخلا ورتي، 3 سال گهر وارن ڪان لِڪي سکندو رهيو نيٺ گهر وارن کي بہ خبر پئجي وئي، 9 مارچ 1991ع تي ڪراچيءَ جي اشرف طائيءَ جي

ڪلب ڪورائيدو مارشل آرٽس آرگنائيزيشن انٽرنيشنل ۾ بليڪ بيلٽ جي ٽيسٽ ورتي وئي، بي. اي سي. ون ٽنو جي ڪاليج مان ڪئي، بي. ايس سي. ٽو جي امتحان دوران ڏاڏي مالو مل جي وفات جي ڪري پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي، ڳوٺ اچڻو پيو. جتان واپس ٽنو ورڻ ڪونہ ٿيو. هاڻي مٺيءَ جي پانچا ڪالونيءَ ۾ رهندڙ آهي. مٺيءَ ۾ پڻ ڪراٽو سيکارڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر اٽڪل 500 شاگرد آيا، جيڪي اڌ ۾ يا شروعاتي مرحلن ۾ ڇڏي پڇي ويا. جڏهن تہ ٿٽي ۾ اٽڪل 7 شاگرد جن ۾ جمعان خان پٺاڻ، سڪندر صابرو، مالسي داس ميگهواڙ، دلشير سولنگي، امير درس، عبدالرحمان ڪتري، اسلم ميمڻ سنا شاگرد ٿاهيا. گلاب ماستر جو چوڻ آهي تہ هن دنيا ۾ جيڪو بہ فائيٽنگ آرٽ آهي، اهو ڪري وچي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ فائيٽنگ ۾ بهترين اسٽائيل ڪنگفو آهي، جيڪو عبادت سمجهو وچي ٿو. ڪنگفو جا بہ ڪافي ايٽم سکيا، هينڊ فائيٽنگ، ڪڪ فائيٽنگ، ننچڪو ڪورس، اسٽڪ فائيٽنگ، اٽل سموري ٽريننگ پاڻ ۾ پيدا ڪئي آهي، پر هنن شين جو ڪوبہ جوڳو استاد ڪونہ مليو. ان ڪري دعوي نہ ڪندو آهي. هن يوگا جا بہ قسم آهن: هڪ جسماني ۽ ٻيو روحاني. جن مان جسماني مڪمل ڄاڻان ٿو ۽ هو سُر ۽ راڳ جو بہ پارکو آهي.

# جتندر ڏاراڻي

منزل کي راهہ ۾ کيون پَٽڪ رها هئي راهي،
خود اتنا عظيم هوجا ڪہ منزل تجهي پڪاري

اسان جي ميگهواڙ جاتيءَ جا هن وقت ڪيترائي محنتي، هوشيار ۽ قابل شاگرد آهن، جيڪي پڙهي رهيا آهن. جن ۾ تازو هن سال 2014ع ۾ ميٽرڪ جي امتحان ۾ مسٽر ڏيونداس پٽ ماستر پريم پڙهيار، ڳوٺ مالٺهور ويڙهہ جو نارٿ ڪالوني هاءِ اسڪول مٺيءَ جو شاگرد آهي، جنهن ميرپورخاص بورڊ ۾ لڳ ڀڳ 30 هزار شاگردن ۾ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪري، بيٺل پاڻيءَ ۾ لهرون پيدا ڪري ڇڏيون، ۽ گڏوگڏ پاونا ڏي پيمراج ڪلاڻي مٺيءَ، جنهن وومين ڪاليج شاهراهِ لياقت سيڪنڊ ايئر، پري ميڊيڪل گروپ ۾ 91 سيڪڙو مارڪون کڻي 19902 شاگردن ۾ ڪراچي بورڊ ۾ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪري، اسان جي ميگهواڙ جاتي ۽ سندس مائٽن جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي. اهڙو ئي هڪ باڪردار هوشيار ڏاراڻي پريوار ڏيپلو جو شاگرد، جتندر ڏاراڻي، جنهن تاريخ 1994-04-10 تي سرڳواسي ڊاڪٽر سانوڻ ولد ڏيچند ڏاراڻيءَ جي گهر جنم ورتو. سندس ماتا شري جو نالو سگهڙ ڏي سرڳواسي آنبارام ڀڙهيہ ڳوٺ ڇيلهار، تعلقہ ڇاڇرو جي آهي. ڪيس ٻہ وڏا ڀائر آهن. وڏو ڀاءُ دليپ ڪمار ڏاراڻي، جيڪو ICI ڪمپنيءَ ۾ ايريا مئنيجر جي پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي، ۽ ٻيو ڀاءُ هريش ڪمار ڏاراڻي، جو ٽرديپ جي نوڪري ڪري رهيو آهي. سندس پتا سرڳيہ سانوڻ ڏاراڻي، جيڪو هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪمپائونڊر هو پر ڪيس چاڙ وڏن ڊاڪٽرن جيترو هئي، جنهن ڪري ڊاڪٽر سانوڻ جي نالي سان مشهور ٿيو. هُن پنهنجي پوري نوڪري اربابن جي ڳوٺ ڪيتلاري ۾ ڪئي، ۽ ارباب خاندان جو فيملي ڊاڪٽر هو. ارباب خاندان وارا سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هُئا. ڊاڪٽر سانوڻ اوچتي بيمار ٿيڻ ڪري، تاريخ 2011-7-9 تي اسان کان هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. جنهن جو سندس اولاد تي ڪافي گهرو اثر ٿيو.

جتندر ڏاراڻي پرائمري تعليم ٿر رينجرس ويلفيئر اسڪول ڏيپلو مان، سال 2004ع ۾ حاصل ڪئي. مڊل ساڳئي اسڪول ۾ پڙهيو ۽ نائون ڪلاس گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏيپلو ۾ 2009-03-11 ۾ داخل ٿيو. Student Exchange Program, 2009 مطابق آمريڪا جي ٽوئر لاءِ ٿي نالا اُپري آيا. جن مان جتندر کي فرسٽ پوزيشن حاصل ٿي. ان بعد Edliuk USAID Program مطابق واشنگٽن DC يونائيٽيڊ اسٽيٽ آف آمريڪا ۾ 15 ڏينهن ترسايائون، مختلف ادارا گهمايائون، آمريڪي انسٽيٽيوٽ ۾ ڪمپيوٽر جي ٽريننگ ڏنائون، جتي وائيٽ هائوس ۾ آمريڪي صدر بارڪ اوباما سان بہ ملاقات ڪرايائون. ساڻس هٿ ملايائين، اهڙو سرڪاري طور فوٽو بہ جاري ڪيو ويو. جنهن سان هي تاريخ جو پهريون ميگهواڙ آهي، جنهن آمريڪا جي صدر سان هٿ ملائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. آمريڪا ۾ هر شاگرد انٽرنيٽ استعمال ڪندو آهي، انهن جو اٿڻ وهڻ اسان کان بلڪل نرالو آهي. هو پنهنجو هر ڪم مقرر ٽائيم سان ڪندا آهن. انهن جا ننڍا ننڍا ٻار بہ وڏا محنتي ۽ وقت جا پابند آهن.

جتندر ڏاراڻيءَ جي زباني تہ مون اُتي پاڻ سان اهو وچن ڪيو تہ وطن موٽي ڪري پنهنجي شهر، سموري ٿر ۽ برادريءَ جي شاگردن کي صلاح ڏيندس تہ هو خوب محنت ڪن، انٽرنيٽ سکن، ان جو استعمال ڪن ۽ زندگيءَ لاءِ مقرر ڪيل مقصد حاصل ڪرڻ جي طرف وڌڻ جي ڌُن ۾ مگهن ٿي، اڳتي قدم وڌائين تہ پوءِ يقيناً ڪاميابي حاصل ٿيندي. اهو آمريڪا جو دورو سندس زندگي جو اهم ۽ يادگار واقعو هو، جو ڪڏهن وساري نہ سگهندو. سال 2011 ۾ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏيپلو مان A-1 گريڊ ۾ پاس ڪيائين، ۽ انٽر جو امتحان 2014 لِٽل فالڪس هائر سيڪنڊري اسڪول ميرپورخاص مان گريڊ A ۾ پاس ڪيو. هن وقت مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ اليڪٽرانڪ شعبي ۾ پڙهي رهيو آهي. جتندر ننڍپڻ کان ذهين ۽ هوشيار شاگرد هئڻ ڪري، ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو. ۽ سال 2009ع ۾ پنهنجي

ڪميونٽيءَ جو پهريون شاگرد آهي، جنهن ننڍي عمر ۾ تعليم جي سلسلي ۾ ست سمنڊ پار آمريڪا جهڙي ملڪ ويو.

پڙهي هين يون تو ڪتابين مگر حقيقت مين،
سبق جو مجهي ملا اپني زندگي سي ملا.



# متفرق



# پروفيسر مجنو مل

مَان امن جو متوالو، تون ويڙهہ جو پوڄاري،
مان سنڌ جو رکوالو، تون ڌاڙ جو ساٿاري،
تو سان محبت جي، ڪيئن واٽ رکان ڪانئر،
مان سچ جو مشعالو، تون ڪوڙ جو واپاري.

ٿر جي مشڪل صحرا ۽ واريءَ جي ڀٽن ۾ تعليم جا خوبصورت گُل پوکيندڙ ۽ پنهنجي پوري عمر ارپڻ جو وچن ڪرڻ، ۽ ٿر جهڙي پُٺ تي پيل علائقي ۾ جتي اوچ نيچ واري ماحول ۾ شعور جا ڏيئا ٻارڻ، اهڙا مٽيادار انسان ڪنهن بہ تعارف جا محتاج نہ هوندا آهن. هو تمام هوشيار، بااخلاق، باصلاحيت، اصول پرست، همدرد ۽ محنتي شاگردن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ انسان، محبتون مُرڪون ورهائيندڙ پُرش، جنهن جو جنم ڀات ۽ پارڪر جي سنگم وارو هنڌ ۽ ٻانهياري واري مشهور پٽ لڳ ڳوٺ منڙيو هاليپوٽا ۾ تاريخ 3 آڪٽوبر 1965ع تي سرڳواسي ڪلارام ذات ڪيهاڙا جي گهر ٿيو. سندس ماتا شري جو نالو هُرمي ڏي ميهو ذات ٻاراڇ، ڳوٺ نيٻاوڙو، تعلقي ننگرپارڪر جي هئي.

پروفيسر مجنون جا مائٽ تمام غريب هاري هوندا هُئا، پر پنهنجي اندر ۾ تعليم ۽ جاڳرتا جي ڏات قدرتي طور سمايل هئي، ۽ جيئن پڙهڻ لائق ٿيو تہ مائٽن کيس پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول منڙيو هاليپوٽا ۾ داخل ڪرايو ۽ سال 1969ع ۾ پنجون سنڌي پاس ڪري مڊل اسڪول جنجهي مان 1970ع ۾ مڊل ڪلاس پاس ڪيائين. سال 1976ع ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ٽنڊو الهيار مان ميٽرڪ پاس ڪري، انٽر لاءِ ڊگري ڪاليج مٺيءَ ۾ داخلا ورتي ۽ سال 1984ع ۾ انٽر پاس ڪيو. پنهنجي تعليم کي جاري رکندي B.A. گورنمينٽ ماڊل ڪاليج ميرپورخاص مان، ۽ M.A ايڪنامڪس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪيائين. پڙهڻ جي شوق جي اڌام اڃا اڳتي هئي، سو لڳاتار تعليم جي ساگر جي لهرن سان ٽڪرائيندي M.A انگلش سيڪنڊ ڪلاس ۾، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان 1993ع ۾ پاس ڪيائين. گڏوگڏ 01 جنوري

1980ع ۾ پهرئين روزگار جي ڏاڪي تي پير رکيو ۽ ڊسپينسر طور ميڊيڪل ڊسپينسري آڏي جي تڙ ۾ مقرر ٿيو. جتي 1980ع کان 1987ع تائين نوڪري ڪئي ۽ 1988ع ۾ ضلع ڪائونسل جي ڊسپينسري، غلام الله درس ۾ انچارج ڊسپينسر ٿي رهيو. بعد ۾ 1989ع ۾ ڊسپينسر طور ميڊيڪل اسپتال ڪينٽ ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪئي.

سندس وقت ڪافي ڏکين مسئلن مان گذريو. زندگيءَ ۾ ڪئي لاڙها چاڙها ۽ طوفان آيا. سڀ پار ڪري پنهنجي ٻل ۽ همت سان وڙهندو رهيو. چوندا آهن تہ ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهي. سال 1990ع ۾ نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي 1991ع جنوريءَ ۾ M.A انگلش ۾ ريگيولر طور داخلا ورتي، ۽ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو. سال 1994ع ۾ ڪميشن پاس ڪري ليڪچرار طور گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺيءَ ۾ مقرر ٿيو. 2009ع ۾ ڪيس پروموشن ڏيئي 18 گريڊ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. جواڄ تائين انهي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. گڏوگڏ پڙهڻ جو شوق هئڻ ڪري ۽ قانون سان گهڻو لڳاءُ هئڻ ڪري، سال 2011ع ۾ L.L.B لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

پروفيسر مجنون اجباڻي صاحب، سال 1996ع ۾ شريمتي مومل ٻائي ڌي ڏيچند پنئار ڳوٺ ٻاٻوهر تعلقہ مٺي مان شادي ڪئي. جنهن مان اولاد 3 نياڻيون ۽ ہہ پٽ 1. پارس جو ڇهون ڪلاس ۽ ٻيو نيرج ڪمار، پهريون ڪلاس پڙهي رهيو آهي.

مجنون اجباڻيءَ ڪي سماجي ڪمن ۾ پنهنجي قوم جي شاگردن ۾ تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ تمام گهڻو اونو رهندو آهي. هو هر موڙ تي غريب شاگردن جي ساهتہ ڪندو رهي ٿو. سادو ۽ سڌو ماڻهو آهي، وڏائي ڪجهہ نہ ڄاڻي. هو ميگهواڙ ڪميونٽيءَ جي ايسوسيئيشن ”ٽر مُرڪ“ جو فائونڊر ميمبر رهيو، ۽ هن وقت جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي طور ڪم ڪري رهيو آهي. سندس ذهني سوچ پنهنجي قوم مان نشي جهڙي موذي مرض کي ڪڍڻ، ۽ تعليم لاءِ خاص طور جاڪوڙي رهيو آهي.

# لڏو جئپال

## (دنيا جو وڏي عمر وارو انسان)

(1870ع کان 2013_04_13)

هنس گيا، سارس گيا، گئي اوئان ري چال،
ٻانيڻ تو پڏرا، هت رهيا جنبو ۽ ڪانءَ.
(ڪبير)

هيءُ سنسار چڪر بہ هڪ عجيب آهي. هن سنسار ۾ ڪيئي منش آيا، ڪيئي پنهنجو وارو وجائي ويا. پر ڪي معصوم چند ڏينهن آيا ۽ واپس هليا ويا. ڪئين انسان نوجوانيءَ ۾ هي سنسار ڇڏي ويا، تہ ڪي ننڍي عمر ۾ پنهنجي پريوار کان جدا ٿي ويا. ڪي پُرش پنهنجي حياتيءَ جا سڀ ڪرم (گرهست) آشرم پورا ڪري هليا ويا. پر ڪي انسان تمام وڏي عمر ڏارڻ ڪري پوءِ موڪلائي ويا. اهڙو هڪ ميگھواڙ جاتيءَ جو پُرش سرڳواسي لڏو جئپال، جنهن سال 1870ع ڌاري ڪيمون مل جئپال ڳوٺ چڙيل تعلقہ ڏيپلو ضلع ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو چاڳان ڳنڊيرِ ڳوٺ ٻنڙي تعلقہ ڏيپلو جي هئي.

لڏو جئپال اڻ پڙهيل هو ۽ هارپو ۽ ٻوٽن ٺاهڻ جو ڪم ڪري پنهنجي پريوار جو خرچ پکو هلائيندو هو. پاڻ بہ شاديون ڪيون هيون 1. مصران ڌي ويرسي ذات ڪوڪر، ڳوٺ ڪلٺهار منو تعلقي ڏيپلي جي هئي. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ نالي جڳتو هو جو 1979ع ۾ گذاري ويو ۽ ٻي شادي مولان ڌي منو ذات ڪنيو ڳوٺ ڊگهہ تعلقہ ڏيپلو جي هئي، جنهن مان ڪيس 5 پٽ آهن. 1. هرچند 2. ڪينئرو 3. علو 4. تماچي، 5. ڪيتو جيڪي سڀ زندهہ آهن ۽ ٽي نياڻيون 1. سامون 2. لالان ۽ 3. والهو آهي. لڏو جي چوٿين پيڙهيءَ جو نوجوان ڪيمون پٽ هرچند ٻڌايو تہ پاڻ شادي ڪئي، تڏهن سندس عمر 30 سال هئي. سندس وڏو پٽ جڳتو سال 1979ع ۾ فوت ٿي ويو، انهي وقت سندس عمر 70 سال هئي. پاڻ سال 2013-04-13 تي هن فاني دنيا مان 134 سالن جي عمر جو ٿي گذاري ويو.

سال 2011ع جو دنيا ۾ سڀ کان وڏي عمر وارو شخص آمريڪا جو رهواسي، والٽر بريوننگ آهي، جو ورلڊ گنيز بوڪ ۾ انهيءَ جو نالو داخل آهي ۽ 2014 جو ورلڊ گنيز بوڪ موجب دنيا ۾ وڏي ڄمار جي عورت Jeann Loise Calment جا فرانس جي هئي، جنهن جو جنم 1875–02–21 تي ٿيو ۽ 1997–8–4 تي فوت ٿي، سندس عمر 122 سال 164 ڏينهن هئي. پر لڏو جئپال عمر جي لحاظ کان سڀ کان وڏي عمر جو دنيا جو وڏي ۾ وڏي عمر وارو انسان هو. جيئن ته اڻ پڙهيل هئڻ ڪري ڪوبہ ڄمڻ جي تاريخ جو رڪارڊ نہ ملڻ ڪري سندس نالو ورلڊ گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ نہ اچي سگهيو. مرڻ وقت بہ هُن جا وار ڪارا هئا ۽ سندس ڏند ثابت هئا ۽ ٻڌڻ جي شڪتي ثابت هئي. سندس پريوار ۾ هن وقت 275 ڀاتي آهن. اهڙي طرح لڏو جئپال دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي عمر ماڻي، پوري ميگهواڙ جاتيءَ جو دنيا ۾ نالو روشن ڪيو.

# پيمون مل لڳڙا

## (ميگھواڙ جاتيءَ جو ننڍي قد وارو انسان)

جو قوم جيئاري سو جيئندو رهندو،
جو عام اُجاري اهو جيئندو رهندو.
مون کي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،
جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو.

قدرت هن سنسار ساگر ۾ ڪيترن ئي قسمن جا انسان پيدا ڪيا آهن. ڪي قد جا ڊگها، ڪي قد جا ڇوٽا، ڪي پورا پنا تہ ڪي ٿلها متارا تہ ڪي ڪمزور سنهڙا. ورلڊ گيسز رڪارڊ موجب دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو ماڻهو ربوٽ ويبلو (Robet Wadlow) جيڪو يونائيٽيڊ اسٽيٽ جو رهواسي هو. جنهن جو قد 8.11.1 اٺ فوٽ يارنهن پوائٽ هڪ انچ هو. جو 22 سالن جي عمر ۾ 1940ع ۾ فوت ٿي ويو. دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي قد واري شخص جو ورلڊ گنيز رڪارڊ ۾ آهي، اهو نيپال جو چندرا بهادر دانگ (Chandra Bahedhr Dang) جنهن جو قد 21.5 هڪ فوٽ 9.5 انچ آهي، ۽ دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي قد واري عورت. جا ميڪسِڪو جي هئي، جنهن جو قد 20 انچ هو جا 1890ع ۾ فوت ٿي ويئي آهي. اهڙي طرح پاڪستان جو وڏي ۾ وڏي قد وارو ماڻهو محمد عالم چنا، جيڪو سيوهڻ ضلعي لاڙڪاڻي (ڄامشورو) جو رهواسي هو. جنهن جو قد 7 فوٽ 8 انچ هو.

پر آئون هتي اسان جي ميگھواڙ جاتيءَ جو پاڪستان جي ننڍي ۾ ننڍي قد واري شخص شري پيمون مل جو ذڪر پيو ڪريان، جنهن جو قد صرف 3 فوٽ 9 انچ آهي، جنهن سال 1932ع تي شري هرو لڳڙو ڳوٺ ٻهراڻو يونين ڪائونسل ڀيٽاپور، تعلقي ننگرپارڪر جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڏلو ڏي ڏيچرو. ذات اٽڪيہ ڳوٺ پوڏيسر، تعلقہ ننگرپارڪر جي هئي. پيمون مل شروع کان ئي مال چاريندو هو ۽ پوءِ جتيون ۽ بوٽ ناهڻ جو ڪم شروع ڪيو. جنهن ۾ مهارت رکندو هو. خاص ڪري مردانہ ۽ زنانہ مارواڙي لتي جون جُتيون ۽

مٿي پرت جي ڪم ڪرڻ جو ماهر آهي. هن وقت سندس عمر اٽڪل 82 سال آهي تہ بہ ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪم ڪندو رهندو آهي.

سال 1971ع ۾ انڊيا پاڪستان جي جنگ واري وقت هي انڊيا هليو ويو هو. جو ڳوٺ سوئي گام بہ رهندو هو. جتي ڪيس ساڳئي قد جي ڇوڪري ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي، پر هن ڪي پاڪستان اچڻو هو. تنهن ڪري شادي نہ ٿي سگهي، ۽ جڏهن واپس پاڪستان آيو تہ هن جي قد جي ڪابہ ڇوڪري نہ ملي ۽ نہ ڪا ٻئي ڇوڪري قد ڇوٽي هجڻ ڪري شادي ڪرڻ ٿي چاهي. هن مايوس ٿي شادي نہ ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري، زندگي گذارڻ ڪي وڏيڪ اهميت ڏني ۽ اڄ تائين برهم چاري آهي. پومون مل بلڪل صحتمند آهي گهر جو سڄو ڪم ڪار پاڻ ڪندو آهي. آخر ڪار زندگي گهارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ هن پنهنجي گهر جي پرسان هڪ مندر نهرايو آهي. جتي رهندو آهي ۽ ايشور جو نالو وٺي شيوا ڪندو رهندو آهي، هن وقت سندس عمر 82 سال آهي. هن ڪي 3 پيٽون ۽ چار ڀاءُ ۽ پنجون پاڻ، جو سيني کان وڏو آهي. نانجي، ڪينرو، ڏاجي جيڪي حيات نہ آهن، ۽ ننڍو ڀاءُ ناٿو جو هاري آهي، ڪيتي ٻاڙي ڪندو آهي ۽ حيات آهي.

پومون جي زندگيءَ جو ديپ اجهاميل رهيو جو آخر تائين روشن نہ ٿيو ۽ وقت اڪيلائي ۽ اُداسيءَ ۾ گهاري رهيو آهي. تنهن هوندي بہ خوش نظر ايندو آهي. هي هميشہ سفيد ڪپڙن جو لانگهوٽو ۽ قميص ۽ پٽڪو ٻڌڻ جو شوقين رهيو آهي، اهائي سندس سڃاڻپ آهي. ڀهراڻو ڳوٺ جيڪو بلڪل انڊيا جي بارڊر ويجهو آهي، جتي انڊيا جون سرچ لائيٽون گهرن ڪي روشن ڪن ٿيون ۽ گهر ۾ ماني وغيره انهي روشنيءَ تي تيار ڪندا آهن. ڀهراڻيءَ کان ٿورو اڳتي چوڙيو ڳوٺ، جو مشهور آهي، جتي جبل مٿي ماتا جي جو مندر آهي، جو تمام مشهور آهي. اهو جبل، جيڪو روشنيءَ تي رنگين نظر ايندو آهي، جيڪا سياحن جي گهمڻ جو هنڌ آهي. شو جو ميلو جيڪو ساردڙو تي هر سال لڳندو آهي جتي سڄي ملڪ مان ياتري ايندا آهن، اُهي ماتا جي مندر جو درشن ضرور ڪرڻ ايندا آهن.

# مهتر پورو مل

(1910ع کان 1991ع)

پورو مل مهتر پٽ ماڌو مل، ڳوٺ هيلاريو لنجا جا رهواسي هئا، سندن اصلي ڳوٺ تعلقي ڏيپلو جي پيلوڙو اسٽاپ پرسان هو پورو مل مهتر تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ ننائي جي رهواسي، راڄو ٻڙهيو جي گهران، شريمتي والهان سان شادي ڪئي، جنهن مان 2 پٽن ۽ هڪ ڌيءَ جو اولاد ٿيو جن ۾ پڳدار پٽ 65 سالا مصري مل، 55 سالن جو ياڳو مل ۽ 70 سالن جي نياڻي بچان شامل آهن، شريمتي بچان جي شادي ميگهي جي تڙ واسي پارو مل گورڙيو سان ڪرائي وئي، مهتر پورو مل 1933ع ڌاري پڳ ٻڌي ۽ 1990_ 91ع جي وچ ڌاري 80 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويا ۽ سندس لاڏاڻي بعد مصري مل کي پڳ جا ور ڏنا ويا، جڏهن تہ مهتر پورو جي گهر واري شريمتي والهان 120 سالن جي عمر 2013ع ۾ وفات ڪئي، مهتر پورو مل جتين ناهڻ جو ڪم ڪندا هئا، سندس جواني وارو دؤر ٻڌراجي علائقي جي ڳوٺ راستي اوٺي ۾ گذريو، سندس پڳ بابت ڪجهہ وڏڙن جو چوڻ آهي تہ اها پڳ اصل فضل پنيرو واسي، جمعون ۽ ڏامون لوا جي هئي، جن کان راهمور مان ڦري پيلوڙي اسٽاپ تي اچي پورو مل جي ڏاڏي کي ٻڌرائي ويئي، جيڪا موٽائيو جي ٻڙهين ڦري هئي، بعد ۾ اها نسل درنسل اچي مصري مل مهتر تائين پهتي.

# ڊاڪٽر سياش ڪمار نانجياڻي

پوٿي پڙهہ پڙهہ جگ موئا، پنڊت نہ ڀيا ڪوءِ،
ڍائي اکشر پريم ڪا، جو پڙهي وه پنڊت هوءِ.

سياش ڪمار جو جنم هڪ مهان انجنيئر شري سارنگرام، ذات واڻوري ڳوٺ راجوڙو، تعلقو ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جي گهر ٿيو. سندس ماتا جو نالو سامون ڏي ڏيڏو مل، ذات ڪتِل، ڳوٺ پاٻو ويرو، تعلقہ ڇاڇرو ضلع ٿرپارڪر جي آهي.

ڊاڪٽر سياش پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد عمرڪوٽ مان 1999ع ۾ حاصل ڪئي، مڊل 2002 ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 1 عمرڪوٽ ۽ ميٽرڪ 2004ع ۾ BFPS اسڪول عمرڪوٽ مان حاصل ڪئي. انٽر 2006ع ۾ ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ مان پاس ڪيائين انهي کانپوءِ MBBS سال 2012ع ۾ لياقت يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪري هاڻي FCPS_II (Mediation) 2014ع کان CPSP ڪراچيءَ ۾ ڪري رهيو آهي.

پاڻ ڍاٽڪي، سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبان لکي، پڙهي سگهي ٿو. هميشہ پنهنجي پتا جي آشيرواد سان ڪم ڪندو آهي، ۽ سدائين انهي ڪم ۾ سڦلتا نصيب ٿي، جنهن جي صلاح کيس پتا کان ملي، ۽ ڪڏهن ڪوبہ نقصان نہ ڪاڏائين. يونيورسٽي لائيف ۾ 5 سال ڪلاس جو چيف آرگنائيزر ٿي رهيو آهي. 4 مارچ جي ڏينهن تي هڪ وڏي تعداد ۾ شاگردن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري، ڪارو ڏينهن ملهايو هو. سندس ننڍي هوندي کان ئي اها خواهش هئي تہ ڊاڪٽر ٿي انسان ذات جي خدمت ڪريان، پنهنجي مضبوط ارادي سان پڙهائي ڪري، لياقت يونيورسٽي ڄامشورو مان MBBS ڪري، هاڻي FCPS_II (Mediation) ۾ پڙهي پيو. پوءِ ڪنسلٽنٽ لاءِ تياري ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو.

اسان کي پنهنجي جاتيءَ جي نونهال شاگردن تي ناز آهي، جيڪي ميگهواڙ جاتيءَ جا بنيادي ٿنڀ آهن، جو ميگهواڙ جاتيءَ جو

سهارو آهي. اسان جي دعا آهي تہ اسان جي جاتيءَ جي هيرن کي هر موڙ تي ڀڳوان ڪاميابي عطا ڪري، ۽ اها وينتي آهي تہ ڪوشش ڪريو محنت ڪريو ڀڳوان اوهان سان گڏ آهي. پڪي ۽ مضبوط ارادي سان جو بہ ڪم ڪندا، تہ ڪاميابي پاڻهي اچي اوهان جا پير چمندي.

# حُڪم داس ڏارواڻي گُجر

کبير ديکهہ سندور، ارڪاجر ديا نہ جائي،
نينن پريتم رم رها، دوجا کهان سمائي.

حُڪم داس سال 1960ع ۾ سرڳيہ هنس نرواڻي ڏارو رام گجر، ڳوٺ مامچيرو يونين ڪائونسل ويراواهہ، تعلقي ننگرپارڪر ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو ڪيسي ٻائي، ڏي جيئارام درڙا ڳوٺ آڏي گام، تعلقي ننگرپارڪر جي هئي. سندس ماتا بہ هڪ پڳتياڻي هئي. سال 1971ع جي جنگ هندوستان پاڪستان واري دؤر ۾ انڊيا هليا ويا هئا. جتي گنگارام ٻاڪاسر پرمار واري کان گجراتي تعليم حاصل ڪئي، جيڪو لڪاشند جو شش هو بہ سال انڊيا م رهڻ بعد واپس پنهنجي وطن سال 1973ع ۾ آيا. پوءِ سنڌي 5 درجا پرائمري اسڪول مامچيرو ۾ حاصل ڪئي ۽ هندي ماسٽر لڇمڻ داس ڪنگورو. تعلقہ ڏگهڙي وٽان حاصل ڪئي. حُڪم داس سال 1979ع ۾ شريمتي گُلان ڏي پريمچند ڪڏيچہ، ڳوٺ شولو تعلقہ ننگرپارڪر سان شادي ڪئي، جنهن مان اولاد 5 نياڻيون ۽ ٽي پٽ 1. رميش ڪمار جو اليڪٽرڪ دڪان آهي 2. راجيش ڪمار جو راز ڪو ڪم ڪري ٿو. 3. هريش ڪمار پرائيويٽ نوڪري ڪري رهيو آهي. شري حُڪم چند پاڻ درزڪو ڪم ڪري ٿو. سندس مهراڻ ٽيلرنگ نالي ٽيلرنگ شاپ ڪنري شهر ۾ آهي. پاڻ سال 1974ع ۾ مامچيرو مان لڏي، ڪنري ميمڻ تعلقي عمرڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي، پاڻ شري ٻاپو ڪيتارام جا شِش آهن. سدائين ستسنگن ۾ رهڻ ۽ سنتن جي شيوا ڪرڻ ۾ ڪيس سڪون حاصل، ٿيندو آهي. شري سنت ڪيتارام صاحب جو هر سال دستور مطابق بدي مهيني ۾ عمرڪوٽ شهر ۾ ميلو لڳندو آهي. انهي جو انتظام حُڪم داس ۽ هنس نرواڻي سپ گڏجي انتظام ڪندا آهن. اسٽيج تي خاص ڪري انائونسمينٽ حُڪم داس ڪندا آهن.

حُڪم داس هڪ پستڪ سنڌيءَ ۾ سنڌيا سمرڻ، جيڪو هنديءَ ۾ شري لڪشانند صاحب ڇپرايو هو انهيءَ جو سنڌي ترجمو

ڪري، ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي، ۽ ٻيو پستڪ جگياسو ٻوڌ. جيڪو گجراتي ٻوليءَ ۾ آهي، انهي جو ترجمو ڪري رهيو آهي ۽ جلد پريمن جي هٿن تان پهچائيندو. حُڪم داس هڪ سماج سڌار ۽ ڌرم جي پرچار وارو پُرش آهي. ميگهواڙ جاتيءَ ۾ هو ستسنگ ۾ اخلاق ۽ ٻارن جي پڙهائڻ، ڌرم جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پرچار ڪندو آهي. اميد آهي تہ پنهنجي ڪاريہ ۾ سڦل ٿيندو.

سائين اتنا ديجيئي، جا مين ڪُٽم سمائي،
مين بهي بهوڪا نہ رهون، ساڌو نہ بوکها جائي.

# ڀارو فقير

(1921ع کان 1952ع)

جن ڄاتو تن پاتو جانب جو جمال،
نانگا ٿيا نهال، جن ورتو گس گروءَ جو.

ميگهہ ونس ذاتيءَ ۾ ڪيترائي سنت مهاتما فقير ٿي گذريا آهن. ڌاپو فقير ڀڳت ڪيتارام جن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ ڪيترائي معجزا ڏيکاريا، جو اڄ تائين انهن کي ميگهواڙ توڙي ٻيون ذاتيون مڃن ٿيون، جن جا ميلا لڳن ٿا ۽ ڪيترائي ياتري اچي سندس اڳڻ جي حاضري ڀري دعائون حاصل ڪندا آهن. اهڙوئي هڪ فقير ۽ روحانيت وارو درويش، سرڳيہ ڀارو ڳوٺ گوارڻ، تعلقو اسلام ڪوٽ، ضلعو ٿرپارڪر1921ع ۾ حاجو مل ڪنيو ۽ مائي ڀاڳان ٻوچياڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ننڍي هوندي کان وٿي اُنيون چاريندا هئا. ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا هئا. ننڍي هوندي کان ئي روحانيت ڏانهن لاڙو هوندو هو. اڪثر ڪري طبيعت خراب رهندي هئي، پاڻ اڻ پڙهيل هئا، 70 ايڪڙ زمين ذاتي هئي، جنهن تي ڪمائيندا هئا. سندن معجزي جا ڪيترائي واقعا اڄ بہ مشهور آهن، جن جو ذڪر هيٺ ڪنداسين. پاڻ 1952ع ۾ وفات ڪري ويا، سندس آخري آرام گاهہ ڳوٺ گوارڻ ۾ واقع آهي، جتي نومبر مهيني ۾ ساليانو ميلو لڳندو آهي. سندس معجزن بابت سندس ڀاءُ جو پوٽو دسرت ولد ٽيپدار سگرام داس، انتهائي جذباتي انداز ۾ ٻڌائي ٿو تہ 1935ع ۾ ڳوٺ جهانگريءَ ۾ مسمات ڏائي جي پٽ (سائين ڏنو) خاصخيلي هڪ خون ڪيو ڪيس عدالت ۾ هليو ۽ عدالت خون جي ڪيس ۾ جوابدار کي موت جي سزا ٻڌائڻ واري هئي، تہ ٻيڙي ماءُ ڀارو فقير وٽ پهچي ويئي، ۽ پٽ ڇڏرائڻ لاءِ واسطا وڌا، جنهن تي مجبور ٿي فقيرڀارو عدالت پهچي ويو ۽ جج کي درخواست ڪئي تہ سائيني کي آزاد ڪيو وڃي، جج جواب ڏنو تہ عدالت جي ڇت مان نانگ هيٺ اچي جج جي ڳچيءَ ۾ پيو جنهن تي جج کي مجبور ٿي جوابدار کي باعزت بري ڪرڻو پيو.

دسرت پيو واقعو ٻڌائي ٿو تہ ڏاڏي پارو جي طبيعت خراب هئي، سندس والد، دوست علي خاصخيلي، (پوليس جمعدار) لالو ۽ پارو فقير کي ائن تي چاڙهي موڪليو تہ وڃو راضي شاھہ تي دعا پني اچو. تہ من طبيعت ٺيڪ ٿي وڃي، ٽيئي ڄڻا ائن تي سوار ٿي وڃوٿو ڪراس ڪري، جڙيار ويندڙ لنڪ روڊ وٽ پهتا. تہ پارو فقير آسماني سفر ڪندي نظرن کان غائب ٿي ويا. جڏهن تہ دوست علي ۽ لالو مل راضي شاھہ جي درگاھہ تي پهتا. تہ پارو فقير اڳ ۾ اُتي موجود هو. جتي سائين راضي شاھہ جي درگاھہ جا دروازا کلي ويا ۽ هندورو لڏڻ لڳو. جتي پاڻ بہ نظر اچڻ لڳا. ٿوري دير ۾ راضي شاھہ پارو فقير کي چيو تہ منهنجي پير ۾ فقير ستل آهي، سڏ ڪرينس تہ ڪچهري ڪريون. لالو ۽ دوست علي جمعدار جي عيني شاهدي موجب هڪ قبر مان ڪاري رنگ جي لوئي اوڍيل، مٿي تي وار ڪونہ هئس، نڪري آيو ۽ هنن جي ڪچهريءَ ۾ ويهي رهيو ۽ سڄي رات خوب ڪچهري ٿي، جتي سائين راضي شاھہ لالو ۽ دوست عليءَ کي چيو تہ اوهان وڃو ڪفن وٺي اچو ۽ پارو کي هتي دفنايو. چو تہ اسان وٽ ڪچهري وارو ماڻهو ڪونهي. جنهن تي دوست علي جمعدار سائين راضي شاھہ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين تہ آئون پارو فقير جي پيءَ سان واعدو ڪري آيو آهيان، تہ تنهنجي پٽ کي صحيح سلامت واپس پهچائيندس، ان ڪري هن هنڌ مون کي دفن ڪريو ۽ پارو فقير کي اجازت ڏيو. جنهن تي سائين راضي شاھہ چيائين تہ توهان وڃو. اسان جي اجازت آهي، باقي پارو فقير کي رڱي لال ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي توهان کي وهي واپري جون اڳوات خبرون ڏيندو. پارو فقير جي پاءُ جو پوٽو دسرت انتهائي جذباتي انداز ۾ ڪيئي واقعا ٻڌائي ٿو. شايد اهوئي ڪارڻ آهي، جو گوارڻ ۾ نومبر جي مهيني ۾ ماڻهن جا ميلا مچن ٿا، ائن ۽ گهوڙن جون ڊوڙون ٿين ٿيون ۽ ياتري دعائون گهرن ٿا.

# ميگهواڙن جون ذاتيون/ ساکون

سرڳيہ رائيچند راٺوڙ تاريخ ريگستان ۾، ٿر ۾ رهندڙ ذاتين جي ذڪر ۾، ميگهواڙ جاتيءَ جي باري ۾ لکيو آهي تہ هي اصل مارواڙ (راجپوتانا) کان آيل آهن. منجهن ڪُل 270 ساکون آهن، جن مان چار ساکون نج اصلوڪن رهاڪن جون آهن، انهن مان ڪابہ ٿر ۾ ڪانهي، باقي 266 ساکون پوءِ راجپوتن مان ٿيون آهن، جن مان ڪيتريون ئي ٿر ۾ آهن. ٿر ۾ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ پکڙيل آهن. هي هڪ سانتيڪي جاتي آهي. انهن جون ڪيتريون ئي نُکون راجپوتن واريون آهن. جيئن تہ راٺوڙ چوهاڻ، پڙي، سولنڪي ۽ پرمار وغيره. مون پنهنجي ڪاوش سان ميگهواڙ ذاتين جا نالا گڏ ڪيا آهن. اُهي هيٺ موجب آهن:

1. اينهپا
2. آسريہ
3. اوڊاٽا
4. اِٽکيہ
5. اجيريا
6. اُميدا
7. اونچل
8. اومرچيہ
9. آدتيہ
10. ٻڙولا
11. بابليا
12. ٻلايا
13. برماٽيا
14. بيگڙ
15. بدو
16. بانر
17. بالاچ
18. بانيپا
19. ٻوچيا
20. ٻانيٽيا
21. ٻاراچ
22. ٻوڙاٽا
23. ٻوکا
24. ٻاروپار
25. ٻڙهيا
26. ٻڙهڙ
27. پُوٽ
28. پٽي
29. پاٽيا
30. پٽينل
31. پپنر
32. پٽاٽيہ
33. پنوريا
34. پاٽ
35. تماچي
36. ٽُرڪيہ
37. ٽراٽيہ
38. ٽانڊيا
39. پرمار
40. پاٽاريا
41. پنگهوار
42. پڊيار
43. پنوار
44. پوگهو
45. پاتريہ
46. پٽا
47. پرگڙو
48. پاريگي
49. پنجول
50. پُنهون
51. پنڙ
52. پڙهيار
53. پهاڻ
54. پٽڙيا
55. پونڙ
56. پلاسيہ
57. پٽيئر
58. پلاٽيا
59. پيندار
60. پچاٽيا
61. پاڪريا
62. پونڙيا
63. پونگل
64. پوند، پهوڙ
65. جويا
66. جاٽ
67. جٽيا
68. جئپال
69. جوگو
70. جوڪيا
71. جاڪيرا
72. جوگٽيہ
73. جوڏا
74. جوگل
75. جادم

76. جيناٽيہ
77. جاتا
78. جسوال
79. جھيرٽ
80. چوھاڻ
81. چارٽيہ
82. چنہ
83. چنديلا
84. چوپڙا
85. چانڊٽيہ
86. چارڻ
87. چتوڙيا
88. چاوڙا
89. چوڏسيا
90. چُريٽ
91. چوگڻ
92. چاچيا
93. ڏانگي
94. درڙا
95. ديپڪ
96. ڏراوڻ
97. ڏٽڏي
98. ڏيئڙا
99. ڏاٽڪ
100. ڏوڙڪس
101. ڏاڪڙ
102. ڏوتا
103. ڏوھٽ
104. ڏيپار
105. ڏيپن
106. ڏوڏيا
107. ڏوڏيسا
108. ڏقڙا
109. ڏنڏيسا
110. راجپوت
111. رھڙڪا
112. رانوڙ

(رانوڙيا)

113. رٽوا
114. رکيسہ
115. روھلا
116. رانئي
117. رانڪاٽي
118. سوٽيا
119. سوسايا
120. سونارا
121. سنچوريا
122. سيندريا
123. سوڊا
124. سيجو
125. سيال
126. سولنڪي
127. سينگڙا
128. سوريلا
129. سنجوٽ
130. سنجا
131. سيڪاٽ
132. ساچوڙ
133. سينگل
134. سينھڙا
135. سنھيتا
136. سامڙا
137. سونڊيا
138. ققل
139. قانگا
140. قُلا
141. قونگاريا
142. ڪانبڙيا
143. ڪڙليا
144. ڪاسليا
145. ڪڙيسيا
146. ڪتاريا
147. ڪامٽيا
148. ڪاگيہ
149. ڪاجليا

150. ڪسونبا
151. ڪانتيا
152. ڪڏيچہ
153. ڪلاٽي
154. ڪالڙا
155. ڪانشيا
156. ڪوريا
157. ڪور
158. ڪاپڙي
159. ڪوٿر
160. ڪاڳي
161. ڪوپڙا
162. ڪتيرا
163. ڪلوا
164. ڪانتيسا
165. ڪنيو
166. ڪوڪر
167. ڪينٽليا
168. ڪريٺ
169. ڪوڙيا
170. ڪيموريا
171. ڪيهلڙا
172. ڪينوليا
173. ڪٽي
174. ڪينچي
175. گوهيل
176. گنڊير
177. گُجر
178. گورڙيا
179. گراسيا
180. گورڪيا
181. گجراٽيا
182. گانڌي
183. گرگ
184. گريبوي
185. گوچر
186. گينور
187. گلڙا
188. گاويسر
189. گڙچر
190. گوڏا
191. گاڏي
192. گوراڻ
193. ڳيرا
194. گونگهڙا
195. گهلڙا
196. ليلڙ
197. لاڏڻ
198. لنجار
199. لهوا
200. لوٽيا
201. لالر
202. لکيا
203. لهوٽا
204. لڳڙا
205. پونچا
206. لُڊر
207. ماتنگ
208. مُچڙيا
209. مڪواٽا
210. مٽور
211. موسڙيا
212. ميريا
213. موٿو
214. منگي
215. ميرڙا
216. مري
217. مهيشوري
218. موريہ
219. ميهرڙا
220. مُنگريا
221. مهار
222. منگليا
223. مهراٽيا
224. مهير

225. موڏڻ
226. مَهر
227. نيمڙيا
228. نجار
229. نار
230. والڙيا
231. وٺهول
232. والسور
233. واگڻ
234. واگهيلا
235. ويلاچ
236. واڍا
237. واٽيا
238. واوڙيا
239. وائوري
240. ولاسيہ
241. ورينڊ
242. ويراج
243. وليهيہ
244. وارسور
245. ونڪيا
246. عرشي
247. عرصي
248. هينگڙا
249. هنجڙا
250. هميرا
251. هميا
252. هاٽيلا
253. نوريا
254. نيموريا
255. ٿونشيا
256. کهڙا

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

# ميگھواڙ جاتيءَ جا C.S.S آفيسرس

1. مصري لڏاڻي لاکو مل هنجھڙو ڳوٺ سارنگرام صوبيدار تعلقو ڏيپلو ٿرپارڪر (رٽائرڊ).
2. برج لال ايسرداس نجار، ڳوٺ سارنگرام صوبيدار تعلقو ڏيپلو ٿرپارڪر.
3. پٽيو ميگھواڙ سنجھورو.
4. گرڌاري لال، عمرڪوٽ.
5. ڏرمون مل ڏيبو مل، گانگاڻ، تعلقو مٺي، ٿرپارڪر.
6. ڊاڪٽر جيئانند چيلارام، ڳوٺ ڇاپر ڪوسا حال عمرڪوٽ.
7. گويندراء لڇمڻ داس، شادي پلي.
8. ڊاڪٽر سنتوش ڪمار ڊاڪٽر جوڏو مل، ڳوٺ راڄوڙو حال عمرڪوٽ.

